جامع

سنڌي لغات

(ادبي توڙي مروج سنڌي ٻوليءَ جي)

جلد پنجون (ک ـ ي)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ايم. اي.، ايل.ايل.بي. (عليگ)

ايم. اي.، ڊي ايڊ (ڪولمبيا)

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

چامشورو/ حيدرآباد سنڌ

١٤٠٨هـ

جامع

سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي هوليءَ جي]

جلد پنجون (ک ـ ي)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ايم. اي.، ايل. ايل. بي. (عليگ)

ايم. اي.، پي ايڇ ڊي (ڪولمبيا)

-

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو/حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

۱۴۰۸هـ

[چاپو پهريون]　　سال ۱۴۰۸هـ/۱۹۸۸ع　　[تعداد چار هزار]

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: هڪ سؤ پنجاهه روپيا
[Price: Rs. 150-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
ٽلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

هيڊ ڪتاب مئنيجر ميان فقه بچائي يوسف زئي سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، جام شورو سنڌ ۽ چپيو ۽ مسٽر غلام حسين شيخ، سيڪريٽري انچارج سنڌي ادبي بورڊ، ان کي بورڊ جي آفيس مان شايع ڪيو.

مهاڳ

'جامع سنڌي لغات' جي هن پنجين ۽ آخري جلد ڇپجڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جي اها اهر ضرورت پوري ٿي جنهن جي تڪميل لاءِ گذريل هڪ سؤ سالن کان وڌي کوششون هلنديون هيون: يعني ته سنڌي لفظن جي سنڌي معنائن سان، هڪ تفصيلي لغات ('ڊڪشنري') ڪُهي ڇپجي پوري ٿي. 'جامع سنڌي لغات' جي تاليف جو ڪم ڊسمبر ۱۹۵۱ع کان راقم جي اڳواڻي هيٺ شروع ٿيو ۽ ڏهن سالن اندر پورو ٿيو پر ڇپائي ستٽيهن سالن جي طويل عرصي بعد تڪميل کي پهتي آهي. اها به خوشبختي چئبي ڇاڪاڻ جو هن مدت ۾ کي اهڙا مرحلا به آيا جو ائين ٿي معلوم ٿيو ته هيءَ ڪم رڳي ويندو.

هيءَ تفصيلي سنڌي لغات جيئن ته پهريون پيرو تصنيف ٿي آهي انهيءَ ڪري تحقيقي نگاهه کان هڪ ابتدائي ڪوشش آهي، پر باوجود ان جي، سنڌي لغت-نويسي جي تاريخ ۾ هيءَ هڪ يادگار ڪارنامو آهي.

'جامع سنڌي لغات' جي شروعاتي رٿا ۽ مسودي جي صورت ۾ ان جي تڪميل تي، پهرئين جلد جي مهاڳ ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. هت خاص طرح ڏن توجهه طلب ڳالهين جو مختصر طور ذڪر ڪيو ويندو: يعني ته هن رٿا جي تڪميل تي جيڪا حد کان زياده دير ٿي آهي تنهن لاءِ معذرت، جامع سنڌي لغات جي ڇپائي اشاعت بابت وضاحت، ۽ جن مخلص ڪارڪنن هن رٿا جي تڪميل ۾ مدد ڪئي تن جي شڪرگذاري.

سنه ۱۹۵۱ع ۾ سنڌ سرڪار طرفان سنڌي ادبي بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۽ بحالي بعد، بورڊ جي ٺهراءَ موجب سنه ۱۹۵۱ع جي آخر ۾ هن لغات جو ڪم راقم جي حوالي ٿيو. جنوري ۱۹۵۲ع کان وٺي ڪم باقاعدي شروع ڪيو ويو، ۽ رات ڏينهن جي ڪاتار محنت سان، 'الف' کان وٺي 'ي' تائين سڄي لغات، ويهن وڏن هٿ لکيل جلدن ۾، ڏن سالن جي مقرر مدت اندر ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ جوڙي راس ڪئي وئي. هن ڪاميابيءَ جا ٻيو وڏا سبب هٿا جن جي ڪري راقم جي وڏي همت افزائي ٿي. سڀ کان پهريائين سنڌ يونيورسٽي جي عالي دماغ وائيس چانسيلر قبلہ علامه آءِ. آءِ. قاضي هن ڪم جي اهميت محسوس ڪندي، سنڌ يونيورسٽي جي (ان وقت شهر وارني) حاطي اندر، باوجود سوڙهه جي، هڪ ڪمرو مخصوص ڪيو، جنهن ۾ لغات جي ڪم لاءِ مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي. ٻيو ته ڪم لاءِ جيڪو مرڪزي عملو مقرر ڪيو ويو يا جيڪي تعلقن-وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تن باوجود بالڪل

Gul Hayat Institute

ٿورڙي معاوضي (پنجويهن کان پنجاهه رپيا ماهوار) ۽ عارضي تقرري جي، پنهنجي پياري هولي جي خدمت خاطر، هن ڪم کي راقم طرفان ڏنل هدايتن موجب وڏي محبت ۽ محنت سان ڪيو. ٽيون ته ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جي لائق ميمبرن طرفان راقم کي پوري پٺپرائي حاصل رهي، ۽ هنن هلندڙ ڪم کان مطمئن ٿي ڪري ڪڏهن به ان ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانه وڌي. 'جامع لغات' جي مسودي جي تڪميل کان پوءِ ڇپائي واري مرحلي کان وٺي البت سرد بهري، رڪاوٽن جو سلسلو شروع ٿيو جنهن جو ڪجهه ذڪر پهرئين جلد جي مهاڳ ۾ آيو آهي، ۽ جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو جيتوڻيڪ جامع لغات جي تصنيف ۽ تاليف جو ڏکيو ڪم ڪاميابي سان ٽن سالن ۾ پورو ٿيو، مگر ان بعد پهرئين جلد کي رڳو ڇپائڻ ۾ ٻه سال لڳي ويا جو اهو سنه ۱۹۶۰ع ۾ شايع ٿيو.

'جامع سنڌي لغات' جي بنيادي مسودي کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڇپائڻ کان اڳ، ان تي خالص علمي اصولن موجب تحقيقي نظر ڪري، ان کي وڌيڪ اضافن ۽ اصلاحن سان 'ايڊٽ' ڪرڻ وارو مرحلو هو، ۽ پهرئين جلد کي ان مطابق وڏي ڏيان سان "ايڊٽ" ڪري ڇاپايو ويو. هاڻي جئن ته ڇپائي باقاعدي هلي رهي هئي، سو راقم ڇپائي هلندي ٻئي جلد کي "ايڊٽ" ڪرڻ شروع ڪيو. هي ڪم نهايت خاطر خواهه نموني ۾ هلي رهيو هو ۽ ٻئي جلد جا ۱۴۲ صفحا تصحيح ۽ تحقيق سان ڇپائي هيٺ اچي چڪا هئا جو رڪاوٽن جو سلسلو شروع ٿيو جنهن جي ڪري نه فقط ڇپائي بند ٿي، پر باقي مواد کي راقم طرفان مرحلي وار "ايڊٽ" ڪرڻ واري رٽا بدران ان کي "ايڊٽ" ڪرڻ جو ڪم ڪن ٻين صاحبن جي سپرد ڪيو ويو، ۽ پانيو ويو ته ائين ڪم وڌيڪ تڪرو هلندو ۽ لغات جلد شايع ٿي سگهندي. انهيءَ فيصلي موجب، راقم وارو اصل مسودو هڪ ٻئي پٺيان ٻن چئن صاحبن جي حوالي ڪيو ويو، پر جئن ته هي ڪم نهايت نازڪ، تحقيق طلب ۽ مشڪل هو تنهنڪري ڪنهن کان به پورو ٿي نه سگهيو. البت انهن غير حقيقت پسندانه فيصلن جو نتيجو اهو نڪتو جو لغات جي ڇپائي جو ڪم ويتر رولي ۾ پئجي ويو، ۽ ۱۹۶۰ع کان وٺي ۱۹۷۷ع تائين سڄا سارا ۱۷ سال گذري ويا پر ٻئي جلد جو ۱۴۲ صفحن کان وڌيڪ هڪ ورق به ڇپجي نه سگهيو.

جامع لغات جي ڇپائي طرف بي توجهي سببان ايتري دير افسوسناڪ هئي. آڻ ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ڪونه هئس، پر ان هوندي به ضروري ڄاتم ته بورڊ کي "جامع لغات" جي بنيادي مسودي کي هٿ ۾ کڻي ڇپائي طرف متوجهه ڪريان، نه فقط ايترو پر اها پڻ آڇ ڪريان ته جيڪڏهن بورڊ اهو ڪم منهنجي حوالي ڪري ته باقي سڀ جلد نه صرف جلد ڇپجي سگهندا پر وڌيڪ تحقيق ۽ اضافن سان تڪميلي صورت ۾ ڇپجي سگهندا. حقيقت ۾، سنه ۱۹۷۷ع تائين سنڌي لفظن

۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو شاهي ذخيرو سامهون اچي چڪو هو جو لوڪ ادب جا چونڊيهم جلد ڇپجي چڪا هئا ۽ پڻ ڪلاسيڪي ادب جا قيمتي ڪتاب (ميين شاهم عنات جو ڪلام، شاهم لطف الله قادري جو رسالو وغيره) شايع ٿي چڪا هئا. انهن ڪتابن ذريعي عام رائج نج سنڌي ٻولي توڙي اعليٰ سنڌي شاعري جي اُدبي زبان جي لفظن ۽ اصطلاحن جو قيمتي مواد سامهون اچي چڪو هو جيڪو پنجويهم سال اڳ، ۱۹۵۱-۱۹۵۴ع ۾ "جامع سنڌي لغات" ڪي تاليف ڪرڻ وقت موجود ڪونه هو. انهيءَ ڪري ضروري هو تہ ڪنهن سهڻي رٿا سان اهو مواد شامل ڪيو وڃي. جامع لغات جي پهرئين جلد جي اصل مسودي کي تحقيقي نگاهم سان "ايڊٽ" ڪرڻ ۽ ڇپائڻ ۾ ٻہ سال لڳا هئا باوجود انهيءَ جي جو ڪم ڪافي تيزيءَ سان هليو هو. انهيءَ لحاظ سان، باقي ڇهن جلدن جيتري مواد ۾ پهريائين نون لفظن ۽ اصطلاحن جي ذخيري کي شامل ڪرڻ ۽ ان بعد "ايڊٽ" ڪرڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ ڪراڙ ڪر ڏهن سالن جو بدو درڪار هو. اهڙي رٿا موجب، سال ۱۹۷۷ع ۾ ڪم شروع ڪري ۱۹۸۷ع تائين باقي چار ئي جلد وڌيڪ اضافن سان "ايڊٽ" ٿي ڇپجي شايع ٿي وڃن ها.

سنہ ۱۹۷۷ع ۾ سون اها 'رٿا' بورڊ ڏانهن موڪلي ۽ ان جي تڪميل پنهنجي ذمي ڪئي پر اها سهڻي صلاح ان وقت جي بورڊ ۾ قبول نہ پئي. ائين پانيو ويو تہ ڏهن سالن جو مدو تمام وڏو ٿيندو انهيءَ ڪري بنا اضافي ۽ اصلاح جي اصل مسودو جئن آهي تيئن ڇاپيو وڃي تہ جئن ٿورڙي ئي وقت ۾ 'جامع لغات' ڇپجي شايع ٿئي. لغات جي تحقيق ۽ تڪميل توڙي ڇپائي جي تجربي جي اعتبار کان اهو فيصلو غير دانشمندانہ هو، جنهن جو ثبوت اهو آهي جو باوجود انهيءَ فيصلي جي هي پويون جلد وري ۱۹۸۷ع جي خاتمي تي ڇپجي شايع ٿي رهيو آهي: يعني تہ نڪا وقت جي بچت ٿي، نڪو نون لفظن ۽ اصطلاحن جو قيمتي ذخيرو شامل ٿيو، تہ نڪي ۱۹۵۱-۵۴ع وارو اصل مسودو 'ايڊٽ' ٿيو. ڏهن سالن ۾ ڇپائي پوري ۱۰ انهي ڪري ٿي جو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي (جيڪو سنڌ جي عربي-ديني عالمن جي انجمن جو آخري چراغ آهي، شال ڏٹي ڪيس سلامت رکي!)، سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جي حيثيت ۾ انهن ڇهن جلدن جي ڇپائي جي نگراني ڪئي. سندس تاڪيد ڪان سواءِ راقم وارو اصل مسودو شايد اڃان تائين بورڊ جي دفتر داخل هجي ها. اهو انهي ڪري جو هڪ وڏي عرصي تائين بورڊ جا سيڪريٽري، باوجود سندن انتظامي غلبي جي، 'جامع سنڌي لغات' جي باقاعدي اشاعت لاءِ مؤثر قدم کڻي نہ سگهيا؛ بلڪ ڪن سيڪريٽرين تہ مصنف جي حقن جي خلاف ۽ راقم جي موجودگي جي باوجود، جامع لغات جي شايع ٿيندڙ جلدن لاءِ پنهنجي طرفان غلط تاثر ڏيندڙ مهاڳ لکيا ۽ ڪن پين صاحبن کي (بنا سندن اجازت ۽ رضا جي) پڻ مصنف سان گڏ هن ڪارنامي ۾ پاڻي پائيوار ڪرڻ شروع ڪيو.

Gul Hayat Institute

ڏهن ٻارهن سالن جي عرصي تائين سنڌي ادبي بورڊ کان ٻاهر هجڻ بعد سنه ۱۹۸۴ع ۾ جڏهن راقم کي بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو تہ سنڌي ٻولي جي لغات جي اهميت ۽ ان جي علمي صحت جي مدنظر مون نئين بورڊ جي آڏو 'جامع سنڌي لغات' جي 'ٻئي ايڊيشن' جي تياري ۽ اشاعت جي تجويز پيش ڪئي جيڪا بورڊ جي گڏجاڻي مورخہ ۷-سيپٽمبر ۱۹۸۶ع ۾ منظور ڪئي وئي.

جامع سنڌي لغات جي سلسلي ۾ هن نئين بورڊ جو هيءُ هڪ نهايت اهم فيصلو آهي جنهن سان نہ فقط مسودي تان ڇپايل جئن جلدن (ٻئي کان پنجين) ۾ علمي تحقيق جي لحاظ سان جيڪي اوڻايون آهن سي دور ٿي سگهنديون، پر گذريل ٽيهن سالن ڪن ۾ ڇپيل لوڪ ادب جي چاليهن-پائيتاليهن جلدن ۽ پين ڪيترن ئي ادبي ڪتابن مان نوٽن لفظن ۽ اصطلاحن جو ڪافي ذخيرو هن 'ٻي اشاعت' جي جلدن ۾ شامل ڪري سگهبو. "جامع سنڌي لغات" جي اهميت ۽ ان تي اڃ ڪيل محنت جي مدنظر، 'ٻي اشاعت' جي تياري جي ذميواري راقم قبول ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن ڏٺي گهربو تہ ان کي وس آهر پورو ڪبو.

البت هيءُ محض هڪ اتفاق آهي جو سنڌي ادبي بورڊ تي نئين سر ميمبر مقرر ٿيڻ جي ڪري مون کي هن جلد جي مهاڳ لکڻ جو موقعو مليو آهي، ۽ خاص ڪري مون هيءُ مهاڳ لکڻ ضروري سمجهيو آهي: هڪ تہ جئن مصنفن ۽ مؤلفن جي موجود هوندي بورڊ جي سيڪريٽرين طرفان پنهنجي خود خيال مهاڳ لکڻ واري غير علمي روايت رد ٿئي، ۽ ٻيو تہ انهن مخلص ڪارڪنن جي شڪريي جو حق ادا ٿي سگهي جيڪي هن "جامع سنڌي لغات" جي تياري ۾ پاڻهن ٻيلي ٿيا هئا. انهن سڀني ڪارڪنن جو ذڪر ٻهرئين جلد جي مهاڳ ۾ ڏيڪهہ سببان نہ آندو ويو هو ۽ ان کي ٻئي جلد جي مهاڳ تائين ملتوي ڪيو ويو هو جنهن جي لکڻ جو ٻوءِ موقعو ئي نہ مليو.

جنوري ۱۹۵۲ع ۾ جڏهن "جامع سنڌي لغات" جو ڪم شروع ڪيو ويو تہ اهلي اديب ۽ شاعر مرحوم محمد بخش واصف جيڪو سرڪاري نوڪري پوري ڪري "رٽائرڊ" ٿيو هو سو راقم جي سڏ تي "مرڪزي ڊڪشنري آفيس" ۾ شروعاتي ڪم ۾ شامل ٿيو. ساڻئي وقت مرحوم رشيد احمد لاشاري ۽ محترم (ڊاڪٽر) عبدالڪريم سنديلي جون خدمتون سنڌ جي تعليم کاتي کان حاصل ڪيون ويون پر سگهوئي اهي ٻئي سڄ واپس تعليم کاتي ۾ وياء ٿوري وقت بعد جڏهن واصف صاحب وفات ڪئي تہ مرڪزي آفيس جو ڪم مرحوم سردار علي شاهہ سنبالیو ۽ هڪ وڏي عرصي تائين نهايت سهڻي نموني ۾ سنبالیو. هو صاحب جڏهن اخبار جو ايڊيٽر ٿيو تہ مرڪزي آفيس جو ڪم محترم شيخ محمد اسماعيل جي حوالي ڪيو ويو جنهن کي ان وقت تائين مرڪزي آفيس ۾ ڪم ڪندي ڪافي تجربو ٿي چڪو هو. مرحوم سردار علي شاهہ

۽ محترم محمد اسماعيل شيخ وڏي مدت تائين راقم سان ڀانهن ٻيلي ٿي ٻيٺا ۽ سندن خدمتون هن وڏي ڪم کي اڪلائڻ ۾ ٻين سڀني ساٿين کان وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيون. شيخ محمد اسماعيل هن وقت تائين هڪ وڏي اعتماد وارو ساٿي آهي ۽ "جامع سنڌي لغات" جي پي اشاعت جي تياري ۾ مرڪزي آفيس جي ڪم جو نگران آهي. ٻين ڪارڪنن جن مرڪزي آفيس ۾ گهٽي وقت تائين خدمت ڪئي تن ۾ محمد طالب لوهار، مراد علي خان بلوچ* ۽ محمد يوسف شيخ* جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن کان سواءِ هيٺين ڪارڪنن ٿوري گهٽي عرصي تائين مرڪزي آفيس ۾ ڪم ڪيو: (ڊاڪٽر) غلام علي الانا، مخدوم غلام احمد، حبيب الله آخوند سانوٽي، شهباز علي سومرو، عزيز شيخ، ممتاز مرزا، ماستر عبدالرزاق مغل، ماستر محمد بچل انصاري، غلام قادر انصاري، ماستر غلام نبي برڙدي*، مصري شاهه ٽڪرائي*، غلام محمد ميمڻ، احمد بخش انصاري* ۽ ماستر محمد بخش سولنگي.

مرڪزي آفيس کان ٻاهر، هڪڙا خطي-وار ۽ ٻيا تعلقي-وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ جئن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مقامي طور استعمال ٿيندڙ الفاظ ۽ اصطلاح سهيڙي سگهجن. انهن سڀني خاطر خواهه ڪم ڪيو. "خطي-وار هولين" (ڪوهستاني-لاسي، لاڙي، ٿري، اتراڏي) جي لفظن ۽ محاورن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ خاص ڇاڻو ڪارڪن چونڊيا ويا: صالح محمد سمي ۽ محمد عرس سمي (ڪراچي) ڪوهستاني ۽ لاسي هوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح سهيڙيا، مرحوم محمد صديق مسافر، محمد طالب لوهار ٽنڊي باگي مان، ۽ مقبول احمد بلوچ بدين مان لاڙي هوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو مهيا ڪيو، پمي مل (اسلام ڪوٽ) ۽ رائچند (چيلهار) ٿري هوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي جمع ڪيو، مرحوم عطا محمد حامي (خيرپور)، محمد عالم عباسي (سکر) ۽ عبدالرزاق ميمڻ (پير جو ڳوٺ) آتر جي هولي جي لفظن ۽ اصطلاحن کي گڏ ڪيو، قربان علي نقشبندي لاڙڪاڻي واري پاگي مان ۽ مرحوم رئيس ضياءالدين بلبل ۽ مرحوم علي محمد سيال دادو ضلعي جا انوکا الفاظ ۽ محاورا لکي موڪليا. انهن کان سواءِ هيٺين تعلقي وار ڪارڪنن مقامي لفظ ۽ اصطلاح ميڙيا چونڊيا: مولوي محمد سالم مهيري، ماتلي، سيد شرف الدين شاهه، ماتلي، حڪيم محمد يعقوب قادري ڪراچي، محمد خان مجيدي، سجاول، معين شاهه، چچ جمالي شاهبندر، دوست محمد، ميرپور ساڪرو، محمد امين پلي، ڏورو نارو، مينگهو مل، ٿرپارڪر، حاجي سومر خان، سانگهڙ، شاهنواز شاهه، ڏڻڙو، گل محمد آزاد، ٻڪيرا، مولوي غلام مصطفيٰ، گنگارام سامرات، سن، محمد حسن مشتاق انڙ، سکر، لعل محمد پنهڻ، شڪارپور، غلام نبي سنديلو، لاڙڪاڻو، محمد علي بلوچ، واحد بخش غازي خان، محمد بلاول، غلام نبي شاهه، رحيمداد، محمد سومار، حمزو بيگ بلوچ، امير علي.

---

* جن ڪالن جي پٺيان ستاري وارو نشان آهي، سي گذاري ويا آهن.

Gul Hayat Institute

استاد مرحوم مخدوم امير احمد صاحب وقت بوقت مفيد مشورا ڏنا ۽ خاص طرح پهرئين جلد جي بنيادي مسودي کي چپائي کان اڳ "ايڊٽ" ڪرڻ واري مرحلي تي عربي لفظن جي اشتقاق بابت مفيد مشورا ڏنا.

راقم انهن سڀني سڄڻ ساٿين جو شڪرگذار آهي جن "جامع سنڌي لغات" جي بنيادي مسودي جي تياري ۽ تڪميل ۾ مدد ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ جي صدر مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني ۽ تاڪيد سان، ٻئي ڪان پنجين تائين، پويان چار جلد بالآخر چپجي پورا ٿيا آهن جنهنڪري جامع لغات جي ٻئي ايڊيشن جي تياري ۽ اشاعت لاءِ راهه روشن ٿي آهي. محترم ولي محمد طاهرزادي پروفن پڙهڻ ۾ پاڻ موڪيو آهي، ۽ بورڊ جي پريس جي مئنيجر محترم الهڏائي يوسف زئي جي رهنمائي هيٺ ۽ پريس جي ٻئي عملي جي ڪوشش سان لغات جي چپائيءَ جو هي آڻانگو ڪم تڪميل کي پهتو آهي. راقم انهن سڀني صاحبن جو دلي طور شڪر گذار آهي.

اسلام آباد — خادم العلم

۲۴-ڊسمبر ۱۹۸۷ع — نبي بخش

Gul Hayat Institute

ک

ک: ث. سنڌي الف ب جو چاليهون اکر.

● کاپ ج کاپُونْ (ل): ث. پتڪي جو پتلاند، کاڏيءَ هيڻان ورائي ٻڌل. گهوڙي جي چاڙيءَ هيڻان ڏنل چمڙي جي پٽي. هَرِ نهين ۽ ڪُڙهه (هَرُ) مضبوط ڪرڻ لاءِ چَمَڙ-چاڙي (ل).

ـ کاپَ ٻَڌَڻُ (ل): پتڪي جو پتلاند، کاڏيءَ هيڻان ورائي ٻڌڻ-ٻوکاني ٻڌڻ.

● کاپُ ج کاپَ (ڪ): ذ. (پرا. ڪَپّ = ڪپ-کاپ. سن. ڪَلَر. پَ = ڀ، وَ) وِڌ-زخم-نئين وڏو ٽُنگ-سوراخ-ڪُٻُ. گَپَ م لڳل پير جو نشان. گهارو-ڪنڀُ-واهه يا ڪسيءَ جي ڪناري جو ڳچل هنڌ.

"اوچتو منهنجي اکين مان آب ٽيئن جاري رهي، جيئن پوي ڪنهن ويل وهندڙ واهه کي ڪو کاپ ڪنڀ" ڪَپُ. لَتَڙ.

ـ کاپَ ڪَرَڻُ: تنگ ڪرڻ-ستائڻ-دپائڻ-خراب ڪالهائڻ.

ـ کاپَ ڪَپَ: ذ. وڏ-زخم. ريش-قَتُ.

● کاپارَڻُ (ت): مصدر. بيڪار رهڻ. (کاپاريو-کاپاريل-کاپاريو).

● کاپارُ ج کاپارَ (ت): ذ. درد. تيل. کارڻ. ناريل جو کاپاڙ.

● کاپارائيڻُ (ت): مصدر. ڪنهن ٻهاني سان گرفتار ڪرائڻ. سيڙائڻ. (کاپارائيو-کاپارائيندو-کاپارائيل).

● کاپارِجَڻُ: مصدر. نقصان ٽيڻ. ايذائجڻ. نوڪريءَ مان خارج ٽيڻ-ڏکجڻ. ڪم خراب ٽيڻ.

● کاپاڙِجَڻُ: مصدر. (سن. ڪِشُ = ڪيڏي چڏڻ. ناس ڪرڻ) نقصان سهڻ-ٽوٽو پائڻ-چيهو پوڻ. فصل جو آجهڙ يا برباد ٽيڻ. ايذائجڻ-ڏکوئجڻ-کهائجڻ-زخمجڻ-قتجڻ. موقوف ٽيڻ-برخواست ٽيڻ-لهڻ (نوڪريءَ تان). ڪرڻ.

● کاپَرُ ج کاپَرَ (ت): ذ. (سن. ڪَسَرُ يا کوپرو = ناريل) ڪجيءَ جي سنهي ڪَلَ-ڪجين، ناريل وغيره جي وڻن م چاريءَ وانگر پردو (جنهن مان نوڙيون، واڻ خاص پردا وغيره ناهيندا آهن). پردي جو ٽڪر ڇڻيءَ وانگر ٿهيل، باسڻ وغيره کي صفا ڪرڻ لاءِ ڪم اينڊڙ.

● کاپڙُ ج کاپڙَ: ذ. صفت. ڪپي هٿ وارو-ڪپي هٿ سان ڪم ڪندڙ-ڏاوڙ-ڏائڙ-ڏاهڙ.

● کاپڙُوتِيُ ج کاپڙُوتِيُ: ذ. صفت. ٿوري علم وارو-ٽِڪُسائي-ٽِڪُسالي-ڪم ذهن. ترانگهڙو-هلڪو-سفلو. گهٽ-ٿورو-ڪوتهه-آيَهُو. (اسم خاص). قوم جو لقب-(ميوهڻ م) کاڙوتي سيڏن جو پاڙو.

● کاپُ ج کاپا: ذ. صفت. ڏائو-ڪَپو.

● کاپُوتِيُ ج کاپُوتِيُونْ: ث. چُهنبدار ڪُٽِ-قاپُوتي.

● کاپَهُ (ت): ذ. ڏورن جو گاهه يا چارو.

● کاپِيُ ج کاپِيُونْ: (ث): ث. کاڏي-چاڙي.

ـ کاپِيُ کوئيڻُ (ث): کاوڙجڻ-کاوڙ مهل هيڻيون چَپُ مٽين ڏندن جي هيڻان ڪرڻ.

ـ کاپِيُو ج کاپِيا (ث): ذ. صفت. نڪتل چاڙيءَ وارو-وڏيل چاڙيءَ وارو-کاڏِيَرُ.

● کاتَرَ (ث): ذ. کات (گهر ڀڃي ڪيل چوري). پاڻ (ٻنيءَ م پيل).

Gul Hayat Institute

● ڪاتِرو ڙ (ث): ذ. دڪان ـ وايڪي ڪم جو دڪان ـ سوڌڙن جو دڪان. مينگهواڙ وغيره جي ڪم ڪرڻ جو ڇنو.
● ڪاتِرڙو ع ڪاتِرڙا (ث): ذ. ميُهري.
● ڪاتوءُ ع ڪاتا: ذ. (ع. حاطہ جو بگڙيل) سرڪاري محڪمو ـ شعبو ـ حلقو. سرڪاري يا ڪنهن ڪارخاني جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪو خاص محڪمو. ڪنهن وڏي راجا جو خاص حصو ـ علائقو. (سن. ڪارُ ڪَ = ڪائيندڙ) ڪنهن خاص آدميءَ جو حساب. حساب ڪتاب جي فهرست. واپاري حساب ڪتاب جو ورق. حساب ڪتاب جو سرو. روزنامچو ـ ليکي جي وَهي، جنهن ۾ رقمون ڪتائيون آهن ـ ڪنڊو ـ خسرو ـ پکي وهي. زمين جو پروانو ـ زمين جو پٽو ـ سَنَدَ ـ زمين جي ڪنهن خاص ٽُڪر تي حق، اهڙي حق جي سرڪاري دفتر ۾ داخلا.
ـ ڪاتي چاڙهڻُ: حساب ۾ داخل ڪرڻ.
● ڪاتيدارُ ع ڪاتيدارَ: ذ. صفت. ڪاتي وارو ـ زميندارُ. ننڍو زميندار ـ ٿوري زمين جو مالڪ ـ پٽي دار ـ جدا پني جهلينڊڙ ـ زمين جي ڪنهن خاص ٽڪر تي ملڪيت جو حق رکندڙ.
ـ ڪاتي لِڳَڻُ: ڪنڊي لڳڻ ـ واصل ڪرڻ ـ آڏار ۾ چاڙهڻ ـ نالي لڳڻ ـ لڪي ڪري ذمي لڳائڻ.
● ڪاتِڙِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڪاتو پَوَڻُ (ث): سُنجهڻ.
● ڪاتُ ع ڪاتَ: ذ. (سن. ڪَتَنُ = ڪوٽڻ). چورن جو پيٽ ۾ ڪيل سوراخ ـ ٽُنگ ـ هر گهٽ ـ سِرنگهه ـ پُور ـ خال ـ ڪوٽ. پيٽ جي هيٺين حصي مان چوري ڪرڻ جي ارادي سان هنيل سرنگهه. (اسم خاص). تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
ـ ڪاتِڙِيو ع ڪاتِڙِيا: ذ. صفت. هٿندڙ ـ سنڌ رِ.
ـ ڪاتُ هٽڻُ: پيٽ ۾ ٽُنگ ڪري چوري ڪرڻ ـ گهر پيڇي گهڙڻ (چورن وانگر) ـ گهر پيڇي چوري ڪري ويڃ ـ سرنگهه هڻڻ ـ سوراخ ڪرڻ ـ پور ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ. سنڌ هڻڻ. پنيءَ جو جهنگ هڻڻ يا وڍڻ (ل). پاڻيءَ جو زمين کي پائڻ. بيماري يا نشي جو سرير کي گهارڻ.
● ڪاتا ڪُتائِڻُ: وڏي نقصان ۾ پوڻ ـ تمام گهڻو قرض ٿي وڃڻ ـ اوڌر ۾ پرجي وڃڻ ـ قرض ۾ گپي وڃڻ.
ـ ڪاتائو ع ڪاتائُو: ذ. صفت. ڪتندڙ ـ ڪمائيندڙ ـ ڪاتُوءُ ـ لاپُ آڻيندڙ ـ اهو جيڪو ڪٽي ڪمائي ـ ڏَنُ ڪمائيندڙ ـ فائدو آڻيندڙ ـ ڪمائي وارو. ڪمائي ڪرائيندڙ ـ نفعو ڪندڙ ـ آپائيندڙ. محنتي ـ مزدور ـ مشقت ڪرڻ وارو. فاتح ـ سوپارو ـ ڪامياب ـ فتحياب ـ سو باسو ـ ڪرم سڌي ـ سوپ ـ ڪرتا رتُ ـ جئي ـ صواب ـ برصواب. (اسم خاص). تعلقي ڏکڻيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
ـ ڪاتائُوءُ پُٽُ: ڪٽي ڏيندڙ ـ ڪمائي ڏيندڙ (چوڪر). پڙوو.
● ڪاتڙوءُ: اسم خاص. تعلقي حيد رآباد ۾ ڏيهه جو نالو.
● ڪاتِڙِيءُ: اسم خاص. تعلقي ڪڇ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● ڪاتِڙِيو ع ڪاتِڙِيا: ذ. ڪاتِيوءُ (ث).
● ڪاتُ لَشڪَر: اسم خاص. تعلقي ڪڇ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● ڪاتُو: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● ڪاتوءُ ع ڪاتا: ذ. (سن. ڪتنَ = ڪوٽڻ) گهارو. ندي جو وهڪرو. قوت ـ ڏارُ ـ چيرُ ـ ويندَ ـ قوڙَ. ڪڍ ـ ڪوهو ـ چُلهو ـ چرَ ـ چُلهو. گنَ. نئين ـ ڏارَ ـ رِيلو. بَنڊُ. ڪَسي ـ واه. بن ٽن ڏينهن جي رڪيل ڏَهي مان ٿهيل ڪَڙهِيءُ ـ ڪاتِيوءُ.
● ڪاتُوءُ ع ڪاتو: ذ. صفت. ڪتندڙ ـ ڪمائيندڙ. سوپارو ـ فاتح ـ ڪامياب ـ فتحياب.
● ڪاتُونبُوءُ ع ڪاتُونبُا: ڪٽونبڙو ـ ڪٽونبو ـ جهنگلي ميوي جو هڪ قسم. ٽر ماڪ ۾ هڪ جهنگلي ميوو. جهنگلي پوٽي جو هڪ قسم. ميوي جو هڪ قسم.
"ڪاتونبا ڪائجن، مينهن وسندا موت تون"
(شاهہ)
● ڪاتِيءُ ع ڪاتِيون: ث. (سن. ڪتنَ = ڪوٽڻ). واهہ مان مٽي ڪيڍي، ان کي صاف ڪرڻ جو ڪم ـ

Gul Hayat Institute

واهہ جي صفائي ـ ڪڍڻ جي اندران ڪوٽائي ـ پوريل ڪنسيءَ مان ٺهيل ڪيڏي ڪوٽ جو حڪم ـ ڪوٽائي. ڪڍ ـ پاڙ ـ ڪاڻ ـ خندق.

ـ ڪاٽيٽر ع ڪاٽيرَ: ذ. صفت. ڪاٽي ڪڍندڙ. واهہ صاف ڪندڙ ـ ڪاڍيو ـ ڪامڙيو ـ ڪوڏاريو.

● ڪاٽيوُ ع ڪاٽيا (ث): ڪٽيءَ جهڙ ۾ رڌل ٻوڙ ـ راڍيو. ٽومالو (ل).

● ڪاپ ع ڪاپُون: ث. گهرج ـ ضرورت ـ خرچ.

ـ ڪاپائُو ع ڪاپائُوُ: ذ. صفت. (سن. ڪُٽ = گهٽجڻ، زوال ڪرڻ). اجايو خرچ ڪندڙ ـ ايڏنگو خرچ ڪندڙ ـ گهڻ خرچُو. بوالفضول ـ لُٽائُو ـ ايڏنگو ـ اجايو ـ لک لُوٽ ـ ڪپائيندڙ ـ هٿ ڦاڙ. ڪٽراگ ڳولينڊڙ ـ ڪٽراگي ـ ڪيپٽيو ـ ڪڪ ڪندڙ.

ـ ڪاپو ع ڪاپا: ذ. گهرج ـ لوڙ ـ طلب ـ ڪٽپ ـ ضرورت ـ ڪٽپ. تقاضا ـ گهُر ـ ڇڪي ـ ڇڪ. خرچ ـ خرچ پکو ـ خرچ ڪاپار ـ دعوا ـ پُوتو. چلاماتو ـ هلاءُ. مانگ. ترت واپار ـ هڪدم وڪرو. پُڪي. نشو ـ خمار.

● ڪاپيُ ع ڪاپيُون: ث. ڪاپو ـ گهُرج ـ ضرورت ـ طلب. ترت وڪرو.

● ڪاپاتيُ ع ڪاپاتيُون: ث. ڪانپاٽيءَ جي ڏور (جنهن جي ڦيرائڻ مان آواز نڪري). ڪانپاٽي جو پوڇڙ. ڪانپاٽيءَ جو وڇ، جنهن ۾ ڪليلو رکي هلائبو آهي. مباحثہ.

● ڪاپارو ع ڪاپارا: ع. ڇڙ ـ دقت ـ هلاڪي ـ تڪليف ـ مٿي جو سور ـ درد سري ـ ڪشالو ـ جاکوڙو ـ ريڑهہ پيڙهہ. گيهڙ. وياڪلتا ـ اهنج ـ پريشاني ـ اِيذاءُ ـ دُک ـ ڏُک ـ ڏنج ـ ڏنجهو ـ آپاندي ـ ڪاڪاهو. جنجال ـ آزار ـ زحمت ـ خرابي ـ وکوڙ ـ گڙبڙ. ڪٽراگ ـ ڪاسارو ـ مغزخوري ـ خفو ـ مٿو هٽڻ ـ لتاڪر ـ ڪيٽ پيٽ ـ پٽڪو ـ ڊيرانبو. ڏندو ـ ڪاروبار ـ ڪرڪار ـ ڪر ـ محنت. جهيڙو ـ ڪيرڪير. (صفت). ڪپائيندڙ ـ دق ڪندڙ ـ هلاڪ ڪندڙ.

● ڪاپڻُ: مصدر. (سن. ڪُٽ = گهٽجڻ: زوال ڪرڻ) نڪرڻ (راند ماڻ) ـ راند ۾ هارائڻ ـ راند ۾ سوارو وڃي پورو ڪرڻ. ڪپڻ ـ نابود ٿيڻ. ڪانچڻ.

● ڪاڇيُ (ث): اٺ جي خارش جي بيماريءَ جو هڪ قسم ـ پاڻ.

● ڪاڇ ع ڪاڇون: ث. (سن. ڪڇُ = ولوڙڻ) خارش ـ ڪڇي ـ ڪاڇي. آرائٽين ـ ٽٽڙا. ڳاراٽو ـ لاهہ ـ لاٽ.

ـ ڪاڇوُليا (ث): هٿ سان آهستي آهستي خارش ڪرڻ.

ـ ڪاڇيُ ع ڪاڇيُون: ث. (سن. ڪڇُوٽا = ڪاڇي > ڪڇ = ولوڙڻ) خارش ـ ڪڙنهن ـ ڪرسرو ـ ڪٿهہ ـ سڙسڙ ـ ڪٿهي ـ ڪُجلي ـ ڪسڙ ـ ڪٽنهن. تِر تِر. ڪڙ.

● ڪاڇا پُوتيُ ع ڪاڇا پُوتيُون (ث). ٺ. ٽري پرت جو هڪ قسم.

● ڪاڇاريُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڪاڇڻُ: مصدر. (سن. ڪاڌ = ڪائڻ) ڪاڇجڻ ـ ڪائجڻ ـ ڪاڇي وڃڻ. ڳرڻ ـ ڏ ڦيڙ. ڦاٽڻ. ڍهڻ. ميڙڻ ـ ميڙجڻ. ڪيسڻ ـ ڪُهڇجڻ ـ ڪٽپڻ ـ ڪسڻ سبان ڳُڇجي وڃڻ ـ چٽ ٽيڻ. پيچڙ. جيئن ڪان ڪاڌل ٽيڻ.

ـ ڪاڇُ ع ڪاڇَ: ذ. (سن. ڪاڌ = ڪائڻ) ڪاڌو ـ خوراڪ ـ طعام ـ غذا ـ سميلن ـ پوجن ـ پوڇڻ ـ ڪيڻ ـ آهارُ ـ قوت. گذران ـ خورش. چوڳ ـ چوگو ـ چوڙو ـ چارو ـ پرورش ـ پشتي. سنگت ۾ ٺهڪندڙ "زالون زالن جو ڪاڇ آهن" (جملو).

ـ ڪاڇُ پڙڇڻُ: ڪاڌو وڌائڻ ـ دسترخوان تي ڪاڌو موجود ڪرڻ.

ـ ڪاڇُ پيڇُ ع ڪاڇَ پيڇَ: ذ. (سن. ڪاڌ = ڪائڻ) ڪاڌو پيتو.

ـ ڪاڇيرُو ع ڪاڇرو: ذ ـ صفت ـ (سن ـ ڪاڌ = ڪائڻ) ـ ڪاڌل ـ ڳريل ـ سڙيل ـ ڪايارو ـ ڪائڻ جو ـ ڪائڻ لائق ـ ڪاڌي جوگو ـ چرند ـ وڏو خوراڪي ـ پيٽي ـ ڪائڪ ـ گهڻ ڪائڪ ـ هيڏي ـ ڏ ڪيل ـ

ـ ڪاڇُ ڪورمُونُ ع ڪاڇَ ڪورمان: ذ ـ (سن ـ ڪاڌ = ڪائڻ) مليدو ـ پڪوان ـ سٺو ڪاڌو ـ لذيذ طعام ـ

Gul Hayat Institute

ـ کاجُ نَلِيُ: ث۔ جسم ہ کاڈي وچ جي نلِيُ.
ـ کاجوُ ج کاجا: ذ. (سن. کاڈ=کائڻ) کاج۔ کاڈو. تغلب۔ خورد بُرد۔ خيانت. ميوي جو هک قسم۔ بوهيچڻو۔ مگ قري.
ـ کاجُ وَڈَنُ: کاڈو ڻانون ہ رکڻ.
ـ کاجُ وَڈِيُ اچَنُ: کاج جو ڻانون ہ اچڻ.
ـ کاچي وچڻ: ڍدو يا هيڻو ٿيڻ۔ ضعيف ٿيڻ۔ پُٹو ٿيڻ۔ جهڏو ٿيڻ۔ جهور ٿيڻ۔ جهونو ٿيڻ۔ لڙَڻ۔ جهُکڻ۔ لهَڻ۔ پوٽو پوڻ۔ پنتي پوڻ۔ گهنجڻ۔ ڍِکِيڻ۔
● کاچَٹِيُ: اسم خاص۔ تعلقي کپري ہ هک ديهه جو نالو۔
● کاچوُ ج کاچا: ذ۔ تيلي ٻج جو هک قسم۔ بوهي چڻو۔
● کاچُوُ مَٹُ ج کاچُوُ مٹ (جبل): ذ۔ تُوُتيوُ۔
● کاچُ ج کاچَ: ذ۔ صفت۔ گهٽ۔ کمينو۔ کانچ (ل)۔ ڏنگو۔ لچو۔ قڏائي۔
● کاچِڑوُ ج کاچِڑا: ذ۔ کاچُ۔ کانچُ۔ ڏنگو۔ لچو۔ قڏائي۔
● کاڈ ج کاڈُوُن: ث۔ (سن۔ کاڈ=کائڻ) کاج۔ کَاڈو۔ کيڏ۔ طعام۔ آهار۔ غذا۔ خوراک۔ قوت۔ گذران۔ خورش۔ چوگ۔ چوگو۔ چوڻو۔ چارو۔ وروُ يا ورءُ۔ پيٽ۔ ويسي۔ کاڈي جو معاوضو۔ هنڊيائو۔ زميندار کان اگوات کنيل ان وغيره۔ کنيل قرض (هاريءَ جو زميندار کان)۔ سُرو۔ سَنهو (جو پوک کي آسرٽ وقت کائيندو آهي)۔ قوگ۔ کَسُ۔ غير۔ سَٹُ۔ سٹي۔ جوٽ آٽ۔ مينهن جو گهارو۔ دريا جو کناري کي کائڻ جي حالت.
ـ کاڈِ خوراک ج کاڈِ خوراکُونُ: ث. کاڈي جو معاوضو۔ ويسي.
ـ کاڈِ کَرَنُ: پائڻ. خارش هئڻ.
ـ کاڈَلُ ج کاڈَلَ: ذ. صفت. کاچيل۔ کايَل. ذائقو ورتل۔ سواد ورتل. سُرو لڳل۔ کيئون لڳل (آنَ يا ميوي وغيره کي)۔ کينڙوُ۔ سُريل۔ کيئين کاڈل. پراٹو۔ کهنو۔ جهونو۔ پُٹو۔ نقصان ٿيل۔ هرج پيل. ٽٽل۔ پگل۔ ناس ٿيل۔ چٽ ٿيل. پاتل۔ کائي چڏيل (دريا جو). بد استعمال ٿيل۔ خراب ٿيل۔ ستر ٽٽل۔ پرشت ٿيل۔ ناپاک (عورت).
ـ کاڈوُ ج کاڈا: ذ. کاچُ۔ کيڏ۔ طعام. غذا۔ خوراک۔ قوت۔ گذران۔ خورش. چوگو۔ چوگ۔ چُوٹو. چارو۔ آهار. ماني۔ پيٽ۔ ورو. وِيسي. ٽول۔ شيءِ. سِيڌ وسامان۔ ثمر۔ توشو۔ رسد۔ آذقو.
ـ کاڈوُ پِيٹُوُ ج کاڈا پِيٹَا: ذ. داڻو پاڻي۔ انُ پاڻي۔ آب و خورش۔ اکل و شرب.
ـ کاڈوُ پِيٹُوُ رَتُ کَرَنُ: رنج ءِ کاوڑ ڈيکاري کاڈي پيٽي کي زهر کرائي چڏڻ۔ ڏُک ڏيڻ۔ تکليف ڏيڻ.
ـ کاڈوُ وِسرِيُ وَڃَنُ: ڏاڍو خوش ٿيڻ۔ کڻن ہ نہ ماپڻ۔ خوشيءَ وچان نڇڻ ٽپڻ. ڏاڍو ناخوش ٿيڻ۔ رنجيدو ٿيڻ۔ گهٽي گهٽي ٽيڻ.
ـ کاڈِ تِي نَکَ هِيڙَ اچَنُ: بد نصيب ٿيڻ.
ـ کاڈِ جوُ خَچَرُوُ: گهٽو کائيندڙ.
● کاڈِيُ ج کاڈِ يُونُ: ث. ديسي ٽُلهو کپڑو۔ کٹڙ۔ هٹ سان آڻيل کپڑو.
● کاڈِڑِيُ ج کاڈِڑِ يُونُ: ث. (کاڈيءَ تي نکتل) تروکڙي۔ ڏينهوڙي۔ سُٹڙي.
● کاڈَنُ (ل): مصدر. چپ جهلي چوپائي کي اوت ڏيڻ.
● کاڈوُ ج کاڈا: ذ. (سن. کتدُ=وڍڻ) کاڈي۔ ٽوڙي۔ ٽوڏي۔ جاڙي. کتڙ۔ گهاڙو۔ چورس کڏ (جنهن ہ بيهي کاڏيو سنداڻ تي لوهه کي ڏڪ هڻي). سُنهن۔ منڊ. ڏنڊي ہ کوٽ. (اسم خاص). تعلقي ٽنڈي باگي ہ هک ديهه جو نالو.
● کاڈوُ کوڑَنُ: وِهڻ۔ ويهي رَهَنُ۔ کاڈي زمين تي جهکائي ويهي رهڻ. گيدي ٽي ويهي رهڻ. ڪنڌ جهکائڻ۔ ليٽي پوڻ۔ آرسي ٽي پڄي رهڻ. کِرڻ۔ ڏکو کائڻ۔ ڍهڻ. منهن پر کرڻ ڦٽجڻ. تباهه ٿيڻ۔ برباد ٿيڻ۔ تلف تاراج ٿيڻ. پاڻ کي برباد کرڻ۔ بلکل کمزور ٿيڻ. کَسَ کوڑي وِهڻ:
"وڏ ڦڑو ءِ واهَ کَرَهي کاڈو کوڑيو"
(شاهه).

Gul Hayat Institute

● كاڏِيءُ ع كاڏِيُونُ: ث. جهاڙي ـ نوڏي ـ منهن جو هيٺيون پاڳو ـ وات جي هيٺ وارو پاڳو ـ زنخ. چؤرن جو درجن. (ون ـ ڪَنُ = ڪوٽڙ) نار ـ آپسمنڊ ـ ڪاري ـ گهاٽُ ـ ڏوري. خال. اوڙاهه ـ ڪڏو ـ ڪُن.

ـ كاڏِيءِ تهي كَتلو هَٽَنُ: منهن تهي موچڙو هڻڻ ـ بي عزت ڪرڻ.

ـ كاڏِيءِ تهي هٿ رَکَنُ: انجام ڏيڻ ـ اقرار ڪرڻ.

ـ كاڏِيءِ جي كَنڊَ: كاڏِيءِ جي وچ وارو خال ـ غبغب.

ـ كاڏِيءُ كوهِيڙَ: پشيمان ٿيڻ ـ ويچار ڪرڻ. ڏاڙهي پٽڻ ـ بي عزتي ڪرڻ.

ـ كاڏِيءِ هٿُ وِجهَنُ: پرچائڻ ـ پيار ڪرڻ.

● كارُ ع كارَ، كارُونُ: ذ. ث. (سن. ڪُشار) ڪپڙن صاف ڪرڻ جو مصالحو ـ سوڊا (ٻن قسمن جي، هڪ لاٽي مان نهيل ڪاري رنگ جي، ٻي جبل مان نڪتل صاف اڇي رنگ جي) ـ قلي ڪار. شورو. لوڻ. ڪلر. جبل جو هڪ ٻوٽو (ڪ). بغض ـ ڪينو ـ وڪاند ـ دُوِيش ـ عڪس ـ وروڌ ـ ڪُدورت. رنج ـ ساڙو ـ ويرـ دشمني. (اسم خاص). تعلقي ٿٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ كارُ پَوَنُ: حسد ڪرڻ ـ ساڙ ڪائڻ ـ ويري ٿيڻ ـ دشمن ٿيڻ ـ دشمني ڪرڻ.

ـ كارَ كائڻُ: سڙڻ ـ پچرڻ ـ جلڻ ـ ڪاهڻ ـ حسد ۾ سڙڻ.

ـ كارُوڏُو ع كاروڏا: ذ. صفت. ڪاوڙيل ـ ناراض ـ آنهڙو.

ـ كاراڙ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كاراهُو ع كاراها: ذ. گاهه جو هڪ قسم (ڪلراٽي زمين ۾ پيدا ٿيندڙ).

● كارائِنُ: مصدر. (سن. كاڊ = ڪائڻ) ڪائڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. (كارايو ـ كارائيندو ـ كارايل).

ـ كارائِيُ ع كارائِيُونُ: ث. كارائڻ جو آجورو.

● كارائِيُ ع كارائِيُ (ڪ): ذ. صفت. كاري جو ـ ڪاري وارو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● كارِتِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● كارِجاٽِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● كارِچَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● كارِدَ پَتلوُ ع كارِدَ پَتلا: ذ. لوٽهي سُڪايل پَتلو.

● كارِڙُو: اسم خاص. تعلقي دادوءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كارِڙِيُ: اسم خاص. لس ٻيلي جي سرحد تي هڪ ناڪي يا لنگهه جو نالو.

● كارِڙِيو: اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كارِڙِيُونُ: اسم خاص. تعلقي چاچري ۽ تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كارِكَ ع كارِكُونُ: ث. (سن. ڪَٽَڪ ڪِن = كارِكَ. سن. ڪِشارڪ. ف. خورمه = كارِك) ڪَتَل ـ ڪَتجِي ـ ڪَتجور ـ ڇُهارو. ڪتجِيءِ جو ميوو. ڪَتيفِيُ. سُڪل ڏونکو. پرت جو هڪ نمونو (ث). كاري جي مڇيءِ جو هڪ قسم (ڳڙڙيءِ جي نموني چمڙن سان، رنگ ڪارو، هيڏا ننڍا، ڏيکهه ۾ ٿي فوٽ هڪ انچ). (اسم خاص). حب نديءِ جي پرئين پار هڪ قتل شهر جو نالو. تعلقي ڏيپلي جو هڪ ڳوٺ.

ـ كارِكُونُ مَتَنُ: باس باسڻ ـ سُڪا مَچَنُ.

● كارِكَ بَنْدَرُ: حب نديءِ جي ڪناري تي هڪ قتل بندر.

● كارَنُ: مصدر. بيڪاڙڻ ـ ڦٽائڻ. خراب ڪرڻ ـ بگيڙڻ ـ بيڪار ڪرڻ ـ ردي ڪرڻ ـ وڃائڻ ـ ڪُرو مُروڪرڻ ـ رد ڪرڻ ـ باطل ڪرڻ ـ ڪاٽا ڪرڻ ـ پاڙ پٽڻ ـ منسوخ ڪرڻ ـ ناس ڪرڻ ـ برباد ڪرڻ ـ کوهڻ ـ ڏاهڻ. ڪِنو ڪرڻ ـ پرشت ڪرڻ ـ ناپاڪ ڪرڻ ـ پليت ڪرڻ ـ اپوتر ڪرڻ. رشوت ڏيڻ ـ لٻڻ ـ ريبڻ. (كاريو ـ كارِيندو ـ كاريل).

ـ كارُ ع كارَ: ذ. صفت. بِيسَرُ ـ گَندو ـ كريل ـ گاڏوڙ ـ گاڏڙ.

ـ كارُڙُ ع كارُڙَ: ذ. صفت. ڪريل ـ گندجي سڏجي ويل.

Gul Hayat Institute

ـ ڪارُڙَ ڪرَڻُ: وريل سُٽ ڪي وري پيٽو ڪرڻ.
ـ ڪارُ ڪابُ ۽ ڪارُ ڪابَ: ذ. خرابي ـ بگاڙو.
● ڪاروُ ۽ ڪاروُ: ذ. صفت. (سن. ڪرُ = خراب) ڪاريندڙ ـ بگاڙيندڙ ـ بگيڙيندڙ ـ ڦٽائيندڙ ـ خراب ڪندڙ ـ وڃائيندڙ ـ ناس ڪندڙ ـ چٽ ڪندڙ ـ برباد ڪندڙ. بدڪار بنائيندڙ. بدچال ـ ڪسنگ ـ آواره ـ رولُو.
ـ ڪاروُ ڪَبَڙُ ۽ ڪاروَ ڪَبَڙَ: ذ. صفت. ٻُڌي ڪي ڪاريندڙ ـ بگيڙيندڙ ـ خراب ڪندڙ ـ ڏ تاريندڙ ـ ٻُڌي ڪي ڦٽائيندڙ ـ ٻُڌي جو مَٽ گهرو يا بَدخواهه ـ ٻُڌي ڪي برغلائيندڙ. بي لڇڻو ـ بدافعال ـ ڪج رو ـ بدهلت وارو ـ بدڪار ـ دشمن. چُغل.
● ڪاروُ ۽ ڪارا: ذ. صفت. (سن. ڪَشُتريہ، ڪَشارِتَ = ڪارو). [سن. ڪَشارا] ڪاراڻ وارو ـ نمڪين ـ لوٽائيو ـ لوڻيل ـ لوڻ وارو ـ ميٺَ لوڻو ـ ڪوڙو ـ ٻاڙو ـ ڪَڙو ـ چهرو ـ تيز ـ تکو (سواد ۾) ـ ذائقن جي ڇهن قسمن مان هڪ سمنڊ ـ بحر ـ درياء ـ ساگر ـ سائير. لَهرُ ـ موُجو. [پشتو. ڪوتاره]. تونڪرو (لئي، بانس يا ڪنهن مان ٺهيل) ـ ڏ لهو ـ ڇهو. ريشم جو هڪ قسم.
ـ ڪاراسَ ۽ ڪاراسُوُنَ: ث. ڪاري هجڻ واري حالت ـ ڪاراڻ ـ ڪوڙاڻ.
ـ ڪاراڻِ ۽ ڪاراڻُوُنَ: ث. لوڻ جهڙو ذائقو ـ ڪاري هجڻ واري حالت ـ ڪاراهي ـ لوٽائي ـ چهراڻ ـ چهرائي ـ تکاڻ ـ تکائي (سواد ۾) ـ ٻاڙاڻ ـ ٻاڙائي (سواد ۾) ـ تيزاڻ ـ تيزائي (سواد ۾). ڪَڙاڻ ـ ڪڙائي ـ ڪوڙائي ـ ڪاراس. مٺاڻ جو ضد.
ـ ڪارائِڻ ۽ ڪارائِيشُوُنُ: ث. ترشي ـ نمڪاڻ ـ ترشاڻ ـ ڪٽاڻ ـ ٻاڙاڻ ـ ڪاراڻ ـ ڪارائي ـ چهراڻ. (صفت). ڪارو ـ نمڪين ـ لوٽيائو ـ ٻاڙو.
ـ ڪارائِڻُ: مصدر. چهراڻ لڳڻ ـ لوٽيائو لڳڻ ـ ٻاڙو لڳڻ. (ڪارائِيوُ ـ ڪارائيندو ـ ڪارايل).
ڪارائِي ۽ ڪارائِيشُوُنَ: ث. ڪاراڻ ـ ڪارائُڻ ـ نمڪيني ـ ترشائي ـ ڪٽائي ـ ٻاڙائي ـ لوٽاڻ. دشمني. (صفت). دشمن.

ـ ڪارُنِيتَرُ: ذ. سمنڊ جو پاڻي.
ـ ڪاري چَڙَهَنُ: شادي جي هڪ رسم (پرٽي واري رات گهوٽ جو هڪ ڪاري تي چڙهي تَڙُ ڪرڻ.
ـ ڪاري ڪيڙائُوُ ۽ ڪاري ڪيڙائو: ذ. صفت. سمنڊ تي ڪيليندڙ ـ سمنڊ تي سفر ڪندڙ. سمنڊ تي جهاز هلائيندڙ ـ ناکئو ـ خلاصي ـ ملاح ـ ساموندي ـ جهازي:
"ڪاري ڪيڙائو، مٿي مور نہ موتيا"
(شاهه).
ـ ڪاري گهيڙائُوُ ۽ ڪاري گهيڙائُوُ: ذ. صفت. سمنڊ ۾ گهڙندڙ ـ سمنڊ ۾ سفر ڪندڙ.
ـ ڪارِهانڊو: اسم ذات. ڏنڊ جو گاهه جنهن کي مَٿي ڪاٻي.
ـ ڪارِهائُو: ذ. سمنڊ. ولايتي پاڻ جو هڪ قسم (جو ڪپڙن ڏوئڻ جي بہ ڪم ايندو آهي).
● ڪاروُ ڇاڻُ: اسم خاص. ڪراچيءَ جي ويجهو ڪناري تي، سنڌو درياء جي ڇوڙ وٽ هڪ ڳوٺ جو نالو ـ ٿي ضلعي جو تعلقو.
● ڪاروُ دَهوُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙُ: اسم خاص. تعلقي ننگر پارکر ۽ تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙُو آبرَندو: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙُو پَٽُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙُو ٽَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙُو جاگِيرَ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙُو سيرِيَنِ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪاروُڙِيُ: اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو (ڪچرڻ جي ڪنڊيءَ تي ننگر پارکر تعلقي ۾) ۽ هڪ مڪان جو نالو.

Gul Hayat Institute

● کارو ڪُن: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کارو ڪو: ذ. ڏنڊ جي شڪار وارن پکين مان بدڪن جي قسم وارو حصو- بدڪن جي هڪڙي جنس. ڪُومُرن (ل).

● کاري ع کاريُون: ث. ٽوڪري- ڏلهي- چلي- ڇبي- پنڊي- ٽپٽي. سمنڊ ۾ بيٺ- پٽارو. سمنڊ جي نوڪ، جا زمين اندر پيهي اچي- سمنڊ جي چپاٽ، جا خشڪي اندر گهڙي اچي- سمنڊ جي چاڙ- سمنڊ جي ڇاڙ. (صفت). نمڪين- تلخ. خاري- خار ڪندڙ- خار باز- ضدي- ويري- بدلو وٺندڙ- ڪُنڊؤ- عداوتي- ڪؤنسائتو- عڪسي- دشمن- ڏ جهڻ. (اسم). سمنڊ جي ڪناري تي پيدا ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم. ڪاٽي- ڪٽ (بلا) (بيلا). ڪهٽي ڪلا- بدنامي

"لوڪ جي بهتان ۽ خواري سندي،
سِرَ مٿي ڪاري ڪَٽن کي مَڙد" (گ).

(اسم خاص). تعلقي ديره محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ کاريءَ ۾ ڪٽيُن: منٽون ڪرڻ. خوار ڪرڻ- رولڻ- مشهور ڪرڻ- ظاهر ڪرڻ.

ـ کاري هيڻان کانءُ پٽجَنُ: وري ڏسڻ ۾ نه اچڻ.

ـ کاريءَ هيٺ سڄَ جو لِڪَنُ: پٽري گالهه جي لِڪَ ٽيڻ.

● کاري چار: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کاري سِيمُرَ: اسم خاص. تعلقي سيرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کاري ڪَبَڙلو: اسم خاص. تعلقي ٺٽي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کاري لاڻي: ث. اسم خاص. هڪ ٻوٽو جنهن مان سوڊا کار ٺهي (Salsola (cpi. Indent.

● کاري لَکي: اسم خاص. مرڪزي حڪومت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کاريُو: ڪلراٺي زمين تي پيدا ٿيندڙ هڪ گاهه جو گل. ٿر ۾ هڪ تڙ جو نالو. کارڻ مصدر جو زمان ماضي.

● کاريُون: اسم خاص. تعلقي ديري محبت، تعلقي گوني، تعلقي گهوڙا ٻاري ۽ تعلقي محال ڪيٽي ۾ ديهه جو نالو.

● کاڙَڪ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کاڙِڪَ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● کاڙَهو ع کاڙَها: لير جي لاءِ چُلهو.

● کاسَ: ث. خواهش جو بگڙيل لفظ. سڌ.

"جيت ناهه نهايت نينهن جي،
ڪوءِ اتي هجي کاس" (شاهه).

● کاسارُو ع کاسارا: ذ. خفو. ڪپت- ڪرڪسو- ڪيڀيت- پتوڙ- پڇاڙ- گيندڙ- د قت- ديرانپ- گهٽَ- پريشاني- ڳڻتي- فڪر- ڪٽراڳ- ڪاپارو- مغز خوري- متي هڻڻ- لتاڪو- پٽلو.

● کاسوُ ع کاسا: ذ- صفت. (خاصو لفظ جو بگڙيل) چگو- ملوڪ- وٺندڙ.

● کاسوُڙو ع کاسوُڙا (ل): ذ. وهت جو ڪنهن وڻ سان بدن جي گهڻ جي حالت- ڪؤنس- گاٽ- سُرڙ سُرڙ- پاجورو.

● کاشا: ذ. (جمع ۾ استعمال ٿيندڙ) ڪِرڙ جون سنهڙيون ڪائينون، پُراڻي واڻ جو اڪڙيل ٽوٽڙو جي ٻاري گڏي سلفي جي مٽان رکندا ته لات ڪري.

● کاشوُ ع کاشا: ذ. صفت. (خاصو مان بگڙيل لفظ) سنو- چگو- ملوڪ- وٺندڙ- قبول.

ـ کاشَلُ ع کاشَلَ (ڪ): ذ. صفت. چگو- ناهوڪو- سهڻو- سنو- پوشيدو.

● کاکاهو: پوک يا فصل کي پهريون پاڻي ڏيڻ جي حالت.

● کاکَترُ ع کاکَترَ: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم. تمام سنهي، سوڪ پڪل ماني- پاپڙ. سنهون ٽڪر (مانيءَ جو).

ـ کاکتر ڪُوکترُ ع کاکتر ڪُوکتر يُون: ث. بچت- ڪَڍي- ڪُنڊي.

ـ کاکتر ڪُوکتر ڪرڻ: ڪُڍي ڪرڻ- بچت گڏ ڪرڻ. ڪُنڊي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● کاکتڑ: اسم خاص. مرکزي حکومت م هک دیهه جو نالو.

● کاکتڑ: اسم خاص. تعلقي بدین م هک دیهه جو نالو. هک ڳوٺ جو نالو.

● کاکتڑ ع کاکتڑ (ث): ذ. تیل م تریل ء وڏو گول ٽیل پاڻڙ - کینچو.

= کاکتڑ کوکتڑ ع کاکتڑ کوکتڑون: ث. بچت سچت - اوبرسوبر - آگهه سگهه - کنهن شيء جو نکمو پاگو - شيء جو باقي بچيل ذرو - لات کوٽ. (صفت). لتلوپتنجو - کترو گنجو - ٽيڙي تامیٽي - کُٽ خلق. لُچ لُفنگو - شود و پائي - فسادي. (اسم). میڙ - گوڙ - هُل هنگامون.

= کاکوڙن: کاکوڙکرڻ - وَروَرکري ڳولڻ - ڏونڊڻ. خیال سان دوباره جاچڻ.

● کاکتڑي: اسم خاص. تعلقي کوٽڙيء م هک دیهه جو نالو.

● کاگتڑ ع کاگتڑ (ث): ذ. جبل یا ٽکر جو لاهه.

● کاگرڙي: ذ. صفت. بلکل ڏهرو.

● کامانگي ع کامانگیون: ث. سونارن جي اوزار جو هک قسم (رک جو ٽُکر، گول چگهن وارو) چُرٌ - ٽپو - مُهر - کارب.

● کامائڻ: مصدر. هتٌ لائڻ - پاکر وجهي کیرائڻ - کاپائڻ - چُهڻ. (کامائیو - کامائیندو - کامائیل).

● کامڙيا: اسم خاص. هک ذات جو نالو.

● کامڙيو ع کامڙيا: ذ. صفت. (سن. کَنٌ = کوٽڻ) کاڻي کٹندڙ - واهه يا کڙيا کوٽیندڙ - کاٽیٹر - کاٽڙيو - کوڏاريو - کڏ کوٽیندڙ. پورهیت - مزور.

● کامڻ: مصدر. بَرڻ - سڙڻ - پچڻ - جلڻ - پچرڻ - ساڙ کرڻ. حسد م جلڻ - ویر وروڌ رکڻ - ساڙ رکڻ - دشمني رکڻ - حسد کرڻ - ریس کرڻ - نہ سهڻ - هُوسُ. سڏون کرڻ. کاپڻ.

= کامر ع کامون: ث. ساڙ - کینو - پچکو - جلٌ - خلش - پچڻ جي حالت - سوزش. حسد - دشمني - ویر وروڌ - جلٌ پچٌ - ٽانڊي - هَوَس - کامڻي. بغض - ایرکا. سڌ. بدگماني - شک - خدشو. غیرت. غم - شوک - ڏک - گوندر - ارمان - افسوس. پچتاءُ - پشیماني.

= کامر پَریو: ذ. صفت. کم جي اون ء ڳٹتيء وارو هاري - اهو هاري جنهن کي کم جو سیڪ یا کهکاءُ اچي.

= کامر کاڏو ع کامر کاڏا: ذ. صفت. سڙيل - ساڙ سڙیو - ساڙي کاڏو - کامر کاٹو - اِرکاٹو - ریسارو - حاسد. ویري - دشمن. عدو. شڪي - بدگمان - اندر جو پلیت.

= کامر کاٹو ع کامر کاٹا: ذ. صفت. کامر کاڏو - ساڙ سڙیو - سڙیل. عدو - دشمن - ویري. حاسد - اندر جو پلیت.

= کامر کوسڙو ع کامر کوسڙا: ذ. صفت. بغض رکندڙ - کینو ء ساڙ رکندڙ - حاسد.

= کامیٹي ع کامیٹیون: ث. کامر - جَرَ - جراتَ - جلٌ - پچ - پچر - ساڙو - ساڙ. ڏمر - کاوڙ - رنج - غصو - چڙ - ناراضگي - وڏون. ویر - دشمني - بغض - حسد. کاغذن ء لفافن چنبڑائڻ لاءِ تیار کیل کوڙ.

● کامیٹو: اسم خاص. تعلقي ساماري م هک دیهه جو نالو.

● کامیٹي ع کامیٹیون: ث. قرڙي - چهنبو.

● کامون ع کامان: ذ. (سن. کنٌ = کوٽڻ) متيء کتل کڏ - واهه جي موافق کوٽیل کڏ - کوٽیل زمین جو ٽکر (جنهن کي ماپڻ سان کاڻيء جو حساب کري سگهجي) - کڏ.

● کامیئي: ث. کوڙ.

● کان: حرف جر. مان - وٹان - منجهان. تان. پرسان - وٹ. ساڻ. هٿان - رستي - ذریعي - هٿون. جي کري.

● کان ع کان: ذ. (خان جو بگڙیل لفظ) خانٌ. پُنهونءَ جو لقب.

● کانارائڻ: مصدر. کنهن جو کم پئي کان کرائڻ - کنهائڻ. (کانارائیو - کانارائیندو - کانارائیل).

Gul Hayat Institute

● كانٽَ ع كانٽُونُ: ث. چنتا ـ گڻتي ـ فڪر.
● كانٽِياڻ ع كانٽِياڻَ: ذ. صفت. چالاڪ ـ عيار ـ هوشيار.
● كانٽِياڻِيءُ ع كانٽِياڻِيُون: ث. (سن. ڪشِپ = اڇلائڻ) سُٽ جي وڻيل رسي، جنهن ۾ متيءَ جو گوڙهو وجهي، پڪين کي هٿجي ـ جهار (پڪي) هڪڙ جو هڪ هٿيار ـ پوڪ مان پڪين کي هڪڙ لاءِ سُٽ جي ٿهيل گِلول ـ گِليل ـ گهُٻَڻ ـ آڇل ـ ڏَڪُ ـ گِليلو.
ـ كانٽِياڻِيءَ ۾ گوڙهوُ وِجهڻُ: بدنام ڪرڻ ـ پڌرو ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ.
● كانٽِيڙِ يُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كانٽَڙَ (ث): ٿوري گهڻي تي راضي نه ٿيڻ جي حالت.
● كانٽوُ ع كانٽا (ل): ذ. (سن. ڪنّ = ڪوٽڻ) ڪَٽَ ـ ڪُوهوُ ـ جهڪاڻ ـ رستي ۾ ٽيل ڪَٽ. چِير ـ ڦوڙ. ٻنڊ ـ ڪَسِي ـ ڏورو (ڪ). (اسم خاص). سنڌ ۾ هڪ ڪاري ڏنڊ جو نالو. مرڪزي حڪومت ۽ تعلقي جاتيءَ ۾ ڏيهن جا نالا.
● كانٽِيُ ع كانٽِيُون (ڪ): ث. (سن. ڪَنّ = ڪوٽڻ). مينهن جي پاڻيءَ مان وهندڙ نديءَ ڏورڙي ـ ڪَسِي ـ ڪُور ـ پَٽُ.
● كانٽِجاڻِ ع كانٽِجاڻِيُون: ث. رنڊڪ ـ هِنڊ ـ سَنڪَٽُ ـ پڇڙي ـ اٽڪ ـ رُڪاوٽ ـ اٽڪاءُ. پَنگُ. ارچَڻُ ـ چيڙڪ ـ قَنڊو ـ رندو. ٻار جو ڪيٽو ـ ڪپت (ٻار جي) ـ ڪاپارو.
ـ كانٽِجاڻو ع كانٽِجاڻا (ل): ذ. رنڊڪ ـ جهلَ ـ آڏ ـ رڪاوٽ ـ ڪوٽِيپو ـ ڪوٽِيپتو ـ سيڙپ ـ ديڙ ـ سيڙجاڻي.
ـ كانٽِجاڻِيُ: ث. رنڊڪ ـ اٽڪ ـ خرابي. (صفت). ڏکيو ـ خراب ـ سخت ـ تڪليف وارو.
● كانٽُ ع كانٽِ: ذ. صفت. بي وفا ـ بي ايمان ـ ڪوڙو ـ بي پتيو ـ بي ويساهو ـ اندر ڪارو ـ پليت. رهزن ـ نمڪ حرام ـ نالائق ـ نِڪمّو ـ گل هِيڻُ ـ ٽوٽوانڊ ـ نڪارو ـ ناخلف ـ نامراد ـ ڪسيرڪ ـ ڪين جهڙو ـ ٻُهر جهڙو ـ ڪَٽَر جهڙو ـ بيڪار ـ بيهودو. وِيڻُ ـ وِلُوَ ـ ٽِيڙي ٽِيمٽي. لُڇو ـ هرتالو ـ شود و ـ ڏنگو ـ لغور. ائنڙو ـ شيطان. خراب ـ آواره ـ رولو چولو. گمراه ڪندڙ ـ رولينڊڙ. اوجهڙ ڈي نينڊڙ ـ آواره ڪندڙ. ڦڏائي ـ جهيڙاڪ ـ فسادي.
● كانٽِجَڻُ (ل): مصدر. جهلجڻ ـ هٿ لڳڻ ـ وارو پورو ٿي وڃڻ ـ ڪامڻ. (ڪانچيو ـ ڪانچندو ـ ڪانچيل).
● كانٽِچوُ ع كانٽِچا: ذ. (سن. ڪشيه = ڪٽڻ) وَرُ ـ وَڪَڙُ (رستي ۾) ـ ڪُٻُ ـ ڪُوهُو. ڪٽڻ ـ پاڏ. هينانهين مٿانهين ـ هينانهين ـ جهڪاڻ ـ هيناڻ ـ ٽُنگ ـ پهل ـ پرگهل ـ ڏرڙ. ڏندو. گوشو (تير جو). ڪاڻين جي ٽهيل چلي ـ ڏلهو ـ ويڪري منهن وارو ڪارو ـ ڪارو. پاڙو پٽو. وِچوٽي. ٽُٽل هنڊ ـ ديرَ ـ چِيرُ (پيٽ ۾). نقصان (واپار ۾). چوڪَ (حساب ڪتاب ۾). پڪين جو پيچرو.
ـ كانٽِچوُ ڪِيڏَنُ: ڪَٽُ ڪِيڏُ ـ ڏنڊو ڪِيڏُ. ڪڍ ڪِيڏُ ـ هيٺ مٿانهين هڪ جهڙي ڪرڻ (لوهار کو اصطلاح).
● كانڊُ ع كانڊَ، كانڊوُنُ: ذ. ث. (سن. ڪشتر = سهڻ) ڪانڊ ـ ڏيرج ـ صبر ـ سهڻ جي حالت ـ سَهَڻ شڪتي ـ صَبُوري ـ ٿامُر ـ تنڪِشا ـ سَهَڻ شِيلتا ـ برداشت ـ سَهڻي. برد باري ـ تحمل ـ ڪميا. نيازُ. ٽڪاءُ ـ بقاءُ ـ جٽاءُ.
ـ كانڊائِتوُ ع كانڊائِتا: ذ. صفت. ڏيرجوان ـ صابِرُ ـ صبرائتو ـ ڪَمندڙ ـ ڏِيرائتو ـ برد بار ـ سهن شيل ـ دير رنج ـ ڪانديرو ـ ڪمياوان.
ـ كانڊيرُ ع كانڊيرَ: ذ. صفت. ڏيرجوان ـ صابِرُ ـ صبرائتو ـ ڪمندڙ ـ ڏيرائتو ـ برد بار ـ سَهَن شَيل ـ دير رنج ـ كانديرو ـ ڪمياوان. جٽادار ـ بقادار ـ ٽڪندڙ.
ـ كانڊيروُ ع كانڊيرا: ذ. صفت. ڪانڊائتو ـ ڪانديرُ ـ صبر ۽ تحمل وارو.
● كانڊوُ ع كانڊا (ت): ذ. صفت. بي سمجهه ـ عقل ۾ گهٽ. چالاڪ.

Gul Hayat Institute

● كانڈ ع كانڈوڻ: ث. (سن. كشمر = مهڻ) صبر ـ تحمل ـ برد باري ـ گنبيرتائي ـ كاند ـ مهڻ جي حالت ـ ڏيرج. ماڻ. چپ. ٽڪاءُ ـ بقاءُ ـ جٽاءُ.

ـ كانڈائيتو ع كانڈائيتا: ذ. صفت. كمندڙ ـ صبرائتو ـ صابر ـ ڏيرجوان ـ برد بار. ٽهمر سان ـ ڏيرائتو ـ كاندائتو ـ كاندير ـ كانديرو.

ـ كانڈيرو ع كانڈيرا: ذ. صفت. كمندڙ ـ صبرائتو ـ صابر ـ ڏيرجوان ـ ديرينو ـ كانڈيو ـ كانڈير ـ كانڈ وارو (ظرف). ٽهمر سان ـ ڏيرائتو ـ تحمل سان.

● كانڈوڙي ع كانڈوڙيون (ث): ث. گهر جي گند آڇلڻ لاءِ ڪٺڙ.

● كانڈولو ع كانڈولا (ث): ذ. اڪ جي ڪاڻي. هڙلي جي تڙ ۾ ڪر ايندڙ.

● كانڈيُ ع كانڈيون (ث): ث. صفت. هڪ سيڪ پڪل.

● كانڈو ع ڪٺڻ: پڙڪائڻ ـ هڻي ڏيڻ.

● كانڈيُ ع كانڈيون: ث. سندر جو ٽڪو (نراڙ تي هڏ لاءِ هندن ۾ مذهبي رسم) ـ ليمي جي رس ۾ هيڊ جو ڳريل تلڪ.

● كانيُ ع كانيَ: ذ. (سن. كشم = سهڻ) تحمل ـ صبر ـ برد باري.

● كانڑو ع كانڑا (ث): ڪاٺ جي ٻهري.

● كانڪيتو ع كانكيتا (ل): ذ. صفت. كوشش ڪندڙ ـ محنتي ـ تڪڙو. گهر سنياليندڙ.

● كانڪلُ ع كانكيلون (ث): ث. ٽيون وچ نڪتل ڪوڏي ـ كانكيُ. تيلان ـ تيلهان (ل).

● كانكيليو ع كانكلَ، كانكيليا (ث): ذ. صفت. ٽڪل ـ ڏ هرو ـ اپرو ـ كاڏل ـ سُڪل ـ سُڪڙو.

● كانڪورَ ع كانڪورون (ل): ث. ڪاڻي ـ واهه جي صفائي ڪرڻ جي حالت ـ ميٽي وغيره ڪڍڻ جي حالت.

● كانڪاريُ ع كانڪاريون (ڪ): ث. صفت. كانگهاري ـ چوڪيدار ع گهٽي وقت جي ويڙهل. سُٽا يا آلوڙي جو ضد.

● كانگهارَنُ: مصدر. (سن. كاسَ = كنگهه) كنگهڻ ـ بلغم ڪڍڻ ـ كانگهارو آڇلائڻ. كنگهكار ڪرڻ ـ آواز ڏيڻ ـ هڪ ڪرڻ. (كانگهاريو ـ كانگهاريندو ـ كانگهاريلُ).

ـ كانگهارُ ع كانگهارَ: ذ. كانگهارو ـ گوپو ـ بلغم (جو كنگهه ۾ نڪري) ـ ڪُٽُ. كنگهكار ـ هڪ ـ آواز.

ـ كانگهارو ع كانگهارا: ذ. بلغم (جو كنگهه ۾ نڪري) ـ كانگارُ ـ انسان جي گلي ۽ ڇاتي جو بلغمي ست. ٽُڪ ـ ڪَف.

ـ كانگهاريُ ع كانگهاريون: ث. پارهن مهينن جي ويايل چوپائي ـ ڪير ٽورو ڪري ويل چوپائي ـ گهٽو ڏهائي ويل چوپائي ـ كانگهاري ـ كاهر.

● كانگهوُ ع كانگها (ث): ذ. صفت. ٽيڏو ـ آڏو.

● كانگُنُ: مصدر. سڙڻ ـ جلي پوڻ. وهت جون مچون جي ڏنگن ڪري جلڻ. (كانگيو ـ كانگندو ـ كانگيل).

● كانگيونُ ع كانگيان (ث): ذ. مصالح ڪٽڻ جو آڪرلو.

● كانگيُتو ع كانگيُتا (ڪ): ذ. ڏرن ڪوٽڻ واسطي لوهه جو هڪ اوزار ـ رنبو.

● كانوُ ع كانا: ذ. (سن. كادَ = كائيُ) كاڏو خوراڪ ـ ماني. مجلس ـ ضيافت.

● كانوُتُ: اسر خاص. هالا تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● كانوڙيُ ع كانوڙيون (ث): ث. تلاءِ جي پرسان ميٽي ڪڍڻ سبب ٽيل ڪڏ ـ ميٽي ڪٽڻ لاءِ ڪٺڙ.

● كانهارَ ع كانهارُون (ل): ث. بدن ڪي آهستي آهستي ڪنهڻ جي حالت ـ خارش ـ منڙي كهـ ـ كهيـ. بدن تي تڏڙن ڪڍڻ واري حالت.

● كانهَرَ ع كانهَرون: ث. ڪير واري مينهن (ن ـ ب).

● كانهَرُ ع كانهَرون: ث. خارش ـ مني خارش ـ كرڙو ـ تڏڙو ـ كَرَنهَن.

Gulf Dayal Institute

ـ ڪانڌر ڪرڻ: تڏڙا ڪيڻ. ريجهائڻ ـ هٿ گهمائڻ ـ پنهنجو ڪرڻ. ويجهو پوڻ ـ ڪوڻس ڪرڻ.

● ڪانڌائي: مصدر. (سن. ڪشاه=ساڙڻ) ساڙڻ ـ جلائڻ ـ بارڻ

"انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪجاڙڻا ڪانڌهين" (شاهه).

ڪاوڙ ـ سڙڻ ـ ٻرڻ ـ جلڻ ـ پچڻ. ريسجڻ ـ سڙڻ ڪرڻ. هوڙ ـ حسد ڪرڻ. ريس ڪرڻ. پائي ڪڍڻ. دشمني رکڻ ـ بيائي رکڻ ـ بغض رکڻ ـ ويرُ رکڻ ـ ساڙ رکڻ ـ ڪينو رکڻ. نه سهڻ. (ڪانڌيو ـ ڪانڌيندو ـ ڪانڌيل).

ـ ڪاڻ: (ڪانڌ مان اسر) ساڙ ـ جلاءِ ـ ساڙي چڏ.

● ڪاڻ ع ڪاڻيون: ث. (سن. ڪٽن=ڪوٽن) زمين ۾ ڌاتو يا ڪنهن بـ معدنيات جو جمع ٿيل ذخيري وارو هنڌ ـ سون وغيره ڌاتن جي نڪرڻ واري جاءِ ـ دفنيل ڌاتوءَ جو ڍڳ ـ معدني شين جي پيداوار جو هنڌ. گهٽو انداز ـ انبار ـ ڍڳ. دنيا ـ دولت ـ مال ـ خزانا ـ همياڻي ـ ڪڏ ـ ڪاهي ـ ڪوٻو ـ چڙو. تلاءُ ـ تراءُ ـ ترائي ـ دٻو ـ پاڏ ـ ڍنڍ. سمنڊ ۾ وچايل بارود (بارود جي ڪاڻ). سرنگهه. مڪان ـ جاءِ. (اسر خاص). تعلقي ميرپورخاص، تعلقي گهوڙا باڙي ۽ جيمس آباد ۾ ديهن جو نالو.

ـ ڪاڻيتو ع ڪاڻيتا (جبل. ڪ): ذ. ڪڏ ڪوٽڻ جو رَنبو.

ـ ڪاڻيو ع ڪاڻيا: ذ. صفت. ڪاڻيو ـ ڪاڻ ۾ ڪم ڪندڙ.

● ڪاڻيڻا: اسر خاص. ڪاري ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڪاڏاڙو ع ڪاڏاڙا: ذ. (سن. ڪاد=ڪاڻ) رسوئي گهر ـ بورچيخانو ـ رڌ ٽو ـ رنڌ ٽو ـ ڪرانڊو ـ رڌڻ پچائڻ جي جاءِ ـ چونڪو.

● ڪاڙيو ع ڪاڙيا (ث): ذ. سال جي چاري (گوار وغيره) رڌڻ لاءِ ٽاڻڻ.

● ڪاڻو ع ڪاڻا: ذ. صفت. جليو ـ پچيو ـ سڙيو ـ پچريو ـ باهه ٽيو ـ تتو. پنهنجي ڪندڙ ڪم تان پلجندڙ. عشق جي باهه رکندڙ. چلمڙدو. (مصدر. ڪاڻ: ڪاڻو ـ ڪاڻندو ـ ڪانيل).

ـ ڪاڻي ع ڪاڻيون: ث. صفت. (مصدر. ڪاڻ ـ ڪاڻل ـ باهه جي سڙيل. تمام گهڻي ڏکويل (زالن جو اصطلاح) پيٽ پاراتي جو لفظ ـ سڙي ـ نياڳي ـ اپاڳ

"پنوهارن پڙهيو، ڪاڻيءَ سندو ختمو" (سانوڻ).

(اسر خاص). تعلقي ميرپورخاص ۽ ساماري ۾ ديهن جا نالا.

ـ ڪاڻيءَ مانيءَ تان ڪٽل نه لاهڻ: ڪنجوسي ڪرڻ ـ ڪنجوس ٿيڻ.

ـ ڪاڻيل ع ڪاڻيون: ث. صفت. ڪاڻل ـ سڙيل ـ جليل ـ ماني يا پٽ جو سڙيل پاڳو ـ تماڪ جو سڙيل حصو. (اسر خاص). تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪاڻيڻ ع ڪاڻوڻ (ت): ذ. خان زادو.

● ڪاڻي راجڙ: اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪاڻي مگريا: اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۽ تعلقي ڪپري ۾ ديهن جا نالا.

● ڪاوڙ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪاوڙيا: اسر خاص. ٿر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڪاهه ع ڪاهون: ث. (سن. ڪشب=ڪاوڙجڻ) ڏمر ـ ڪاوڙ ـ ڪروڌ ـ غصو ـ وڙون ـ چڙ ـ رنج. ويـر ـ دشمني ـ ايرڪا ـ عڪس ـ خصومت ـ ڪينو ـ خار ـ چاوت ـ تعصب ـ بغض ـ بدخواهي ـ ڪوڻس ـ ضد ـ عداوت ـ ضديت ـ عداوتو. فساد ـ تڪرار ـ خارش. تمام وڏو لوڙهو.

ـ ڪاهه رکڻ: ضد رکڻ ـ دشمني رکڻ.

ـ ڪاهيڙي ع ڪاهيڙي: صفت. ڪوڻس ڪندڙ ـ ساڙ يا حسد ڪندڙ ـ دشمن.

● ڪاهه: اسر خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● كاهرَ ع كاهرُونْ (ت): ث. مٽيءَ ۽ واري گڏيل.
● كاهڙُ: ذ. اسر خاص. ٿر ملڪ جي وَتَ ۽ ڊَتَ واروحصو-مارُئيءَ جو ملڪُ.
● كاهڙيا كائِر:
"كسيائون كائر ڏي ساري هاج هيٺان"
(شاهه-ماروئي).
● كاهوْ ع كاها: ذ. كاهي-خندق-اونهي كنڊ.
- كاهوْ ڏِيَنْ (ث): پڇي وڃڻ.
● كاهُو: ث. ليڊ جي دَرَ ۽ واري گڏي ڪچي ٽانوَ ۾ پيل سير کي پچائڻ کان اڳ بند ڪرڻ جي حالت. (ن-ب).
● كاهوڙائِنْ (ت): مصدر. دشمني ڪرڻ.
● كاهوڙِي ع كاهوڙِيْ: ذ. صفت. (سن. شاب = نالو لوڏرا وڻ جو) ڦيٽائي-منتر باز-منتري-منڊ رکندڙ (نانگ جي چڪ تي)-جهاڙ رکندڙ-جهاڙائي-مانڊو. ڏٺ تي گذران ڪندڙ-ڏٺ ڏوريندڙ-جبلن تي ڏٺ گهوليندڙ ڏوٽي (هڪڙا کيتي وارا پيا مال وارا ٽيان کاهوڙي ۽ چوٽا بکياري). محنتي-اوڃ
"كاهوڙيُن خفي كانَ سوجهي لڏو سبحان"
(شاهه-كاهوڙي).
كاهوڙي-كاهيندڙ-ڏورِيندڙ. ارادي جو پڪو-اٽل فيصلي وارو. (اسر خاص). منگواڻن جو هڪ پاڙو (جنهن کي اصل ۾ ڏوٽي هڻڻ سبب ايا كاهوڙي سڏين).
- كاهوڙائِيْ ع كاهوڙائِيُونْ: ث. پرنُ-پڪو ارادو. قصد-انجام-نهراءُ-اٽل فيصلو-نبيرو-وچن.
- كاهوڙِجَنْ: مصدر. پڪو ٿيڻ-اِسْتَر ٿيڻ-هڪ متيو ٿيڻ-هڪ ڳالهه تي بيهڻ-اَٽل ٿيڻ. قصد ڪرڻ-پڪو پرنُ ڪرڻ-كاهوڙائي ڪرڻ-فيصلو ڪرڻ-نبيرو ڪرڻ. (كاهوڙبوْ-كاهوڙيندو-كاهوڙيل).
- كاهوڙوْ ع كاهوڙا: ذ. صفت. پڪو-اِسْتَر-پختو-اٽل-هڪ ڳالهيوْ-هڪ متيو-ڏِيُرُ-پڪي ارادي وارو-قصد ڪندڙ-نهراءُ ڪندڙ. آسُڙ-مَتَرُ-مَتَدَرُ. نهرايل. (اسر خاص) ڪچ ملڪ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
● كاهِيْ ع كاهِيُونْ: ث. (سن. كَنَنْ = كوتَنْ) كڏ-خندق-چري-شهر يا قلعي جي چوڌاري كوٽيل كڏ. ڪَسي-واهي. ان ڪٽڻ لاءِ ۾ پورا گڏ سبيل-كڙيو-خُرزين-پوري-پورو. (اسر خاص). تعلقي سڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيارُ ع كاهِيارَ (ڪ): ذ. صفت. (سن. كادَ = كائِنْ) گهٽو كائيندڙ-كايارُ.
● كاهِيْ بِيرُوْ: اسر خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ پَكُّوْ: اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ جاگِيرَ: اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ راهُوْ: اسر خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ قاسِرُ: اسر خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ ڪَچُوْ: اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ مَمَنْ: اسر خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاهِيْ مِيهُوُنْ: اسر خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاءُ ع كاءَ: ذ. (سن. كِدْ = غم ڪرڻ) غم-ڏک. ٿانءُ. دلو-گهڙو.
● كائِرُ: اسر خاص. هڪ مڪان جو نالو. ٿر ملڪ جي آتر وارو وڏو پاڳو. كائُڙِ.
● كائُڙِ: اسر خاص. ٿر ملڪ جو آتر وارو وڏو پاڳو-كائِرَ.
● كائِنْ: مصدر. (سن. كادَ = كائِنْ) ڪنهن شيءِ کي وات ۾ چاڙي اندر نيڻ-چاڙي گهڻ-چاڙڻ. چڪ وجهڻ-ڏنگڻ-چڪ پائڻ-ڏاڙهڻ-ڏنگ هڻڻ-ڪٽڻ (نانگ وغيره جو). پائڻ-

Gul Hayat Institute

ڪائي ڇڏڻ ـ ڇٽ ڪرڻ ـ ناس ڪرڻ (درياءَ جو ڪناري کي) ڪٽڻ ـ ڪاڌ ڪرڻ. ڍاهڻ ـ ميٽائڻ ـ گسائڻ ـ خراب ڪرڻ. آڏائڻ ـ وڃائڻ ـ کوهڻ ـ کپائڻ ـ ڪائي کپائي ڇڏڻ ـ ساڙڻ ـ هضم ڪرڻ. سَهڻ ـ برداشت ڪرڻ (گاريون وغيره). جهلڻ ـ پيئڻ (ڏک سور وغيره). ڇٽ ڪرڻ ـ برباد ڪرڻ ـ پاڙ پٽڻ. هرج پوڻ ـ تاوان پوڻ ـ نقصان ٿيڻ. رشوت وٺڻ ـ وڍي وٺڻ. ڳڙڪائڻ ـ ڏڦڻ ـ ڏوڙ ڪرڻ ـ پيٽ پرڻ. قسم کڻڻ. وٺڻ ـ حاصل ڪرڻ. محسوس ڪرڻ. (اسم). ڪاڇ ـ ڪاڏو ـ کپڻ ـ طعام ـ آهار ـ غِذا ـ خوراڪ ـ قوت ـ گذران ـ خورش ـ چوڳ ـ چوڳو ـ چوٽو ـ چارو. سانيَ ـ ڪانو ـ پوچن.

▬ ڪائيڙَ جوُ ڪچرُوُ: ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ.

▬ ڪائيٽِي ۽ ڪائيٽِيُونُ: ث. ڪائڻ جو نمونو ـ ڪيٽي.

▬ ڪائيٽِي پيٽَائِي ۽ ڪائيٽِيُونُ پيٽَائِيُونُ: ث. ڪاڏو ـ طعام ـ چوڳو ـ چوٽو ـ غذا ـ خوراڪ.

▬ ڪائُوُ ۽ ڪائُوُ: ذ. صفت. ڪائيندڙ ـ ڳرڪائيندڙ ـ ڳڙڪائيندڙ ـ ڏَڦيندڙ. ڦاٽندڙ ـ وَڏ پيٽو ـ پيٽُو ـ پيٽير ـ هَيڇي ـ گهٽو ڪائيندڙ ـ گهٽَ ڪايار ـ چَڊِوُ ـ پيٽوڙي ـ هڙپ ڪندڙ. رشوتخور ـ رشوتي ـ وڍيخور ـ وَڍَيَرُ. مهنگڙيات. نَڪُ. چتوڙو ـ گهٽ خرچائُو.

▬ ڪائُو پاتُ ۽ ڪائُو پاتَ: ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ. رشوت وٺندڙ ـ رشوتي.

▬ ڪائُو پتُ ۽ ڪائُو پتَ (ل): ذ. صفت. آزمودگار ـ هوشيار ـ چالاڪ ـ گهاتُ. خِرانتُ ـ پوڙهو. رشوتي.

▬ ڪائُوقاتُ ۽ ڪائُوقاتَ: ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ. رشوتي.

▬ ڪائيِ اِئيِ ٽِيَنُ يا لَٽ ٽِيَنُ: سوڪو ٽيڻ. ڏوڙ ڪرڻ ـ رڄ ڪرڻ.

▬ ڪائيِ چَڙ هَنُ: وڏو پاڳو عمر جو پورو ٿي وڃڻ ـ پوڙهو ٽيڻ.

▬ ڪائيِ ڪَپِيِ وَڃَنُ: دنيا ڇڏي وڃڻ ـ مري وڃڻ ـ وفات ڪري وڃڻ.

▬ ڪائِيِنْدَڙُ ۽ ڪائِيِنْدَڙَ: ذ. صفت. ڪائُو ـ ڪايار ـ ڪايارو.

▬ ڪائيِ وَڃَنُ: نَڪَنُ ـ ڪُٽائڻ ـ خورد برد ڪرڻ ـ غصب ڪرڻ (پيسا) ـ خيانت ڪرڻ ـ بي ايماني ڪرڻ ـ هضم ڪري ڇڏڻ.

● ڪائُوڙِيُ: اسم خاص. تر ۾ رهندڙ ڪرن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڪائيِ ۽ ڪائِيِيُونُ: ث. ڪاهي ـ خندق.

● ڪايارُو ۽ ڪايارا: ذ. صفت. ڪاڇُو ـ ڪاڇِروُ ـ ڪائڻ لائق ـ ڪائڻ جهڙو ـ ڪائڻ جو.

● ڪَبِيراڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪَبِيروُ ۽ ڪَبِيرا: ذ. (ع. خبر=ڄاڻ) خبر ـ ڄاڻَ ـ دانهن ـ رڙ ـ واڪو ـ آواز ـ ڪوڪَ. آهَ ـ فرياد. هاڪر ڪتو. هاڪارَ ـ واويلا.

▬ ڪَبِرا پَرَنُ: دانهون ڪرڻ ـ ڪيڪون ڪرڻ.

▬ ڪَبِرا پَوَنَ: رڙيون ٽيڻ واڪا ٽيڻ ـ سڏ ٽيڻ ـ دانهون ٽيڻ ـ ريهون ٽيڻ ـ راڙها ٽيڻ.

● ڪَبِرِيُ پِيتَ: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪَبِريڙو: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪَبَڙُ ۽ ڪَبَڙَ: ذ. وٺ جو هڪ قسم. ڪاري چار ـ ڪَبَڙَ (ث. ڪَبِڙِيُ ۽ ڪَبِڙِيُونُ).

● ڪَبَڙِ چاچڙِ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪَبَڙَ لَڪَمِيرُ: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● ڪَبِيُ: مصدر. ڪَبَنُ مان. ڪٽڻ. ڪٽي.

● ڪَبَ ۽ ڪَبُونُ: ث. ور ـ وڪڙ ـ وَٽُ ـ پيچ ـ خم ـ گهيرو ـ سَرُ. ڪَڏَ ـ ڪُوهُ. زمين ۾ سوراخ. ڪاڏي ـ ڪاڏيءَ واري سير. ڪاڻيءَ کي هڪ طرف اندر وَڌُ. اها سينهن جنهن جو هڪ سڳ سِڌو ٻيو ڦِڏو هجي يا هيٺ مٿي هجي. گوڙ ـ ٻَڪ.

Gul Hayat Institute

ـ كتب كترڻ (ل): اجائي واهيات بكوات كرڻ.

● كتبُ ج كتبَ (ل): ذ. ڏرُ ـ پيرُ. كوهو ـ كنڊ ـ گپ ۾ پير جو نشان. ڏنگ ـ چپ ـ خم ـ وَرُ. هيٺين چاڙي (ل. ث). ڏاڙهي. كنڊ. ريش ـ ڏٺ. اهو هنڊ جتان وڻ جا ۾ ڏار ڏنن. (صفت). ڏائو.

● كُبُ ج كُبَ: ذ. (سن. كترُبَ = لُولو لتنگڙو، ڏنگو، ڏيڏو) كنڊ ـ كوهو. سوراخ ـ ٽُنگ ـ ڏنگ ـ ڏيڏ. گهاؤ. گپ ۾ پير جو نشان.

ـ كُبُ كُبَ: كنڊون كُوهڻ.

● كُبِتُ ج كُبِتَ: ذ. صفت. گاڏي يا ائٽ ۾ كبي پاسي يا كبي هٿ تي وهندڙ ڏاند.

● كُبَ جو لڪُ: كيرٽر جبل ۾ هڪ لڪ (لنگهه) جو نالو.

● كتبَرلوُ: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كتبڙُ ج كتبڙَ: ذ. وڻ جو هڪ قسم. ڪاري ڄار.

ـ كتبڙِيُ ج كتبڙِيُون: ث. وڻ جو هڪ قسم ـ ڄار ـ كتبڙ.

● كتبڙوٽُ: اسم خاص. هڪ شهر جو نالو.

● كتبڻُ (ل): مصدر. كتبَ كرڻ ـ كاٽ ۾ گهپو كرڻ. چر ۾ كڏ كرڻ. لوهه كي وَرُ ڏيڻ. آلي زمين ۾ گهمڻ سان كُبُ كرڻ. لتڙ كرڻ ـ لتاڙڻ ـ لتوڙ كرڻ ـ پير ڏيڻ (آلي زمين ۾). (كبيو ـ كبندو. كبيل).

● كتبِڻُ (ت): مصدر. كوڻڻ. ٽُنگ كرڻ.

● كتبُ ج كتبا: صفت. ڏائو ـ ڪاهو. (ث. كتبي ج كتبيُون).

ـ كتبُ لتنوائِڻُ: خوش نصيب هجڻ ـ سياڻو هجڻ.

● كتبُ ج كتبا: ذ. سوراخ ـ ٽُنگ ـ ڏرڙ.

● كتبُوسُ ج كتبُوسَ: ذ. صفت. ڏاڙهي مڇن جي وارن كان سواءِ ماٿهو ـ كسرو. كتبُوسڙو ـ سُڪل ـ سڙيل. (ذ). ويڪري جُتي (ث).

● كتبي ج كتبِيُون: ث. صفت. ڏائو پاسو ـ ڪاهي. ڏاند كي هڙ وهڻ وقت، ڪاهي پاسي ورڻ جو حڪم.

ـ كتبِيُ اكُ قترُكتڻُ: نقصان ٿيڻ جو ستون ٿيڻ.

● كتبُو ج كتبا: ذ. سوراخ ـ ٽُنگ.

● كتتُ ج كتتَ: ذ. (سن. كتشت. خط) خط ـ چٽي ـ ڪاگر. حساب ـ ليكو. سنهون چيهڪ ـ زخم ـ چير ـ قاڙ. ڏاڙهيءَ جي هيٺين يا متين حد (خط).

● كتتَ ج كتون، كتتِيُون: ث. سڌي ڪاڻيءَ مان نڪتل ننڍي شاخ ـ ڪاڻيءَ جو سنهي چهنب وارو ٽڪر ـ ڪاڻيءَ جي جهل ـ سنهي چپر. چيت. ناڙ ـ ناڙو ـ سُنڊو ـ ڪُتي ـ ناڙي ـ ڪانگڙ ـ پيلاڙ. وڻ يا جوڙر پاڻهر وغيره جي پاڙ ـ ڪانهي جي پاڙ. صفت. وڏي عمر وارو ماٿهو ـ پوڙهو.

● كتابِيُ ج كتابِيُ: ذ. صفت. (ع. اصل لفظ كتابي = كتاب وارو ـ شاگرد) كتاب وارو ـ مكتبِيُ ـ مكتب وارو ـ شاگرد.

● كتابِڻُ: مصدر. آتارڻ ـ نقل كرڻ ـ داخل كرڻ ـ درج كرڻ ـ داخلا كرڻ ـ چاڙهڻ (حساب كتاب جي وهيءَ ۾). روزنامچه تان رقمون كاتن تي آڻڻ ـ كاتي واري وهيءَ ۾ وجهڻ ـ كاتي ۾ داخل كرڻ.

● كتبِرِيُ ج كتبِرِيُ: ذ. (سن. كشتريه) هندن جي هڪ ذات جو نالو. هندن جي چئن ورڻن مان هڪڙو ورڻ. (صفت). جنگي ـ فوجي ـ سپاهيانه. (ث. كتبِراڻِيُ ج كتبِراڻِيُون).

ـ كتبِرُكوُ ج كتبِرُكا: ذ. صفت. كتريءَ جو.

● كتبِرُپالَ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● كتتنگُ ج كتتنگَ: ذ. صفت. چالاڪ ـ هوشيار ـ محنتي.

● كتتنُ: مصدر. آتارڻ ـ نقل كرڻ ـ روزنامچه تان رقمون كاتن تي آڻڻ ـ كتائڻ. (كتيو ـ كتيندو ـ كتيل).

Gul Hayat Institute

● كُتّڻُ (ك): مصدر. كوڑڻ - هڻڻ. (كُتو- كُتندو - كُتل).

● كتوُ: (كُتّڻُ مصدر مان اسم مفعول) پورو ٿيو- وكامي ويو - كپي ويو. پچاڑي - آخري - پچاڻي.

● كُتوُ: (كُتّڻ مصدر مان اسم مفعول) كوڙيو- لڳايو - ٽنبيو - وهاريو - بهاريو - جمايو. (صفت). ماڳائتو - برقرار - آپو.

▬ كُتا جَواب ڏيڻُ: لحاظ نہ رکڻ - خودبون ورنديون ڏيڻ - حق گوئي كرڻ.

● كُتيُ ج كُتيُون: ث. (پرا. كاڙِٹا. سن. كاشٹا = كاك) سُنيدو - پاڙَ - بُوڑو - پُٹ - كُٹ - ناڑو - لاهہ - بُنبڌي - بُنبڌڑي - پونڌڑي. آنَ جو كانگڑ. زمين جو مالكاڻو. نندي سنهي كاڻ جي ڏبلي جنهن ۾ ڪنهن زماني ۾ قندار مان انگور ايندو هو.

"كُتيُون كين كسن، ڪنهن جنهن آگهر آپيون"
(شاهہ آسا)

● كُتيُجانُ: اسم خاص. (ع. خدِيجَہ جو بگڙيل) عورت جو نالو.

● كُتيُروُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● كُتيُروُ: اسم خاص. تعلقي فيض گنج (ضلعي خيرپور) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● كُتُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● كِتِ ج كِتَ: ذ. صفت. (سن. كِنّ: كِدِ = تنگ كرڻ) ڪو- لڇي - شرمسار - لڇارو - شرمندو - ڪِكو وِ كو - پشيمان (ل). ٽڪل - خفي - عاجز. خراب (نشي ۾). (ت).

▬ كِتِ كَرَنُ: ورچائڻ - چيڑائڻ - تنگ كرڻ - كَپائڻ - كِجائڻ - ستائڻ - هلاڪ كرڻ - دِق كرڻ - جند كائڻ - چنڙڻ - بيزار كرڻ. تُنبَڙ - تُنباڙڻ - پيچڻ (كپه).

● كِتا: اسم خاص. ذات جو هڪ قسم.

● كُتّابُ ج كُتّابَ: ذ. اسكول - مكتب - مدرسو.

▬ كُتّابِيُ ج كُتّابِيُ: ذ. صفت. پڙهندڙ - مكتبي - اسكولي.

● كِتِر كِتِر: آتش بازي جو هڪ قسم. ڦتاكو. بازيليءَ جو هڪ قسم.

▬ كِتِرِل ج كِتِرِلِيُون (ل): ث. صفت. كريل - خراب - اجائي - قريل - واهيات.

● كِتِرِيَل ج كِتِرِيَلَ: ذ. صفت. گندگي وارو - گندو - كِنو - واهيات - بكواتي. وائڙو - چيگرو.

● كتَڙ ج كتَڙُون: ث. صفت. (سن. كُتّهہ = گاهہ) پلهي زورائتي گاهہ واري زمين.

● كُتّڙُ: اسم خاص. تعلقي گوني، تعلقي حيدرآباد ۾ ديهن جا نالا. (اسم). گاهہ جو هڪ قسم. (صفت). بي همت. (ت).

● كُتّڪَڻُ: مصدر. طبيعت ۾ محسوس ٿيڻ - هُرڻ. (كُتّكِيوُ - كتكندو - كتكيل).

● كِتّڻُ: مصدر. كِسڻ - قاڻ - گسّڻ. گرڻ - كمزور ٿيڻ. عقل كان خطا ٿيڻ. وڃڻ. (كِڙو - كسندو - كِتّل).

▬ كِتّلُ ج كِتّلَ: ذ. صفت. قاتل - قاتي ويل - كِسل - كِسي ويل. گريل - هيڻو - كمزور. كريل (ث). كيڙيل. بيوقوف.

▬ كُتّڻُ: مصدر. كُسڻ - پاڻيهي وار لهڻ - كنهن ماڻهو يا جانور جا كنهن بيماري سبب وار لهڻ. (كُتوُ - كُسندو - كُتّل).

▬ كُتّلُ ج كُتّلَ: ذ. صفت. كُسي ويل - قاتل - قاتي ويل. گريل - هيڻو - كمزور.

● كُتّڻگوسُ ج كُتّڻگوسَ: ذ. صفت. چمچوس - كنجوس - مكي چوس - بخيل - پكو - پيچي. روگي.

● كتورُ: مرد جو نالو.

● كتوُ ج كتا: (سن. كَنتا) آنَ (پشم) مان ٺهيل لوئي - بلنكيٽ - كمبل - كمل - ڏوڙو - كتي - اوني چادر. پاڻيءَ هيٺ آيل گاهياري زمين.

▬ كتانئُونُ ج كتانئُوان: ذ. صفت. كتي جي رنگ جهڙو. (اسم). ڏگي جو هڪ رنگ.

Gul Hayat Institute

ـ ڪتائنين جوڙي: ڪٽي جهڙو ڪپڙو ـ سادي اوني ڪپڙي جو هڪ قسم ـ لوئي.
ـ ڪٽو پوري پاڳو ڪرڻ: هروپرو هيسائڻ. ٽنگي ڪرڻ.
ـ ڪٽو ڪڙيو ڪٽي پنيان پوڻ: سچيءَ دل سان ڪم کي لڳڻ.
ـ ڪٽي آڻائي وڃڻ: خسيس ڪالهه تي نقصان هيٺ اچڻ.
ـ ڪٽي جي ڳنڍ: سوڏو ـ پٽ جي ڏور. ديري هٽڻ شيءِ.
ـ ڪٽهرن: جمع. ڪٽو ڏيکيندڙ.
ـ گلبهار: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گل ٽڪن: صفت. گلن جهڙا چٽ ٽڪن ـ گلڪاري ڪيڻ ـ چتسالي ڪرڻ ـ نقش نگاري ڪرڻ ـ اڪر جو ڪم ڪرڻ.

ـ گل پشپ ۽ گل پشپ: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گلپوش ۽ گلپوش: ذ. صفت. گلن جو ڍڪ ـ پشپ متڪ.

ـ گل جافر ۽ گل جافر: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گل جاولي: ذ. گل جو هڪ قسم. جاء جو گل. (ن ـ ب).

ـ گل جاء: ذ. جاء تي ٿڪڻ واري وَل جي گل جو هڪ قسم ـ گل ياسمين.

ـ گل جليل ۽ گل جليل: ذ. رنگڻ ۽ دوائن جي ڪم ايندڙ گل جو هڪ قسم (گل آڇا گلاب جي گل وانگر ۽ خوشبوء ڪتوري جهڙي).

ـ گل جهڙو ٿي ڇوٽ: صاف ٿي ڇوٽ ـ سهڻو لڳڻ ـ چمڪ ـ زيبائتو ٿيڻ. نازڪ بدن ٿيڻ ـ گل اندام ٿيڻ.

ـ گل چنبيلي: ذ. گل جو هڪ قسم (هي گل آڇا خوشبوء دار آهن، سندن سنگهڻ اڏ مٿي جي سور کي فائدو ڪري ٿو ۽ سندس تيل دوائن ۾ ڪم آچي).

ـ گل چندن: ذ. گل جو هڪ قسم (ت): شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار کان گلن چونڊائڻ جي هڪ رسم ادا ڪرائڻ ـ گل ميڙڻ ـ گل ميڙ (شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٽن تي ڪپهه جا ذرا ذرا رکي ڇوء گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي جي مٽن تان آهي گل چونڊين). عيش ڪرڻ ـ مزا ماڻڻ ـ عيش عشرت ڪرڻ.

ـ گلچهرو ۽ گلچهرا: ذ. صفت. گلاب جي گل جهڙي صورت وارو ـ گل جهڙو حسين ـ سهڻو ـ خوبصورت ـ وٿندڙ.

ـ گل چين ۽ گل چينَ: ذ. صفت. گل چونڊيندڙ. تماشو ڏسندڙ.

ـ گل چيني مٿهن ۾ ڏيڻ: روبرو مهڻو ڏيڻ ـ عتاب ڏيڻ ـ ڏوراپو ڏيڻ ـ مهڻو ڏيڻ ـ طعنو هڻڻ ـ ويڻ وجهڻ.

ـ گل چيني هٿ ۾ ڏيڻ: ڳالهه جو تت پڌائڻ ـ ڳالهه جو ڳالهه جو مقصد پڌائڻ ـ مطلب جي ڳالهه ڪرڻ.

ـ گل حنا: ذ. گل جو هڪ قسم ـ مينديءَ جو گل.

ـ گل خطمي: ذ. نيري رنگ جي گل جو هڪ قسم.

ـ گل خزان: ذ. گل جو هڪ قسم ـ آسماني رنگ جو گل (لاجوردي رنگ خوشبوء دار گل ٿئي ۽ دوائن جي ڪم اچي).

ـ گل خطمي: ذ. گل جو هڪ قسم ـ خيڑي جو گل.

ـ گلخن ۽ گلخن: گلن جي عرق ڪيڻ جو ٿانءُ ـ قرنتقل.

ـ گل خندان: ذ. ٽڙيل گل ـ گل شگفته ـ ڪڙيل گل. هڪ ڪتاب جو نالو. (جانعالم جو قصو).

ـ گل خيرو ۽ گل خيرا: گل جو هڪ قسم.

ـ گل خيرو ۽ گل خيرا: ذ. گل جو هڪ قسم (نيري رنگ تي) ـ گل خطمي يا گل خيرو ـ دوا ۾ ڪم ايندڙ گل.

ـ گل خيري: ذ. گل جو هڪ قسم (سوسني رنگ تي هيڏاڻ ماڻل، جو تپ ۽ جگر جي گرميءَ لاءِ رات جو پسائي فجر جو جهڳي ـ مصري وجهي پيار جي ته فائدي مند آهي).

Gul Hayat Institute

ـ گلدانُ ع گُلدانَ: ذ. صفت. گلن رکڻ جو ٽانءُ ـ گلدستو. گلاب داني.
ـ گلُ دائودِيُ ع گلُ دائودِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم (هيءُ گل هيڊي ۽ گاڙهي رنگ تي ٿورو خوشبوءِ دار ٿئي، هيڊڪي، دستن ۽ تپ لاءِ گاڙهي پيئجي تہ فائدي مند آهي).
ـ گلُ دَستُوُ ع گلُ دَستا: ذ. صفت. گلن جو ويڙهو ـ گلن جو مجموعو ـ گلن جي ٻدل مُٺ ـ گلن جو ڇڪو ـ گلن جو ٻدل مُٺيو ـ ويڙهو ـ مُٺکو ـ جهُمٽو ـ مُشقُر. گلن جي رکڻ جو ٽانءُ ـ گلدانُ.
گلدوزُ: ذ. گلن سان پرت پريل ـ قُولدار. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم ـ گلدار ساٽين ـ قُولدار ريشمي ڪپڙو.
ـ گلُ ڏاڙهُونُ ع گلُ ڏاڙهُونُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ ڏاڙهونءَ جي وَڻ جو گل ـ گل انارُ. گل اڇو، بنفشي ۽ زردي رنگ تي ٿورو خوشبوءِ دار ٿئي ۽ دوائن ۾ ڪم اچي.
ـ گلُ رُبا ع گلُ رُبا: ذ. صفت. گل جي شڪل جهڙو ـ گاڙهو گلو ـ حسين ـ سُهڻو ـ وٽندڙ ـ خوبصورت. دلربا ـ محبوب ـ معشوق.
ـ گلُ رُخُ: صفت. گل جي صورت سان مشابهت رکندڙ ـ سُهڻو ـ حسين ـ خوبصورت ـ گلربا ـ گلعذار ـ گاڙهو گِلو.
ـ گلُ رَعِنا: ذ. گل جو هڪ قسم (ڦ رنگو، اندران گاڙهو ۽ ٻاهران ڦيڪو ٿئي).
ـ گلُ رَنگَ: ذ. صفت. گل جهڙو رنگ ـ گلابي ـ گاڙهاڻ مائل ـ قرمزي رنگ. گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم ـ گلابي رنگ وارو گهوڙو.
ـ گلُ روءِ ع گلُ روءُ: ذ. صفت. گل جهڙي شڪل جهڙو ـ گاڙهو گِلو ـ گلعذار ـ گل رنگ ـ گل رُخ ـ گلربا ـ حسين. خوبصورت وٽندڙ ـ محبوب ـ معشوق ـ متُ.
ـ گلُ زارُ ع گلُ زارَ: ذ. صفت. ڏڻ سان پريل ـ چمنُ ـ ٻاغ ـ باغيچو ـ گلستان ـ قُولاڙي ـ تختہ گل ـ گلن جي ڪياري. شاداب ـ خوشآب ـ هريو پريو ـ سرسبز ـ تازو توانو. ڊولائتو ـ موچارو ـ اوگهو ـ سُهڻو ـ وينگس ـ زيبائتو ـ شڪيل ـ ڏجُ متج جهڙو ـ سدا ملوڪ ـ چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو ـ خوبصورت. رنگدار قول ـ سُهڻا چِتَ ـ نقشُ.
ـ گلزارِيُ ع گلزارِيُونُ: ث. قُلواڙي. هريالي ـ ساوڪ. سُونهن ـ سهڻائي. گلڪاري ـ نقشبندي ـ چِتسالي.
ـ گلُ زَعفرانُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ زعفران جو گل ـ ڪيسر جو گل.
ـ گلُ زَنگِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ خوشنما گاڙهي ۽ اڇي رنگ تي گل ـ دوائن جي ڪم ايندڙ گل. (ن ـ ب).
ـ گلِستانُ ع گلِستانَ: ذ. صفت. (ف). گلن جي جاءِ ـ باغيچو ـ باغ ـ چمن ـ گلزار ـ واڙي ـ قُولستان ـ قُلواري.
ـ گلُ سُورِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم.
ـ گلُ سُوسَنُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ آسماني رنگ جو گل.
ـ گلُ سُوءِ: ث. گل جي بُوءِ ـ سُرهي بُوءِ ـ هُڪار ـ خوشبوءِ ـ سُگنڌ. دلداري ـ ميڙي ـ ساهيڙي ـ سڃڻ ـ لڏڻ ـ منٿار.
ـ گلُ شَڪَرُ: ذ. صفت. گل جا پَنَ ۽ ڪنڊ ملائي ٺاهيل هڪ قسم جو مرڪب ـ گلقند.
ـ گلُشَنُ ع گلُشَنَ: ذ. صفت. گلن جي جاءِ ـ گلن جو ٻاروـ باغ ـ باغيچو ـ چمن ـ اِرم ـ گلستان ـ قُلواڙي ـ قولستان ـ گلزار.
ـ گلُ صدُ بَرُگُ: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم ـ سئو پَنن سان گل ـ گينڊو گل.
ـ گلُ صَنُوبَرُ: ذ. گل جو هڪ قسم. (ت). هڪ عاشق ۽ معشوق جي خيالي نالن تي بدل ڪهاڻي. "گل با صنوبر چِکَرد".
ـ گلُ عَبّاسِيُ: ذ. عجب جهڙو گل ـ عجيب قسمن جو گل (هي گل خوشبوئدار آهي، صبح کان رات تائين طرح طرح جا رنگ ڪيڏي،

Gul Hayat Institute

جيئن تہ "فجر جو آڇو، منجهند جو ڪارو، رات جو ڳاڙهو وغيره" اهڙي ريت رنگ ڦيرو بدلائي [انهيءَ ڪري هَنڌَ رنگي (سَت رنگي) گل ۾ چوندا اٿس، سنگهڻ ۾ دل ۽ دماغ کي قُوَتَ ڏئي).

▬ گُلُ عِذارُ: ذ. صفت. (ف. ع). گل جي شڪل سان مشابهت رکندڙ شڪل وارو - گُلُ- ڳاڙهن رُخسارن وارو - ڳاڙهہ ڳِلو - ڳاڙهہ ڳِلو- خوبصورف - سُهڻو - حسِينُ. معشوق - محبوب.

▬ گُلُ فامُ ≋ گُلُ فامَ: ذ. صفت. (ف). گل جي رنگ جهڙو - گلابُ جي گل جهڙو - ڳاڙهہ ڳٽو - ڳاڙهہ ڳِلو - گل انڊامُ - گل رُوءِ - گُلرخسارو - گلسُوءِ - ڳاڙهہ ڳِلن وارو - سهڻو - خوبصورت - حسين. محبوب - معشوق.

● گُلْقَنْدُ ≋ گُلْقَنْدَ: ذ. صفت. گلاب جي گلن جو ناهيل مُرڪب - گلاب جي پَٽن سان ڪنڊ ملائي ناهيل هڪ قسم جي معجون - گُلُ شَڪَرُ.

▬ گُلُ کارِيُ ≋ گُلُ کارِيُون: ث. صفت. باغ ۾ گلن جو ڇڇتو - گهڻن قسمن جا گُل - مزيداري - ڇڇتو - بَهاري - قلواڙي - گُلزارِيُ. گل چٽڻ جو ڪم - نقشبندي - نقاشي - چِٽسالِي - ڪَمانگري.

▬ گُل ڪَچِنا: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم.

▬ گُل ڪَرَنِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم (پنج قاڪو، اڇي ۽ ڦِڪي رنگ تي). موتيو. (ن - ب).

▬ گُل ڪرڻ: وِسائِي ڇڏڻ - وِسائڻ - آجهائڻ (بتي) - ڏِيئو وڏو ڪرڻ. خراب نتيجن ڏي خيال ڏوڙائڻ - خراب خيال ظاهر ڪرڻ.

▬ گُلُ ڪَلَنگُوُ: ذ. گل جو هڪ قسم (ڦِڪي ۽ ڳاڙهي رنگ تي).

▬ گُلُ ڪوزه: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم.

▬ گُلُ گَشْتُ: ذ. صفت. سَيْرِ چَمَنُ - باغ جو سَير - قلواڙي ۾ چَڪَرُ - باغيچي جو گشتُ.

▬ گُلُ گُلابُ ≋ گُل گُلابَ: ذ. اسم هڪ مشهور گُلُ - گلابُ جو گل - سدا گلاب. (صفت). سدا سهڻو - حسين - خوبصورت.

▬ گُلگُونُ: ذ. صفت. (ف). گل جي رنگ جهڙو - ڳاڙهن ڳلن وارو - ڳاڙهہ ڳِلو - گُلِرنگُ - گُلسوءِ - گُلفام.

▬ گُلُ گُنونْٹُو ≋ گُلُ گُنونْٹا: ذ. گل جو هڪ قسم (هيءُ گُل زرديءَ رنگ تي دل ۽ دماغ کي توت ڏيندڙ، جيڪڏهن هن کي چاليهہ ڏينهن تِرن جي تيل ۾ وجهي آس ۾ رکجي تہ سَٽڏن جي سور کي سندس مالش فائدي مند آهي). (ف - ج). (ن - ب).

▬ گُلُ گِيرُ: ذ. (ف). آها ڪينچي جنهن سان وَتَ کي وَڌي صفا ڪجي - بتِيُ جي وَتَ جي قُلهي ڪترڻ جي ڪينچِيُ.

▬ گُلُ گِلوُ ≋ گُلَ گِلا: ذ. صفت. گل جي رنگ تي مائل ڳلن وارو - ڳاڙهہ ڳِٽو - ڳاڙهن ڳلن وارو.

▬ گُلُ لالَ: ذ. (ف). هڪ قسم جو ڳاڙهو گل.

▬ گُلُ مُتَڪُ ≋ گُلُ مُتَڪَ: ذ. گل جو هڪ قسم. (ت).

▬ گُلُ مَرِيَمُ: ذ. گُل جو هڪ قسم (هي گل هٿ جي چنبي جهڙو ناسي رنگ تي ٿئي، دوائن ۾ بہ ڪم اچي، تنهن کان سواءِ ڪنهن عورت جي ويم وقت هي گل چِيڻيءَ جي ٽاڻ ۾ پُسائي رکجي تہ ويم آسانيءَ خير سلامتيءَ سان ٿئي). (ن - ب).

▬ گُلُ مُشْڪُ: ذ. سُرهِيُ خوشبوءِ وارو گل جو هڪ قسم.

▬ گُلُ مَلُوڪُ: فراسيءَ جي چِٽَن جو هڪ قسم.

▬ گُلُ مُنْهونُ ≋ گُلُ مُنْهانُ: ذ. صفت. گل جي رنگ جهڙو - ڳاڙهي مُنهن وارو - لال منهون - ڳاڙهہ ڳلو - ڳاڙهہ ڳٽو.

▬ گُلُ موسِمِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم.

▬ گُلُ مَيْدو: ذ. اسم خاص. بُلْسانُ. آڪْسِيبِرُ.

Gul Hayat Institute

▬ گُلُ مہینْدِي: ذ. گاڑهي رنگ جهي گل جو هک قسم ـ مينديءَ جي رنگ جهڑو ٹينڈڑ گل ـ گُل حِنا ـ گاڑهو گل.

▬ گُلُ نازُ ع گُلُ نازَ: ذ. گل جو هک قسم ـ ڈاڑهون جو گل ـ گل آنارُ. گلعذاري رنگ ـ گاڑهو گلابي رنگ ـ گاڑهو پيازي رنگ. گاڑهو شوخ رنگ ـ ارغواني رنگ. (اسم خاص). هک عورت جو نالو. (ت).

▬ گُلُ ناغَرُ: ذ. (ف) گل جو هک قسم ـ چنبيليءَ جو گل.

▬ گُلُ نِيلُوفَرُ: ذ. گل جو هک قسم ـ نيلوفر جو گل (دوائن جي ڪم ايندڙ).

▬ گُلُ وَرْدُ: ذ. (ف.ع) گل جو هک قسم ـ گلاب جو گل.

▬ گُلُ هُجَنُّ: خوش هجڻ ـ بهار هجڻ ـ مؤج ۾ هجڻ. سهڻو هجڻ ـ حسين هجڻ ـ خوبصورت هُئڻ.

▬ گُلُ ياسِمِيْن: ذ. گل جو قسم ـ جاءِ جو گل ـ جاءِ گل.

● گِلاَ ع گِلائُونْ: ث. (ف. گِلُ = شِڪايِتَ) ڪنهن مائهو جي پرهٽ ڪيَل بدناموسيُ ـ ٻئي جي بيان ڪيل آوٽائي ـ بدناموسي ـ بدنامي ـ نندا ـ شڪايت ـ غيبت ـ شڪوه ـ پڇار ـ عيب جوئي ـ خواري ـ چغلي ـ لائي چائي ـ سٽيندي ـ گهٽتائي.

▬ گِلاَ جو گهانڪهوُ: ذ. صفت. گلا جو ڪٽ گلا جو هار ـ گلا جو ٽڪر ـ لعنت جو زنجير ـ بدنامي ـ شڪايت ـ نندا.

▬ گِلاَ جو گهانڪهوُ ڪٽڻُ: گلا جوهار وجهڻ ـ سر تي لعنت وسائڻ ـ پنهنجي بدناموسي ڪرائڻ ـ گلارو ٽيڻ ـ مهٽي هاب ٽيڻ ـ گهٽتائي جهڙو ڪم ڪرڻ ـ بدنامي جو ٽڪر اچڻ ـ پنهنجي لائي چائي ڪيائڻ.

▬ گِلاَ جو گهانڪهوُ ڇڇيءَ ۾ وِجهڻُ: بچڙو ۽ گلا جهڙو ڪم ڪرڻ ـ گلا جو طوق ڇڇيءَ ۾ وجهڻ ـ گلا جو ٽيڪر سير تي ڪٽڻ ـ سر تي ملامت ڪٽڻ ـ بچڙائيءَ جي پڳ ٻڌڻ ـ گلا جهڙو ڪم ڪرڻ ـ گلارو ٽيڻ ـ مهٽي هاب ٽيڻ ـ لعنت جو طوق ڇڇيءَ ۾ وجهڻ.

▬ گِلاَ خورُ ع گُلُ نازَ: ذ. صفت. گلا ڪندڙ ـ نندا ڪندڙ ـ پرائي پڇار ڪندڙ ـ بچاڙو ـ منافق ـ ڪنهن جي پرهٽ گهٽ وڌ گهالهه ڪندڙ ـ خواري ڪندڙ ـ بدنامي ڪندڙ ـ چغل ـ نندا خور ـ بدنام ـ عيب جوئي ڪندڙ.

▬ گِلاخورِيَ ڪَرَڻ (ڪ): بچاڙائي ڪرڻ ـ ٻن گهرن ڪي باهه ڏيندڙ ـ منافقي ڪندڙ.

▬ گِلارُو ع گِلارا: ذ. صفت. ڪارمنهونُ ـ گلا وارو ـ بدنامي جهڙو ـ رذيل ـ ذليل ـ عيبدار ـ لعنتي ـ خوار ـ بدنام ـ عيبدار ـ ڏاميچ ـ ڏهاري. بدهيشهي.

▬ گِلاَ غِيبْتَ ع گِلاَئُونُ غِيبْتَئُونُ: ث. صفت. گلا ـ خواري خرابي ـ فتهي بازي ـ پرائي پڇار ـ نندا ـ عيبجوئي.

▬ گِلاَ ڪاڏُو ع گِلاَ ڪاڏا: ذ. صفت. عيب جويو ـ گلا خور ـ گلا ڪندڙ ـ گلارو ـ ذليل ـ رسوا ـ بدنام ـ عيبدار. خواريءَ جهڙو ڪم ـ بدنام ڪم ـ خراب ڪم ـ بچڙائي ـ ذلالت.

● گُلا: ث. اسم خاص. ڇڇيءَ جو هک قسم.

● گُلاَبُ ع گُلاَبَ: ذ. (ف. گُلاب = گُلُ + آب) خوشبوءِ دار گلابي ۽ گاڑهي رنگ تي مائل گُلُ جو هک قسم ـ سدا گلابُ. گاڑهو گل ـ گُل اَحْمَرُ. (هن گل جا رنگ پيا به ٽين ٿا، جهڙوڪ، آڇا، زردا).
(ف. گُلُ + آبُ = گُلُ جو پاڻي) گل جو پاڻي ـ گلن جو پاڻي ـ گلاب جي گلن جو عرق ـ عرق گلاب.

▬ گُلا باشِيُ ع گُلا باشِيُونُ: ث. (ف) گلابداني ـ گلاب جي پاڻي ڇٽڪڻ جي بوتل ـ گلاب ڇٽڪائڻ جي صراحي.

▬ گُلاباشِيُ: گلاب جو پاڻي ڇٽڪڻ ـ گلاب جو عرق ڇٽڪارڻ.

Gul Hayat Institute

▬ گُلابُ جوُ پاڻِيُ: گلاب جو عرق ـ گلاب جي گلن جو نچوڙ.
▬ گُلابْدانِيُ ع گُلابْدانِيُونُ: صفت. گُلاب جي پاڻي ڇِڪڻ جي ٻوتل ـ گلاباشي ـ گلاب جي پاڻيءَ جي گهُڪهي ـ گلاب جي پاڻيءَ جي صُراحي.
▬ گُلابُ كَتْلِيُونُ: گلاب جون سُڪل مکڙيون ـ گلاب جون ڪتليون.
▬ گُلابِيُ گُلُ: ذ. شربت ناهڻ ۾ دوائن جي ڪم ايندڙ گاڙهي رنگ تي هڪ خوشبوءِ دار گُلُ. (ن ـ ب).
▬ گُلابِيُ ڳُوڙهُو (ت): رنگ جو قسم (گاڙهي رنگ جي لاڪ، جا جنبيءَ ۾ ڪم اچي).
● گُلابَ پُور: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گُلُ پُرُڙوُ: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گِلاسُ ع گِلاسَ: ذ. پاڻي پيئڻ جو ٽانوُ ـ شيشي جو ڊگهو آبخورو. (انگ. گِلاس=شيشو) شيشو ـ ڪاچُ. آئينه ـ آئينو ـ دَرپن ـ دَرسڻي ـ آرسي. عَيْنڪ ـ چشمون.
▬ گِلاسِدانِيُ ع گِلاسِدانِيُونُ: ث. گِلاسن رکڻ لاءِ ٽُنگن سان ڪاٺ جو طاقُ.
● گِلاقُ ع گِلاقَ (ث): ذ. وات جي ٻنهي پاسن جون پَچاڑِيُون ـ گِلاڦ ـ واڇون.
▬ گِلاڦُ ع گِلاڦا: ذ. (سن. گلّ) وات جي پچاڑي ـ گِلاقُ ـ گِلاڦ ـ واڇ.
● گِلال: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ڪنيار.
● گُلالُ ع گُلالَ: ذ. صفت. گاڙهي رنگ جو اتو ـ سِيندَرُ. گاڙهو رنگ ـ لال رنگ ـ سُرخُ رنگ. هولي ۾ هندن جو هڪٻئي تي اڇلايل گاڙهو رنگ. سيندور.
● گِلانِيُ ع گِلانِيُ: ث. ڪَراهت ـ نفرت ـ بُڇان ـ انْرَسُ ـ ڪِرْپَ ـ سُوگ ـ ذِڪار ـ حقارت ـ مَلِيچا.
● گُلاٽِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (هزاري بلوچن جو هڪ قبيلو، رستماڻين جي شاخ).

● گُلُ بُحرُ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گُلُ تاڙوُ: ذ. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو ـ منزلن ٻڌڻ واسطي سُڪان ۾ ٻَڌل هڪ پتڪل ڪاڻيءَ جو ٽُڪر. (ن ـ ب).
● گُلْتانُ ع گُلْسْتانَ (ڪ): ذ. (ف. غلطان) غلطان ـ غرق ـ ٻُڏل ـ رُڌل ـ مشغول ـ مصروف.
● گُلْتوُ ع گُلْتا: ذ. وادڪي اوزار جو هڪ قسم ـ اهو رندو، جنهن سان ڪاڻيءَ جي ڪناري ۽ ڪاڻيءَ جي رين تي سُونهن لاءِ ليڪون ۽ گولايون ڪيڏجن ـ اهو رندو، جنهن سان درن ۽ درين جي پانهين تي گولايون وغيره ڪيڏجن ـ ڪاڻيءَ تي ڪنار ڪيڏڻ جو رندو.
● گِلْتُ ع گِلْتَ: ذ. ڪنهن ڏاتوءَ تي هٿرادو ڪرايل چِلڪور، هن جا ٻه قسم ٿين (هڪ اڇي رنگ جو ۽ ٻيو سونَ جهڙو رنگ) ـ مُلمعو ـ پاڻي ـ نِڪِل.
▬ گِلْتُ كَرَنُ: ڪنهن ڏاتوءَ تي اڇو قلعي جهڙو رنگ ڪرڻ. ڪنهن کي دغا سان قُربي وڃڻ.
▬ گِلْتِيُ: صفت. چاندي ۽ جي رنگ جهڙو رنگ چاڙهيل ـ مُلمعو چاڙهيل ـ پاڻي ڏنل ـ گِلٽ ڪيل ـ نِڪل ڪيل. (اسم). هڪ قسم جو ڏاتُو ـ جرمن سِلور. راند جو هڪ قسم ـ پئسا ڪَڏڻ ۾ اڇلڻ سان ڪُڏيل راند.
● گُلْهاڻُ ع گُلْهاڻَ (ڪ): ذ. نوڪر ـ ٺهليو ـ شيوڪ ـ خدمتگار ـ چاڪر ـ خدمتي ـ شيواڌاري ـ خادِمُ.
▬ گُلْهاڻِيُ (ڪ): ڪَٽِ ـ گولتَ ـ غُلامي ـ پانهَپ ـ چاڪري ـ خدمتگاري ـ شيوا.
● گُلُ چَنُ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گِلُ حِڪْمَتَ: ث. (ف). حِڪمت واري مِٽِي. (ن ـ ب). طِبُ جو اصطلاح ـ دوا واري ٽاڻُ تي اڳڙي ٻَڌي، مٽانس اَلِي مِٽِيءَ جو ڏنل تهه ـ پوٽو ـ ٽِڪ ـ لهپو ـ پوچو ـ پَلَستر ـ لِنبَ ـ مٽڪ.

Gul Hayat Institute

ـ گِلِ حِکْمَتَ کرڻ: کِيمِياگرن جو اصطلاح ـ دوا جي ٽاڻڻ کي ڪپڙي ۾ ويڙهي مٽانس آلي مٽي جو تهه ڏيڻ ـ ڪوٽاري ۾ دوا جو ڳوٽو بند ڪري مٽانس اڳڙيون ويڙهي قابو ڪري ان جي مٽان آلي مٽيءَ جو تهه ڏيڻ.

● گُلَرُ ع گُلَرَ: ذ. ٽولو ـ وَلَرُ ـ ٽولِي ـ جماعت ـ ڏَڻُ ـ جانگ ـ گلو (جانورن جو). مِيڙُ ـ گوڙ ـ پيهه ـ آنبوهُ ـ ڪَٽُ ـ پِينڊ ـ پِيڙُ ـ خلق ـ هٿيار.

● گُلَرِ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گُلَرُ ع گُلَرَ: ذ. ڪُتي جو نينڊو ٻچو ـ نينڊو ڪُتو ـ ڪُتڑو ـ ڪُتڑو ـ پُونگڑو ـ پُونگ ـ پَلونگڑو ـ ڪِنڊُ. نينڊي قد وارن ڪُتن جو هڪ قسم.

ـ گُلِرڙو ع گُلِرڙا: نينڊو تازو جاول ڪُتي جو ٻچو ـ پَلونگڑو.

ـ گُلِرُو: ذ. ڪتي جو نينڊو پلونگڙو ـ گُلَرُ ـ گُلَرڙو.

ـ گُلِرِيُ ع گُلِرِيُون: ث. نينڊڑي پُونگڑي ـ ڪُتڑي. پُورُ ـ رِيڇڪ ـ سوداءُ ـ خيالُ ـ بُدبُدو ـ رِيڇڪِي.

ـ گُلِرِيُون ٿيڻ: جاڳڻ.

● گُلاجاڻِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات.

● گلرين: اسم خاص. هڪ ذات (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو). (ت ـ بلوچستان).

● گِلڙو ع گِلڙا (ث): ڳالهه تان هر هر ڪري ويندڙ ـ هڪ ڳالهه وارو نه هٽڻ ـ ڦرٽو گهرٽو ـ هڪ سخن وارو نه هٽڻ ـ محڪم ارادو نه رکڻ.

● گلڙِي (ل): فراسيٽن جي چٽن جو هڪ قسم.

● گُلُ سانگهيڙو: اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه.

● گُلُ شاهُ: اسم خاص. تعلقي ميرو خان، تعلقي ڪنڊياري ۾ ديهن جا نالا.

● گُلشيرزئِي: اسم خاص. هڪ ذات (بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو).

● گُلُ شڪرَ: ذ. اسم خاص سنڌي هوليءَ ۾ هڪ مشهور پهاڪن جي ڪتاب جو نالو.

● گُلشيراڻِي: اسم خاص. هڪ ذات (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

● گُلشيڙو ع گُلشيڙا: ذ. وات جو اندريون پاڳو ـ واچَ ـ چاڙي ـ واتُ جي ڪُنڊَ.

● گُلُ ڪلهوڙو: اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهه.

● گِلڪِيُ ع گِلڪِيُون (ث): هٽن سان بدن جي ڪنهن ٻئي عضوي تي آهستگيءَ سان ڪيل ڪنهارَ ـ ڪِتڪِتائي ـ ڪِتڪِتوئي.

● گِلِ گِلِ: ذ. نينڊڑي پار کي ماءُ ٻيءَ جي سڏ ڪرڻ جو نمونو ـ سڃاڻهو آواز ـ پيار مان سڏڻ جو آواز ـ پيار جو لفظ ـ "گِلگِل ڪير اچي." خوشامد ـ چاپلوسي (ت).

● گِلگَٽال (ل): ذ. خارش ـ ڪَٽهه ـ ڪَٽهيرَ ـ خارشَ ـ خارسَ ـ ڪُجلِيُ.

● گُلگُلو ع گُلگُلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ـ هڪ هندن جي ذات ـ گهٽ ذات وارن فقيرن جو هڪ قسم (هندو) ـ گُرُ گُلو ـ ٻڙو.

● گِل گولِڙِيُ: ث. نينڊڙن ٻارن کي ڪوڏائڻ جو نمونو ـ گِل گِلولِڙِيُ.

● گِلهُ ع گِلهَ: ذ. (ع. قالِيٰن. ف. گلِيم = رِلِيُ). پَٽُ تي پکيڙڻ لاءِ وڏي فراسي ـ فَراشُ ـ غالِيچو ـ فَرُشُ ـ تَهَڙُ.

● گُلُ مُحَمَّدُ: اسم خاص. تعلقو ميرپور ٻٽورو، تعلقو شاهبندر، تعلقي ميڙ ۾ ديهن جا نالا.

● گُلُ مُحَمَّدُ لِغارِيُ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ گُلُ مِيخَ ع گُلُ ميخونُ: ث. ڪِلِيءَ جو هڪ قسم ـ وڏيري مٽي واري ڪِلِي ـ ٽوپيدار لوهه جي ڪِلِي ـ ٽوپي واري ڪِلِيُ. ريزا ميخ. ڪچي ملائي ـ ٽاڪو ـ ڪوڪَ.

● گُلَنْدازُ ع گُلَنْدازَ: ذ. (گولہ انداز) نشانہ بازُ ـ چهٽو ـ توبچي ـ نشان چٽيندڙ ـ غبارچي. فوجي ماڻهو ـ سپاهي. (اسم خاص). هڪ ذات.

Gul Hayat Institute

ـ گلتندازيُ ع گلتندازيونُ: ث. توپيزنيي- نشانه بازي.

● گلندرُ: ذ. اسمِ خاص. پوتي جو قسمِ، كائيون ۽ ين آن جا سكل ٿين- هك پسار كو وكرِ، جو دوائن ۾ كمِ اچي. (ن-ب).

● گلوُ ع گلا: ذ. (سن. گل > گلا=گچي) نڙيُ- گهٽ- ڳات- كنڌ- سسي- كنڌو- هڪي- گچي- گلو- كنڌ واري گلي- نڙگهوتو- نڙگهٽ- نرگهٽ. نڙيءَ جو آواز- سريلو آواز- مٺو آواز- آواز- صدا- الحان- هانڪ- پرلاءُ- تنوار- هولي- كوك- لات- رڙ- سر- واڪ- واڻي. آڻن جو وڳ- وگر- ولر- گلر- قطار- ڏڻ- ساڳو. (ماڻهن جي) جماعت- ٽولي- سگر- ساڻاري- ميڙ- مجموعو- ساٿ. (ت). پڙهي- ڪتب. قاهي- قاسي- فاسي- سوري. مڇي قاسائڻ جي ڪنديِ. آگرُ- دوكاندارن وٽ پئسن ركڻ جي پيتي. (ت).

ـ گلاَبتندُ ع گلاَبتندَ: ذ. صفت. گچيءَ كي ويڙهڻ جو ڪپڙو- آهو روسال جنهن سان ڪن ۽ گچي ويڙهجي- ڪنڌ ڪ- شانهه پوش- (انگ) متفلترُ.

ـ گلوُ ڪاٽنُ: سسي لاهڻ- نڙي وڍڻ- گچي ڪپڻ- سرُ لاهڻ. ڏاڍي سختي ڪرڻ- ڪنور ٿيڻ- بي رحمي ڪرڻ- آزارڻ- ڏ ڪوٽڻ- پيڙڻ- ستائڻ- رنجائڻ- ايذائڻ. زوريءَ ڪمِ ونڻ- زبردستي ڪرڻ. جبراً ڪرڻ.

ـ گلوُ ڪٽيُ: گلو ڪاٽڻ- گچي وڍڻ- سر ڪاٽڻ- گلو وڍڻ- ڪنهن جو نڙگهٽ وڍي ڇڏڻ. پئسي جو نقصان ڏيڻ- خواه مخواه ڇيهي ۾ وجهڻ- توتو رسائڻ.

ـ گلوُ گهٽجنُ: گالهائڻ ئي نه نڪرڻ- آواز بند ٿي وڃڻ. ساهه نه ڪڍڻ. زبردستي ٿيڻ- جبراً سرُ تي اچي هوڻ.

ـ گلوُ لڏجنُ: ڪمِ جو پورائو ٿيڻ. (ن-ب).

ـ گلوئيُ گارُ ٿيتُ: پڙهي ناس ٿيڻ- ڪتب تباهه ٿيڻ- خاندان ئي چٽ ٿي وڃڻ- بنياد تباهه ٿيڻ- گهر بار تباهه ٿي وڃڻ. ستياناس ٿي وڃڻ- هڏموڙي چٽ ٿي وڃڻ.

ـ گلهي پتونُ: ستائڻ- ڪپائڻ- هلاڪ ڪرڻ- درِق ڪرڻ- تكليف ڏيڻ- آزارڻ- رڙائڻ- ريڙائڻ- پائهي ڪڍڻ- ڏڻ- آچائي ڪڍڻ- دشمني پارڻ- هرو پرو وڙهڻ- ڪند ڪڍڻ- جنجال ۾ وجهڻ.

ـ گلهي جوُ هارُ: مالها- ڪنيِ- هار- ڪنديلو- ڳلپتو- ڪنديِ- مڻن- لڙڙ- پهن- پرين- دوست- پياروِ- مبذول- سكيلڙو- بودلو- لاڏلو- چچلو- طوق پتلو- انگلي. محبوب- معشوق- دلبر- ساجن- جاني.

ـ گلهي جوُ هارُ هڻنُ: بلكل پياروِ هڻڻ- محبوب هڻڻ- دلبر هڻڻ- سجڻ هڻڻ- ساهه جو سينگار هڻڻ- ساجن هجڻ.

ـ گلهي لائيُ: پيار ڪرڻ- محبت ڪرڻ- دل ۾ سانديڻ- هنڌين سان لڳائڻ- گهر لڳائڻ- چاتيءَ سان لڳائڻ.

● گليي گوڙُ ع گليي گوڙَ: ذ. صفت. گلوگير- ليلڙاڻيو- منٿائتو- سوالي- محتاج- نيازمند- عرضدار- منٿائو- نيازي.

● گلوُ: اسمِ خاص. پوتي جو هك قسمِ. پوتي جي پاڙ، جا دوائن جي ڪتب اچي. پترو- پتڙو- نرمِ چدو- پاڻيءَ جهڙو- چٽڙو- پتلو- پنگو- چٽو.

● گلو ع گلا: ذ. ننڍڙي مڇيءَ جو هك قسمِ- (بنا چلرن جي، رنگ ڪارو، قد ٻن كان چار انچ هن جا ۽ قسمِ ٿين (۱) مٽيون گلو (۲) چمن گلو.

● گلوُ: اسمِ خاص. ڪڪڙ جي پاپڙيُ. گچيءَ كي ٻڌڻ جو ڪپڙو- آن مان نهيل گچيءَ كي ويڙهن لاءِ هك دگهو پتو- گلا بند- (انگ). متفلترُ.

● گلوگيرُ ع گلوگيرَ: ذ. صفت. (ف. گلوگير=طامعُ). طامعُ- لالچيُ. نڙيءَ كي ونندڙ ڪڙي شيءِ- گهٽيرُ. سوالي- عرضدار- منٿائو- نيازمند- دامنگير- پيرين پوندڙ- التجا كندڙ- التماس كندڙ- عرض كندڙ- منٿ كندڙ-

عاجزي ڪندڙ. ڏکويل ـ اداسءُ ـ دلگير ـ غمگينءُ. (ن ـ ب).
"جاڪي جاڻين پاڻکي ستگهو منجهه سرير،
تانکي اگهو آهين گهايل گلوگير"
(خانه زئي).
● گلتوانيءُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه.
● گلڙواهٺ: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گلوءُ پترائيڻ: ڪورين جو اصطلاح ـ قٽيءَ جي گهرن ۾ ڏزائين موجب تندون داخل ڪرائڻ.
ـ گلوءُ پترڻُ (ت): ذ. رَش ۾ هڪ پاسي کان تندون وجهي پئي پاسي کان ڪيڻ ـ قٽيءَ ۾ نموني سان تندون وجهڻ.
● گلوڙتيءُ (ت): ذ. لٽبو ـ لامٻتءُ ـ ڊگهو. ڏُهرو ـ هيٺو ـ ضعيف ـ نيستو ـ ڪم طاقت ـ لاغر ـ آپرو.
● گلوءُ پتافيءُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گلوڙ ۽ گلاڙ (ل ـ ت): ذ. لشکر ـ ٽولو ـ جماعت ـ دلُ ـ ولر ـ گلتر ـ جٿو ـ ڏلُ ـ جانگ.
ـ گلوڙ ٻڌڻ ڪترڻُ: شڪست ڏيڻ ـ هيسائڻ ـ دٻائڻ ـ ڊپ ڏيڻ ـ هراس ۾ رکڻ ـ چُپُ ڪرائڻ ـ خوفزدو ڪرڻ.
● گلوڙ ڪاڻيءُ: اسم خاص. هڪ ول (جا وڻن تي ڦهلجي وڃي، هن جا پٽن بانس چي پٽن وانگي ٿين، ذانڊو ڪوڙو ۽ ڪسارو) ـ پسارڪو وڪر ـ دوائن جي ڪم اينڊڙ. (ن ـ ب).
● گلوڙريءُ ۽ گلوڙريونءُ: ث. نوريڙي جو قسم. گلوڙيي.
● گلوڙلَ ۽ گلوڙلونءُ: ث. ننڍڙي پٿر جي پري مار ڪرڻ لاءِ پسانگي ڪاڻي جي ٻنهي مُنهن ۾ ٻڌل رَٻڙَ ـ پڪين ڏي پٿرن آڇلائڻ لاءِ ڪاڻي ۽ رٻڙن سان جوڙيل هٿيار ـ گلهيلو ـ ڪمانَ ـ سينگ. (ت).
● گلوڙلوءُ ۽ گلوڙلا: ذ. صفت. گلول ۾ هڻڻ لاءِ ميٽيءَ جو ٿهيل ڳوڙهو. پنوڙو.
ـ گلولييءُ ۽ گلوڙليونءُ (ث): ث. ميٽيءَ جو ٿهيل ڳوڙهو ـ گلولو.
● گلوڙليءُ ۽ گلوڙليونءُ (ت): ث. گرڙي ـ ڪتلولي ـ گروڙيءُ.
● گلوهٺ ۽ گلوهٽ: ذ. ٿورو ـ ڪُڻ ـ احسان. (ن ـ ب).
"گانڊو سان گلوهٺ ڪيوَ تہ ڪٽار هاريو".
● گلوڻيءُ ۽ گلوڻيونءُ: ث. جيوَ جوهڪ قسم (گوهٽ جهڙو ٽٽي، هن جو گوشت ۽ چربي دوائن جي ڪم اچي). (اسم خاص). هڪ ذات.
● گلهڏيءُ: اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه.
● گليهييءُ ۽ گليهيونءُ (ت): ث. پکريءَ جو هڪ قسم ـ ڳاڙهن ڳلن واري پکري.
● گلٽيءُ ۽ گلٽيونءُ: اسم خاص. پکيءَ جو نالو.
● گليءُ ۽ گليونءُ: ث. (سن. گليءُ = گهٽي) ڪُوچو ـ ڳلي ـ گهٽي. راهه ـ رستو. پاڪڙ.
ـ گليءُ پائڻ: پاڪڙ پائڻ.
● گليءُ ۽ گليونءُ: ث. اڃي ـ اڃي ڏڪر راند ڪرڻ ۾ ڪم اچي ـ ننهي طرفن نوڪدار ۽ وچ آپريل ڪاڻيءَ جو ٽُڪر ـ راند واري ڪاڻي ـ ڪاڻيءَ جو ٿهيل بيضو ـ بدوڙو ـ ڪاڻيءَ جو ٽُڪر، جنهن جو وچون حصو بيضوي ۽ پاسا چُهنبدار.
ـ گليءُ ڏڪرَ: ذ. هڪ راند. (اڃيءَ ڏڪر راند ۾ آگ ونڊڻ چوڪر، اڃيءَ کي ڏڪ هڻي راند جي شروعات ڪندو، آگ ڏينڊڙ چوڪر وري اڃيءَ سان پٺَ تي پير ڏڪر کي نشان چُنيندو، جيڪڏهن ڏڪر کي ڏڪ ڪسي ويو تہ هوءِ ڏڪر سان اڃيءَ جي ڊوري ماپيندا آهن. پهرئين ڏڪر کي بڪٽڻُ ٻئي کي ٽين، ٽيئي کي مُون، چوٽين کي نار، پنجين کي آر، ڇهين کي وڻيئي ۽ ستين کي جُڳ يا يُڪو چوندا آهن [اِهي مدراسي انگ آهن]. مفاصلو جنهن نمبر تي ختم ٿيو، اُن نمبر واري داءُ جو ڏڪ، آگ ونڊڻ هٽندو آهي. بڪٽڻُ ۾ پير جي آگرين مٿان اڃي رکي، مٿيرو آڇل ڏيئي ڏڪ هٽيو آهي. ٽين ۾ (اِلهو ٻِلهو) ڏڪ هٽندا آهن. مُون (منگل)

Gul Hayat Institute

جو مٹيو) م مُٺ تي اِٽي رکي، مٽي آچلي ڏڪ هٽيو آهي. نارِ (يا گهوڙا پار، بمبئي ۽ ڪلڪتو ڈيڪار) م چيڪ ۽ ڈسٽي آگرين جي پٽي۽ مٽان اِٽي رکي، مٽي آچلي ڏڪ هٽندا آهن. آر (انڈي اڪ) م اڪ تي اِٽي رکي، هيٺ ڪيرائي ڏڪ هٽيو آهي. ويڙي (وڻ ٽپندي ويڙي) جو ڏڪ ٿونٽ مٽان اِٽي رکي، مٽي آچلي ڏڪ هٽيو آهي. جُڳ م گِلِ م اِٽي رکي ڏڪ هٽندا آهن. هن راند م ڪنهن به داءُ جي ڏڪ گُسڻ سان راندگر ڪاپي پوندو، وري پاڻ وچي آگ ڏيندو).

● گُلِيُ ع گُلِيُون: نيرو رنگ ـ ڪپڙن جو ڪليل رنگ بيهارڻ لاءِ نيرُ مان ٺهيل الو (پائوڈر) ـ نيل.

ـ گُلِيُ گُوڙهُ: جنڊي۽ م ڪرائينڈ رنگ جو قسم.

● گُلِيٹُو ع گُلِيٹا (ت): ذ. ڪنهن ڳالهه تان ڪاڏل ڦيري ـ نابري ـ انڪار ـ ڦيرو.

ـ گُلِيٹُو ڪائِيُ: ڪيل ڳالهه ڪان انڪار ڪرڻ ـ اصل ڳالهه تان ڦري وڃڻ ـ ناڪار ڪرڻ ـ نابري وارڻ ـ نٽائي وڃڻ.

● گِلِيُ خوُرُ: اسم خاص. ذ. هڪ پکيءَ جو نالو (بدڪ جيڏو). (گِني فُول) ولايتي ڪڪڙ. فيل مرغ.

● گُلِيمُرُ ع گُلِيمُرُون (ت): ث. پکريءَ جي نِڙيءَ هيٺان م چڙي جون گِلٽيون ـ لڙڪا.

● گُلِيمُرُو: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر حيدرآباد م).

● گِلِيمُڪُ ع گِلِيمُڪَ: ذ. پِتو سِيمل ڪپڙو، جو سياري م سرديءَ کان ويڙهجي ـ غِلاف ـ گِليڇ.

● گِلِيمُڪُ ع گِلِيمُڪَ (ت): ذ. ٽُلهي ڪپڙي جو قسم ـ ڪپڙو. (شايد گِلِيمُڪُ).

● گُلِيمُلُ ع گُلِيمُلَ، گُلِيمُلُون: ث. پڪين جي هڪلڻ لاءِ سُٽ ۽ ڪاڻيءَ مان ٺهيل ڪانپاٽي ـ رڄڻ ۽ ڪاڻيءَ مان ٺهيل شڪار ڪرڻ جو هٿيار ـ غُلِيل ـ گُلِيلو ـ گِلولَ ـ ٽِينڊڪ ـ ڪانپاٽي. (اسم خاص). تعلقي گهوڙا هاريءَ م هڪ ديهه جو نالو. ميرپورساڪري م هڪ شهر جو نالو.

ـ گُلِيلو ع گُلِيلا: ذ. صفت. (سن. گلي) مِٽيءَ سان ٺاهيل چِڏو ـ مِٽيءَ جو گوڙهو ـ گولو ڪانپاٽيءَ م وجهي هٽڻ لاءِ ـ مِٽيءَ جو گول روڙو ـ گولو ـ گُلولو. ٻوڙو.

ـ گُلِيلِيُ ع گُلِيلِيُون: ث. ٻسانگي ڪاني مان جوڙيل هٿيار، جنهن سان پکيءَ وغيره مارجن ـ رهڙ، ڪاني ۽ چم جي چِلي مان ٺاهيل گُليل. مِٽيءَ جي نندڙي گوڙهي.

● گُلِيوُ ع گُلِيا (ت): ذ. ڪُتي جو نندو پچو يا پچڙو ـ گُلِرُ ـ پِلونگڙو ـ پونگڙي ـ پُونگڙو.

● گُلِيهه: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر حيدرآباد م).

● گُمُ ع گُمَ، گُمُون: ذ. ڪَلَ ـ سماءُ ـ سُڌ ـ معرفت ـ سَمڪَ ـ پَروڙَ ـ خبرچار ـ هوجهه ـ خبر ـ علم ـ جاڻ ـ وِدِيا ـ گِيان ـ گُمان. ڏَس ـ آهُڄ ـ آثار ـ نشاني ـ آرپارُ ـ سنگ ـ آهجاڻ ـ پتو ـ پارُ. سمجهاڻي ـ نصيحت ـ هدايت. سَمجهه ـ فَهم ـ زيرڪي ـ بُدِ ـ بُدِي ـ ذهن ـ چَترائي ـ دانائي ـ ڏاهپ ـ سياڻپ ـ سنڌو پَرائي ـ هوشياري ـ چالاڪي.

● گُمُ ع گُمُ: ذ. صفت. (ف. گُم = غائب) غائب ـ لڪل ـ چُهيل ـ ڳُجهو ـ الُوپُ ـ مخفي ـ غرق ـ لاپتا. ڪوهيڙل ـ وجايل ـ وِيَلُ ـ ٽِڙيل ـ چَتُ ـ نابود ـ تباهه ـ برباد ـ آجاڙ ـ هارايل ـ ضايع ٿيل. (ڏڪ لڳڻ ڪري يا رت جي خراب ٿيڻ ڪري). بدن تي نڪري پوندڙ گوڙهو ـ گُنڊو ـ گُٽڙُ.

ـ گُمُ ٿِيَنُ: غائب ٿيڻ ـ الُوپُ ٿيڻ ـ هِڙپ ٿيڻ ـ وڃائجي وڃڻ ـ غرق ٿيڻ ـ لاپتا ٿيڻ. ضايع ٿيڻ ـ تباهه ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ.

ـ گُمُ شُمُ: صفت. گُمُ ـ گُنئون ـ لِڪَل ـ لِڪايل ـ گُمُ نام ـ مخفي ـ ڳُجهو ـ الُوپ ـ غائب. خاموش ـ مات ـ چُپُ ـ سانت. ششدر ـ حيران ـ هڪو بَڪو ـ وائڙو ـ ويڇُون وِيَلُ.

ـ گُمُ ڪَرَڻُ: لِڪائڻ ـ ڇپائڻ ـ روپوش ڪرڻ ـ ڳُجهو رکڻ ـ ڏکي ڇڏڻ ـ غائب ڪرڻ ـ الُوپ ڪرڻ. وڃائڻ ـ ضايع ڪرڻ ـ گنوائڻ ـ کوهڻ ـ وجائي ڇڏڻ ـ زيان ڪري ڇڏڻ.

Gul Hayat Institute

● گُماڻِجڻُ: (سن. گُمـ = وڃڻ) وڃڻ ـ کوهجڻ ـ ڳجهو رهڻ ـ غائب رهڻ. ناپود ٿيڻ ـ ضايع ٿيڻ ـ چٽ ٿيڻ. (ن ـ ب).

● گُماشِتو ع گُماشِتا: ذ. (ف. گُماشتن = نظرداري ڪرڻ) پٽاوٽو ـ ايجنٽ ـ دَلالُ ـ شاهوڪاري ڪاروبار هلائيندڙ ـ خريد فروخت ڪندڙ ـ ٻئي جي طرفان ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ڪيل خاص ماڻهو ـ ڪارڪن ـ نائب ـ ڪامگار ـ ڪارائو ـ ڪمدار ـ مُنيم ـ مُنيب ـ مختيار ـ مئنيجر ـ ڪَرتا.

ـ گُماشِتگيرِي ع گُماشِتگيرِيُونُ: ث. صفت. پٽاوٽ ـ دَلالي ـ ايجنٽي ـ دستوري ـ نائبي.

● گُماگُمُ (ت): ذ. ذِڪر ـ وَجد ـ ياد اِلاهي. جهد ـ سَعيو ـ ڪوشش ـ اَدم ـ محنت. رَقصُ ـ ناچُ.

● گُمانُ ع گُمانَ: ذ. (ف. گُمان = شَڪُ) شَڪُ ـ شُبهو ـ ظَنُ ـ پَرم ـ منسو ـ وسواس ـ وِشواس ـ وَهم ـ وِسوسو ـ سنديهُ ـ عيرت ـ بي ويساهي. ڪَلپنا ـ خيال ـ قياس ـ پاوَ ـ اندیشو ـ سنڪلپُ ـ مُنوگيت ـ وَهم ـ سمجهه ـ نظر ـ راءِ ـ قياس آرائي ـ وِيچارُ ـ دَليل ـ ڪيافو.

ـ گُماڻِجڻُ: مصدر. شَڪجڻ ـ شَڪ آڻڻ ـ بدگماني ڪرڻ ـ گُمان آڻڻ ـ شَڪ هجڻ ـ وَهم هجڻ ـ خيال آڻڻ ـ اوشواش هجڻ ـ پرمجڻ ـ منسو آڻڻ ـ جاڻڻ ـ سمجهڻ ـ پانڌِيڻ ـ وَهم آڻڻ ـ اندیشو ڪرڻ ـ وِسواس ڪرڻ ـ شڪي ٿيڻ.

ـ گُمانُ ڪَرَنُ: شڪ ڪرڻ ـ وَهم ڪرڻ ـ اوشواش هڻڻ ـ پرم ڪرڻ ـ منسو آڻڻ ـ گُمانجڻ.

ـ گُمانِيُ ع گُمانِيُونُ: صفت. شڪي ـ سنسي ـ پرمي ـ وِسوسيو ـ بي ويساهو ـ وِسواسي ـ شڪائيون ـ بي ويساهي ـ بي اعتباري ـ خيالي ـ پُورالو ـ شڪائتو ـ اوشواشي ـ بي اعتبارو ـ اڻ وِسهُو ـ شڪ گاڏيو ـ بدگمان ـ سنسائي.

● گُمائِنُ: مصدر. وڃائڻ ـ ليڪائڻ ـ گُم ڪرڻ ـ پرائي شيءِ لڪائي ڇڏڻ. غائب ڪرڻ ـ الوپ ڪرڻ. چورائڻ ـ ڦِٻائڻ ـ غصب ڪرڻ ـ پرائو مال هڙپ ڪرڻ. (گُمايو ـ گُمائيندو ـ گُمايل).

● گُمبَتُ: اسم خاص. رياست خيرپور م تعلقي ۽ ديهه ۽ شهر جو نالو.

● گُمبِرَلُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه م).

● گُمبُوُ ع گُمبا (ت): صفت. تُلهو ـ موٽو ـ جاڏو ـ سَرڪو ـ سَپَرُ ـ دُدَمتو.

● گُمپِيرُ ع گُمپِيرَ: ذ. صفت. (سن. گمپير = بُردبار) سوچ ويچار وارو ـ بُردبارُ ـ گُوڙهو ـ ويچار وانُ ـ گَنرو ـ مُتحمّل ـ باري ـ ذِيمُون ـ آونتهن خيالن وارو ـ گيان وارو ـ آونهو ـ جهانُ ديدو ـ آستوار ـ محڪم ـ مستقل مزاج ـ منجيدو ـ سوچيندڙ ـ فهيم ـ دوُر انديش.

● گُمَتَ: راند ـ رؤنشو ـ چَرچو ـ تماشو ـ مَزو ـ کِل خوشي ـ ٽينگ ٽپو ـ رَهسو ـ وِندر ـ يوڪ.

● گُمراهُ ع گُمراهَ: ذ. صفت. (گُم = لِکَل + راهه = رستو) واٽ ٻُلل ـ رستو ٻُلل ـ رستو وڃايل ـ واڙِو ـ بدليل ـ ٻُليل ـ وسوڙيل ـ بي راهو ـ ٻُلل ـ پيرانتمانُ ـ رولُ ـ اوجهڙ ـ آواره ـ مُنجهيل ـ حيران ٿيل ـ پريشان ٿيل ـ غَرق. بدراه ـ مذهب کان ڦريل ـ مُلحد ـ ڪافر ـ مَلعُون ـ اذرمي. تڙيل ـ ڏِڪاريل ـ لوڏيل ـ ڦريل ـ بِدعتي.

ـ گُمراهِيُ ع گُمراهِيُونُ: ث. صفت. بي راهي ـ اوجهڙ ـ اياپ ـ رولو ـ جنجل ـ پولو ـ پريشاني ـ حيراني. مَلعُونيت ـ ڪُفر ـ مُلحدي ـ بي ديني. خطا ـ چُوڪ ـ چُڪَ ـ غَلطي ـ سَهوَ. اياپ ـ بي سمجهي ـ بيوقوفي ـ نادائي.

ـ گُمرِيُ ع گُمرِيُونُ: ث. نڪچي.

● گُمسانُ ع گُمسانَ: ذ. گوڙُ ـ گڙبڙ ـ وِگوڙ ـ فساد ـ لڙُ ـ شور ـ هَلُ ـ هُجوم ـ پيڙ ـ گهمسان ـ مانڌاڻ.

● گُمسانُ ع گُمسانَ: ذ. اسم. گند. خرابي ـ بدبو.

● گُمڪَنُودا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد م).

Gul Hayat Institute

● گيملي: اسم خاص. ڪانياواڙ علائقي ۾ هڪ شهر (راڻن جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ هڪ جي جاڙيجن حاڪمن ڪاهه ڪري زبون ڪري ڇڏيو).
● گمنام ۽ گمنار: صفت. (ف. گمنام = غيرمشهور) اڻ واقف - ناواقف - اڻ سڌو - اڻ ڄاتل - نامعلوم - اپر چيت - لڪل - غيبسائو - لاپتي - غير مشهور. ليکل - پوشيده - ڳجهو - ڇپيل - لاپته - گم - مخفي. گونگو - ليکل (خط).
- گمنامي ۽ گمنامين: ث. غير مشهوري - نامعلوميت - ڳجهائي - نامعلومي - معدومي.
● گمناڻي: اسم خاص. هڪ ذات. (قادري).
● گمنڊهن (ت): ذ. سنڌ جو هڪ حصو (مٽيون حصو). سيرو - آپو - آتر.
● گمٽ (ت): مصدر. گم ٿيڻ - غائب ٿيڻ - الوپ ٿيڻ.
● گميل: ذ. گمراهه - پليل - پتڪيل - ٽاهڙيل - مڃجهل - مڌل.
● گن: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر لاڙڪاڻي ۾).
● گن ۽ گنه: ذ. (هـ. گن = گٻ) گٻ - عادت - خصلت - وصف - صفت - خاصيت - جوهر - اثر - تاثير. لڇڻ - افعال - ڪرتوت - اعمال - ارڪان - ڪرڻي - فعل. قابليت - لياقت - دانائي - هوشياري - ڏاهپ - سياڻپ. چگائي - پلائي - نيڪي - خوبي. عنايت - مهرباني - احسان - ورڇ - ڪرپا - ڪرم - ٿورو - لائق. مدح - ثنا - واکاڻ - ساراهه - تعريف - نفعو - فائدو - آپراسو. هنر - اٽڪل - ڪيڏ - حرفت - چالبازي.
- گنائيتو ۽ گنائتا: ذ. صفت. گن وارو - لڇائتو - چگين عادتن وارو - سڻڻ لڇڻ وارو - گٽائتو - اخلاقن پريو - احسانائتو - ٿورائتو - وڙائتو - فائدي وارو.
● گن چور ۽ گنه چور: ذ. احسان نه مڃيندڙ - ٿورو نه مڃيندڙ - ٻئي جي ڀلائيءَ کي وساريندڙ - احسان فراموش - ناشناس.
- گنتر ۽ گنتر: ذ. مفيد - گن وارو - احسان وارو - لڇائتو - اخلاقن پريو - گٽائتو - گنائتو.
- گن ڪرڻ: احسان ڪرڻ - ٿورو ڪرڻ.
- گنوتي: گن وارو - احسان وارو - وڙائتو - ٿورائتو. (ن - ب).
- گنيونٽ: گڻن وارو - گڻي وارو - گٽيونت - گٽائتو. احسان ڪندڙ - مهربانيون ڪندڙ.
- گن هجڻ: خاصيتون هجڻ - گڻ هجڻ. چالاڪيون هجڻ - هنر هجڻ - انڪلون هجڻ - هنرمند هڻڻ.
● گينات ۽ گيناتون: ث. همذات - ذات وارو - عزيز - رشتيدار - قريب. چوڪري يا چوڪريءَ جي ساهرن جو عزيز - پائيچاري - پٽ - قوم وارو. قبيلو - پاڙو. (هي سمائڪو اڪر آهي).
- گناتي: ث. رشتيداري - عزيزي. مائٽي - عزازت - قرابت. تعلقات - ڳانڍاپو - لاڳاپو - ناتو - واسطو.
● گناگور ۽ گناگورَ (ت): ذ. فيض رسائيندڙ - فائدو پهچائيندڙ - شفاعت ڪندڙ - نفعو رسائيندڙ - فيض وارو.
● گناهه ۽ گناهَ: ذ. (ف. گناهه = پاپ) ڏوهه - قصور - جرم - خطا - اوگڻ - دوش - پل - عيب - اپراڌ - ڪڪرم - سقم - وڌ - گهٽتائي - تقصير - سيار. غير فطري ڪم.
- گناهتو ۽ گناهتا: ذ. صفت. پاپي - پراچتي - گناهي - پاپائتو - هڇارو - پاپ جو - پاپ جهڙو - عيبدار - ڏوهي - ٻڪڙو - خراب - دشٽ - بد - خبيث - شرير - مندو - اپراڌي - ڪڪرمي - قصور وارو - خاطي.
- گناهَ جهڙو ۽ گناهه جهڙا: صفت. ڏوهه جهڙو - ڏوهه جو - ڏوهي - اپراڌي. فوجداري.
- گناهه صغيرو: ذ. صفت. ننڍو ڏوهه - ڇوٽي خطا - هلڪو جرم - آهو گناهه جيڪو ڏئي تعالي (توبه ڪرڻ سان) معاف ڪري ڇڏي - انساني سهڙو. (نظر بد - بد ڌيانت - فاسد خيال جو دل ۾ اچڻ).

Gul Hayat Institute

ـ گناهُ کبیرُو: ذ. صفت. سخت گناهُ ـ وڈو گناهُ ـ متا پاپُ ـ متا دوشُ. (زنا کاري. [ناحق] خون. خود کشيُ وغيره جهڙو ڏيل گناهُ).

ـ گناهگارُ ع گناهَ گارَ: ذ. صفت. گنهگارُ ـ ڏوهيُ ـ پاپيُ ـ اذرميُ ـ عاصيُ ـ کُکرميُ ـ فاسقُ ـ فاجرُ ـ بدڪار ـ خطا وار ـ مُجرمُ ـ آپراڌيُ ـ گناهتو.

ـ گناهگاريُ ع گناهگاريُونُ: ث. صفت. خطا ـ قصورُ ـ جرمُ ـ دوشُ ـ ڏوهُ ـ گناهُ ـ آپراڌ. ڏنڊ ـ جرمانو ـ چٹي ـ عيوضو ـ ڪفارو ـ پراشچت ـ شُڌيُ. توبهه ـ پچتاءُ.

ـ گناهيُ ع گناهيُ: ذ. صفت. گنهگار ـ گناهتو ـ گناهگار ـ ڏوهي ـ پاپي ـ اپراڌي.

● گنٹَ: اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو (بلوچن ۾).

● گنٹُ: ذ. ث. ڳوهيل مٽي ـ گارو ـ گپ ـ چڪَ. مٽيءَ جو چٹبو. (صفت). نرم ـ ڪُنڌرو. مٽيءَ جي پيٽ. آهو پيٽُ جو گهٹي پاڻيءَ سبب ڳوڙها يا لئي جهڙو ڪهاتو ٿي پوي.

ـ گنٹُ پيٹُ: ذ. ٿوري گيهه وارو پيٽُ ـ آدرڙو پيٽُ.

ـ گنٹبوڙو ع گنٹبوڙا: ذ. مٽيءَ جو ڀينوڙو.

● گنٹبَ ع گنٹبُونُ: ث. ڪُنڊُ ـ ٽنهوُ ـ ديگ ـ ديگيُ ـ ڪوڙي. ڪوڙ ـ ديئر. گنجُ ـ خزانو. ڪاهه ڳڙڪايل شيءِ. چيڙَرو ـ پيٹرُ ـ ديڙيرو ـ پهٹيرو. پيپَ ـ پيٹُ.

ـ گنٹبَ وِجهڻ: چيڙَرو ٽيڻ ـ پهٹيرو ٽيڻ.

● گنٹبُ ع گنٹبَ: ذ. ڪوڪهي يا ڪنهن به شيءِ جي چوٽي يا گولائون مٿو ـ متو ـ سرو ـ چوٽي.

● گنٹبا: اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو.

● گنٹباتُ: اسمِ خاص. پيٹَ شاهه جي ويجهو هڪ قديم ديهه جو نالو.

● گنٹبٹُ ع گنٹبٹَ: ذ. ٻيڙيءَ جو وچ. ٻيڙيءَ جي وچ وارو خال. (جهاز جو) ڪُنُ ـ پٹکرُ. (اسمِ خاص). ضلعي خيرپور ۾ هڪ شهر جو نالو.

● گنٹبٹُ ع گنٹبٹَ دارُ ع گنٹبٹَ دارُ: ذ. صفت. قبهي وارو ـ قبائونُ.

ـ گنٹبٹ مٹدفن: ذ. قبر مٿان قبو.

● گنٹبو ع گنٹبا: ذ. ٿلهو ـ موٽو. متارو ـ ٿوٽان.

● گنٹبيُ ع گنٹبيُونُ: ث. نارَ جي قرهين ڪي آرن سان جڪڙڻ يا مضبوط ڪرڻ لاءِ هنيل ڪاٺ جون چپرون ـ ٽلهي ڊگهي چپٽر ـ گول چپٽر.

ـ گنٹبيُ هٹڻُ: فائدي ۾ ڳالهائڻ.

● گنٹبيُ ع گنٹبيُونُ (ڪ): ث. آٺ جي ڪير جي ڪجيُ.

● گنٹيَلَ (ث): ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● گنٹيرُ ع گنٹيرَ: ذ. صفت. (سن). سالتيڪو ـ ڏيرو ـ ديرينو. باري ـ سنجيدو ـ برد بار ـ تحمل وارو. سياڻو ـ ڏاهو. ڳوڙهو ـ گهرو ـ آونهون. غمگين ـ آداس ـ دلگيرُ. (ث). مانيٽهي طبيعت وارو. خاموش. (ڪ).

ـ گنٹيرائيُ ع گنٹيرايُونُ: ث. ڏيرجائي ـ تحمل ـ سانٹيڪائي ـ ڳوڙائي ـ ديرينائي ـ برديباري ـ سنجيدگي ـ سانٹ ـ ڏيرائي ـ ساڻ ـ خاموشيُ.

● گنٹو ع گنٹا: ذ. زمين جي ماپ جي هڪ زنجيرَ ـ ٦٦ فٹوٽيُ ستڪلي. زمين جي ايراضيءَ جو هڪ ماپو ـ گهٹتو.

● گنٹُ (ث): ذ. ڏيءِ جو ڦٽُ.

● گنٹرو (ث): ذ. آڻن جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

● گنٹڙيُ ع گنٹڙيُونُ (ث): ث. ڳنڙيُ ـ ڳنڊڙيُ.

● گنٹيو ع گنٹيا (ث): ذ. مرض جو هڪ قسم (جنهن ۾ سنڈ سڪي پوَن يا بدن جا هڏ وڏي پوَن). گاهه جو هڪ قسم ـ ڏکهين تندن وارو ڳنڊيرُ.

● گنٹبٹُ ع گنٹبٹَ: ذ. (ف). عمارت جي مٿان گولائين ديوار. گول چت واري عمارت. قبوُ ـ پُرجُ.

Gul Hayat Institute

● گنڄ ع گنڄون: ث. (سن. کنڄ یا کنڄ). مٹي جا کٽل وار- مٹي تي کٽل وارن وارو هنڌ. مٹي جي لسائي- ٽپٽي- روڌ- ٿوڙهه- ٽال.

- گنڄاڻ: ث. گنجائي- ٿوڙهائي- روڌائي.

- گنڄو ع گنڄا: ذ. مٹي جي کٽل وارن وارو يا کوڙيل وارن وارو- ٿوڙهو- روڌو- موڌو. (ث. گنجي ع گنجيون). (اسم خاص). حيد رآباد ۾ هڪ ٽڪر جو نالو (گنجو ٽڪر).

● گنڄ ع گنڄ: ذ. (سن. گنج. ف. گنج= کوڙ) ڍڳ- کوڙ- انبار- هٿبار- جهجهو- گهٽو- پٿنجن جي انگ پوئتان برڪت لاءِ "گنج" چوڻ. گهٽو- دل- اڻ ٽيو- هيکاندو- سرس- انيڪ- بي انت- پنڌار- خزانو- ٿئو مال- راهه- گند- ٽٿهو- کوڙي- انبوهه- ڍير- دڻ- ٿئو- گنجي- مٹي. بي انداز- گدام- ذخيرو- ڪٿيرخزانو- گهٽو مال- ميڙ. بازار- ٽنڊي- ڏڻي- مارکيٽ.

- گنڄ آهي: (ڪونہ آهي)- گهٽو آهي. (انڪار جي معنيٰ ۾).

- گنڄ الاهي: ذ. قرآن مجيد- مصحف عزيز- ڪلام الله.

- گنڄ بخش: صفت. وڏو فياض- ڏاتار- لک داتا- لک بخش.

- گنڄي ڏيڻ: مار ڏيڻي سڌو ڪرڻ. ايٽ ڪي ڏاڍ ۾ آڻي ٽيڪ ڪرڻ.

- گنڄ شهيدان: ذ. صفت. شهيدن جو مقام.

- گنڄ لڳي و ڇڻ: تمام جهجهو فائدو ٿيڻ- گهڻي آپت ٿيڻ- زياده نفعو ٿيڻ.

- گنڄ هڄڻ: گهٽو هڄڻ- ڪجهه نہ هڻڻ. "هاڻي ان گنڄ آهي".

● گنڄ ع گنڄ (ت): ذ. سٽڻ جي آبداڻي وٽان وريل وڪڙ- گهنڄ.

● گنڄ ع گنڄ: ذ. ڪاٺ جو دهلو (جنهن ۾ اندر گهٽا ڏهلا بند ٽيل هجن، سندس شڪل گول ٿئي). دهلي ۾ ڏهلو.

● گنڄا: اسم خاص. چانورن جو هڪ قسم (ڳاڙها چانور، ٿڌا اڇو، سنگ لٽسو). هڪ ذات جو نالو.

● گنڄا ٿوڙها: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گنڄارڻ: مصدر. (سن. گنڄ) لامارا ڏيڻ- ڦيرڻ- چڪر ڏيڻ- لمڻ- تنبڻ- ڦيرڻ- ڦيرا ڏيڻ- چڪر ڪاڻ- گهمرا ڏيڻ- وارا ڪيڻ. (گنجاريو- گنجاريندو- گنجاريل).

● گنجار: ڦيرا ڏيڻ. "پوڻن جي گلن مٹي گنجار."

● گنڄاس ع گنڄاسون (ت): ث. خيانت. چيهو- نقصان. ٽوٽ.

● گنڄالن: اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گنڄائش ع گنڄائشون: ث. ڪمي. ضرورت. سهل- موقعو- جڳهه. لياقت- حيثيت. جاءِ.

● گنڄرڻ: مصدر. قاسي وجڻ- اٽڪي وجڻ- چنڊي وجڻ.

- گنڄرجڻ: قاسي پوڻ- بيمار ٿيڻ.

- گنڄرجي پوڻ: گنڊجي يا قاسي پوڻ- بيمار ٿي پوڻ. ويڙهجي وجڻ.

● گنڄڙو: ذ. سارين جو هڪ قسم (سڳداسي سنهڙا ۽ خوشبوءِ دار چانور).

● گنڄس ع گنڄسون: ث. ڪاٺ جي چٽر.

● گنڄسيون (ت): ث. غير- ڪٽ- ميرائي.

● گنڄفو ع گنڄفا: ذ. راند جو قسم- تاس- پتو- پتن جي راند.

● گنڄ گيڙي: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گنڄن: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر ڪراچي، حيدرآباد ۾).

● گنڄڻ: مصدر. پون پون ڪرڻ- جهونگارڻ- رڙون رڙون ڪرڻ- پڙ پڙ ڪرڻ- ميڙ ميڙ ڪرڻ (مڪ وانگر). (گنجيو- گنجندو- گنجيل).

Gul Hayat Institute

● گنڊُو: اسر خاص. تعلقي ڏوکريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گنڊو ٽڪرُ: اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گنڊُو جٻلُ: ذ. اسر خاص. حيدرآباد ۾ هڪ ٽڪر جو نالو
"ڪتوڙين پال پنهونءَ جا گنڊي منجهه گهُريام".
● گنڊوُرا: اسر خاص. هڪ ذات (ڪيترن بلوچن جو هڪ قبيلو).
● گنڊِي ۽ گنڊِيُونُ: ث. قميص جي اندران پائڻ لاءِ نندي چولي ـ ڪڙي جي گنڊي ـ ولايتي آئيل نندي چولي، جا قميص جي اندران پائجي. ٿوڙهيي، گاهه جو ٻُوڙو. (اسر خاص). تعلقي نُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گنڊِيُ يا گُڊِيُ ۽ گنڊِيُونُ (ڪ): ث. پڪيءَ جي نِڙَ گهٽ وٽ هڪ چمڙي جي ٿيلهي، جنهن ۾ ڪاڄ ڪنو ٿئي.
● گنڊُچُ ۽ گُنڇَ (ت): ذ. آندِي جو پاسو.
● گنڊُ ۽ گنڊَ: ذ. (سن. کنڊ، گنڊ. ف. گند=ڪچرو). ڪِنُ ـ ڪچرو ـ ٻُهَرُ ـ مَٽِيلُ ـ مِٽي ـ مَترُ ـ ميرـ ميلُ. وگند ـ چِٽ ـ بدبوءِ ـ ڏپ ـ ڏَمَڪَ ـ دُرگنڌُ ـ عُفُونت. غلاظت. نجاست ـ ناپاڪائي ـ پَليتِيُ. گندي زبان ـ ڪَچُ ـ بارگند. زخم ۾ خراب ٿيل رت. موٽَ (پَٻڙ جي پاڙ وٽ هيڻان پاڻيءَ ۾ وڌا لوڙهه ٿين). پڪو لوڙهه ـ ڪوڙل پوٽيءَ جي پاڙ ـ خراب ٻوجارا ڪڙيل لوڙهه:
"گنڊُ جنين جي گوڌ ۾، ڪلهن تي ڪوٽيون" (شاهه).
"گند جنين جي گوڌ ۾، پاڻ ـ وڙا پوشاڪ" (شاهه ـ ڪاموڏ).
ـ گنڊائِيُ ۽ گنڊائِيُونُ: ث. صفت. ميرائي ـ ڪنائي ـ گدلائي ـ گندگي ـ مٽلاڻ ـ ميراڻ. غليظائي.
ـ گنڊُ ستڻُ (ث): خرابي ڪڍ ڪرڻ ـ خراب ڪم ڪرڻ ـ بچڙائي ۾ پوڻ ـ بدمعاشيءَ ۾ مُبتلا ٿيڻ.
ـ گنڊُ ڦُلارَنُ: خراب ڳالهه ظاهر ڪرڻ ـ خراب گفتگو ڪرڻ ـ بدشد ڳالهائڻ ـ گلا ڪرڻ. ڪنهن جو لِڪل عيب ظاهر ڪرڻ.
ـ گنڊُ ڪيڏَنُ: ٻوهاري ڏيڻ. لُڇَ لُڦنگي کي تڙي ڪيڏڻ.
ـ گنڊُ گانهڻُ (ت): ڪِن ڪِچرو ـ ٻُهَرُ. مَٽِيلُ.
ـ گنڊُ گاهڻُ (ت): ڪِچرو ـ خرابي.
ـ گنڊَ گِيُ ۽ گنڊَ گِيُونُ: ث. صفت. گدلائي ـ ميراڻ ـ ميرائي ـ ڪِنَ مان پريل ـ مَترُ ـ غلاظت. مَٽِيلُ ـ ڪِچرو ـ ٻُهَرُ ـ ڪِنُ قِٽُ ـ غليظائي.
ـ گنڊُ مَٽِيڻُ (ت): خراب ڳالهائڻ ـ خرابي پَترَنُ.
ـ گنڊُو ۽ گنڊا: ذ. صفت. ميرو ـ ڪِنو ـ لُڙوُ ـ گچيرو ـ گندِلو ـ ڏوڙ پٽڪُليو ـ غليظ ـ مَليِنُ ـ فاحِشُ ـ بانسدار ـ ڪِکوُ ـ اوباشُ ـ بي شرميءَ جو ـ اڳهاڙو ـ ريجالو. چٽارو ـ نرڪ؛ ويدڪاري ۾ مُڪتي جي بچاءَ لاءِ.
ـ گنڊُو هَڙُ ۽ گنڊُو هَڙَ (ت): فساد ـ جهيڙو ـ خرابي.
ـ گنڊِيُ ۽ گنڊِيُونُ: ث. صفت. بچڙي ـ خراب ـ ميري ـ ڪِني.
● گِندُ ۽ گِنڊَ: ث. پراڻي رليُ ـ رلهيُ.
● گَنڊُ ۽ گَنڊَ: ذ. صفت. راهه ـ ٽُهو ـ ڊِگُ ـ ڊِگِيُ ـ ڪوڙي ـ آن جو گُندلو ـ ڪوڙ ـ انبوهُ ـ ڊِيرُ ـ گهڻو ـ جهجهو ـ ستو ـ ستِيُ ـ گُدام ـ دَنَ ـ دڙو. ڪتليُ. آونهو (ڪنڊِ انُوسارَ). اوڙاهُ.
● گِنڊا ۽ گِنڊايُونُ: ث. فقيرن جي گودڙي ـ گودڙ ـ رليُ. ڪٿي ـ ڪدا يا جمني.
● گندا گبري: جهولي. رلهي فقيرن جي.
"نہ گندا نہ گبري نہ لانڪوٽي ليڙ"
(شاهه ـ رامڪلي).
● گنڊا گولڳ: اسر خاص. هڪ ذات (درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو).
● گنڊاوا: اسر خاص. بلوچستان ۾ جهونا غرق ٿيل ڏڙا (جن جي ويجهو پهريائين لاشاري بلوچ اچي آباد ٿيا).

Gul Hayat Institute

● گنڈ ٻھوڙ: اسم خاص. لسٻيلي طرف هڪ جبل جي لڪ جو نالو.
● گنڈ ٻٽ ۽ گنڈ ٻٽ: ذ. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
● گنڈر (ت): ذ. ستر نھٽن جا ڪچڙا ڪنر- ڪوڪرون يا ستر نھن جا ڪنر- سائيي پاڇي.
● گنڈر ۽ گنڈرَ (ل): ذ. گنڊل- قاتل رلي- گلي- ڏڙڪي. قاتل اوچڻ.
● گنڈر ۽ گنڈر: ذ. ڏک- فڪر- غم- ڪٻتي.
- گنڈرَ وَل: ڏکن جو وڻ. (سرحسيني- گر).
● گنڈرا: اسم خاص. هڪ ذات (مهاڻن ۾ ملاحن جي).
● گنڈراڻي: اسم خاص. رياست لسٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جنهن جي ويجهو جبلن ۾ غارون جڙيل آهن، شايد اڳين زماني ۾ هتي جا رهاڪو، تور عاد ۽ ثمود وانگر، غارن ۾ رهندا هٿا (ت- بلوچستان).
● گنڈرف ۽ گنڈرَف: ذ. معدني پيدائش جو قسم، جو پارڻ جي ڪم اچي- گندڪ- آنولاسار- ڪنڪر- گوگيرو.
- گنڈرف جو تيزاب: گندڪ جو تيزاب- آنولاسار جو پاڻي.
● گنڈرو ۽ گنڈرا: ذ. ملاح- مهاڙو.
- گنڈري ۽ گنڈريون: ث. مهاڻن جي ذات- مهاڻي
"تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ"
(شاهه- ڪاموڏ).
● گنڈڙو ۽ گنڈڙا: ذ. نڍي گندي- گندلو.
● گنڈڪ ۽ گنڈڪ: ذ. (سن. گندڪ = گندڪ) گندف- معدني پيدائش جو قسم، جا پارڻ ۾ ڪم اچي- تيزابي شيءِ جو قسم- ڪنڪر- آنولاسار- گوگڙ. پسارڪو وڪر- هڪ دوا. عطار- عطر وڪڻندڙ- وڻ ۾ ٿيندڙ جيت جو قسم.
● گنڈل ۽ گنڈل: ذ. ٻہ پڙو ڪٽو- ڪمبل. جانهي ۽ سرنهن جا گل.
● گنڈلو ۽ گنڈلا: ذ. صفت. ڏاڙو مٽو- پٽو- جٽو- زاڙو- ٽلهو- ڦوڦانگ- ستر وتر- دڙنسو- سنڪو- ڏگ- بٽ ۾ پريل- چٻوبڪو- ڳٽڪو- گهڳهيٽو- چڳهيٽو- پرٽو. وڻ جي ٻچاءُ لاءِ ڏنل لوڙهو- جهنگلو. ڪتبن جي پيٽ چوڌاري آيل.
● گنڈلو ۽ گنڈلا: ذ. انَ رکڻ لاءِ ميڻيءَ جو ٿهيل نندو ٿانءُ.
● گنڈم ۽ گنڈمَ: ذ. ڪڪ- گيهون.
● گنڈنا ۽ گنڈنائون: ذ. ث. گاهه جو هڪ قسم، ٽوم جي ٻڻن جهڙو، جبلن ۽ باغن ۾ ٿئي. پسارڪو وڪر- دوائي ٿئي.
● گنڈن ۽ گنڈنَ: اسم خاص. مڇيءَ جو قسم، فوٽ ڪن ويڪري ۽ ٽن- چئن فوٽن تائين دگهي ٿئي، اڇا سنهڙا چيلر، ٻڏيءَ جا ڪارڙا چيلر، ست پٽر، ويڪر ايڏائي فوٽن تائين، ڏيگهه ۾ پنج- ڇهه فوٽ، تور ۾ وڏي ۾ وڏيءَ جي تور جهڙي سيرن تائين ٿئي- ڦلهي جي شڪل جهڙو، پاڻيءَ ۾ پاميرو ترندڙ- جرڪي جهڙي ٿيندڙ مڇي جو قسم. وڏي ڪارائي، جا ڪرت ڪان نندي ٿئي. (ت).
عيب لائق. (ت).
- گنڈنڀي ۽ گنڈنڀيون: مڇيءَ جو قسم.
● گنڈو ۽ گنڈا: ذ. لوڙهي واريون گنديون ۽ گندڙ، جن ۾ ڏنار نڍيا قٽر رات جو ٻوري، مٽان ٻهلڻ ڏيئي چڏين، انهيءَ لاءِ ته ڪو ميرون وغيره ڪين ڪٽي نه وڃي. (سر مارئي- گر).
● گنڈولو ۽ گنڈولا: ذ. نڍي رلهي.
● گنڈوئو ۽ گنڈوئا (ڪ): ذ. سئو- ڳوڻين سيبڻ لاءِ لوهه جو چهنبدار، سنهو ڪيل اوزار. (ڪاڇو).
- گنڈوئي ۽ گنڈوئيون (ڪ): ستوڙين سيبڻ لاءِ وڏي سئي.
- گنڈي ۽ گنڈيون: ث. مٽي تي پهرڻ لاءِ هڪ زنانو ڪپڙو- زناني چادر. زالن جي پوتي- ڪپڙو- لتو- چٻڙ- رٽو- بانڊٽو- سالورو- دهٻتو- چتيي- اوڙني- چادر. گودڙي. خراب

Gul Hayat Institute

عورت وغيره - ميري - کنيي - فاحش - اوباش - گدلي - غليظ. (ت). چادر - رلي - ٽپڙ.
= گنڈي ريرکڻ (ن): چادر ڏرکڻ.
= گنڈي پسال: ٽورو مينهن. جهيڙي برسات - کڙي پوس مينهن.
= گنڈيءَ مانيءَ چريو هڻ: چٽ چريو هڻ. نهايت چٽ کان باهر. بلڪل هوش کان نڪتل.
● گنڈي ۽ گنڈيون: ث. رلي - رلهي - گودڙي - چادر - ديهاتي عورتون کڙي جي ٽڪرين سان ڏزائين تي رليون ٺاهين - جمني - کدا.
= گنڈيءَ جا آيون: راز - ڳجهه - مخفي ڳالهه. رمز - انڪل. رنگ - طرح.
= گنڈي چنڈڻ: سکڻو موٽڻ - خالي هٿين وڃڻ.
● گنڈي ۽ گنڈيون: ث. آن رکڻ لاءِ مٽيءَ جو ٺهيل گنڈلو - آن رکڻ لاءِ مٽيءَ جو ڏو ٽانءُ - اڻ جي پتلي - مٽيءَ جو ٻيڙ آن رکڻ لاءِ.
= گنڈيءَ جا آيون کڏڻ: عيب ظاهر ڪرڻ - سقم کولڻ. راز کولڻ.
● گنڈ ۽ گنڈ: ذ. (سن. گنڈ = بانس). بانس - ڏپ - بدبوءِ - بوءِ.
● گنڈار ۽ گنڈار: ذ. (سن. گنڈار = گنڈار). راڳ جي ستن آوازن مان هڪ آواز، راڳ جي ستن آوازن مان ٽيون نمبر آواز - علم موسيقي جي ٽئين سُر جو نالو جو رڪب کان هڪ درجو متي آهي، هن ۾ مخرج سيني مان نڪري، جيئن (ريءِ گهيٽي يا ٻڪريءَ جو آواز) - هڪ راڳيءَ جو نالو - پيرو راڳ جي هڪ راڳني. قندار جو مُلڪ يا آتي جو رهاڪو - قندار مُلڪ جي هڪ شهزادي جو نالو - قندار جو هڪ شهر.
= گنڈاري ۽ گنڈاريون: ث. گندارين جي شهزادي. ڏرت راشٽر جي زال. هڪ راڳنيءَ جو نالو.
● گنڈاري ۽ گنڈاريون: ث. صفت. ڪينيي - مُهاڻي "بوري گنڈري".

● گنڈڻ (ت): ذ. سنڱهڻ. مانيءَ لاءِ ٻوڙ يا پاڄي.
● گنڈيل: ڪيرو لباس پهريندڙ، مرلي وڄائيندڙ ۽ نانگ نچائيندڙ جوگي (انهن جوگين جي قبيلي جو نالو).
● گنڈڻ: مصدر. بتالڻ - رولو - گهه ٻيهه. مُنجهائڻ - اڙائڻ - ڦاسائڻ - مُبتلا ڪرڻ - حيران ڪرڻ - تال مُول - گم ڪرڻ - دق ڪرڻ - پريشان ڪرڻ - تڙڪائڻ.
= گنڈ ۽ گنڈ: ذ. آندُ گنڈ - گوڙ - ڪن - ڪيچرو - مولجهارو - دقت - حساب ڪتاب جو مونجهارو - گنڊ گوڙ. معاملو - مقدمو. گهنڊ. مُشڪل مهيو. (ت).
● گنڈائڻ: مصدر. سٽ وغيره و پڙهڻ - حساب ڪرائڻ.
● گنڈجڻ: مصدر. ڪيڪو وڪو ٽيڻ - وڇون: ٽيڻ - فهميون مُنجهڻ - وائڙو ٽيڻ - حواس خطا ٿي وڃڻ - آرجهڻ. بدهضمي ٽيڻ.
= گنڈجي پوڻ: گهٽي ڪاڏي ڪائڻ ڪري پيٽ ۾ گوڙ گهمسان ٽيڻ - تڪليف ٽيڻ.
= گنڈ گوڙ: ذ. صفت. مونجهه - گهوٽالو - گهمٽ گهوڙ - مونجهارو - رولو - پولو - جنجال - پريشاني - گڙٻڙ - بي انتظامي - آبتري - خلل - فساد. ليکي چوکي جي مونجهه. گند ڪچرو - آندگنڊ. ڪن چٽ - ٻُهر - ڪچرو - ڪن - ليٽ - ناڙ - بودو - بولانڊو - گوگيڙو. آٽل پُٽل - ڦٽڪو - ڏونڊاڙ - چاڇول - پوڙ.
● گنڈيل ۽ گنڈيل: صفت. ڪيڪو وڪو ٽيل - وڇون ٽيل - فهيون منجهيل - آڙيل - گيٽل - ٻڏل.
● گنڈ ۽ گنڈ (ڪ): ذ. گهنج - سر - ور - مُنهن ۾ شور - گهنڊ - اندر جي پليتي - ٻيائي - بغض - ڪينو - ساڙ - مُنهن بچڙو - ڪٻٽ - دل جي خرابي - بدنيت - خرابي - حسد. منجهيل حساب. دعويٰ - مقدمو - معاملو.

ـ گنڊ مُنڊ: ذ. صفت. مونجهارو ـ گڙ بڙ ـ گهمسان ـ لڙ ـ وڙوائي ـ بکيڙو ـ رولو ـ گهمگوڙ ـ کچ ـ گول مول ـ گڙ گڙ ڏاني.

● گنڊو ع گنڊا: ذ. صفت. ڊاکو ـ ڏاڙيل. ٺگ ـ کوٽو ـ اندر جو پليت ـ بدنيت وارو ـ دغاباز ـ اندر جو کارو ـ فريبي ـ مکريل ـ منافق ـ ڊوهو ـ ڊڪو ـ بيڙو ـ خراب.

● گنڊير: اسم خاص. تعلقي کشمور هڪ ديهه.

● گنڊيه ع گنڊيَ (ت): گونگهٽ ـ گهنڊ. لڪ لڪاءِ.

ـ گنڊيه بتلاڙو کترن: منهن ڍڪي ويهڻ. پڙدي ۾ ويهڻ. لڪي ويهڻ. گهنڊ گهنڊالو.

ـ گنڊيه کترن: منهن لڪائڻ. پڙدو ڪرڻ.

● گنڊيَڙَ (ث): ذ. ٻانيڻ جي هڪ نڪت. ٻانيڻ جي ذات.

● گنڊيوخ ع گنڊيوخَ (ت): ذ. بي همت ـ ڍڇو ـ سست. نستو ـ ڪمزور. ضعيف ـ ڏهرو.

ـ گنڊيوخائي ع گنڊيوخايون: ث. بزدلي ـ ڍڇي طبعيت.

● گنڊيڙَ (ث): اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر تر ۾ رهندڙ).

● گنڙ: اسم خاص. گاهه جو قسم.

● گنڙوَ: هڪ دلي رکڻ لاءِ ڪاڻيءَ جي گهوڙي (منجي). ان کي ٽنگون ڪونه ٿين.

● گنڪا ع گنڪائون: ث. کسبڻ ـ ويشڻ ـ رن ـ ڪيڙي ـ بدڪاري ـ چڪلائڻ ـ فاحشي ـ رنڊي ـ کسبياڻي ـ طوائف.

● گنڪ (ت): ذ. ڪانهن يا سڙن جي ڇوڙي جي ڪاڻي جو سنگ ـ نسريل ڇوٽو.

ـ گنڪ ڪنيَن: ڪانهن يا سڙن جي ڪالي جو نسرڻ.

● گنڪ ع گنڪ: ذ. صفت. بيحد وڏو ـ پاري ـ ڏاڙ دنگ ـ پربت جيڏو ـ وڏو درياءُ ـ تمام وڏو. ڀيانڪ ـ خوفناڪ ٿو. (اسم). سڙ جو ڏوڏو. (ن ـ ب).

"سڙءُ لڳو سترَ موريا، ڪيڏيا گوش گنگن".

ـ گنگارپڻ: سڙن جو ڪم.

ـ گنگ ٽيٽ: گڏجڻ ـ مقابلي لاءِ هٿيارن سان دشمن جي آڏو اچڻ.

● گنگ ع گنگ: ذ. صفت. گونگو ـ گنگو. محويت. خاموشي. (ع. ا ـ د).

ـ گنگباز ع گنگباز: ذ. صفت. گونگو نائڪ ڪندڙ ـ سانگ وجهندڙ.

ـ گنگبازي ع گنگبازيون: ث. صفت. سانگ ـ گونگو نائڪ ـ گونگو تماشو.

ـ گنگهوڙ ع گنگهوڙَ: ذ. ماڻ مٺ ـ چپ چاپ ـ سانت ـ سڪ ـ خاموشي ـ گپ چپ ـ سامت ـ ٺام ـ آرام ـ سناٽو ـ ٿپر ـ بي هوشي ـ غشي ـ گهيٽرائي ـ مورچاڪتي ـ گيرت.

ـ گنگ ٻوڙَ ۾ گذارڻ: آندر جو اندر ۾ ڳٽيون ڪندو رهڻ. جيءَ سان جهوري لڳڻ ـ ڳٽيءَ ۾ گذارڻ ـ پريشان حال رهڻ.

ـ گنگتڙ ڪتيو ڳالهائڻ: چٽيءَ طرح نه ڳالهائڻ. صاف نه ڳالهائڻ ـ آڪي ڳالهائڻ.

ـ گنگدام ع گنگدامَ: ذ. بي زبان ـ حيوان ـ جانور ـ مرون ـ پسون ـ گڪدام ـ وهٽ ـ جيئو ـ ساهوارو.

● گنگا ع گنگائون: ث. (سن: گنگا = مشهوري) هندستان ۾ هڪ نديءَ جو نالو ـ پارت ۾ هندن جي پوٽر نديءَ جو نالو.

"گنگا لوچي گودڙيا، جر پيٽائون جام"
(شاه. رامڪلي).

هندن ۾ اڪثر عورت جو نالو. دور ديش ۾ مري ويل هندن جي هڏڻ جي رکَ ۽ هاڏيون هندو ماڻهو اتان ڪٽي اچي هن نديءَ ۾ وجهندا آهن.

ـ گنگا آشنان کترن: ڏرم جو ڪم ڪرڻ.

ـ گنگاني ع گنگانيون: گنگانديءَ جي مٽي ـ گنگانديءَ جي واري (جا هندو قوم پوڄا پاڻ لاءِ ڪم آڻي). گنگي ماڻهوءَ جي حالت ـ گنگا فقير.

ـ گنگا پرُبت: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو، جنهن مان گنگا ندي نڪري وهي ٿي.

Gul Hayat Institute

ـ گنگاڈارا: آڪاش گنگا ـ ڪتھڪشان ـ ڪيرڈارا.
● گنگا رامِيُ: اسر خاص. چانور جو قسر.
● گنگا: اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.
● گنگائِيُ: اسر خاص. ھڪ ذات (اڪثر ڪراچيءَ ر).
● گنگائنُ: مصدر. گنگي وانگي ڳالھائڻ ـ دَ ٻيل آواز ـ گھگھو ڳالھائڻ ـ سمجھ ر نہ اچڻ جھڙو ڳالھائڻ ـ گنگ پوڙ ڪرڻ. (گنگايو ـ گنگائيندو ـ گنگايل).
ـ گنگائِيُ ع گنگائِيُونُ: ث. بي زباني ـ ڳالھائي نہ سگھڻ واري حالت ـ نہ سمجھڻ جھڙو ڳالھائڻ ـ گونگو.
● گنگتِر ڑُو ع گنگتِر ڑا: ذ. صفت. ٽرڙو (لائيُون) ـ ھڪ ٽڪ نہ ٽرندڙ لائٽون ـ ڪڙڪڙيو.
ـ گنگتِر ڑائِيُ ع گنگتِر ڑائِيُونُ: ث. صفت. لوڏي سان ھلڻ ـ دَڏڪي سان ھلڻ ـ نخري واري چال ـ ڪَرَ ـ لوڏو ـ دوڏو.
● گنگڈاسِ (ث): اسر خاص. ھڪ ذات (ٽر ر رھندڙ راجپوت).
● گنگر ع گنگرَ: ذ. صفت. وڏو ڪُٽنب ـ وڏو عيال ـ عيالدار.
● گِنگِريتُ ع گِنگِريتَ (ڪ): ذ. سڪرات واري حالت ـ لُڪيءَ ر ساھ ھڻڻ.
● گنگڙُ: اسر خاص. ھڪ ذات. تعلقي گمبٽ (ضلعي خيرپور) ر ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگڙُ ع گنگڙَ: ذ. نوڙي ـ ڦاھي. نقصان. ڏڦو ـ فساد. ڇيھو ـ ڪوٽ ـ ٽوٽ.
ـ گنگڙُ پَوڻُ: فساد ٿيڻ ڪري مشڪلاتون پيش اچڻ.
● گِنگِرِڙائِيُ ع گِنگِرِڙائِيُونُ: ث. صفت. دَڏڪي سان ھلڻ ـ لوڏي سان ھلڻ.
● گنگڪِيُ: اسر خاص. تعلقي ميرپورساڪري ر ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگوُ ع گنگوُ (ت): ذ. لٽيءَ (وڻ) جو ڳاڙھو گونچُ ـ ڪنگو (ل).
ـ گنگوُتارو ع گنگوُتارا (ت): ذ. صفت. ڳاڙھي گونچ وارو لٽيءَ جو ٽارو.
● گنگو: اسر خاص. تعلقي ميھڙ ر ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگوُ ع گنگا: ذ. صفت. (ف. گنگُ) جيڪو ڄائي ڄر ڪان ڳالھائي نہ سگھي ـ بي زبان ماڻھو، حيوان وغيره ـ جيڪو ڳالھائي نہ سگھي ـ ڳالھائي نہ سگھندڙ. ماڻ وارو ـ مانيٽو. گڏار ـ جانور ـ حيوان ـ بي زبانو.
ـ گنگاڻِيُ: گنگا فقيرَ جي نہ ڳالھائين.
ـ گنگنَ ع جنگنَ: آڻن ع پھلوان جتن سان. (ن ـ ب).
ـ گنگِيُ گانءِ ھُنڌُ: مانيٽو ھڻڻ ـ سادي سياڻ وارو ھڻڻ.
● گِنگوُ ع گِنگا: ذ. اسر. نڪ ڪان گھٽو.
● گنگوُتَرِيُ ع گنگوُتَرِيُونُ: (سن. گنگوتري = گنگا نديءَ جو مُنھن) ث. گنگا نديءَ جو منھن ـ گنگا نديءَ جي ھمالي جبل مان نڪرڻ واري جاءِ. ھمالي جبل جي ھڪ پربت جو نالو. جبل جي ھڪ چوٽيءَ جو نالو.
● گنگوُ دِ ھوُ: اسر خاص. تعلقي آباوڙي ر ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگوُنُ (ل): ذ. آڻ جي ڇڄ ڪان وٺي ڪنڌ جي پاڙ تائين ٿوھي جي مٿان وارن جو ليڪو، سنڌو.
● گنگوُ وارو گوڙُ لائِنُ: ڳالھائي ٽڪجڻ ـ رڙيون ڪرڻ.
● گنگُ: خوفناڪ ـ خطرناڪ ـ ٻيو ٻريو.
● گنگھہ ع گنگھہَ: ذ. نندڙو ڪوٽ ـ ڪونڙو ـ نندو ڪوٽ ـ وستي ـ واھ ـ گامُ ـ ديھ.
● گنگھرُ ع گنگھرَ: ذ. آھدا ـ مصيبت ـ آفت ـ غضب ـ ڪمبختي ـ نياڳُ ـ شامت ـ ماجران ـ سوڙھ ـ لاچار حالت ـ مشڪلات. جنجل ـ جنجال. ڏک ـ اھنج ـ سُورُ ـ رَنجُ ـ ڪَٽُ ـ ڦاھو ـ ڪَٽُ ـ سُرڪڻ ـ ڦاھي. تنگي ـ إفلاس.

Gul Hayat Institute

● گِنگھروءُ ع گِنگھرا: ذ. (سن. گگتر + اوک = گِنگھرو) زيور جو قسم ۾ پيرن ۾ پائڻ جو وڇندڙ زيور- پيرن ۾ پائڻ جو ڪُهڻ - نندڙو مٽر- زَنگلو- ڦلقو. چٽي جو ڦوٽو - سِٽي جو ڦوٽو- گھنگرِيو.

● گِنگھڻ جاگِيرَ: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گُنگھيٽِيءُ ع گُنگھيٽِيُونءُ (ل): ث. جِيتءُ جو قسم، ڪاڙهي رنگ جو ٽٽي، گدري ۽ چانهين جي ول ڪائي. گھريٽڙي.

● گُنگھ ہوڙ ع گُنگھ ہوڙا: ذ. ڪالهه اهڙي ڪالهائي، جنهن جو اول آخر نه هجي، ۽ نه سمجهه ۾ اچي. بنا سمجهه جي ڪم ڪرڻ.

● گُنگھِي ع گُنگھِيءُ: ث. گھُٽِيَل آواز- ويڙل نڙي- گھِگھيءُ.

● گُنمِيچِيءُ: اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گُنوارءُ ع گُنوارَ: ذ. ڳوٺاڻو- واهٽي- دَهُقاني- گاميڙيو. جٽءُ- آناڙِيءُ- جهنگِليءُ.

ـ گُنوارءُ سَمجهَڻءُ: ڳوٺاڻو يا جٽءُ سمجهڻ.

● گُنوار: آن جو قسم- هڪ پوڪ.

● گُنوائِڻءُ: مصدر. (سن. گَمْياوي = وڃائڻ. پرا. گَماوي = وڃائڻ). وڃائڻ- ضايع ڪرڻ- گوهڻ- برباد ڪرڻ- بگاڙَڻ- نابود ڪرڻ- ڇٽ ڪرڻ- آجاڙڻ- آجڙڻ- ويران ڪرڻ- اجايو وڃائڻ- لُٽڻ- دُفءُ ڪرڻ- ڦوڪي ڇڏڻ- چٽِيءُ چُورو ڪرڻ- خرچي ڪائي ڇڏڻ- آڏائڻ- کوهڻ- ناس ڪرڻ. گم ڪرڻ- لِڪائڻ- چوراٽڻ- چُپائڻ. (گنوايو- گنوائيندو- گوانيل).

ـ گُنوائِيڻ: وڃائين- ضايع ڪرين.

● گنوتر: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾).

● گُنوَتِيءُ ع گُنوَتِيءُ (سس): ذ. صفت. گُڻ وارو- گُڻ ڪندڙ:
"گُنِيءُ گيانِيءُ گنوتي، اعليٰ دوس عجيب"
(نامعلوم).

● گُنوخءُ ع گُنوخَ (ت): ذ. صفت. ڪوڙو- ٺوٽي- غافل. سستءُ. جاهل- بيوقوف- ڪِهيلو- مورک- اناڙي- بي عقل- بي سمجهه.

● گُنهَهُ ع گُنهَہ: ذ. گُناهُ- ڏوهه. دوش- پاپ.

ـ گُنهَگارءُ ع گُنهَگارَ: ذ. صفت. ڏوهي- آپَراڌي- تقصير وارءُ- عيبدارءُ- عاصي- خطا وار- قصوروار- پاپي- بُڇڙو- ڪلنڪي- داغي- بدڪار- دوشي- حرفي- ڏوهو- هراپِتِي- گُناهِي- مازم- مُجرم- فاسق- ڪُڪرمي- پاپائتو- هڇارو- گُناهتو- پاپ جو- پاپ جهڙو- سزاوار.

ـ گُنهَگارِيءُ پَرَنءُ: ڏنڊ پرڻ- ڏوهه ڏيڻ.

● گُنهُورا: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گِنهُولُو ع گِنهُولا: ذ. بَلا ۽ نانگ جو قسم.

● گُنئُونڙوءُ ع گُنئُونڙا: ذ. صفت. ڪير پياڪ نندو اڻ پا اڻ جو نندو پُڇو- ڪَنوات- ڪنواٽ.

● گُنئُنءُ: ذ. صفت. ويل- گم- وجايل- برباد ڪيل- ڪوهيل- آجڙيل. ڪوهڻ- آڏائڻ- ضايع ڪرڻ- هارايل. جٽءُ- ناس- برباد- گُنئُنءُ. غلطان (ڪ ۾).

ـ گُنئُنءُ ٽيڻ: وڃائجي وڃڻ- گم ٿي وڃڻ (ڪنهن ڪم لاءِ وڃي ۽ واپس نه موٽڻ). وڃائڻ- برباد ڪرڻ- ڪوهڻ- آڏائڻ- ضايع ڪرڻ- نقصان ڪرڻ. جٽءُ ٽيڻ- ناس ٽيڻ- تباهه ٽيڻ.

ـ گُنئُنءُ: ذ. صفت. بهادر- پهلوان- طاقت وارو- بلوان- سُورمو- سورهيه- سُور ويرُ- زور آورَ- ويرءُ- جوڌو- نايڪءُ- پَٽِيءُ- پَٽِياروءُ- دليرءُ.

● گُنِيءُ ع گُنِيءُ: ذ. ث. صفت. گُڻ وارو- گُنءُ ڪندڙ- گُڻ وارو- گُڻواڻ- علم عروض جو ڪامل ۽ ماهر. ڪامل- وَلِيءُ اللهه- خدا رسيدو- عارف- شڪتي وان- علم وارو. لائق- فائق. نانگ ڪيڏائيندڙ- نانگن جا منتر جنتر ڄاڻڻ وارو. سياڻو. جادوگر- ٽوڻو ٽِيٽو ڄاڻيندڙ. فائده دارءُ.

Gul Hayat Institute

● گنيات ع گنيات (ک) : ذ. خيال - شعور - مت - ڏنگ - عقل - سُڌ. اوت - اٽڪل. ڳڻتي - فڪر - چنتا.

● گنيَر ع گنيَر : ذ. صفت. وڏو شاهوڪار.

● گنيَرُ ع گنيَرَ : ذ. هاٿي - فيل - گج - قرنبد ڪان وڏو هاٿيءَ جو ٻچو. بي عقل - آڏاپو - ڳهيلو - مورڪائو - بي عقليءَ جو - احمقاٽو. ڪڪر. ڪڏهرو ماٺهو. شيطان.

● گنيَرگَم : ذ. صفت. بهادر - جوڌو - پهلوان - بانڪو - ڪوپو.

● گنڊ ع گنڊَ : ذ. (سن: گنڊَ = نوڪر) ٻانهون - ٻيلي - نوڪر.

● گُنڊ ع گُنڊَ : ذ. (سن: گُنَ = گُڻ) اخلاق - لڇڻ - چڱي عادت - سٺا لڇڻ - عادتون - خصلتون - خاصيت - خوبي - شخصيت - سياڻ - عادت - صفت - وصف - آثر - تاثير - ڳڻ - لياقت - هنر - قسم - نمونو. نيڪي - چڱائي - فائدو. سدا چار - مت ڳڻ - ثواب - سلڇڻ. لائقي - خوبي - چڱائي. هنر - فن - ڪشلتا - چتراٽي - حڪمت - مهارت - ڪاريگري - ذهن - اِدراڪ - آرُ - جوهر - قابليت - پُڌ شڪتي - لياقت - پاتِرتا - يوگيتا. ديا - پلائي - مهرباني - مهر - آن گرهه - وڙ - احسان - ٿورو - ڪرپا - ٻاجهه - ديا - عطيه - نوازش - عنايت - اِيڇو - ساسخاطري - رعايت. گهٽائي - زيادتي. طريقو - وات - رستو. اسباب. ڳڻڪوت - خيال - ويچار. ڏاڳو - سڳو - رسي - نوڙي. ساز جي تند - ڪمان جو زِهُ - ڏاڪو - گهمرو.

▬ گُنڊاڪاريُ ع گُنڊاڪاريُونُ : ث. صفت. گنڊاڪاري - فائدي وارو - قلدائڪُ - قيمتي - ڪمائتو - صحت بخش - مفيد. وٿندڙ - مزيدار - سوادي.

▬ گُنڊُ آوگُنڊُ : عيب ثواب - برائي پلائي - ڇڙائي چڱائي.

▬ گُنڊائِتوُ ع گُنڊائِتا : ذ. صفت. گڻ وارو - چڱين عادتن وارو - لاياٽتو - گڻ ڪاري - گناڪاري - فائدي وارو - قلدائڪ - قيمتي - ڪمائتو - صحت بخش - مفيد. وٿندڙ - مزيدار - سوادي. نيڪوڪار - نيڪ - چڱو - مرادوند - سلڇڻو - فرمانبردار - شڪر گذار - مشڪور. ڪاريگر - مجرب - هڪ ٽڪ - عمل ڪندڙ. لائق. ساراهه جوگو - انعام جوگو. ڳڻائتو - وڙائتو - مهربان - آڌڪاري. ڀڳڻ - گوهر - گٽي - چترُ. وٿندڙ - مفرح - تازگي ڏيندڙ. شاڪر - احسانمنديءَ جو - احسان مند - ممنون.

▬ گُنڊائِتيِ ع گُنڊائِتيِيُونُ : ث. صفت. گڻ سان پريل.

▬ گُنڊُ چورُ ع گُنڊَ چورَ : ذ. صفت. احسان فراموش - بي شڪر - بي شڪريو - بي گڻو - ڳٽچور - ڪرتگهن. ڪلال - بي قدر - آڌاسو - بي مروت - بي حيا - بي ديدو. ناوٿندڙ - نمڪ حرام - گلا خور - ناموافق - نيچ - ڪميٽو - ملينچ.

▬ گُنڊُ چورائِيُ ع گُنڊُ چورائِيُونُ : ث. صفت. گڻ چوري - بي شڪري - ڪلالي - بي مروتي - ڪرتگهنتا - اڌاسائي - احسان فراموشي - بي قدري - بي حيائي - بي شرمائي. ڪميٽائي - ملينچائي - نيچپائي.

▬ گُنڊِ ڪارُ ع گُنڊَ ڪارَ : ذ. صفت. فيض بخشيندڙ. شفاعت ڪندڙ - مهرباني ڪندڙ - احسان ڪندڙ.

▬ گُنڊُ ڪارِيُ ع گُنڊَ ڪارِيُونُ : ث. صفت. فائدي وارو. قلدائڪ - گناڪاري - سقل - سڳلائتو - نيڪو ڪار - قيمتي - ڪمائتو - ڪارائتو - ڪتبائتو - فائدي مند - مفيد - صحت بخش - ڪم وند - سڃاپو - سڪيارتو - سڪمو - سارٿڪ. نيڪ - چڱي - چڱو.

▬ گُنڊُ ڪرَنُ : پلائي ڪرڻ - ڪنهن سان نيڪي ڪرڻ - چڱو ڪم ڪرڻ. پيار پيدا ڪرڻ.

▬ گُنڊ گرهڻ ڪرَنُ : لڇڻ سکڻ - تهذيب وارو ٿيڻ - اخلاق سکڻ.

▬ گُنڊُوانُ ع گُنڊُوان : ذ. صفت. سٺن لڇڻن وارو - سٺين خصلتن وارو - سهڻين عادتن وارو.

- لِيڙُوُنُ لِيڙُوُنُ: ث. صفت. ڦٽيون ڦٽيون- قائل ڪپڙا- چنل ڪپڙا- لَڪوُ ٽِڪڙ- ڇيهون- ڇيهاڙيُون- ڇيهون ڇيهون- لينگهون لينگهون- ڏهيون ڏهيون- ذرا ذرا- پُرزا پُرزا- قائي چٽ ٽي ويل ذريون ذريون- اڇڙيون- لِيڙُونُ.
- لِيڙُوُنُ لِيڙُونُ ٽيڻ: اڇڙيون اڇڙيون ٽيڻ- ذرڙا ذرڙا ٽيڻ.
● لِيڙِپِيُ ۽ لِيڙِپِيءَ: صفت. (سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو ڍنگ)- ڪنڊ ۾ ٻڌ- سُڪٽ ۾ ٻڌ- هڪ ڪار- لونيو- ويل- چٽُ. بدمعاش- لُچ- آنوري- چٽيسو- چُرٻو- مچو- گابدو- بي حيا- بي شرم.
- لِيڙِپِٽاڻُ ۽ لِيڙِپِٽاڻا: ذ. صفت، لونيو- مرُدُوُدُ- چٽُ- ويلُ. بدمعاش جو- لُچَ جو.
- لِيڙِپِٽائِيُ ۽ لِيڙِپِٽائِيُونُ: ث. صفت. لونيائي- بيهودائي- مَرُدُودائي- بيوقوفائي- جهالت- بدمعاشي- لُچائي.

● لهڙو ۽ لهڙا: ذ. آڪ - ڏاگهو - ڪرهو - گورو - توڏو - ڏاگهه. (صفت). ڊرڙو ماڻهو - سست - هيڏو - ڍيڏو - ڦيڙو - موڳو - ڊرو - آرسي - ٿوٿي. بيوقوف - ڪم ذهن - بي عقل - سورڪ - مت هيڏو - ڦهيلو - نڏو - پٽڪو - موڳو ميڙ - ڪنڊ - اڻاسو - آڏاپو - جاهل - مٿوڙهه ل - جڙ - ڪوانٽ - ڊاڪن ڊلو - عاري - سليو سات - ڪم ڪوس - ڪم چور - شومتي. نئڙا ڇيلا. آهو ڏاند وغيره جنهن جا ٻئي ڪن وڏا هجن. نرم - ڪنڙو. (ت).

● لهڙو ۽ لهڙا: ذ. اڳڙين جا ٽڪر جي ڀڪري وغيره جي ٽڻن ڪي ڍڪڻ جي ڍڪ جن. آن جي ڪنديءَ جي ٽنگ ڪي ات ڪيڊي اڳڙي ڏيڻ - ڏنو - ٻنجو - ٻوچ - ڪنديءَ جي سوراخ جنهن مان آن ڪيڊي - جنگهي جي وچ ۾ پيل وٽي يا خال. ٽنگ - سوراخ - منهن آڻڻ - لهڻ. (ت). جهاز. ٻيڙو.

- لهڙا لاهڻ: اڳڙين جا ٽڪر ڀڪريءَ جي ٽڻ ڪي ڍڪڻ.

- لهڙو لاهڻ (ڪ): پدرو ڪرڻ.

- لهڙو لٿڻ: بندش لهڻ - ڳالهائڻ وغيره جي اٽڪ لهڻ. گهٽو ڳالهائڻ - ڏڪري لهڻ - هلاند يا عزت لهڻ - ڳالهائڻ کان بس نه ڪرڻ - شرم و حيا وڃڻ - خوار ٿيڻ - گلا هار ٿيڻ. (ت). بي حيائي وڃڻ.

- لهڙو لٿي پوڻ: ڳجهو عيب پدرو ٿيڻ.

- لهڙو لٿي وڃڻ: آڻ نڪري وڃڻ - خوف نڪري وڃڻ - ڏاڍو فاحش ٿيڻ - تمام گهٽي ڳالهه ڪرڻ. (ت).

● لهڙي: اسم خاص. ڀڪريءَ جو هڪ قسم، ڏگهن ڪنن واري ڀڪري.

● لهڙم ۽ لهڙم: ث. صفت. (ف. ليزم = نرم ۽ لچڪيدار ڪمان) نرم ۽ لچڪيدار ڪمان. نرم. هڪو ٻڪو - شرمنده - لٿجي - لرزي - شرمسار - شڪي - شرم وارو. جٽ قبيلي جي لائق. ڏوهي - گنهگار. (ل).

- لهڙم ڪرڻ (ت): لجي ڪرڻ - شرمسار ڪرڻ.

- لهڙمي ڪتري وڃڻ (ت): مجرم بنائڻ - شرمندو ڪرڻ.

- لهڙي ۽ لهڙي: ث. شڪي - شرمسار.

● لهس: صفت. حاضر - تيار - سنپريل - رڪاب ۾ پير - هڪيو تڪيو - تڙت - موجود - تيم تيار - آيو رهيو.

● لهسَ ۽ لهسَ: ذ. (سن. شلهيشمن = گوبو) تند - زڪام - لهس - سردي - نيزلو (نڪ جو) - تند ڪان نڪ مان پاڻيءَ جو وهڻ - مغز جي بيماريءَ جو هڪ قسم. زالون نيموريون وغيره جو ليس مٽي ۾ وجهن - چيڙهه - چيڙ.

- لهساتُ ۽ لهساتَ: ليس - زڪام - تند يا گرمي لڳڻ ڪري نڪ وهڻ. لزلو هڻڻ.

- لهسيرُ ۽ لهسيرَ: ذ. صفت. ليسدار - چيڙهو - چيڙهالو - چڪنو - لڳلڳدار - چڪيو - پٽڙو - پاڻياڻو - سٽيو.

- لهسُ ڪڍي وڃڻ (ت): نقصان رسائڻ - دٻائڻ - هيسائڻ - ٽڪائڻ.

● لهسانو ۽ لهسانا (ل): ذ. ليڪو.

● لهسڪولي (ت): نوريڙو.

● لهسوڙو ۽ لهسوڙا: ذ. (ف. سگ پستان. سن. ليس + اول + ڪ = گيدوڙو. پرا. سيلوسوليا. هـ. لسوڙا = گيدوڙا) وڻ جو هڪ قسم - ميوي جو هڪ قسم - گيدوڙو - گيدوڙي جو ڦر (جو ليو جهڙي رس سان ڀريل هوندو آهي). سگ پستان - سپستان - مٽاخ - مٽخيڙ - ليڙو.

- لهسوڙي ۽ لهسوڙيون: ث. وڻ جو هڪ قسم - ميوي جو هڪ قسم - گيدوڙي. گيدوڙيءَ جو ڦر.

● لهش ۽ لهشون (ل): ذ. مٽي يا رنگ جو خراب ليڪو.

● لهشان (ت): ذ. ذرڙيون - پٽڙيون.

- لهشان ڏيڻ (ت): ذرڙيون ڏيڻ.

● لهف ۽ لهفَ (ڪ): ذ. وڏي ستوڙ - گاديلو - ستوڙ - رضائي.

● لِيڪَ (ڪ): ذ. لِيڪ - لِهسڻو.
● لِيڪَ ۽ لِيڪُنُ: ث. (سن. ايکاد لِيکا = لِيڪ ، پرا. ايلي = لِيکَ ، هم. لِيک = نشان) لِيکو - سِتَ - سٽر - ريکا - ريسک. نانگ جو لِيکو. ڏاگو - نوڙي - رَسي - ڏورو. نِشان. وات - سڙڪ - راهه - رستو - گاڏي جي ڦيٽي جو نشان - هر وهڻ جو نشان - وات جو نشان - اوڙ. سنڌو. قطار. ڏار - پڙي. رسم - رواج - ريت - دستور - قاعدو. مرجادا. داغ - عيب - ٽيڪو. (آصفيه). خط. پد - چرن. (پلٽيس).
- لِيڪَ پائِڻُ: سِتَ ڪِيڻ.
- لِيڪَ ڏِيڻُ: سِتَ ڪِيڻ - لِيڪ پائِڻ سان رد ڪرڻ - ترڪ - واري چڏڻ.
- لِيڪَ ڪَڍَڻُ: لِيڪ پائِڻ.
● لِيڪچَرُ ۽ لِيڪچَرَ: ذ. (انگ. ليڪچر = وعظ). وعظ - سبق - درس زباني. ويـاکاڻ. آپديش. زباني مضمون.
- لِيڪچَرارُ: ذ. واعظ - درس گو - سبق ڏيندڙ. مضمون سڻائِڻ وارو. آپديشڪ.
● لِيڪَسُ (ل): ظرف. آڙي - مارُ - عجب جي نشاني.
● لِيڪِنُ: حرف جملو. (ع. لِيڪِنُ = مگر). مگر - پر. ادا - اما. ولهي - ولِيڪن.
● لِيڪَڻُ: مصدر. (سن. ريکا = لِيڪ). لِيکون پائِڻ - لِيکا يا لِيکون ڪِيڻ - سِتون پائِڻ - خط ڪِيڻ - لِيکو پائِڻ - آنڪارڻ - خاڪو ڪِيڻ. (ڪپڙي وغيره تي) نشان ڪِيڻ. ڪنهن ڪپڙي وغيره تي پرت پرڻ کان اڳ پينسل سان نشان ڪِيڻ.
- لِيڪَ ۽ لِيڪُنُ: ث. بن ٽِڪن جي وچ ۾ ڪوبه مفاصلو - قطار - خط - ريک - ريکا - سٽر - سِتَ - ڏار - لائين - لِيکو - لائن - لين - صف - ڏاري - پَٽِي - پَٽو - لڪير - لار - سلسلو - نانگ جي هلڻ جو نشان.
- لِيڪا ڪَڍَڻُ (ت): بُجا ڏيڻ - شرمسار ڪرڻ.
- لِيڪانئُونُ ۽ لِيڪانئانُ: ذ. صفت. ٽِڪن وارو - ڪاوبدارُ.
- لِيڪائِيڻُ: مصدر. ليکا پارائِڻ - ليکون پئي ڪان ڪيائِڻ.
- لِيڪائُونُ: ذ. صفت. ليکن وارو.
- لِيڪدارُ ۽ لِيڪدارَ: ذ. صفت. ليکن وارو.
- لِيڪَ ڏِيڻُ: رقم واري چڏڻ - رد ڪرڻ.
- لِيڪُرُ: ذ. صفت. ليکن وارو. ليکا پائِيندڙ.
- لِيڪَڙ ڪِيڏائِيڻُ: ڳهيلي ڳهيلي مارڻ.
- لِيڪَڙ ڪِيڏَڻُ: ڪوڏين سان راند جنهن ۾ زمين تي ليکا ڪيڏجن.
- لِيڪِڙِيلُ: نسيدو جاول سوئر جو بچو، جنهن جي بدن تي نوريٽڙي وانگر ليکا ليکا هجن.
- لِيڪَ ڪِيڻُ: ليک پائِڻ - ليک ڪِيڻ.
- لِيڪَ ڪِيڻُ يا پائِيڻُ: خط ڪِيڻ - ليکو پائِڻ.
- لِيڪُو ۽ لِيڪا: ذ. نڪتل سِتَ - ليک - ليتو - پڙي - ڏاري - نشان - خط - ريڪ - ريکا - سِتَ. ڦيٽي جو گيساتو. اوڙ. گِيهو - گيساتو. رهڙ. رُهتُڏَ. نڪتل نشان - سنڌو.
- لِيڪو لتڪَهتُ (ت): صفا حيا چڏڻ - بلڪل خراب ٿيڻ - حد ٽپي وڃڻ - حد ٽپي ٿيڻ - زور ٿيڻ - وڏ ڪيدي ٻيهڻ.
- لِيڪو لتڪهي ٻيهڻ: بلڪل بي حيا ٿيڻ - بي نڪو ٿيڻ - لڄ ميار لاهي ٻيهڻ. بي شرم ٿيڻ - اڻ مڃ ٿيڻ - آڳيا ۾ نه رهڻ.
- لِيڪِيُ عتمَلُ: مذهبي حڪمن جي حد.
- لِيڪِيُ ڦهلاءُ: مذهبي حڪمن جو پرچار - تبليغ.
- لِيڪِي ڪان پِيرُ ٻاهَرُ نه ڪَيڻُ: پنهنجي اصول تي قائم رهڻ. پنهنجي فرض آدائي ۾ ڪاهه ڪوتاهي نه ڪرڻ - مذهب تي ثابت قدم رهڻ - ڪڏهن به گمراه نه ٿيڻ - هميشه حق تي هلڻ.
- لِيڪِيو (ت): ذ. ڪاڻ جي ڪنارن تي هڪ يا ٻه ڏوريون رکي ليکون ڪيڻ لاءِ اوزار.
● لِيڪوڙُ ۽ لِيڪوڙَ (ڪ): ذ. صفت. لڪندڙ. (ث. لِيڪوڙِ ۽ لِيڪوڙِيُون). جملو "چورو سڪول ڪان لِيڪوڙُ تي پيو آهي."
● لِيڪُ ۽ لِيڪ: ذ. (سن. ليکشا > لِيڪُ = لکيڻ) الهي انگ لکيل - قسمت -

Gul Hayat Institute

پاڳ - پاوي - نصيب - لکيو - تقدير - هَوَ و نهارُ - مر نوشت - پيرالبدُ - پيرالبدّه - پيرالتب. لکت - لکڻي - لکيل - لکيت - مضمون - اخبار ۾ خاص ڳالهه وجهڻ - اشاعت. اخبار ۾ ڪنهن بنسبت لکيل مضمون. انشا. مقالو.

- لیکارو ۽ لیکارا: ذ. لکندڙ - ڪاتب - منشي - حساب دان - ليکاري - عريضي نويس - نَويس - مُحَرِّر - ميتو - پٽسن تي لکندڙ - حسابي - حساب ڪتاب لکندڙ.

- لیکاري ۽ لیکاريُ: ث. لکندڙ - ڪاتب - منشي - حساب دان - ليکيار و - عريضي نَويس. وهيون لکندڙ - حساب ڪتاب رکندڙ - منشي.

- لیکڪ ۽ لیکَ: ذ. صفت. ليک لکندڙ - لکڻ وارو - لکندڙ - مضمون نويس - اديب - مصنف - مضمون نگار - نقل نويس - منشي. خزانچي. مُصَوِّر - چترڪار - نقاش ڪالڳر.

- لیک ۽ لیکُونُ: ث. (سن. لِکْشا > لِکْشا > لِيڪُچا = ليک. پرا. لِيْكْوا = لِيْک. هـ. لِيکت = ليک) جُونءَ جو آنو. جُونءَ جو هڪ قسم - جِؤ - هڏو - منهڑي جُونُ - جُونءَ جو بچو - بيضهَ - سُونش - بِتَئِي.

- لیکیرُ ۽ لیکیرَ: ذ. جنهن جو سچو متو ليکن سان پريل هجي - جُونيئر.

- لیکتن کاڏو (ت): بلڪل غريب - ڪم ذات - سُڇو - مسڪين - ڪنگال.

● لیکڻ ۽ لیکڻُونُ: ث. (سن. ليکني) ڪلڪ - قلم - لکڻي - اسٽيل - ڪاني.

● لیکڻُ: مصدر: (سن. لِيک = لِيکڻ) حساب ڪرڻ. ڳڻڻ. خيال ۾ آڻڻ. عزت ڪرڻ. پائڻ - قدر ڪرڻ - گهُرڻ - چاهڻ - پرواهه ساڻڻ. عزت ڪرڻ - مانُ ڏيڻ - جاڻڻ - آدر پاءُ ڏيڻ - سمجهڻ - ليکو ڪرڻ - ڳڻڻ - حساب ڪرڻ.

- لیکهي: ڳڻڻ - شمار ڪرڻ.

● لیکو ۽ لیکا: ذ. (سن. ليکا > ليک = لکڻ) هـ. ليکا = حساب) حساب ڪتاب - حساب - پاڻيتو - ڏي وٺ - وهنوار - ڪنڊو - پيتو - ڳٽ - انگي حساب - انتگ ودیا - شُمارُ - اڪائونٽ - لکيت. پکي وهي - ڪاتو. حال - حالت. احوال. ڪيفيت. عادت. برتاءُ - معاملو. خيال.

- لیکائِتو ۽ لیکائِتا: ذ. صفت. ليکي جوکو - حساب ڪتاب جهڙو - حساب ڪتاب سان - حساب ڪتاب جو درست هجڻ - پورو - دُرست - صحيح - برابر - نيڪ - برُصواب - وهنوار جو - شُڌ - مُناسِبُ آچتُ - وهنوار ڪو.

- لیکو پُورَنُ: حساب جا ٻئي پاسا پورا ڪرڻ - حساب لاهڻ - حساب چڪتو ڪرڻ - جمع واصل - پورو ڪرڻ - ليکو پورو ٿيڻ.

- لیکو پائڻ: وهين ۾ ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو حساب داخل ڪرڻ.

- لیکو چوکو ۽ لیکا چوکا: ذ. حساب - ڳڻت - حساب ڪتاب - ڪنڊو - ڳڻت - لين دين - ڏي وٺ. شمار.

- لیکو ڏِيئَنُ: جوابداريءَ هيٺ اچڻ.

- لیکو ڪرنُ: حساب ڪرڻ - شمار ڪرڻ - حساب ڏسڻ - لين دين جي مطابقت ڪرڻ - ڏي وٺ ڪرڻ - باقي ساقي ڪيڏي هڪ رقم معلوم ڪرڻ.

- لیکو ڪُولنُ: ڪنهن ٻنڪ يا واپاري وٽ ٻئسا رکي حساب ڪتاب شروع ڪرڻ.

- لیکو لاهِنُ: حساب صاف ڪرڻ - ناسُ ڪرڻ - ماري ڇڏڻ - ڪٽائي ڇڏڻ - جهڳوٽي جهڻ ڪرڻ - ڏينگو ڏيري ڪرڻ.

- لیکو لیکائِتوُ: حسابي حساب.

- لیکو وِجهنُ: حساب ڪتاب سان هلڻ - پوست ۾ ڪاتو رکڻ - پوست ۾ حساب رکڻ.

- لیکهي ذ. ظرف: حساب ۾ - شمار ۾ - خيال ۾. ("جيئن" منهنجي ليکي ۾). پيٽ ۾.

- لیکهي باقيُ: حساب ۾ باقي بچت. حساب لاهڻ يا صاف ڪرڻ - باقي بچت.

- لیکهي پاڙُ ۽ لیکهي پاڙَ: لیکهي پاڙُونُ: ث. واپاريءَ جي حساب ڪتاب جو ڪتاب يا رجسٽر - واٽڪي حساب ڪتاب جي بندي. آها وهي جنهن ۾ جداجدا آدمين جا حساب داخل ٿيل هجن. ڪاتو. ڪاتي جي وهي.

Gul Hayat Institute

ـ لهڪي ڪهي ليڪ ڏيڻ: ليکو چڪتو ڪرڻ ـ حساب صاف ڪرڻ.
ـ لهڪي ۾ گهٽ ڪرڻ (ڪ): حساب يا وهنوار ۾ ڪوتائي ڪرڻ ـ ڪڙائي ڪرڻ ـ دغابازي ڪرڻ.
ـ لهڪي ۾ نه هجڻ: گڻ ۾ نه هجڻ ـ شمار ۾ نه هجڻ.
● ليکي: اسم خاص. هڪ ذات (تعلقي نوابشاهه ۾ رهندڙ).
● ليگهه: اوبتر.
● ليل ۽ ليلون، ليالي: ث. ع. رات ـ هڪ رات ـ شب ـ راتڙي ـ نس. ڪٽڪ جو هڪ قسم. اڻن.
ـ ليلة القدر: اسم خاص. رمضان المبارڪ جي ٢٧ تاريخ (جنهن تاريخ قرآن شريف نازل ٿيو هو). آخر قدر جي رات ـ سگوري رات ـ عزت واري رات ـ شب قدر.
ـ ليلة المعراج: اسم خاص. حضرت رسول مقبول صلعم جن جي معراج وڃڻ واري رات ـ شب معراج.
ـ ليل و نهار: اسم ظرف. رات ڏينهن ـ وڻ و شب ـ شب و روز ـ ڏينهن رات ـ نس دن.
● ليلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ليلا ۽ ليلائون: ث. (سن. ليلا=راند) راند ـ روند ـ ڪيڏ ـ ڪڏ ـ وندر ـ ڪيل ـ تماشو ـ ناڪ ـ راڳ ـ رنگ ـ ڏينگ ٿپو ـ لهو لعب ـ نگ رس ـ پريم جون راندون. عشق جي چيڙچاڙ. ڪام جا انگل آرا. عجيب و غريب ڪم. سرشٽي يا پرڪرتي جون عجب ۾ وجهندڙ ڪيالهيون. ناڪ يا ڪيل ۾ ڪنهن جو نمونو ٿي ڏيکارڻ. عيش و نشاط. سير تماشو ـ ڪرتب ـ ناز نخرو ـ جلولائي. قدرتي علامت ـ حيراني ـ ڪرامت ـ عبرت ـ قدرت ـ نظارو ـ جنسار. ڪيڏاري ـ ويسڏاري ـ اداڪار. پيدائش.
ـ ليلا پرڪوتم: ذ. ڪرشن مهراج جو نالو (جاڪاڻ ته هن ڪيترائي عجيب ڪم ڏيکاريا آهن).
ـ ليلا ڌاري: ويس ڌاري ـ نقال ـ نٽ ـ ٻهتر روپي. ناڪ ۾ بهرو ونندڙ. اداڪار.
ـ ليلا ڪرن: ناڪ ڪرڻ ـ ناڪ ۾ ڪنهن جو نمونو ٿي ڪيل ڪرڻ. اداڪار ٿيڻ.
● ليلار (ڪ): ذ. نندڙو ڇوڪرو ـ ٻي سمجهه.
● ليلان: اسم خاص. عورت جو نالو ـ چنيسر جي ٻيبي يا گهر واري (شاهه جي هڪ سورمي، جنهن سان چنيسر جو واهه ٿيسو هو، جنهن ڪونروءَ جي هار تي هرڪي، چنيسر کي ڪونرو وٽ وڃڻ ڏنو ۽ اهڙيءَ ريت چنيسر جو پيار وڃايو).
● ليلان: اسم خاص. تعلقي ڪوڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ليلاوتي: ث. حسابن جي هڪ ڪتاب جو نالو (سنسڪرت ۾ ٿهيل پاسڪر آچاريه جو، پنهنجي ڌيءَ جي نالي).
● ليلائن: مصدر. (سن. ليڱ = چنبڙڻ) منٿ ڪرڻ ـ آزي ڪرڻ ـ نيزاري ڪرڻ ـ ايلاز ڪرڻ ـ جانا پرڻ ـ عاجزي ڪرڻ ـ وينتي ڪرڻ ـ هٿ جوڙ ڪرڻ ـ مڱڻ ـ پاند پائڻ ـ عرض ڪرڻ ـ ليلڙائڻ ـ ڪڇيءَ ۾ ٻلاؤ پائڻ. دانهون ڪرڻ.
ـ ليلاه: نماڻي آواز سان رڙ ـ جهيراه.
ـ ليلائيچ: آزيون ڪج ـ نيزاريون ڪج.
ـ ليلائيندي: دانهون ڪندي.
ـ ليلا ۽ ليلائون: ث. (ع. ليلا: ڪارو رنگ) ڪارو رنگ. شب رنگ. سانولي. مجنوءَ جي معشوق (عامر جي ڏيءَ جا واقع عرب جي رهندڙ خليفي بن امير جي عهد سن ٧٩ هـ ۾ موجود هئي). معشوق ـ پريتما. خوبصورت.
ـ ليلا مجنون هٿن: عاشق معشوق هٿ ـ گهٽي پريت هٿ.
● ليلڙ (ث): اسم خاص. هڪ ذات.
● ليلڙات ۽ ليلڙات: ذ. منٿ ـ ميڙ ـ آزي ـ نيزاري ـ وينتي ـ عاجزي ـ ليلڙي.
ـ ليلڙائو ۽ ليلڙانا: ذ. صفت. منٿائو ـ سوالي ـ نيازي ـ عرض ـ نيازمندي ـ عاجزي ـ منٿ ـ گهٽسي.

Gul Hayat Institute

ـ لِيلْڙائي ۽ لِيلْڙائيپُڻ: ث. صفت. لِيلڙي ـ منٽ ـ وينتي ـ عاجزي ـ آزي ـ ليلات ـ نيازي ـ هٿ جوڙ.

ـ لِيلْڙائيپُڻ: ث. ليلائڻ ـ عاجزي ڪرڻ ـ روئي عرض ڪرڻ.

ـ لِيلْڙائيپُڻ ڪرڻ: روئي عرض ڪرڻ ـ ليلائڻ ـ عاجزي ڪرڻ.

ـ لِيلْڙِي ۽ لِيلْڙِيپُڻ: ث. ليلات ـ وينتي ـ ارداس ـ عرض ـ منٽ ـ آزي ـ نيازي ـ هٿ جوڙ ـ پاڏائڻ ـ آزي نيزاري ڪرڻ.

● لِيلْڪُنگ: ذ. ورت پوري ڪرڻ وقت ڪنهن پير جي تربت تي وڏل پڙ.

● لِيلْڪُنڪهه ۽ لِيلْڪُنڪهڙ: ذ. پِيڙ جي تربت مٿان مڇتا جو وڏل ڪپڙو ـ پڙ.

● لِيلو ۽ لِيلا: ذ. (سن. ليلا = ڪهڙو). پڪريءَ جو نندو ٽرُ قرُ ـ چيلو. پڪر ـ پڪرو ـ پڪيءَ جو ٻالو.

● لِيلُو ۽ لِيلا (ث): ذ. ٻالو ـ سائو. (ث. ليلي ۽ ليليون).

ـ لِيلُوفرُ: ليلوفر جا سُڪل گُل.

● ليلهه: ذ. صفت. بيڪار ـ نڪمو ـ سُست ـ ڪاهل.

● ليلهار (ل): ذ. نندڙو قرُ ـ ليلهو.

ـ لِيلْهارِيو ۽ لِيلْهارِيا (ث): ذ. ٻلڪل نندڙو قرُ.

ـ لِيلْهارِي ۽ لِيلْهارِيُون (ث): ث. پڪريءَ جو مادي نندڙو قرُ.

● لِيلْهائِيڻ: مصدر. ليلائڻ ـ منٽ ڪرڻ ـ آزي ڪرڻ ـ وينتي ڪرڻ.

● ليلهرُ ۽ ليلهرَ (ت): ذ. صفت. موڪو ـ سُست ـ ڍِلو ـ ڪاهيرُ ـ بي ڪاريُو ـ نڪمو ـ ڍرڙو ـ ٽڏو. نالائق ـ جانور.

● ليلهڙ ۽ ليلهڙَ: ذ. صفت. بيڪار ـ نڪمو ـ سُست ـ ڪاهل ـ رولاڪ. جانور ـ ٿوٿي ـ هڏڪوس.

● ليلهو: اسر خاص. پڪيءَ جو هڪ قسر. ليلو ـ چيلو.

● ليلهوڙو ۽ ليلهوڙا (ت): موڪو ـ سُست ـ واڙو ـ ٽڏو.

● لِيمُر ۽ لِيمَر: ذ. لٽڪڻ ـ ڏاڪي ۾ پٽي لڙڪائيل پٽر يا جِنڀ.

● ليمپ: ث. (انگ. ليمپ = بتي) بتيِ ـ لالٽين.

● لِيمْتَڪ: نمڪ ـ لوڻ.

● لِيمُو ۽ لِيمْما: اسر خاص. وڻ جو هڪ قسر ـ ميوي جو هڪ قسر (ڪتو ٿئي) ـ نيبو ـ نيمبو.

ـ لِيمائِيُ ۽ لِيمْائِيُ: ذ. صفت. ليمي جي رنگ جهڙو ـ ليمي جي رنگ تي مائل ـ ليمائون ـ سائو.

● لِيمُون: اسر خاص. (سن. ليموئي = ليمون. پرا. نِيمُوڪَ = ليمون، ع. ف. ليمون). وڻ جو هڪ قسر ـ ميوي جو هڪ قسر (ڪتو ٿئي) ـ ترنج ـ لبو ـ نيمبُو. (اسرخاص). تعلقي ناري (خيرپورميرس ۾) هڪ ديهه جو نالو.

ـ لِيمانُشُون ۽ لِيمْانُشان: ذ. صفت. ليمي جي رنگ وارو ـ ليمائي ـ سائو.

● لِيُنْ ۽ لِيُنُون: ث. لائن جي بگڙيل صورت ـ سيٽ ـ ليڪ ـ ليڪو. دڳ ـ رستو.

● لِينَ: ث. ليتيِ.

ـ لِين دِين: ث. ليتي ڏيتي.

● لِيُنْ: صفت. (سن. لِيِنْ > لِيُ) متحو ـ مليل. غرق ـ مَسْتُ ـ غلطان ـ گُتل = واصل مگن ـ رَتلُ ـ زڏلُ.

● لِين پُراڻِي: اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه.

● لِينْجهه ۽ لِينْجهُون (ث): ث. (سن. لِڪْشا = لِيڪَ). ڪچهه جو ذرو ـ خراب تندون ـ سنهڙي تند ـ تاڃيءَ جي خراب تند ـ سنهي سُٽ جي تند ـ ڪچهه جا ذرا

"لينجهه پڙِيُ ڪِيِ چني چاڻي"

(شاهه).

ذرا ڪڪڙ جا رهيل. ليڪٽ. لطيف ـ نازڪ ـ مهين ـ سنگين ـ سٽهو ـ نفيس ـ پتلو ـ سُوڪيڙُ ـ

Gul Hayat Institute

باريک ـ ڪاغذي ـ هلڪو. پت تي چڙهڻ لاءِ پاسيرو ملاميءَ وارو ڪَسُ ـ پِت تي پاسيري چاڑهي ـ پِيتَ.
● لِينْجهارَ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات.
● لِيُچِي: ث. هڪ ميوي جو نالو (جو صوفي پير جيترو ٿئي، باهرين کل ڳاڙهي ۽ سخت ٿئي، گر سفيد ۽ لذيذ ٿئي).
● لِينْڊاهُو: اسم خاص. تعلقي ڪوٽ ڈيجي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لِينْڊرا: لِيڙُون. (بيلا).
لِينْڊو ۽ لِينْڊا: ذ. ٿوري جو خشڪ ڇاڻو ـ لِينڊُ. ڪرفتي ـ ڪونهُ ـ ڪاڪوس ـ ميلو ـ ٿورو ـ پاءِ خانو ـ هنگڻ. ڳاڏيءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ هڪ يا ٻه گهوڙا ٻڌجن، ننڍي وڪتوريا وانگر).
● لِينْڊِيُ ۽ لِينْڊِيُونُ: ث. پتڪي ـ ٿوري جي ذري.
● لِينْڊو ۽ لِينْڊا (ڪ): ذ. پڙو.
ـ لِينْڊِيُ ۽ لِينْڊِيُونُ (ل): ث. ننڍيڙو جهاڙو ـ ڪرفتي.
● لِينْڊَنُ (ڪ): مصدر. لڙهڻ ـ ڏڏري سنهو ڪرڻ.
● لِينْڊو ۽ لِينْڊا: ذ. رَب جو قسم ـ پاڻيءَ جهڙو. نارنگيءَ جو رَسُ ـ پِيچِي ـ پِيچِيُ. سنهي تار. شوروي جو هڪ قسم (جو نانڪيلي اناج مان ٺاهجي).
● لِينْگَ ۽ لِينْگُونُ (ڪ): ث. اڳڙي ـ ليڙ ـ ڦاٽل ڪپڙي ٽڪر ـ پراڻي ڪپڙي جي رِيڙَ ـ لينگهه.
● لِينْگَ بَلِينْگُونُ (ڪ): ليڙُون ليڙُون.
ـ لِينْگِڙِ يارو: ذ. صفت. ليڙن وارو ـ چنل ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارو.
ـ لِينْگِڙِيارِيُ: ليڙن واري ـ چنل ڪپڙن واري.
● لِينْگهَ ۽ لِينْگهُونُ: ث. اڳڙي ـ ٽڪڙي ـ ٽُڪر ـ چيهون ـ لير ـ ليڙ ـ ريڙ ـ لينگ. (ڪ). سنهو ليڪو. (ت).
ـ لِينْگهُونُ چَتَنُ: پين مگ تي گذارڻ. (ڏ ـ ب).
ـ لِينْگهُونُ لِينْگهُونُ تِيتَنُ: ڦاڙي چيري چڏڻ ـ چيهون چيهون ڪري چڏڻ.
● لِينْگهُو ۽ لِينْگها: ذ. صفت. (سن. ريڪا = لِيڪ) ليڪو ـ نشان ـ اڪ جي هيٺان (هيئين چپر تي) نڪتل سُرمي جو ڪارو ليڪو. چٽو ـ سُرمي جو تلڪ ـ تيلوڪڙي. داغ. ٽِڪو ـ عيب ـ ڪلنڪ ـ ڏَڀ. ليٽ جو پاڻي جو ڪتان ڏورن سان وهي وڃي. (ت). نڪ وهڻ ـ سنگهه ـ نڪ جا گوبا ـ نڪ جون پِيچُون. اوبر طعام جي ـ لعنتاڻو. (ت).
ـ لِينْگها آگهَنُ: ڪم پاڻ ڪري، ٻوءِ اڳلي کي شرمندو ڪرڻ.
ـ لِينْگها چَتَنُ (ت): پي مانو ٽيڻ ـ ٻک مرڻ.
ـ لِينْگها ڪتِيڻُ: خراب ليکا ڪيڻ. رهڙي وڻڻ ـ رلدا رهڙڻ. لڄي ڪرڻ ـ شرمندو ٻنائڻ. (ت).
ـ لِينْگهائِيتُو ۽ لِينْگهائِيتا: ذ. صفت. لينگهن وارو ـ ليڪن وارو. داغيل. عيبدار. ڪلنڪدار ـ داغدار ـ ڦِٽل ـ لوئيل ـ خراب ٽيل ـ غليظ ـ غلاظت وارو.
ـ لِينْگهُو چَتَنُ: خيرات تي پلجڻ ـ ڏرسي امداد تي گذر ڪرڻ ـ نيڪ انديشي يا پيار ۽ محبت مان هڻ.
ـ لِينْگهُو لائِيُ: داغ لائڻ ـ عيب لائڻ ـ بدنام ٽيڻ ـ ٽِڪو لائڻ ـ لڄي ڪرڻ ـ خوار ڪرڻ.
● لِيمُ: ٽهي پٽڻ (عام). "ڇيلا ليم".
● لِيئَ: لياڪو ـ ليئو ـ لحاظ. (ل).
● لِيٽُو ۽ لِيٽا: ذ. چاهوڙو ـ چڪو.
● لِيوُ ۽ لِيا: ذ. جهاتي ـ لياڪو ـ ٿوري ڏيڪاري ڏيئي غائب ٿي وڃڻ ـ دل لڳائڻ ـ جهاتي پائڻ. (ل). ڪڙو. (ت).
ـ لِيوُ پائِيُ: جهاتي پائڻ.
● لِيوَ (ت): ذ. چيڙهه.
ـ لِيوا لائِيُ (ت): ريگاڙا لائڻ ـ تهمت رکڻ.
● لِيوارُ: ذ. صفت. خريدار (اهو لفظ خاص ڪري ستي دار واپاري ڪم آڻيندا آهن).
● لِيُوَلِ ۽ لِيُوَلُونُ، لِيُو لِيُونُ: ث. (انگ) رازي جو هڪ اوزار ـ اوزار جو هڪ قسم.

● لِيهَه ع لِيهُونُ: ث. (سن. ريکا=ليک). ليک - ليکو کيديل. شرم - لج - حيا - حجاب - مَرم - عار - شرمندگي - مُحابو - سَنِکوچ - سَنِکوچ - مرجات - مرجاتا - شرميلِتا. خراب بانس - خراب بُوءِ - رليءِ ۾ پراڻيون اڇڙيون گهٽيون وجهڻ (ٽلهي ڪرڻ لاءِ). ڪاڪ جي چير يا تختو. ڪَتهڪاءُ - رحم - دل ۾ ڪَتهڪاءُ. محبت - پيار. (ت).

= لِيهَائِيتُو ع لِيهَائِيتا: ذ. صفت. حياءِ وارو - حياءُ دار - مرجات وارو - سَنِکوچي - شرميلو - لج وارو - شرم وارو - شرمالُو - لڄائتو - شرمائتو - لَجُو نَٽِيُ - سِيلُوان - پاڪدامن.

= لِيهَه پائِنُ: ڪنهن ڳالهه ۾ سوچ پائڻ. ڪنهن اسر ڪي ليک پائي ڏاهڻ. تَرڪَنُ - وارَڻ. (شيءِ رقم).

= لِيهَه ڪَيڻُ: اڻ گهڙيل ڏيگهه واري ڪاٺي جي پاسي ڪان پَٽِيُ گهڙيل ڪَيڻ.

= لِيهَه وِجهَنُ: ڪنهن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر ڏيڻ، جنهن جي هُن کي اڳ خبر نه هجي - نامعلوم ڳالهه جي خبر ٻوڙ.

● لِيهَه ع لِيهُه: ذ. صفت. نالائق - ڪَٻ هُيڻُ - وِيوانُدُ - نِڪارُ - نِڪمو - ناخلف - نامُراد - ڪَسِيئرڪُ - ڪين جهڙو. بي پرواه - لاغرض - مغرور - لاءِ پالِيُ. (اسر خاص). هڪ ٻوٽيءَ جو قسم - گاهه جو قسم. جنڊيءَ تي ٿهندڙ هڪ ڪل جو قسم.

● لِيهَاري: ث. لِيهارَ. سِندو يا سِندِيُ. (ل).

● لِيهَانُ: ث. جمع ۾ ڪم ايندڙ - ليکون. ايذاوَ - تڪليفون. قسمت جا انگ.

● لِيهڙي: اسر خاص. ڪاڇي جي جبلن وارين ماڻرين ۾ هڪ ڏوري جو نالو.

● لِيهڻُ (ث): مصدر. ڏائڻ.

● لِيهُو ع لِيهُا (ث - ل): ذ. صفت. ليکو.

● لِيءُ ع لِيءِ: ذ. (سن. لِيپ=لِيڀڻ). ٽانڻ جي ٻاهريان ليپ ڏيڻ جي حالت. ٽٽي وغيره کي پَهُرانُ لِيڀَنُ لاءِ متيءَ جي لِيڀ. بدنامي - ڪوڙو ڏوهه - ڪلنڪ. اِهانت - بُهتان - گلا - خواري - پَٺ نِندا - نِندا - لاڻ - غِيبَتَ. طوفان.

= لِيءِ لائِنُ: گلا ڪرڻ - نندا ڪرڻ - خواري ڪرڻ - بدي رکڻ - بدنام ڪرڻ - خوار ڪرڻ - ڪلنڪ لائڻ. ڏوهه پڄائڻ - ڪُوارڻ - طوفان آڻارڻ.

● لِيئِمِيتِيُ: ث: درگذر ڪرڻ - چشم پوشي ڪرڻ - پڙدو وجهڻ - تاري چڙهڻ - گم ڪرڻ. معاف ڪرڻ. (ت).

= لِيئِمِيتِيُ ڪَرڻُ: چشم پوشي ڪرڻ - ڪُس مُس ڪرڻ - لِڪائڻ - چٽپر ڪرڻ. ڪجهه خيال نه ڪرڻ.

● لِيئِرَ: اسر خاص. تعلقي ڏنڊي باڳي ۾ هڪ ديهه.

● لِيئِڪُو (ت): هروهي قوم جو هڪ دلپسند راڳ.

● لِيئِکو ڪائِنُ: ڏڪ ۾ روڻ - جدائيءَ ۾ دانهون ڪرڻ.

● لِيئُو: ذ. پاسخاطر - طرفداري.

● لِيئُو ع لِيئُا: ذ. نظر - دِيدَ - جهاتِيُ. رياءُ - پاس خاطري - وَٽُ - خاص شوق - ڏاڍي دل. عيبدار ٽيل. (ت). پاسو. چوري ٽيل مال وٺندڙ. وڪو - پوشاڪ. (ڪ).

= لِيئُو پائِنُ (ت): مخفي ڏسڻ - ڪنهن وٽ ملاقات لاءِ وڃڻ.

● لِيئِيُ ع لِيئِيُونُ: ث. رڌل چيڙهالو انو - لِيئِيُ - آنو - پٽڙو انو - انڊي مان ٽهيل وڪُدار رب - خميرو (ڪاغذ چنبڙائڻ لاءِ ڪم اچي) - لئي. پُسِيئِلَ ڪوئر - سترس.

= لِيئِيءِ ٻِيئِيءِ: ظرف. بيماري سيماريءَ ۾ - ڏڪ سڪ ۾ - تڪليف جي وقت ۾ - مماتيءَ جي حالت ۾.

● لِيئِيءِ: ث. گِلا - نِندا - بَدنامي - خُواري - ڪُوار - ڪُوڙو ڏوهه - بُهتان - عيب - تهمت - طوفان - لاڻ - اِهانت - پرنندا - غِيبَتَ - چِنبَڙ.

= لِيئِنائِيتُو ع لِيئِنائِيتا: ذ. صفت. خُوار ڪيل - بدنام ڪيل - گلاخور - بدنامي - ڪندڙ - غِيبَتِيُ.

● لِيئِنَرُ ع لِيئِنَرَ: ذ. صفت. گِلا خور - چغل خور - بدنام ڪندڙ. خوار ڪندڙ - ڪلنڪُ - عيب لائڻ - بيماني - دشمني - بيائِيُ. (ت).

=

Gul Hayat Institute

م

م: سنڌي الف ب جو چائيتالیهون اکر، عربي، جو چوويهون، فارسيءَ جو اڻاويهون، سنسڪرت جو پنجويهون اکر (سنڌس آچار ۾نهي چون ملائڻ سان نڪري). ابجد جي حساب موجب سنڌس عدد چاليهه. "محمّد" صلي الله عليه وسلم جو پهريون اکر "اوڏو ٿي الف کي، من مير سين گڏ" (شاهه).

معشوق جو وات، مُکڙِيُ - مُکرِيُ - کلي. (آصفيه). فارسي م ۾نهنجي پنهنجي موقعي تي "ب - پ - ت - ج - غ - گ - ل - ن - و - هـ - ي" سان بدلجندڙ اکر. (آصفيه).

● مُ: "اؤمُ" جو پهريون اکر (انهيءَ ۾ خدا جا ٽي نالا اچن ٿا: (١) ايشور - قادر - طاقت وارو (٢) آدِتيه = انباسي - لافاني (٣) پُراڪِيه = سڀ ڪجهه جاڻندڙ - عليم ڪل). (گاجرا).

● مَ: ظرف. انڪار جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ اکر - نه - متان. "مَ ڪر" - "نه ڪر" وغيره. (ترڪي). مؤنث جي نشاني "بيگم، خانم، وغيره.

● مُ: ضمير متصل. متڪلم جي نشاني. "سندمُ، اٿمُ، پٽمُ وغيره."

● مٰا: ظرف. (ع) نه - متان. آ - آڻ - آڻ - نيرا - لا - بي. سواءِ - ڌاران - بنان. (ضمير استفهام). ڪير - ڪهڙو - ڇا. جو - جاجي لاءِ - ڇا لاءِ. ڪيئن - ڪهڙي طرح - (ضمير). جو ڪجهه - جيڪي - ڪجهه - هڙ - سڀ - هر ڇه.

= مابَعْد: صفت. جيڪي اڇي - جيڪي بعد ۾ اچي. پڻيان ايندڙ - ايندڙ - ٻويون - پڻيون.

= مَابَقَا: صفت. بچيل - باقي - بچت ٿيل - بقايا. جيڪي باقي رهيل هجي. (ث). اوبر - جوٽ - جوٽو.

= مَابَيْنَ: ظرف. وچ ۾ - درميان - وسط ۾. وچ - درميان - وسط. (صفت). درمياني - وچون - اندريون - وچولو - وچ وارو - وَسطي.

= مَاتَحْتَ: صفت. هيٺيون - هيٺاهون - نيچو. زير حڪم - زير فرمان. ڪم ۾ مدد ڪندڙ - مددگار - نائب.

= مَاتقدّم: صفت. پهريائين جو - اوائلي - شروعاتي - اڳيون.

= مَاحَصّل: صفت. جيڪي ڪجهه حاصل ٿئي - حاصل ٿيل. (ذ). نتيجو - حاصلات - حصول. ميوو - ثمره - ڦَلُ. فائده - نفعو - لاڀ - سُود. پيداوار - آپت.

= مَاحَضَرَ: صفت. حاضر ٿيل - جيڪي حاضر هجي - موجود.

= مَاسَبَقَ: صفت. جيڪو پهرين لنگهي ويو هجي - گذريل.

= مَاسِوَا: صفت. ان کان سواءِ جيڪي ٻيو هجي بجُز - علاوه - سواءِ. صوفين جي اصطلاح ۾ خدا تعالیٰ کان سواءِ (ٻيو سڀ ڪجهه).

= مَاشَاءَ اللّٰهُ: لدا. دعائيه ڪلمو - جيڪي خدا کي وٺي. جيڪڏهن خدا گهريو. خدا ڪري - شل! خدا جي مرضي سان.

= مَافَوْقَ: صفت. جيڪي مٿي هجي - مٿيون. اعليٰ - اڇو. برتر.

= مَافِيهَا: صفت. جيڪي آن ۾ هجي. "دنيا ومافيها = دنيا ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي".

= مَاقَبْل: صفت. پهريون - اوائلي - اڳيون.

● متاج متائُون: ث. (پرا. مائيا: سن. مَاتِڪا) والده - آمڙ - آمِي - ماتا - آمانُ - ماد ر - مَدر - مُهتارِيُ - مَيا - جَنِيُ. پاڻ کان وڏي همار واري عورت کي خطاب ڪرڻ جو لفظ.

Gul Hayat Institute

= ما پيڻ ۽ مائٽ: پيٽ: ث. مائ ۽ پيڻ - والده ۽ همشيره.
= ما پيڻ ڪتر: پرائي جائيءَ کي پنهنجي مائ پيڻ جي برابر سمجهڻ.
= ما پيءُ: ذ. مائ ۽ پيءُ - والد ۽ والده - والدين.
= ما پيءُ جو لاڏلو: ذ. صفت. نازسان پاليل اولاد - لاڏلو.
= ما جاٽو ۽ ما جاوا: ذ. صفت. ابي امان جو جڻيل - برادر حقيقي - سڳو ڀاءُ.
● ماباڻ: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه ۽ ٽپي جو نالو.
= ماتابي ۽ ماتابيٽ: ث. آتشبازيءَ جو قسم.
● ماتام ۽ ماتار: ذ. (ف. ماتم = رودن) غم - شوڪ - ڏک - ڪوندر - غمي - سوءِ - ارمان - سوز - درد - رنج - افسوس. روڄ - راڙو - بيت - بينڪو - اوسار - واءِ ويلا - رودن - راڙه - ماتم.
"لنهي ڏينهن ويو، ٻڌيءَ کي ماتام ۾"
(بيڪس).
= ماتام ڇڻ: روڄ راڙو ٿيڻ - هاءِ گهوڑا پئجي وڃڻ - ماتم شروع ٿيڻ. واءِ ويلا مچڻ - رودن شروع ٿيڻ. مائٽن مچڻ - پاڪر ڪٽو پئجي وڃڻ.
● ماتحت: صفت. (ع. ما: جو ڪجهه + تحت = هيٺاهون) جو هيٺان هجي - هٿ هيٺ - زيردست. تابعدار. محڪوم - زير حڪم - زير فرمان. ڪم ۾ مدد ڪندڙ - مددگار - معاون. نائب. منشي - بابو - محرر.
● ماتر: صفت. ظرف. (سن. ماتر = رڳو) رڳو - فقط - صرف - اڪيلو - واحد - ڇڙو. ڪجهه - ٿورو - ذرو. "نالي ماتر، تير ماتر وغيره". (ذ). وزن يا مقدار ڏيکارينڊڙ لفظ. ڏاڏر. صبر - ماڻ. (ل). (مهيري). مائٽ - عزيز - ميٽ. (ڪ - ک). ڪٽڻ، اٽي ۽ گيهه مان تيار ڪيل هڪ مٺائي. (ث).
● ماترا ۽ ماترائن: ث. (سن. ماترا = ماپ) ناپ - ماپ. پرماڻ - مقدار - انداز - وزن - پيمائش. (آصفيه). هندي پوليءَ ۾ حرف علت، زبرن، زيرن وغيره وارا آچار: "آ - آ - اِي - آ - اُو - اي - آي - اؤ - آؤ - انگ - اَهُ وغيره". (پرسانند). ڏن - دولت - مايا - زر - نانو. حصو - بخرو - پاگو. (آصفيه).
● مات: ث. (سن. ماتِڪا ماتر = ماءُ) ماتا جو مخفف - مائ - امان - آئي - ماتا - جنني - مادر - امڙ.
= مات پيتا: ذ. مائ پيءُ - ماتا پتا - ابو امڙ - والدين.
● مات: ث. (ع. مات = هو مري ويو) شڪست - هار - هزيمت. (صفت). ماريل - هاريل. جيتيل. شهه ڏنل (شطرنج راند ۾) تابع - تابيني - مطيع - تحت ۾ - هڪ هيٺ - وسيڪو - قبضي ڪيل. نابود - فنا - زبون. (گاجرا).
= مات ڏيڻ: هار ڏيڻ - شڪست ڏيڻ.
= مات ڪرڻ: هار ڏيڻ - شڪست ڏيڻ - مغلوب ڪرڻ - پست ڪرڻ. حريف کان بازي جيتڻ - گوءِ ڪٽي وڃڻ. شرمندو ڪرڻ - شرمسار ڪرڻ. ڪنهن ڪم ۾ سبقت ڪرڻ.
● ماتا ۽ ماتائن: ث. (سن. ماتر = مائ) امان - مائ - چنڊيني - آئي - مادر - امڙ - والده - امين - ما - جيجل. جسم تي قوقينڊن جي صورت ۾ نڪرندڙ بيماري - مائي - ميتلا - چيچڪ - ٽڏي.
= ماتا پيتا: ذ. مائ پيءُ - والدين - ابو امڙ - مات پتا.
● ماتاب ۽ ماتاب: ذ. (ف. ماه = چند + تافتن = چمڪڻ) آتشبازيءَ جو هڪ قسم - داروڻ جي وٽ - مهتاب.
● ماتيرائن (ڪ): مصدر. پرچائڻ - ڏاڏرائڻ - تاترائڻ. (ماتيرائيو - ماتيرائيندو - ماتيرائيل).
● ماتيلي ۽ مانيليون: ث. (سن. ماتُلي = قُقي يا پُنڪ) پيءُ جي پيڻ - پُقي - مامي جي زال - مامي. پُنڪ. (پليٽس). (اسم خاص). تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه ۽ ٽپي جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ماتمُ ۽ ماتمَ: ذ. (ع. ماتم = مصيبت) - مصيبت - بپتا - آپدا. بلا - آفت. مرڻ جو غم - ڪنهن جي موت تي ڪيل روڄ - روڄ - راڙهو - رودن - ڪُهرام. آهه و بُڪا - ورلاپ - نالا. گريٽ. پيٽ - ڪُٽ - سينه زني - چاتيءَ ڪُٽ. غم - رنج - ملال - الم - اندوهه - ارمان - سوز - درد - ڏُک. سوگ - سُوءَ - سياپو.

= ماتمُ پُرسيُ ۽ ماتمُ پُرسيُون: ث. اعزا پُرسي - پُرسچاٽي - مُنهن ڪاڻ - غم خواري.

= ماتمُ پُرسيُ ڪرڻ: فوتيءَ جي عزيزن سان همدردي ڪرڻ - پرچاڻي ڏيڻ.

= ماتمُ خانو ۽ ماتمُ خانا: ذ. ماتم جو هنڌ - ماتم ڪرڻ جي جاءِ. غميءَ وارو گهر - ماتم ڪده.

= ماتمُ دارُ ۽ ماتمُ دارَ: ذ. صفت. ماتم ڪندڙ - ماتمي.

= ماتمُ داريُ: ث. ماتارُ - ماتمُ.

= ماتمُ سَرا ۽ ماتمُ سَرائُون: ث. ماتم جي جاءِ.

= ماتمُ ڪرڻ: روڄ ڪرڻ - رودن ڪرڻ - راڙو ڪرڻ - رُئڻ - پيٽڻ - مرثيه خواني ڪرڻ. گريو ڪرڻ. سينه زني ڪرڻ - چاتي يا مٿو پيٽڻ - غم ڪرڻ - رنج ڪرڻ - ڏک ڪرڻ - ارمان ڪرڻ - افسوس ڪرڻ - سُوگ ڪرڻ.

= ماتمي ۽ ماتميُ: صفت. ماتم جو - ماتامي - ماتم ڪندڙ - روئندڙ - پٽيندڙ. ماتم دارُ.

● ماتنگ ۽ ماتنگڪ: ذ. (سن). هاٿي - فيلُ - پيلُ.

● ماتنگيُ (ث): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● ماتارَ (ل): (سن. مَسْتَكَ = مٿو) ڪنهن به جانور جي مٿي واري ڪتل - ماڻامو.

● ماڻامو ۽ ماڻاما: ذ. (سن. مَسْتَكَ = مٿو) سِرُ. گنجو مٿو. ڪوپري. گابي يا چيلي جي مٿي جي چمڙي - ماتار. (ل). (پرمانند).

● ماتر ۽ ماترِيُون: ث. (سن. ماتَهَ = رستو + سْتَلَ = جاءِ) ٽڪر يا جبل جي دامن وارو ميدان - ماتري - وادي. ٻن جبلن جي وچ وارو ميدان. ندي جي آسپاس واري هيٺاهين زمين (جنهن کي ندي جي اٿل جو پاڻي آباد ڪري). درياءُ جو ڪنارو. (ل - وفا).

= ماتِريُ ۽ ماتِريُون: ث. ماتر.

= ماتِريُ لڙهو ۽ ماتِريُ لڙها: ذ. خريف جي مند ۾ درياءَ جي پاڻيءَ جو اوائلي چاڙهه. (ن - ب).

● ماترُ ۽ ماترَ: ذ. (سن. مَتَمْتِيَ = ماڇي) مڇيءَ جو هڪ قسم. (پرمانند).

● ماتُورُ (ل): صفت. (ع. معذور جو بگڙيل) لاچار - محتاج - اپاهج - اڪاجُ - معذور. سست - ڍوتي. ڍلو (هلڻ ۾). ڍرو. (ن - ب).

= ماتُور زِوُ ۽ ماتُور زِا: ذ. صفت. ڍرو - مٺڍو - سست - ڍلو.

● ماٿيلو: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ٽپي ۽ ديهه جو نالو.

● ماتَ ۽ ماتُون: ث: (سن. مَتِهِكا = ماڪ) ماڪ - اوس - وِلهَ - شبنم. گهيرَ. (پرمانند). (سن. ماتُر = مائُ) دُعا - آشيرواد - آسيسَ. (پرمانند). پٽلائي - احسان - مهرباني - وَڏُ. (رام ڪلي). جند جو ٽارُ (ت - ث).

= ماتَ سَاتَ: ث. گهيرَ - ماڪ - وِلهَ - اوس.

● ماڻا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● ماٽِڪو ۽ ماٽِڪا: ذ. صفت. (سن. مَرْتَكا = ميٽِي) ميٽيءَ وارو - ميٽيءَ جو.

● ماٽِڪيُ ۽ ماٽِڪيُون: ث. (سن. مَرْتَكا = ميٽِي) ميٽيءَ مان ٺهيل ٽانءُ جو هڪ قسم - مٽُ - مٽڪو - ماٽورو. (شاهه).

● ماٽِليُ ۽ ماٽِليُون (ث): ث. (سن. مَرْتَكا = ميٽِي) ويڪري منهن وارو ٽڪر جو پاڻيءَ جو دلو - ماٽورو. (راءِ).

● ماٽيُ ۽ ماڻا: ذ. (سن. مَرْتَكا = ميٽِي) ميٽِيءَ مان ٺهيل ٽانءُ جو هڪ قسم - ٽڪر جو وڏو برتن - مٽُ. وڏي چاڏي - چاڏو. وڏو مٽ. شراب جو مٽ. (ل - ق). مينگهواڙن جي اصطلاح ۾

چمڑي کي صاف ڪرڻ يا رڱڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪر جو ڪُونار. (ث). (اسم خاص). تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

▬ مانُورو ۽ مانُورا: نڊو مَتُ - مَتِڪو.

● مانِيئرُ ۽ مانِيئرَ: ذ. صفت. (سن. مترُ نِڪا = مٽي) مٽيءَ مان ٺهيل ٽاڻُ وڪڻندڙ. مٽن وارو.

● مانِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (ت). تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مانِيُ ۽ مانِيُون: ث. (پرا. مانِيسا: سن. مترُ نِڪا > مَتِيُڪا = مانِي) ڪر جو ويڪرو پَر موڙهي منهن مان ٽاڻُ - ڪير جمائڻ ۾ جهَنُ جهڳڻ جو ٽاڻُ - چاڙي. انبي وغيره رکڻ لاءِ ڪر جو نڊو تسُ يا لوڙو - ڪُنُو - ڪُنِي. مهاڻن جو درياءَ ۾ پيٽ هيٺان ڏيئي ترڻ جو وڏو ڪر يا ٽامي جو ڪُنو.

▬ مانِيارو ۽ مانِيارا: ذ. صفت. مانِيءَ تي مچي مارينڊ.

▬ مانِيُ جو پَلُ: ذ. مانِيءَ جي رستي درياءَ مان قاسايل پَلو.

▬ مانِيئرُ ۽ مانِيئرَ: ذ. صفت. مانِيءَ مان پلا مارينڊ - مُهاڻو.

▬ مانِيئڙو ۽ مانِيئڙا (ک): ذ. مانِيئرُ.

"تانگ نہ لڏين تارئين، مٽ نہ مانِيئڙن"

(شاهہ - سهڻي).

● مانِيئڙو ۽ مانِيئڙا (ک): ذ. جيت جو هڪ قسم - پاڻيءَ جي مڇيري تي ترندڙ هڪ ننڍڙو جيئت - شهر تارُو. (ت).

● مانِيتو ۽ مانِيتا: ذ. صفت. (سن. مانِر = مانُ) هڪ پيءَ ۾ ٻن مائن وارو ٻار - مانِيجو - مائتو. ويڳو - لڳو. (ث. مانِهتي ۽ مانِهتيون).

▬ مانِيجو ۽ مانِيجا: ذ. صفت. مانِيتو. (ث. مانِهجي ۽ مانِهجِيُون).

● مانِيلو ۽ مانِيلا: ذ. صفت. (سن. ماتُرَ = مانُ) مائيتو - مانِيجو - مانِيتو.

▬ مانِيلائِي ۽ مانِيلائِيُون: ث. مائيتائي.

▬ مانِهيلِي مانُ: ث. پيءُ جي پي زال - ويڳي مانُ - مانِيجي مانُ - مانِيتي مانُ.

▬ مانِهيو ۽ مانِهيا: ذ. صفت. مانِيلو.

● مانِ: ث. (سن. مَنُدَ هتہ = مانُ) چُپ - مانت - سُنُمات - سناٽو - صبر - نِيوائي - سُن - خاموشي - سُن سُنات - گُپ چُپ - گونگ ٻوڙ - چُپ چاپ - چُپ چُپات. آرام - ٽامپر - ٽام. سامت - قرار - ٽانهر - ساهي - سانتيڪائي. فرصت. آهستگي - ڏيرج. عجب - حيرت. سِڏائي - لٽسائي - سُڌوار - سُوڏائي (ڪنهن ڪاڻ وغيره جي). چِل.

▬ مانارَ ۽ مانارُون: ث. مانت - مانُ - مانُر - نِيوائي - مانِيڻائي - مانائي - سانتيڪائي. وهندڙ پاڻيءَ ۾ چُپ چُپات - ننديءَ جو مانِيڻو ٽُڪر. هَوا جي مانائي - ٽُڪرائي. آرام. گهٽتائي.

▬ مانِ ڏِيتَنُ: ڪاڻ وغيره ڪي رندي سان چِلَ ڏيڻ. ڪنهن اوزار ڪي تکي ڪرڻ لاءِ روهيءَ تي گسائڻ. موچين جي اصطلاح ۾ تيار ڪيل جُتيءَ کي ڪهيڙي سان گهڻي تجليدار ڪرڻ.

▬ مانُر: ث. مانُ - مانار. بي همٿي - سستي. (ت). (ل - وفا). ننديءَ جو اهو پاڳو، جتي پاڻيءَ جو چوهہ ڪهت هجي. (ڪاجرا).

▬ مانِ ڪَرَنُ: چپ ڪرڻ - خاموشي ڪرڻ - صبر ڪرڻ. وائڻ جي اصطلاح ۾ واهولي سان ڪاڻيءَ جا ڪجهہ چوڏا ونبي سنئين ڪرڻ.

▬ مانِ لڳڻُ: چُپ لڳڻ - خاموشي لڳڻ. حيرت زدو ٿيڻ - وائڙو ٿيڻ - وَسو ٿيڻ - نيسُو ٿيڻ - اچرج لڳڻ - عجب ڪائڻ - وسمئ ۾ پوڻ - ڏندين آڱريون اچڻ. سوگو ٿيڻ - وائڙو ٿيڻ - حيران ٿيڻ.

▬ مانِ ۾ پَتوَنُ: عجب ۾ پوڻ - اچرج ۾ پوڻ - حيرت لڳڻ.

▬ مانِ سِيڻُ: ث. چپ چاپ - چپ چپات. خاموشي - مانِ. آهستگي. صبر.

▬ مانُو ۽ مانا: ذ. صفت. مانِيتو - سانتيڪو - سُن ۾ - مانِ ۾ - چُپ ۾ - سانت - خاموش ڏيرو - آهستي - ڪهت - پيلو - جهڪو. بي ڪهُرجو - بي طلبو - ٽوڙ ڪهُرجو - ڪُڙَسو - ڪُجَسو.

بي زورو - بنا تيزيءَ وهڪري وارو، گهٽ تيزيءَ وارو حصو - مانوڙو. اڻ چُرندڙ (پاڻي) - آچلُ - ٺِرُ - ڏيرُ. نِواڻ (واءُ). صاف - ڪُرُو (آسمان). سُستَ - ڪاهِلُ - ٽوڻي - آرسي - ڍِلو - گَهرُ. زمين ۾ ٽوروويلُ (هَرُ). مَٽو - خراب. مَٽُ وارو - ڪوٽو. (ث. مائيُ ۽ مائِيُونُ).

■ مانوڙوُ ۽ مانوڙا: ذ. صفت. ساڻ وارو - سانتيڪو - مانو. (اسم). چُپ چُپاتُ - خاموشي - نِواڻي - سانت - ساڻ.

■ ساڻوُ لڳڻُ (ث): ڏکيو لڳڻ - خراب لڳڻ.

■ مانوُ مِينهُنُ: ذ. چپ چُپات وارو مِينهن. بنا گوڙ گهمسان جي مِينهن - ڪُنگو مِينهن.

■ مائِيُ ۽ مائِيُونُ: ث. ساڻو جو مونث. ڪتسي - گهٽ - ٿوري. مَٽِي.

■ مائِيٽائيُ ۽ مائِيٽائُونُ: ث. سانت - ساڻ - آرام. سانتيڪائي - صبر - چُپ - سَناڻو - چُپ چپات - خاموشي - گونگ بوڙ. نِهڻائي - ڏيرج. قرار - ٺانهَر.

■ مائِيٽوُ ۽ مائِيٽا: ذ. صفت. ساڻ وارو - سانتيڪو - صابر - مانو - ساڻ ۾ - سُن ۾ - چُپُ - سُنَ - خاموش - سانت. ساڀِتُ - ساڪتَ - ساڪِن - متعدُولتهه - ٿور گالهائو - ڪِرُ گو. صاف - ڪُرو (آسمان). جهڪو - ڍِرو - گهٽتُ - آهستو - ڏِيرو - آراهستو (واءُ).

● ماڻارَنُ: مصدر. (پ را. مَٽِي: سن. مٺ = سندرَنُ) سندرڻ - درست ڪرڻ - پکيڙڻ - ڪيندير ڻ. چِلڻُ - هموار ڪرڻ - هڪ جهڙي ڪرڻ (ڏرتي). ٺاهڻ - سَنسوارڻ - سُڌارڻ (زمين). مُترڪن سان لوهه جي ٽُڪر کي سَندرَنُ. (ماڻارِيوُ - ماڻاريندو - ماڻاريلُ).

● سانتَنُ: مصدر. لتسو ڪرڻ - لتسائڻ. تيزي گهٽائڻ - ڪُنڌَ ڪرڻ. (مائِيو - مائِيندو - مائيل).

● مائِيٽوُ ۽ مائِيٽا: ذ. حجامڪي ڪر جو اوزار - پاڪي تِکِي ڪرڻ لاءِ چامٽو - چامپيلو. مائِيٽي - مائِيُ. (برمائند).

● مائِيُ ۽ مائِيُونُ: ث. پاڪي تکي ڪرڻ لاءِ چاسٽو - چاميلو - مائِيٽي - مائِيٽو. ڪنيارکي ڪر ۾ ڏاڻون ٽپڻ لاءِ ڪاٺ جو اوزار - ٽپڻي.

● مانهيتوُ ۽ مانهيتا (ڪ): ذ. ڪاري ٽُنر جبل ۾ ٽيندڙ ٻُوٽي جو هڪ قسم.

● مانهيٽوُ ۽ مانهيٽا: ذ. واڌڪي ڪر جو هڪ اوزار - جنديءَ ٽيل ڪاڍ ڪي لسي ڪرڻ لاءِ اوزار.

● ساپارو: اسم خاص. تعلقي ڏکڻي ۾ هڪ ديهه. جو نالو.

● ماپَنُ: مصدر. (سن. ماپن = ماپڻ > ما = متَوَنُ) ماپ ڪرڻ - ڪَچَنُ - مَٽِنُ - ميچَنُ - ڪاڇوٽڻ - ماپ وٽڻ - ماپو وٽڻ. پيٽڻ - برابر ڪرڻ - برميچڻ. پمائش ڪرڻ - پمانو ڪرڻ. طول ۽ عرض جو انداز ڪرڻ - رقبو جانچڻ. تڪ ڪرڻ - اندازو ڪرڻ - تڪَنُ - تورڻ - پَرکَنُ - جانچڻ. حساب ڪرڻ - تخمينو ڪرڻ. سمائجي وڃڻ - (ڀر) سمائڻ - هُٽڻ - جاءِ ملڻ - جڳهه ملڻ. پورو ٿي اچڻ (ڪنهن جاءِ ۾) - ماپي اچڻ.

● ماپَ ۽ ماپُونُ: ث. پَرپَ - مَٽِپَ - تورَ. ڪَتَ - تڪَ. وڇ. جريب ڪَٽِي - رقبه بندي - طول ۽ عرض جو تخمينو - پمائش.

■ ساپُ ۽ ساپَ: ذ. ماپ جو اوزار. پرپ جو اوزار (جهڙوڪ: ٽوپو، پاڻي، چوٽائي، سير ۽ پاءُ وغيره) ماڻُ. ڪَچَ جو اوزار (جهڙوڪ: گزُ، فوٽ وغيره). ماپڪُ.

■ ماپَ ڪَرَنُ: ماپَنُ - ڪَچَنُ - مَٽِنُ.

■ ساپوُ ۽ ماپا: ذ. ماپ جو اوزار - ماپ - ماپڪ.

● ماجِدُ: ذ. صفت. (ع. مَجد = هن رتبي ۾ گوءِ ڪنئي) رتبي وارو. بزرگ - بزرگوار. عزت وارو - مان وارو - مانائتو - شانائتو - شاندار. (ث. ماجِده).

● ماجترا ۽ ماجترائُونُ: ث. (ع. ما = چا + جَريَ = گذريل وقت ٽيو) گذريل قصو - گذريل واقعو. گذريل زماني جو احوال. ڪهاڻي - قصو - آکاڻي - افسانو. روايت. زماني جو احوال - حال چال - حال احوال - خير خبر - ذڪر و اذڪار.

واقعو ـ قصو ـ حادثو ـ اتفاق . گالهه ـ حقيقت ـ سرگذشت ـ واردات ـ احوال . گت ـ حالت ـ کيفيت .

● ماجُوجُ: اسم خاص . (سُرُ ياني . ماغُوغُ = ماجوج) هڪ قوم جو نالو ـ حضرت يافث بن نوح عليه‌السلام جو اولاد . منگوليا جو رهاڪو ـ منگول . (آصفيه).

● ماجُوڻُو ۽ ماجُوڻا: ذ . صفت . (سن . منجشنا = سَچَ).

● ماجارُو ۽ ماجارا: ذ . ماناروـ چَتُ (ڏينهن يا ماکيءَ جي مکين جو).

● ماجِيُ: اسم خاص . تعلقي مڻيءَ هڪ ديهه جو نالو .

● ماجِنِيُ ۽ ماجِنِيُون: ث . صفت . (سن . منجِشنا = سَچَ) مڇ سان رڳيل .

● ماجِرَ: اسم خاص . (سَچر = وڻن ٽڻن جا ڪونج يا ٻُور ـ ماڻهن تارهون ـ ساوڻ) سرسبز ميدان وارو ملڪ . "ملڪ ٿي مڙئي ماجر لڳو پيو آهي" (جملو). ميرپورڻوري تعلقي جي ڏکڻ ۽ سجاول تعلقي جي اُتر ۾ نهايت سرسبز ۽ آباد ڏيڏن واري ايراضي . سرسبز ملڪ . (ن ـ ب). مُهاڻن جي هڪ ذات جو نالو . (هندن جي تاريخ).

● ماجِرَنُ: مصدر . (سن . ماجرن: سَرَجَ = صفا ڪرڻ) مانجَنُ ـ چمڪائڻ ـ آجارڻ ـ چلڪائڻ . (ٻَٽ يا باسڻ) مهڻي صاف ڪرڻ ـ مَلي صاف ڪرڻ ـ مَلَنُ ـ صاف ڪرڻ . (ماجيو ـ ماجيندو ـ ماجِيَلُ).

● ماجُوُ ۽ ماجُوُ: ذ . صفت . (چيو) مڃيندڙ ـ (چوڻ) قبول ڪندڙ . آگياوانُ ـ آگياڪاري ـ چئيوان ـ چَٻاڪَرُ ـ چئي ۾ ـ نيازمند ـ فرمانبردار ـ تابعدار .

● ماجُونا: اسم خاص . هڪ ذات جو نالو . (سڪايل).

● ماجُونُو ۽ ماجُونا: ذ صفت . (سن . مَنَجِشنا مَچَ) مڇ جو رنگ ڏ ئل ـ مڇ سان رنگيل . (پرمانند). (ذ). مڻائيءَ جو قسم ـ ڪُٽي ـ چُوري . (گاجرا).

● ماجِيُ ۽ ماجِيُ: ڪُنواريتا . شاديءَ ۾ ڪنوار جي طرف جا آيل دعوتي ماڻهو .

● ماجِيرڻِيُ ۽ ماجِيرڻِيُون (ڪ): ث . ڏڦِيڻِي ـ ڏِڦِيڻِي ـ وراڻِي .

● ماچَ: ث . (سن . مَچَ = مَچَنُ) ٽولهه ـ ٽلهات . ٽلهائي . بدن تي ماس جو چاڙهه . ٽوٽر ـ سوج ـ آماس .

ـ ماچِڙُو (ث): ذ . ماچُ .

ـ ماچُوڪَڙِ (ل): ذ . صفت . جهت پت ٽلهو ٽيندڙ ـ ماچ ڪائيندڙ .

● ماچُ ۽ ماچَ: ذ . صفت . فقير ـ بيڪاري ـ گداـ پيشو ـ پينار ـ پيناڪ ـ پينڙائِتُ ـ گداگر ـ منگتو . (پرمانند). راڳيندڙ ـ گَوَيو ـ ڳائڻو ـ گائڪُ ـ مطرب . (سورٺ ـ گُر). (ذ). لوهارن جي اصطلاح ۾ ڏ نوڻ مندڻ لاءِ ڪاٺ جو چوڻڪو . (ل). مستي ـ جوش ـ جذبو ـ لَهر ـ ٻُور ـ رِيچڪ . چريائپ . (ڪ).

● ماچانڊِيُ ۽ ماچانڊِيُون (ل): ث . ڪاوڙ ـ غصو ـ چِڙ ـ ناراضگي . (مهيري). (اسم خاص). تعلقي ٽنڈي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو . (لسٽ).

● ماچَڪُ ۽ ماچَڪَ (ث): ذ . (ڏاڪي) پيرُون ـ پيلهُون .

ـ ماچَڪَ مُورَنُ: پيرُون پَچَنُ .

● ماچَنگُ ۽ ماچَنگ (ت): ذ . گوهيل مڻيءَ جو وڏو چاڪو ـ پينوڙو . (امين).

● ماچَنُ: مصدر . (سن . ماپَنَ = ماپڻ) ماپَنُ ـ ماپي سگهڻ ـ ماپجي وڃڻ ـ پورو ٿي وڃڻ ـ پورو پُڄي سگهڻ ـ ٿڪي وڃڻ ـ ڦهڪي وڃڻ ـ پِڄي وڃڻ ـ ڦٽي وڃڻ . (ماچيو ـ ماچيندو ـ ماچِيَلُ).

● ماچُورِيُ جاگِيرُ: اسم خاص . تعلقي تنڈي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● ماچِيزُ ۽ ماچِيزَ: ذ . اسم خاص . ماچِيسُ . (پرمانند).

● ماچِيسُ ۽ ماچِيسَ: ذ . (انگ . Match Box) ٻارڻ جي تيلين جي ڊبي ـ باڪسُ .

● ماچِ ۽ ماچِ: ث . (سن . مَتسيَ = مڇي) مَچِي . (پرمانند).

Gul Hayat Institute

● ماچانبر (ک): ٹوري چانو لاءِ اڌيل ستنهن- چپرو- چٽو.

● ماچانڪ ۽ ماچانسگ: ذ. گوڙ- هل- لڙ- کهمسان- هائيتال- شور- غوغاءُ- ڏوم- ڪڙڪو- هٽبٽمُ- غلغلو- هلڙ- هنگامو- ٻکيڙو- ڏمچر- راماڻو- هل حشر- راماڻ- سٿهڻ- خرخسو- هائيدوس- ماندڻ- ماندڻاڻو- چير ٻيٽو- فساد. (ذ. صفت). پهلوان- بالڪو- جوڌو- دلير (ت). تمام ٽلهو- ڏوڻسو- سٽڪو. (ت). (ن- وفا).

● ماچرو (ڻ): ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم. (سينگهو).

● ماچڙو: ذ. جوئر جو هڪ قسم. (پرمانند).

● ماچڪ (ڻ): اسم. ڪچا يا اڌ پڪل پيرون (سينگهو)

● ماچڪو: (اسم خاص). تعلقي جوهي ۽ تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ماچڪي: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ماچو ۽ ماچوُ (ل): ڪچا پيرون- ساوا پيرون.

● ماچي ۽ ماچيءِ: ذ. صفت. (سن. ستسيّ = سچي). سچي مارينڊ- مهاڻو- سائي. (اسم خاص) مسلمانن ۾ هڪ گهٽ ذات جو نالو. تعلقي ڪنڊياري، تعلقي ڪشمور ۽ تعلقي ڏنڊي عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ماچياڻي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. (تاريخ بلوچستان). ماچيءَ جو مونث.

● ماحصل: ذ. صفت. (ع) جو ڪجهه حاصل ٿئي- حاصل شده- حاصل ٿيل. (ذ). نتيجو- حصول- ڦل- ثمر- فائدو- نفعو- سود- منافع- لاڀ- پراپت. پيداوار- پيدائش- اپت.

● ماحوُل ۽ ماحولُ: ذ. (ع. ما = جو ڪجهه + حول = آطراف). چوڌاري- اِردگِرد- آسپاس.

● ماخذ: ذ. (ع. ماخذ = وٺڻ جي جاءِ). وٺڻ جي جاءِ- اخذ ڪرڻ جي جاءِ. ڪنهن شيءِ جي ٺاهڻ جو هنڌ- بنياد. بيخ- جڙ- پاڙ- مُنڊ. مادو- ڏاتو. (آصفيه).

● ماخوُذ: ذ. صفت. (ع). اخذ ڪيل- ورتل.

● ماخوليا ۽ ماخوليائون: ث. آداميٽو- اُباڪائي- ملولائي- غمگيني- سُنهن گهومات- اداسپڻ- ويڳاڻائي. چريائي- مستي- گيانائي- مالڻخوليا. (پرمانند)

● مادُ: (ف. ماده جو مخفف) مادي.

● مادُمهون ۽ مادُمهان: ذ. صفت. مادي ۽ منهون- زنانو- نامرد. ڍڇو- گيدي- بي همت.

● مادُ ۽ مادَ: ذ. (سن. ماد = نشو) نشو- خمار- گهيرتُ- متُ. خوشي- سرهائي- سوڄ- پرسنتا. وڏائي- هٽ- آڪڙ- تڪبر. (پليٽس). (ع. مات = مارڻ). ماريل- هلاڪ. شڪست ڏنل- هارايل. (ل- قليچ).

● مادُ ڪرڻُ: شهه ڏيڻ- شڪست ڏيڻ. مات ڪرڻ. تباهه ڪرڻ- برباد ڪرڻ- ڇت ڪرڻ- ناس ڪرڻ- پاڙ پٽي ڇڏڻ.

● مادُمهُرو ۽ مادَمهرا: ذ. صفت. هٺيلو- هوڏي- متڪبر. پاڻ زورو- خود سر- پاڻ هڙتڙيو. نيڙ- اٿونو- شدّتي- ڪندي- نرڇو- اهنڌ.

● مادام: ذ. (ف). همٿه- سدائين- روز مره- مدام- هرروز- هرهميشه- روزانو. (واصف).

● مادو ۽ مادا: ذ. (ع. ماده = ڏاتو). هرڇيز جو اصل- جٽاءُ مدارت- سوڪيم تت. لطيف عناصر (جن مان سنسار ٺهيو). ڏاتو- روت- ماخذ. اصل- جڙ- مول- مُنڊ. مصدر. بنياد- پاڙ. جوهر- تت. ڪُڻ- خاصيت. هرڇيز بنائڻ جو مصالحو. موجوده سالدات- مول- هيولا- موجودات. اها شيءِ جا محسوس ٿي سگهي- جسم- وجود- پدارت. طاقت- شڪتي. لياقت- حيثيت- قابليت- صلاحيت. ڪنهن ڳالهه جي سمجهڻ جي قوت- مغز- د ماغ- ٻُڌي- فهم- حوصلو- هوشياري- ذهني طاقت- عقل- تميز. مادّه.

= مادي ۽ مادِيءِ: صفت. اصلي- خلقتي- ذاتي- پراڪرت- سهج. طبعي- فطرتي- سُڀاويڪ. جسماني- ديهه ڌاري.

Gul Hayat Institute

● مادِيُ ۽ مادِيُون: ث. (ف. ماده = مادي) نرُ جو ضد- مؤنث- مادِ. زال- استري- عورت- ناري. دُهل جو سنهون آواز ڪيندڙ ساموتالي. (صفت). زنانو- زالاڻ.

= مادِيءَ ڪُٽَ (ت): صفت. مادِيءَ جو ڪُٽيل- زال جو هيسايل. ڍڇڙو- بزدل- گيدي.

= مادِيءَ ڪُڪِڙ جوُ ٻانگَ ڏِيڻُ: ضعيف ۽ بي ڇڇ ماڻهوءَ جو ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ جي هامر هڻڻ.

= مادِيءَ ڪانُ نرُ نہ سُڃاڻڻُ: دنيا جو ڪوبہ تجربو نہ هڻڻ- اڻ آزمودگار هڻڻ.

= مادِيءَ مُنْهُونُ ۽ مادِيءَ مُنْهان: ذ. صفت. زناني منهن وارو- بنا حشمت (منهن)- بي رعب. ڍڇڙو- گيدي- بزدل.

= مادِيءَ مُنْهُونُ هُڻڻُ: ڍڇڙو هڻڻ- بزدل هڻڻ- گيدي هڻڻ.

= مادِيُ وارُ ۽ مادِيُ وارَ: ذ. ڪُل جو مادِي وارُ- ڪَٻرُ- ڪَٽيسر- استري ڪَٽيسر- ڇُنڊِي. (پرمانند).

= مادِ يُتَرُو ۽ مادِ يُتَرا: ذ. صفت. مادِيءَ منهون- زنانو. بي غيرت- مَڇُو- ڪمزور- هيڻو. بزدل- گيدي.

● مادِ يوُ ۽ مادِ يا: ذ. ڪُڪڙ جو هڪ قسم.

● ماڏاڻوُ: سانوڻيءَ جي موسم ۾ ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم. (ن- ب).

● ماڏَ ۽ ماڏُونُ: ث. ٻاجهريءَ جي ڪاهن ڪان پوءِ ڪڍيل اَنُ ۽ ٻُوهِي. (ت). (سومار- راءِ). ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو- پوساڻ يا آڏ ڏيڪڻ لاءِ ڦنبتين سڄان تختو- ڦٽِيُ. (ڪ). (ن- ب).

● ماڏَرِيوُ ۽ ماڏَرِيا (ت): ڪڇيءَ ۾ پائڻ جي ٻَڌ جو هڪ قسم- تاڪيت- تعويذ.

● ماڏُو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ نواب شاهه ۾).

● ماڏوڙِيُ ۽ ماڏوڙِي: ذ. صفت. ٻيٽُ لٽ- سانين ٽوڙ- هيڇي- ٻيٽوڙي. (پرمانند).

● ماڏهوڙُ ۽ ماڏهوڙَ (ت): ذ. صفت. چيو نہ ڪندڙ- بي چيو- بي فرمان. (راءِ).

● مادَرِ: ث. (سن. ماتَرِ). (ف. مادَرُ. انگ. مَدَر = ماءُ) ماءُ- آسان- آئِي- ماتا- جَنَني- امڙ- جيجَل- سَيا- مدر- والده.

= مادَرِ چوُتُ ۽ مادَرِ چوُتَ: ذ. ماءُ سان بدفعلي ڪندڙ. گار طور ڪم ايندڙ لفظ- مادرچودُ.

= مادَرِ چودُ: ذ. مادرچوت.

= مادَرِ زادُ ۽ مادَرِ زادَ: صفت. ماءُ جو جڻيل. اصل جو- اصلي- جنم جو- پيدائشي.

= مادَرِ وَطَنُ: ماتر ڀُومِي- جنم ڀُومِي- پنهنجو وطن.

= مادِرِيُ ۽ مادِرِي: صفت. ماءُ جو- ماڻڪو. ماماڻو- ناناڻو- ناناڻڪو.

= مادِرِيُ زَبانُ: ث. ماءُ جي زبان- ماءُ پيءُ جي زبان- گهرَ جي زبان- ذاتي زبان- خاندااني زبان- پنهنجي ٻولي- وطن جي ٻولي.

● مادَرُ پِتُوُ ۽ مادَرُ پِتا: ذ. (سن. مَدُر = هڪ شهر جو نالو + پَٽَ = ڪپڙو) ڪپڙي جو هڪ قسم، جو بافتي جهڙو جهالائو ۽ ڪورو هوندو آهي، ڏوئڻ کان پوءِ رنگ ڇڏيندو آهي. (گاجرا). جگر ناٽي- سٽسڪي. (پرمانند).

● مادِرِيُ (ت): گهوڙي جي پنڊ جو هڪ قسم- ماديري.

● مادّهُ: ذ. (ع. مادّه = ذاتو) هر شيءِ جو اصل- مادو.

● مارِتِيُ: اسم خاص. تعلقي سيرپور رساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مارِ پيچَ: اسم خاص. نادر شاهه جي هڪ تلوار جو نالو (اها راڄپور جي پيرن وٽ محفوظ آهي). (ن- ب).

● مارِچا (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مارِچوُ ڪَرُ ڻُ: هُنڊِي سڏائڻ- هُنڊِي بدلائڻ. (پرمانند).

● مارِڏَ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مارِ نوٗ ۽ مارِ نا (ت): ذ. وايڪي ڪم جو هڪ اوزار- سُونهڙ- روات.

● مارِڪو ۽ مارِڪا (ل- ڪ- ڪ): ذ. (ع. معرڪو جو هڪڙيل لفظ) سنڊپ- چاوٽي. مجلس- رهاڻ- ڪچهري- وندر- ريجهر رهاڻ- اوراڪو (ڪ). ڳائڻ وڄائڻ جي (زناني) مجلس. (انگ. Mark) نشان. جو ڳوٽين ۽ ڳڙين تي سڃاڻپ لاءِ لڳائيندا آهن.

● مارِڪيٽَ ۽ مارِڪيٽُنوٗ: ث. (انگ). واپار جي جاءِ- بازار- منڊي.

● مارِڪ ۽ مارِڪ (ت): ذ. (سن. مارگ = وڏو رستو- دڳ- سڙڪ- مارڳ. نشان- آهڃاڻ- پتو- پارُ. (ل- وفا).

● مادِهينوٗ (ث): ظرف. لاچار- ستس ستس- زوري. ماڳهين- ٻنهه- اصل- هرپرو.

● مارِ!: حرف ندا. عجب ڪائڻ جي حالت ۾ وات مان نڪتل لفظ- هڻ!- ٻلهي!- اوهه!- اوچ!.

● مارِ پيٽيوٗ!: حرف ندا. هڻ تہ سهي!- ٻلهي ٻلهي!

● مارِ مانڃهانوٗ: حرف ندا. مار پيٽي!.

● مارُ ۽ مارَ: ذ. چمڙي تان وار وغيره لاهي صاف ڪرڻ لاءِ ٻَٻرُ وغيره جي چوڏيءَ سان ڪڍيل مصالح. (پرمانند). (بندوق جو) زور- طاقت- ڏڪ- نشان. (شرت). شڪار. (ف) ٽانگ- سَٽ- ٻلا- اوڍها- اڇڪر. (آصفيه).

● مارُ جو پاٽي: ذ. اڏوڙيءَ وارو پاٽي.

● ماراڻيوٗ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ماراڻيوٗ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مار تولُ ۽ مار تولَ: ذ. مترڪو- هٿوڙو. وڏو مترڪو- وڏاڻ- ڳهڻ.

● مارڪٽاڻيوٗ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مارِگ ۽ مارِگ: ذ. اسم. (سن. مارگ = رستو) رستو- سڙڪ- وات- ڪس- دڳ- مارڳ- راهه- سڌر- سيرو- سيڙَ- چارو- لنگهه- گذر- شارع- رَند. طريقو- طور- طوار- روش- دستورُ- ڍنگ- نمونو- طرح- چاول. تدبير- آهاڻ- چارو- علاج. (پليٽس).

● مارِگ ۽ مارِگ: ذ. (سن. مارگ = رستو) مارگ. ماڳ- جاءِ- هنڌ- ٺڪاڻو- ٺانوٗ- آستان- منزل. رستو- وات. مذهب.

● مارِگِيوٗ ۽ مارِگِيوٗ: صفت. رستي وارو- واٽهڙو- پانڌيئڙو. الله لوڪ. مشهور مذهب يا پنٿ تي هلڻ وارو. (گاجرا).

● مارسو (ڪ): ث. وَل جو هڪ قسم.

● مارَنگ ۽ مارنگ: ذ. چُلهه تي برتن رکڻ لاءِ عارضي طور ڪم آندل سِرنوٗ يا پٿرن مان هڪ سر يا پٽ (چلهه. جي لاءِ تي مارنگ ڪم ايندا آهن). "ڪهڙ جو پيرُ چلهه جو مارنگ".

● مارنڪيڙو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مارِنڳوٗ ۽ مارِنڳا (ڪ): ذ. مارنگ. (ن- ب).

● مارڻُ: مصدر. (سن. مارنَ = مارڻ) مار ڏيڻ- مار ڪيڻ- ڏڪ هڻڻ- ڏڪ ٺهڪائڻ- ڪُٽڻ- سَٽڻ- زدوڪوب ڪرڻ- پيچ ڪيڻ. سزا ڏيڻ- سيکت ڏيڻ. ڏکوئڻ- آزارڻ- ستائڻ- ڪشٽ ڏيڻ. ماري وجهڻ- ساهه ڪيي ڇڏڻ- ڪهڻ- خون ڪرڻ- گهات ڪرڻ- ذبح ڪرڻ- قتل ڪرڻ- هلاڪ ڪرڻ. جيتڻ- فتح ڪرڻ- هٿ هيٺ قابو رکڻ- دٻائڻ- قبضي ۾ رکڻ- دٻاءُ ۾ رکڻ. جهلڻ- روڪڻ (ٻڪ). وس رکڻ- تابع ڪرڻ- دمڻ (دل). ڪمائڻ- رڳڻ (چمڙو). پيهي سنهو ڪرڻ (ڏاتو)- اٽلائڻ- ڪُٽو ڪرڻ. ڪٽڻ (مني). جهلڻ. جهڻ- پڪڙڻ- ڦاسائڻ (پکي يا مڇيون). لتسو ڪرڻ- چلڪائڻ (چمڙو وغيره).

= مارَ ۽ مارُونوٗ: ث. سَتَ- ڪُتَ- ڏاگور- سَٽيڪو- پيچَ- ڦيهه- چِلتهه- سَتَ ڪُتَ- چوتَ- ضَرب- گوشمالي- ڏينب. سيکت- تنبيهه- سزا. صدمو- ڏڪ- مصيبت. غضب- قهرُ- ڏڪ- عذاب- رنج- درد- تڪليف- وبال- آفت- بٽلا- شامتَ. غضب. حق تلفي- غارت- دست برد.

Gul Hayat Institute

ڏمڪيُ - ڊپ - ڊپَ - چينپ . لعنت - ڏڪار - ڦٽڪار - سراپ - بد دعا . تنگيُ - سُفليسيُ - لاچاريُ . عادت - هيرَ - عيلتَ . (جيئن چلر جي مارَ يا عقلُ جي مارَ).

■ مارُ ۽ مارَ: صفت . مارينڊڙ - ڏ ڪوئينڊڙ . ناس ڪندڙ . مرڪبات ۾ ڪر ايندڙ لفظ "جهڙوڪ موت مار، وغيره".

■ مارا مارَ ۽ مارا مارُونُ: ث . سوچڙا ڪُٽَ . نهايت ڪوشش - ڊوڙ ڊُڪ - ڪشاڪش - ڪشمڪش - جانفشانيُ - جفاڪشيُ - محنت - ڪشالو - ڏاڪيڙو - مغز ماريُ . مارا ماريُ .

■ ،ارو ڪٽڙ ۽ ساروُ ڪٽڙَ (ت): ذ . صفت . سڏائين ساروُنُ ڪائينڊڙ - سار جو عادتيُ - مارَ ڪائُو .

■ ماروُ مارَ: ث . سخت مار - مارَ ڪُٽ - ڏاڍي زور ڪاهه - حملو .

■ ماريُ ۽ ماريُ: ذ . مارينڊڙ - ماروُ - مارُ - ماروُ - ڪُهندڙ - خون ڪندڙ - ڪوسُ ڪندڙ - قاتلُ .

■ ماري پڄائڻُ: حملي ڪندڙ کي شڪست ڏيڻ - ڊوڙائي ڪڍڻ .

■ ماري چڏڻُ: قتل ڪرڻ - هلاڪ ڪرڻ - ماهه ڪڍيُ چڏڻ .

■ مار ويلُ ۽ ماريلَ: ذ . مارجي ويل - مريُ ويل - ماري چڏيل - ماهه ڪيو چڏيل . جيتيلُ - هار ويلُ . ڪُشتو ڪيل .

■ مارا ماريُ ۽ مارا ماريُونُ: ث . مار ڪُٽَ - ڦيهه ڦيهانُ - سٽَ سٽانُ - هڻَ هڻانُ - سٽَ ڪُٽَ .

■ مارائڻُ: مارَ جو ڪر ٻئي کان ڪرائڻ . (مارايو - مارائيندو - مارايل).

■ مار جڻُ: مار ڪائڻ . (ماربو - مارجندو - مارجي ويل).

■ مارَ پتوڻُ: سوچڙا پتوڻُ - ستيجنُ - ڪُٽيجنُ . سزا ملڻ . قتل ٿيڻ - ذبح ٿيڻ - ستڻُول ٿيڻ . مصيبت پوڻ . پٽ پوڻ .

■ مارَ ڪُٽَ ۽ مارُونُ ڪُٽُونُ: ث . ماراماريُ - ڏ ڪ مُٺ . مار - ڊينب - ڦيهه - چيلهه . سزا - سيڪت . لڙائيُ - جُڏَ - ويڙهه - جنگ - مقابلو - جهيڙو .

■ مارَ ڪائڻُ: ڊڙجڻ - ستيجڻ - ڪُٽيجڻُ - ڏاگو رجڻ - چيلهجڻ - ڊينب سيلڻُ - ڦيهجڻ . سزا ڪائڻ - سيڪت سهڻ .

■ مار مار: ث . تڪڙ پڪڙ - وَڻ ڦُڄ - تاهُوتَ - آتر ويلا - وَڻَ پڪڙُ - دَبَ قُسَ .

■ مارُ مارَنُ: سُراد ڪي پُهچڻُ - ڪاميابُ ٿيڻ - هٿيُ هٿ ڏ ڪرڻ - ميل مارڻ - رَسڻُ - سڏڙَنُ - پُڄڻ .

■ ماروُ ۽ مارا: ذ . مار ڪُٽَ - سٽَ ڪُٽَ - مارا ماريُ . ڪوسُ - خُونُ - گهاتُ - خونريزي - قتلُ - گاهه . مرڻو - موتُ - قتضيو - لاڏاڻو - چالاڻو . ڪاهه - جُلهه - حملو - آلتر . (ذ. صفت).

مارُ ڪندڙ - مارينڊڙ - مارُ - مارُو .

■ ساروُ ۽ ساروُ: ذ . صفت . مارينڊڙ - مارُ ستيندڙ . خون ڪندڙ - گهاتي - خوني - قاتل .

■ ماروُ ڪرَنُ: خُونُ ڪرڻ - مارڻ - ڪُهڻ - ڪوسُ ڪرڻ - قتل ڪرڻ - خونريزي ڪرڻ - گهاتُ ڪرڻ - گاهه ڪرڻ - رتوڇاڻ ڪرڻ - مارا ماريُ ڪرڻ - مارو مار ڪرڻ .

■ ماري وڃهنُ: ڪُهڻُ - خون ڪرڻ - گهاتُ ڪرڻ - ذبح ڪرڻ - هڇا ڪرڻ - مارَنُ - قتل ڪرڻ . تباهه ڪرڻ - برباد ڪرڻ - ستيا ناس ڪري چڏڻ .

● ماروُ ۽ مارا: ذ . (ف. مالہ > ماليدَن = سهڻ). رازڪي ڪَمُ جو هڪ اوزارُ - چُونالو - چُونارو - چُونارِيُ ڪُرُڪيُ - پِتَ مان گولين چوڙڻ لاءِ ڪيل سوراخ - شڪار ڪي قابو ۾ آڻڻ لاءِ ناهيل لوڙهو . (پرمانند).

● مارُو ۽ مارُو: ذ . هڪ راڳڻيءَ جو نالو - سريراگ جي ٽين راڳڻي (جا نومبر ۽ ڊسمبر مهيني جي ڏينهن جي آخري وقت ۾ گهائي ويندي آهي). (آصفيه). (ذ. صفت). عاشق - پرين - سپرين - ساجن -

Gul Hayat Institute

مُحب ـ لالن ـ محبوب ـ ديولئ. مال چارينڊڙ ـ مالدار. جهنگ جو رهاڪو ـ جهنگلي. مسڪين ـ غريب ـ نادارُ. (ذ). هڪ خوشبوءِ دار گاهه جو نالو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● مارَواڙُ: اسم خاص. جوڌپور جي هڪ علائقي جو نالو. راجپوتانا ۾ مُروج گيتن جو هڪ قسم.

● مارُوتُ: اسم خاص. (ع). هڪ ملائڪ يا نيڪ ماڻهوءَ جو نالو.

● ماروُتُ ۽ ماروُتَ: ذ. (سن. ماتُلَ) ماميٰ جو پُٽُ. (ث. ماروُتِ ۽ ماروُتُونُ).

● ماروُڙُ ۽ ماروُڙَ (ل): ذ. صفت. سُڄڙ (وَهيٽُ).

● ماروسُڌُلُ: اسم خاص. راجپوتانا ۽ سنڌ جي وڃ وارو وڏين پيٽن وارو واريءَ سلڪ ـ سوتُ جو ٺوڙُ ـ نوڪوٽي.

● ماروُ جنتُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مارو والو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ماروُ واءِ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مارُوئِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۽ تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مارُئِيُ: اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور سيل ستُر واري عورت (جنهن کي سنڌ جي مشهور بادشاهه عمر سومري زبردستي پاڻ وٽ پارهن مهينن تائين قيد ۾ رکيو ۽ آخر ڪيس پٺهنجي پيڻ ڪري ملڪ روانو ڪيو).

● مارُئِيُ جو پٽُرُ: ذ. خوشبوءِ دار گاهه جو هڪ قسم.

● ماري ۽ ماريُ: ذ. صفت. (سن. ماريُ) ماريندڙ ـ مارو. شڪار ڪندڙ ـ شڪاري ـ صيّاد. گهاتڪُ. (اسم خاص). تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ ماريُئُڙُ ۽ ماريُئُوا: ذ. صفت. ساري ـ شڪاري ـ شڪار ڪندڙ.

● ماريجا (ٺ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ماريجا (ٺ): ذ. صفت. تُرِي ـ ٽريلي ـ ٽنو جو رهاڪُو. ماڙيچو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● ماريو ۽ ماريا: ذ. صفت. سار ڪاڍل ـ ماريل ـ هيسيل. سزا ڪاڍل. زناني اصطلاح ۾ مردن لاءِ استعمال ڪيل لفظ.

"جا مُڙسي مُڙسن ۾ سا ماريهي ۾ ناهه" (ڪلشڪر).

● ماريُ وَسايوُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ماڙ: ث. (سن. مَڙ = خوش ڪرڻ ۽ سينگارڻ) مدد ـ حمايت ـ واهر ـ سهائتا. دستگيري ـ رهنمائي ـ سُونهپ ـ همراهي. اوٽ ـ پٺيرائي ـ آڏر ـ آڌار ـ ٽيڪ. مهرباني ـ احسان ـ وَڙُ ـ پلائي ـ ڪرپا. (سن. مَنڊ = منڊڻ) گهر جو مٿيون طبق ـ منزل ـ طبقو ـ ماڙي. (ڀ ماڙ، ٿ ماڙ وغيره).

ـ ماڙ تهي مِينهُنُ وَسائِيُ: خُدا ئي رحمت ٽيئ ـ وڏي مهرباني ڪرئ. ناممڪن ڳالهه ٽيئ ـ اڻ ٽيٽي ڳالهه ٽيئ.

ـ ماڙ ڪرڻُ: مدد ڪرڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ واهرَ ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ ـ پلائي ڪرڻ ـ نيڪي ڪرڻ ـ احسان ڪرڻ ـ ڪرم ڪرڻ.

● ماڙوُ ۽ ماڙا: ذ. صفت. سنهو ـ پتلو ـ ٽنهيُ ـ سُوڪيتُرُ ـ باريڪ ـ ڪاغذي ـ هلڪو ـ ڏُهرو ـ آپَرو ـ پٽنگ ـ يڪتهو ـ پانديو ـ چينجهرو ـ لينجهه جهڙو ـ لينجهڙو ـ هيڻُ ـ لاغرُ ـ ڏانگ ـ رڳارو ـ ليزُ. پاڻيءَ جهڙو ـ چِڀو ـ پترو ـ چِٽيرو ـ چِٽڙو. خراب ـ ٻُهڙو ـ ٻَرو ـ متو ـ دُمُٽُ ـ ٻَدُ ـ خَبيثُ ـ شَريرُ ـ پاپي ـ پاپائتو ـ مَنڊو ـ پراڇتي. گهٽُ ـ ٽورو ـ ڪَسو. (ذ). مچرداني جي پڌن لاءِ ڪٿي. (ل). وڏو گهر ـ حويلي ـ بنگلو. (ت).

● ماڙَها ۽ ماوَهائُونُ (ٺ): ث. مالها ـ هار.

● ماڙهو ۽ ماڙِها (ٺ): ذ. جهار هلڻ لاءِ وڻ تي ٿهيل پيهو ـ پيهي. (راه).

● ماڙِهُوءُ ۽ ماڙِهُوءُ: ذ. (سن. منش = ماڻهو) انسان ـ ماڻهو ـ آدمي.

Gul Hayat Institute

= ماڙهُپائيءُ ۽ ماڙهپائِيُونُ: ث. انسانيت - ماڻهپو - آدميت - ماڻهپائي.
= ماڙهُپُو ۽ ماڙهپا: ذ. ماڻهپو - انسانيت - ماڙهپائي.
= ماڙهُڪُو ۽ ماڙهُڪا: ذ. صفت. ماڻهوءَ جو - ماڻهوءَ وارو - بشري - انساني.
= ماڙهُنائيءُ ۽ ماڙهُنائِيُونُ: ث. ماڙهپائي - ماڙهپو - ماڻهپو.
= ماڙهُ هُنُڌاڻُو ۽ ماڙهُ هُنُڌاڻا: ذ. صفت. ماڙهُڪو.
= ماڙهُ هُنُڌپُو ۽ ماڙهُ هُنُڌپا: ذ. ماڙهپو.
= ماڙهُ هُو چيڙهُوُنُ: ذ. ماڻهو چيٽون.
● ماڙِيءُ ۽ ماڙِيُونُ: ث. (سن. مَنْدِب = سينگارڻ) جاءِ - گهر - مڪان. گهر يا جاءِ جو مٿيون طبقو - جاءِ جي مٿان ٺهيل ٻي جاءِ - ماڙ. (اسر خاص). تعلقي خيرپور ميرس، تعلقي سکر، تعلقي روهڙي، تعلقي آباوڙي، تعلقي ڪنڪرُ ۽ تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ماڙِيُ جانِ شاهُ: اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ماڙِيُ جَعْفَر خانُ: اسر خاص. تعلقي کنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ماڙِيجيُ: اسر خاص. تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ماڙِيچا: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ماڙِيچُو ۽ ماڙِيچا: ذ. صفت. ماروارَ ملڪ جو رهاڪو - ماروارَي.
= ماڙِيچائيءُ ۽ ماڙِيچائِيُونُ: ث. صفت. ماروارَ ملڪ جي رهاڪو (عورت) - ماڙِيچُڻي - ماڙِيچڻ - ماروارُڻ.
= ماڙِيچڻَ ۽ ماڙِيچِيُونُ: ث. ماڙِيچائي.
= ماڙِيچِيءُ ۽ ماڙِيچِيُونُ: ث. ماڙِيچائي - ماڙِيچڻ.
● ماڙِينڪُ ۽ ماڙِينڪ (ث): ذ. مارِنگُ.
● مازادُ ۽ مازادَ: ذ. (ف. مادَرُ = مادءِ + زادن = جڻ) لنڊو ڪاڇ - ڪُڻرو - ڪُتنواتُ. جوان ڪاڇ. گهر ۾ جايلُ ۽ نپائي وڏو ڪيل ڪنهن ٻ جانور جو ٻچو. (پرمانند).
● ماڙِرانُ ۽ ماڙِرائُونُ: ث. (ع. مهاجرا = حادثو) بدنصيبي - ڪمبختي - نِپاڳ - شامت. مصيبت - آپدا - آفت - وبال - جنجال - آزار - زحمت - تڪليف. خرابي - بُرائي - ڇڙائي - ڪُٻڊ - آڪار - سڏائي. پِٽ - پاراتو - بددعا - آهَ. ڪنجوسائي - مَرچُونائي. (ت).
● ماسِ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ماسُ ۽ ماسَ: ذ. (وَيْدڪُ. ماشَ: پيرا. ماسَ: سن. مانْسَ = گوشت) گوشت - ماهُ - مانْسُ - لتحمُ - تيوَنُ. انسان - ماڻهو - بتشرُ. جسم - ديهه - بَدنُ - سَرِيرُ. لال ترڪاري. (پرمانند). ميوي وغيره جو اندريون حصو - گُودو - گِيرُ. رَسُ. (سن. ماسَ - مهنو) ماهُ - مهينو - چنڊُ.
= ماسُ آدارِيُ ۽ ماسَ آدارِيُ: ذ. صفت. گوشت ڪائيندڙ - گوشت خور - گوشت واپرائيندڙ - ماسُ خور.
= ماساروُ ۽ ماسارا: ذ. ماس وارو - گوشت وارو - متارو - تُلهو - ماسرو.
= ماسِروُ ۽ ماسِرا: ذ. صفت. ماسارو.
= ماسَڪُ ۽ ماسَڪَ (ت): ذ. صفت. ماسارو - ماسِرو. (وفا).
= ماسِڪُ ۽ ماسِڪَ: ذ. صفت. ماهيانو - ماهه وارو - درماهه - هر ماهه. هندن جو سري ويلن جي ياد ۾ ڪيل ماهيانو شراڌ وغيره - ماهواري. ختمو.
= ماسِڪُ ڏَرُمُ: زالين جي حيض جو وقت - رُتو ڪال - رُتو ڏرم - ماهواري.
● ماسَاتُ ۽ ماسَاتَ: ذ. (سن. ماتر شُوُسرِئيَ) ماسيءَ جو پٽ. (ث. ماساتِ ۽ ماساتِيُونُ).
● ماسَائيُ: اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ماسِتانُ ۽ ماسِتَانَ: ذ. برهمڻ پنچايت - برهمڻ گهراڻو - برهمڻ خاندان. (پرمانند).

Gul Hayat Institute

● ماسُتر ۽ ماسِيتر: ذ. صفت. انگ. (Master) سيکارينڊڙ - سکيا ڏينڊڙ. استاد - معلم.

● ماسڙ ۽ ماسڙ: ذ. مامي جو مڙس.

● ماسو ۽ ماسا: ذ. (سن. ماش = دال جو هڪ قسم) - اڙد جو هڪ داڻو: ف. مَاشَهُ = ماسو) ماش جي دال جي هڪ ڏاڻي جيترو وزن. تور جو هڪ انداز - تولي جو ٻارهون حصو - اٺن رتين جو وزن. ڪجهه حصو - ٿورو ذرو.

● مَخولُ ۽ مَخولَ: ذ. کيل - مسخري - ٺول - مذاق - چرچو - چيڙ خواني - چرچو گهٻو. (آصفيه). خوشطبعي. فخر - مرڪ - ناز. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٽ - دماغ - وڏائي - هُوءَ - دَمُ - اغماض - غرور.

● مَخولِ بازيَ: ث. مسخري - ٽوڪ زلي - ٽوڪبازي - ٺولي - چرچو گهٻو - طعني بازي - مذاق.

- مَخولُ ڪرڻُ: کيل مسخري ڪرڻ - ٺول ڪرڻ - مذاق ڪرڻ - چرچو گهٻو ڪرڻ - ٽوڪبازي ڪرڻ.

- مَخوليُ: ذ. صفت. چرچائي گهٻائي - مذاقي - ٽوڪباز - مسخري ڪندڙ. مغرور - هٿيلو - آپماني - سڃازي - آڪريل - دماغي - هٿي - فخر وڻندڙ - فاخر - هٿيلو - تڪبري. عاليشان - نٽ وارو - آدمبر وارو - ڏهه پي وارو - شان وارو - طُومان وارو.

- مَخوليُ ۽ مَخوليُونُ: ث. مخول - مخول بازي.

● مَخيُ: اسم خاص. تعلقي ڪَڪڙ هڪ ڏيهه جو نالو.

● مُخَيَّرُ: صفت. (ع). خيرات ڪندڙ - فياض - داتا - ڏاتار - سخي. نهايت نيڪ.

● مدةَ ۽ مَدَ، مَدُونُ: ذ. ث. ڪوشش - چڪَ - تاڪَ. (آصفيه). ڏيکهه - ڏکهائي - لمبائي. عام نحو موجب ڪنهن به آچار کي چڪ ڏيندڙ نشاني - اکر جي آواز کي ڏکهو ڪندڙ علامت "آ". نشاني - علامت.

- مَدةُ شدةُ سانُ: ظرف. گهڻي ڏاڍ ٻاڻ سان - صفائيءَ سان - چٽائيءَ سان - ظاهريءَ طرح - پڌرائيءَ سان - ڪُلُ ڪُلا - ظاهري نموني ۾.

- مدِ نظرُ: ظرف. ڏسڻ جي حد تائين - حد نظر تائين. پيش نظر - مدِ نگاهه. (ذ). اها شيءِ جا نظر جي سامهون هجي. قصد - ارادو - مقصد - مراد - منورٿ - منشا.

- مدِ نگاهُ: ظرف. مد نظر.

● مدهُ ۽ مدَ: صفت. (سن. مدْيه = شراب) پيئڻ لاءِ نشيدار عرق - شراب - باده - دارُو - مئي - صُهبا - مديه سارُ. شراب طهورا - روحاني شراب.

"وَت وَت وڻيءَ ۾ مَتُ مَتُ مدهُ پيو"
(شاهه).

(مدهُ = مستي) نشو - مستي - خُمار - متوالاپڻ - سرشاري - مدهوشي - مد مستي - مخموري - ڪيف. چريائي - پاڳلپڻو - جُنون - سوداءُ. موهُ - عشق - محبت - پيار - قُرب - چاهه - لاڙو - چاهت. آنند - خوشي - لُطف - مزو - موج. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٽ - دماغ - وڏائي - هُوءَ - دَمُ - اغماض - غرورُ - بانوَرُ - آڪڙ - هٽُ - اهنڪار - وڏائي - تڪبر - ڦوهه - ڦاند. (صفت). پيتلُ - خُماريل - مست - متوالو - مدهوش. خوش - سرهو - راضي - نهال - پرسن. ماڪي. (گاجرا).

- مدهُ مَستُ ۽ مدَ مَستَ: ذ. صفت. نشئي - خُماريل - مَٺ ۽ چڙهيل - نشي ۾ پُرُ - پيتل - ڪيئو.

- مدهُ مغزُ: ذ. صفت. مغروريءَ سان پريل - هٿيلو - هوڏي - ضدي. متي ڦريل.

● مُدَ ۽ مُدُونُ: ث. مُندَ - موسر - رُتَ.

● مُدا: ث. (ع. مُدّة = مُدو) وقت - سمو - عرصو. ٽيڪ وقت. مُدو.

- مُدا ڪترَنُ: ٽيڪ وقت ٽيڻ. پوروٽيڻ - ختم ٿيڻ.

"محشر ڪيو مُدا اڄ اچوڪي ڏينهڙي"
(خان زئي).

● مدّاحُ: صفت. (ع. مدّحَ = هن ساراهه ڪئي) مدح ڪندڙ - تعريف ڪندڙ - ثناخوان - صفت گائيندڙ. پيتُ. ڪتڪُ. (آصفيه).

● مدّاحَ ۽ مداحُونُ: ث. (ع. مدّحَ = هن ساراهه ڪئي) تعريف - ساراهه - واکاڻ - ثنا - صفت - مدح. شعر جو هڪ قسم - تعريفي بيت.

- مداحُونُ ٻڌائيڻُ: خوشامد ڪرڻ. هيٺيون ٿيون ڳالهيون ٻڌائي خوش ڪرڻ.

● مُداخلتُ ۽ مُداخلتُونُ: ث. (ع. دخل) دخل - درڪُ - دست اندازي - وچ ۾ اڪاءُ - مزاحمت. قبضو. تصرّف. قابو. تحت.

Gul Hayat Institute

= مُداخلتُ کترَنُ: دخل ڏيڻ - وچ ۾ ٽپي پوڻ - دست اندازي کرڻ - انکاءُ کرڻ.

● مُدارُ ۽ مَدارَ: ذ. (ع. دَور) گردش جي جاءِ - کنهن آسماني جسم جي دوري کرڻ جي جاءِ - ڦيري جو چکر - دائرو - گول - چکرو - حلقو. کنهن گرهه جو سج جي چوڌاري ڦرڻ جو رستو. ڦيرو - گهيرو. بنياد - پيڙهه - مُول. آڌار - ٽيڪ - پروسو - سهارو. تعلق - واسطو. ذمو - ذميواري - جوابداري. مقصد - ارادو. (گاجرا). (اسم خاص). هڪڙي مسلمان فقير جو نالو (جو مدارين يعني بازيگرن جو مرشد هو). (گاجرا).

= مدارُ المُهامِ: ذ. صفت. آهو ماڻهو، جنهن تي سلطنت جو دارومدار هجي - وزير اعظم - پرڌان منتري. حاڪم - ناظم. سلطنت جو رکن. اڳواڻ. فوج جو حاڪم - سالار - سپهه سالار.

= مدارُ النَّهار: ذ. سج جي اوج وارو وقت - منڌيان ڦاڪ (اها ڏکهائي ڦاڪ جا کنهن به خاص هنڌ مان لنگهي، جنهن جي مٿان جڏهن سج ايندو آهي ته پوري منجهند ٿيندي آهي) - ڳگول (آسماني گول) جي اها ڦاڪ، جنهن وٽ کنهن هنڌ جي مٿان سج جو يا کو تارو پوري آڪاشنبءَ تي پهچي ٿو. (گاجرا). ڏينهن جو وچ - منجهند - پهر - پهري - نصف النهار.

● مُدارَتَ ۽ مُدارَتُونُ: ث. (ع. مُدارت جو بگڙيل) خاطر تواضع - آدر پاءُ. پرجهلو - سهارو - ٽيڪ. آڌ - ڏيءُ - تسلي - دلداري. مدت - مَدد - واهرُ - سهائتا - مدد گاري.

= مُدارَتَ ڏيڻُ: تسلي ڏيڻ - دلداري ڏيڻ - آڌ ڏيڻ. مدد ڏيڻ - واهر کرڻ.

= مُدارَتَ ۽ مُدارَتُونُ: ث. ڏسو مُدارت.

● مُدارِيُ ۽ مُداريُ: ذ. صفت. (پرا. مُدارَ + اِي. سن. مُدار + اين + ڪَ = بازيگر). بازي وجهندڙ - ڪٽ. (گاجرا) - بازيگر - راند يگر - کيل تماشي وارو. هٿ جي چالاڪي وارو کيل ڏيکاريندڙ - هٿ نات کندڙ - کيڏ باز - الکلي.

پولڙو يا رچ نچائيندڙ. (ذ). فقيرن جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ جبل جو نالو.

● مُدافعَتُ: ث. (ع). دفع کرڻ جي حالت. روڪ - جهٽل - پٽل - اٽڪ - رندڪ - وکهنُ - منع. شڪست - هار. (آصفيه).

● مُدامُ: ظرف. (ع. دوام = همیشه) همیشه - هاروهي - نيتُ - مدائين - سدا - دائمُ - دائما - روز - لڳاتار - بنا ناغي جي - مُدامي. پُراڻو - قديم - ڪُهنو - پُٽو - آڳاڻو - اڳيون - پَراچين - پيراتن - اڳوٽو.

= مُدامِيُ: ظرف. همیشه جو - هاروهي - نيتُ - سدائين جو - روزمرهه جو. قديمي - آڳاڻو - پراڻو - ڪُهنو - پراچين - جهونو.

● مُداوَمَتُ: ث. (ع). همیشگي. (گاجرا).

● مُدبِّرُ ۽ مُدَبِّرَ: ذ. صفت. (ع. دَبَّرَ) تدبير ڪندڙ. صلاح ڏيندڙ - صلاحڪار - مُشير - پَهي. انتظام ڪندڙ - ڪارپرداز - ڪم هلائيندڙ - سربراهه. وزير - ديوان - منتري - پَرڌان. عاقل - قابل - هوشيار - دانشمند - عقلمند - ڏاهو - سياڻو - سمجهو - دانشمند. سوچيندڙ - فيلسوف.

● مُدَّتَ ۽ مُدَّتُونُ: ث. (ع. مُدَّدَ جو بگڙيل). مدد - واهر - سهائتا - حمايت. همراهي - پٺيراڻي - مدارت - پرجهلو.

"مُدت تي، ميهار! يارا! ساهڙ! سائير سير هر."
(شاهه).

● مُدَّتَ ۽ مُدَّتُونُ: ث. (ع). مُدو - عرصو - معياد - مَٽمون - وقت - ٽائيم. ٽاڻو - مهل - دير. جُڪ - زمانو.

● مُدَّتَ جو: قديم - آڳاڻو - پراڻو. (گاجرا).

= مُدت خارجُ: ذ. صفت. وقت گذري ويل - مدي خارج - مدي پوري - رواج مان ڪري ويل.

● مُدحُ ۽ مَدحُونُ: ث. (ع). ساراهه - واکاڻ - تعريف - حمد - ثنا - صِفت - مَداح. آفرين - واهه واهه - آستت.

= مُدَحتَ ۽ مُدَحتُونُ (ت): ث. مدح - سارهه.

ـ مَدَحِيَہ: صفت. مدح جو ـ مدح وارو. ساراهه ڏيڪاريندڙ. واکاڻيندڙ.

● مَدَحُو ۽ مَدَحا: ذ. گهوڙي جي بيماريء جو قسم ـ اڳين ٽنگن جي مٿان ڦٽ. (مهيري).

● مَدَدَ ۽ مَدَدُون: ث. (ع). حمايت ـ سهائتا ـ ڪمڪ ـ امداد ـ واهر ـ همراهي ـ تائيد ـ دستگيري ـ معاونت ـ تعاون. (آصفيہ). آڌار ـ سهارو ـ ٽيڪ ـ ڏيڙ.

ـ مَدَدَ جو هٿ ڏڪهيرڻ: مدد ڪرڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ واهر ڪرڻ.

ـ مَدَدَ ڏهيُ: ث. مدد ڏيڻ جي حالت ـ امداد ـ همراهي ـ واهر ـ سهائتا. آڌار ـ پٺپرائي. دستگيري.

ـ مَدَدَ ڏيڻ: سهارو ڏيڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ دستگيري ڪرڻ ـ حمايت ڪرڻ.

● مَدَدَ ڪَرَڻ: سهارو ڏيڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ حمايت ڪرڻ.

ـ مَدَدِ ڪارُ ۽ مَدَدُ ڪار: ذ. صفت. مدد ڪندڙ ـ حمايتي ـ حامي ـ معاون ـ ساٿي ـ واهر ـ سهائڪ.

ـ مَدَدُ ڪاريُ ۽ مَدَدُ ڪاريُون: ث. مدد ـ واهر ـ سهائتا ـ حمايت.

ـ مَدَد گهُرَڻ: ڪمڪ طلب ڪرڻ ـ سهارو گهرڻ ـ امداد گهرڻ.

ـ مَدَدُو ۽ مَدَدُو: ذ. صفت. مدد ڪندڙ.

ـ مَدَدِيُ ۽ مَدَدِي: ذ. صفت. مدد ڏيندڙ ـ همراهه. گناهه جهڙي ڪر ۾ همراهي ڪندڙ. (ڪاجرا).

● مَدَدِ ڪوسو: اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَدَدُو: ذ. پساريڪي واڪر جو هڪ قسم ـ دوائن جي ڪر ايندڙ هڪ قسم جي گاهه جا سڪل ٻن. (ف ـ ج).

● مُدرُ ۽ مُدرَ: ذ. صفت. اَمڙُ ـ مٽر ـ آڏل ـ ڪاهوڙو ـ پُختو ـ پڪو. ليٽر ـ ضدي ـ هوڏي ـ آٽوٽو ـ شِدتي ـ نِجس ـ ڪَندي ـ نيرجو ـ آهنبر ـ هٺيلو.

● مُدرا: ذ. (سن. مُدْرا). مُنڊي. جوڪين جي ڪنن ۾ پائڻ جا ٽلها والا.

● مَدرا: ذ. (سن. مَدْيہ). شراب ـ مئي ـ مَدُ ـ مَدّ.

● مَدراسِي: ذ. زناني ڪپڙي جي سُٽڻ جو هڪ قسم.

● مُدَرِّس: ذ. صفت. (ع. دَرَسَ = هن پڙهيو). سبق ڏيندڙ ـ پڙهائيندڙ ـ مُعلم ـ اُستاد ـ سکيا ڏيندڙ ـ ماسٽر ـ پنڊت ـ آچاريہ.

● مَدرسو ۽ مَدرسا: ذ. (ع. مَدْرَسَہ > دَرَس = هن پڙهيو). پڙهڻ جي جڳهه (لفظي معنيٰ ۾ ڏنل آهي = مڪتب = لکڻ جي جاءِ) ـ وديا آليہ ـ تعليم گاهه ـ درسگاهه ـ پاٺشالا ـ دبستان ـ مڪتب ـ خُتّاب ـ ڪُتّاب ـ اسڪول.

ـ مَدرسائُو ۽ مَدرساٽا: ذ. صفت. مدرسي جو ـ مدرسي وارو. (گاجرا).

● مَدْري ۽ مَدْريُون: ث. (سن. مُدْرا = منڊي). ڪن جي ڪيوٽي. مُنڊي. (گاجرا).

● مَدْعا ۽ مَدْعاٽُون: ث. (دَعيٰ = هُن گهر ڪئي) گهر ـ طلب. مراد ـ مقصد ـ غرض ـ منشا ـ مطلب ـ تمنا ـ مَنورٿ ـ منورتيُ ـ اِرادو ـ خواهش ـ مرضي ـ اِڇا ـ ڪامنا ـ آرزو. گهرج ـ غرض. پروجن ـ ارٿ ـ مطلب.

"ماڻهو هيءَ من مَدْعا ٻيو سڀ ڪُنو ڪر ڪارکر." (قاسم).

ـ مَدْعا عَلَيہ: ذ. صفت. آهو ماڻهو جنهن تي دعويٰ ڪجي ـ جوابدار ـ گنهگار ـ ڏوهاري ـ جوابده ـ ڏوهي ـ تهمتي.

ـ مَدْعِيُ ۽ مَدْعِي: ذ. صفت. دعويٰ ڪندڙ ـ دعويدار ـ فرياديُ ـ دانهين ـ چيڪو ـ داد خواه ـ مستغيث. و روڏي ـ دشمن ـ ويري ـ مخالف ـ رقيب ـ حريف. (ث. مَدْعِيَہ).

● مَدْفَنَ: ذ. (ع. دَفَنَ = هن پوريو). دفن ڪرڻ جي جاءِ ـ مقام ـ قبرستان.

ـ مَدْفُون: صفت. دفن ڪيل ـ گم ڪيل ـ پوريل ـ لڪايل. لڪل ـ ڳجهو ـ مخفي ـ پوشيده.

● مَدْكِيُ ۽ مَدْكِيُون (ڪ): ث. مڃيءَ جو هڪ قسم (پٽي ڪاري، پيٽ اڇو، ڏيکه سوا فوت تائين). (ن ـ ب).

Gul Hayat Institute

● مُدِ کَرُ ۽ مُدِ کَرَ: ذ. (سن. مُدْ کَرُ > مُدْ کَ) کمرت کرڻ لاءِ کاڻ مان ٺهيل ڏندڙن جو هڪ قسم - مُگدر - مُگر - مُگرو - مُگري.

● مُدَل: ظرف. پٽيءِ - مُور - هڏ - اصل - بنهه - هرگز.

● مُدَلّل: صفت. (ع). دليل ڏنل - دليل سان ثابت ڪيل. معقول - ٺيڪ - درست - قرين قياس - پڄا - صحيح - برابر. (آصفيه).

● مُدَمّغ ۽ مُدَمّغَ: صفت. مغرور - هٿيلو - ايماني - مجازي - آقريل - هٿي - دماغي - مزاجي - گهمنڊي - فخرڪندڙ - فاخر - تڪبري - وڏائي خور. رُکو روح. ٺولي ڪندڙ - ٽوڪ ڪندڙ - طعن زن. عاليشان - نٽ وارو - اڊمبر وارو - دٻدٻي وارو - تجمل وارو - مان شان وارو.

● مُدَن ۽ مُدَنَ: ذ. (سن. منچ) جاءِ جي ڇڇري کي جهلي بيهندڙ ڪاٺي (جنهن جو هڪ ڇيڙو پٽ واري داسي سان هجي ۽ ٻيو پاسو مٽي ڇڇري کي جهلي). انگاس جي چونڪ کي جهلڻ لاءِ قرمين مان هڪ قرهي. ڪنهن شيءِ کي (جهڙوڪ بتي يا دڪي وغيره کي) ٽنگڻ جي ڪاٺي. ماٺهوءَ کي لڙڪائڻ جي ڪاٺي - ڦاهي - سُوري. پريم جو ديوتا - پريم - عشق. معشوق. (گاجرا).

● مُدَنِي: صفت. (ع. مَدِينَه = شهر) مديني شهر جو رهاڪو - مديني جو ويندل. (اسم خاص). حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو لقب.

● مُدو ۽ مُدا: ذ. صفت. (سن. مُتَنْدَ = مدو) خراب - بڇڙو - بُرو - ڪنو - لڏو - مَندو - بَدُ. مُدان مان پريل - مَٽَ گهُرو - ڏُجهن - ويري - دشمن - بدخواهه. (ث. مَدي ۽ مَديُون).

- مُدائِي ۽ مُدائِيُون: ث. بڇڙائي - بُرائي - ڪِنائي - خرابي - مدائي - لڏائي - بدي. عيب. ڏوهه. گهٽتائي - ڪچائي.

- مُدايُون مِيٽِڻُ: ڏوهه گناهه معاف ڪرڻ.

● مُدُو ۽ مُدُوءِ: ذ. چوپائي جانور جي بدن جو هڪ حصو - گهوڙي، گڏهه ۽ خچر جي اڳئين چونڪ کان ٿورو پٺتي وارو مٿي لڪل حصو (گردن). (اٽڪ جي) ڪنڊ ۽ ٽوهي جي وچ وارو مٿون پاسو. گهوڙي کي زين جي گسڻ کان ٽيل قرڙي. (گاجرا).

● مُدو ۽ مُدا: ذ. (ع. مُدّة = وقت) عرصو - مدت - ميعاد - وقت. مهل - ٽاڙو - ويرم. مهلت - فرصت - وِٽي - چيٽي - وچيٽي. انجام وارو وقت - ڪَٽ. (ع. مُدعا = گهُرَ) گهُر - طلب. مراد - مقصد - مطلب - مدعا. تقاضا. بحث - تڪرار - مناظرو - خرخسو - حجت - هوڏ - ضِد - گهپي. جهيڙو - جهڪڙو - ٽنٽو - رگڙو - فساد. دشمني - وِيرُ - بُغض - عداوت وِروڌ.

- مُدو پَرُجَنُ: ميعاد پورو ٿيڻ - وقت پرجي اچڻ - انجام وارو وقت پورو ٿي اچڻ.

- مُدو پائِڻُ: عرصو وجهڻ - ميعاد رکڻ - ويچي وجهڻ - وِٽي ڏيڻ - وچيٽي وجهڻ - انجام وجهڻ. بحث ڪرڻ - تڪرار ڪرڻ - مُناظرو ڪرڻ. حجت ڪرڻ - هوڏ ٻڌڻ. بحث مباحثو ڪرڻ. ويرُ وجهڻ - دشمني رکڻ - ضديت رکڻ - ضد ڪرڻ - بغض رکڻ - ٻيائي رکڻ. جهڪڙو ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - رگڙو ڪرڻ - ٽنٽو ڪرڻ - فساد ڪرڻ.

- مُدي پُڄي: ظرف. (هٿبديءَ ۾) مُدي پوري ٿيڻ تي - مقرر وقت گذرڻ تي. (گاجرا).

● مُدُواڻِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُدَوَرُ ۽ مُدَوَرَ: ذ. صفت. (ع. دَوَر). محرابي - محرابدار - ڪماني - ونگ وارو - ڏِنگو - ور وارو - گول - گولائنون - چڪرائون.

● مُدُو ٽُماءِ: ذ. ث. (سن. مندورَم = ڪَتُ. مندري = آڏوهي). اچيون ماکوڙيون. ڪَتُ. ساکي - شَهد. (غريب اللغات). (ن - ب). (سرڪلياڻ - گُڙ).

● مَدُهوشُ ۽ مَدُهوشَ: صفت. (ع. دَهشَ = هو گمراهه ٿيو) گمراهه - حيران - پريشان - سرگردان - وائڙو. بيهوش - بي سُڌ. بدمست - مخمور - خمار ۾ پُر - مَسْگن - متوالو.

= مَدْهوشيءُ ۽ مَدْهوشِيُونُ: ث. بيهوشي - بد مستي - متوالائي - سخموري - خمار - نشو.

● مَدَنُوءُ: ذ. (من. مَنِيَا = گجي). گهوڙي جو هڪ قسم جو سُٹجُ. (شايد مَدُوءُ). گهوڙي جي گردن. زين جي گسڻ ڪري گهوڙي جي گردن تي زخم.

● مَدِيءُ ۽ مَدِيُونُ: ث. (من. مَنْدَ = مَدو) بُرائي - بُڇڙائي - خرابي - بَدي - مَندائي. دشمني - ويرُ - بدخواهي. بدوهُ - دغا - نگي - ڪُپت - فريب.

"مَدِي ڏيرن متن ۾ آئون ڪليو ڪينڪاريان" (شاهه).

● مَدِيانُ ۽ مَدِيانَ: ذ. (من. مِٹ = گِنڍڻ مَدَنُ.

● مَدِيجيءُ: اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَدِيدُ: صفت. (ع. مَدّ) چڪيل - تاڻيل. ڊگهو - لَمبو - دراز - طويل - وڏو. (آصفيه).

● مَدِيرَ ۽ مَدِيرَ: ذ. صفت. (من. مَدْيَرَ = وچولو) وچوڻ - درمياني - وچڙو - وچولو - مديم - وچ واهو - منجهولو.

● مَدِينُوءُ: ذ. (ع. مدينه = شهر) شهر - نگر - نگري - بلده. (آصفيه). (اسر خاص). عربستان جي هڪ شهر جو نالو (جنهن ۾ جناب رسالت مآب صلي الله عليه و سلم جن جو مرقد مبارڪ آهي).

● مَدُ ۽ مَدّ: ذ. (من). ماکي - شهد - گلن جو رَسُ - شراب - مَدُ - مئي - دارُون. نشو. (گاجرا). بهار جي موسم. جواني. (صفت) وڏڙ. فرحتي. (مندياو). (من. مَدِيه = وچ) وِچ - مرڪز. (صفت). وچون - وچ وارو - وچولو.

= مَدُ آڪاسُ: ظرف. آڪاس جي وچ ۾ - ڪاپار تي - مٿان. ظاهر - چٹو. (سامي).

= مَدُ ماتوُ: ذ. صفت. شراب پيتل - خماريل - مست. (سامي).

= مَدُ مَچَنُ: شراب جو گهٹي وقت رکجڻ ڪري ڦڙ ڪري وڃڻ. بانس ڪرڻ - ڪِنو ٿيڻ - بدبوءِ ڪرڻ - ڏَپَ ڪرڻ - چَتَ ڪرڻ - عُفُونت ڪرڻ.

= مَدُ مَکِيءُ ۽ مَدُ مَکِيُونُ: ث. ماکيءَ جي مک - شهد مکي.

● مَدَ ۽ مَدُونُ: ث. زال - عورت - ناري - مَندُ. (ن - ب).

"مَدَ ۽ منجهه ويهه، آهي آوسڙ آس ۾"
(شاهه ڪريم).

● مَدُ ۽ مَدَ: ذ. صفت. (من. مَوڈ) بيوقوف - بي عقل - مُورک - احمق - بي سمجهه - الاڙي - چَسو - پوڙندو - ڪم ذهن - مَتَ هِيڻ - آڏايو - موکو مٹر - اٹاسو - جاهل - مُوڙهل - ڪُند - جَڙُ - گهيلو.

= مَدُو: ذ. صفت. ڏسو معنيِ مَدُ. (گاجرا).

● مَدُرُ ۽ مَدُرَ: ذ. صفت. ماکيءَ جهڙو - مِٹو - شيرين. مزيدار - رس وارو - رسيلو. سُرهو - سُگندبو - خوشبوءِ دار. مئي سُر وارو - سُريلو. موهڻو - موچارو - دلپسند - پياروُ - وٹندڙ - نزاڪت وارو - نفيس - نرم - مُلائم - نازڪ.

= مَدُرُتا ۽ مَدُرُتائُونُ: ث. ميناج - خوبي - لطافت. (گاجرا).

● مَدَرَ: صفت. (من. مَدْيَه = وچ) وچ وارو - وچولو - وچون - درميانو - وچڙو. ڏيمون - آهسته - هريءَ هريءَ - هوريان - ڍرو - ڏيري. جهيڙو - جهڪو. (ذ). سرگرم جو چوٹون سُر يا تال - ستن سُرن مان هڪڙي سُر جو نالو. چتارو - تنبورو. (گاجرا).

= مَدَرُ سُرُ: ذ. ڏيمون سُر - ڍرو سُر. راڳ جو چوٹون سُر.

● مَدُورُوءُ (ث): ذ. وات جي هڪ بيماري (نيزلو) جنهن ڪري وات مان خراب بانس اچي).

● مَدِيانُ ۽ مَدِيانَ: ذ. اسر. (من. مَدْيَه = وچ + آهَن = ڏينهن) وچ ڏينهن - منجهند - پهري - ٻه پهر - نصف النهار. (مِٹ = گِنڍڻ) ڇڇهري ڪي جهلڻ جي ڦرهي - مَدَن - مَدُيان. (گاجرا).

Gul Hayat Institute

● مَڏِيان ڦاڪ ≈ مَڏِيان ڦاڪُونُ: ث. هڪڙي قطب کان ٻئي قطب تائين خيالي ليڪ (جا ڌرتيءَ کي بن حصن ۾ ورهائي) - زمين کي حصا ڪندڙ خيالي ليڪ. (گاجرا).

● مَڏِيرُ ≈ مڊِيرَ (ڪ): ذ. وڏو پٿڪو - ڍيڙهو - ڍينڊو - ڍهيڙ - ڍيڙاهه - دُنباري - پڳ - پاڳ.

● مَڏُ بَسْتُ ≈ مَڏُ يَسْتَ: ذ. (سن. مَڏْ يَتْ = وچ + سُٽنا = ٻڌڻ). وچ وارو - آمين - ثالث - ڪِياڪر - سَرُ پَنچُ.

● مَڏِيرَ: ذ. ساز جو هڪ قسم - ستار جو هڪ قسم - تنبورو. سرڪم جي چوٽين سر جو نالو. (گاجرا).

● مَڏَ: ظرف. مشڪل سان - مَس مَس - مَس - آجا - لاچار - ورلي.

● مَڏَ ≈ مَڏُونُ (ل - ث): ث. (سن. مَنْد = سينگارڻ). ڪنوار جي مائٽن کان ڪنوار کي ملهيل ڪپڙن جو جوڑو - وڳو. سامان. (گاجرا). (اسم خاص). تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏُ ≈ مَڏَ، مَڏُونُ: ث. ڪاڻ جو ٽُرهو - ٽلو - ترُ.

"ڪَڪ. ڪانڊيرا، ڪاڻيون، ميڙي ٻڌم مَڏُ."
(شاهه - سهڻي).

پاڻيءَ جي مٿان ڪکن ڪاڻين مان ٺهيل گهرڙو. رَچُ ڪي مٽي جهلڻ لاءِ ڪاڻ جو گڏو. ڊير - ڊڳُ - سٽو - گُدام - ٽنهو. ڪاڻين جي ٻيڙي. منجهن جو ڊير. ٻيهو. (ل). سامان جو ڊڳ - مَڏي. سامان - اسباب (لس). ملڪيت - موڙي.

"تيلاهون مون مَڏِ، آهي تنهنجو آسرو."
(خان زئي).

● مَڏُ: اسم خاص. تعلقي ڪمبٽ (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه ڪوٽ جو نالو.

● مَڏُ ≈ مَڏَ: ذ. صفت. مُڏو - لَمون. ڊيلو - مست - مودَنُ - موڳَشتَ - ڪَنڊ - موڳو مَٽر. ساد و سود و - ڪاٻلهائڻ جو ٽُلهو. پورڙو - ڪم عقل - ڪم فَهم.

● مَڏَ آبِيٽائِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏَارُ ≈ مَڏارَ: ذ. راڳ جو هڪ قسم - مَلار. ڏڙي هير. جهڙالو.

● مَڏاڙُ ≈ مَڏاڙ (ڪ - ڪ): ذ. زڪام - ليسُ - ٽَڏ جو اثر.

● مَڏالو ≈ مَڏالاَ (ل): ذ. ڊڳ. سامان - ٽپڙ - اسباب. بار.

● مَڏَبَاهُوُ: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏَ عَلِّيمُ: اسم خاص. تعلقي لوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏُو ≈ مَڏا (ل): ذ. جنازو - لاش - لاشو - مُڙدو - مُردو.

● مَڏُو ≈ مَڏا: ذ. صفت. (پرا. سن. مَنْدُ = مَڏو). اهو اوزار جنهن جي ڏار تڪي نه هجي - لَمو - ڪُند - بي ڏار - ڏُوڏُ - ڪَنل. ڪُند فَهم - موڳو - موڳَشتُ - مودَنُ - مَڏ.

- مَڏائِپَ ≈ مَڏائِپُونُ: ث. اوزارجي اڻ تيزائي - ڪُندائي - مَڏائي - لَمائي.

● مَڏائِيُ ≈ مَڏائِيُونُ: ث. مڏائپ.

● مَڏاڙُ (ل): ذ. مڏاڙ.

● مَڏ هِيُن: ظرف. يقيناً - خاطريءَ سان - بيشڪ - تصديق سان - سچ پچ - بنا شڪ شبهي جي - بلاشڪ - آوَس - ضرور - يقيني.

● مَڏِيُ ≈ مَڏِ يُونُ: ث. (سن. مڏ = سينگارڻ). سامان - ٽپڙ - اسباب - مال. سامان سڙو - ٽپڙ ٽاڙي. لڏ پلاڻ جو ٽورو سامان.

"ميان جي مڏي، ۾ ڏڏن ٿي تَڏي."
(چوٽي).

مال - ملڪيت - دولت. محصول وٺڻ جي جاءِ - ناڪو. دريا جي ڪناري تي قاسبل ٻلن يا ڇيءَ جي ڪڏ ڪرڻ وارو هنڌ. اها جاءِ جتي عمارتي ڪاٺيون وڪرو يا سوداڙ لاءِ رکجن. (گاجرا). (مَڏ = خوشي) خوشي - آنند. (گاجرا).

- مَڏِيُ وارو ٽِيڻُ: ملڪيت وارو ٽيڻ - ڏنوان ٽيڻ - شاهوڪار ٽيڻ - پاڳيو ٽيڻ. سکيو ٽيڻ - آسودو ٽيڻ.

Gul Hayat Institute

= مَڈِي ڪيڻ (ت): مال ملڪيت ٻاهر ڪيڻ. ٽيڙ ٽاڙي ڪيڻ - ڪارخانو چالو ڪرڻ.

● مَڈِيٽُو ۽ مَڈِيٽُوَ: صفت. (ف. مرَ = ڏ + من. دا = ڏيڻ) ڪنهن ڪي شيء ڏيڻ جو ارادو نه ڪندڙ - ڪو - پَڪتَشَ - مَٽَ پيڙ - ڪنجوس - چَمچُوس - بخيل - مَڪي چُوس - شُومَ - مُوذِي - ڪِرپَڻ.

● مَڊا: (سن. مَدرا) جوگي فقيرن جي ڪنن ۾ پائڻ جا والا.

● مَڊِي ۽ مَڊِيُون (ڪ): ث. مندي - ڪن جي ڪيوٽي. (گاجرا). مڇيء جو هڪ قسم.

● مَڊِيَ ۽ مَڊِيَ (ث): ذ. صفت. ٿوريء سمجهه وارو - مُورڪ - بيوقوف - مَتَ هيڻ - ڪِهيلو - پورڙو - ڪم عقل - ساد و سودو.

● مَڊِيو ۽ مَڊِيا: ذ. ڳهوڙي جي پيرن جي بيماريء جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳهوڙو منڊ ڪائي). لونڊ ڪ - مَنڊ ڪ. مڇيء جو هڪ قسم - شاڪُر.

● مَذاقَ ۽ مَذاقَ: ذ. (ع. ذوق) سواد - ذائقو - لذت - ساءُ - لاءُ - لُطف - مزو - سُڀاءُ - رَسُ - رسنا - چَٽَ - چَڪِي - چَشڪو - چَشُ - چَشِي - چَهرَ - ونڊيا. شوق - چاڻي - رغبت - لاڙو - ميلان - رُجحان. خوش طبعي - ظرافت - يوڳ - ڪِل چرچو - مسخري - مخول. حاضر جوابي - نُڪتو.

= مَذاقُ ڪرَڻُ: چرچو ڳهڻو ڪرڻ - يوڳ ڪرڻ - خوشطبعي ڪرڻ - مسخري ڪرڻ - ڪِلَ يوڳ ڪرڻ. ٺٺي ڪرڻ - ڪُٽت ڪرڻ - دغا ڪرڻ - دولابُ ڪرڻ. (ت).

= مَذاقُون ڪرَڻُ (ل): مسخري ڪرڻ. چرچا ڪرڻ.

= مَذاقِيَ: ذ. صفت. مسخري وارو - ڪلائيندڙ. چرچي بازي وارو (ڪلام).

● مَذَبذَبُ: صفت. (ع. ذَبذَبُ = غير مستقل مزاج) غير مستقل مزاج - ڦرٽو گهرٽو - سودائي. شڪي - الڏ ڏند ۾ - غير شفاف - ناصاف.

● مَذَڪَرُ ۽ مُذَڪَرَ: ذ. صفت. (ع. ذَڪَر = نرُ) نرُ - مرد - مڙس - پُلنگ - نروٽو - نربنو.

● مَذَڪُورُ ۽ مُذَڪُورَ: صفت. (ع. ذَڪَرَ = هن ياد ڪيو) ذڪر ڪيل - ذڪر ٿيل - موصوف. جنهن بنسبت ڳالهه ڪجي. (ذ). ڳالهه - ڳنڍڪو - ڳالهه ٻولهه - هڪلامي - ذڪر - حقيقت. چوپول - چرچا. آڪاٿي - ڪٿا. بيان - داستان. ڀاڪو - واڪِيَ - مثال - قول - وَچن - چَوٽِي. افواهه. شهرت. يادگيري - ياد - يادگيرو.

"موٽڻ جا مذڪُور، جان ڪِي چَيتس جيڏين" (شاهه).

= مَذَڪُورُ ٿِيَڻَ (ت): ڳالهه ٿيڻ - واقعو ٿيڻ - حادثو ٿيڻ - اتفاق ٿيڻ.

= مَذَڪُورِيَ: ذ. صفت. ذڪر ڪندڙ - بيان ڪندڙ. چوندڙ - ڳالهائيندڙ. ديواني ڪورٽ جو قاصد - ٽيلف - ڪارروائي پڪاريندڙ.

● مَذَلَ: ذ. صفت. (ع. ذَلَ = خوار ڪيو). خوار ڪندڙ. نالو خدا جو. (گاجرا).

= مَذَلَّتَ: ث. بي عزتي - بدنامي - خواري. (گاجرا).

● مَذَمَّتَ: ث. (ع. ذَمّ = هن ميار رکي) گِلا - نِندا - هيجَوَ - شڪايت. بدي - ٻُرائي. لعنت - ڦٽڪار - ملامت. (آصفيه).

● مَذمُومَ: صفت. (ع). بَدُ - خراب - ٻُڇڙو - ٻُرو - زِشت. لعنتي - ڦٽڪار ڪيل - ملامتي.

● مَذهَبَ ۽ مَذهَبَ: ذ. (ع. ذَهَبَ = ويو). وڃڻ جي جاءِ - رستو - لنگهه - گذر. (آصفيه). مذهب رستو - سلامتيء وارو رستو. طريقو. پنٿ. ڏرم - دِينُ - ملت - آمت. آئينُ. مت. ايمان - عقيدو - نشچو - يقين. فرقو - ڪُوفو.

= مَذهَبِيَ ۽ مَذهَبِيَ: صفت. مذهب جو - مذهب وارو - شرعي - ديني - ڏرمي - ڏارمڪ. ديندار - ديانتو - سُنّتي - ڏَرمشٽ - خُدا ترس - وِرِهڪي. پنٿي. ڪنهن جماعت سان ڇڇي ڏار ٽول - فرقه وار. ڪٽرپنٿي - ڪٽتو - تعصبي. (گاجرا).

= مذهَبِيَ سِکَ: سکن جي هڪڙي جماعت جا اڇوت سمجهي ويندي آهي. (گاجرا).

Gul Hayat Institute

● مَرُ: ظرف. (ف). پَلُ - پَلِي - بي شڪ - بلاشڪ. شل - شال. هميشه - سدائين.
= مَرُجان: ظرف. پَلِي. (گاجرا).
● مَرُ ۽ مَرَ، مَرُونُ؛ (سن. مَلَ = مَرُ) مِيل - مِيرُ - مِيٽِي. بدن جي مَٽي - گَنُ. ڪَن مان نڪتل ڪچرو. ڪِنُ - ڪِچرو - گندُ - ٻُهر - گندگي. ميرائي - ميراڻ - گندائي. (ڪپڑي کي لڳل) گندگي - ڪَسُ. (ڪ). پاڻيءَ جهڙي شيءِ. (سڪي ۽ پيل) ڪوت - مَٽُ - ڦيٽ - جوڙو - غير. گهوڙي جي ڏندن تي ڪارو چِيڙو.
= مَرَيَڪُ ڪَرَنُ (ڪ): ڪنهن جانور جو وير ڪان پوءِ اور نه ڪيڏ ڪري ٻيمار ٿيڻ.
= مَرُ لاهِڻُ (ت): مِٽي لاهڻ - صفا ٿيڻ - آچو آجرو ٿيڻ. ٿورو لاهڻ - احسان لاهڻ.
● ميرُ ۽ ميرَ (ت): ذ. ڏاڪ چمي راند ۾ ڪو ايندڙ ڪائي - ڏاڪ. (ل). راند جي مقرر ٿيل جاءِ.
● مُرَ: ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - خوشبودار گاهه جو هڪ قسم. ڪوئر جو هڪ قسم (جو عربستان ۽ حبش ملڪ جي ڪن وٽن مان ملي ٿو. (گاجرا)).
" عاقل لهون انب ايلا چي - مُر موچاري کار. "
● مَراتِبُ: ذ. (ع. مرتبه جو جمع). درجا - رتبا - مرتبا - عهدا.
= مَراتِبو ۽ مَراتِبَا: ذ. (ع. مرتبه = عهدو). درجو - عهدو - رتبو - مرتبو - پَدوي. مان - شان - عزت.
= مُراجَعَتَ: ث. صفت. (ع. رَجَعَ = هو واپس ٿيو). واپسي - موت - اَٽل - ڦري واپس اچڻ جي حالت.
● مُرادَ ۽ مُرادُونُ: ث. (ع. اراد = هُن ڪُهڙيو هُن چاهيو). ڪُهڙ - طلب - چِيڪ. چاهه - چاهت - چاهنا. خواهش - اِچا - منشا - سَڌ - ڪامِنا - آشا - تمنا - دل جو لاڙو - آرزو - سنڪلپ - وامِنا - ارادو - نِيت - مقصد - مدعا - منورٿ. اميد - مرضي - آس. آرٿ - مطلب - غرض - آرزُوئي - عارضُو - پيروجَنُ. سَڄڻا - هاسُوٽِي - نذر - نياز - باس - سُڪا - سهيسا. (آصفيه).
= مُرادَ پُورِيُ ٿِيڻُ: دل جو مقصد پورو ٿيڻ. مطلب پورو ٿيڻ.
= مُرادَ پُورِيُ ڪَرَنُ: دل جو مقصد پورو ڪرڻ - مطلب پورو ڪرڻ - ڪم ڪيڻ - آس پوري ٿيڻ.
= مُرادَ حاصلُ ٿِيڻُ: مقصد پورو ٿيڻ - مطلب حاصل ٿيڻ - دلي خواهش بحال ٿيڻ.
= مُرادَ وَنُدُ ۽ مُرادَ و نُد: ذ. صفت. هر دلعزيز - پلمانس - سهاجهڙو - ڪِلمڪ - وٽندڙ - موهڻ - سٽي طبيعت وارو - سٽي سياڻ وارو - پيرڪاري - سُهاجهڙو. جيو مچيندڙ - چٽيوان - چتاڪر.
= مُرادَ وَنُدي ۽ مُرادَ وَنُدِيُون: ث. هر دلعزيزي - پلمانسي. (گاجرا).
= مُرادِيُ: ذ. صفت. ڪجهو - مراد وارو. (گاجرا).
= مُرادِيُ مَعنَيٰ: ٻي معنيٰ - اصطلاحي معنيٰ. (گاجرا).
● مُرادِ آنتُ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُراداڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گهوڙا پاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادپُورُ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۽ تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادُ شاهَ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادَ عَلِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادَ عَلِيُ وَنُدُ: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادِفَ: ذ. صفت. (ع. رَدَفَ = هو پويان ويٺو) ڪنهن جي پٺيان سوار ٿيندڙ يا ويهندڙ. (هڪڙو لفظ ٻئي لفظ سان) هم معنيٰ ٿيندڙ.
● مُرادو: اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مُرادِيُ ۽ مُرادِيُون: ث. روڪڙ - نقد - رقم - نقدي. دڪاندار جي اڪثر ۾ سڄي ڏينهن

جي گڏ ٽيل رقم - موجودات - روزاني آوت - روزانو وکرو. اڳئين ڏينهن جي بقايا (ٻئي ڏينهن تي) - بقايا. کالهوکي آمدني. (ن - ب). (اسم خاص). تعلقي کنڊ ياري ۽ تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

= مُرادِيءُ سَنڀالڻُ: نقد جمع کرڻ - نقدي شمار کرڻ. سڄي ڏينهن جو وکرو وغيره جوڙ کرڻ. حساب کتاب سنڀالڻ.

● مُرارُ ~ مَرارَ: اَنُ جو ڏڳ - ڏير - کوڙ - کوڙو - انبار - گدام.

● مُرارِيءُ ~ مُرارِيُونُ: ث. جواهري جي تارازي - ٽڪڙي - کانٽو - نندي ماهِمي. (ج: مُرارِي). ذ. صفت. مُرهياڙ جو سامان وکٽندڙ - مُرهياڙي.

● مُرارِيءُ ~ مُرارِيُونُ (ث): ث. ٻونهي جو هڪ قسم. (ن - ب). "ٿُنا ڦوڳ مُراريُونُ." (پريل پيل).

● مُرارِيُ: ذ. (سن. مُرارِهِ > مُرهَ = نالو هڪ دئيت جو + آرِ هـ = دشمن) مُردئيت جو دشمن - کرشن (مُردئيت کي ماريندڙ) - وشنو. (گاجرا).

● مُراسِلوءُ ~ مُراسِلا: ذ. اسم. (ع. مُراسله > رَسَلَ = موکليو) خط - چٺِي - نامه - رُقعو - لکيل پيغام. نياپو - سنيهو - پيغام - سندڀش - پَيامُ.

● مِراسِيءُ ~ مِراسِيءُ: ذ. صفت. گهائيندڙ - گائڻو - گائِڪُ - راڳي - مُطرب - گَوَئِيو - قوال - کَلونت. (اسم خاص). مسلمانن ۾ راڳيندڙن جي هڪ ذات جو نالو - ميراثي.

● مُراقِبوءُ ~ مُراقِبا: ذ. (ع. مُراقبه = ڌيان) ڌِيان - سوچ - ويچار - ڏَنِ - غور - تصور. هڪ هٿ ويهي کنڊ جهڪائي کيل ٿيڪر. دل جي حضور سان خدا جو کيل ڌيان - خدا جو خوف - استغراق - تفڪرُ.

= مُراقِبوءُ کَيَنُ: عبادت جي وقت ڪنهن خاص نموني ۾ چادر ويڙهي مُنهن ڍڪڻ. ڪپڙي جو جهنڊ هٽي ويهي عبادت کرڻ.

= مُراقِبهِ ۾ وِهَنُ: هڪ دل سان ڏٺيءَ جي عبادت کرڻ.

● مُرامَتَ ~ مُرامَتُونُ: ث. (ع. مَرَمّة > رم = مرمت کرڻ) پڳل ٽٽل شيءِ کي جوڙڻ - گنڊ ٽوپُ - داغ دوزي - سنواڙ - دُرستي - ٽيڪائي. پڳل جاءِ وغيره کي لِنب چنب کرڻ جي حالت - مرمت.

= مُرامَتَ کَرَنُ: گنڊ توپ کرڻ - داغ دوزي کرڻ - مرمت کرڻ.

● مُرائِيُ: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رستماڻين جي شاخ). (ت - بلوچستان).

● مُراهِيُونُ: زيور - جواهر. (گاجرا).

● مُرائِنُ: مصدر. (سن. مرد + گنهَنَ = هٽائڻ) هٽائڻ. بدفعلي کرائڻ - گَنڊي مارائڻ.

● مُرائِيُ ~ مُرائِيُونُ: ث. سارين جي ٻيجي جا ٻني تيلا - مَرهِي - مُوڙهي. (ل). (سُکي ۾ پيل) مَٽُ - کوت - قيٺ - ملاوتي ڏاتو - کَسُ - جوڙو - غٽير.

● مُرَبَّعُ: ذ. (ع. مُرَبَّع = چوکنڊو) چوکنڊو (جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيترا هجن) - چورس - هَمِ چورس. چوڪنڊيارو - چوپاسو - چوڪنڊ - چوڪنڊو. گوني کنڊ چوڪنڊو.

● مُرَبّوءُ ~ مُرَبّا: ذ. (ع. مُرَبّه = چاشُ) ميوي ۽ کنڊ جي چاشِ مان تيار کيل ميٺو آچار. ميٺي چٽني.

● مُرَبُوطُ: صفت. (ع. ربط = ٺهکيو) قاعدي موجب ٻڌل - کرامر موجب رکيل. (گاجرا). بندوبست کيل - ٺاهي رکيل - ٺيڪ کيل - سنواريل - سُڌاريل.

● مُرَبِّيءُ ~ مُرَبِّيءُ: ذ. صفت. (ع. رَبّ = پالينڊڙ) پالينڊڙ - نپائيندڙ - پرورش کندڙ. تربيت کندڙ - سرپرست. سَنڀائتا کندڙ - پٺ پيرُو - انگراهي - پُشت پناهه - دستگير - حامي - مددگار. ٻُزرگ.

= مِيرُتِءُ: ث. (سن. مرت > مَر (ي) = مرڻ) موت. (گاجرا).

= مرڻ لوڪ: موت جي جاء - جهان - فاني دنيا - (هيءَ) ڌرتي. (گاجرا).

● مرتب ڇ صفت. (ع. رتب = درجي وار رکيو) ترتيب ۾ رکيل - درست کيل - ترتيب ڏنل - سنواريل - ٺهيل - ڍنگ سان لڳايل - قرينې سان ٺاهيل. باقاعده. درست - تيار. تاليف کيل - گڏ کيل (ڪنهن ڪتاب ۾ ڪي مضمون وغيره).

= مرتب ڪرڻ: تيار ڪرڻ - درست ڪرڻ. ترتيب ڏيڻ - تاليف ڪرڻ - بنائڻ - سنوارڻ - اصلاح ڪرڻ. تصنيف ڪرڻ. (آصفيه).

● مرتبان ڇ مرتبانو: ذ. (ف). ٽاڻيءَ جو هڪ قسم - ڪنهن ڌاتوءَ (جهڙوڪ، تانبي، پتل، چانديءَ وغيره) جو چتسالي ٽيل جنڪ (Jug)- ڪاشيءَ جو جگ - ڪوزو. شيشي جي برني. (ل).

● مرتبو ڇ مرتبا: ذ. (ع. مرتبه > رتب = درجي وارو ٿيو) رتبو - پدوي - منصب - عهدو - درجو. اوج - بلندي - اقبال. شان - مان - عزت - وڏائي - آب - تعظيم. دفعو - وارو - ڀيرڪو - ڀيرو - ڪهڙو - وار - دفعو - لڳو - ڀيرڪ - وارو.

● مرتيو: ذ. (سن. ميرتيو > مر (ي) = مرڻ) موت جي وقت جا رواج - ختما. (گاجرا).

● مرتد ڇ مرتدو: ذ. صفت. (ع). ڪافر. دين کان ڦريل. اسلام جو منڪر - منحرف. ملحد - بي دين - اذرمي. ملعون. مردود - ملحد. (آصفيه).

= مرتد ٿيڻ: دين کان ڦرڻ - ملحد ٿيڻ - ڪافر ٿيڻ.

● مرتضيٰ: ذ. صفت. (ع). پسند ڪيل - پسنديده - چونڊيل - ڏاڍيل - مقبول. برگزيده. (امر خاص). حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو لقب. (آصفيه).

● ميرتڪا: ث. (سن. مرتڪا) ميٽي. (گاجرا).

● ميرتو: ذ. (سن. ميرتيو > مير (ي) = مرڻ) موت.

= ميرتيو: ذ. (سن). موت - قضيو - رحلت - اجل - مرڻو - فوت - وفات - وصال.

● مرت ۽ مرتڪ (ت): ذ. انديشو - اونو - فڪر - ڳڻتي - اوسيڙو - انتظار. حيا - شرم - مروت - لڄ - ليهه.

● مرتڪ ۽ مرتڪ (ت): ذ. گاهه جو هڪ قسم - ڏڻ جو هڪ قسم.

● مرتو ۽ مرتا: ذ. (سن. مرتوان = الدر ديوتا). مان - وڏائي - آب - شان. اقبال - مرتبو - وڏو عهدو - پدوي. حشمت - دبدبو - فلڪ - روب - رعب - تاب. ڪنهن شيءِ ڪي پڇي سنهو ڪيل - چورو - پور.

● مرتيو ۽ مرتيتا: ذ. (ع. مرتيه > رثيٰ = هن رنو ۽ پٽيو). مثل ماٺهوءَ بابت روئي ڪيل بيان (جنهن ڏڻ سان رحم اچي) - ميٽت جي صفت. پار - اوسار و - ماتم - سياپو - روج - رودن - گريه - زاري - پٽڪو. نظم جو هڪ قسم. (آصفيه). واقعي ڪربلا بابت دردناڪ نظم.

= مرتيو پڙهڻ: مرثيه خواني ڪرڻ - ماتم ڪرڻ - رئڻ پٽڻ.

= مرتيه خوان: ذ. صفت. مرثيا پڙهندڙ - پار ڪيندڙ - اوسارا ڪندڙ.

● مرجات ۽ ث. (سن. مريادا = حدڊ شرم). مرجاتا - مرجاد - مرجادا - حياءُ - لڄ - مٺاهو - عار - سنڪوچ - حجاب - شرميلتا - ليهه - مروت - شرم. نداامت - شرمندگي - شرمساري - پشيماني - ننگ. "مرجات ماريندي ان کي جو اصل انسان هوء." (چار خان).

ورتارو - ورتاءُ - هلت - دستور - رواج - وتيرو - پٽ - سيرشتو - هلي چلي - ريت - رسم - راهه ريت - پرويز - رسومات. ڪنهن ٻئي جي دوستن لاءِ عزت. احساس (ٻين لاءِ) - لحاظ - مروت. نيڪي - چڱائي. مان - عزت - شان - مرتبو - مانارت.

= مرجاتا ۽ ث. مرجات.

= مرجاتا گي مار هڻڻ: چڱائيءَ جو قدر نه هڻڻ. (ن - ب).

= مرجات وارو: ذ. صفت. حياءُ وارو - لڄائتو - شرميلو - لڄوندو - سنڪوچو - مرجاد ڪ. غريب -

Gul Hayat Institute

ڪم شان - نيهنو - راهه ريت وارو - رسم تي پورو - هلي چلي وارو - مرجاتي - رواجي - نيات سان پورو. لحاظي - مروتي.

= مَرْجاتيِ ۽ مَرْجاتيِ: ذ. صفت. حيادار - غريب - لياقت وارو - مرجات وارو. (ويشنوئن ۾) ڪاڏي ويتي جي رسمن جو سختي سان پابند. (گاجرا).

● مَرْجاد: ث. (سن. مَرْيادا). مرجات - مرجاتا - مرجادا.

= مَرْجادا: ث. مرجات - مرجاتا - مَرْجاد.

= مَرْجادَڪ ۽ مَرْجادِڪَ: ذ. صفت. مرجات وارو - مرجاتي. نيهنو - حيا وارو.

= مَرْجادَ وارو ۽ مَرْجادِ وارا: ذ. صفت. مرجات وارو - مرجاتي - مرجادَڪ.

● مَرْجان ۽ مَرْجانَ: ذ. (ع). پٿر جو هڪ قسم (گاڙهاڻ تي مائل) - حجرالبحر - ڪنوئي. سمنڊ سان لڳل گاڙهي مٽيءَ جهڙي سخت شيءِ (جا ڪن جبتن جو سڪل ڪوپو هوندي آهي). (گاجرا).

● مِرْچ ۽ مِرْچَ، مِرْچُون: ذ. ث. (سن. مَرِچ = مِرْچ). مصالحي جو هڪ قسم - مصالحي طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو ڦل - ميري. (ساوا مرچ، گاڙها مرچ، ڪارا مرچ).

= مِرْچائيِ ۽ مِرْچائبي: ذ. صفت. مرچن وارو - مُسالو - ڪَوڙو - تيکو - ڪَڙو. مصالحي دار.

= مِرْچڙِي ۽ مِرْچڙِيُون: ث. نندو مرچ. (گاجرا).

= مِرْچَ لڳڻُ: مرچن کائڻ سان ڪوڙاڻ جو اثر ٿيڻ - ڪوڙائڻ - پوسيرڻ - چيڙڻ - مَڙڻ - جلڻ - ڪُونجائجڻ - پوسرات ڪرڻ - تيز لڳڻ. مٿيان لڳڻ - ڪاوڙ لڳڻ - دل ۾ ڪرڻ - ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ - غصو لڳڻ - خار لڳڻ. پوسَر ٿيڻ - پوسرائڻ. بغض لڳڻ - حَسد وڻڻ - ضد ڪرڻ - تيسو ڪرڻ.

= مِرْچَ مَصالِيحُ گَڏڻ: ڪاڏي ڪي سَوادي ڪرڻ - طعام کي لذيذ ڪرڻ - سلوٽو ڪرڻ. ڪوڙ سچ ملائي ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ - آڻاءُ ڪرڻ - وڌائي ڳالهه ڪرڻ - اينگهه ڪرڻ - ڏيگهه ڪرڻ - آهٽار ڪرڻ.

= مِرْچِيِ ۽ مِرْچِيِ: ذ. صفت. مرچن وارو - مرچائي - مرچن ويل.

● مِرْچِڙُو ۽ مِرْچِڙا (ت): ذ. صفت. ٺڳ - دغاباز - فريبي - دولاهي - ڪُهتيو - ٺڳي خور - دغا خور.

● مِرْچِڙِيُون ۽ مِرْچِڙِيُون: ث. هڪ جي وچين ۽ ڏسڻي آڱر سان گڏي هٿيل هلڪو ڏڪ - چَپيٽ - ٽوڪر.

● مُرْچْتنگ ۽ مُرْچْتنگ: ذ. وات سان وڄائڻ جو چنگ. (گاجرا).

● مُرْچُو ۽ مُرْچا: ذ. صفت. ڪَتُ - زنگ - موربان - زنگار - ڪَتس. آتساهه - جوش - سرگرمي - سِڪ - شوق - چاهه - چاڪي. خواهش - اچا - منشا - ڪامنا - دل - رُچي - چاهه.

● مُرْچُون ۽ مُرْچُونَ: ذ. صفت. شُومُ - ڪنجُوس - چيچي مار - مُوڏي - ڪِرپٽ - ڪُدرچ - متکي چُوس - چمچوس - بخيل - سوسو - ڏوسو - چمچوس - سوسائتو - مرچوس - مرچوهه. (ت).

= مُرْچُوناڏُو ۽ مُرْچُوناڏا: ذ. صفت. شوميائو - ڪنجوسائو.

= مُرْچُوناڏِيِ ۽ مُرْچُوناڏِيُون: ث. شومائي - ڪنجُوسائي - بخيلائي - چمچُوسي - سوس - ڪسيائي - تيرُ تُڪلو.

● مُرْچُوسُ ۽ مُرْچُوسَ (ت): ذ. صفت. مرچُون.

● مُرْچُوهُ ۽ مُرْچُوهَ (ت): ذ. صفت. مرچوٽ - مرچوس.

● مِرْچُ ۽ مِرْچَ (ل): ذ. صفت. جهيڙاڪ - ڪاوڙيل - غصي وارو - ناراض - چيڙاڪ.

● مُرْحَ: ث. (ع). خوشبوءدار دوا جو هڪ قسم. (گاجرا).

● مَرْحبا ۽ مَرْحبائُون: ث. (ع. رَحَبَ) شاباس - آفرين - جَسُ - تحسين. پليڪار - جيڪار - آدر - آدر ياءُ - آدرسڪار - سواگت. خاطري - خدمت - خاطرداري - سنمانُ - تَنهل - چاڪري - تواضع. (حرف نداء) آفرين! - جَسُ! - واه واه! -

Gul Hayat Institute

شاباس! - چا چنجي! - سبحان الله! . پلي ڪري آيا - جيءُ ڪري آيا - خوش آمديد.

= مرحبا ڪرڻ: آدرياءُ ڪرڻ. نيچ چوڻ - خوش آمديد ڪرڻ - پٽيڪار چوڻ. واهه واهه ڪرڻ - شاباش چوڻ - آفرين ڏيڻ - جس ڏيڻ.

● مرحلو ۽ مرحلا: ذ. (ع. مرحله < رحل = روانو ٿيو) منزل جي جاءِ - ڪوچ جي جاءِ - ڏاپو - نڪاڻو - منزل - منزل گاهه. سفر - مسافري. ڪوچ - روانگي. هڪ ڏينهن جو سفر. درجو - مرتبو - عهدو - پدوي. (آصفيه).

= مرحلو طي ڪرڻ: منزل پوري ڪرڻ - مسافري ختم ڪرڻ. ڏاپو ڪرڻ - منزل گاهه ڪرڻ. معاملو ختم ڪرڻ - ڪم پورو ڪرڻ. (آصفيه).

● مرحمت: ث. (ع. رحم) رحم - قياس - دَيا - ٻاجهه. مهرباني - ڪرپا - پلائي. نوازش - عنايت. احسان - ٿورو - لائق. ايچپو - وڏ (آصفيه).

= مرحمت ڪرڻ: عطا فرمائڻ - عنايت ڪرڻ - بخشڻ - ڏيڻ. (آصفيه).

● مرحوم ۽ مرحومه: ذ. صفت. (ع. رحم) رحمت ٿيل - رحمت ڪيل - ٻاجهه ڪيل - بخشيل - مغفور - رحم ڪيل - رحمتي - نوازيل. مري ويل - فوتي - گذريل - مئل - وفات ٿيل - وفاتي. جنتي - سرگباشي - سرگواسي.

● مردہ ۽ مرده: ذ. (ف). نر (ماٿهو) - نرينو - مذڪر - نروٽو. (مادي جو ضد). ماٿهو - آدمي - آدمذات - انسان - بشر - آدم زاد - پرش - شخص - متش - مانس. گهر وارو - مڙس - خاوند - شوهر - پتار - پتي - سوامي - وَر. ڪوبه (ڏاريو) ماٿهو - مڙسالو. (ذ. صفت). پهلوان - شجاع - بهادر - سورهيه - ويرُ.

= مردا مردي ۽ مردا مردين: ث. زبردستي - زوري - ڏاڏائي. (گاجرا).

= مردانگي ۽ مردانگين: ث. مڙسي - مردي - مردانه - جوالمردي. بهادري - دليري - سورهائي - شجاعت - جرئت - ساهس - سٽيا - فلڪ - سنگهه - قوت - آسترگي - شهزوري.

= مردانو ۽ مردانا: ذ. صفت. مرد جو - مرد وارو. مڙسيءَ جو - مڙسيءَ وارو. همٿ پريو - چاتيءَ وارو - جرئت وارو - بهادر - بانڪو - دليرِ. مضبوط - جاڏو - جبرو - پٽيار - پٽلي - پترٻل - ڪراڙو - ڪڙاڪيڙي - سنگهو - سترو - سگهارو - سگهائتو - سهٽرُ - زورائتو - زور پريو - سڪٽو - قوتي - سڪتي - سٽائتو - قرارو - توانو - سٽاڻو - پٽلوان. تندرست - چگو پلو - نيرويو - جوپ - نيمرو - چاق چگو پلو - خوش ٻاش - جوڙ. (ث. مردانيِ ۽ مردانين).

= مردائو ۽ مردانا: ذ. صفت. معنيِ ڏسو "مردانو". (ث. مردائي ۽ مردائين).

= مردانيِ زال ۽ مردانين زالون: ث. دليرِ عورت - همٿ واري زال. آڏاهيگني.

= مردِ ڪو ۽ مردِ ڪا: ذ. صفت. مرد جو - ماٿهوءَ جو - ماٿهوءَ جهڙو.

= مردِ ماٿهو: ذ. صفت. مڙس ماٿهو - نرُ - نروٽو - مذڪر - ڪوبه آدمي - ماٿهو - انسان ذات - آدم ذات - آدمزاد - بشر - شخص.

= مردِ ميدان: ذ. صفت. ميدان جو مرد - لڙائيءَ جي ميدان ۾ مقابلو ڪندڙ - جنگي جوڌو. جوان مرد - دلاور - دليرِ - بهادر.

= مردي: ث. مڙسي - مردانگي - مردانيت - همٿ - بهادري - سورهائي - دليري - سورمائي. انسانيت - ماٿهپو - شرافت. قوت باهه جي طاقت - مڙسي - شهوت. ماده توليد - ذات.

● مردار ۽ مرداره: ذ. صفت. (ف. مردار = پنهنجي موت مئل) پنهنجي موت مئل - مئو - مُردهه. مري ويل - (ڪو حلال) جانور (جنهن کي تڪبير نه ٿئي هجي). مري ويل جانور - ڏونڌ. اهوتر - ناپاڪ - پليت - ناجائز - نجس - ارهندو - ناروا - غير شرعي - ناحقي - حرام - پرشٽ - ذرم دوشي - غير مباح. گندي ڳٽ مان ڪيڙل مانس. (گاجرا). مئست - ڪانٽ - آرسي - ٿوٿي - سٽيو ساٽ - ڏاڪن ڏلو - ڪاهل - عاري - ڪم ڪوس - شومتي - ڪم چور - نڪار - ڏلو -

بیکار - کُمرُ. بَد بخت - نیا گو - نامراد - نِیدورو - نگرو - نیا گو - کَم بخت - مَنو - نِیندک - ویتل - چَنڈو. کَمینٹو - بي شرم - بي حیا - نالائق.

= مُردارُ خورُ ع مُردارَ خورَ: ذ. صفت. مردار کائیدڑ - حرامخور.

= مُردارُ مارُ: ذ. صفت. مُردار خور.

= مُردارِي: ث. پنهنجي موت مئل جانور جي کَتل (جنهن جو چمڑو سئو نٿو ٿئي). (پیشہ وران ۲). (صفت). پَلیت - ناپاک - حرام - نِجس - پَرشت - اپوتر.

● مُردا سِنگهُ: ذ. دوائن جي کَم ایندڑ پسارکي وکر جو هک قسم - مُڙداسَنگ.

● مُردِ رَوانُ: ذ. پَلاویڑو - اولو - پِیڑ پَنسو - کمرکوٽ - پُٹ - پَنا هه - پُٹتي - پُستي - پُستي - جهلو.

● مُردُمُ: ذ. (ف). عام ماڻهو - مرد - آدمي - منش - انسان. مهذب ماڻهو. (مرد مک جو مخفف) اک جي ماڪي - پُتلي.

= مُردُمُ آزارُ: ذ. صفت. ماڻهن کي آزاریندڑ. ستائیندڑ - چیچلائیندڑ - پیڑیندڑ. ظالم - قهار - ستم گر - ستمي.

= مُردُمُ آزارِي: ث. عوام تي ظلم - غریبان مار - الرَتُ - انڌیر - ظلم.

= مُردُمُ کُشا: ذ. صفت. ماڻهو ماریندڑ - خوني - هچارو - وڻاهِي - گهاتي - قاتل.

= مُردُمُ کُشِي: ث. خون - هچا - هتیا - وڻاهه - قتل - گهات - کوس.

= مُردُمِي: ث. مردي.

● مُردَنُ ع مُردَنَ: ذ. سِجلائي - سُڌائي - صفائي - پوشیدائي - سهیونچ - سجاوَتَ - شَهُوتُ. اچائي - آجرائي - آجلائي - پاکائي.

● مِیرُد نُگ ع مِیرُدَنگ: ذ. ساز جو هک قسم - پکواز - مِیرد نگ.

● مُردو ع مُرَدا: ذ. (ف. مُردہ = مئل) مئل ماڻهو - لاش - لاشو - مُڙدو - مڙهه - مَتُ - مَیّتُ - لوتُ. مُردار گوشت - حرام گوشت - ڏونڪ.

= مُردَنُ جوُ مالُ: ذ. مري ویلن جي ملکیت. مُفت جو مال - سستو سؤدو.

● مُردُودُ ع مَردُودَ: ذ. صفت. (ع. رَدّ = هن منسوخ کیو) رَدُ کیل. نیکالي ڏنل - کڍي چڏیل - خارج. الگ کیل - باهر رکیل. نامنظور کیل - رَدُ ڏنل. رَدي - ناقبول - موٽایل - واپس کیل. لوڏیل - ڏِکاریل. بي عزت - ذلیل.

● مُردُوکُ ع مَردُوکَ (ت): ذ. صفت. کنجُوس - شُومَ - پکو - مَرچُوٹ - مرچُوس - بَخیل. سخت طبع - کنور. ظالم - قهار - ستمگر. لُچ - بد معاش. رولو - لوفر.

● مَردُوئِي: اسم خاص. بلوچ قوم جو هک قبیلو. (ت - بلوچستان).

● مِیرُدَنگُ ع مِیرُدَنگُون: ذ. ث. (سن. مرد نگ = پکواز) ساز جو هک قسم - دُهل جو هک نندو قسم - ڈونک - پکواز - پکواز.

● مِیرُڑِکُو ع مِیرُڑِکا (ت): ذ. موڑو - وَرُ - پُڇکو. (راه).

● مُرُڑُو ع مُرُڑا (ک): ذ. خیال - ویچار - اونو - گهٹتي - آدکو - آلکو - اندیشو - فکر. ڈپ - خوف - ڈَءُ.

"فلاڻي کي مُرُڑو ئي کونهي" (ن - ب).

= مُرُڑُو مُوڑَنُ: آدکو کرڻ - آلکو کرڻ - اونو کرڻ - اندیشو کرڻ - فکر کرڻ - اوسیڑو کرڻ. "سو محمد میهي ساڻهه جیئن، جو مُرُڑو نه موڑي". (ن - ب).

● مِیرُزا ع مِیرزا: ذ. صفت. (ف. مِیر = سردار + زا = زاده جو مخفف = پُٹ) امیر زاد و - سردار زاد و - شهزاد و - صاحبزاد و - کَنوَرُ - راجکمار - کُمار. (ذ). مغلن جو هک لقب.

● مِیرزانُ پُور: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي یاسین، تعلقي بدین ۽ تعلقي آباوڙي ۾ هک ڳوٺ جو نالو.

● مِیرزانپُور جا گِیرُ: اسم خاص. تعلقي وارهه ۽ تعلقي سکرنڈ ۾ هک ڳوٺ جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مِرزائِيُ: اسر خاص. بگٹي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● مِرزا واهُ: اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِرزائِي: اسر خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِرزو ۽ مِرزا (ل): ذ. ڳٻهُ جو هڪ قسر.
● مِرزَهُ لَغَارِيُ: اسر خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرُسُ ۽ مُرُسَ: ذ. (سن. پُرُشَ = مڙس). نَر - نروٽو - مذڪر. ماڻهو - آدمي - آدم ذات - انسان - بشر. مَرد - پُرش. جَٽو - شخص. پِتار - مڙس - شوهر - وَرُ.
- مُرُسَاڙُو ۽ مُرُسَاڙُ: ذ. مُرُس - مڙس.
- مُرُسَاٽو ۽ مُرُسَاٽَا: ذ. صفت. مڙس جو - مرد جو - مڙساٽو. مڙسيءَ جو - مڙسيءَ وارو. مردانو - جانٻو - بهادر - طاقتمند. (ث. مرساڻي ۽ مرساڻيون).
- مُرُسَائِيُ ۽ مُرُسَائِيُونُ: ث. مڙسي - مَردي.
- مُرُسِپَائِيُ ۽ مُرُسِپَائِيُونُ: ث. مڙسي - مَردي. انسانيت. طاقت - جوانمردي - هِمٽ - دليري - بهادري.
- مُرُسِپَنُ: ذ. مڙسي - مڙسپائي - مردي.
- مُرُسِپٽو ۽ مُرُسِپَٽَا: ذ. مرسائي - مرسپائي - مڙسي.
- مُرُسِيُ ۽ مُرُسِيُونُ: ث. سُورمتا - بهادري - مڙسي - مردانگي - هِمٽ - جوانمردي - دليري - طاقت - بَل - ويرتا - هِمت. جُواني - جوبن. قوت باهه - مَردي.
- مُرُسِپَتِيُ ۽ مُرُسِپَتِيُونُ: ث. صفت. مڙس واري - پَتار واري - پَرٽيل - شادي ڪيل - سُهاڳڻ - وَر واري - وَريتي.
● مُرُسَلُ ۽ مُرُسَلَ: ذ. صفت. (ع. ارسَلَ = هن موڪليو). ارسال ڪيل - موڪليل. رسُولُ - پيغمبر - نبي. اهو نبي جنهن تي خدا جي طرفان ڪتاب لٿو هجي.
- مُرُسَلو ۽ مُرُسَلَا: ذ. (اصل لفظ مُرُسَلَهُ). خط - چٺي. (گاجرا).
● مُرُشِدُ ۽ مُرُشِدَ: ذ. صفت. (ع. رَشَدَ = هن هدايت ڪئي) هدايت ڪندڙ - هادي. چڱي واٽ ڏيکاريندڙ. الله جو رستو ڏيکاريندڙ - ڏرمي رهبر - مرشد - پيروهيت - گرو. رهنمائي ڪندڙ. اُستاد - چالاڪ - هوشيار. (آصفيه).
- مُرُشِدِيُ: ث. ديني هدايت - مرشد جو ڪر - رهنمائي.
● مُرُصَّعُ: صفت. (ع. رَصَّعَ = جڙيل) هيرن جواهرن سان جڙيل - جڙاءدار - جڙت ڪيل.
● مَرُضُ ۽ مَرُضَ: ذ. (ع. مَرَض = بيماري) بيماري - ڏُوار - آ گهائي - روگ - ناچڱائي - لڳائي - ڏوجُ - ڏُجهندو - ڪُنمرائي - آزار - بي مزائي - ناچاقي - ناچاقائي - پيڙا - عذاب - ڪشٽ - درد - تڪليف - علالت. (صفت). ڪُمر - ڏِلو - سُست - ڪاهل - آرسي - ٽوڻي - ڏِرو.
- مَرُضِيُ ۽ مَرُضِيُ: ذ. صفت. بيمار - مريض - روگي - مرضيل. (گاجرا).
- مَرُضِيلُ ۽ مَرُضِيلَ: ذ. صفت. مرض ورتل - روگي - بيمار - ڏُکيو - ڏُٺاري. جيءَ جڏو - ڏُجهارو - ناچڱو - اگهو - سڪالو - بي مزي - بي خوش - ناخوش. مرض پيدا ڪندڙ. صحت بِگاڙ - ناگوار - بُڇان جهڙو - ناموافق.
● مَرضِيُ ۽ مَرضِيُونُ: ث. (ع. رَضَيَ = هُو مهربان هو). خواهش - اِراده - آرزو - اِڇا - خوشي - سَڌ - آشا - تمنا - مراد. پَسند - پسندي - پسندگي - چاهه. قبوليت - مَڃتا - منظوري - رضا - رضامندو - اختيار. اجازت - پَروانگي - موڪل. (آصفيه).
- مَرضِيءَ تِي نَڇَائِيُ: پنهنجي مرضيءَ تي هلائڻ.
- مَرضِيُ رَکَنُ: ڪنهن جي خوشيءَ سبب ڇيو قبول ڪرڻ - دل رکڻ - دل وٺڻ.
- مَرضِيءَ سانُ: ظرف. رضا خوشي - خواهش موجب - مرضيءَ موجب. پاڻ مراد و - از خود. قصدا.
- مَرضِيءَ مُوجِبُ: ظرف. خاطر خواهه - پسنديءَ موجب - وٺڻ جهڙو - دل تي.

Gul Hayat Institute

● مُرْطُوبُ: صفت. (ع. رَطْب = پُسِيو) پُسيل - تَرُ - پِڳل - آلو. رطوبت واري (شيء). تُلهو - موتو - ڦوڦانگ.

● مُرْعُوبُ: صفت. (ع. رعب = رَعبُ هيٺ آيو) رعب هيٺ آيل - دِنل - خوفزده. حشمت پر آيل - هيسيل.

● مُرْغُ: ذ. (ع). سائو گاهه.

= مُرْغِزارُ ۽ مُرْغِزارَ: ذ. نرم گاهه جي جاء - سبزه زار - ساوَ ڪَ.

● مُرْغُ ۽ مُرْغَ: ذ. (ف). پکي - پَرندو - پَرندُ. پکيڙو - طير - پنڇي - پکشي. آڏامندڙ ماهوارو - اڏَندُ. (ڪارو). ڪُڪڙ - مُرغو - خروس. (آصفيه).

= مُرْغِ آبِي: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - ڪرڙو پکي - چيڪلو - چيڪلو پکي.

= مُرْغُ سَحَرُ: ذ. ڪُڪڙ - مُرغو - مُرغ. بلبل - هَزِيل.

= مُرْغِ سُلَيْمانُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - هُد هُد - ڪاٺ ڪُٽو.

= مُرْغِ صُبْحُ: ذ. مرغ سحر.

= مُرْغِيُ ۽ مُرْغِيُونُ: ث. ڪُڪڙِ - ڪُڪڙي.

● مُرْغابِيُ ۽ مُرْغابِيُونُ: ث. (ف. مُرغ + آبِي = پاڻيءَ جو پکي) پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم - بَدڪ جو هڪ قسم - آڙي.

● مُرْغُوبُ: صفت. (ع. رَغَبَ = رَغبت ڪئي) رغبت ڪيل - دل لُڀائيندڙ - من ڪي وٺندڙ - دل پسند - پسنديده - وٺندڙ - دلچسپ - دلبر - دلرُبا - دلڪش - دلفريب - سُهائيندڙ - پياروهر دل عزيز - خوبصورت - سُهڻو - سُندر. مزيدار - لذيذ - سلوٽو. (آصفيه).

● مُرْغُولُ ۽ مُرْغُولَ: ذ. صفت. (ع). گهنديدار وارن وارو. پيچ و تاب وارو - وَر وڪڙ وارو. (ذ). وَر وڪڙ ڪائيندڙ ٽنپ. ٻن ٽنين جي وچ ۾ ڪنڊرن واري ڪمان. ٽنو آواز - راڳ جي آلاپ جو هڪ قسم (جنهن ۾ لفظ گڏجي ويندا آهن). (گاجرا).

● مُرْقَدُ: ذ. (ع. رَقَدَ = سمهڻ جي جاء) آرام گاهه - خواب گاهه. قبر - تُربت - مزار - گور. (آصفيه).

● مُرَقَّعُ: ذ. (ع). تصويرن جو ڪتاب - آلبم. (آصفيه).

● مُرْقُوُ ۽ مُرْقَا: ذ. (ع. مُرْقَعُ) عورتن جو ڍڪ يا پردو - گهونگهٽ - برقعو - نقاب. ڍڪ - پردو - پوش - پڙدو.

● مُرْكَ ۽ مُرْكُونُ (ڪ): ث. ٻڙيءَ جو هڪ عضو - سِڙهه ڪي اڏمان (واءُ جي جهل لاءِ) جهلي ٻيهندڙ رَسو.

● مُرْكُ: ظرف. لائق - واجب - مناسب - ٺهندڙ - جُڳاءِ - سُهائيندڙ - نيبائيندڙ - پوندڙ (ڪنهن تي) - شايانُ.

● مِرْكَ: ث. گِرهه - نِوالو - ڳُٽي - لُقمو. ڍڪ - سُرڪي - ڪِيت - لُڙڪي.

"مِهاران مِرڪَ ٻِيتائين پريم جي"
(شاهه - سهڻي).

لنپ - ٻُڪ. (گاجرا).

● مِرْكائِيُ: مصدر. آهسته آهسته وات هلائڻ - ڳُجهي طرح ڪائڻ وانگي چپَ چورڻ - چاباڏيڻ - مرمر ڪرڻ - پَٽِيون هلائڻ. (زبان ڪي) چورڻ - ڦيرائڻ. (مِرڪائيو - مِرڪائيندو - مِرڪائِيلُ).

● مُرَكَّبُ: ذ. صفت. (ع. رَكَبَ = گڏ ڪيو) ترڪيب ڏنل. گڏيل - ملهيل - رَليلُ - آميزش ڪيل - ملاوٽ ڪيل - گاڏڙ ساڏڙ - گڏيل سڏيل - مَخلُوطُ - آميخته. گهٽين شين ڪي ملائي ٺاهيل. (ذ). اهو جملو، جنهن ۾ ٻه يا زياده مُفرد جملا هجن. (علم نحو).

= مُرَكَّبُ غَيْرُ مُفِيدُ: ذ. اهڙا ٻه گڏيل لفظ يا مُرڪب جملا، جن مان پوري جملي جي معنيٰ نه نڪري سگهي.

= مُرَكَّبُ مُفِيدُ: ذ. اهڙن لفظن جو مجموعو يا ڪلام، جنهن جي صفا معنيٰ نڪري سگهي.

Gul Hayat Institute

= مُرَكَّبُ مُفِيدُ: ذ. اهو لفظ جو مجموعو يا ڪلامِ جنهن جي معنيٰ صاف نڪري سگهي.
● مَرَكَزُ ۽ مَرَكَزَ: ذ. (ع. رَكَزَ = هُو ڪُپي ويو). گول جو وچ - گول جي وچ وارو ٽِڪو. وچ - وسط - سينٽر. ڪِلي يا دري (جنهن جي چوڌاري ڪا شيءِ ڦري). مَدار. ڪنهن (ٺوس) گول شيءِ جو وچ. ڪنهن شيءِ جي منجهان مَنجهه - وچان وچ. ڪنهن اداري جي مکيه آفيس وارو هنڌ. صدر مقام - دارالسلطنت. بيهڻ جي جاءِ - مقام - جاءِ سِڪونت - جاءِ قرار. بحث جو مکيه نڪتو. "گاف ۽ ک" اکرن جو مٽيون ليکو. (گاجرا).
= مَرَكَزِ ثَقَلُ: ذ. وزن جو وچ. ڏرتيءَ جي وچ وارو اهو خيالي نقطو جنهن ڏانهن سڀ شيون ڇڪجن ٿيون. (گاجرا).
= مَرَكَزُ قائِمُ كَرڻُ: گول جو وچ ڳولي لهڻ. ڪنهن اداره جي بنياد تي آفيس قائم ڪرڻ.
= مَرَكَزِيُ ۽ مَرَكَزِيُ: ذ. صفت. وچ وارو - وچون - وسطي. بنيادي.
● مَرَكَبُ: مصدر. پڌڻ - پتاڪ هڻڻ - ڊاڙ هڻڻ - دم هڻڻ - لاف هڻڻ. ڦونڊ ۾ پرجي ڳالهه ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ - فخر ڪرڻ. ڪِلڻ - خوش ٿيڻ. ڪڇيون هڻڻ - بغل ٿوڪڻ. (مرڪيو - مرڪندو - مرڪيل).
= مَرَكُ ۽ مَرَكَ: اسم. پتاڪ - لاف - ڊاڙ. آپمان - ٽاڻ - گهمنڊ - شيخي - مغروري - دماغ - وڏڻُ - هُوءِ - دم - اِغماض - غرور - فخر. خود ٽنا. ناز - لاڏ - ماڻو - آنگل - آرو - نخرو - چاڳلائي.
● مَرَكَبُ ۽ مَرَكَبَ: ذ. صفت. اهو جنهن کي پيا پڌائن - جانب - لڏڻ - دلدار.
= مَرَكَائِيُ: مصدر. پڌائڻ. عزت رکڻ (پٺي جي). منهن مٽي ڪرڻ. مشهور ڪرڻ - ملهائڻ - نالو ڪيڏڻ - نيڪي ڪيائڻ - ناماچار ڪيڏڻ. (مرڪائيو - مَرَكائيندو - مَرَكائيل).
= مَرَكَبُ ۽ مَرَكَبَ: ذ. صفت. لباڙي - ڊاڙي - پتاڪي. پاڻ پڌائيندڙ - مَرَكَبو.
= مَرَكَبو ۽ مَرَكَبَا: ذ. صفت. پڌندڙ - پتاڪ هڻندڙ - دم هڻندڙ. ڦونڊ ۾ پرجي ويندڙ - ٽاڻ رکندڙ.
● مَرَكَنُ: مصدر. (سن. سْمَتِ = اچرج + ڪر(ي) = ڪرڻ). چپن ۾ ڳِلڻ - مُشڪڻ - پاپوهڻ. ٺورو ڪِلڻ. سڄ جو ڪني ڪيڏ. (گاجرا). لهڻ - آلهڻ - لهي وڃڻ (سڄ جو). (مَرَكيو - مَرَكندو - مَرَكيل).
= مَرَكَ: ث. پاپوهه - مُشڪ. خوشي. راڳ ڳائڻ ۾ آواز کي ڏنل لوڏو - لهرو.
= مَرَكَائِنُ: مصدر. مُشڪائڻ - ڪِلائڻ - هسائڻ. (مَرَكائيو - مَرَكائيندو - مَرَكائيل).
= مَرَكَ مَاڻَنُ: خوشي ماڻڻ - مزو ماڻڻ.
= مَرَكِيو ۽ مَرَكِيڻا ذ. صفت. مشڪندڙ - مُشڪيو - پاپوهي. ڪِلمڪ - ڪِل منهون - ڪلاٽو - ڪِلندڙ.
● مَرَكُوزُ: ذ. صفت. (ع. رَكَزَ = پورو). هڪ جڳهه تي ڪُتل.
● مِرَكِيُ ۽ مِرَكِيُونُ (ل): ث. مٽڪڙي. سنهون ٽُنگ.
● مَرَكِيُ ۽ مَرَكِيُونُ: ث. ڳهه جو هڪ قسم - ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور - دُر پَچُو - والي - مَرَكي - ڪِنوٽي - ڪَنوٽي - ڪيوٽي. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪ) (پٽي ڪاري، پيٽ اڇو) ڏيکهه هڪ ڪان سوا فوٽ تائين).
● مَرَكَانُ: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَرَكَانُ جاگِيرُ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَرَكَپُورُ: اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَرَكَنبَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر اتر سرحد سنڌ ۾).
● مَرَكَنبُ: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَرَكَبَ (ڪ): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. (نب).

Gul Hayat Institute

● مَرُ ڪ ۽ مَرَ ڪ: ذ. (ف). موت ـ ڪال ـ قضا ـ آجل ـ مَرتيو ـ قضيو ـ رحلت ـ مَرڻو ـ وصال لاڏاڻو ـ چالاڻو ـ وفات ـ شهادت.

● ميرُ ڪ ۽ ميرُ ڪَ: ذ. (سن. مر (ي) + ڪ = ميرڪ ـ هَرڻ.

ـ ميرُ ڪَ تيرشنا: ث. رڄ ـ مارو ڏل ـ ميرڪ تيرشنا.

ـ ميرُ ڪَ چالاَ: ث. هرڻ جي ڪل.

ـ ميرُ ڪَ لوچنيُ: ث. صفت. سهڻي ـ هرڻ جي اکين واري. (گاجرا).

ـ ميرُ ڪَ نتاپُ: ذ. هرڻ جو دڻ ـ اها ڏوڏي جا هرڻ جي دڻ مان نڪرندي آهي جنهن مرڪستوري ٿيندي آهي. (گاجرا).

ـ ميرُ ڪَ نئينيُ: ث. صفت. (سن. مر(ي) + نئن = اک). هرڻ جي اکين (جهڙي) واري ـ حسين ـ خوبصورت ـ سهڻي.

● مُرڪارَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر ڪراچيءَ ۾).

● ميرُ ڪَل (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ميرُ گيُ ۽ ميرُ گيونُ: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم ـ ميرُ گهيُ.

ـ ميرگيلُ ۽ ميرگيلَ: ذ. صفت. مرگهي وارو ـ ميرگهيل. بيمار ـ اگهو ـ مريض ـ روگي ـ ناچگو ـ لڏو ـ سڪالو ـ جيءَ جڏو. آرسي ـ مست ـ آرسائتو ـ ڪانتُ ـ وسائل ـ ٿوٿي ـ ڊرڪو ـ گم ـ ڪاهل. هيڻو ـ ضعيف ـ لاغر ـ نيستو ـ هڏ هيڻو ـ دُربل ـ الپ بل ـ ڪمزور ـ آپرو.

● مُرُ گو (ل ـ ڪ): ظرف. مورهين ـ مڙيئي ـ آصل ـ بنهه ـ ماڳهين ـ پڻي مور ـ ڪڏهن ب ـ هڏهين.

● ميرُ گهُ ۽ ميرُ گهَ: ذ. (سن. مر(ي) + گهَ = هَرڻ). جانور جو هڪ قسم ـ ميرگ ـ هرڻ ـ آهو ـ روجهه ـ هرا (ڪ) ـ چڪارو ـ چيڪارو (ل ـ ث). (آصفيه). ڪرنگ. جيت جو هڪ قسم (وڏي ٽيڏَ يا مڪڙ جيڏو، رنگ سائو، اڪثر پٽيءَ جي ڪنارن تي رهي، زهريُ). سرطان ـ برطان ـ چراڙو. چٽراڻو. (ن ـ ب).

ـ ميرُ گهَ تيرشنَا: ث. رڄ ۾ گرميءَ ۾ تپش سبب ڪوڙو پاڻيءَ جو ڏيکاءُ ـ رج ـ سراب ـ ڪوريڪي نئن ـ مارو ٿل ـ ميرگ ترشن.

ـ ميرُ گهَ چالا ۽ ميرُ گهَ چالا ئونُ: ث. هرڻ جي ڪل ـ ميرگ چالا.

ـ ميرُ گهَ ناپُ ۽ ميرُ گهَ ناپَ: ذ. هرڻ جو دن. مُشڪ جي ڪوٿري.

ـ ميرُ گهَ نئينيُ: ث. صفت. هرڻ جي اکين (جهڙي) واري ـ آهوچشم ـ ميرگهه لوچيني. حسين ـ سهڻي ـ خوبصورت.

● مَرُ گهتُ ۽ ميرگهتَ: ذ. (سن). مري ويل (هندوءَ ڪي) ساڙڻ جي جاءِ ـ مساڻ ـ شمشان.

● ميرگهه شيرُ: ذ. هڪ برج جو نالو. ٽيڙو.

● ميرگهيُ ۽ ميرُ گهيونُ: ث. (سن. ميرگي = ميرگهي). بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ماڻهو بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ هٿ پير ڏنگا ڏڏا ٿي ويندا اٿس ۽ منهن مان گجي اچي ويندي اٿس). ميرگهي ـ ميرگي ـ صرع.

ـ ميرُ گهيُ اچنُ: بيهوشيءَ جو غلبو ٿيڻ. جنون آچڻ ـ جوش اچڻ.

ـ ميرُ گهيلُ ۽ ميرُ گهيلَ: ذ. صفت. مرگيل ـ مرگهيءَ وارو.

● مُرليُ ۽ مُرليونُ: ث. (سن. مُرَلَ > مُرلي = مُرليُ). وات سان وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم ـ (جيئن بانسري ـ بين ـ بانسلي ـ وَنجلي ـ الغوزه ـ بنسري). تنبي، ڪدوءَ ۽ ڪنگور مان ناهيل ساز. (سن. مرد = شيوا ڪرڻ). ديوداسي ـ خاص ڪري ڪنبڌيا جي پوجارڻ ـ ويشيا جو هڪ قسم. (گاجرا).

ـ مُرُ ليندرُ: ذ. مرلي وڄائيندڙ (خاص طور ڪرشن جو نالو).

ـ مُرليُ وَجائيڻُ: ڪنهن کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ـ چٽ پٽڻ ـ ريجهڻ.

ـ مُرليونُ وَجائيڻُ: ڪنهن کي ٽڏيون مڻيون ڳالهيون پڌائي ريجهائڻ ـ خوش ڪرڻ.

● ميرلهيتَ (ل): ث. هڪ قسم تان هتائي پئي قسم تي مهيڙيل چوپائي (مينهن ڏڳي وغيره).

▬ مُرلیو ۽ مُرلیَا: ذ. صفت. مرلي وڄائيندڙ.
● مَرُمَرُ ۽ مَرَمَرَ: ذ. (سن. مَرمر > مرمُنُ = ڪُجهي معنيٰ) ڪُجهڻ - راز - پيد - رهسيہ. لڪل اوڪٹ. شرم - لڄ - لِيهه - حياءُ - حجاب - مُحابو - سنڪوچ - شرمندگي - عارُ - ڪِڪائي - شرميلتا - ساڃهه. نِدامت - پشيماني - افسوس - پڇتاءُ.
▬ مَرَمَ ۾ مَرَ يُ وَڄَنُ: لڄ ۾ سُسي وڃڻ - ڏاڍو شرمسار ٿيڻ - حياءُ ۾ ٻُڏي وڃڻ - پنهنجي ڪيل ڪرتي گهٹو پڇتائڻ - نِدامت ۾ پرجي وڃڻ.
▬ مرُمِيُ ۽ مَرُمِيُ: ذ. صفت. حياءُ وارو - شرم وارو - حجاب وارو - سنڪوچي - لڄارو - شرميلو - شرمسار.
● مَرَمَّتَ ۽ مَرَمَّتُونُ: ث. (ع). درستي - سُڌارو - اصلاح - ڪنهن ڪٹل شيءِ جي سنوار - ترميم - ڳئيڙ ٽوپ - داغدوزي. گوشمالي - جُوتاڪاري - موچڑا ماري.
▬ مَرَمَّتَ طَلَبُ: ذ. صفت. پڇل - پڇل ڳُنڍل - مرمت لائق - داغدوزي لائق.
▬ مَرَمَّتَ كَرَائِنُ: درست ڪرائڻ - ڳئيڙ ٽوپو ڪرائڻ - درستي ڪرائڻ - نقص دور ڪرائڻ. (آصفيہ).
▬ مَرَمَّتَ كَرَنُ: سنوارڻ - سُڌارڻ - اصلاح ڪرڻ - درست ڪرڻ - نقص دور ڪرڻ. خُوب مارڻ - گوشمالي ڪرڻ - سزا ڏيڻ - موچڑا ڪُٹ ڪرڻ. (آصفيہ).
● مَرُمَرُ: ذ. (ف. مَرمَرُ = چمڪڻ. يوناني: مَرُمَرُ = پٿر جو هڪ قسم) پٿر جو هڪ قسم - سفيد ۽ قيمتي پٿر - جيپور ۽ جبل پور جي علائقن جي جبلن مان نڪرندڙ ملائم قيمتي پٿر - سنگ مرمر.
● مُرُمُرا: ذ. (سن. مُرمُرک) بيسٽ سان ٺهيل چهري شيءِ (سيسوين وانگر) مُرمُلا. واريءَ ۾ سوڪ پڇل آيون - پڇل چانور. سگر. (گاجرا).
● مَرمَنُ: مصدر. سن. مَرمَرَهَ. پرا. مُرمُرک) ٻڪڻ - ڏُونڪڻ - جهڪڻ - جڪڻ - جهڪ ڪرڻ - ٻڪ ٻڪ ڪرڻ - بڪواز ڪرڻ - بڪواد ڪرڻ - بڪوات ڪرڻ - اجايو ڪاڻاٽڻ. وڌلڻ. اجائي دانهن ڪرڻ. چرڙات ڪرڻ - چين چين ڪرڻ ڏند نڙڪو ڪرڻ. ٽِڪ ٽِڪ ڪرڻ. سستيءَ سان ڪاڻاٽڻ - هري هري ڪاڻاٽڻ - مِڻ مِڻ ڪرڻ - پُڻ پُڻ ڪرڻ - پُڻڪات ڪرڻ - چپن ۾ ڪاڻاٽڻ. پنهنجي ساراه ڪرڻ. (مرميو - مرميندو - مرميل).
● مَرَنُ: ذ. موت - قضا - قضيو - مَريتو - ميرگ - لاڏاٽو - چالاٽو - وفات. (آصفيہ).
● مَرَنُ: مصدر. (پرا. مَرَڻي. سن. مرنِ. مَرَنَ = مَرَنُ) وفات ڪرڻ - رحلت ڪرڻ - رضا ڪرڻ - چالاٽو ڪرڻ - علاڪ ٽيڻ - لاڏاٽو ڪرڻ - مري وڃڻ - فوت ٽيڻ - پران تيا ڳڻ - جانُ ڏيڻ - ساهه ڇڏڻ - دم نڪرڻ - دم ڏيڻ - گذاري وڃڻ - انتقال ڪرڻ - پساهه ڇڏڻ. تمام گهٹو چاهڻ - بيحد پيار ڪرڻ - ڏاڍو شوق رکڻ - گهٹو گهرڻ. عاشق ٽيڻ - فريفته ٽيڻ - شيدا ٽيڻ (بڪ ۾) پاهه ٽيڻ. نهايت گهٹي محنت ڪرڻ. جان جوکي ۾ وجهڻ - ڪشٽ ڪاٽڻ - ڏاڍو ڏُکڻ - تڪليف محسوس ڪرڻ - تنگي محسوس ڪرڻ - جيتجي وڃڻ. (گاجرا). ڪوشش ڪرڻ - سعيو ڪرڻ - آدم ڪرڻ. (مئو - مَرندو - مُئل) (سن. مرد = گهٹ) (آگرسان) مَٽلڻ - متهڻ - ڳوهڻ - مَٽلو ڏيڻ - مهڻو ڏيڻ (ميٽ وغيره کي).
▬ مَرَنُ تهي: ظرف. مرڻ کي ويجهو - مرڻينگ - مرڻ ڪلميءَ - سڪرات ۾ - پويين پساهن ۾ - هٽل هلان ۾.
▬ مَرَنُو ۽ مَرَڻا: ذ. موت - قضيو - مرتيو - ڪال - رحلت - وفات - مِرڻو - لاڏاٽو - چالاٽو - رضا. گهٹي تڪليف - ڏاڍو مونجهارو. (گاجرا). (صفت). فاني - فنا - مِٽڻو - ناپود ٽيٹو - نابقا. مرڻ لائق - مرڻ هار. (گاجرا).
▬ مَرَنُ وِهُ گيُ ۽ مَرَنُ وِهُ گهَا (ت): ذ. صفت. مرڻ جي قريب - مرڻ جي ويجهو - سڪرات ۾ - مرڻ تي.
▬ مَرَنُ وَهيٹو: ذ. صفت. مرڻ تي.

Gulshayat Institute

= مَرَنْ هارُ ≈ مَرَنْ هارَ: ذ. صفت. مرڻ جوڳ - مرڻ لائق - مرڻ وارو. (گاجرا).
= مَرَنْ هارو ≈ مَرَنْ هارا: ذ. صفت. ڏسو مرڻ هار.
= مَرْڻِينْگ ≈ مَرْڻِينْگ: ذ. صفت. مرڻ جي ويجهو - مرندڙ - مرڻ ڪِلي - مرڻ تي - سڪرات ۾ - پوين پساهن ۾ - هٿ هٿلان ۾ - قريب المرگ - آخري دم.
= مَرْڻِي وَسْتُو: صفت. مرڻ جهڙي. فاني - فنا - ختم ٿيڻ جهڙي - ناپا ئيدار - بي بقا - بي جتاءُ.
= مَرِي رَهَنْ: مري وڃڻ - جيئرو نه رهڻ - موت اچڻ. ويهي رهڻ - ديد لائڻ. (آصفيه).
= مَرِي جهڙِي: ظرف. ڪشالي سان - سخت پورهئي سان - تمام تڪليف سان - هڏِي هڏِي - ڪَهِي ڪَهِي - مَري مَري - جا ڪوڙي سان - محنت سان - پنوڑجي - پاڻرا پيڻ - مصيبتون سهي - ڏاڪڻ سان - جفاڪشي سان.
= مَرِي مَرِي: ظرف. مَري جهڙي.
● مَرِڻِي ≈ مَرِڻِيُون (ت): ث. لالچ - سَڌَ - اشتها - هَوَس - ڪامنا - چاهه - رغبت - لاڙو - اشتياق. سيڪت - سزا - جُٽ - گوشمالي.
= مَرِڻِي ڏِيڻُ (ت): سيڪت ڏيڻ - سزا ڏيڻ - جُٽ ڪرڻ.
● مَرُو ≈ مَرُو: صفت. (سن. مَلَ = مَرَ) مَرُ وارو. ڦيٽ پيل - ڪوڙو - مَٺو - ميلاوٽي - گاڏڙ - نيرس - نيرسو - ڪسيَلُ (ڏاتو).
= مَرائِي ≈ مَرائِيُون: ث. ميلاوٽي ڏاتو - مَٺ - جوڙو - ڪَسُ - غَٽِيرُ - ڦيٽ.
● مُرُو ≈ مُرا: ذ. (پير جو) ڳِريو - مُريو. مني پاڻيءَ جي ڇيءَ جو هڪ قسم (ڏيگهه ٦-٧ انچ، رنگ اڇو، پکرا چار، پنجون پکرو مٽان).
● مَرُوارِيدَ: ذ. (ف). سيپَ مان نڪرندڙ گول داڻو - موتي - گوهر - دُر - لُولُو.
● مَرُوانِي ≈ مَرُوانِي: ذ. صفت. مذهب ڪان ڦريل - ڏورِ ڪيل - مُرتد - پَتَت.

● مَروَتَ ≈ مَروَتُون: ث. رعايت - سهولت - سهنجائي - آساني. هيٺاهين - نياز - نمرتا - نوڙت - هٿ جوڙ. رعايت - لحاظ - پاسخاطر - پاسخاطري - طرفداري. ڏنبِ جي ٻُسن يا ڪنهن شيءِ جي قيمت ۾ رياءُ سان ڪيل لاٽ. تخفيف - ڇڏت. معافي. دَيا - ڀاجهه. مهرباني - پلائي - وَڏ - ٺورو - احسان - ڪِرپا. آدارتا - سخاوت - دريا دِلي - فراخ دلي. لياقت - خُلق - فضيلت - آءُ پاءُ - خوش اخلاقي - اخلاق - انسانيت - پَڪل مانسائي - پَل ماڻهپي. فياضي. عالي همتي - ڪُشاده دلي. (آصفيه).
= مَروَتَ ڪَرَنْ: رعايت ڪرڻ - لحاظ ڪرڻ - مُلاحظو ڪرڻ. تخفيف ڪرڻ - ڇڏ ڇوٽ ڪرڻ - لاٽ ڪرڻ. احسان ڪرڻ - ڀاجهه ڪرڻ - دَيا ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ. (آصفيه).
= مَروَتَ وارو: صفت. بااخلاق - لحاظ وارو - ملاحظي وارو - لحاظي. رحمدل - دَيالو - دَيا وارو - ڀاجهارو. (آصفيه).
● مَروَتِي ≈ مُروَتِي: ذ. صفت. مَروَتَ وارو - سخي - مهربان. (گاجرا).
● مَروڙِيُنْ: مصدر. وَرائڻ - موڙڻ - وَرڊيڻ - پيچ ڏيڻ - وَراڪو ڏيڻ. مروڙو ڏيڻ - مروت ڪيڻ. مروڙڻ. آڪيڙو ڏيڻ - چڪي ڏيڻ - چڪڻ - چِيبِي ڏيڻ - تاٽڻ. ڪسي وٺڻ - قُري وٺڻ - جهپي وٺڻ - جهپٽ - زبردستي ڇيڻ - زوريءَ ڪسڻ. مارڻ - پنوڙڻ - پائمال ڪرڻ. (گاجرا). معنيٰ ڦيرائڻ - اُلٽو مطلب ڪيڻ - چڪي تاڻي مطلب جي اُبتڙ معنيٰ ڪيڻ. (مَروڙيو - مَروڙيندو - مَروڙِيل).
= مَروڙَتَ ≈ مَروڙَتُون: ث. مروڙ - وڪڙ (پيٽ جو) - مروڙو.
= مَروتَ مَروتَ ≈ مَروتُون مَروتُون: ث. وت ستَ - وروڪڙ - موڙ موڙ.
= مَروڙو ≈ مَروڙا: ذ. وتُ - ور - پيچ - مروڙ - مروڙ - وڪڙ - وراڪو - آڪيڙو - سُهٽ. چِيبِي -

Gul Hayat Institute

چڪي - ڪتش - چڪ - لانچ - سٽ - تاڻ. ڦيرو - ولو - ڦيرو سهيرو - گهمرو - گهمتاڙي.

● مُرَوّجُ: صفت. (ع. ترويج). رائج ڪرڻ - رواج ڏنل - هلايل - هلندڙ - جاري. رائج الوقت - هلندڙ وقت جو - رواج ۾ آندل - رواجي - ورتمانُ - عام - معمولي - ريتائتو - رسمي - مُستعمل. (آصفيه).

● مَروچَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَروڙُ ۽ مَروڙَ (ت)؛ ذ. آڪڙ - سيٽ - ٽينڊ - وڏائي.

■ مَروڙُ خانَ؛ ذ. صفت. آڪڙ باز - ٽين ڦون ڪندڙ - وڏائي ڪندڙ - آڪڙ خان - سيٽ باز - ٽينڊ ڪندڙ - وڏائي خور. (آصفيه).

● مَروڙڻُ: مصدر. وراڙڻ - موڙڻ - مَروڙڻ - وراڪو ڏيڻ - پيچ ڏيڻ - ور ڏيڻ. آڪيڙو ڏيڻ - ڏنگو ڪرڻ - چهو ڪرڻ - ڦيڙو ڪرڻ - وٽ ڏيڻ - ڦيرڻ - ڦيرو ڪيڻ. ٻيٽو ڪرڻ. پيچڻ. ٻوڙڻ - ٻوڙي مارڻ. (گاجرا). ڪتسي وڻڻ - ڦري وڻڻ - ڦرڻ - جهو هڻڻ - ڪتسڻ. وهنجڻ مهل وارن ڪي زور سان مهڙڻ. لُڇڻ - ڦٽڪڻ - تڙڦڻ. وٿجڻ سٿجڻ. (مَروڙيو - مروڙيندو - مَروڙيل).

■ مَروڙَ ۽ مَروڙُونُ؛ ث. وٽ - ور - پيچ - موڙ - ڦير - ڦيرو - مروتَ - مَروتو (پيٽ ۾) - گڙٻڙ (آنڊن جي) وٽ سٽ - (پيٽ ۾) گهمرو - مروڙو. پيچش - آنٽي. (ل) - سوري. (آصفيه).

■ مَروڙو ۽ مَروڙا؛ ذ. وٽ - ور - پيچ - مروڙو - وڪڙ - وراڪو. آڪيڙو - سٿ - مروت. موڙ - موڙو - گهمرو - ڦيرو - ولو. مروڙ - ڦٽڪو - تَرڦ - لوچ (آنڊن ۾). ڪنچاوت - پيڙ - چڪ - چڪ تاڻ - پٿوڙ - پٿوڙ.

● مَروڙو ۽ مَروڙا؛ ذ. وٽُ. ورُ - پيڙ (هٿ جي) - زور - مهڙو - مروت.

■ مَروڙا ڏيارَنُ: زور ڏيارڻ - پيڙون ڏيارڻ - مَروتا ڏيارڻ.

● مَروڙي ۽ مَروڙيُونُ: ث. (سن. مَل = مَرُ). ميل - مَرُ - مَرَ. آگرين تان لاٽل آنسو. وڪڙ - وٽ - پيچ. ڪنڊ - لينجهه - پيڙي. (آصفيه). اِسڪرو - ورُ.

● مَروڪُ: حرف جواب. (مَرَ + روڪ = بيماري نه هجڻي). ڪنهن جي مسلسل سڏن ڪان تنگ ٿي ڪاوڙ وچان جواب ۾ چوڻ - مهور. (ن - ب).

● مَروُلَ: ث. پيڙيءَ جو جهنڊو (جو ڪُوهي ۾ ٻڌجي).

● ميرُونُ ۽ ميرُونُ: ذ. (سن. ميرگ = جانور) جانور. جهنگلي جانور - حيوان - درندو. سُوئر - خنزيرُ.

■ ميرُونپڻُ: ميرونءَ جهڙي خاصيت - حيواني - حيوانپ - وحشت - ڪنورائي.

■ ميرُونپٽو ۽ ميرونپٽا؛ ذ. جهنگلي جانور جهڙي طبعيت - وحشت - درندائي - وحشيپڻو - جهنگلپڻو - حيوانپ - ڪنورائي.

■ ميرُنٽاڙو ۽ ميرُنٽاڙا؛ ذ. صفت. مرونءَ جو - ڪنهن به جهنگلي جانور جو - سوئر جو - حيواني. خنزير جو.

■ ميرُنٽپو ۽ ميرُنٽپا؛ ذ. حيوانيت - وحشت - ڪنورائي (گاجرا).

■ ميرُنٽيڪو ۽ ميرُنٽيڪا؛ ذ. صفت. مرونءَ جو - وحشي - جهنگلي - خونخوار - نردئي - بي رحم - ڪنور.

● مَروو ۽ مَروا (ل - ت - ڪَچُ)؛ ذ. (سن. مَرَوَكَ = نازبو). خوشبودار پوٽي جو هڪ قسم - نازبو - قَلُ پتي. (آصفيه).

● مَروهَ؛ ذ. (ع). مڪي معظمه جي هڪ ٽڪريءَ جو نالو (هي ٽڪري "صفا" ڪان چڪي مفاصلي تي آهي - جن جي درميان حاجين کي هلڻو ۽ ڊوڙڻو پوي ٿو).

● مَروِي: خوشبوءِ دار گاهه جو هڪ قسم.

● مَرَهُنَا؛ اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● مَرَهِتو ۽ مَرَهِتا؛ ذ. مرهٽا قوم جو هڪ ماڻهو. (ذ. صفت). مهاراشٽر جو رهاڪو.

■ مَرَهٽِي: ث. صفت. مرهٽن جي - مرهٽن واري - (ث). مرهٽن جي ٻولي - مرهٽن جي زبان. (آصفيه).

Gul Hayat Institute

● مَرْهَڏِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپوربنوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَرْهَمُ ۽ مَرْهَمَ: ذ. (ع). قَسَ تي لڳائڻ جي گهاڻي ۽ سٽيي دوا - مَلَم - طبي دوا - دارُون - علاج. (آصفيه).

= مَرْهَمُ پَرَڻُ: مَلَم لڳائڻ.

= مَرْهَمُ پٽِيُ ۽ مَرْهَمُ پٽِيُون: ث. قَسَ جو علاج - زخم جو علاج - زخم جي دوا - ملم پٽي. (آصفيه).

= مَرْهَمُ پٽِيُ كَرڻُ: زخم جو علاج معالجو كرڻ - زخم جي دوا درمل كرڻ. (آصفيه).

● مَرْهَڻُ: مصدر. (سن. مَرْهَنَ = معاف كرڻ). معافي ڏيڻ - معاف كرڻ - بخشڻ - كيميا كرڻ - چڏڻ - آبهَڻُ. رحمت كرڻ - مغفرت كرڻ. عنايت كرڻ - احسان كرڻ - وَڙ كرڻ.

"مولىٰ مرهين مون ڏٽي، سائين سباجها."

(مَرهيو - مَرهيندو - مَرهيل).

= مَرْهَتَ: ث. بخشش - معافي - مغفرت - رحمت - باجهه. مهر - وَڙ.

= مَرْهاتُ ۽ مَرْهاتَ: ذ. صفت. بخشيل - مرهيل. (گاجرا).

= مَرْهِياتُ ۽ مَرْهِياتَ: ذ. صفت. بخشيل - معاف كيل. مرحوم - مري ويل.

= مَرْهِياتو ۽ مَرْهِياتا (ث): ذ. صفت. مرهيات.

● مَرهوُ ۽ مَرها: ذ. دوا طور كم ايندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم. بن پيتَنَ جي وچ وارو سڏو ميدان - مرهو. (ت).

● مَرْهُوُن: صفت. (ع. رَهَنَ). گروي - گروي ركيل - وياج ۾ ركيل - گهپي ركيل.

= مَرْهُون مِنّت: صفت. مَمنون - احسان مند - شكرگذار - مشكور. (آصفيه).

● مَرَهِيُ ۽ مَرَهِيُون: ث. رونبي كرڻ لاءِ سارين جي ٻجي جو هڪ تيلو. (ل). ڏند جي ٻاڙ وارو گوشت - مَتهاري. (ل). مينهن جي ويامڻ وقت (ڏيپري كيڏ كان اڳ) رت پيت جا تاند ورا - مَريا (ل). ٻكريءَ جي ڏاس مان نڪيل خرزين - مَرئِي. (ل - ك).

● مَرْهِياڙِيُ ۽ مَرْهِياڙِيَ: ذ. صفت. بناوتي ۽ سستن زيورن جي ٺاهڻ ۽ وكڻڻ وارو - مَرهيو - قيريءَ وارو - مَچاري. (ذ) قيريءَ واري جا وكر وٽون.

● مَرَئِيُ ۽ مَرَئِيُون (ك): ث. مَرَهي.

● مَري: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم - وڇڙندڙ مرض جو هڪ قسم - وبائي مرض - آڏند مرض - مهاري. بيماري - مرض - روگ. آفت - مصيبت. پور - ويچار - گڏتي (ل). ٻكريءَ جي رنگ جو هڪ قسم (ك). (اسم خاص). بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جنهن جا ٽي پاڙا آهن: ١- گزني، ٢- لهراڻي ۽ ٣- بيجاراڻي). هڪ عورت جو نالو - مُڪتر نالي بهادر مرد جي زال جو نالو (جنهن هڪ انيار (بكرار) تي عاشق ٿي پنهنجي مڙس كي مارايو). (ن - ب). تعلقي كنڊكوٽ ۽ تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِري ۽ مِريُون: ث. (پرا. مِرِيَ. سن. مِرِچ = مِرچَ) مِرچ. كاري مرچ جو داڻو.

● مُرِيُ ۽ مُرِيُون: ث. جبل يا ٽكريءَ جي مڙيل چوٽي يا سنهي چوٽي يا چيڙو - چُنڪ (ك). منهي جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، موراكي جهڙي، قد ۾ ايدائي انچ). (ن - ب).

● مَريا (ت): ث. چوپائي جي پيٽ مان ويم وقت نڪتل گند پيت - مَرهي - مَرئِي. (ك).

● مَريڻُ: مصدر. (سن. مَرْڏَنَ). پيڙڻ - نپوڙڻ - مروڙڻ. (مَريو - مَريندو - مَريل).

● مَرِيخُ: ذ. (ع). هڪ گرهه جو نالو (جنهن جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي، هي سيارو ڏرتيءَ جي رستي كان ٻاهرئين طرف آهي. سندس قطر ڏرتيءَ جي قطر جي اڏكان ٽورو وڌيڪ. سج جي چوڌاري ٦٨٧ ڏينهن ۾ ڦيرو ٽو كري. هن جو ڏينهن ٢٤ ڪلاڪن، ساڍن ٣٧ منٽن جو ٿئي ٿو. سنسكرت ۾ هن كي "پومي پُتر" چون. (گاجرا). (هندن جي عقيدي موجب) جڏَ جو ديوتا - منگل - چنڇر - (ع). جلاد فلك. (آصفيه).

Gul Hayat Institute

● مُرِيدُ ۽ مُرِيدَ: صفت. (ع). اِرادتمند. پيروي ڪندڙ - پيرو - پوئلڳ - عقيدت مند - معتقد. مطيع - فرمانبردار. ديني شاگرد - چيلو - شِش - سِکُ - بالڪو. نوڪر - تابعدار - خادم - خدمتگار. (آصفيه). خدا جي صفت. (گاجرا).

= مُرِيداڻو ۽ مُرِيداڻا: (ت): ذ. صفت. مريدن جو. (ذ). مريدن کان مليل ڏَنُ وغيره - نذرانو.

= مُرِيدُ ڪَرَنُ: پوئلڳ ڪرڻ. چيلو بنائڻ - شِش ڪرڻ - بالڪو بنائڻ. تابع ڪرڻ - فرمانبردار ڪرڻ.

= مُرِيدِيُ ۽ مُرِيدِيُونُ: ث. پوئلڳي. شاگردي. اطاعت - فرمانبرداري.

● مُرِيدُ دِيرُو: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ هڪ ديهه جو نالو.

● مُرِيدُ سِيڻارُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور هڪ ديهه جو نالو.

● مُرِيدُ لاکيُرُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ هڪ ديهه جو نالو.

● مَرِيڙا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَرِيڙُو ۽ مَرِيڙا: ذ. (سن. مارِشَهـ) پاڇيءَ طور ڪم ايندڙ ڏَٽ جو هڪ قسم (جو اڪثر خريف جي هوڪن ۾ لُلر ۽ لُوڪ سان گڏ پاڻ مراد و آپري ۽ لُلر ۽ لُوڪ کان زياده ڪاڏي ۾ لذيذ ٿئي). "لپي لوڪ کين، مري ٿو مريڙي کي" (چوڻي). مليرڙو.

● مَرِيضُ ۽ مَرِيضُ: ذ. صفت. (ع. مرض) بيمار - اگهو - ناچڱو - لڏو - ناچاڪ - ناچاق - بي مزي - روگي - سُڪالو - عَليل - جَڏو - مرضيل.

● مَرَيُڪَتِ: ث. مُروَت - لحاظ - پاسخاطري - رِياءُ - پاسو - طرفداري. (گل قند). "شريڪت ۾ مريڪت چا جي". (پهاڪو).

● مَرْيَمُ: ث. صفت. (ع). ڪنواري - ڪَنيا - دوشيزه - باڪره. پارسا - پاڪدامن - باعصمت. (آصفيه). (اسم خاص). حضرت عيسيٰ عليه‌السلام جي ماءُ (جنهن کي بنا مڙس جي حضرت عيسيٰ عليه‌السلام پيدا ٿيو هو).

= مَرْيَمُ گُلُ: ذ. گُل جو هڪ قسم - هڪ خوشبوء دار گُل (جو عورت کي وِيَم وقت سولائيءَ سان هار پيدا ٿيڻ لاءِ پائيءَ ۾ ڦنڊڻ لاءِ رکبو آهي). (آصفيه).

● مَرِيُنُو: ذ. اوني ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪابل جي ويجهو مرينا شهر ڏسڻ جي آن سبب مشهور آهي، آن ڪري آتي جي آن مان نهيل ڪپڙي کي مرينو چون). (پيشه وران ٢).

● مَرْيُو (ڪ): ذ. ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسو. سِڙهه جي زور جهلڻ لاءِ واڌ ۽ ويڙهه کي ٻدل واجهه.

● مِرْيُو ۽ مِرْيا: ذ. جيت جو هڪ قسم - نندڙو ڪارو پوپٽ (جو جيڏهن نندڙي هار تي وهي تہ هار کي چرڪ يا ڏڪڻي ٿي پوي). هار رُٹارٽي.

= مِرِيبِي جُو ڏَنُبُ: ذ. هار کي چرڪ جي بيماري لاهڻ لاءِ پوپٽ جي ٻنهي پَرن جي وچ واري ڏيڙ جو ڏنل ڏنب.

"ذريعا سپ زجاج ٿئا سيو ڏي ڏيار،
ساءِ نياڳو ڏيهه ۾ مَريو مبارڪا"
(گرهوڙي).

● مُرْيُو ۽ مُرْيا: ذ. پير ۽ ٽَنگ جي گڏجڻ وارو هنڌ - پيڈي - ڪريو.

● مِرِيُسُو ۽ مِرِيُسا (ت): ذ. آرسيءَ جو پرتوو - پاچولو - اولڙو. گيهه پرڻ لاءِ لوهه جو ٺهيل نندو ماهو - مُبري - ڪَرندي. جيت جو قسم (وچونءَ جهڙو). (راه).

● مَڙُ ۽ مَڙَ: ذ. مڙس - خاوند - پتار - سوامي. خُدا - پرماتما. گاهه جو هڪ قسم. (ڪ).

● مِڙِ: صفت. (سن. مِل = مِلڻ) سِٹي - مڙئي. (گاجرا).

= مِڙَئِيُ: صفت. سِٹي - سِپ - جملي.

= مِڙْيائِيُ: صفت. سِپ - سِٹي گڏ - مڙئي.

● مَڙِدُ ۽ مَڙْدُ: ذ. مرد - مڙس - مرس.

= مَڙْدانُو ۽ مَڙْدانا: ذ. صفت. پهلوان - جانڀو - بهادر.

= مڙدائو ۽ مڙداٽا: ذ. صفت. ڏسو مڙدانو.
● مڙداسينگهه: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وڪر جو هڪ قسم. (ف. ج).
● مڙدو ۽ مڙدار: ذ. صفت. (ف. مُردہ) مئل - مُرده. (ذ). ميٽ - مڙهه - لاش - لاشو - مُردو.
● مڙس ۽ مڙسَ: ذ. (سن. پُرش = مڙس. ماڻهو = جوان چوڪرو) مَرس - مَرد - مڙد - پُرش. ماڻهو - بشر - انسان - آدمي. گهر وارو - گهر ڌڻي - خاوند - شوهر - پتار - وَر - پتي - ڪانڊ. (صفت). دلير - بهادر - سُورمو - هانڪو - جوڌو.
= مڙسالو ۽ مڙسالا (ل): ذ. مڙس - مَرد.
= مڙساڙو ۽ مڙساڙو: ذ. مڙس ماڻهو. مرد - خاوند - مالڪ. (گاجرا).
= مڙسالو: گهٽا ماڻهو.
= مڙسامڙسي: ظرف. مڙسيءَ سان - بهادريءَ سان - ڏاڍائيءَ سان. (ث). بهادري - پهلوانيءَ - ڏاڍ مڙسي - اَرهه زوراڻي - همٿ - جرئت - دليري - سڪهه - زور - بَل.
= مڙساٽو ۽ مڙساٽا: ذ. صفت. مڙس ماڻهوءَ جو. مردانو. (گاجرا).
= مڙسائي ۽ مڙسائيون: ث. مڙس جو ڪم - مڙسي - مردي - جوانمردي.
= مڙس ٿيڻ: همت ڏارڻ - مڙسي ڪرڻ.
= مڙسپائي ۽ مڙسپائيون: ث. مڙس جو يا خاوند جو ڪم - مڙسي.
= مڙسپڻ: ذ. ڏسو مڙسپائي.
= مڙسپڻو: ذ. ڏسو مڙسپڻ.
= مڙسي ۽ مڙسيون: ث. مردي - مُرسي. مڙس جي ٻنڊ - ٻيرج - وِرديه - مَتي. (گاجرا). سڪهه - زور - بَل - همٿ - طاقت - جرئت. بهادري - دليري.
= مڙسپتي ۽ مڙسپتيون: ث. صفت. مڙس واري - سُهاڳڻ. (گاجرا).
= مڙسيءَ دَرڪار هُجڻ: همٿ ضرور هجڻ. سورهيائي گهربل هجڻ.
● مڙڪٽ (ث): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
● مڙڻ: مصدر. (ڏانهن) ويجهو ٿيڻ - قريب ٿيڻ - نزديڪ ٿيڻ. (ڪنهن ڏانهن) وڃڻ - (ڪنهن طرف) چُرڻ - ڪنهن ڏي منهن ڪرڻ - مُهَڙڪرڻ. (مَڙيو - مَڙند و - مَڙيل).
● ميڙڻ: مصدر. (سن. ميل = ميلَڻ) گڏ ڄڻ - ملڻ - ٽڙ - پيڙڻ - گڏ جي وڃڻ. مُڪا ميلو ڪرڻ - گڏجاڻي ڪرڻ - ملاقاتي ٿيڻ. ميڙ ٿيڻ - ڪٺ ٿيڻ - گڏ ٿيڻ - جملي ٿيڻ - ڪٺو ٿيڻ. مجلس ڪرڻ - ميڙاڪو ڪرڻ - جماعت ڪرڻ - سَٽ ڪرڻ. انبوهه ٿيڻ - گوڙ ڪرڻ - گهاٽ ڪرڻ - گهيرو ڪرڻ - هشام ڪرڻ - ٻيهر ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ - سامهون ٿيڻ - روبرو ٿيڻ - آمهون سامهون ٿيڻ - دوبدو ٿيڻ - پٺيان پوڻ - ڪاهي پوڻ - ڪاهجي پوڻ - ڪاهڻ - تعاقب ڪرڻ. گهاڙو شوروو ڪرڻ - گهاڙو رس ڪرڻ (ٻوڙ ۾). مينهن يا ڏڪيءَ جو ڪير ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڏڪي يا مينهن جو ڪير ڏيڻ. قَٽَ جو ٻند ٿيڻ. (ميڙيو - ميڙند و - ميڙيل).
● مڙڻ: مصدر. وَرَڻ - ڏنگو ٿيڻ - ٻيٽو ٿيڻ - چپو ٿيڻ - قِدو ٿيڻ - ڪُٻائڻ. وَتَ ڪائڻ - پيچ ڪائڻ - ڦيرو ڪائڻ. ڦيرو ڪرڻ - ڦيرڻ - چڪر ڪائڻ. موت ڪائڻ. بباز اچڻ (ڪنهن ڪم ڪان) - دور رهڻ. پونتي سوٽڻ - هٽڻ. پيش پوڻ - آڙ ميڙڻ - تاتي ٿيڻ - هار ميڙڻ - سطيع ٿيڻ. "جو مڙيو، سو جڙيو". (چوٽي). (پاڻيءَ جو) ڇڄڻ - ڪهنجڻ - جهڇجڻ - ڪٽو ڪائڻ - لَهَڻ - لات ڪرڻ - هٽڻ - ڊرو ٿيڻ. (بخار جو) هٽڻ - ڊرو ٿيڻ. نئين رستي ڪان ڦيرڻ - لڙڻ - موج ٿيڻ - هڏيءَ جو مڙڻ - عضوي جو مروڙجڻ. ڪاوڙ چڙڻ - غصو نه ڪرڻ - معاف ڪرڻ - بنا ڪنهن سزا جي ڇڏي ڏيڻ. (آصفيه). (مڙيو - مڙند و - مڙيل).

Gul Hayat Institute

ـ مڙڻو ۽ مڙڻا: ذ. صفت. مڙي ويندڙ ـ مڙندڙ ـ جلد مڙندڙ ـ لچڪيدار ـ پچ خور ـ نرم ـ سڙاوندو ـ ملايم ـ ڪنڌرو ـ ڪومل ـ قبلهڙو. چيو ڪندڙ ـ مڃي ويندڙ ـ قبول ڪندڙ ـ مڃيندڙ ـ اقرار ڪندڙ.

ـ مڙڻو جڙڻو ۽ مڙڻا جڙڻا: ذ. صفت. نرم طبعيت وارو ـ نرم خور ـ هٺ نہ ڪندڙ. (گاجرا).

● مڙو ۽ مڙا (ث ـ ڪ): ذ. صفت. مڙهو.

● مڙهه ۽ مڙهه: ذ. (پرا. مڙڍ. سن. مڙ (ي) ت يا مر (ي) تڪم). لاشو ـ لاش ـ مردو ـ متڪ ـ لوٿ ـ جنازو ـ مڙدو ـ ميّت. سست ماڻهو. (سن. منڊ = ويڙهڻ). دهلي ـ ڊڪ ـ آسترڪاري (بندوق وغيره جو). ڪپ ـ ميان (ترار يا ڪاتيءَ جو). چمڙ جو پوش (ميان وغيره تي). (گاجرا). (سن. متڪ = گهر) رهڻ جي جاءِ ـ ماڳ ـ مڪان ـ مقام ـ آستانو ـ ٺڪاڻو ـ هنڌ ـ جڳهه.

ـ مڙهه مقام ۽ مڙهه مقام: ذ. جاءِ جڳهه ـ گهر گهاٽ ـ اڇڻ وڃڻ جي جاءِ ـ نام ٺڪاڻو.

ـ مڙهه مقام مان موڪلڻ: آڻ ٽيڪي ڳالهه ٽيڙ ـ ناممڪن ڪم جو ٽيڙ.

ـ مڙهه مقام نہ هڪلڻ: ڪوبہ ٺڪاڻو نہ هجڻ.

● مڙهڻ: مصدر. (سن. مڊڊ > مڊ = ويڙهڻ). جڙت (موتي) ـ جڙاوت ڪرڻ ـ مڙهت ڪرڻ ـ پوچ ڪرڻ ـ پوڻ. ڳٽڻ ـ ڳٽڊڻ (وارن کي). آٽ ڪرڻ ـ واڻ هڻڻ (ڪت ڪسي). ڏڪ وڻائڻ ـ سينگارڻ ـ سهڻو ڪرڻ. چمڙ جو پوش ڏيڻ ـ پوشڻ ـ ڊڪڻ ـ ڊڪ چاڙهڻ. نغاري يا دهل تي ڪل چاڙهڻ. (آصفيه). جاءِ پيرڻ ـ بند ڪرڻ. زوريءَ ڏيڻ ـ ذمي ڪرڻ. ٽيڪڻ ـ زور سان هڻڻ ـ مٿان لسڪائڻ ـ چاڙهڻ ـ رکڻ ـ زور سان چنبڙائڻ (ڪو ڏوهه وغيره). (مڙهيو ـ مڙهيندو ـ مڙهيل).

ـ مڙهائي ۽ مڙهاٽيون: ث. مڙهڻ جو آجورو ـ مڙهت ڪرڻ جو لوازمو ـ مڙهائي.

ـ مڙهائي: مصدر. مڙهڻ جوڪم هڪي ڪان ڪرائڻ. واڻائڻ (ڪت). مڙهت ڪرائڻ (موتين جي) ـ جڙائڻ.

ـ مڙهٽ ۽ مڙهٽون: ث. مڙهڻ جو ڪم ـ مڙهائي. جڙت ـ جڙاءِ.

ـ مڙهڻي ۽ مڙهاٽيون: ث. مڙهڻ جو ڪم. (گاجرا).

● مڙهيار ۽ مڙهيار: ذ. صفت. مڙهت ڪندڙ ـ مڙهائي ڪندڙ. ڍڪيل ـ لڪايل ـ پوشيده ڪيل ـ ڇپايل ـ پراجيل ـ سينگاريل ـ ناهه ٿوهه ڪيل ـ جڙيل ـ آرائش زده.

● مڙهو ۽ مڙها: ذ. (سن. مر (ي) ت. مر (ي) تڪم. پرا. مڙڍ = مڙهه). (ذ. صفت). پوڙهو ـ ڪمراڙو ـ ٻڍو ـ جهوڙ ـ عمر رسيده ـ پيرسن. هيٺو ـ ضعيف ـ نيستو ـ لاغر ـ هڏ هيڪو ـ ايرو ـ دربل ـ آلسپ ٻل ـ ڪمزور ـ بي زورو ـ بي پهچ ـ ناتوان. آلسي ـ مست ـ ڪاڪ ـ آرسي ـ ٽوٽي ـ سليوساٽ ـ ڏاڪن ڏيلو ـ شومتي ـ ڪم چور ـ ڪاهل. (ث. مڙهي ۽ مڙهيون). (سن. متڪ = جاءِ). بن پيٽن جي وچ واري هيٺاهين زمين (جا اڪثر وارياسي هجي ۽ ساهيءَ تي آباد ٿئي) ـ جهول. (ث). پوٽو ـ برپٽ ـ ميدان. (ڪ). (اسم خاص). تعلقي ڏڪڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ مڙهو ميدان: ذ. سڄ وارو ميدان ـ ڊڙهه. (ڪ) ـ برپٽ.

● مڙهو بولاڻ خان: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مڙهو راڄيجي: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهو هوڏڪو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهو ڪوڙڙي: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مڙهو هوڏ مارو وارو: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهو ولهور گهور: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهو ولهور جڳيئر: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

Gul Hayat Institute

● مڙهيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گهوڙا هارڻ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● مڙهيءُ ۽ مڙهيئونءُ: ث. (پرا. مڙيا = مڙهي. سن. مٺ + ايڪا = مڙهي). هندو فقيرن جي رهڻ جي جاءِ - جوڳي فقيرن جو آستان - سنياسين جو آستانو - مٺ - خانقاهه - درگاهه - مندر - ٽڪاڻو - ڏيوري. سماڌي. اوتارو - دائرو - مڪان. رهڻ جي جاءِ - گهر - جهوپڙي - پُنگي. جاءِ - هنڌ - ٽاڪ. مرير - جسم. (گاجرا).
● مڙهيءُ ۽ مڙهيئونءُ: ث. (پرا. موڙ. سن. مُشْٹ = مٺ > مُوٹَکَمُ > مُوءُ = پنڌڻ). رونبي لاءِ ڪيدل (جوئار هاڇهر). سارين جا ننڍا ٻلا - مڙهيءُ. ڪڪن جي موڙي (جا ڏيگهه يا مينهن جي سارمي نه مڙڻ جي حالت ۾ وڇهجي). موڙي - مٺ. (سن. مٺڀري). ماڪوڙيءَ جو هڪ قسم - ننڍي (اڇي) ماڪوڙي - آڏوهي. (گاجرا).
● مڙئيءُ: صفت. سپ - ڪُل - سڄوئي - مڙيئي - سارو - سڄو - سمورو - جملي - مڙيوئي.
- مڙئيءُ ڳالهيئونءُ ڪِڙ هُنَنءُ: تمام ڇڪو ٿيڻ. مڙئيءُ موچاريءُ ٿيڻ - تمام ڇڪو ٿيڻ - سيڪجهه ٿيڻ.
● مڙيءُ: ظرف. (مڙڻ مصدر مان). ميلي - ڪڏي - ڪڏجي - پيڙو ٿي - ڪنڌو. (آبيات سندي).
- مڙيءُ مڙيءُ: ظرف. ڪڏجي سڏجي - رلي ميلي - پيڙو ٿي - ڪنڌو ٿي.
● مڙيلءُ ۽ مڙيلَ: صفت. ڇهن سالن کان عمر وارو وهٽ. (جنهن کي سپ ڏند جاول هجن).
● مڙيوئيءُ: صفت. مڙئي مڙيئي.
- مڙيئيءُ: صفت. مڙئي - مڙيوئي.
● ميزاجُ ۽ ميزاجَ: ذ. (ع). طبيعت - خصلت - سڀاءُ - خوء - طبع - پرڪار - جسماني خاصيت - لاڙو - ڪيفيت - عادت - ڪُٽ - ڪُٽ - خاصيت. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٺ - دماغ - وڏنءُ - هوء - دم - اغماض - غرور - دوُر - ڪبر. ڇٽن عناصرن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڪيفيت. ملاوٽ - ميل - ملاپ - آميزش. ماده - ماهيت - اصليت - جوهر - تت - سار. (آصفيه).
- ميزاجُ ڪرڻُ: چڙ ڪرڻ - ڪروڌ ڪرڻ. مغرور ٿيڻ - هٺيلو ٿيڻ - دماغ ڪرڻ - ميجاز رکڻ.
- ميزاجيءُ ۽ ميزاجيَ: ذ. صفت. مزاج وارو. مغرور - هٺيلو - آيماني - مجازي - آڙيل - دماغي - هٺي. ذاتي - سياويڪ. سُوڪارو - ڏوراپو - وٽيڪ - وِڪوِڪيو - ڪيڇرو - وِسوِسيو - ڪِراهتي - نفرت آڻيندڙ.
● مُزاحَمُ: ذ. (ع. زحمَ). تنسگ ڪندڙ - رنج پهچائيندڙ - ڏکَ رسائيندڙ. اٽڪاءُ وجهندڙ. روڪيندڙ.
● مُزاحمَتَ: ث. تڪليف - مشڪلات - آهنج - زحمت - ڏکيائي - آڙڪائي - ڏک - ڪشٽ - ويڙن - پيڙا - درد - سور. روڪ - رندڪ - اٽڪاءُ. (ع سا - ڊ).
● مَزاخَ ۽ مَزاخونءُ: ث. (ع. مذاق). چرچو - ڪَهيو - مسخري - ڪل خوشي - چرچو ڪهيو - مزاح - مذاق - مشڪري - يوڳ.
- مَزاخيءُ ۽ مَزاخيءُ: ذ. صفت. مسخرو - بيدوشڪ - چرچائي - يوگائي - مذاقي - مزاحيه - مشڪرو.
● مَزارَ ۽ مَزارُونءُ: ث. (ع. زور). زيارت ڪرڻ جي جڳهه - زيارت گاهه. پير يا اولياءُ جو آستان. قبر - گور - تُربت - ٻُڌي - مرقد. (آصفيه).
● مَزارُ ۽ مَزارَ: ذ. جانورن جو هڪ قسم - شينهن - شير. (هيلا).
● مَزاراڻيءُ: امر خاص. ڪيترائن بلوچن جو هڪ قبيلو. (ت. بلوچستان). هڪ ٽئين جو ٽالو. (ڏ - ج - جو سير).
● مزادَنْبَ (ت): ذ. ڪاهه جو هڪ قسم. (ت - امين).
● مُزارِعُ: ذ. صفت. (ع. زَرَعَ) هاري - ٻني پوکيندڙ - ڪڙمي - هاري. (ع. ا. ڊ).
● مَزاريءُ: امر خاص. هڪ ذات جو ٽالو. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو (ست پاڙا: ا. بلوچاڻي

Gul Hayat Institute

۲. گلاڻي ۳. جورکاڻي ۴. کورکاڻي ۵. خيرد ۶. مدواڻي ۷. سمبلاڻي).

● مزاکَ ۽ مزاکُنُ: ث. (ع. مضحک = چرچو) چرچو - کِلَ - مسخري - مذاق - مزاحُ - گهڻو - رَوَنشو - تماشو - کِلَ خوشي. ٺٺولي - ٺٺري - نقط چيني - ٺٺول.

"متان کا مُنڊ ڪري موٽئ جي مزاک" (شاهـ - آبري).

حرکت - چيترائي - لُڇائي - ڪاوڙسڻائي - کيچل.

● مزدُورُ ۽ مزدُورَ: ذ. صفت. (ف. مزدُد = پورهيو + وَر = وارو) مزوريءَ تي ڪم ڪندڙ - مزور - پورهيت. هار ڪٽندڙ - بار گير - قلي.

■ مزدُوري ۽ مزدُورِيُونُ: ث. مزوري - پورهيو - ڏنڊو - ڪم - ڪِرت - محنت - مشقت. روزگار - مزوريءَ جو بدلو - آجرت - آجورو - ٽوازمو. (آصفيه).

■ مزدُوري ڪَرَنُ: مزوري ڪرڻ - محنت ڪرڻ - پورهيو ڪرڻ - ڏنڊو ڪرڻ.

● مزَلُ لوديُ (ڪ): ث. بندوق جو هڪ قسم - منهن کان پرڻ واري بندوق.

● مزَلِيُ (لس): ذ. گاهـ جو هڪ قسم. (پيلا).

● ميزُمانُ ۽ ميزُمانَ: ذ. صفت. (ف. مهمان جو بگڙيل) مهمانُ - دعوتي.

■ ميزُمانيُ ۽ ميزُمانِيُونُ: ث. مهماني. دعوت. ڪانو - ڪاڏو - جُڙَ - جهڳل. مهمان نوازي. خدمت - خاطري - چاڪري - ٽهل.

■ ميزُمانِيُ ڏِيَنُ: مهماني ڏيڻ - دعوت ڏيڻ - ڪانو ڏيڻ - ڪاڏو ڏيڻ - مهمان نوازي ڪرڻ.

● مزو ۽ مزا: ذ. (ف. مزهُ = لذت) شيءِ جي چکڻ سان معلوم ڪيل ڪيفيت - سَوادُ - ذائقو - لذت - ساءُ - لاءُ - لُطف - سُٺاءُ - رَسُ - رَسنا. چتَ - چڪي - چَشڪو - چَشَ - چَهر - ونڊ نا - چاڻي - شوق. حظُ - آنند - ذوق. خوشي - سرهائي. موج. جوبن - شباب - جواني. عيش - عشرت. پوڳ - تماشو. سڳنڌ - حِس - ڏَپُ - لاءُ ساءُ - چُوش. ڏيڪ - نماءُ - لقاءُ - ڏيکاءُ - آڏمبر - پيڪو - ناڻُ - ناهـ نُوهـ. جوبن - جواني - شباب - اوج - عُروج. حالت - ڪيفيت - ڪَٽ. (آصفيه).

■ مزا ڪَرَنُ: عيش ڪرڻ - لذتون ونڻ. خوشيون ڪرڻ. تماشا ڪرڻ.

■ مزا ڪترائيُ: موج وڻائڻ. چرچا ڪرڻ. (گاجرا).

■ مزا ماڻَنُ: عيش ڪرڻ. مزا ڪرڻ.

■ مزوُ آچَنُ: لذت اچڻ - سواد اچڻ - لطف حاصل ٿيڻ - ذائقو اچڻ - چَشڪو اچڻ - چاڻي اچڻ - چَشُ اچڻ. خوشي حاصل ٿيڻ - راحت ملڻ - موج اچڻ.

■ مزوُ چَکَنُ: ذائقو وڻڻ - مزو وڻڻ - لطف وڻڻ - سواد وڻڻ - چَشڪو وڻڻ - لذت وڻڻ. مزا ڪائڻ - ڪيئي جو ڏُلُ پوڳڻ - تڪليف برداشت ڪرڻ - مصيبت پوڳڻ. (آصفيه).

■ مزوُ چڏِي وَڃَنُ: ذائقي کان نڪري وڃڻ - بي سواد ٿي وڃڻ - لذت چڏي ڏيڻ - لاءُ ساءُ نڪري وڃڻ. خراب ٿي وڃڻ.

■ مزوُ ڏِسَنُ: تماشو ڏسڻ - پوڳ ڏسڻ. مزو چکڻ.

■ مزوُ ڏِيَنُ: لذيذ لڳڻ - سوادي لڳڻ. (گاجرا).

■ مزوُ ڪَرائِنُ: چرچو ڪرائڻ - پوڳ ڪرائڻ - مسخري ڪرڻ - چيڙائڻ. تماشو ڪرائڻ. وندر ڪرائڻ.

■ مزوُ ڪَرَنُ: تماشو ڪرڻ - تماشو ڏيکارڻ - لطف ڏيکارڻ - کيل ڏيکارڻ. (آصفيه). عيش ڪرڻ - موج ڪرڻ.

■ مزوُ نِڪَريُ وَڃَنُ: مزو چڏي وڃڻ.

■ مزوُ نٽ هُجڻُ: بي سواد هجڻ - خراب هجڻ - بدمزي هجڻ - بي ذائقي هجڻ.

■ مزوُ وَٺَنُ: لذت وٺڻ - لطف وٺڻ. عيش ڪرڻ. (آصفيه).

■ مزي جهڙوُ: صفت. تماشي جهڙو - کِلَ جهڙو - کِلائيندڙ - وندرائيندڙ. عجب جهڙو - حيرت جهڙو - عجيب - انوکو. وٺندڙ - دلچسپ - مزيدار - دلپسند - سُهائيندڙ.

Gul Hayat Institute

= مَزِيدارُ ع مَزِيدارَ: ذ. صفت. مزي وارو- لُطف وارو- لذت وارو- لذيذ- باذائقه- پُر لطف- سَوادي- ذائقيدار- مزي جهڙو- نيڻ ٽارُ- دل قرار- چَشڪي وارو- رَس وارو- وٺندڙ. دلچسپ- عجب جهڙو- حيرت جهڙو- عجيب- انوکو.

= مَزِيدارِيُ ع مَزِيدارِيُونُ: لذت- لطف- ذوق. رونق- انوکائي.

= مَزِي مِ آچَنُ: ڏاڍي موج ڪرڻ- گهڻا سواد وٺڻ.

= مَزِي مِ پَٽَنگُ و جهَنُ: لطف مِ خلل وجهڻ- سُکُ ڦيٽائڻ- آرام خراب ڪرڻ- محفل مِ رنڊڪ وجهڻ- عيش عشرت مِ انڪاءُ وجهڻ. دل تي بار ٿيڻ- طبيعت ڪي ناگوار لڳڻ.

● مَزُورُ ع مَزُورَ: ذ. صفت. (ف. مزدور= پورهيت) مزدوري ڪندڙ- مزدور- پورهيت- ڪَمي. حَمال. پَريَتُ. باربردار. محنتي- جفاڪش- آو رڇ. (ث. مَزُورِ، مَزُورِنُ ع مَزُورِ ٽيُون).

= مَزُورِيُ ع مَزُورِيُونُ: ث. ڪِرَكار- پورهيو- پورهيو ڪارهيو- مزدوري. حَمالي- باربرداري. مزور جو آجورو- مُواجب- روز- پاڙو- ڪِرايو- لوازمو. پتوڙ- محنت- ڪشالو- جاکوڙو.

= مَزُورِياٽِيُ ع مَزُورِياٽِيُونُ: ث. پورهيو ڪندڙ زال. (گاجرا).

● مَزِيدُ: صفت. (ع. زيد= زياده ڪيو ويو) زياده- وڌيڪ- گهڻو- جهجهو- بيسيار- سرس.

● مُزَيَّنُ: صفت. (ع. زَيَّنَ) زينت ڏنل. آراسته- سينگاريل- تَتُ وٽايل.

● مِزُگانُ: ذ. (ف). پَنبٽي- چِنيِرُ- پينجر.

● مَسَ: ث. لَجَ- شرم. (گاجرا).

● مَسَ: ظرف. مشڪل سان- لاچار- اڃا. فقط. وِرلي- ٿورو.

● مَسانُ: ظرف. مُشڪلات سان- ورلي- ڪَڏهين ڪَڏهين. (گاجرا).

= مَسَ مَسَ: ظرف. مشڪل سان- تمام لاچارسان.

= مَسهِين مَسهِين: مشڪلات سان- ڏکيائيءَ سان- ورلي- ڪڏهن ڪڏهن. (گاجرا).

● مَسُ ع مَسُونُ: ث. (پرا. مَس. سن. مَسِي). اکرن لکڻ جي پاٽيءَ- سياهي- روشنائي. مس رکڻ جي شيشي- مَسڪُپري- ڪُپي- دوات.

= مَسُ چِتَ ع مَسُ چِتَ (ت): ذ. صفت. ڪنجوس- مکي چوس- بخيل.

= مَسَ چِٽو ع مَسَ چِٽا: ذ. مس ڪي چهندڙ ڪاغذ.

= مَسُ چِتو ٽِيَنُ: ڪنجوس ٽيڻ. (گل- ص ١٠٩).

● مِسِ: صفت. (سن. مِشرَ= ڪڏيل) ڪڏيل- ملايل- حَتل. ڪڏ وچڙ. جمع- ڪنو- ڪڏ. (ذ). ڪڏ وچڙ ڏاتو (جنهن کي ڪيميا سان ٿيرائي سون يا چاندي ڪرڻو ٿئي).

= مِسِ ٽِيَنُ: ڪنو ٽيڻ- ڪڏ ٽيڻ- ميڙ ٽيڻ- جمع ٽيڻ. ڪڏ جڙ- پرسان لنگهڻ ڪري پاڻ مِ گهِجڻ- گَسَنُ- لڳڻ.

● مِسُ: ذ. (ف). ڏاتوءِ جو هڪ قسم- ٽامو. مَٽي ڏاتو. (گاجرا). بهانو- عذر- مِهڻ. (ث).

= مِسَ ڪَرَنُ (ث): ڊوڙنگ ڪرڻ- مِڪرُ ڪرڻ- مَڪَرُ ڪرڻ- بهانو ڪرڻ.

● مَسا: ذ. (ع). شام جو وقت- شام- سنجهيا- سانجهه- سانجهي. (آصفيه).

● مَسافَتِ: ث. (ع). منزلن جو فاصلو- مسافري- سَفَرُ.

● مُسافِرُ ع مُسافِرَ: ذ. صفت. (ع. مسافر= سفر ڪندڙ) مسافري ڪندڙ- سفر ڪندڙ. واٽهڙو- راهي- ويندڙ- راهه گير. سَيّاحُ- ياتري- سئلاني- پانڌيڙو- رَمتُو- گهُمندڙ.

= مُسافِراٽو ع مُسافِراٽا: ذ. صفت. مسافر جو- سفر ڪندڙ جو. (گاجرا).

= مُسافِرُ خانو ع مُسافِرُ خانا: ذ. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ- سراءِ- منزل گاهه- آستانو- ٽڪاڻو. اوطاق. اوتارو- داٽرو. مهمان سراءِ. ڏرمسال.

= مُسافِرِي ع مُسافِرِيُونُ: ث. سفر- سَيّاحي. ڪهه- آجهاڳو- آجهاڳ. سيلُ- سئر. ڪُوچ- روانگي- آسهه.

= مُسَاکہ ۽ مُسَاکَ: ذ. (ع. مِسْواکہ = مُسَاگ) مساڪ ڏندن کي صاف ڪرڻ ۽ چپن کي لائق لاءِ اکڙوت جو چوڏو. (گاجرا).

● مُسَاگ ۽ مُسَاگَ: ذ. (ع. مِسْواکہ = مُسَاگ). چپن کي گاڙهي ڪرڻ ۽ ڏندن کي صفا ڪرڻ ۽ چلڪائڻ جي ڪم ايندڙ هڪ وڻ جو چوڏو (هي وڻ اڪثر افغانستان ۽ ايران طرف ٿئي ٿو).

● مَسَالو ۽ مَسَالا: ذ. (سن. مَشَ = مهڻ). ڏاڍا مرچ وغيره - ويگر - ڪٽيل ڏاڍا مرچ - مصالح.

= مَسَالي دار ۽ مَسَالي دارَ: ذ. صفت. مسالي پيل (کاڌو) - مسالي وارو. ذائقي دار - سوادي. چهرو - سلوٽو.

● مَسَار ۽ مَسَارَ: ذ. مَسَارَ = وارَ جي پاڙ). چمڙيءَ ۾ ننڍو سلونگڙو (جنهن جي وسيلي پکهر باهر نڪري) - وار جي پاڙ وارو ٽُنگ - لُوڻ.

● مَسَان ۽ مَسَانَ: ذ. (سن. شَمْشانَ = جنگ جو ميدان، جتي ماڻهو مرن). هندن جي مُڙدن جلائڻ جي جاءِ - شمشان پوميءَ - سرڪهت - مڙدا گهاٽ - مَسَڻ. مساڻ جي رک - سڄ - پينگ - ڏڙيل جاءِ. فساد - جهڳڙو. (گاجرا).

= مَسَاڻِي ۽ مَسَاڻِيَ: مساڻ وارو - مساڻ جي رکپالي ڪنڊ - مڙدا ساڙيندڙ - شمشاني. ضدي ماڻهو. (گاجرا).

● مَسَاڻِيا (ث): اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● مُسَاوات: ث. (ع. سوي). برابري - همسري - هڪجهڙائي - سمتا - سمانتا - سَريکائي. مشابهت - هم سري - هڪجهڙائي. (الجبرا ۾ حسابي ڪم جو هڪ اصول جنهن ۾ ٻن طرفن رقمون برابر ڪري ملهه ڪيو جي). (گاجرا).

● مُسَاوِي: صفت. (ع). برابر - هڪ جيترو - يڪسان - هڪجهڙو - سَريکو. هم وزن - تل - سمان. هڪ جهڙو.

● مُسَائِڻ: مصدر. (سن. مُشْ = ڏکوئڻ). ڏُکائڻ - ڏاهڻ - پڪاڙڻ. تلف ڪرڻ - ناس ڪرڻ - ڪٽائڻ - اُجاڙ ڪرڻ - چٽ ڪرڻ - نابود ڪرڻ - ويران ڪرڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. مارڻ (ل). مجرم ڪرڻ - ڏهاري ڪرڻ (ت). (مُسائيو - مُسائيندو - مُسائيل).

● مَسْتُ ۽ مَسْتَ: ذ. صفت. (سن. مَتَ = نشو. ف. مست = چريو). پيتل - ڪيئو. نشئي - خماريل - الوٽ - سڪ - مگهن. چريو - متوالو - مجنون - ديوانو - سرمست - پاڳل. بيوقوف - بي عقل - بي سمجهه - چريٽ. مجذوب. بي پرواهه - مغرور - ان ڪاڻيو. هٺيلو - آپماڻي - دماغي - ٽهپو ڪڏڻو - لنڇو ٽپڻو - البيلو - رونشائي - لهري - چنچل. خفي - چِتو - هُوتڙيو - خفتي - سودائي - هورالو - ريجهي - خفقاني. شهوتي - ڪامي - ڪام آرٿي.

= مَسْتَانائِي ۽ مَسْتَانائِيَ: ث. چريائي - مستي - نشو. شهوت جو غلبو. (گاجرا).

= مَسْتَانِكو ۽ مَسْتَانِكا: ذ. صفت. مست جو - چربي جو - پاڳل جو. شرابيءَ جو.

= مَسْتَانُو ۽ مَسْتَانا: ذ. صفت. (ف. مستانه) مَسْتُ - چريو - پاڳل - ديوانو متوالو. نشئي - نشو پيتل - خُمارِيل - سڪ - الوٽ. چريٽ - اُلمت - چرياڻو - بيوقوف - بي عقل. عاشق - موهت - اڪن چڪن. جُنوني - خفقاني - سودائي - سَوالو - لهري. شهوتي - ڪامي - ڪامَ ارٿي. فقير - بالله واصل - الله لوڪ - درويش.

= مَسْتَانِيُ ۽ مَسْتَانِيَوُنْ: ث. چريائي - ديوانگي - مستي - پاڳلپڻو. شرابخوري - ڪيف - نشو - مَ ءُ - خمار - شرابپڻو. بي وقوفي - بي عقلي - ڪم عقلي.

= مَسْتَانُو ۽ مَسْتَانا: ذ. صفت. نشئي جو - شرابيءَ جو - مستانکو.

= مَسْتِيجَنْ: مصدر. پاڳل ٿيڻ - ديوالو ٿيڻ - چريو ٿيڻ. خمار جڻ - مَ ءُ چڙهڻ - مڱ ٿيڻ - سڪجڻ - نشو چڙهڻ - مستي چڙهڻ - شهوت ٿيڻ - ڪام ۾ پرجڻ - موهجڻ.

= مَسْتِيكو ۽ مَسْتِيكا: ذ. صفت. مست جو - ديواني جو.

Gul Hayat Institute

= مَسْتِيُ ۽ مَسْتِيَوْنُ: ث. چرپائي - كيائي - ديوانگي - پاگلپڻو - متوالائي. كيپ - نشو - مستي - مرَهُ - خمار - شرابپڻو. حركت - چيترائي - لچائي - كوسڪائي - كچل - خرابي - نقصان - خلل - زيان - زيانخوري - سستائي - سواسي. چنچلائي - چاگلائي - بي ضابطگي - چٽخن - لاڙ - ماڻو - ناز - نخرو - انگل - آرو - البيلائي - ريجالائي. بي وقوفي - بي عقلي - كم عقلي. سوداءُ - خفو - خفقان - سوالائي - لهر - جُنون. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٽ - دماغ - وڏنءَ - هوءِ - دم - اغماض - غرور - تكبر - وڏائي. شهوت - كام - ڏاجهه - حرص - موهه.

= مَسْتِيُ ٽِيٽُ: نشوٽيٽ - خمارٽيٽ - شهوت ٽيٽ.

= مَسْتِي چڙهنُ: نشو چڙهڻ. وڏائي ٽيڻ. چڙپائپ ۾ اچڻ. شهوت ٽيڻ. جوش اچڻ.

= مَسْتِيُ كَرَنُ: كيچل كرڻ - حركت كرڻ. چلولائي كرڻ.

● مَسْتَائِنُ: مصدر. (من. مَتَ = نشو) نشو بياري مدهوش كرڻ - نشي كرڻ - خمار ۾ آڻڻ - خمار چاڙهڻ. چرين جهڙي حالت كرڻ. (مستائيو - مستائيندو - مستائيل).

= مَسْتَائِيتو ۽ مَسْتَائِيتا: ذ. صفت. مست جو - نشي جو. (ظرف). شرابيءَ وانگر. چرپي وانگر.

= مَسْتَائِيُ ۽ مَسْتَائِيَوْنُ: ث. نشي جو جوش - شهوت جو جوش. من چلائي. مغروري - شوخي. (گاجرا).

● مُسْتَجَابُ: صفت. (ع. جوب = جواب ڏنل). جواب ڏنل - اقرار كيل - هاڻوكار كيل. مڃيل - قبول پيل - قبول كيل - آگهميل. (آصفيه).

● مُسْتَحَبُ: صفت. (ع) پسند كيل - پسنديده - وٽيل - چونڊيل. محبت كيل - پيار كيل - قرب كيل. (ذ). رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو كيل ۽ پسند كيل كوبه فعل. (آصفيه).

● مُسْتَحْكَمُ: صفت. (ع. حَكَمَ = مضبوط). مضبوط - پڪو - إستوار - مُحكم. (ع. ا. د).

● مُسْتَحِقُ: صفت. (ع. حَقُ). حق ركندڙ - حقدار - دعويدار. واسطيدار - لاڳاپيدار. مالڪ. لائق - قابل - جوڳو.

● مَسْتَرُ ۽ مَسْتَرَ، مَسْتَرُونُ: ذ. (ع. مسطر جو بگڙيل). ليكن كيڏ جي ٻني. رازكي كم جو هك اوزار - لپيي يا پٽ هموار كرڻ لاءِ كائيءَ جي چوڪنڊي دگهي لسي ٻني.

● مُسْتَرَدُ: صفت. (ع). رد كيل. روكيل. واپس كيل - ڏكيل. (آصفيه).

● مِسْتِرِيُ ۽ مِسْتِرِيُ: ذ. صفت. (انگ. ماستر = ماستر جاڻو. (پورچوگيز. مينسٽري). جاڻو. هنرمند - كاسبي - دستكار - كاريگر - هنري. اُستاد - ماهر - هوشيار - قابلكار - اُستو. داروغو. (سرويز جي هيٺان عملدار).

● مُسْتَزَادُ: ذ. صفت. (ع). زياده كيل - وڌايل. (ذ). اهو شعر جنهن جي هرمصرع يا بيت جي پنهان اهڙي تڪ لڳل هجي جو انهيءَ مصرع جي اول رُكن ۾ آخر رُكن جي برابر هجي. طُرو - تكرو. (آصفيه).

● مُسْتَطِيلُ: ۽ مُسْتَطِيلَ: ذ. (ع). كوني كنڊ چوكنڊو جنهن جا آهپان سامهان پاسا برابر هجن، پر ۽ پاسا نندا ۽ ٻه پاسا وڏا هجن.

● مُسْتَعِدُ: صفت. (ع. عَدَّ). تيار - موجود. لائق. (گاجرا).

● مُسْتَعْمَلُ: صفت. (ع). عمل ۾ آيل. كم ۾ آندل. مروج - رواج ۾ آندل - جاري - چالو - هلميل - هلندڙ. (آصفيه).

● مُسْتَغْرِقُ: صفت. (ع. غَرَقُ). غرق ٿيل - ٻڏل. غلطان - محو. لڳل (كم ۾) - رڌل - مشغول. (آصفيه).

● مُسْتَغْفِرُ: صفت. (ع. غَفَرَ). معافي گهرندڙ - استغفار كندڙ. (گاجرا).

● مُسْتَغْنِيُ: صفت. (ع. غنيٰ). بي پرواهه - مالدار - ڏنوان.

● مُسْتَفْسِرُ: صفت. (ع). استفسار كندڙ - پڇا گاڇا كري پڪ كندڙ. تحقيق كندڙ - محقق.

● مُسْتَفِيدُ: صفت. (ع. فَيْدَ = فائدو گهرندڙ) فائدو گهرندڙ - نفعو گهرندڙ. (آصفيه).

● مُسْتَفِيضُ: صفت. (ع. فَيْضُ = فيض خواهان) فيض خواهان - فيض گهرندڙ. (آصفيه).

● مُسْتَقْبِلُ: ذ. (ع. قبل = آئيندو) اڳيون ايندڙ وقت - آئيندو زمانو. (صفت). اڳ وارو - آئيندو - آئيندي جو - پَوَ شَڌ.

● مُسْتَقِرُّ: ذ. (ع. قرّ = ٹيڪاڻو) بيهڻ جو هنڌ - ترسڻ جي جاءِ - ٹيڪاڻو - ٹيڪاڻو - آستانو. اڈو. (آصفيه).

● مُسْتَقِلُّ: صفت. (ع). استقلال وارو - مضبوط - مستحكم - اٽلُ - اٽَرُ - برقرار - پائيدار - پڪو - استوار - قائم. دائم - هميشه. (آصفيه).

● مُسْتَقِيمُ مِزاجُ: صفت. پڪي ارادي وارو - محكم مزاج - ثابت قدم. گنبير - بردبار. (آصفيه).

● مُسْتَقِيمُ: صفت. (ع). سِڌو - سنئون - آپو - ڪڙو - سِڌو - ٻئل - عمود بيئل - سُوڌو. پڪو - پختو - ڏاڍو - مضبوط - قابو - سوگهو - اڇل - برقرار - ڪتبُ ڪوڙ. اِستر.

● مُسْتَكُّ ۽ مُسْتَكَّ: ذ. (سن. مُستَكَ) مٽو - سِرُ - سِري - سِسي - مُنڊي. پيشاني - نِراڙ (خاص ڪري هاٿيءَ جو).

● مُسْتَمَنْدُ: صفت. (ف. مُسْتَ = غم + مَندُ = وارو) غمگين - حاجتمند. (گاجرا).

● مُسْتَمَنْدُ: صفت. (ع. سَنَدَ = هن ٽيڪ ڏني) سَنَد يافته - سَنَد پاتل - تصديق ڪيل - ٽيڪ - برابر - اعتبار جوگو - پِرماڻِڪُ - معتبر. (آصفيه). نِجُ. (گاجرا).

● مُسْتُورات: ث. (ع). زالون - اِستريون - عورتون - ناريون. (صفت). سَتِر واريون - پردي واريون - اشراف (زالون). حرمسراء. (گاجرا).

● مُسْتُوئي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مُسْتَوِي: صفت. برابر - سَرِيکو - موافق - سنئون - سِڌو سنئون - پُورو پُورو. هڪ جيترو - هموار - هَمِ وَزن. سَمسٹل. (گاجرا).

● مُسْتَيُ ۽ مُسْتَيُون: ث. (سن. مُشْت = مٿو > مُسْتِيڊي > مُسْتِيه = مڇي جو انڈو = بيضو) ميڻان. ڳٽڙ مان ناهيل ڳاڙهي ڪنڊ. ڳٽڙ جي پيو ر.

● مُسْتَيُ خانُ: اسم خاص تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مِسْتَرُ: ذ. صفت. (انگ). ميان - محترم - صاحب - جناب. مانَ وارو - معزز. (آصفيه).

● مَسْجِدُ ۽ مَسْجِدُونُ: ث. (ع. سَجَدَ) سجدي ڈيڻ جي جاءِ - نماز پڙهڻ جي جاءِ - عبادت گهر - عبادت خانو - مَسِيت.

= مَسْجُودُ: ذ. جنهن ڏي سجدو ڪيو وڃي. (گاجرا).

● مِسْجَنُ: مصدر. (سن. مَشْتَرَ = گڏيل) گڏجڻ - ميلڻ. ميلاوت ٹيڻ. جمع ٹيڻ - ميڙ ٽڻ. رِلي ميلي وڃڻ.

● مُسْجَنُ (ت): مصدر. (سن. مُشْ = ڏڪوڻ) عادت ٹي وڃڻ - هير ٹي وڃڻ. نقصان هيٺ اچڻ - ٽوٽي ۽ پوڻ - مشڪلات ۾ اچڻ - برباد ٽيڻ.

● مَسْحُ: ذ. وضو جو هڪ رُڪن - وضوءَ ۾ هٿ منهن ڈوڻ بعد متي، ڳچيءَ، هٿن ۽ ڪنن جي مٿان هاٿيءَ وارا هٿ گهمائڻ جي حالت.

= مَسْحُ ڪَرَنُ: سَترَ ڪيڻ. (ل). وضو ڪرڻ. طهارت ڪرڻ. (ل).

= مَسْحُوءُ: ذ. وضوءَ جو هڪ پاڪو (وضوءَ ۾ هٿ، منهن، مٿو ۽ ڳچيءَ جي مٿان هٿ گهمائڻ جي حالت). (گاجرا).

● مُسْخَرُ: صفت. (ع. مُسَخَّر = تابع ڪيل) فتح ڪيل. جيتيل - ڪٽيل. قبضي ڪيل - ماتحت ڪيل. (آصفيه).

● مَسْخِرُو ۽ مَسْخِرا: ذ. صفت. (ع. مَسخره = چرچائي) مسخري ڪندڙ - ڪيلَ وجهندڙ. چرچائي - بَدُ وشڪُ - پوڪائي - مشكرو. رڙنشائي - تماشائي. (ث. مَسْخِري ۽ مَسْخِريُون).

= مَسْخِرِيُ ۽ مَسْخِرِيُون: ث. ڪيلَ - چرچو - پوڪ - ڪهڙو - مذاق - مشكري - تماشو - مزو - رڙشو - ولدر. چٽر - ٽوڪ - ٽوليي - ٽوڪزني.

Gul Hayat Institute

= مُسْتَخِرِ يائِي ۽ مُسْتَخِرِ يائِيُون: ث. صفت. مسخري ڪندڙ (عورت). (گاجرا).

● مُسْتَدَسْ: صفت. (ع. چهن پاسن وارو) چهن پاسن وارو - شَشْ پهلُو. (ذ). چهن منهرعن وارو شعر.

● مِسِيرْ ۽ مِسِيرَ: ذ. (سن. مِشَرَ = پُوڄ) پانيڙ - برهمڻ. (گاجرا). برهمڻ جي هڪ فرقي جو نالو. (اسم خاص). برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو. (ث). (ذ. صفت). ڪم ڪان نٽائيندڙ - گوسيڙو - نٽائو - ڪم ڪوس. بهانا ڪندڙ. (ث).

= مِسِيرائِي ۽ مِسِيرائِيُون: ث. پانيڙپاڻي - برهمڻ (زال).

● مَسَرَّتَ ۽ مَسَرَّتُون: ث. (ع. مَسَرَّةَ < سَرَّ = هو تمام خوش ٿيو) خوشي - سَرهائي - پرسنتا. راحت - فرحت - آنند - خُرسَندِي - خَرَّمي - شادماني. نشاط - آنند - سُک - ڪلياڻ - مَنڪَلُ. مؤج.

● مُسْرِفْ: ذ. صفت. (ع). فضول خرچ ڪندڙ - اسراف ڪندڙ - اجايو خرچ ڪندڙ. (گاجرا).

● مَسْرَنْ: مصدر. (سن. مر (ي) ج: مر (ي) د = مهڻ) مهڻ - ماڻ. (گاجرا).

● مَسْرُورْ ۽ مَسْرُورَ: ذ. صفت. (ع. سَرَّ = خوشي) سَرهو - خوش - نهال - شاد - پرسن - شادمان - مَنگهن - خُرسند - راضي.

● مِسْرِيْ ۽ مِسْرِيُونْ (ڪ): ث. (پيڙيءَ جي ڪَپيءَ ۾ وچ تي لڳل لوهي ڪلي. (ن. ب).

● مُسْڙِيْ ۽ مُسْڙِيُونْ (ل): ث. ڏاڙهي - سُونهاري - ريشَ. (ن. ب).

"مرد نڪرندي مُسْڙِيْ آميٽي آره سَتَ".

● مُسْڙِ ياروْ ۽ مُسْڙِ ياراْ: ذ. صفت. مصلحت وارو - ڏاهو - عاقل. (گاجرا).

● مُسْطَحْ: ذ. ڇت جو هڪڙو قسم، جنهن ۾ ڪهڪل ٽيل هجي، مگر ان جا شهتير ڏسڻ ۾ نه اچن. (گاجرا).

● مُسْطَرْ ۽ مُسْطَرَ: ذ. (ع). رازن جي سِرُن جي سِڌائي وٺڻ لاءِ ڪم آندل ڪاٺ جي پٽي - مُسْتَرَ - ليڪن پاڻ جو اوزار. (گاجرا).

● مَسْعُودْ: صفت. (ع. سعد = نيڪ) نيڪ - نيڪ بخت - سعيد بختاور - سعاد تمند - سڳورو - پاڳ وارو - خوش نصيب - پلارو. (آصفيه).

● مُسْقَطْ: اسم خاص. (ع. مسقط = ڪرڻ جي جڳهه) ايشيائي روم جي هڪ شهر جو نالو. (آصفيه).

● مَسْكَ ۽ مَسْكُونْ: ث. (سن. مَشْكَ = سانداري) سانداري - ڪَلبي - پخال - مشڪ - اوئي. پُئي - پُنا. (ڪ). مُئِيءَ ۾ پيل سُور. (ڪ).

● مَسْكِرات: ث. (ع. مُسْكِرَ) نشيدار شيون.

● مَسْكِنْ: ذ. (ع. سَكَنَ = رهڻ جي جاءِ) رهڻ جي جاءِ - جاءِ سڪونت - جاءِ قيام - قيام ڪاهه - گهرُ. مڪانُ - جاءِ - آستانو - خانو. (آصفيه).

● مَسْكُوْ ۽ مَسْكُا: ذ. (ف. مَسْكَه = مڪن) مڪنُ. (آصفيه). خوشامد. ڪاري پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم. (گاجرا).

= مَسْكُوْ لَڳائِنْ: خوشامد ڪرڻ. (گاجرا).

● مُسْكُوْ ۽ مُسْكَا: ذ. صفت. ٺلهو - ستارو - ڏمتال. (ذ). مڇيءَ جو هڪ قسم. (ڪ).

● مِسْكِيْنْ ۽ مِسْكِيْنَ: ذ. صفت. (ع. سَكَنَ = هو وينو) غريب - نِڌَرُ - تنهي دست - ڪَنگل - آتايو - مُفلس - نادار - ڪنگال - فاقه ڪش. عاجز - ويچارو - نماڻو - لاچار. لاتوان - اڌِمُ - بي وَس - بي پهچ - ڪم طاقت. بي حال - ضعيف. ڏُجهارو - ڏوڪي - دُکي. شامت زده - حَليمِ - بُردبار - نهڻو - نِرِ اپماني - نِرِ اهنڪاري - نماڻو - غريباڻو.

= مِسْكِيْنِي ۽ مِسْكِيْنِيُونْ: ث. اڻ هوند - ڪَٽلائي - محتاجي - غريبي - غُربت - ڪنگالپڻو - اِفلاس - وِلهائي - سُڃ - ناداري - حليمي - عاجزي - اِنڪساري.

● مُسَلَّحْ: صفت. (ع). هٿيار پنوهار پهريل - هٿياربند - شَسترڌاري - لُهتبدن سان تيار. (آصفيه).

● مُسَلْسَلْ: صفت. (ع). سلسلي بندي ڪيل - زنجير بند - لڙهي بند - مُتواتر - مُتصل - سلسليوار - هڪ پٺي پٺيان. (آصفيه) ترتيب وار.

● مُسَلَّطْ: صفت. (ع. مُسَلِّطَ) تسلط ڪندڙ - قبضو ڪندڙ - قابض - غالب. زورآور - طاقتور. (آصفيه).

● مُسَلَّمْ: ذ. صفت. (ع. مُسَلَّمَ) سالم رکيل - برقرار رکيل. پُورو - ڪامل - سلامت - سارو - سربستو - سمورو - سڄو - سالم - ثابت. سچ - ڪُل - سيوئي. سڄو سارو - سڄو ئي سڄو - صحيح سلامت. تسليم ڪيل - مڃيل - قبول ڪيل. مڃڻ جي لائق. ٺيڪ - پڪو - درست - اڪند پنهنجو - پُورو پُورو - معقول بين - بيشڪ - بلاشڪ - بجا. حوالي ڪيل - سپرد ڪيل - سونهيل.

● مُسْلِمْ: ذ. صفت. (ع. مُسْلِم) مسلمان - اسلام رکندڙ - محمدي - اهلِ اسلام.

● مُسْلِمانْ ≈ مُسْلِمان: ذ. صفت. (ع. مُسْلِمَ) اسلام قبول ڪيل - مذهب اسلام جو پيرو - دين احمد جو پيرو - مومن - مسلم. (آصفيه).

= مُسَلْمانْ ٹِيڻْ: اسلام آڻڻ - اسلام تي اچڻ - دين محمدي قبول ڪرڻ. (آصفيه).

= مُسَلْمانْ ڪَرَڻْ: اسلام ۾ آڻڻ - دين محمدي ۾ شامل ڪرڻ.

= مُسَلْمانِڪوْ: ذ. صفت. مسلمان جو - مسلمان وارو.

= مُسَلْمانِيْ ≈ مُسَلْمانِيُونْ: ث. صفت. مسلمان واري - مسلمان جي. (ت). اسلام - اسلاميت. سُنت - خَتنو - طُهرَ. (آصفيه).

= مُسَلْمانِياڻِيْ ≈ مُسَلْمانِياڻِيُونْ: ث. مسلم عورت. (گاجرا).

● مَسْلُوْ ≈ مَسْلا: ذ. (ع. مَسْئَله) مذهبي سوال - مسئلو. رِتَ - نُهراءُ - تجويز - راءِ.

● مُسَلْوْ ≈ مُسْلا: ذ. صفت. (ع. مسلم جو بگڙيل لفظ). مسلم - مسلمان.

● مَسْلُولْ: صفت. (ع). سِلهه جي بيماريءَ وارو - سِلهه جو مريض. (آصفيه).

● مُسَمَّاتَ: ث. (ع). عورتن جي نالي اڳيان لڳايل خطاب - عِلامت تانيث.

● مِسْمارْ: صفت. (ع). زبون - ناس - پائمال. (گاجرا).

= مِسْمارْ ڪَرَڻْ: ڌاهڻ. (گاجرا).

● مِسْ مِسْ: ث. آهستي ڳالهائڻ - پُڻ پُڻ - قُس قُس. ڪُجهو ڳالهائڻ.

= مِسْ مِسْ ڪَرَڻْ: آهستو ڳالهائڻ - مُس مُس ڪرڻ - قُس قُس ڪرڻ - پُڪار ڪرڻ - پُڪو ڪرڻ - پُڪات ڪرڻ. نَڙائڻ - گوهي ڪرڻ - گوڻڻات ڪرڻ - نَٽ نَٽاءُ ڪرڻ - ڪُس ڪُساءُ ڪرڻ - پاسو ڪرڻ.

= مِسْمِسْيو ≈ مِسْمِسْيا: ذ. صفت. پُڪات ڪندڙ - سَرَ پُر ڪندڙ - مُس قُس ڪندڙ - نڙائنو - گوهيَرُ - گوڻات ڪندڙ. نڙائيندڙ. بردبار - گنهيير - ديرينو - ڪانڊ وارو - تحمل مزاج - صبر وارو - صابرين - تحملي.

● مُسَنَّدْ ≈ مَسْنَدو: ث. (ع. سَنَدَ = وِهاڻو) وِهاڻو - ٽيڪيو. وِهاڻي واري جڳهه - وِهاڻو رکي ويهڻ واري جاءِ. ڪُندي - گادي - پُٽڪ. آسن - آسڻ - آستانو. تخت. ٽيلو - سنگهاسڻ - صندڙ.

● مُسْنَدَ: اسم خاص. سڪ گُرن جي گاديءَ تي ويهندڙن جي هڪ ذات جو نالو (اصل ۾ جاٽڙا ڪتري قوم ۾ سڪ گرن جي پاران ڏلون اڳاڙيندڙن جي سخت هلت ڪري، گرن جي ناراضپي سبب سند ۾ پناهگير ٿي انهن جو اولاد آيو ٿ مذهبي پرچار لاءِ درمشالائون فائم ڪيائون). (گاجرا). (ث. مُسْنَدياڻِيْ ≈ مُسْنَدياڻِيُونْ).

= مُسْنَدَ نَشِيْنْ: ذ. صفت. گاديءَ تي ويهندڙ - گادي نشين.

● مُسْنَدْ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾).

● مُسَنْبُ ≈ مُسْتَبْ (ڪ): ذ. چُهَنْڊڙِيْ - چُهَنْڊڙِيْ - چِمڙڪو. (جمع ۾) بدن تي فرحت لاءِ گهُمايل هٿڙا - ڏڙا - سُرڪار.

Gul Hayat Institute

ـ مُسْتَنْبَدَ ڏيڻُ: ٽنڊڑا ڪيڻُ. مٽي جي وارن مان جونئن ڪيڻ لاءِ مٽڑا گهمائڻ.

● مَسْتَنُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو ڪالو.

● مَسْتَنُ ۽ مَسْتَنَ: ذ. (سن. شْمَشَانَ=جنگ جو ميدان، جتي ماڻهو مرن) هندن جي مُردن جلائڻ جي جاءِ. سج-پينگ.

● مِسْتَنُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مِسْتَنْ جاگِيرَ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مَسْتَنُ: مصدر. (سن. مُتْسُ=ڏڪوڻ). بدبخت ٿيڻ. ڪمبختي ۾ پَوَنُ-شامت آڻڻ-آپاڳ لڳڻ-بُرائيءَ جتڑهڻ. تباهي ٿيڻ-ڪُٽَنُ-آجاڙ ٿيڻ-ستيا ناس ٿيڻ-مُسْجَنُ. تڪليف ۾ اچڻ. برباد ٿيڻ. ويسر ۾ اچڻ-پُلجڻ. ڏکوٽجڻ. (مُسيو (مُنو)-مُسْتَنْدو-مُسيل (مُنل)).

● مِسُو ۽ مِسا: ذ. (سن. مِشْرَ=ڪَڏيَلُ) گهٽن قسمن جي گڏيل آن جو آڻو-ٻن ڇٽن جنسن جي اناجُ جي آڻي ڪي مِلائي آن مان پچايل مانيُ-روٽلو-ڦڪي ماني-ٻهي سوادي روٽي. (گاجرا). تيلي ٻج وارو فصل (ت). ڪَمُ نہ اچڻ جهڙو-بيڪارُ-نِڪارُ (ث).

ـ مِسو ٽِسو: صفت. آلُوٽو سلُوٽو. (گاجرا).

● مَسْواڑَ ۽ مَسْواڑُون: ث. (جڳهه جو) پاڙو-ڪيرايو.

ـ مَسْواڑي ۽ مَسْواڑِي: ذ. صفت. پاڙي تي ويڻلُ-ڪيرايي دارُ.

● مِسْواڪَ ۽ مِسْواڪَ: ذ. (ع. استاكَ=هن مکيو). ڏَنڊنُ. مُساڳُ. (ع. ا. د).

● مَسُوحَبِ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مُسْتَوْدو ۽ مُسْتَوْدا: صفت. (ع. مُسْتَوده>ستوڈ=هن ڪارو ڪيو) ڪارو. ڪاري مس مان لکيل-تحرير ڪيل. پهرئين دفعي سرسري طور لکيل تحرير (جا اڃا صاف نہ ڪئي ويئي هجي)-ٻهرين ڪاپيُ-رَف ڪاپيُ. ڪچو نهڑاءُ خاڪو.

● مَسُو دِيرو: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۽ تعلقي جوهيُ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مَسُور: ث. (سن. مَسُرا). دال جو هڪ قسم-مُهريُ. (گاجرا).

ـ مَسُورَ جِيُ دالِ: ث. مُهري جي دال.

● مَسُو والو: اسم خاص. تعلقي ڪَشْمور ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مَسُوٽِيا (ت): اسم خاص. مينگهواڻ جي هڪ ذات جو نالو.

● مُسْهِيل: صفت. ع. قبضي ٽوڙ-قبض ڪُشا-جُلابُ.

● مَسْهُو ۽ مَسْهُو: صفت. نہ سهندڙ-حاسِدُ.

● مَسْهِيلو ۽ مَسْهِيلا: ذ. (ع. مَسْئَلَه). ڇڄ لائق گالهه-منجهيل سُوال. مشڪل گالهه. پِرْشْنُ. نهراءُ-رتُ.

● مِسِيُ ۽ مِسِيُون: ث. (پرا. مِسِيما. سن. مِيمْس+ايڪا=مِسِيُ. ف مِس=ٽامو). ڏندن کي مضبوط ڪرڻ جو ڪاري ۽ پُوري رنگ جو چُورو-سورهن سينگارن مان هڪ سينگار "موهيو مِسيُ ۽ پان، مٽس مرجان لڳي" (مفتون، مولوي همايون).

ڪاوڙي تيتر جي مادي. (ت)-ڪهڙي (ل). (نـب).

● مَسِيتِ ۽ مَسِيتُون: ث. (ع. مَسْجِدَ جو ٻگڙيل) مسجد.

● مَسِيتِڑِيُ (ل): ث. فراسينَ جي چيڻ جو هڪ قسم.

● مَسِيحُ: ذ. صفت. (ع. مسح). دوست. (اسم خاص). حضرت عيسىٰ عليه السلام جو لقبُ (فرشتن جي ٽيل مکڻ سبب حضرت عيسىٰ کي چيو ويو)-يسوعُ مسيحُ.

ـ مَسِيحِيُ ۽ مَسِيحِيُ: ذ. صفت. حضرت يسوع مسيحُ جو پوئلڳ-ڪرستي-ڪرستانُ.

Gul Hyat Institute

● مسيي ڏاڻي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. (ت. بلوچستان).
● مُسْمِيو: ذ. گدڙهه جو هڪ قسم - ميڙائين رنگ جو گدڙهه. (ن. ب).
● مَسِيو ٿِسو: صفت. الوٽو ستلوٽو - چٽهرو.
● مُشابِهَه: ظرف. (ع. شَبَهَ = وانگر) وانگر - وانگيان - طرح - جيئن - جهڙس - مثل.
- مُشابَهَت ۽ مُشابَهتُون: ث. هڪجهڙائي - مطابقت - موافقت - شبيهه - تشبيهه. برابري. پيٽ. لاڳاپو. بانو - ويس. شڪل - رُوپ. (آصفيه).
● مَشاري: صفت. مشهور - نالبرو - نامياروهاڪارو. (سچل).
● مَشاطَ: ث. (ع). عورتن کي سينگار وغيره ڪرائيندڙ عورت - حجامِنُ. (آصفيه).
● مُشاعِرو ۽ مُشاعِرا: ذ. (ع. مُشاعره > شِعْرُ = هن موتي پُوتا) شاعرن جو اجتماع. بيت بازي. (آصفيه).
● مَشالُ ۽ مَشالَ: ذ. (ع. مُشعل جو بگڙيل) ڪنوگي - ڏياڻي - مُشعل.
- مَشالچي ۽ مَشالِچي: صفت. مشعل ڪندڙ - مُشعلچي.
● مَشامُ: ذ. (ع). وارَ جي پاڙ وارو سنهڙو سوراخ (جنهن مان پکهر نڪري) - مَسامَ. (تاريخ سند).
● مُشاهَدو ۽ مُشاهَدا: ذ. (ع. مُشاهَده > شَهِدَ = هن ڏٺو) نظارو - ڏيک - منظر - ڏيکارو - لِماءُ. ديدَ - ديدار - درشن. جاچنا - ڏسڻي - معائنو. تماشو. لقاءُ. نور إلاهيءَ جو نظارو. قدرت جو تماشو. عيني تجربو - عيني ثبوت - اکين ڏٺو دليل - چشم ديده ثبوت.
- مُشاهَدو مانڻُ: ديدار ڪرڻ - لقاءُ ڏسڻ.
● مُشاهَرَه: ذ. (ع. شَهَرَ) مهيني سير مقرر ڪيل رقم - تنخواهه - پگهار - وظيفو.
● مُشائِخ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَشائِخُ ۽ مَشائِخَ: ذ. صفت. (ع شيخُ جو جمع، پر واحد ۾ ڪم ايندڙ) پيرسن ماڻهو. بزرگ. درويش. وَلِي. معزز.
● مُشائِخَ اوڏا: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُشائِخُ هُوٽِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُشْتُ: ث. (ف. مُشْتِ. من. مُشْتِ) مُڪو - مُڪ. ٿونشو - ڪُوسو.
- مُشْتِ زَنُ ۽ مُشْتِ زَنَ: ذ. صفت. (ف). ٿونشو هڻندڙ - مُڪ هڻندڙ. مُڪ هڻندڙ - هٿُ رسُ ڪندڙ.
- مُشْتَ زَنِي ۽ مُشْتَ زَنِيُون: ث. مُڪ هڻڻ جي حالت - هٿُ رسُ.
● مُشْتاقُ ۽ مُشْتاقَ: ذ. صفت. (ع. شوق) اشتياق رکندڙ - شائق - چاهيندڙ - آرزومند - طالب - خواهشمند - گهورو - خواهان. مڪايل - آڪنديو. سوهيتلُ - وَسُ ڪيل - متنُ ليُايل - عاشق - موهت - اکن چڪن. مُستدعي - مُنتظر - انتظار ڪندڙ. (آصفيه).
● مُشْتَبِهَه: صفت. (ع. شُبْهه) شڪ وارو - شڪيل - شڪي.
● مُشْتَرَكُ: صفت. (ع. شَرَكَ) شريڪ ڪيل - ڪنديل - ملايل - ڪڏيل. پائيوار - حصيدار.
● مُشْتَرِي: صفت. (ع. شَرِيَ) خريدار. وڪندڙ. (ذ). هڪ گرهه جو نالو. (هي سياروسيني گرهن ۾ وڏو، ڏرتيءَ جي قطر کان يارهوٽو قطر ۾، قطبن وٽ چپڙو ۽ وچ ٿلهو، سندس سال ڏرتيءَ جي سال کان بارهوٽو). (گاجرا). وسپت.
● مُشْتَقُ: ذ. (ع. شَقَّ = چيرڻ) ڪنهن لفظ مان چيرجي نڪتل لفظ (جو انهيءَ لفظ جي مصدر يا اصل لفظ مان هجي) - بنيادي لفظ - اشتقاق ڏاڪو. ماڏ - اصل - بُنياد - مادو.
- مُشْتَقُ اصْلِي: ذ. اصل لفظ ۾ ڪجهه ڦير گهير ڪرڻ سان تيار ٿيل لفظ. (علم نحو).
- مُشْتَقُ إضافي: ذ. اصل مصدر جي اڳيان يا پٺيان ڪنهن نشاني ملائڻ سان تيار ٿيل لفظ. (علم نحو).

Gul Hayat Institute

● مُشْتَمِلُ: صفت. (ع. شَمَل = شامل ٹيو) شامل ٹيندڙ - جُٽَ ٹيندڙ - گڏ ٹيندڙ - گڏ شامل - ڪَٺو. (آصفيه).

● مُشْتَهِرُ: صفت. (ع. شَهَرَ) اشتهار ڏيندڙ. ڏيڏورو ڏيندڙ - مُنادي ڏيندڙ. شُهرت ڏيندڙ - مشهور ڪندڙ. (آصفيه).

● مُشْتُ: ث. ماڻَ - چُپَ - خاموشيُ - سُڪاتُ - سُن سُڪاتُ - پٽَ - گُپ چُپَ - گُونگ پوڻُ - چُپَ چاپَ - چُپُ چُپاءُ - سُناٽو - مائيٽائيُ - سانتَ - مالوڙو - آرام - ڏامَ - سامتَ.

● مُشْتَبِهُ ۽ مُشْتَبِهَا: ذ. صفت. سڪهو - سڪهارو - ٻَٽيُ - ٻَٽاوانُ - ٻَٽيارُ - پَرُٻَٽ - ڪَراڙو - ڪڙاڪڙيُ. سترُو - سڪهارو - سڪهائتو - سٻَرُ - زوائتو زور پَريو - سڪتوُ - ڏُڏتيُ - سڪتيُ - سڪائتو. قرارو - تڪوانو - مضبوط - جاڏو - جبرو - ٻ پريل - ڏنڍو - سڪاڻو - جانڻو - سترُ وَترُ - ڏُڏنسو - مضبوط - ڏَميتال.

● مُشْتَرُ ۽ مشترَ: ذ. صفت. مشهورُ - نامياروُ - ناليوارو - هاڪارو. (ن. ب).

● مِشْرُ ۽ مِشْرَ: ذ. برهمڻ جو لقب - برهمڻ ڪي آدرپاءُ جو لفظ. (گاجرا).

● مُشْرِقُ: ذ. (ع. شَرْقَ) ڏينهن واري روشني نڪرڻ وارو پاسوُ - آپرندو - اوپرُ - پُورَبُ. (آصفيه).

- مُشْرِقِيُ: ذ. صفت. آپرندي جو - اوپرجو - پوربي.

● مُشْرِكُ: صفت. (ع. شِرک = شِرکُ ڪندڙ) شريڪ ڪندڙ - خُدا سان ڪنهن ڪي شامِلُ ڪندڙ - شِرڪ ڪندڙ. بُتُ پرُستَ - قبرُ پرُستُ. (آصفيه).

● مُشِرُوُ: ذ. ڪڏيل سيٽيُ ۽ ڪٽڻهَ.

● مُشْرُوطُ: صفت. (ع. شرْط) شرط ڪيل - شرْطيُ. (ع. ا. د). علمِ نحو جي اصطلاح ۾ ڪنهن شرط ڪيل جملي جي نتيجي وارو جملو - جزا. (علمِ نحو ٦١).

● مشِرُوعُ: ذ. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسمُ - ڪڏيل سوتي ۽ ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم. (گاجرا).

● مُشْتَرِيُ: اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

● مُشْتَعَلُ ۽ مُشْتَعِلَ، مشعلونُ: ذ. ث. (ع. شَعَلَ). مُشالَ - مُشْعالُ - ڪَٽڪيُ - ڏِياتُ - ڏِياتيُ - مُٽوُ.

- مُشَعْلَچِيُ: ذ. صفت. مَشْعَل ڪڍندڙ - مُٽي وارو - ڏِياتُ ڪڍندڙ.

● مُشْغُولُ ۽ مُشْغُولَ: ذ. صفت. (ع). شُغل ۾ لڳل - ڪم ۾ لڳل - رُڌَلُ - مَصْرُوفُ - آپار يَلُ.

- مُشْغُولِيُ ۽ مُشْغُولِيُونُ: ث. مصروفيت - وڪندي. ڪِرت - حاجَ - ڪمُ - ڏَنڊو - ڪارُ.

● مُشْفِقُ: صفت. (ع. شفق = مهربانُ) شفقت ڪندڙ - مهربان - شَفِيقُ. نوازش ڪندڙ - احسان ڪندڙ - پلائيُ ڪندڙ. ترسُ ڪائيندڙ - رحمدل - دَيالُوُ - ٻاجهارو. دَرد مَنڊ - غمگسارُ. رَفِيقُ - دوستُ ٻيارو. (آصفيه).

● مَشْقَ ۽ مَشْقُونُ: ث. (ع). روزانو ڪنهن ڪم ڪي وري وري ڪرڻ جي حالت - استعمال - آپاسُ - مُحاوَرو - ساڌنا. عادَت - هيرَ - نِيمَ - وِرْتاءُ - عَمَلُ. لِکَڻُ جو ڪمُ (شاگرد ڪي) - نَقلُ - ٻيرو يُ آتارو.

- مَشْقَ ڪَرائِنَ: استعمال ڪرڻ - اپاس ڪرڻ - مُحاورو ڪرڻ. شاگرد جو صورتخطي ڪي پڪوُ ڪرڻ.

- مَشْقَ ڪَرَنُ: مَشْقَ ڪَرائِنَ.

● مَشَقَّتَ ۽ مَشَقَّتُونُ: ث. (ع. شَقَّ) تڪليف - اهنج - ڏُکائي - هلاڪي - دِقَّت - تصديع - زحمت. پَتوڙ - ڪَهَ - ڪشالو - درد سري - جاکوڙو - جانفشاني - جدوجهدُ. پورهيو - لايو لڳايو. ڪم ڪار - ڏنڍو - ڪِرت - مزوري.

● مَشْكَ ۽ مَشْكُونُ: ث. اسمِ. (من. مَشَكَ) پاڻيُ پيَرڻُ جي چمڙ جي ٿيلهيُ - پَکالَ - ساندارو - سانداريُ - اوڻي - ڪَلي.

- مَشْكِيُ: ذ. صفت. مشڪ ڪڍندڙ - (پاڻي جي) مَشڪ پريندڙ. (گاجرا).

● مُشْكَ ۽ مُشْكُونْ: ث. (ف. مُشْكَ) ڪستوري - ڪتوري - خستوري. بنا سڳن هرڻ جي ڏڻ مان نڪتل هڪ خوشبودار مادو (چيو وڃي ٿو ته هي هرڻ ماڪ نيپال ۽ ختن ۾ رهن ٿا). هٿن پيرن جو پٺو - ڏورو - گوشت جو مڇو.

- مُشْكَ بِلائِي: بلي جي آنڊن مان نڪتل گهاڻي چربيءَ جهڙي خوشبوءدار لِيز (آفريڪا ۽ عربستان جي هڪ بلي جي آنڊن جي هيٺين پاڳي مان ڪستوري جهڙي خوشبوءدار ليز). (گاجرا).

- مُشْكَ بِلو: بلي جو هڪ قسم (جنهن جي آنڊن مان خوشبوءدار ليز نڪري ٿي). (گاجرا).

- مُشْكُونْ بَتڻ: پانهون ورائي پنيءَ پٺيان بڌڻ (جيئن آدمي پڇي نه سگهي) - پانهن جا ڏوراڙا بڌڻ - چڱوڪُنيو بڌڻ - پڇوڙڪي بڌڻ - بُشڪين بڌڻ.

- مُشْكِي: ذ. ڪستوريءَ وارو - سُرهو - خوشبوءدار. ڪارو گهوڙو - سانورو - سانولو.

● مُشْكُونْ جمع: گهوڙي ۽ شينهن جي ڪچيءَ جا وار. (گاجرا).

● مُشْكِرو ۽ مُشْكِرا: ذ. صفت. (ع. مَسْخره = چرچائي) چرچائي - پوڪائي - مسخرو.

- مُشْكِرو لڳڻ: مزو اچڻ - دل ڪي وڻڻ - راحت اچڻ - وندر ٿيڻ.

- مُشْكِري ۽ مُشْكِريُون: ث. چرچو - پوڪ - خوش طبعي - ظرافت - ڪِل پوڪ - مسخري.

● مُشْكِل: ذ. صفت. (ع. شَكْل = سخت) ڏکيو - اهنجو - اوکو - اولو - آهندو - اِل ولو - ڪٺن - ڏُهلتنب - ڏهيلو - سخت - ڪٺن - دشوار. تڪليف وارو. (ث). مشڪلات - اهنجائي - اوڪائي - تڪليف - دقت - مصيبت - دشواري - سختي - ڪشٽ. سوڙهه - تنگي - لاچاري - ضرورت - گهرج. آفت - ويڌنا - بپتا - آپدا.

- مُشْكِلات ۽ مُشْكِلاتُون: ث. اهنجائي - اوڪائي - تڪليف - ڏکيائي. سوڙهه - تنگي - لاچاري.

- مُشْكِلاتَ حَلْ ڪَرڻْ: ڏکيائيءَ مان چڏائڻ - مشڪل پڇڻ - اهنج دور ڪرڻ. مصيبت کان نجات ڏيارڻ - آپدا ٽارڻ.

- مُشْكِلْ كُشا: ذ. صفت. مُشڪلاتون دور ڪندڙ - ڏک لاهيندڙ - اهنج دور ڪندڙ. مصيبتون دفع ڪندڙ.

● مُشْكَنْ: مصدر. ٽورو ڪِلڻ - چپن ۾ ڪِلڻ - مُرڪڻ - پاهوهڻ. ڪِلڻ. خوش ٿيڻ - سرهو ٿيڻ. (مَشڪيو - مَشڪندو - مُشڪيَلْ).

- مُشْكُ ۽ مُشْكُونْ: ث. ٽوري ڪِلَ - پاهوهه - مُرڪ.

- مُشْكَنْ ڪُشْكَنْ: مصدر. ڪِلڻ - مُرڪڻ - پاهوهڻ. خوش ٿيڻ - راضي ٿيڻ - ريجهڻ.

● مُشْكُو ۽ مُشْكا: ذ. نيڍو هيرو - لالڙي.

● مَشْكُور: ذ. صفت. (ع. شُكْر) شُڪرگذار - شُڪرمند - شاڪر - مَمنُون - احسان مند.

● مَشْكُوڪ: ذ. صفت. (ع. شَكّ = شڪي) شڪ ڪندڙ - شڪي - شڪائتو - وَهمي - گمانبر - سَنسَئي - پيرمي. لڄارو - سنڪوچي - شرميلو - حجابي.

● مَشْوَرَتَ: ث. (ع. مَشوره) مَشورَه - صلاح - صلاح مصلحت - پٺت - مَتَ - نصيحت - راءِ - اڪل - خيال - ويچار.

● مَشْوَرو ۽ مَشْوَرا: ذ. (ع. مَشوره = صلاح) صلاح - مصلحت - مشورت. (آصفيه).

- مَشْوَرو ڪرڻْ: صلاح ڪرڻ - صلاح مصلحت ڪرڻ - تجويز ڪرڻ. سازش ڪرڻ - منصوبو بڌڻ - سِتَ سِتڻ. (آصفيه).

- مَشْوَرو وَٽڻْ: صلاح وڻڻ - صلاح مصلحت وڻڻ - راءِ وڻڻ - تدبير پڇڻ (آصفيه).

● مَشْوَري: اسر خاص. هڪ ذات جو ڪالو (اڪثر لاڙڪاڻي ۾).

● مَشُونكِڑُو ۽ مَشُونكِڑا (ڪ): ذ. جانور جو هڪ قسم.

● مُشَهِدو ۞ مُشَهِدا: ذ. (ع. شَهِدَ). نظارو - نِماءُ - لقاءُ - ديدارُ - ڏيکاءُ - مُشاهدو. رَوْنشو - چرچو - تماشو - کيل خوشيءَ - مزو - گهمت - وِنڈرُ - وِيارُ - کتلول - بازيءَ - کيلُ - مسخريءَ - سانگُ.

● مُشَهِدي: ذ. سڪهي جو هڪ قسمُ (روپيو، پر رُپئي کان گهٽيءَ قيمت وارو).

● مَشْهُورُ ۞ مَشْهُورَ: ذ. صفت. (ع. شَهَرَ) شُهرت کيل - هاڪارو - نامَ ڪڍيو - نامياروـ پَڌرو - نالي وارو - نامييءَ - نامِيوءَ - نالِيرو - پرسيڌ - مَعْرُوفُ - نامِوَرُ.

■ مَشْهُورائِيءَ ۞ مَشْهُورائِيُونُ: ث. شُهرتَ - آگهيتَ - پَڌرَ - پرڪاشُ - نالوءَ - نامِوَريءَ - ڏاکوُ. هاڪ - ناموسَ - ساراهَ. شُهِيدَ.

■ مَشْهُورِيءَ ۞ مَشْهُورِيُونُ: ث. ناموري - هاڪ - ناموس - ساراهه.

● مَشِيّاتِ: ث. (ع). خواهش - ارادو. (گاجرا).

● مُشِيرُ ۞ مُشِيرُ: ذ. صفت. (ع). مَشْوَرو ڏيندڙ - صلاح ڏيندڙ - صلاحڪارُ. تدبير ٻڌائيندڙ.

مَنِيتريءَ - ڪارڪُنُ - وَزيرُ - ديوانُ - سيا سَڌُ - مَيمبرُ. چڱو مڙسُ - وَڏيرو - پنچُ - مُکيءَ.

■ مَشِيرِپَ نامو ۞ مَشِيرِپَ ناما (ت): ذ. صلاحڪار - جماعت جو تحريريءَ فيصلو. معتبر ماڻهن جو فيصلو.

■ مَشِيرِيءَ ۞ مَشِيرِيُونُ: ث. ميمبريءَ. وزيريءَ.

● مِشبيءَ مِشِيءَ (ڪ): ث. خوشامدَ - چاپلوسيءَ.

■ مِشيُونُ مِشِيُونُ ڪَرڻُ (ڪ): خوشامد ڪرڻ - چاپلوسيءَ ڪرڻ.

● مَشِينَ ۞ مَشِينُونُ: ث. (انگ. مِشْنِ = ڪَلَ) ڪَلَ - پُرزو هڏُ جوناهيل اوزارُ. (آصفيه).

■ مُصاحِبُ ۞ مُصاحِبَ: ذ. صفت. (ع. صُحبَ = سنگتي). سنگتي - ساٿيءَ - دوست - يارُ - سَجَنُ - ميتُ - گهٽگهرو - اخلاص مَندُ - همدردُ - غمگسارُ - آسا پَڪَندُ - رَفيقُ - صُحبتيءَ. چاوڙيءَ نائبُ.

■ مُصاحبتَ: ث. سنگتَ - دوستيءَ - يارِيءَ - سَجَڻپائيءَ. صُحبتَ. اخلاصَ - همدَرديءَ - سجڻپائيءَ - گهٽگهرائيءَ - همدرديءَ. رفاقتَ. (ع. ا. د).

● مُصافَحَهُ: ذ. (ع. صَفَحَ = هتُ ميلاءُ). ملاقات وقت هتَ ملائڻ جي حالت - هتُ ميلاءُ - خوش خوش - خوش خيرعافيت - دست بوسي ڪرڻ.

■ مُصافحو ڪَرڻُ: هت سان هت ملائڻ - خوش خوش ڪرڻ - خيرعافيت ڪرڻ - دست بوسي ڪرڻ.

● مَصالِحَ: ذ. (ع). مصالو - مسالو - ڪاڏي ڪي مزيدار ڪرڻ وارو وکر (مرچ، لوڻ وغيره) - ويڱڻُ. شئي شڪل - سامِگريءَ - ڪنهن به مرڪب ڪي ٺاهڻ لاءِ ڪچو سامان - جاءِ ٺهرائڻ جو سامان - سُرُسات. پسار - جڙيءَ ٻوٽيءَ. خوبيون - پلايون.

■ مَصالِحدارُ ۞ مَصالِحدارَ: ذ. صفت. مَصالِحُ وارو - ويڱڻُدارُ - چهرو - سلوٽو.

■ مَصالِحدانيءَ ۞ مَصالِحدانِيُونُ: ث. مَصالِح رکڻ جي ٻيتيءَ.

■ مَصالِح ڏِيڻُ (ت): چمڙيءَ کي پاڻي، چوني ۽ ڪاريءَ ڪار ۽ وڃيءَ رکڻ.

■ مَصالِح گَڏَڻُ (ت): ڪُوئر جو ٻَڌُ آلو آڪُ ۽ پاڻيءَ گڏڻ.

● مَصالحتُ: ث. (ع. صُلح). صُلح - ميل - ميلاپَ - ناهه - صُحبتَ. (آصفيه).

● مُصحَفُ: ذ. (ع. صَحَفَ). قرآن ڪريم - قرآن حميد - مسلمان جو خدا کان نازل مذهبي ڪتاب - ڪلام الله - چمن جي لائق ڪتاب. محبوب جو سُنهڙُ. (آصفيه).

● مِصداقُ: ذ. (ع). صِدقُ يا سچائيءَ جو هٿيار. صداقت جو ثبوتُ - سچائيءَ جي ثابتيءَ - گواهي - شاهدي - ثبوت. (آصفيه). (صفت). تصديق ڪيل - خاطريءَ ڪيل. موافقُ - برابر.

● مَصدَرُ ۞ مَصدَرَ، مَصدَرُون: ذ. ث. (ع). ڪرڻ جي جاءِ - صادر ڪيڻ جي جاءِ - جاه

Gul Hayat Institute

صدرُ. مُولُ - مُنْبَعُ - بُنْيادُ - أصلُ - مُنْهَنُ - ڏُر - مُهِڪُ قِيرِيُ اچڻ جي جاءِ - موڻي اچڻ جي جڳهه. اشتقاق - ڏاتُو (ڪنهن لفظ جو). فعل جي اها سادي صورت جا ڪنهن ڪر يا حالت جي معنيٰ ڏيڪاري - اسم مصدر - نمت ارث. (علم نحو).

■ مصدر تَرْڪِيبِيُ: ذ. ث. علم نحو جي اصطلاح ۾ اهو مصدر جنهن جي معنيٰ مصدر ۾ نه نڪري - حاصل بالمصدر. مثلاً: "ڪرڻي، پڙڻيُ، چوڻيُ وغيره". (علم نحو ٦٥).

■ مَصْدر جَعْلِيُ: ذ. ث. اهو مصدر جو ڪنهن پي هوليءَ جي لفظ پٺيان "ڻ" وڌڻ سان ٺهي. مثلاً: "طلبڻ = ڪَتَشڻُ وغيره". (علم نحو ٦٥).

■ مَصْدر حَقِيقِيُ: ذ. ث. فعل جو هڪ قسم. مثلاً: "ڪرڻ، چوڻ وغيره". (علم نحو ٦٥).

■ مَصْدَر وَضْعِيُ: ذ. ث. مصدر حقيقي. (علم نحو ٦٥).

● مُصَدَّقُ: ذ. صفت. (ع. صدّق) صدق جو - سچو - حقيقي - حقي. شاهد - گواهه. (ع. ا. د)

● مِصْرُ: ذ. (ع). شهر - بلده - نگر. هڪ شهر جو نالو (جنهن کي مِصْرُ پٽ نوح آباد ڪيو هو). آفريڪا کنڊ جو هڪ مشهور مُلڪ. (آصفيه). زالن جي مٿي جي وارن تي پَڌل ننڍو ڪنڊو ڪپڙي تُڪر - ڪَساهو. ڪيس آبو. (ڪ).

■ مِصْرِيُ ۽ مِصْرِيُ: ذ. صفت. مصر جو - مصر وارو. مصر جو ويڙل - مصر جو رهاڪو. (ث) مصر مُلڪ جي هولي.

● مُصِرُ: صفت. (ع. صرّ = اصرار ڪندڙ). امداد ڪندڙ - وري وري چوندڙ - (ڪنهن ڪر ڪرڻ لاءِ) زور پريندڙ.

● مِصْرِ جِيُ واءِ: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. (لست).

● مِصْرَعَ ۽ مِصْرَعُونُ: ث. (ع). لغوي معنيٰ ۾ دروازي جا طاق. اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر جو اڌ حصو. مثلاً:

"ويو اخلاص عالم مان عجب هي دؤر آيو آهه،
ڏجي هرڪو ٿو ظالم ڪان عجب هي دؤر آيو آهه".

مٿين شعر ۾ ٻه مصرعون آهن، جن مان پهرين ست ڪي مصرع اولهين ۽ ٻيءَ ڪي مصرع ثاني چئبو آهي - اڌ شعر. ڪافيءَ جو هڪ ٽڪرو.

● مَصْرُوفُ: ذ. صفت. (ع. صرف = مشغول) مشغول - رڌل - لڳل - جُتيل - قائل (ڪر ۾). صرف ڪيل - خرچ ڪيل. قربان - واپس آيل - موڻي آيل. (آصفيه).

● مِصْرِيُ ۽ مِصْرِيُونُ: ث. مٺاڻ جو هڪ قسم - ڪنڊ جي چاش مان ٺهيل بلورن مثل مٺاڻ. (ع). تمام تکي تلوار. شراب جو هڪ قسم - تمام تيز شراب. پيڙيءَ جو هڪ عضوو - رود (ڪپيءَ) جي وچ واري ڪلي يا سرائي. (اسم خاص). تعلقي موري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو. (ت).

● مِصْرِيُ پُورُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. (لست).

● مِصْرِيُ شَاهُ: اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. (لست).

● مُصْطَفىٰ: صفت. (ع. صفوَ = چونڊيل) پُهتل - برگزيده و. خراين ڪان پاڪ. مُجتبيٰ. چونڊيل - ڏاڍيل - پسند ڪيل - مقبول - منظور نظر. (اسم خاص). حضرت رسول مقبول احمد مُجتبيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو لقب.

● مُصْطَكِيُ: ث. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (هيدي رنگ تي ڪنهن وڻ جو ڪوڙ).

■ مُصْطَكِيُ رُومِيُ: ث. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم.

● مُصَفّىٰ: صفت. (ع. صفوَ = پاڪ). صاف - صاف ڪيل - صفا - نرمل - اوجل. پاڪ (آصفيه).

● مُصْلِحُ: صفت. (ع. صلح). اصلاح ڪندڙ - درستي ڪندڙ - سڌارندڙ - سڌارڪ. (ع. ا. د).

● مَصْلَحَتَ ۽ مَصْلَحَتُونُ: ث. (ع. صلح). نيڪ صلاح - نيڪ مشوره - مناسب تجويز. صلاح - مت - مشورت - ڪٽ. آپاءُ - وجهه - تجويز - بيلو - اڪل - ٽنڊ. حڪمت علي - نيتي - تدبير - جترائي - سياڻپ - ڏاهپ. خوبي - چڱائي - پلائي - نيڪي - عمدگي. (آصفيه).

■ مَصْلَحتاً : ظرف. نيڪ صلاح سان. دلي پادلي- جاڻي واڻي- پاڻمرادو- پنهنجي خيال سان.

■ مَصْلَحتَان : ڏ. صفت. صلاح ڏيندڙ- صلاحڪار- نصيحت ڏيندڙ. صلاح مصلحت ڪندڙ. تجويز ڪيڙي ڏيندڙ- اڪل سڪل بتائيندڙ.

● مُصَلّو : ڏ. (ع. صَلي) نماز پڙهڻ جي جاءِ- عبادت گاهه- مسجد. نماز پڙهڻ جي لاءِ ڏيو ٿڏو يا غاليچو- نماز پڙهڻ وارو ڪپڙو- جاءِ نماز.

● مُصَلْصَلُوب : ڏ. صفت. (ع). سُوريءَ تي چاڙهيل- قاسي ڏنل. (گاجرا).

● مُصَمِّم : صفت. (ع). پڪو- پختو- مستقيم- آستوار- محڪم- اٽل- ان ڦر. (آصفيه).

■ مُصَمَّم اِرادو : پڪو ارادو- عزم بالجزم- پختو قصد- مُحڪم اِرادو- مضبوط خيال- اٽل فيصلو- پختو ويچار. (آصفيه).

● مُصَنِّف : ڏ. (ع. صَنَّفَ = هن ناهيو) تصنيف ڪندڙ- ڪتاب ناهيندڙ- مؤلف. ڪتاب لکندڙ- ليکڪ- ڪرنٽ ڪار- ليويس.

■ مُصَنِّفِي : ث. تحرير- ليکيت- تصنيف- مؤلفي.

■ مُصَنِّفِي جو حَقّ : ڏ. حق تصنيف.

● مَصْنُوعِي : ڏ. صفت. (ع. صنع) هٿراڏو- بٽايل- ناهيل. بناوٽي- جعلي- جوڙتو- نقلي- تقليدي.

● مُصَوِّر : ڏ. صفت. (ع). تصويرون ناهيندڙ- چترڪار. ڪمانگر- نقاش. رنگ ڏيندڙ- رنگ ساز. (آصفيه).

■ مُصَوِّرِي : ث. چترڪلا- تصويرڪشي- چترڪاري. ڪمانگري- نقاشي. چتسالي- نقش- چٽ. رنگسازي.

● مُصِيبَت : ڏ. (ع. صوب) ڏکيائي- دشواري تڪليف- اهنج- زحمت- ڪشٽ. درد- ڏک- رنج- الدوهه. ايذاءُ- اهنج- پيڙا- سور- آزار. آپدا- آفت- بلا. شامت- غضب- ويڌن. نحوست- ڪمبختي- نياڳ- برائي- بدبختي. صدمو- حادثو.

■ مُصِيبَت زَدَه : صفت. مصيبت جو ماريل- ڏکن جو ستايل- آفت زده. غمزده. ڪمبخت- نياڳو- بدبخت.

● مُضارِع : ڏ. (ع). ٽين جهڙو- ٽيٽو- سمڪن- سمياويه. الاجي- جيڪس- جيڪر- شايد. ڪجهو- لڪل. امڪاني- گماني- شڪي. علم نحو موجب هڪ زمان جو نالو.

● مُضاعَف : ڏ. صفت. (ع). ٻيڻو- ٻيتو. (اسم). اهو لفظ جنهن جي ڇاڙيءَ ۾ ساڳي قسم جو ٻيو لفظ اچي. (گاجرا).

● مُضاف : ڏ. (ع). ٻئي سان تعلق رکندڙ اسم.

● مُضاف اِلَيْه : اهو، جنهن سان ٻيو اسم لڳايو وڃي. مثلاً: "ڪاٺ جو گهوڙو"، "گهوڙو" مضاف آهي. "جو" حرف اضافت ۽ "ڪاٺ" مُضاف إليه آهي.

● مُضامِين : ڏ. (ع). مضمون جو جمع- مضمون- بيان.

● مَضْبُوط : صفت. (ع. ضَبْطَ) ضبط ڪيل- قبضي ڪيل. پڪو- پختو- ڏاڍو- سخت. قابو- موڪو. مستحڪم- محڪم- اٽل- اڇل- برقرار. نهرو- گهاٽو. پريل (پُٽ ۾) - مائيدار- ڳوڙهو- وزنائتو- سنگين. ڏڍو- ستو- دونسو- مُڪو- ڏڳ- يڪتو. جاڏو- سکهو- سترو- قوتي- قرارو- جانڙو- جُنگ. سورهيه- سورمو- بهادر- شهزور.

■ مَضْبُوطُ رهڻ : قوي دل رهڻ- قائم رهڻ- ثابت قدم رهڻ- اٽل رهڻ- برقرار رهڻ.

■ مَضْبُوطُ ڪرڻ : جمائڻ- پڪو ڪرڻ- آماده ڪرڻ- پختو ڪرڻ.

■ مَضْبُوطِي : ث. پڪائي- آچلتا- پختائي- ڏيرج- ثابت قدمي. جناءُ- پائداري- هندَ- ٽيڪاءُ- تائيد- پُشتي- پختگي. زور- بل- طاقت- سکهه- سکهيت- شڪتي- تيج- ست- توفيق- سامرٿي. نيهراني- گڙهائي- گهاڻائي- گهاڻاڻ- گهات.

Gul Hayat Institute

● مُضْحِكُ: ذ. صفت. (ع. ضَحِكَ) مسخرو - كِلائيندڙ - چرچائي - پوڪائي.
● مُضِرُّ: صفت. (ع) ضَرَرُ = ضَرر پهچائڻ وارو) ضرر پهچائڻ وارو - نقصان ڏيندڙ - نقصانڪار - غير مفيد.
"مُضِرُّ تان مون کي کِٽا حڪيمن هزار"
(آبري - شاهه).
زهريلو - زهردار - فاسد. ٽوپي جهڙو - ڇيهي جهڙو. اڳرائي ڪندڙ - چڙ ڏيارندڙ.
= مُضِرُّتُ: ث. ضَرَرُ - زِيانُ - هاڃوُ - ڇيهو - هَرَجُ - چوتَ - نقصان - ٽوٽُ - ٽوٽوُ. ايذاءُ - سُورُ - دَردُ - ڏُکُ - ڪشٽُ.
● مِضْراب: ع مِضْرابَ: (ع. مِضْراب = لوهي ڇلوُ). لوهي ڇلوُ. اڳريُ ۾ پائي ستار وڄائڻ جو لوهيُ ڇلوُ. ضَرْبَ (ل) - جَرَبُ (ڀ). (آصفيه).
● مُضْطَرُّ: صفت. (ع) ضرر پهتل - نقصان پهتل. تڪليف ۾ ڦاٿل. بيقرارُ - بي آرامُ - بي چينُ - بيتابُ - مُضْطَربُ - وِياڪُل - پريشان - ماندو. بي وس - ويچارو - لاچارُ. (آصفيه).
= مُضْطَرِبُ: صفت. بي چينُ - بي آرام - بي قرار - مُضْطَرُ.
● مُضْمَحِلُّ: صفت. (ع). محُو ٿيندڙ - ڪمزور - ٽڪل - ڏُهرو - لاغر - آپرو. مُسْتُ - ڍِلو - ڪاهِلُ. اداس - غمگين - دلگير - مغموم - فِڪرمند. (آصفيه).
● مُضْمَرُ: صفت. (ع. ضَمَرَ). پوشيده - ڍڪيل - ڇپايل - لڪايل - مخفي. دل ۾ رکيل - راز ۾ رکيل - ڳجهو - لڪل. (آصفيه).
● مَضْمَضُو: ع مَضْمَضا: ذ. ڪُرڙيُ.
● مَضْمُونُ: ع مَضْمُونَ: ذ. (ع ضَمَنَ) مطلب - بيان - عبارت. مقالو. تقرير - وِياکيان - ايڪجرُ. ليکُ - آرٽيڪل - انشا - ايڊيٽوريل. ڳالهه - معنيُ - مُدعا - هار دُئيُ - سارُ - تاتپرجُ. ڳالهه - سخنُ - وچن - قولُ. (آصفيه).
= مَضْمُونُ نِگارُ ع مَضْمُون نِگارَ: ذ. صفت. مضمونَ نويس - مضمون لکندڙ - مقالو لکندڙ - بيان لکندڙ مهتمر - سَمْپادِکُ - اخبار نويس - ايڊيٽرُ. ليکڪ - ليکاري.
= مَضْمُون نِگاريُ ع مَضْمُون نِگارِيُونُ: ث. مضمون نويسي. ايڊيٽري. (آصفيه).
= مَضْمُوُنُ نَوِيسُ ع مَضْمُوُنُ نَوِيس: ذ. صفت. مضمون لکندڙ - مضمون تيار ڪندڙ - سمهاڪ - ايڊيٽر. (گاجرا).
= مَضْمُوُنُ نَوِيسيُ ع مَضْمُوُنُ نَوِيسيون: ث. لکندڙ جو ڪر - لکندڙ جو ڏندو - لکڻ جو هنر. (گاجرا).
● مُطابِقُ: صفت. (ع. طَبَقَ). مُوافِقُ - برابر. يڪسانُ - هم رنگ - هم صورت. مانند - وانگر - جيان - طرح - جي برابر - مُشابهه - جهڙسُ - اُن جهڙو - ساڳيو - نيس پيس. (آصفيه).
= مُطابَقَتُ: ث. مُوافقت - برابري - يڪسانيُ مُشابهتَ - اُن جهڙائيُ.
● مُطالَبُو ع مُطالَبا: ذ. (ع. مطالَبهُ > طَلَبَ = هن گهر کي). طَلَبَ - گهُر - دعويٰ - نالش - مانگ - طلبيُ - تقاضا. حق جي ڪولها - حق جي گهُرَ. قرض. واجب الطلب رپيا. (آصفيه).
= مُطالَبُو ڪرڻُ: گهُرڻ - گهُر ڪرڻ - طلبڻ - طلب ڪرڻ - دَعويٰ ڪرڻ - تقاضا ڪرڻ - مانگ ڪرڻ - دعويدار ٿيڻ.
● مُطالَعُ: ذ. (ع. طَلَعَ). ڪِتاب بِينيُ - پڙهڻ - پڙهائي - پهاڻُ - دَرسُ - آپياسُ - پڙهيُ - تحصيل. ڪنهن شيءَ کي انهن جي واقفيت پيدا ڪرڻ لاءِ ڏسڻ جي حالت - غوُر - توجه - ڌيان - خيال - ويچار - خوُض - تامّل. (آصفيه). واقفيت - جاڻ - سُڌ - خبر - سَماءُ - پَرُوڙَ. (ع. ا. د).
= مُطالَعُ ڪرڻُ آپياس ڪرڻ - پڙهڻ - يادڪرڻ - پهاڻُ ڪرڻ - واچنُ - ڪتاب ڏسڻ - اڳتي سبق سکڻُ. غوُر ڪرڻ - ڌيان سان ڏسڻ - توجه ڪرڻ - خوُض ڪرڻ. واقفيت رکڻ - جاڻَ رکڻ - سُڌَ هجڻ - پَرُوڙ رکڻ.

Gul Hayat Institute

= مُطالَعو ۽ مُطالَعا: مُطالَعُ.
= مُطالَعو ڪرڻُ: مُطالَعُ ڪرڻ.
● مُطَبَّ ۽ مُطَبَّ: ذ. (ع). حڪيمن جي ويهڻ جي جاءِ - ويج گهر. دواخانو - حڪمت خانو - اسپتال - شفاخانو - شفا گهر - صحت گهر.
● مُطَبَّخُ: ذ. (ع) رڌپچاءُ جي جاءِ - بورچيخانو - رنڌڻ ٽو - رَسُوئي گهر.
● مُطَبَّعُ: ذ. (ع. ذ. (ع. طَبَعَ = هن ڇپيو) ڇاپڻ جي جاءِ - ڇاپخانو - پريس.
● مُطَبُّوعُ: صفت. (ع طَبَعَ = هن ڇپيو). طبع ٿيل - ڇاپيل - ڇپيل - پرنٽ ٿيل. (آصفيه). پسند ڪيل - دلپسند - مرغوب. (آصفيه).
● مُطْرِبُ ۽ مُطْرِبَ: ذ. صفت. (ع طَرَبَ = هو نچيو). گائيندڙ - گويو - ڪلاونت - ميراثي - قوال - راڳيندڙ - خوش ڪندڙ. (آصفيه).
● مَطْلَبُ ۽ مَطْلَبَ: ذ. (ع). مُراد - مَنورت - غرض - نيت - اِرادو - خواهش - مُدعا - منشا - دلي خواهش - چاهت. چاهه - دلچسپي - شوق - لاڙو - رغبت. سانگو - ضرورت - گهرج - ڪَپ - لوڙ - طلب. معني - مطلب - مقصد - آرٿ - پروجن. تاتپرج - سارُ - خُلاصو. سمجهاڻي - شرح.
● مَطْلَبِي ۽ مَطْلَبِيُّ: ذ. صفت. مطلب وارو - مطلب جو - خود غرض - مطلب جو يار - پاڻ پيرو - آپ سُوارٿي. خواهشمند - آروزمند - اِراد تمند - منشائي.
● مُطَّلِبُ: اسم خاص. (ع). حضرت محمّد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڏاڏي جو نالو - عَبْدالمُطَّلِبُ.
● مُطَّلَعُ: ذ. (ع. طَلَعَ = هو اپريو). ستاري جي اُپرڻ جي جڳهه. قصيده جو پهريون بيت. غزل جو ٻن مصرعن ۾ قافيو. (ع. ا. د).
● مُطَّلَعُ: صفت. (ع). اطلاع ڏنل - خبر ڏنل - واقف - محرم.
● مُطْلَقُ ۽ مُطْلَقَ: ذ. صفت. (ع. مُطْلَقٌ). ڇُٽل (قيد مان) - آزاد - سؤڌنتر. سُوڌين - بيپرواهه - بي ڪاڻيو - لاغرض - ڪل مختيار - خود مختيار. ليجو - پورو - ڪامل - سڄو - سارو - سربستو.
= مُطْلَقاً: ظرف. آصل - بلڪل - سراسر - سڙيوڻي - نيهٺ - قطعي - اصلاً - سڄوئي - سموروئي - سڀ - سربستوئي.
● مَطْلُوبُ: صفت. (ع. طَلَبَ). طلب ڪيل - طلبيل - گهُرڪيل - گهُرايل. سڏيل - ڪوئيل. خواهش مطابق - دلپسند. محبوب - معشوق.
● مُطْمَئِنُ: صفت. (ع). اطمينان رکندڙ - بيفڪر - بي اوٿو - مانيٽو - سانتيڪو.
● مُطَهَّرُ: صفت. (ع. طَهَّرَ). پاڪ ڪيل - پاڪ - صاف - پوٽر - صفا - شُدّ - نيرمل - معصوم - نيردوش - بي گناهه - بي ڏوهو. (آصفيه).
● مُطِيعُ ۽ مُطِيعَ: صفت. (ع. طوع). اِطاعت ڪندڙ - فرمانبردار - تابعدار - حڪم مڃيندڙ - آگياوان - آگيا ڪاري. حڪم هيٺ - تابع - ماتحت - تلديو - تابعي - تانبي - تحت ۾ - جو ڳو - وسيڪو - خادم - ٻانهو - چئيوان - چيلو - شِش - پوٽلڳ - مريد - بالڪو.
= مُطِيعُ ڪرڻُ: تابعدار بنائڻ - زير ڪرڻ - زير فرمان ڪرڻ - هيٺ ڪرڻ - ماتحت بنائڻ - قابوءَ ۾ آڻڻ. سَر ڪرڻ - فتح ڪرڻ - تابع ڪرڻ - فرمانبردار ڪرڻ - مغلوب ڪرڻ - جو ڳو ڪرڻ. مريد ڪرڻ - چيلو بنائڻ - بالڪو ڪرڻ.
● مُظْرُفُ: ذ. علم نحو جي اصطلاح ۾ هڪ ظرف ۾ ٻئي ظرف جي هجڻ جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ ظرف. "جيئن باغ ۾ بلبل، ڪيسي ۾ روپيا". وغيره.
● مُظَفَّرُ: صفت. (ع. ظَفَرَ). فتحمند - فتحياب - ظفرياب - ڪامياب - جيٽيل - ڪٽيل - ڪامران - غالب. (آصفيه).
● مُظْلُومُ ۽ مُظْلُومَ: ذ. صفت. (ع. ظُلْمٌ). ظلم ٿيل - ستايل - ستم زده - آزاربل. دُکي - ڏُکي - ڏکيو - ڏک وارو.
● مُظْهَرُ: صفت. (ع. ظَهَرَ = ظاهر ٿيڻ جي جاءِ). ظاهر ڪندڙ - پڌرو ڪندڙ. (ذ) ظاهر ٿيڻ

جي جاءِ - تماشگاهه - کيل ڏيکارڻ جي جاءِ - اسٽيج - آکاڙو. (آصفيه).

● مَتَعَ: ظرف. (ع). ساڻ - سان - سين - سڀاڙو - سميت - سوڌو - گڏ - شامل - جُٽ - سڳ.

● مَتَعاً: ظرف. (ع). فوراً - آن وقت - سکهو - جلدي - جهٽ پٽ - يڪدم. اوچتو - ناگهان.

● مُتَعاذٌ: ذ. (ع. عوذ). پناهه - آجهو - بچاءُ. (ع. ا. ذ).

= مُتَعاذُ اللّٰه: ذ. الله جي پناهه - خدا جو آجهو. (ع ا. ذ).

● مُتَعارِفٌ: صفت. (ع. عَرَفَ = هن سڃاتو). معرفت جو جمع. آهل علم - علم وارو - صاحب علم. خدا کي سڃاڻڻ - خدا شناس. نالي وارو - نالبرو - نامياروـ مشهور - معروف.

● مُتَعاشَ: ث. (ع. عَيْش) زندگي جي بقاءَ جي شيءِ - زندگيءَ جا وسيلا - کاڌي پيتي جو سامان - کاڌو - غذا - خوراڪ. پيدائش جا ذريعا - رزق - روزي - گُذران - گُذارو.

● مُعاشِرَتٌ: ث. (ع. عَشَرَ) خوشيءَ جي زندگي - عيش واري حياتي. رهٽي ڪهٽي - آٽي ويٽي.

● مُعاصِيٌ: ذ. (ع). گناهه - ڏوهه. (گاجرا).

● مُعافٌ = مُعافَ: صفت. (ع. مُعاف > عَفْوٌ) عَفْوَ ڪيل - بخشش ڪيل - ڪيما ڪيل - معافي ڏنل - مَرهيل. بي ڏوهو ٺهرايل - بَري - چَڏيل - چُٽل - آجو - آزاد. درگذر ڪيل. رخصت ڏنل - امر ٿيل - مامُور.

"سو موتي ڪيئن پانهُون جو محفوظان معاف ٿيو" (سر سهڻي - شاهه).

= مُعافُ کَرَنٌ: عَفْوَ ڪرڻ - بخشڻ - معافي ڏيڻ - مَرهَنٌ. ڪيما ڪرڻ - رحم ڪرڻ - پاڇهه ڪرڻ - دَيا ڪرڻ. بي ڏوهي ٺهرائڻ آزاد ڪرڻ - رهائي ڏيڻ. موڪل ڏيڻ - رخصت ڏيڻ - درگذر ڪرڻ. سزا وغيره کان هٿ جهلڻ. مهرباني ڪرڻ - رعايت ڪرڻ - احسان ڪرڻ - وَڏ ڪرڻ.

= مُعافِيٌ = مُعافِيُونٌ: ث. بخشش - آسرائ. ڪيما. رهائي - خلاصي - آزادي - چوٽڪارو - نجات - چوٽڪو - مغفرت. تخفيف - رعايت - چَڏَت - چُوٽ (مرڪاري ڏل وغيره م). (صفت). جو ڏل پرڻ کان چٽل هجي. (گاجرا).

= مُعافِيدارٌ = مُعافِيدارَ: ذ. صفت. معافي ڏنل - بخش ڪيل - آزادي ڏنل. جاگيردار.

● مُعالِيجٌ: ذ. صفت. (ع. عِلاج) علاج ڪندڙ - طبيب - ويد - ويج.

● مُعامِلاوٌ = مُعامِلا: ذ. (ع. معاملة > عَمَلٌ = ڪرڻ) ڪم - ڪار - ڪاج - عَمَلٌ - حاجَ. ڏنڊو - ڪاروبار - ڪم ڪار - ڏاڙي. تجارت - واپار. خريد فروخت - ڏي وٺ - وهنوار. بحث - تڪرار - ڦڏو - خرخسو - حُجت - جهگڙو - جهيڙو - رگڙو - ٽنٽو - دَنگو - فساد. ريڙهه ٻيڙهه - گهپي - ڪِروڌٌ - ڪِلڪِل - ڪِرڪِر. دعويٰ - فرياد - مقدمو - مقدمي بازي. سبب - ڪارڻ - باعث - وَجهه. ڳالهه - قِصو - واقعو - اصل حال.

= مُعامِلائيٌ = مُعامِلائيٌ: صفت. تڪراري - حُجتي - بحثي - جهگڙائي - جهگڙالو - ڦڏ ٻي - دلڪائي - رگڙائي.

● مُعاوِنٌ = مُعاوِنَ: ذ. صفت. (ع. عَوْنَ) مدد ڏيندڙ - مددگار - پُٺيرو - واهرو - ساڻي - حمايتي - ساڻي.

= مُعاوِنَتٌ: ث. مدد - حمايت - سهائتا - ساٿ - واهر - همراهي - پٺيراڻي.

= مُعاوِنَتِ کَرَنٌ: مدد ڏيڻ - حمايت ڪرڻ - واهر ڪرڻ - همراهي ڪرڻ. تائيد ڪرڻ. پرجهلو ڪرڻ - ساٿ ڏيڻ - سهارو ڏيڻ.

● مُعاهِدوٌ = مُعاهِدا: ذ. (ع. مُعاهِدَهْ > عَهْدَ) عهدهه - اقرار - انجام - قولٌ - قرار - وچن - پول - وعدو. سُنهُنٌ - سُخُنٌ - قسم. عهد نامو - ناهه - صُلح.

● مُعايَنَوٌ = مُعايَنا: ذ. (ع. معاينه > عَيْنَ اک) پنهنجي اکين سان ڏسڻ جي حالت - مشاهدو - چڪاس - جانچ - پڙتال. نگاهه - نظر - ڏيکارو. (آصفيه).

= مُعايَنو ڪرڻ: نظر وجهڻ - ملاحظو ڪرڻ - ڏسڻ واڻسڻ - مشاهدو ڪرڻ. جانچڻ - جانچ ڪرڻ - چڪاس ڪرڻ - امتحان ڪرڻ - آزمائش - پرکڻ - آزمائش ڪرڻ.

● مُعبُود ۽ مُعبُودَ: ذ. (ع. عَبْد) عبادت ڪيل - پوڄيل. عبادت لائق - بندگيءَ جوگو - پوڄا لائق. خُدا - اللّٰه تعالىٰ - ڏاڍي تعالي -

● مُعتاد ۽ مُعتادَ: ذ. صفت. هيريل - هيراڪ - عادتي - عِلتي. اڪثر ڏسندڙ - اڪثر ٿڌندڙ. معمولي - همیشه واري - رواجي - دائمي.

● مُعتبَر ۽ مُعتبَرَ: ذ. صفت. (ع. عِتبَر) اعتبار وارو - اعتبار ڪيل - پرومي وارو - ڪارپٽ وارو - ويساهه وارو - ويساهو - ايماني. آبرو وارو - مانائتو - شانائتو - مان وارو - شان وارو - اشراف - سڪترُ - موچارو - چڱو خاصو.

= مُعتبَرائي ۽ مُعتبَرائيءُن: ث. معتبري - ساک - ويساهه - اعتبار - ڪارپٽ - پترومو. عزت - آبرُو - مانُ شانُ - مانارتُ. اشرافت - سڪرائي - موچارائي - چڱ مڙسي - پلِ مانسائي.

= مُعتبَري ۽ مُعتبَريُون: ث. ڏسو معتبرائي.

● مُعتدِل: صفت. (ع. عَدَل). اعتدال وارو - مُتوسط - وچڑو - وچولو - درمیانو. پورو پنو - مُڌيم - موچارو - ڏيمون. آلپ - مائيٽو - غريب سياڻ - نرم سياڻ - حليم - ڪنڙو - سليم - ڪومل.

● مُعتَرِض: (ع. عَرَض). اعتراض ڪندڙ. (ع.ا.د).

● مُعتَرِف: صفت. مڃيندڙ. اعتراف ڪندڙ - اقرار ڪندڙ - قبول ڪندڙ - ڪائوڪار ڪندڙ - اقراري.

● مُعتَقِد ۽ مُعتَقِدَ: ذ. صفت. (ع. عَقَد). اعتقاد رکندڙ - پروسو رکندڙ - ويساهه رکندڙ - يقين رکندڙ. پيروي ڪندڙ - مريد - چيلو - پالڪو - شَرڌالو - ڀوڏيو - مڃيندڙ - پوئلڳ - شِش - ڪُڌيات. نوڪر - خادم - تابعدار - ٻانهو - غلام.

● مُعتَمَد: ذ. صفت. (ع. عَمَد). اعتماد وارو - پروسي وارو.

= مُعجِزو ۽ مُعجِزا: ذ. (ع. مُعجِزه = عَجَز). عاجز ڪندڙ ڪر. خلاف عادت ڪالهه - قدرتي قاعدي کان ٻيءَ طرح ٿيل ڪر. ڪرامت - اسرار - ٻيرتو - اچنبو - چمتڪار - عجائب الخلقت.

● مُعجُون ۽ مُعجُوٽ: مُعجُونُون: ذ. ث. (ع. عَجَن = گهوڻيل). گهوڻيل دوائن جو مُرڪب - گهوڻيل ۽ ٻيئل دوائن جو رابتو. خميرو.

● مُعدُن: ذ. ث. (ع). ڪاڻ (سون، چانديءَ وغيره جي).

= مُعدَنِي ۽ مُعدَنِيُ: صفت. ڪاڻ جو - ڪاڻ وارو. ڪاڻ مان نڪتل. ڪاڻ جي ذات واري.

= مُعدَنِيات: ث. کوٽيل شيون - ڪاڻ مان نڪتل شيون. (آصفيه).

= مُعدَنِي پيدائش: ث. ڪاڻ جي پيدائش (جهڙوڪ: سون، چانديءَ تامو، پٽر، ڏاتو وغيره).

● مُعدَن والو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مِعدو ۽ مِعدا: ذ. (ع. مِعدَه = مَعدَ). پيٽ ۾ ڪاڏي رهڻ ۽ هضم ٿيڻ جي جڳهه - اوجهري - ڪُنجي. شڪم - پيٽ - ڍيڊ.

● مُعذُور: صفت. (ع. عُذر = هن وجايو). عذر ڪيل - گم. فنا ڪيل - ميٽايل - نيست - نابود.

● مُعذُوناتي: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مُعذِرَت ۽ مُعذِرَتُون: ث. (ع. عُذر) عذر - حيلو - بهانو - آڙ. (آصفيه). معافي - ڪيميا - بخشش.

● مُعذُور ۽ مُعذُورَ: ذ. صفت. (ع. عُذر = هن بهانو ڪيو). عذر وارو - حيلي وارو - بهاني وارو - مجبور - لاچار - بيوس - بي پهچ. نڪمو - بي ڪمو - بيڪار - ناڪام - ناڪار - ري ڪمو - ناڪارگر - ناڪارو - نڪمار. معافي ڏنل - معافي ڪيل - بخش ڪيل - ڪيميا ڪيل. انڊو - نابين - نابينا - سورداس.

Qul Hayat Institute

= مَعْذُورِ يا مَعْذُورِي ۽ مَعْذُورِيُونْ: ث. صفت. عذر واري - نماڻي - نڏر.
"ڪيڇان اوري ڪيترين معذورين سين." (شاهه).
الڏي. (اسم) لاچاري.

● مِعْرَاجْ ۽ مِعْرَاجَ: ذ. (ع. عَرَجَ) مٿي چڙهڻ جو رستو - چاڙهي - ڏاڪڻ - سيڙهي - چڙهائي. عُروج - بُلندي. حضور جن جو عرش عظيم ڏي سفر. اعليٰ رتبو.

● مَعْرِفَتَ ۽ مَعْرِفَتُونْ: ث. (ع. عَرَفَ = هن سُجاتو) سُجاڻ - جاڻ - پَرُوڙ - دانشت - شناخت. خدا شناسي. قدرتي شين جي سچائپ. (آصفيه). صوفي طريقي جو چوٿون درجو (شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت). ڪُل - ڪَرَ - سَماءُ - سُڌ - سَمَڪَ. وِدِيا - عِلمُ - گيان. (ظرف). دُوران - جي هٿان - هٿون - بذريعي - جي ڪري - وسيلي - آڌار تي.
= مَعْرِفَتِ جا مَزا مائٽْ: خدا ڪي سچاڻ - معرفت جو درجو حاصل ڪرڻ.
"معرفت جا مزا سين ساڻي،
"ما عَرَفْناكَ" جو ڪيئي إنكار"
(فاضل شاهه).

● مَعْرِڪُو ۽ مَعْرِڪا: ذ. (ع. عَرَكَ = سن. مارکو > مر (ي) = مرڻ) لڙائيءَ جو ميدان - ميدان جنگ - ميدان ڪار زار - رزمگاه - جُڌ پُوم - رڻپُوم. (آصفيه). جنگ - لڙائي - يُڌ - جُڌ - رَڻ. جهيڙو - جهگڙو - نِزاع. سڀا مَنڊلي - مجلس - جماعت - ميڙ - راجُ - ڪٺا - اجلاس. شاديءَ تي ڪائڻ پيئڻ جي ڪهل مجلس - گانو ٻجانو - ڪائڻ وڃائڻ - محفل - مجلس - رهاڻ - ڪچهري - مارکو. ڪنهن هندوءَ جي مرڻ تي ٽئين ڏينهن تي ادا ڪيل رسم - چائٽو - پگڙيون.
= مَعْرِڪَ آرائِي: ث. صفَ بندي - لامَ بندي - جنگ آرائي - لڙائي - جنگ آزمائي. جنگ - جُڌ - يُڌ. (آصفيه).

● مَعْرِڪِي ۽ مَعْرِڪِيُونْ (ڪ): ث. مچيءَ جو هڪ قسم (چلڻ سان پُٺي پيلسري، پيٽ اڇو، ڏيکهه هڪ فوٽ. (ن. ب).

● مَعْرُوفْ ۽ مَعْرُوفَ: ذ. صفت. (ع. عَرَفَ = هُن سڃاتو) سڃاتل - جاتل - معلوم. واقف. مشهور. (ذ). گرامر ۾ فاعل ڏانهن نسبت رکندڙ فعل. علم نحو جي اصطلاح ۾ "واو ۽ ي" تي پيش ۽ زير اچڻ ڪري نڪتل آواز (چاڪاڻ ته اهو آواز عربن ڪي معلوم هو، جيئن ميڙ مان ميري، ٿُور مان ٿُوري وغيره).

● مَعْرُوضْ: صفت. (ع. عَرَضَ) عَرضْ ڪيل. (ذ). عرض - درخواست - گذارش - إلتماس. (آصفيه).

● مُعَزَّزْ ۽ مُعَزَّزَ: ذ. صفت. (ع. عِزٌّ) عزت ڪيل. عزت وارو - عزت دار - مانَ وارو - آبرودار. شريف - سَڀُماڻيه - پُوجُ - اشراف - سنڪر - چڱو مڙس. بزرگ. ساک پَتَ وارو - اعتباروارو - ڪارڀت وارو - مُعتبر - ويساهه وارو - ايمانداز.

● مَعْزُولْ: صفت. (ع. عَزْل = هن موقوف ڪيو) بيڪار ڪيل - بيڪار - نِڪمو. نوڪريءَ تان لٿل - موقوف ڪيل - جواب ڏنل - برطرف ڪيل - مُعطل. نوڪريءَ تان رخصت ڏنل. (آصفيه).

● مَعْشُوقْ ۽ مَعْشُوقَ: ذ. صفت. (ع. عشق) عشق ڪيل. جنهن تي ڪو عاشق ٿئي - پريتم - محبوب. لالنُ - ساجن - پرين - دِلڙيُن - دلبر - پيارو - عزيز - مَن موهَن - دلدار - چِتچورُ - دلرُبا - جاني - صَنَم.

● مَعْصُومْ ۽ مَعْصُومَ: ذ. صفت. (ع. عَصَمَ = هن بچايو) بچيل - گناهه کان بچيل. بيڏوهي - بي قصور - بي ڏوهُ - بي گناهه - وڏو هوندي - اپاميڙو. صاف دل - نِهڪپَٽَ - سِڌو ساد و - ساد و سُودو - بالو پولو - نِرچِٽ - شُڌ متي - وِسُوڙَ - بي ڏوهو - سَرَلُ - ساده دل - پورڙو. سٽن آڻن سالن جي جمار وارو پار - صغير - اَبهَرُ.

= مَعْصُومِي ۽ مَعْصُومِيُون: ث. نندپڻ - ٻال اوستا - صغيرائي - ٻالڪپڻ. اڻوجهائي - بي قصوري. (گاجرا).
= مَعْصُومِيَت: ث. بي گناهي - معصومي - ڏوهي - نيرد وشي - بي قصوري. بودلائي - صاف دلي - سادائي - پورڙائي. نندپڻ - صغيرائي - ٻال اوستا - ٻالڪپڻ - ڪينگائي.
● مُعطرُ: ذ. صفت. (ع. عِطْرُ) خوشبوءدار - خوشبوءِ وارو - سُرهو - سُرهاڻ وارو - سُڱندیو. (ع. ا. د).
● مُعَطَّلُ: صفت. (ع). ڪم ڪان خالي - بي شُغل - نِڪار - نِڪمون - بيڪار. واندو. نوڪريءَ تان لٿل - هرطرف. بند رکيل - مُهمل ڪيل - مُلتوي. ڍِرو - سُست - ڪاهِل - ڍوڻي.
= مُعَطَّلِي: ث. اِلتوا - مُهملي.
● مَعْطُوفُ: صفت. (ع. عَطْفَ) ويڙهيل - لَپيٽيل. جَڪڙيل - ڪمايل. (ع. ا. د). علم نحو جي اصطلاح ۾ ٻئي لفظ سان ڳنڍيل لفظ. (علم نحو). ٻن لفظن يا ٽڪن مان پهريون لفظ يا ٽڪ ٻئي حرف علت سان ڳنڍيل (مثلاً: "مان هي ڪم ڪري ٿو هتان آڻندس". "مان هي ڪم ڪري" معطوف آهي ٻوئين ٽڪ معطوف عليه آهي). (گاجرا).
● مُعَظَّمُ: ذ. صفت. (ع. عَظَمَ) بزرگ - وڏو - عالي - اعليٰ - چنديو - مٿا - عظيم - آڏم - اعظم - ڪبير - شاهي. شريف. مان وارو - مانيءَ - عزت وارو.
● مَعْقُولُ: ذ. صفت. (ع. عقل) عقل ۾ آندل - عقل جو - عقل وارو - عقلائتو - عقلي. سمجهه پرهو. درست - نيڪ - بَجا - برابر. لائق - پُورو - واجب - راس - صحيح - حقي - واجبي. پُورو پُنو - چڪو - خاصو. پُورو - ڪافي - بَسُ - وافرُ - جوگو - ڪافي طور - پُوريءَ طرح - پُورو پُورو - پَلو - چڪو - سُنو - موچارو.
● مُعَلِّمُ ۽ مُعَلِّمَ: ذ. (ع. عَلَّمَ) تعليم ڏيندڙ - علم سيکارينڊڙ - مُدرسُ - پروفيسر - آستاد - اتاليق - پاڙهيندڙ - اوجهو - اڏياپڪُ - ماستر - آخوند - ميانجي - گُرُو - پنڊت - مولوي - مُلا - ٽيچر. ناکُئو - ڪپتان - سُڪاني - ناخدا - مَلاح.
= مُعَلِّمِي ۽ مُعَلِّمِيُون: ث. پروفيسري - آستادي - اتاليقي - ماستري.
● مَعْلُومَ: ث. (ع. علم) سُڌ - خبر - ڄاڻ - واقفيت - ڪل - ڪم.
"اها ڪاهي معلوم ملڪن ڪي،
سپ سُڌ ناهه نسيبن ڪي"
(منار).
● مَعْلُومُ: صفت. (ع. علم) ڄاتل - ڄاڻيل - علم ۾ آندل. سمجهيل. تميز ڪيل - پرک ڪيل - پرکيل. مشهور - عالم آشڪار - معروف. پيرسيڊ - ظاهر - نشانبر - پڌرو - پير گهٽ - روشن - واضح.
= مَعْلُومُ ٽِيَنُ: خبر پوڻ - سُڌ پوڻ - ڄاڻ پوڻ.
= مَعْلُومُ ڪَرَنُ: ڄاڻ ونڻ - ڄاڻڻ. سمجهڻ - پاڻئيُ - ٻُجهڻ - پَرُوڙڻ - پُرجهڻ - سُڌ ونڻ - واقف ٿيڻ. ڏسڻ - پَسڻ. سمهي ڪرڻ - محسوس ڪرڻ.
= مَعْلُومِيَت: ث. ڄاڻ - واقفيت - علم - خبر - سَڌاءَ - سُڌ - ڏاهه. ڳيان - خبر چار - پَرُوڙ.
● مُعَلَّيُ: صفت. (ع. مُعلّيٰ = بُلندُ) بُلندُ - برتر - اوچو - بزرگ - مٿاهون - اعليٰ. (ع. ا. د).
● مُعَلِّيمُ ۽ مُعَلِّيمَ (ت): ذ. وايڪي اوزار جو هڪ قسم.
● مُعَمَّا: ث. (ع). پهرولي - ڪُجهه - مشڪل ڪالهه. (گاجرا).
● مِعْمارُ ۽ مِعْمارَ: ذ. صفت. (ع). تعمير ڪندڙ - اڏيندڙ - ٺاهيندڙ - جاءِون ٺاهيندڙ - رازو - مستري.
● مِعْمارِي: ث. جاءِ جي ٺاهڻ جو ڪم - عمارت سازي - اڏاوت. رازڪو ڪم.
● مُعَمَّرُ ۽ مُعَمَّرَ: صفت. (ع. مُعَمَّرُ = آباد) آباد - وَسيلُ. پرهُور. عمر رسيده - سن رسيده - پوڙهو.

Gul Hayat Institute

● مَعْمُورُ: ذ. صفت. (ع. عَمَرَ) پريل - ڀرُ - پرتئو - چڪار - پرپُور - ڪنان تار. آباد - سرسبز - شاداب - سيرابُ - سائو - سَرسَبَزُ. اڏيل (عمارت). وسيل. واس. (ڪليان - ڪُر). ساڃو - سياڻو - بختاور - بخت وارو - سڻائو - فرخنده.

- مَعْمُورِيُ: ث. آباد ي - وستي - بستي. خوشي.

● مَعْمُولُ ۽ مَعْمُولَ: ذ. صفت. (ع. عَمَل) عمل ڪيل. (ذ). روزمره جي ڪيل ڳالهه - دستور - وَرتاءُ - ورد - نيم - رِيتَ - رَسَمُ - راهه ريت - پَرويز - پَرَ - هلي چلي - مرجاتا - عَمَلُ - ويترو - استعمال - عادت - هيرَ - غِذا - چال - رواج. آپياس - مُحاورو - ساڏا - مشق. قبضيداري - قبضو ڀڻو (زمين جو). مُدو - وقت - عُهدي جي ايامڪاري. (پرمانند).

- مَعْمُولِيُ ۽ مَعْمُولِي: صفت. روزمره جي - عادتي - استعمالي - دستوري. رسمي - رواجي. عامُ - سڀ جو - وڃ جو - سڀ لاءِ. ريل چيل - عام جام - ٻهُون - جهجهو - گهٽو. ساد و - ٿورَ خرچو - ڪفايتي.

● مَعْنَيٰ ۽ مَعْنائُونُ: ث. (ع). مطلب - آرتُ - مقصد - سمجهاڻي - مُراد - مُدعا - منشا.

- مَعْنِيُ وِيُ: صفت. معنيٰ وارو - مُراد وارو - سمجهاڻي وارو - مقصد وارو. ڪجهو - لڪل. (ڪاڃرا).

● مِعْيارُ ۽ مِعْيارَ: ذ. (ع). ڪسوٽي. انداز. قاعدو. پيمانو - مقدار - وزن - پرمان. پرک - جانچ. (آصفيه).

● مُعِينُ ۽ مُعِيِنَ: ذ. صفت. (ع). مدد ڪندڙ - مددگار - همراهه - ساڻي - واهِرُو - ٻيرُو. (ذ). آپو فاصلو. (فائيل).

● مَعْيُوبُ ۽ مَعْيُوبَ: صفت. (ع. عيب) عيب ڪيل - عيبدار - وِڏائتو. (ع. ا. پ).

● مُغُ: صفت. (ع). باهه جو پُوڃاري - ڪٽرُ - آتش پرست - مَجُوسي. (ع. ا. پ).

● مُغالَطُو ۽ مُغالَطا: ذ. (ع). غلطي - ٻُل - پولو - خطا - چُوڪ. ڪمراهي.

● مَغْرِبُ: ذ. (ع. غَرَبَ) سج لٿڻ جي جاءِ. سج غروب ٿيڻ وارو طرف - پَڇم - اولهه - آلهندو. سج لٿڻ جو وقت - شام - سنجها - سانجهي. آلهندي وارا ملڪ - يُورپ وغيره.

- مَغْرِبِيُ ۽ مَغْرِبِي: ذ. صفت. آلهندي جو - اولهه طرف جو - اولهيو. اولهه جو رهاڪو - يورپي - فرنگي.

● مَغْرُورُ ۽ مَغْرُورَ: ذ. صفت. غرور وارو - تڪبر وارو - تڪبر ڪندڙ - هٺيلو - اپماني - مجازي - اهنڪاري - دماغي - هٺيي - گهمنڊي. منڪندڙ - فاخِرُ - فخر ڪندڙ - اڳماضي - مُدمغ - ميزاجي.

- مَغْرُورائِيُ ۽ مَغْرُورائِيُونُ: ث. مغروري.

- مَغْرُورِيُ ۽ مَغْرُورِيُونُ: ث. گهمنڊ - شيخي - هٺُ - دماغ - وڏڻُ - هُوءِ - دَمُ - اڳماض - غُرور - تڪبر - اپمان - آڪڙ - سيٽ - ڪِبرب - ڪِراڙُ. فخر - سَرڪ - نازُ - ٻانوُر.

● مَغْزُ ۽ مَغْزَ: ذ. (ع). دماغ - ٻيجو - ميجالو. متو - سِرُ - ڪاهار. ڪوپري - ڪيپرائي. ڪنهن شيءِ جو اندريون حصو - ميڪُ - ميجُ - ٻاهُ - گُدو - تَنت - گُودو - گورو - تنت مالُ - ڪُپُ - ڪَرُ - قلب - ٻڇو. تَتُ - سارُ - نِچوڙُ - جوهر - مايو. عقل - سمجهه - فهم - گيان - ٻُدي - پَرُوڙ.

- مَغْزاتَ ۽ مَغْزاتُونُ: ث. نِچوڙ - مَغزُ - جوهر - تَنتُ - مايو - سارُ - سُولُ - تتُ. سُڪل ميوو.

- مَغْزَ جوُ رَتُ ڏيڻُ (ت): سخت محنت ڪرڻ - جفاڪشي ڪرڻ.

- مَغْزُ خُورِيُ: ث. مغز خوري - متي ماري - مغز ماري - متي هڻُ - خفو - ڪِڙاڪ.

- مَغْزُ خورُ ۽ مَغْزَ خورَ: ذ. صفت. مغز ماري ڪندڙ - خفو ڪندڙ - ڪِڙاڪي.

- مَغْزَ خورِيُ كرڻُ: دماغي ڪم ڪرڻ - خفو ڪرڻ - ڪِڙاڪ ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

= مَغْرَزِ قَرِيوْ ۽ مَغْرَزِ قَرِيا (ت)؛ ذ. صفت. مؤدائي - خفقاني - جُنوني. متير - سورهيه.
= مغزُ كائِنْ؛ بَڪ بَڪ ڪرڻ - هَل ڪرڻ - بکيڙو ڪرڻ. دماغ پريشان ڪرڻ - گهپي ڪرڻ - خفو ڪرڻ - وِرچائڻ - هلاڪ ڪرڻ - بيزار ڪرڻ - دِقْ ڪرڻ.
= مَغْرَزَ ۾ واءُ هُنْتَنْ؛ همَڪ هڻڻ - مغروري هڻڻ - تڪبّر هڻڻ.
● مَغْرِبِيْ ۽ مَغْرِبِيُونْ: ث. ڪتبو - ڪتبُ - وَتِ - آندِي - ماشي - ڪِنارَ - پرت جو هڪ قسم.
= مَغْرِبِيْ ذِيتْ: چمڙي ڪي سنهي وٽ ڏيڻ.
● مَغْفِرِتْ ۽ مَغْفِرِ تُونْ: ث. (ع. غفرَ) بخشش - معافي - عفو. نجات - رهائي - چوٽڪارو. باجهه - دَيا - رحم - ڪرم. وَڙ - ٽورو.
● مَغْفُورْ؛ ذ. صفت. (ع. غفرَ = بخشيل - معاف ڪيل - معافي ڏنل - رهائيل - چڏيل.
● مُغَلْ: اسم خاص. تُرڪستان علائقي جي هڪ قوم. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواڻاهه، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾).
● مُغَلْبِيبْنَ؛ اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُغَلْ تِڪْ: اسم خاص. پرت جو هڪ قسم.
● مُغَلْ حَفِيظْ؛ اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَغْلُوبْ ۽ مَغْلُوبَ: ذ. صفت. (ع. غلَبَ = هن غلبو ڪيو) غلبو ڪيل - زيرُ - مفتوح - هارايل - جيتيل - فتح ڪيل. عاجز - غلبه ڪيل - هيسيل.
● مَغْمُومْ: صفت. (ع. غم) غمگين - دلگير - ملول - رنجيده - حزين - محزون - آزرده - دردمند - غمزده - ڏکارو - ڏکويل - اداس - پريشان - آفسرده - گوندريل.
● مُغْنِيْ: صفت. (ع). ڳائيندڙ - ڪَوَيو - ڪلاوَنت - ڳائڻو. (ع. ا. د).
● مُغَيْرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (نادري). مغيري.
● مُغَيْرِيْ (ت): اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. (اڪثر آثر سرحد ۽ حيدرآباد ۾). (بلبل).
● مُفَاصِيلْ: ذ. (ع. جمع آهي مفصل جو) هڏن، پيرن وغيره جي عضون جا جوڙ يا گنڍيڙ. (ڳاڇرا). سنڌ.
= مُفَاصِيل جوءُ سُورْ: سنڌن جو سور - جوڙن جو درد. (ڳاڇرا).
● مُفَاصَلَوْ ۽ مُفَاصَلا؛ ذ. (ع. مُفاصَلَهْ) دُوري - سنڌ - چيٽي - وِڇوٽي - ويڇو - وڇي. (آصفيه). اوڪاڻ - گنجائش - جاءِ. ناغو - فرق - وقفو - ديسر - وقت - عرصو - مُدت. ڪالانترُ - ويساهي. (پرمانند).
● مُفَارِقَتْ: ث. (ع. فرق = جُدائي) جدائي - فرق - وِڇوڙو - علحدگي - علحدائي - فراق.
● مُفْتْ: صفت. (ع). بِنا قيمت - بنا پئسي. بنا عوض - ناحق. بي فائدو - اجايو - بي سُودْ. خالي پيلي - بنا قصور - بي سبب - هَرُو پَرُو - نِسڦل - آهين ئي - بنا ڏوهه.
= مُفْتْ مَتُوْ هُنْتَنْ؛ فضول ڪالهائڻ - اجايو مغزماري ڪرڻ - اجائي بَڪ بَڪ ڪرڻ ۽ هنيلي ماڻهوءَ کي نصيحت ڪرڻ.
= مُفْتَ ۾: ظرف. بنا قيمت - مفت - بنا اُجرت - آهين ئي - ناحق - بنا سبب جي - بي سبب - بناڪارڻ. (آصفيه).
● مُفْتُوحْ: صفت. (ع. فتَحَ = هن کوليو) فتح ڪيل - جيتيل - کُنيل - زير ڪيل - مَغلوب - هارايل. (آصفيه). کوليل - ڪُشاد و ڪيل - ويڪرو ڪيل - آهو اکر جنهن تي زبر ڏنل هجي - زبر وارو اکر. (آصفيه).
● مُفْتُونْ: ذ. (ع. فتَنَ) موهيل - شيفته - عاشق - شيدا - شيدائي - فِدا - آڪن چڪن - موهت. قُربان - نثار.
● مُفْتِيْ ۽ مُفْتِيْ: ذ. صفت. (ع. فتو) فتوا ڏيندڙ - شرعي حاڪم. قانون مُحمّدي جو حاڪم - فقيه جو صاحب. (آصفيه). شارع - قاعدو جوڙيندڙ - قانون ساز. (پرمانند).

Gul Hayat Institute

● مُفَرَّحُ: ذ. صفت. (ع. فَرَحَ) فرحت ڏيندڙ - فرحت بخش - فرحتي - طبيعت کي فرحت بخشيندڙ - طراوتي - قرار ڏيندڙ - آرامده - آسائشي - قراري.

● مُفْرَدُ ۽ مُفْرَدَ: ذ. صفت. (ع. فرد) اڪيلو - ڇڙهو - نيرو - غير مرڪب - هڪڙو - هيڪڙو - يڪو - يڪانو - هيڪو - هيڪلو - مجرد.

= مُفْرَدُ آنڪ: ذ. علم رياضي جي اصطلاح ۾ اهو انڪ جو پاڻ ۾ ورهائجي نه سگهي يا جنهن جا جزا نه ٿي سگهن، جهڙوڪ: "۳، ۵، ۷، ۱۱، ۱۳، ۱۷، ۱۹، ۲۳، ۲۹، ۳۷، وغيره".

● مُفْسِدُ: ذ. صفت. (ع. فَسَدَ) فساد ڪندڙ - فسادي - جهيڙائي - فتنه انگيز - سرڪش - خرابي وجهندڙ - باغي - بغاوت ڪندڙ - وڙڪو - ياغي. خلليي - نقصانڪار - حرڪتي - لڇو - آئٽمرو - زيان خور. (پرمانند).

● مُفَسِّرُ: صفت. (ع). تفسير ڪندڙ - معنيٰ بيان ڪندڙ - شارح. (آصفيه). مترجم. تعبير ڪندڙ.

● مُفَصَّلُ: صفت. (ع. فَصَّلَ) تفصيل ڪيل - ڪولي بيان ڪيل - تفصيل وار - وچور وار - مشرح. واشگاف - ڪليل - پدرو - ظاهر. آڏلو - آڏلندو - هٿتون - ماڳهين - مرڪوئي. (ذ). ڪنهن به ملڪ جو ڪو مشهور شهر. پهراڙي - ديهات - ڳوٺ - قصبو - گام. (پرمانند).

● مُفْعُولُ ۽ مُفْعُولَ: ذ. صفت. (ع. فعل) فعل ڪيل - ڪم ڪيل. بدفعلي ڪرائيندڙ - خراب ڪم ڪرائيندڙ - چٽو - گانبدو - ڪٽيل مراثيندڙ. (ذ). علم نحو جي اصطلاح ۾ اهو اسم جنهن تي ڪجهه ڪم ٿيو هجي.

= مَفْعُولُ بِهِ: ذ. علم نحو جي اصطلاح ۾ سڌو پڇو مفعول. جيئن: "ڪتي بلي ماري".

= مَفْعُولُ فِيهِ: ذ. ظرف. جيئن ته: "پنهنجي مهل مائي ڪاڏ ٻري".

= مَفْعُولُ لَهُ: ذ. علم نحو جي اصطلاح ۾ ڪنهن شي حرف جر سان آيل لفظ. جيئن: چوڪر کي سيکت لاءِ ماريئم".

= مَفْعُولُ مُطْلَقٌ: ذ. سڌو پڇو مفعول.

= مَفْعُولُ مَعَهُ: ذ. علم نحو جي اصطلاح ۾ ڪنهن حرف سان به مفعول ڪيڏيل. جيئن: "عمر کي پٽ سوڏو ماريئم".

= مَفْعُولِيٌّ: ث. مراد - معنيٰ - مطلب. اسم جي پنجن حالتن مان هڪ حالت جو نالو.

● مَفْقُودُ: صفت. (ع. فَقَدَ) گهٽايل. وڃايل - گم. ڪل - ناهيد - گم - لاپته - غائب - آلوپ. (آصفيه).

● مُفَكِّرُ ۽ مُفَكِّرَ: ذ. صفت. (ع). فڪر ڪندڙ - سوچ ڪندڙ - ويچار وان - ڌياني.

● مُفْلِسُ ۽ مُفْلِسَ: ذ. صفت. (ع). ٻنا پئسي - محتاج - جهوڪو - سڇو - سڪٽو - ڪڙڪ - نادار - بي زر - تهيي دست - فاقه ڪش - غريب - مسڪين - فقير - بي نوا - ڪنگال - آتايو - بي پهچ - نرڏني - پينگيو.

= مُفْلِسِيٌّ ۽ مُفْلِسِيُّونُ: ث. ناداري - ڪنلائي - سڇائي - جهوڪائي - پينگ - افلاس - تنگ حالي - غريبي - محتاجي - فاقه ڪشي - تهيي دستي - ڪنگالپڻو - غربت.

● مَفْلُوكٌ: صفت. (ع). تباهه حال - نادار - مسڪين - مفلس - سڇو.

● مَفْهُومٌ: صفت. (ع. فَهِمَ = هن سمجهيو) سمجهيو ويو - سمجهه ۾ آيل - عقل ۾ آيل. (آصفيه). (ذ). منشا - مراد - مطلب - مقصد - آرٿ - اراده - مدعا. (آصفيه). سمجهه - عقل - فهم - راءِ - زيرڪ - ٻڌي. (آصفيه).

● مُفِيدُ ۽ مُفِيدٌ: صفت. (ع. فَيدٌ) فائدي وارو - فائدو ڏيندڙ - فائديمند - نفعي وارو - سڌل - سودمند. ڪمائتو - ڪارائتو - ڪتبائتو - سجايو - ڪم ونڊ - سڪياريتو - سڪتمو - سارٿڪ - ڪم جو - ڪار جو - واڌاري وارو - وڌاءُ وارو.

● مُقابِلُ: صفت. (ع. قَبَلَ) سامهون - روبرو - آمهون سامهون - دوبدو - منهن اڳيان. حريف - دشمن - مخالف - ويري. برابر - مساوي -

Gul Hayat Institute

مانند - مَتُ - جوڑ - شریک - ثانی - نظیر - مثل - مُوافق - جیس - جھڑو.

▬ مُقابِلُ ٹیِیںُ: سامھون ہونڑ - مقابلو کرڑ. گڈجڑ. (گاجرا).

● مُقابِلو ع مُقابِلا: صفت. (ع. مُقابلہ < قَبَلُ) مُنھن آڈائي - سامھٹائي - برخلافي - مخالفت. چٹاپیٹي - ویڑھ - جھیڑو - لڑائي - رُوکشي - ضِد - مورچو - جنگ. پیٹ - مشابھت. برابري - همسري - ھکجھڑائي. اوچتي ملاقات - گڈجائي.

▬ مُقابِلو کَرڑ: سامھون ٹیِیںُ - آڈو اچڑ. مخالفت کرڑ - ضِد کرڑ - ھَتُ کرڑ - تکرار کرڑ - جنگ کرڑ - جھیڑو کرڑ. چٹا پیٹي کائڑ. کُلھو ھلڑ - برابري کرڑ - پُڄڑ - برمیچڑ - ریسائڑ - مَتِ ہونڑ - پیٹڑ - ٹکرائڑ - ٹَکر کائڑ - پوروکرائڑ - لائي ڈسڑ - مِلائڑ - همسري کرڑ. چکاسڑ - تپاسڑ. روبرو چوڑ - سنمکھ ٹیڑ - ٹکرجڑ - مُنھن تي چوڑ - منھن تي کرڑ. جھلڑ - روکڑ - پَلَڑ - منع کرڑ.

▬ مُقابِلو کھُرڑُ: جُڈَ کرڑ - لڑائي کرڑ - لڑڑ - تَڈَڑ - سامھون ہونڑ - جُڈَ کھرڑ - جھیڑو کرڑ - وڑھڑ سامھون جواب ڈیڑ - شوخي ڈیکارڑ. ھوکارڑ - ونگارڑ - للکارڑ - چِڪڑ - (تون چا کندین؟) چوڑ.

● مُقاطِعو ع مُقاطِعا: ذ. ٹیِکو - ہول - ہولي - پٹو - اِجار پٹو. عرصو - میعاد - مقرر کیل وقت.

▬ مُقاطِعدارُ ع مُقاطِعدار: ذ. صفت. ٹیِکیدار - اِجارہ دار - پٹیدار (پرمانند).

● مُقال ع مُقالونُ: ث. (ع. مقالہ = چَیَلَ گالھہ) پھاکو - واکیہ - مثل - قَوُلُ - و چَنُ - چَوَٹي - سُٹیدِي - ڈند چرچو. گالھہ ہولھہ - گفتگو - گالھہ - تات - پَچَر - سُرسلو - وارتا - وائي - چوُوٹ - چوُپَچوء - چوُہواو - گوشیتُ - آلاء - گالھہ مُھاڑ.

● مُقالو ع مُقالا: ذ. (ع. مقالہ) چیل گالھہ - قول - مقولو. کتاب جو باب - فصل.

● مُقامُ ع مُقامَ: ذ. اسم. (ع. مُقام = جگھہ) ترسڑ جي جاء - مَسکن - آستانُ - ٹِکاڻو - آستانو - جگھہ - جاء - مکان - گھر - منزل - ڈاہو - ویساھي - منزل گاھہ - پاڻو - قیام - آتارو. لاش دفن کرڑ واري زمین - قبرستان - گورستان. (راگ م) سُرود جو پردو یا جاء. (گاجرا).

▬ مُقامِيُ ع مُقامِيُ: ذ. صفت. ھک ٹانئیکو - ھک ٹاڻیکو - ساگاڻتو - ھنڈاڻتو - ٹِرُ - قائر - آچَلُ - ھک ھنڈ ہیئل - برقرار - کُپَ کوڑ. قبرستان جو رکوال.

▬ مُقامِیاٹِيُ ع مُقامِیاٹِیُونُ: ث. صفت. مقام پائیاٹي - ھک مقام پر پوریل - گڈ دفن کیل. (مارئي).

● مُقامُ پوُلا: اسم خاص. تعلقي ساماري م ھک دیھہ جو نالو.

● مُقبَرو ع مُقبَرا: ذ. (ع. مُقبرہ < قَبَرُ) قَبَرُ - لوڑھہ - سماندَ - سَماڌِي - ہُئِي - تُربت - گور - قَبو - مزار. روضو. مرقد - درگاھہ.

● مقبُوض: ذ. صفت. (ع. قَبَض) قبضي م آیل. (ع. ا. ڊ).

● مَقبُولُ ع مقبُولَ: ذ. صفت. (ع قَبِل) قبول کیل - مچیل - منظور کیل. پسند کیل - چونڈیل - سرغُوبُ - پسند یدہ. وٹندڑ - پیارو - محبوب - دلربا.

▬ مَقبُولِیتَ ع مَقبُولِیتَونُ: ث. قبولیت - اجابت - منظوري - پسندي - اِقراري - رضا - رضامندو.

● مُقتَدا: ذ. صفت. (ع). مھندار - اگواڻ. (گاجرا)

● مُقتَدَرُ: ذ. صفت. (ع). طاقتور - زورآور - جبرو - طاقتوارو - ڈاڍو.

● مُقتَدِيُ: صفت. (ع). پیروي کندڑ - پیرُو. نقل کندڑ - مُقَلِّد - مُرید - چیلو. امام جي پٹیان بیھندڑ. امام جي پٹیان نماز پڑھندڑ. (آصفیہ).

● مُقتَضا: ذ. صفت. (ع. مُقتَضا = خواھش کیل) خواھش کیل - رضا کیل. (ع. ا. ڊ).

Gul Hayat Institute

گهربل. (ذ). مراد - مطلب.
"جا محبت مقتضا منجهه آدمين آهي الپ"
(ديوان قاسم).
● مقتل: ذ. (ع. قتل) قتل كرڻ يا ٿين هي جاء.
● مقتول ۽ مقتولَ: ذ. صفت. (ع. قتل) قتل كيل - ماربل - خون كيل - وڍيل. (آصفيه). كشل. قتيل - كشته - مذبوح. عاشق - فريفته - پروانو - مفتون. (آصفيه).
● مقدار ۽ مقدارَ: ذ. (ع. قدر) انداز - قدر - شمار - وزن - تور. تعداد - گاڻيتو - نمبر - انڪ - سنكيا - آنڪ. تڪ - قياس - اندازو - تخمينو - قدر - آكار - ڊيل. ماپ - كاڇو - پئماش - مٽپ - ماڻ - پئمانو - ايراضي - پكيڙ - پتر - ميچو. اوكاش - گنجائش - جاء - وٿي - چيٽي - ويچو. (پرمانند).
● مقدر ۽ مقدرَ: ذ. صفت. (ع. قدر) اندازو كيل. پهريائين لكيل. (ذ). حكم ازلي - مشيت ايزدي - لكيو - ڏٺيءَ جي كهڙ - قسمت جو لكيو. تقدير - پاڳ - نصيب.
● مقدس ۽ مقدسَ: ذ. صفت. (ع. قدس) پاڪ كيل - پوتر كيل - طهارت كيل. پاڪ - پوتر (ماڻهو يا جاه). پاڪ - سڳورو - پتلو ماڻهو - پارسا انسان - پلارو. بي ڏوهي - مطهر - معصوم - بي گناهه - نيردوش. (آصفيه).
● مقدم ۽ مقدمَ: ذ. صفت. (ع. قدم) اڳ كيل - اڳيون - پيشوا - پراكٿن - اڳيان - اڳ هر - متهندان - مهند. آپ دڙشتا - متڪ نظر ڪندڙ. رئيس - سردار - سروَر - وڏو - صدر - مهندار - ڏهرو. چوكيدار - راكو - جاڳو - واهپي - پهريدار - ركوالو - ركوال - ركپال. (پرمانند). گذريل - سابق - اڳوٽو - اڳيون - مهنديون - قبل.
● مقدم الجيش: ذ. صفت. سڀ سالار - لشكر جو سردار متهندار - سالار - فوج جو اڳوان. (ع. ا. ڊ). (ذ). فوج جي اڳيان موكليل ٽورو لشكر - هراول.

● مقدمو ۽ مقدماه: ذ. (ع. مقدمه < قدم) ڪنهن ڪتاب يا مضمون جي شروعات - آغاز - ابتدا - تمهيد - ديباچو - سرناسو - عبارت. ڪتاب شروع ڪرڻ كان اڳ لكيل ڪجهه عبارت. دانهن - ڪوڪ - فرياد - ڪپس - دعويٰ - معاملو.
● مقدور ۽ مقدورَ: ذ. (ع. قدر) طاقت - قوت - ٻل - سكهه - سمرٿي. قدر - پهچندي - وس - دسترسي - مجال - زور - وت - توفيق - وسيعت - اختياري. هلندي - رسائي. قابليت - لياقت - حيثيت - پيرهينتا - جوگائي. (پرمانند).
● مقراض: ث. (ع. ترڪي). ڪتر - ڪتچي - قينچي. (آصفيه).
● مقرب: صفت. (ع. قرب) لزديك كيل - ويجهو كيل - اوري كيل - قريب. ويجهو دوست - محرم راز - همراز. (آصفيه).
● مقرر ۽ مقررَ: ذ. صفت. (ع). قرار كيل - ترسايل - ٻيهاريل - ماڻ كرايل. (آصفيه). معمور كيل - عهدو ڏنل - ٺاهيل مقرر كيل - ركيل - ٻهاريل (نوكريءَ ۾). كتل - ٻڌل - اٽل - برقرار - ماڳائتو - ٺهرايل - كپ ڪوڙ - هٿڌائتو. (پرمانند).
■ مقرر كرڻ: قرار ڏيڻ - ترسائڻ - ٻيهارڻ. ڪنهن كم ۾ لڳائڻ - ٺاهڻ - معمور كرڻ - فائر كرڻ - جڳهه ڏيڻ - نوكر ركڻ - نوكري ڏيڻ - نوكريءَ ۾ ٻيهارڻ. ٻڌك كرائڻ - ڪپائڻ - جمائڻ - وٿيهارڻ - كوڙڻ. ٺهرائڻ - بنارائڻ. (پرمانند). قيمت كرڻ - ملهه كرڻ.
■ مقرري ۽ مقرريون: ث. تقرري - جڳهه - نوكري - معموري. ڏنڊو - روزگار. پگهار - تنخواهه - ماهيانو. (آصفيه) ٺهرايل وقت - ڏاڻي - سمن - ٽيڪ - تيٽ. (پرمانند).
● مقروض: ذ. صفت. (ع. قرض) جنهن تي قرض هجي - قرض ڏنل - قرضيو - قرضدار - قرضي.
● مقصد ۽ مقصدَ: ذ. (ع. قصد) قصد - ارادو - عزم. مطلب - مراد - مسورٿ - آرٿ -

Gul Hayat Institute

غرض - پروجن - نيت - متنشا - منصوبو - سيتَ - سيتا. (آصفيه).
= مقصد سيڌ ڪرڻ: دلي مراد پوري ڪرڻ - پنهنجو مطلب پورو ڪرڻ - دل جو ارادو بحال ڪرڻ.
● مقصود: ذ. صفت. (ع. قصد) مُراد - ليبت - منورٿ - آرٿ - مقصد - مطلب - غرض - پروجن - اِراد و - منشا. (پرمانند).
= مقصود جا هٿ هٿن: ڪاميابي حاصل ڪرڻ - مُراد پوري ٿيڻ - مقصد حاصل ٿيڻ.
● مقصود رنڊ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مقعد ۽ مقعدون: ث. (ع. قعدَ) وِيهڻ جي جاءِ - ڪُٽِي - گانڊ - ڪُدِيتا - دُبِرَ - دُنب. (آصفيه).
● مقلد: صفت. (ع. قلد = تقليد ڪندڙ) ڪنهن قول تي دَليل کان سواءِ عَمل ڪندڙ - تقليد ڪندڙ - نقال. پَيرو - مُريد - مُعتقد. (ذ) چئني اِمامن کي مڃيندڙ مسلمانن جو هڪ فرقو (آصفيه).
= مقناطيس حيواني: ذ. چمڪي پٿر جو هڪ قسم. (پرمانند).
= مقناطيسي: ذ. صفت. مقناطيس جي خصلت رکندڙ - مقناطيس جي. (گاجرا).
= مقناطيسي سُئي: ذ. قطب نما. (پرمانند).
● مقول (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مقتوي: ذ. صفت. (ع. قوي) قوت وارو - طاقت وارو - طاقت ڏيندڙ - قوت ڏيندڙ - سگهه ڏيندڙ - زور ڏيندڙ - بَل ڏيندڙ.
● مقياس: ذ. (ع. قوس) اندازي لڳائڻ جو اوزار - مِقدار جاچڻ جو اوزار. (ع. ا. ذ).
= مقياس الحرارت: گرميءَ ماپڻ جو هڪ اوزار - گرميءَ ماپ - ٿرمامِيٽر.
● مقيد: صفت. (ع. قيد = قيد ڪيل) قيد ڪيل - قيدي - باندي. (ع. ا. ذ).
● مقهيس ۽ مقهيس: ذ. (ع. مقيش) چاندي ۽ سون جي تارن جي مڙهت يا پرت. سونهري زري - ڪلابات. (پرمانند).
= مقيسي: ذ. صفت. ڪلابات پريل ڪپڙو - مقيس لڳل ڪپڙو - سونهريءَ زري لڳل ڪپڙو.
● مقيم: صفت. (ع). ترسندڙ - اقامت ڪندڙ - رهندڙ. گذارِيندڙ - رهاڪو - رهواسي - قيام پذير - منزل انداز.
● مڪ: ث. ڪچڙ (ون) يا جار جو ٻُور. ٻوٽي جو هڪ قسم. (ت). مٽي پاڻي جي لڌيءَ مڃيءَ جو هڪ قسم. (پرمانند). گهه جو هڪ قسم. (ل). (مهيري).
● مڪ ۽ مڪَ: ذ. ڪچڙ ون جو قِرُ - پيرون. (گاجرا).
● مڪَ ۽ مڪون: ث. (سن. مشٹ؛ ف. مشت = مُٺ) مشت - مُٺ. ٿونشو - گوشو - گوسو. گوشي سان هنيل ڏڪ. (پرمانند).
= مڪامڪي: ث. ٿونشي بازي - ڏڪ مُٺ - هٿين پڇين - گوسي بازي.
= مڪِرُ ۽ مڪِرَ: ذ. صفت. مڪن هٽڻ وارو - ٿونشي باز. (گاجرا).
= مڪَ هٽڻ: ٿونشو هٽڻ - گوسو هٽڻ.
● مڪ ۽ مڪَ (ڪ): ذ. جبل تي (يا جبل جي پاسي ۾) وڏو ٻنو (جو پري کان نشانبر ڏسجي) - ڪُنڊ و - ٽڪ.
● مڪا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سکر ۽ ٽرپارڪر ۾ نواب شاهه ۾).
● مڪار ۽ مڪاري: ذ. صفت. (ع. مڪر) مڪر ڪندڙ - مڪريل - فريبي - دلبي باز - ڍوهو - ٺڳ - لبيسي - ترياڪ - ڏَهُر - دوڪيباز - دغاباز - عيار - ڪوڙو - منافق.
= مڪاري ۽ مڪاريون: ث. مڪر - ڍونگ - ڇلبازي - ٺڳي.
● مڪشفات: ذ. (ع. متڪاشيفه جو جمع < ڪشف) پڌرائي. لِسان غيب - آڪاس وائي - الهام. وڏي خبر. ٽئين خبر. بشارت.

● مُكافاتُ: ث. (ع. كتفيَ) عيوضو - بدلو - آجُورو - عيوض. (ع. ا. ذ).
= مُكافاتُ كَرَنُ: عيوضو ڏيڻ - بدلو ڏيڻ - آجُورو ڏيڻ - عيوض ڏيڻ - احسان جي بدران احسان ڪرڻ.

● مَكالُ ۽ مَكالَ: ذ. (سن. مَنْكْلَتھ = ٻاھ) ڪُلُ - مَنڪلُ - سِگرِي - سِگڙي. ڪُٽ جو ٽهيل اوزار، جنهن ۾ لڻيا چُڪھ ٿين. (ت).

● مَكانُ ۽ مَكانَ: ذ. (ع). رهڻ جي جڳھ - جاءِ - جڳھ - هنڌ - آستانُ - ٽِڪاڻو - رهاڻ - مَسڪن - خانو - ٺاهو. اوتارو - ٻيڪ. فقيرن جي رهڻ جي جاءِ - دائرو. شهر - گامُ - نگر - مُلڪ - ديس - وطن. علائقو. (اسم خاص). تعلقي محال ڪوهستان ضلعي دادو ۾ ڪن ديهن جو نالو، جهڙوڪ: مكان آڻ پٽلاڻ، مكان ٻيلي ٽپُ، مكان ٻڌر ٻڌنڊُ، مكان ٻچاڻي، مكان پٽ ڪرچاڻ، مكان پوڪڻ، مكان ٺاهو عارب، مكان ٽڪُ، مكان ٽِيڪو بادڻُ، مكان ڏماچ ۽ مكان رني ڪوٽ.

= مَكانِيُ ۽ مَكانِيُ: صفت. آستاني. اوتاري جو مالڪ.

● مَكانُ آڻُ پٽلاڻُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانَ ٽِيلِيُ ٽپُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ ٻَڌرُ ٻَڌنڊَ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ ٻَچاڻِيُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ پَٽُ ڪَرِچاڻُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ پوڪَڻُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ ٺاهُ عارَبُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ ٽَكُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ ٽِيڪو بادڻُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ ڏَماچُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكانُ رَنِيُ ڪوٽُ: اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَكائِنُ: ث. (سن. مَرْكَكِه) آنَ جو هڪ قسم - مكائي.

● مَكائِيُ ۽ مَكائِيُونُ: (سن. مَرْكَكِه) آن جو هڪ قسم - مكئي.

= مَكائِيُ ٻِيرُ ۽ مَكائِيُ ٻِيرَ: ذ. ٻيرن جو هڪ قسم (هي ٻير ٻيولد ذريعي پيدا ڪيا ويندا آهن. ٻيولد ۾ خوشبودار شيون وڄهي خاص خاصيتون پيدا ڪيون ويندين آهن) (گاجرا).

● مُكائِنُ: مصدر. (سن. مُچُ = موڪلڻ) (گاجرا). ڪهرائڻ - مڏائڻ - ڪوٽائڻ - مُنجَائِنُ. مُچُر ي) = چڏائڻ) فيصلو قطعي ڪرڻ - حساب ڪتاب صاف ڪرڻ - ختم ڪرڻ - بس ڪرڻ - پورو ڪرڻ - خاتمو ڪرڻ - لپائڻ (ت). (مكائيو - مكائيند و - مكائيل).

● مُكْتِ: ث. (سن. مُچُ = چڏڻ) آزادي - چوٽڪارو - نجات - رهائي - مكتي.

= مُكْتُ ۽ مُكْتَ: ذ. صفت. آزاد - آجو - خلاص - چڏيل - رهايل - نجات ڏنل - نجات چوٽڪارو ڏنل.

= مُكْتِيُ ۽ مُكْتِيُونُ: ث. آزادي - چوٽڪارو - آزادگي - رهائي - خلاصي - نجات - آجائي - موڪ. معافي - ڏوهه آسرائ. پرم پد - پرم آنند - ڪمال خوشي - نرورتي - آڌار - گت.

● مَكْتَبُ ۽ مَكْتَبَ: ذ. (ع. كتب) لکڻ جي جاءِ. لکڻ پڙهڻ جي جڳھ - مدرسو - پائشالا - اسكولي - دبستان - خط ب - ڪتاب - وديا آليه - تعليم گاهه - درسگاهه - تعليم گهر.

Gul Hayat Institute

● مُڪٽو ۽ مُڪٽا: ذ. صفت. (ع مُقْطَع جو ٻگڙيل) ستو - جهجهو - جار - وافر - ٻهون - ويلُ چيلُ - ڏيڏين ڏيرُ - ستيهو - گهٽو - گهل - چالُ - سرُ مُ - گاٽبو - ستيئل - بيشمار - بي انداز - هيکاندو. آجو - چُٽل - آزاد - رها. (ت) - جميعت. گُليل - ڪشادو - ويڪرو - موڪرو. (ت). ٻڌ نن ڪان آزاد - اهو اکر جنهن تي ڪا به لاڪٽا يا اعراب نه هجي (هندي، سنسڪرت ۽ سنڌ جي هندو سنڌيءَ (واڪا اکر) ۾ جنهن اکر تي آچار جي ڪا به نشاني نه هجي تہ ان کي زبر ڏنل سمجهيو وڃي ٿو. عربي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي ڪ زبر ڪ هندو سنڌي ۾ چئبو ڪٽو مُڪٽو = ڪ). (گاجرا).

● مُڪٽوبُ: ذ. صفت. (ع. ڪَتَبَ) لکيل - تحرير ڪيل (ع. ا. د).

● مُڪٽوبيُ: صفت. علم نحو جي اصطلاح ۾ آهي اکر جن جا پهريان ۽ پويان اکر هڪجهڙا هجن (جيئن آٻتا - سٻتا هڪجهڙا هجن "جهڙوڪ: ميم، نون، واو، وغيره).

● مُڪٽ ۽ مُڪٽَ: ذ. (سن). هندن ۾ شاديءَ وقت گهوٽ جي ستي تي پاتل چٽ - مُڪهٽ - موڙ - چٽ - مُٽڪ - تاج. چوٽيُ - طرو - ڪلنگيُ - ڪلغيُ - هُولُ - منڊڪ - سيهرو. (گاجرا) واهه.

= مُڪٽ مڃاڻ (ت): رنگ لائي ڇڏڻ - تماشو ڪرڻ.

= مُڪٽ مڃڻ (ت): تماشو ٿيڻ - مزو ٿيڻ. آباد هجڻ - سرسبز هجڻ - شاداب هجڻ. (حاميُ).

● مُڪدّرُ: د. صفت (ع). گدلو - گندو - ڪينو - ميرو - غليظ - ميئيءَ وارو - خراب. (ع. ا. د).

● مُڪرُ: ث. (سن). سامونڊي جانور جو هڪ قسم (ٽنگون سميت ۽ مٿو هڙن جهڙو، بدن ۾ ونڊ مڇي جهڙو). علم نجوم موجب آسمان جي ٻارهن راسن مان ڏهين راس جو نالو - جدي.

= مُڪر گهيرو: ذ. خط جدي - جدي گهيرو.

● مُڪرُ ۽ مُڪرَ: ذ. (ع) فريب - دغا - ٺڳي - دولاب - مينهن - ڏوسنگ - ڪوڙو ڏيکاءُ - ڪيڏ - چل - هيلو بهانو. مڪير - گيگ - تيئتال. (ذ). مڇيءَ جو هڪ قسم (شاڪر مڇيءَ جي جنس، ڏيگهه فقط ٻه ٽي انچ).

= مُڪري ۽ مُڪَريُ: ذ. صفت. ٺڳ - ليبيسي - تريناڪ - ڏاڙ - تيئتالي - گيگر - دغاباز - دولابي - ريبي - مڪريلو - مڪريلو.

= مُڪريلي: صف. ٺڳباز - چورٽو - ٺڳيءَ جو - هرتالو - لُچڙو - مڪريلو - مڪريلي - ٺڳٽو - حرفتي - پرهُنڇي - آٽڪلي - حريف - چالاڪ - ڏوپائي - رهڙو - ڏوڪيباز - دولابي - ڦندي - ڦندباز - چندباز.

● مُڪرُ ۽ مُڪَرَ: ذ. وڏي مڇيءَ جو هڪ قسم - شهُڪرُ (ت) - شاڪر. (صفت) انڪاري - نابري واريندڙ - ناڪار ڪندڙ - آليندڙ.

= مڪران: اسم خاص. بلوچستان صوبي جي هڪ رياست جو نالو.

= مُڪرانيي: صفت. مڪران ملڪ جو رهاڪو. (ذ). آٽ جو هڪ قسم (قد جو ڊگهو، بدن ۾ گهاٽو، وار گهنديدار) (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻو، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾).

● مُڪراهيه: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مُڪرّرُ: صف. (ع. ڪرّ) بار بار ڪيل - وري وري - هر بار - ورائي. ٻي گهمري ٻوليءَ جي رنگين ٻنائڻ جو هڪڙو نمونو (جهن ۾ ساڳيو لفظ جدا جدا معنائن سان لاڳيتو ڪم آڻڻ مثلاً: هزار هزار، هزار ٻليون، نگار نگار - سهڻو معشوق). (گاجرا).

● مُڪرّمُ: ذ. صفت. (ع. ڪرَمَ) ڪرم ڪندڙ - ٻاجهه ڪندڙ. بخشش ڪندڙ.

● مُڪرُنُ: مصدر. آلُ - انڪار ڪرڻ - نه مڃڻ - ناڪار ڪرڻ - قبول نه ڪرڻ - ڦري وڃڻ - ناڪاري ٿيڻ (مڪريو - مُڪرندو - مڪريل).

= مُڪرجيُ و جڻُ اليُ وڃڻ - انڪار ڪري ڇڏڻ - نابري واريڻ. ڪوڙ ڳالهائڻ.

Gul Hayat Institute

● مَکڙُوهڙ: ذ. صفت. (ع. کَرَهَ = کَراهت جهڙو) کراهت جهڙو - بُڇان جهڙو - نفرت جهڙو - سَوَ ک جهڙو - گندو - خراب - بيڪار جهڙو. ناپسند - اڻ وڻندڙ. ناجائز - نارَوا - مُردار.

● مَکڙِي ۽ مَکڙِيُون: ث. اسم. (سن. مَتڪُنڻي = ٻيڙي) ٻيڙي - ڪِشتي - ڊُونڊي - جَل تَرَني - ناؤ.

● مَکڙُ ۽ مَکڙَ: ذ. (سن. مَرُکَٽَ = مَکڙُ) آڏامندڙ جيت جو هڪ قسم (گهوڙي دونار جهڙو). (صفت). گهٽ ڪائو - ڪائي ڪٽائيندڙ.

● مَکڙُوءُ ۽ مَکڙُوا: ذ. (سن. مُکڙهـ) هُرلي يا گهاڻي جي مٿين ڪاٺيءَ ۾ اڪايل هڪ ننڍو ڪاٺيءَ ٽُکرُ (ڪاڇڻ ۾ ٻيل سَلُ نڪتل ڪاٺي، جنهن ۾ پُرجل جو مٿيون ڇيڙو پيل رهي). (مَلهڻ يا ڪُشتيءَ ۾) جانئو - ڦِڙتي - انگڙو - انگڙي. درياهي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو. (ن. ب). ٻيڙو - وڏي ٻيڙي. (سُرڪاموڊ - گُر). گهوڙي جو هڪ قسم (پُورو، سونهري رنگ جو گهوڙو (سمند) جنهن جون تريُون، مُشڪون، پُڇ ۽ ڪرنگهو ڪارا هجن).

● مَکڙِي ۽ مَکڙِيُون: ث. جيت جو هڪ قسم - تِڏ - تِڏو - پيندو. ننڍو مڪوڙ آڏاڻي يا چرخي جو هٿيو - مُٺيو. جند جي مٿين پُڙ جي وچ ۾ سَل ٽيل ڪاٺي. ٻيڙي - ڪِشتي - ڊُونڊي.

● مُکيڙي ۽ مُکيڙِيُون: ث. ٻيڙَ - مَنَ - چاپَ - مَتاڙ - زور.

- مُکيڙِيُونَ هٿُنَ: ٻيڙون ڏيڻ - زور ڏيڻ - مَنَنُ - چاپَنُ - مَتاڙُنُ.

● مَکَلَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾). (سينسز - ١٩٣١ع).

● مَکَلاڻِي: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَکِلِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٽنڊي شهر لڳ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.

● مُکمَلُ: صفت. (ع. کَمَلَ) ڪامل، ڪيل - پُورو ڪيل. پُورو - تمام - ڪامِلُ - سمپُورڻ. ڪُلُ - ثابت. (آصفيه).

● مُکُنڊُ: صفت. نجات ڏيندڙ - ڇوٽڪارو ڏيندڙ - مُڪتي ڏيندڙ. (ذ). قيمتي پٿر. (اسم خاص). وٺنئو جو هڪ نالو - هندن جو هڪ ديوتا. "سي سامي سدا سَرها، مُکند جن جي من ۾". (دلپت).

● مَکنُو ۽ مَکنا: ذ. صفت. (سن. مگنَ = غرق) مست - چريو - متوالو - پاگل. بي پرواهه. چِرتو - هُڙڪيو.

- مَکِنُو هاڻِي: ذ. چريو هاڻي - مست هاڻي. (صف). پهلوان - سورهيه - طاقتور.

● مَکو: اسم خاص. (ع مَکَهُ) عرب ملڪ جو هڪ مشهور شهر - حضور محمد صلي الله عليه وسلم جن جي جنم جو شهر. (.). فائدو - نفعو - لاڀ - لاهو - ڪٽيو - پرنهت. چاڙهو - سواسو - سرسي - واڌارو. خوشي - لُطف - عيش - رَهسو - رَهَس - پوڪ - حِظُ - مزو - راحت - آنَنُدُ - جشن.

- مَکو پيتَنُ: زيارت لاءِ مڪي ڏانهن وڃڻ. نجات حاصل ڪرڻ جا وسيلا ڪم آڻڻ. ڪنهن مشڪلات حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ پر ان ۾ ناڪامياب ٿيڻ. (گاجرا).

- مَکو مَچڻ: ٿوري محنت سان گهڻو نفعو ٿيڻ - سَرسي ٿيڻ - وارو ورڻ - پاڻ لڳڻ - چاڙهو ٿيڻ - فائدو ٿيڻ. مزو لڳڻ - رونشو ٿيڻ - تماشو لڳڻ - پوڪ لڳڻ. وڃهه لڳڻ - وارو اچڻ - موقعو ملي وڃڻ.

"مُڙس اٽيو تہ مکو متو، پر پر ستل هوندس سَکو". (جام خان).

● مَکُو ۽ مَکُو: ذ. آڏاڻي جي يا لار جي هنهي پاسن واري چُهنبدار نوڪ. ٽوپي واري بندوق جو ٽوپي چاڙهڻ وارو پاسو. (ت).

● مُکُوُ: اسم مفعول مُڪجڻ مصدر مان.

● مُکيوا: ذ. دنتري - ڦڙڪو - پالو - مُڪوا.

Gulshan-e-Hayat Institute

● مُکِواٹا (ث): اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مُکوُل (ت): اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو. (بلبل).
● مُکوُلنُ (ل): مصدر. مَلڻ - مهڏڻ - لائڻ - لڳائڻ - پترڻ (هٿ وغيره).
" رات مُکوليا مُشڪ سين، ميڻي پنهنجا مودِ"؟ (خليفو نبي بخش).
(مکوليو - مکولندو - مکوليل).
● مُکِ ۽ مُکيُونُ: ث. (پرا. مُکِي. سن. مُکِڪا > مڪشکا = مُکڪ. ف. مگس = مڪ) آڏامندڙ جيت جو هڪ قسم - مُکِي - مگس - ذباب. ڪُتر. ماکيءَ جي مڪ - مکين جو ميڙ. بندوق جي ناليءَ تي لڳل هڪ ڪِلِي. بندوق جو ماڻو. نظر (بندوق جي).
= مُکِ تيرُ ڪنُ: سُڻائي هڻڻ - صفائي هڻڻ - ٻوشيدائي هڻڻ.
● مُکُ ۽ مُکڪ: ذ. (سن. مرکشڻ > مرکش = مَلڻ - مَکڻ) گهه تيل وغيره (مانيءَ يا هڻڻ کي) مَلڻ جي حالت - تاج پهرائڻ يا شاديءَ وقت پيشانيءَ تي سٽ لڳائڻ جي حالت - مَل - مَهٽ. گهَٽ. (ڪ). ڪوبه سٽ، جو (پاڻي سان چڪڙ ڪري) چرخين، (گاڏين جي) سراين يا ڪلف جي سهولت سان لاهڻ لاءِ لڳائجي. (گاجرا).
= مُکُ چنڪ: ذ. مهٽ سهٽ. بدن جي پوچار - ڳهه مهٽ - ٽارهوش. هار سينگار - زيب زينت.
● مِکُ ۽ مڪ: ذ. (ف. مُخ = مِکُ. سن. مجّن = مِکُ) هڏن جو طاقتور مادو - مِجُ - ڀاهُ - گورو - گُدو - گُودو. هڏن جي چربي.
● مُکُ ۽ مُکَ: ذ. (سن. مُکُر) واتُ - منهن - ٻُوٽ. دُوساڙُ - مُهانڊو - چهرو - شڪل - صُورت - مُهڙ - مُونهانڊو. پيشاني - متو - نِراڙُ - لِلاڙ - لِلاٽ دروازو - گهٽُ - گهڙُ - لانگهو - لنگهه - گذر. (پليٽس). (ذ. صفت). راڄ جو چڪو سمرس. پتيل - مُکي. مکيه ماڻهو - خاص ماڻهو. اگواڻ - صدر - پردان.
= مُکامُکيُ: ظرف. آمهون سامهون - مُنهن مقابل - مُنهان مُنهن - سنمُک - روبرو - مُهِندان - پيش. (ث). ملاقات - ديدوان ديد - مُڪا ميلو - گڏجاڻي - ميلاپ.
= مُکا مِيلوُ ۽ مُکا مِيلا: ذ. گڏجاڻي - ملاقات. وَصل - ميلاپ.
= مُکامِيلِيُ ۽ مُکامِيلِيُونُ: ث. ديدار - ملاقات. (گاجرا).
= مُکُپائِيُ ۽ مُکُپائِيُونُ: ث. مُکُپاٽو.
= مُکُپَنُ: ذ. مُکُپائي - صدارت - سروري - سيريشٽتا - مُکِيتا - پيشوائي - مهنداري - سرداري - سرڪردگي - مُکُپاٽو.
= مُکُپاٽوُ ۽ مُکُپاٽا: ذ. مُکُپَنُ.
● مُکائِنُ: مصدر. (سن. مرکشڻ = لڳائڻ) تيل وغيره جو هٿ هڻائڻ - مڪ ڪرائڻ. آءِ مڪ ڪرائڻ - ڪتائڻ - پراهت ڪرائڻ - ڪمارائڻ - حاصل ڪرائڻ. (مڪائيو - مڪائيندو - مڪائيل).
● مُکاڏُنُ (ت): مصدر. آزاد ڪرائڻ - ڇڏائڻ - ٻري ڪرائڻ. (ت - وفا). (مُکائيو - مُکائيندو - مُکاڏيل).
● مُکَتُو ۽ مُکَتُو: ذ. صفت. (سن. ما = لا + سُکَنيهه = جهلو) نه ڪتندڙ - نه ڪمائيندڙ - جو ڪنهن شيءَ مان فائدو نه ڪري سگهي - نِڪتُو - بيڪار - ڪم ڪوس - عاري.
= مُکَتَنُ: ث. وڏو درجو - مُکيءَ جو عهدو - مکيءَ جو ڪم. (گاجرا).
● مِکِيرُ ۽ مِکِيرَ: ذ. (ع. مُکَر جو بگڙيل). مَکرُ - بهانو مِنهُن - ڏُوسگ. تيتال - فريب - چَلُ - ڪَندُ - تِرڪتالُ - تالُ. انگل - حرفت - ڪيڏ - چالاڪي. (قليچ).
= مِکِرِيلُ ۽ مِکِرِيلَ: ذ. صفت. مِکِرُ ڪندڙ - مَکرِيل.
= مِکِرِيلِيُ ۽ مِکِرِيلِيُونُ: ث. صفت. مِکِر ڪندڙ (زال) - ڏونگي - ڪوڙو بهانوڪندڙ.
● مُکَراجُ: ذ. ڪاڪ جون ٻنيون (جن جي وچ ۾ تيڪو پرجي (گاجرا).
● مُکَراجُ: اسمِ خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● مڪيرانُ ۽ مڪيرانَ: ذ. گهوڙي جي منهن کي مڪين کان بچاءُ لاءِ بدل سُٽ جو موڙُ.
● مڪيرائيڻُ: مصدر. گيگائڻ - ٻهانو ڪرڻ - مينهن ڪرڻ - تيتال ڪرڻ - گيسگ ملائڻ - مينهائڻ - تيرڪتال ڪرڻ - مڪرُ ڪرڻ - ڏوسگ مچائڻ - مڪر ڪرڻ - ٻهالو ڪرڻ - ڪوڙو عُذر ڪرڻ. (مڪرائيو - مڪرائيندو - مڪرائيل).
● مڪرُو ۽ مڪرَا: ذ. پوڳڙيءَ جو هڪ اوزار. (پوڳڙيُ)
● مڪريُ ۽ مُڪريُونُ: ث. (سن. مُڪُلَ + ايڪا = مُڪڙي > مُڪرَهَ = مُڪري) گل ڪُلن کان اڳ گل جو جسم - ٻوچيل گل - اڻ آهٽيل گر - مُڪڙيُ - ڪَلِيُ - مُڪڙي. (ت). مالڪوس راڳ جي هڪ راڳڻي جو نالو.
● مڪڙيُ ۽ مُڪڙيُونُ: ث. مُڪري.
● مڪنڊَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۾). (سينسز ١٩٣١ع).
● مڪنُ: مصدر. (سن. مرُ ڪُشنُ = مڪن) لائڻ - لڳائڻ (تيل) - مهٽڻ مسلڻ. سٽي لڳائڻ - تيل لڳائڻ. مالش ڪرڻ - مهٽ مهٽ ڪرڻ - آڏ تهيلنُ هٽ ڪرڻ حاصل ڪرڻ. ڪٽڻ - ڪمائڻ - پر ٽڻ - وٽڻ - آڻڻ (فاندو). (مڪيو - مڪيندو - مڪيل).
● مڪنُ ۽ مڪنَ: ذ. (پرا. مڪنيا > مڪَوَنَ: سن مڪنيا > مڪن > سٽ = ولوڙڻ) ولوڙيل کير مان نڪتل سٽي - ڪچو گهيه - اڻ پگهاريل گهيه - دُڪو - آدلهُ - مسڪو - قُلِيُ.
= مڪنُ آڪَارُ (ت): مڪڻ کي رڙائي صاف ڪري گهيه ڪرڻ.
= مڪنُ ٻهي مٿوسڙُنُ: فائدي ٽيڻ تي ناراض ٽيڻ.
= مڪنُ هو گهڙو مُٽنُ: تمام نرم سياهه جو هٿن - رحمدل هجڻ رج چڪو مڙس هجڻ.
= مڪنُ جيءُ سيڃُ پڇاڻنُ: گهٽي تڪليف وڻڻ شدت مصيبت ڏسڻ - جفاڪشي ڪرڻ:
= مڪنُ جيءُ متاڙيُ آڏنُ: نه ٽيڻ جهڙي ڪر جي ڪوشش ڪرڻ. اچائي ڪوشش ڪرڻ. بي بنياد ڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. خيالي پلاءُ پچائڻ.
= مڪنُ متانُ وَارُ ڪَيڏنُ: چڱيءَ طرح تپاس ڪرڻ - سخت جاچ ڪرڻ.
● مڪنُ ٻُوٽيُ: ث. دوا طور ڪر ابندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم (چٽي جي ٻوٽي جهڙو، ڦر ڪارو، گل اڇا، بج سنهون).
● مڪنُ ٻيلو: اسم خاص. تعلقي جوهي ۽ تعلقي ڪشمور ۾ ديهه جو نالو.
● مڪنُو (ت): ذ. گاهه جو هڪ قسم.
● مڪنڻهارو ۽ مڪنَنهارَا: ذ. مڪين جي بچاءُ کان يا سونهن طور گهوڙي جي اکين تي بڌڻ لاءِ سُٽ جو ٺهيل موڙ - انڌارو. (ت).
= مڪنڻيارو ۽ مڪنڻيارَا (ت): ذ. مڪنهارو. (ت. حاسي). مڪڻ وارو.
● مڪنڻيُ: ث. گاهه جو هڪ قسم (تمام مٺي زمين تي ۽ سينهن جي ڀاڱي تي ٿئي، ڏاتوري جيڏو، سڄهس سنهڙ، ڳاڙهي ڪاري رنگ جا داڻا ٿين). ڏُڌ جو هڪ قسم مڇيءَ جو هڪ قسم. (ٿول رهڻي ڪان ٿوري وڏي، چوڏاري ڪنڌ).
● مڪو ۽ مڪَا: ذ. (سن مڪُشِڪَا = مڪو) جيت جو هڪ قسم - وڏي مڪ نرُ مڪو.
= مڪوراڙ: ث. مڪين جي گهٽائي - مڪين جو ميڙ - مڪين جي جُٽجهه - مڪين ج پينيا.
= مڪوراڙو ۽ مڪوراڙا: د. وڏي مڪ جو هڪ قسم (گجرا).
● مڪو ۽ مڪَا (ت): ذ. ڪاڻيءَ جو مٽو.
● مڪيُ ۽ مڪيُونُ: ث. (سن مَكُشِكَا = مڪ) مڪ مڪس. (اسم خاص). تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو هڪ مشهور ديه جو نالو.
= مڪيُونُ (ت): ث. پرت جو هڪ قسم.
= مڪيُونُ مَارُنُ: بيڪار وقت وڃائڻ - نڪمو رهڻ - نڪارُ ٽي ويهڻ ڪوبه ڪر ڪار نه هجڻ - خالي ڦيلي وقت ضايع ڪرڻ.
● مڪيُ ۽ مُڪيُ: د. صفت. (سن. مُڪ = وات، منهن. پرا. مُكَّ = مڪ) مڪيه ماڻهو - ٻرُڏان -

Gul Hayat Institute

شاهه- رئيس- صدر- سردار- سرور- وڏو- مُک- مُنهنجو مڻي- پَرهو مڙس- چوڏري- سَرُ پَنڇ- اڳواڻ- پٽيل- وڏيرو

● مڪياڻيءُ ع مُڪياڻيُونُ: ث. صفت. زالن ۾ مڪيه زال- زالن جي اڳواڻ. مڪيءَ جي زال. (گاهر)

● مُڪيارُ ع مُڪيارَ: ذ. صفت. (سن مُک= منهن، وات). گالهڙ جو حق رکندڙ- هاڪاري يا ناڪاري جواب جو مختيار. اختيار وارو- خود مختيار- وسوارو- رضا راڻو- مرضيءَ وارو.

● مُڪياريُ ع مُڪياريُ: ث. ڪاڄ شئي وٺڻ مهل گراهڪ ۽ دُڪاندار جي وچ ۾ موڻائي ڏيڻ جي حالت ۾ ڪيل اقرارنامو- شرط شروط. (صفت). مُڪيار.

● مڪيارڻو ع مڪيارڻا (ت): ذ. مڪٺهارو- مڪٺيارو. (ث).

● مُڪيچُوسُ ع مڪيچُوسَ: ذ. صفت. چمچوس سوڏي- شُوم- ڪَرُپڻُ- ڪنجوس- بخيل- ڪَدُرچُ- پڪو مُٺ ٻيڙُ- پَڪَشُٽُ.

● مڪيو چڪيو: ذ. صفت. ٺُڪو- ٺين وانگر سينگار ڪيل- ٺهڪو ٺهڪو ٽار پُوشيدو- چنڊ ڦوڪيو- سيٽائيتو- پوشيدو- صفائي وارو.

● مُڪيهُ ع مُڪيهَ: ذ. صفت. (سن. مُکُ= مُنهنُ، مُکيه) مُنهن وارو- مهندبون- اڳيون- اڳواڻ- مهندار- مُکُ. مُکي. صدر- پردان. سڀ کان مٿي- اعليٰ- اتم. شاهه. سرڪردو- سردار. وڏو- بزرگ. خاص. نرالو.

● مڪُ ع مڪُونُ: ث. (انگ). پشم مان ٺهيل نرم رضائي يا گاديلو.

● مُڪُ ع مُڪ (ث): ذ. صفت. موڪو- ڪُند ذهن- موڪشُٽُ. (جيسا).

● مُڪيرِ: ث. چوڪارو- مُڪت- مُڪتي.

● مُڪتُ ع مُڪتَ: ذ. (سن. مُڪتُ= موڙُ- چٽُ- تاجُ- ڪلغي- مُڪتَ- مُڪ. (ن- ب).

● مڪيجيُ ع مڪيجيُونُ (ت): ث. پوتي جي ڪناري جي پٽي- متغزي- ڪنارَ. (راه).

● مُڪڻُ ع مُڪڻَ: ذ. صفت. مُورڪ- آياڙو- بيوقوف- ڪٻيلو- بي عقل. (امولڪ پرارٿنا ۽ون).

● مُڪڻَرُ ع مُڪڻَرَ: ذ. (سن. مُدگرَ= مُگريو) جسماني ورزش ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل ڏنبدو- مُگدرو. مُگرو- ونوڙُ.

● مڪنرُ: حرف جملو. پرَ. فقط- رُڪو- رُڪڻو- جيڪر- لاڪَس.

● مڪنرِ (ت): ث. (ع. مغروري جي مخفف مغر جو بگڙيل) مغروري- غرور وڏائي- ٽاڻ.

● مڪنراڙيُ (ث): ث. صفت. ٽڪرائتي- جاهلو- ٻهڙياري- پٿرائين- بهاڙي- ڪڪريلو (زمين).

● مُڪنرُمانُ ع مُڪنرَمانَ: ذ. ساز جو هڪ قسم- شيدين جي وڄائڻ جو دَفَ جو هڪ قسم- مُغرمان. (آزاد).

● مڪيروُ ع مڪيرا: ذ. ڪليل زمين جو مٿرو ٽُڪر. (ث). (ذ. صفت). مغرور- هٿيلو- موڙ وارو. پهلوان- بهادر- جوڌو- سُورمو. (ت).

● مُڪيروُ ع مُڪيرا: ذ. گل جو هڪ قسم (موتئي جي گل کان ڪجهه وڏو، خوشبوءِ موتئي سان مشابهه، پُوٽو موتئي جي پُوٽي جهڙو، گلن جورنگ اڇو ڪجهه پيلاڻ تي مائل). ڪنڌين جي محاوري ۾ ڪهڙن ڪنڌن جو مُگرو. (ن. ب).

● مُڪيريُ ع مُڪيريُونُ (ت): ث. ڪاڄ جي مُترڪي- مُگري. مُوريءَ جي قسم.

● مُڪيريا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُڪسُ ع مُڪسَ: ذ. صفت. قُلقليو (گهوڙو). ڪُٽ جي ڪائڻ ڪري خاڪي بندن گهوڙن تي ٽيل چٽا. (گاجرا).

● مڪسيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو- بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.

● مڪنُ ع مڪنَ: ذ. صفت. (سن. مڪنَ= غرقُ) مگهن- مست- غلطان- غرق- ٽُهيءَ ۾ پُڏل- موڙ ۾ پريل- ريڙل- پريشيل- خوش- پرسن- نهال- مسرور- سرهو- راضي. مشغول- رُڌل- (ڪم ۾) قائل.

● مَنگيءُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي ۾).

● مَنگيا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مَنگ ۽ مَنگَ: ذ. صفت. (سن. مَگْن = غرق) مغرور- هٿيلو- آپماڻي- مَتجازي- آقريل- دماغي- هَنَڌي. فاخر- فخر وٺندڙ. تڪبري. مست مؤ ۾ پريل برد بار- گنهير. (ت). ٽَپٽو ڪُڏڻو- لٽڇڻو- البيلو- رَوَنشائي- چنچل- لَهراڻي. خوش- بي غم- بي گوند ريو. بي پرواهه. سرڪش- قَدَڻي. متارو- هٿ وارو. موڙ. (ت). انداز ڪان پاهر- وڌيڪ- گهٽو- جهجهو. (اسم). آڪڙ- وڌائي. (گاجرا).

= مَنگ سَوالِيءُ ٽَيٽَ: مست ٽيڙ- مخمور ٽيڙ- سرشار ٽيڙ- مستانو ٽيڙ.

● مُنگ ۽ مُنگ (ت- ل): ذ. صفت. ڪُند فهم- ڏڍ- موگو.

● مُنگِتِيءُ ۽ مُنگِتِيئُونءُ: ث. (سن. مُڪتِي) چوٽڪارو- نجات- موڪ- رهائي- آزادي- مڪي. هندو تصوف موجب دنيا جي فاني شين کان مٿانهون درجو حاصل ڪرڻ جي حالت. وري نه جنم جي حالت.

● مَنگجَنءُ: مصدر. مغروري ۾ اچڻ- هٿ ۾ پرجڻ. مست ٽيڻ. (مَنگيو- مَنگيلءُ).

● مُنگڏَرءُ ۽ مُنگڏَرَ: ذ. (سن. مُدْگَر = مَنگڏر) ڪسرت ڪرڻ جو ڏنبو- مُٺارو- وَڻهوڙ- مُگدر.

● مُنگِليءُ ۽ مُنگِليئُونءُ (ل): ث. ڏُڪي- مؤنٿي- مَڳري- ڏونگري. مُستَرڪي- هٿوڙي.

● مَنگيءُ (ت): ث. مغروري- هٺ. مؤ- مستي. خوشي. بي پرواهي.

= مَنگيءُ ڪَرڻ: مستي ڪرڻ- لُڇائي ڪرڻ- حرڪت ڪرڻ- گيچل ڪرڻ. چُڙوا ٻڌ ٽيڻ- پاڻ پرو ٽيڻ- زوراور ٽيڻ- پاڻ زورو ٽيڻ.

● مَنگها (ڪ): د. گاهه ۽ ڏٺ جو هڪ قسم- مُنگها.

● مُنگهَنءُ ۽ مُنگهَتَ: ذ. (سن. مُڪتَ = چَتءُ) چٽ- تاج. ڪلنگي- سوڙ- مُڪَنءُ- مُنڪ. چوٽي- طُرو- چنگو.

● مَنگهنءُ ۽ مَگهَنَ: ذ. صفت. (سن. مَگْنَ- غرق) غلطان- غرق- ٽُهيءَ ۾ پيل- ٻُڏل- ويچار ۾ ويل- مَگن مَست- مؤ ۾ پريل- مخمور- سرشار. مشغول- رُڌل- ڪم ۾ قائل.

● مَنگهوءُ ۽ مَنگها (ت): ذ. جانور جو هڪ قسم. ٻلي جو نالو.

● مُنگهوءُ ۽ مُنگها: ذ. اسم. وَل جو هڪ قسم- مُنگهو (هيءَ و ل پٽ تي يا نندڻ وٽن تي پکڙجي، سندس قَمءُ چيڙ جيڏو ڳاڙهو ۽ مينءُ ٽئي) گولاڙي وَل جي گول.

● مَنگهوءُ ڪَنَرِيءُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (حيدرآباد ۾).

● مَنگ ۽ مَنگَونءُ: ث. (پرا. منگيشو. سن. منگيڪا = گهُرَ مر (ي) گ = مَنگَن) گهُرَ- طلب- ضرورت. پڇن- سَوال. (آذار سَڌار جي) گهُرَ.

" جا مَنگ منهنجي من، سا توکي معلوم سيکا"

مَنگ چڪيل عورت- مَگٽو ڪيل عورت- مَگيدي.

● مُنگ ۽ مُنگ: ذ. (پرا. مُڪ. سن. مُدْگر = مُنگ) اناج جو هڪ قسم. تور جو هڪ وزن- رتيءَ جو چوٿون حصو.

= مُنگ ٻانهي و هَنءُ: چُپ ڪري وهڻ- ڪجهه نه ڪهڻ.

" ڏي موڪل ملڪ وڃان، ميان مُنگ رَ ٻاڻ" (حمل).

= مُنگ ٻَوَنءُ: خاموشي ڪرڻ- ماڻ ڪرڻ- چُپ رهڻ.

= مُنگ چَڙَنءُ (ت): ڪجهه به هٿ نه اچڻ- اجايو محنت ڪرڻ. (سنديلو).

" اچليو ڪانڇ هٿانس تہ چٽي ٻيا مُنگ"

(پيرائو).

● ميڪ: ث. (سن. مجّا = ميجالو) ميڪ- مغز. (گاجرا).

Gul Hayat Institute

● مڱڻائيڙ: مصدر. مائني ڪرائڻ - مڱڻو ڪرائڻ. گهرائڻ - سڏائڻ - چوائڻ. (مڱڻيو - مڱڻائيندو - مڱڻائيل).

● مڱڻيو ۽ مڱڻيا: ذ. صفت. سوالي - طالب - گدا - ڀياري - ڀيڻو - بيڪاري - مڱڻتو - فقير - گداگر

● مڱڻير (ڪ): اسم خاص. هڪ پهلوان مرد جو نالو (جنهن کي سندس زال نالي "مڙي" مارايو. ڏسو "مڙي") (ن - ب).

● مڱڻجڻ: مصدر. مڱڻو ٿيڻ - مڱ ٿيڻ. مڱيو - مڱيندو. (مڱيو - مڱيل).

● مڱڻر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مڱڻو ۽ مڱڻا: ذ. (پرا. مڱڻو يا مڱڻي. سن. مانڱ يا ماڱ > مڱڱ = رستو) رستو - گس - گهاڙو - وات - پيچرو - ماڳ - مارڳ - مڙڪ - راهه - لنگهه. پاڳو - حصو - پٽي - وڊي - ٽڪرو. هنڌ - جاءِ - پڊ - وٽان - ٽيڪاڻو. (سن. مڱيل = راهه). باهه - چيرو - آگ ٻارڻ - آتش.

● مڱڻيرو ل (ت): و ل جو هڪ قسم - جهنگلي مڱڻ جي و ل - مڱڻرال.

● مڱڻرو ۽ مڱڻرا: ذ. (سن. مُڊ گر) ڪاٺ جو هڪڙو اوزار (ڪٽي جي ڪپڙن کي ڪوڙڻ ۽ تهه ڪرڻ جو) ميخدار - مترڪي. آن چڙڻ لاءِ ڪاٺ جي مُهري - ڏچري. موچين جو هڪ اوزار. چمڙي لسي ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي مترڪي - ڪُوٽڻي. (ث. مڱڻي ۽ مڱڻيون).

● مڱڻير يا: اسم خاص. تعلقي تنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

● مڱڻير ياڻي: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مڱڻ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مڱڻ: مصدر. (پرا. مڱڪ (اي). سن. مارڪ (ڏي) = گهرڻ، سر (ي) گ = مڱڻ). گهرڻ - گهُر ڪرڻ - طلب ڪرڻ. سوال ڪرڻ - وات وجهڻ - هٿ ٽنگڻ. ڀڻڻ. وٺڻ. عرض ڪرڻ - ليلائڻ - پاڻ پائڻ - مينٽ ڪرڻ - وينتي ڪرڻ - استدعا ڪرڻ - عاجزي ڪرڻ. (مڱيو - مڱيندو - مڱيل).

- مڱڻهار ۽ مڱڻهارو: ذ. صفت. گهُر ڪندڙ - گهرندڙ - سُوالي پينو - فقير.

- مڱڻيو ۽ مڱڻيا: ذ. صفت. گهر ڪندڙ - مڱڻتو - سُوالي - عرضدار. فقير - ڀينار - مڱڻهار - گدا - بيڪاري.

- مڱڻيو ۽ مڱڻيا: ذ. صفت. گهربل - اڌارو ورتل.

● مڱڻيو ۽ مڱڻيا: ذ. شاديءَ کان اڳ گهوٽ ۽ ڪنوار جي مڱاوتيءَ جي پڪائيءَ جي هڪ رسم.

● مڱڻهار: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مڱڻهار ۽ مڱڻهارو: ذ. صفت. (سن. مر (ي) گ = مڱڻ + هار = وارو) مڱڻو - مڱڻتو. دُهل وڄائي پيٽ ڀرڻ فقير - دُهلاري.

● مڱڻهي پوٽا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مڱڻيڻجا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مڱڻيو ۽ مڱڻيا: ذ. صفت. مڱڻو ڪيل - مڱيو - مڱيل - مڱڻ.

● مڱڻير ي ۽ مڱڻير يون: ث. لڏُونءِ وانگر ٽهيل مٽائيءِ جو هڪ قسم.

● مڱڻيندو ۽ مڱڻيندا: ذ. صفت مڱيل (مڙس) - گهر وارو (جنهن سان اڃا فقط مڱڻو ٽيل هجي). (ث. مڱيندي ۽ مڱڻيندون).

● مڱڻيو: اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مڙ ۽ مڙون: ث. (سن. مڙ = ملهه وڙهندڙ). ملهه. زنجير جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ لوهي چڙو (مهراڻ). ميراثي - ناپاڪائي - پليتائي - گدلائي - ميران. (سامي).

● مڙ ۽ مڙ: ذ. (سن. مڙ = ملهه وڙهندڙ) ملهه وڙهندڙ - پهلوان. مالهي. بهادر - جوڌو. هندن جي نالي پٽيان لڳايل لقب، جيئن: هاسومل، بصرمل وغيره. ڪار - داسو. چوڻري جي چٽ جي

Gul Hayat Institute

چئن کائين مان هڪ کائي (اهي کائيون مٿي وڃي پاڻ ۾ ملي مخروطي شڪل ناهين ٿيون). مَرُ - مهيلُ - ڪِنُ.

● مَلُ ۽ مُلَ: ذ. (سن. مُولِيه = مُلهه) قيمت - بها - اڳهه - مُلهه. مُور - هتي - مرگو. حرف جر. (سن. مُول) وت - لڳ - پرُ - سان - گڏ - پيڙو.

"جا عُمر! تو مَلُ عيد،
سا اسان سُوءِ ورتي سُومرا!
(شاهه).

- مُلا: حرف جر. کان - وٽان. (گاجرا).

مُلاءُ: صفت. (ع). گهٽو لکندڙ - گهٽو إملا کندڙ. گهٽو پڙهيل - عالم - فاضل - فقيهه - شاستري - بزرگ. مسجد ۾ پانگ ڏيندڙ ۽ نماز پڙهائيندڙ.

● مُلاءُ جهڙوُ مُنهُنُ ڪَرَنُ: غمگين ٿيڻ - ڏُکارو ٿيڻ - ڏُکويل ٿيڻ.

● مَلاحَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَلّاحُ ۽ مَلّاحَ: ذ. صفت. (ع). پيڙائتو - ڪشتي هاڻُ - نا ڪئون - ناخدا. ميربحر - مُهاڻو - ڪارائي. لوٽائيو - لوڻ وارو - لهڪين - ملوٽو - سوادي. سهڻو. (سورٺ - گر).

- مَلاحَتُ: ث. مَلاحِي.

- مَلّاحِي: ث. جهاز راني - جهاز ڪُڌاري - مَلاحَت - مِيربحري. سُونهپ - مُعَنّميي.

● مُلاحظو ۽ مُلاحَظا: ذ. (ع). مٽاچرو ڏسڻ جي حالت - معائنو. لحاظ - پاسداري - طرفداري - مروّت - زير نظر - مُلحظو. حذرُ - خوف - ڊپ - پيڙ. (ن. ب). پاسو - دُوري - ڪِنارو - ڪناره ڪشي.

- مُلاحظو ڪَرَنُ: لحاظ ڪرڻ - طرفداري ڪرڻ - مروت ڪرڻ - پاسداري ڪرڻ. معائنو ڪرڻ - ڏسڻ - نظر وجهڻ - نگاهه ڪرڻ. مطالع ڪرڻ - غور سان پڙهڻ.

● مَلارُ ۽ مَلارَ: ذ. (سن. مَلارِي = مَلارُ) هڪ راڳ جو نالو - سانوڻ جي موسم ۾ گائڻ وارو راڳ - ملهارُ. جهڙُ - جهڙالو - مينهو ڪي - برسات. ڏُنڊُ - لڙات - چاتَ - لڙ - غبار.

- مَلاري ۽ مَلاريُونُ: ث. مَلار - مَلهار. جهڙالو ڏينهن. هڪ راڳڻي جو نالو.

● مُلازمُ ۽ مُلازمَ: ذ. صفت. (ع). نوڪر - چاڪر - خادم - ٽهليو - خدمتگار - خدمتي. گڏُ رهندڙ - سان رهندڙ. (آصفيه).

- مُلازمَتَ ۽ مُلازمَتُونُ: ث. نوڪري - چاڪري - خدمتگاري - خدمتگذاري - شيوا - ٽهل ٽڪور - خادمي - خدمت.

● مُلاقاتُ ۽ مُلاقاتُونُ: ث. (ع. لقي = هُو گڏ يو). ميلاپ - ميلو - گڏ جاڻي - ڏيٺ - درشن - ديدَ - ديدو ديد - مُڪا ميلو. هم نشيني. گاڙهه پولهه رهاڻ - ڪچهري گفتگو. صحبت وَصل - مباشرت - هم بستري - صحبت واري. جاڻ پڇاڻ - واقفيت - مها ڪڙو - سهيپو - پرچو - جاڻ سڃاڻ - سڃاڻپ - عليڪ سليڪ.

- مُلاقاتَ ڪَرَنُ: هڪ ٻئي سان ملڻ - گڏ جاڻي ڪرڻ - درشن ڪرڻ - مُڪا ميلو ڪرڻ - لاڳاپو پيدا ڪرڻ. مباشرت ڪرڻ - وَصل ڪرڻ - هم بستري ڪرڻ - پوڳ بلاس ڪرڻ. جاڻ پڇاڻ ڪرڻ - واقفيت ڪرڻ - جاڻ سڃاڻ ڪرڻ - سڃاڻپ ڪرڻ - عليڪ سليڪ ڪرڻ.

- مُلاقاتِي ۽ مُلاقاتيُ: ذ. صفت. ملاقات ڪندڙ - ملڻ وارو - گڏ جندڙ - ملنسار - مُلاقي. دوست - يار - سجڻ - ميتر. پرچيوانُ - واقفڪار - سٽهي - آشنا عليڪ سليڪ ڪندڙ. رهاڻ ڪندڙ - ڪچهري ڪندڙ - گاڙهه پولهه ڪندڙ. حال احوال پڇندڙ - خير خبر پڇندڙ.

- مُلاقِي ۽ مُلاقِيُ: ذ. صفت. ملاقاتي.

- مُلاقِيُ ٽُنبُڪو: ذ. خط ملاقي، گهيري جي گڏجڻ وارو هنڌ.

● مَلاکِڑو ۽ مَلاکِڑا: ذ. (سن. مَلَ = ملهه وڙهندڙ) مَلهه وڙهڻ جي جاءِ - آکاڙو. مَلهه جو دَنگل.

● مَلالُ ۽ مَلالَ: ذ. (ع. مَلّ) رنج - ڏک - درد - غَمُ - آلَمُ - اندوهه - غمگيني. اداسائي - پريشاني - فڪر - ڪٿي - اداسي.
- مَلالَتَ ۽ مَلالَتُونُ: ث. رنج - مَلالُ - غمگيني - ڏُکُ - مَلالُ.
● مَلالو ۽ مَلالا: ذ. (ع. مَلّ) رنج - ڏک - غم - مَلالُ. مصيبت - آپدا - جَزا. (ڪنهن ڪم ڪيڻ لاءِ واسطدار ماڻهوءَ کي ونڊي ويل) ماڻهن جو ميڙ. گهمسان - هائيتال - حشترُ - سانڌاٽو - هڪيءَ جو هڪ قسم. (ت). ملهالو. (ل). (صفت). ني سمجهه - موگو - ڪندُ - بيوقوف - آياٽو. (ت). جهيڙو ڪار - فسادي.
● مَلالِيُ ۽ مَلالِيُونُ (ت): ث. هڪيءَ جو هڪ قسم. (آمين).
● مَلامُ: ث. (ع). ڦِٽ - لعنت. ڏوهه. ميار.
"مٽس ناهِ مَلامُ، جيکي ڇڏين ڇڄ سو"
(شاهه).

مَلامَتَ.
- مَلامَتَ ۽ مَلامَتُونُ: ث. بَدڏُعا - پِٽَ - پاراتو - سراپُ - لعنت - ذِڪار. عتاب. وبنُ - مهڻو - ڏوراپو - ڏوڻ ڏوراپو - طعنو - وِيار. جُٽ ڦِٽ - ٽُڪَ ٻُجو.
- مَلامَتَ ڪَرَنُ: ڦِٽ لعنت ڪرڻ - ڦٽڪار ڪرڻ - ٽُڪ ٻُجو ڪرڻ. ذِڪار ڪرڻ.
● مُلانُ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ جو هڪ ديهه جو نالو.
● مُلانُ رَتوُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد جو هڪ ديهه جو نالو.
● مُلانُ ڪَنڍوڙوُ: اسم خاص. تعلقي رتيديري جو هڪ ديهه جو نالو.
● مُلانُ مُوسيڙوُ: ذ. هڪيءَ جو هڪ قسم - مُلان مُوسو.
● مُلانا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَلاڻو ۽ مَلاڻا: ذ. ڪم ڪيڻ لاءِ ڪنهن ٻوٽ ويل ميڙ - ميلاڻو.

● مَلائِيُ ۽ مَلائِيُونُ: ث. (سن. مر (ي) ج = صفا ڪرڻ) ملڻ جي بها يا مزوري. (گاجرا). ڪنهن به شيءِ مَلڻُ جو مُعاوضو.
● مَلائِڪُ ۽ مَلائِڪَ: ذ. (ع. مَلڪ جو جمع پر سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ) فرشتو - ڪَنُ - ديودُوتُ - پارڪندُ - مَلَڪُ.
- مَلائِڪَ مَترَنُ: ڍڇي وڃڻ - ڪهرائجي وڃڻ.
● مِلائِنُ: مصدر. ملائي هڪ ڪرائڻ - ميلاپ ڪرائڻ - ڳڏائڻ - پڙائڻ. آميزش ڪرڻ - رلائڻ. گڏڻ. مڪولڻ - مخلوط ڪرڻ پيوستہ ڪرڻ. گڏجاڻي ڪرڻ - مُڪما ميلو ڪرائڻ - مُلاقات ڪرائڻ. هرڇائڻ - سرڇائڻ پتهائڻ - ناهي ڇڏڻ - صلح ڪرائڻ. پسرچاءُ ڪرڻ - سَلُوڪ ڪرڻ - جوڙ ڪرڻ - شامل ڪرڻ - ڳنڍڻ. ڇُهٽائڻ. پيوند ڪرڻ - چٽيون هڻڻ - ٽُڪر گڏڻ. لائي ڏسڻ - لڳائڻ - پينڻ - ٽڪرائڻ - مُقابلو ڪرڻ - پُورو ڪرائڻ - مشابهت ڏيڻ - ٺهڪائڻ - مُوافقت ڏيکارڻ - برابري ڪرائڻ. (سَرَ) گڏائڻ.
● مِلاوَت ۽ مِلاوَٽُونُ: ث. ملائڻ جي حالت - ميلاڻي - آميزش. ميلاپ - اتفاق. ڳنڍيَ - جوڙُ - يوگُ - ٻڌي - سَلُوڪ - ايڪوُ. پرچاءُ - ناهُ - سرچاءُ - راج - صلح - پسرچائي. سٽَ - جوڙو - ڪسُ - غير - ڦِٽُ.
- مِلاوَتِيُ ڏاتُو: ذ. گڏيل ڏاتو - سٽُ - جوڙو - ڪسُ - غير - ڦِٽُ.
- مِلاوُ يا مِلاءُ: ذ. ميل - ميلاپ - گاڏاپو. (گاجرا).
● مِلائِيُ ۽ مِلائِيُونُ: ث. (سن. مَترائي) ڪاڙهيل ڪير جي مٿان ظاهر ٿيل ٿَرُ - ڪريم - ٿَرَ - پڇي. (ل).
● مُلائِمُ: ذ. صفت. (ع. مُلاءَمَةٌ > لاءِمُ) نرم - ڪنڌرو - ڪُونڌرو - ڪُوسل - سُوڪيتو. نازڪ - ڏُڪڻو - ٽاڪُنُون. موم - حليم.
● مَلْبارِيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَلْبُوسُ: صفت. (ع). پهريل - (ڪپڙو) پاتل - اوڍيلُ - (پوشاڪ) ڍڪيل.

Gul Hayat Institute

● مِلّت: ث. (ع). دين - مذهب - شريعت - ڏرم - اُمت. مَتَ. گروهه - فرقو - قوم. ذات - وَرن. وشواس - اعتبار - ويساهه - پَت - عقيدو - سَڌرڻا - صِدق - إيمان.

● مِلَت ۽ مِلتون: ث. (من. مِل) ميلاپ - ميل جول - لاڳاپو - ڳانڍاپو. گڏجاڻي - وِصال. "مارئي ٿهنجي مِلت لاءِ" (جوڪيو). ڪمائي - نفعو - فائدو - لاپ. آپراسو - پراپت. پڌي - ايڪو - اتفاق - اتحاد - شراڪت.

● مِلتَ: ذ. صفت. گڏيل - گڏ وڃڻ - شامل. هر صلاحي - سازباز - صلاحڪار.

● مُلتان: اسم خاص. هڪ شهر جو نالو.

- مُلتاني: ذ. صفت. ملتان جو - ملتان وارو.

- مُلتاني پِيرُ: اسم خاص. ملتان جو پير - شيخ بهاؤالدين زڪريا.

- مُلتاني گهيتلو: ذ. صفت. سپ سان پورو - سپ جهڙو - سپ سان ٿهي هلندڙ. اصول ۽ ارادي جو ڪچو. (ڳاڙها).

- مُلتاني گهيتلو هَڇَ: سپ سان پورو هڇ - سپ جهڙو هڇ.

- مُلتاني ميٽي: مهيٽ (وهنجڻ جي ڪم ايندڙ جابلو نرم چاپوڙا). (ڳاڙها).

● مُلتَوي: صفت. (ع. لوي) إلتوا ڪندڙ - دير ڪندڙ - ايهندڙ. پيچ دَر پيچ ٿيندڙ. ٽاپُر - ڪجهه وقت لاءِ رڪل - مهمل.

- مُلتَوي ڪَرڻ: دير ڪرڻ - ديل ڪرڻ - هٿائڻ - گهل ڪرڻ. مهمل ڪرڻ - روڪڻ - بند ڪرڻ - ترسائڻ.

● مُلڻي: ث. (سن. مَدّيشٽ) پسارڪي وڪر جو هڪ قسم - سڻي ڪائي - مُلهيٽي.

● مُلحِد ۽ مُلحَدَ: ذ. (ع. لحد) حق جي رستي کان ڦريل - گمراهه. فاسق - فاجر - بي دين - ڪافر - ملڇ. لا مذهب.

● مُلتَحِظ ۽ مُلتَحَظ: ذ. (ع. مُلاحِظَه) پاسو - ٽارو. ڏَپ - پَڙو - خوف - ڏر - سنڪوچ - داب - انديشو - آڏڪو - ڏيا - دهشت - رَعب - روب. خيال - ويچار.

● مُلحَق: صفت. (ع. لَحَقَ) لڳل - ملايل. لاڳيتو. ڪَنڊيل - گڏيل. مُتصل - نزديڪ - ويجهو - اوري - اورپَرو. پرسان (آصفيه).

● مُلڪوڙو ۽ مُلڪوڙا: ذ. ڪهوڙي جي ٽنل جي هيٺان وڇايل ڪپڙو. (مهراڻ).

● مِلڊَسِي: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُلذّ ذ: صفت. (ع). لذت وارو - لذيذ - مزيدار - خوش ذائقه - مزي وارو - وٽندڙ ذائقيدار.

● مُلزَم ۽ مُلزِم: ذ. صفت. (ع. لزَمَ) جنهن تي الزام لڳايو وڃي - الزام لڳايل - ڏوهه ڏنل - ڪنهڪار قصوروار - مجرم - خطاوار - ڏوهي.

● مُلتزِم ۽ مُلتزَم: ذ. صفت. (ع. لتزم) لازم ڪيل - جُدا نه ٿيندڙ - سدائين ڳڏ. (آصفيه).

● مِلڻ: ث. آڻ جا وار.

● مُلعُون ۽ مُلعَون: ذ. صفت. (ع. لعَن) لعنت ڪيل - لعنتي - لعين - ڌڪارپيل. نفرت ڪيل - پري ڪيل - مردود - ڌڪاريل. شرابي - پاراتو ڏنل. رجيم - شيطان - ديوس - إبليس - خناس - عزازيل. ٻُڇڙو - خراب - بدَ - ڪنڊو.

● مُلفُوظ ۽ مُلفُوظات: ذ. (ع). بزرگن جو ڪلام. اولياڻن جي ڳالهين جو لکيل ڪتاب. اولياڻن جو ڪلام - مقالات اولياءَ. (آصفيه).

● مُلفُوف: ذ. صفت. (ع. لف = ويڙهڻ) ويڙهيل - لپيٽيل - بند ڪيل - ڍڪيل - پُوريل.

● مَلَڪ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَلَڪ ۽ مَلَڪ: ذ. (ع). ملائڪ - فرشتو - گڏ - ديودوت - پارڪڏ - هاتف - ديوتا. دُوت - دَيِت - ڏَيِت. (آصفيه).

- مَلَڪُ المَوت: ذ. موت جو فرشتو - يمراج - جَم راج - جَم دوت - عزرائيل.

● مَلِک ۽ مَلِک: ذ. صفت. (ع). بادشاهه - سُلطان - شاهه - راجا - داوُ - تاجدار - چٽ ڏئي -

Gul Hayat Institute

شهريار. راءُ - فرمانروا - واليءِ. حاڪر. ڪوهستان جي واليءَ جو لقب.

- مَلِكَهٗ: ث. بادشاهه جي زال - راڻي.

● مِلڪ ۽ مِلڪُونٗ: ث. (ع). ملڪيت. زمينداري. جاگيرداري. جائداد. مال - اسباب. ڏن - دولت. حق. قبضي واري شيءِ.

"مِلڪَ مارُوءَ جي آهيان، زور نہ ڏيان جوءِ" (شاهه).

- مِلڪِي: ذ. صفت. ملڪيت وارو. ملڪيت جو. (ڪاجرا).

● مُلْڪٗ ۽ مُلْڪَ: ذ. (ع). ديسٗ - ڏيسٗ - ڏيهه - راشٽر - وطن - ساڻيهه. پُورَ - پُرَ. ولايت - ڪِشوَرٗ - دَيار - آقليم. رياست - راج - سلطنت - بادشاهت - عِلاقو - عملداري - مملڪت - سرڪار - حڪمراني. صُوبو - پرڳڻو. شهر - نگر - نگري.

- مُلْڪانٗ مُلْڪٗ: ظرف ملڪن ۾ - ديسان ديس. هرهنڌ. جتي ڪٿي. سڄي دنيا ۾.

- مُلْڪٗ ٽهائڻٗ: ظلم ڪرڻ - انڌير ڪرڻ - باهه ٻاري ڏيڻ - ڏاڏايون ڏيکارڻ.

- مُلْڪٗ مالڪٗ: پنهنجي وطن وري اچڻ. وطن ۾ آچي رهڻ. بادشاهي ڪرڻ - راج ڪرڻ - حڪومت مالڻ.

- مُلْڪٗ مِثالٗ: ظرف. عام مثال - پڌري ٻڌٗ - ظاهر ظهور - ڪُليو ڪُلايو. (ابيات سندي).

- مُلْڪِيٗ ۽ مُلْڪِيٗ: ذ. صفت. ملڪ وارو - ملڪ جو - ڏيهي - وطني - ساڻهي - ديسي - قومي - راشٽريه - جاتِيهٗ. سياسي - سرڪاري - راج نيتڪ - راجڪوٽو.

● مُلْڪانٗ: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُلْڪائِيٗ: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. هندن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي دادو ۽ تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلْڪوٗ ۽ مَلْڪا: ذ. صفت. (ع. مَلَكه) ڪنهن شيءِ جي حاصل ڪرڻ جي قوت - انسان ۾ علم يا هُنر حاصل ڪرڻ جي قوت. مهارت - ڪمال. لياقت. قابليت. اُستادي - هوشياري. عقل - زڪاوت - فهم - اِدراڪ - ٻُڌي - سمجهه. هُنر. تجربو. (اسم خاص). تعلقي ميرپور ساڪري ۽ تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُلْڪوٗ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽ ڏيجي (خيرپور ميرس ۾) هڪ ديهه جو نالو.

● مَلْڪُوتٗ: ذ. (ع). سلطنت - بادشاهت - بادشاهي - حڪمراني. حڪومت - سلطاني - تاجداري. فرشتن جي رهڻ جو هنڌ - فرشتن جي دنيا - عالم ارواح - عالم معنيٰ - عالم الغيب. فرشتن جي عبادت جو مقام. فرشتا - ملائڪ - مَلَڪ. (آصفيه).

● مِلڪِي: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِلْڪِيَتَ ۽ مِلْڪِيَتُونٗ: ث. مِلڪ. زمينداري. جائداد. ڏَن - دولت - مالي - مالڪيات - ناڻو. مال - اسباب - اثاثو. مالڪي - متصرفي - قبضيداري. وارثي - ورثو. آڏڪار - حق.

● مِلڪِيَتِ سَرڪارٗ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مَلِيكُذارٗ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مَلِيكُورَ (ت): ذ. سارين (اناج) جو هڪ قسم (سڪداسي سنهڙا ۽ خوشبوءِ دار چانور).

● مَلِيكُورو ۽ مَلِكُورا (ل): ذ. صفت. هلڪي طبيعت وارو - هلڪڙو - ترڙو - ٽُوٽٗ.

● مَلَتَرٗ ۽ مَلَتَرَ: ذ. (ف. مترهَرٗ = مَلَتَرٗ) ڪٽڻ وغيره تي منڪڻ جي دوا - مَرهَرٗ - طيبو - ليپٗ - پلستر.

- مُلْتَمِعٗ: ذ. صفت. (ع. لَمَعَ = هو چمڪي ٿو) چمڪايل - روشن - آجاڪر. سونو پاڻي چاڙهيل - طِلا چاڙهيل. ڀهڪندڙ. (ع. ا. ب).

- مُلْمَتعوٗ ۽ مُلْمَعا: ذ. سونو پاڻي - گلٽٗ - دوڪ - طِلا - روغن. باهرپون ڏيک - چرب زباني - ظاهري ڏيکاءُ - بناوَتٗ - ڏيک ويک - ظاهريه ٽٽٗ.

Gul Hayat Institute

= مُلْمَعِيُ ۽ مُلْمَتعِيُ: ذ. سونو پاڻي چڙهيل - دوگهيلُ - طلا چڙهيل. ظاهري ڏيکاءُ وارو - پيڪيدار - نٽُ وارو.
= مُلمَعِي تهي هلڻُ: ظاهري ڏيک ڪرڻ - نٽُ ڪرڻ.
● مُلْمَلُ ۽ مَلْمَلُونُ: ث. (سن. مَلْمَلَ) سنهي ڪپڙي جو هڪ قسم - شَبنما - شَبنَم.
● مَلَنگ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (سڪايل).
● مَلَنگُ ۽ مَلنگَ: ذ. صفت. (ف). (سن. مَٿولنگ) ڏگهو ۽ بُٽ ۾ پريل (ماڻهو). بيخود - بيهوش - آپي کان باهر. مَرد مُجرد - سچوڙا گهاڙو - لانگو - ننگو. الله لوڪ. فقيرن جو هڪ قسم. فقير - طالب. صُوفي فقير. قلندر شهباز جو فقير. گودڙي پوش.
= مَلنگيُ: ث. فقيري - درويشي - قلندري.
● مَلنگهُ ۽ مَلَنگهَ: ذ. ڏانڊي پڪيءَ جو هڪ قسم (ڪناري تي رهي، مڇي کائي، ڪنگ جي قسم مان).
● مَلَنُ: مصدر. (سن. مر (ي) ج = مهڻ. ف. مالِيدَنُ = مهڻ) مَهڻ - گهَنُ - رگڙڻ - رهڙڻ. مالش ڪرڻ - ليپ ڪرڻ. مهڻي صاف ڪرڻ - ماڄڻ - مانجڻ صاف ڪرڻ - صفا ڪرڻ - اڇو ڪرڻ - ڏاڃائڻ - چلڪائڻ - چمڪائڻ - آجارڻ - سينگارڻ. ڏُرندِ هڻڻ. (ل). ڪُرڙڻ - ڪُرچڻ - رگڙڻ - رگڙو ڏيڻ - گِهڻڻ - گِسڪائڻ. لتسو ڪرڻ. (گهوڙي کي) مالش ڪرڻ. ڪر ۾ لڳڻ - شروع ٿيڻ. گوهڻ (انو). پيڙُون ڏيڻ - زور ڏيڻ. پرڻ.

"مسين سين سانتو، ملهه متارن مَلنو"
(خان زئي).

(مَلِيو - مَتلِيندو - مَلِيل).
● مِلَنَ: مصدر. (سن. ميلْنَ > مِلَنَ > مِلَ = ڪڏجڻ) ڪڏجڻ - مِڙڻُ - پيڙڻُ. گڏ ٿيڻ - پيڙو ٿيڻ. سمڪ ٿيڻ - روبرو ٿيڻ - مقابل ٿيڻ. گڏ جاڻي ٿيڻ - مُڪا ميلو ٿيڻ - ملاقات ٿيڻ. گڏ ٿڻ - مِسجڻ - رلڻ ملڻ. ملي وڃڻ - ميل ڪرڻ - ميل ٿيڻ. ملي اڇڻ - ٺهڪڻ - ڦهڪڻ - پڄڻ مهيل کائڻ - جوڙ کائڻ - ملي هڪ ٿيڻ - اتفاق ڪرڻ - هڏي ڪرڻ - ايڪو ڪرڻ. متحد ٿيڻ. واصل ٿيڻ (رقم وغيره). مُيسر ٿيڻ. فائدو ٿيڻ. مطابق ٿيڻ - موافق ٿيڻ. جيس ٿيڻ. شريڪ ٿيڻ - شامل ٿيڻ. هم صلاح ٿيڻ. هم بستر ٿيڻ - ميلاپ ٿيڻ - جماع ڪرڻ. آميخته ٿيڻ - آميز ٿيڻ - مخلوط ٿيڻ. مرڪب ٿيڻ. هڪ جان ٿيڻ. بغلگير ٿيڻ - گلهي لڳڻ. حاصل ٿيڻ - هٿ اڇڻ - پڙُپتڻُ پلهه پوڻ. دستياب ٿيڻ. هٿ وَسُ ٿيڻ - هٿيڪو ٿيڻ. پهچڻ - رسڻ - سهڙڻ. پُوري پوڻ - پُڄڻ - مُقابلو ڪرڻ - هَروهري ڪرڻ - هَرميچڻ. چهٽڻ چبڙڻ. گنڍ جڙ - لڳڻ. مائٽي ڪرڻ - سڳاوتي ڪرڻ. گهري وڃڻ (پاڻيءَ ۾ لوڻ، ڪنڊ وغيره) - تحليل ٿيڻ - حَل ٿيڻ. (مِليو - مِلندو - مِليل).
= مَلِيُ ۽ مَلِيٽِيُونُ: ث. مَلڻ جو ڪر - ماڄڻ جو ڪر - گوهڻي. (گاجرا).
= مِلٽائِيُ ۽ مِلٽائِيُونُ: ث. ملڻو سياڻ - ملڻي دوست جي حالت - ميلُ - ملنسازي - ميلاپ - گانڍاپو. جوڙ. موافقت.
= مِلٽُو ۽ مِلٽا: ذ. صفت. ميلاپي - ميلائتو - ملنسار - صحبتي - صحبت پسند - آشنا مزاج - دوستاڻو - اخلاص مند. رلڻو مِلڻو. خليق - ڪِلمُڪ - خوش جيڙو - خوش مزاج - مَن موجي. مانيڪو - ڪُومل - حليم - مُلائم - نرم سُياڻ. مُيسّر - ملڻ جهڙو - وٺڻو - دستياب.
● مَلُنُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾).
● مَلِيٽاس: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماتيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَلٽو ۽ مَلٽا: ذ. پرت جو هڪ قسم.
● مَلوُ ۽ مَلا: ذ. (سن. مَلَ = مَرُ) بيماريءَ جو هڪ قسم - جسم تي نڪتل ڦُنَ قسم جون - مَلهو - ڪوڙهاڙو.
= مَلو چلوُ: ذ. مَلو - ڦُ قسم جون. (گاجرا).

Gul Hayat Institute

= مٹلوءُ نِکرُنءُ: ڏٺ ڏرڙيون نکرڻ.
● مُلوءُ ۽ مُلا: ذ. صفت. (ع. مُلاءُ) عالم. بزرگ. مسلمانن جي اسقاط وارو. مُلون- آخوند- مولوي- مُلا- مُلان. (ث. مُلڻ. مُلياڻي ۽ مُلياڻيون).
= مُلاپائيءُ ۽ مُلاپائيونءُ: ث. مُلي جو ڪم- مُلپي- مُلپو.
= مُلاپيءُ ۽ مُلاپيا: ذ. مُلپي.
= مُلپيءُ ۽ مُلپائونءُ: ذ. مُلپائي.
= مُلڪوءُ ۽ مُلڪا: ذ. صفت. مُلي جو- مُلي وارو.
= مُلڪيءُ گجيءُ آڇڻءُ: معمولي چيڙ اڇڻ- ٿوري ڪاوڙ اڇڻ.
● مٹلواهٹءُ: اسم خاص. تعلقي سوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مٹلوچا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (بلبل).
● مٹلوءُ چٹلوءُ: صفت. صاف- سٿرو- اڇو- آڇتو- پاڪ- هوٽر- اڇو آجرو- سٿرو ستڇتو صفا- اوجل. جهلڪندڙ- جهرڪندڙ- جهلڪٽو- روشن- چمڪٽو- چمڪندڙ- جهرڪٽو.
● مٹلوخاڻيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مٹلورءُ ۽ مٹلورَ: ذ. صفت. (ع. مٹلول جو بگڙيل) مٹلولءُ مايوس- دلگير- غمگين- اداس- ڏکويل- ڏکارو- ڏک پريو دردي- غمناڪ. ماندو- ساڙو- حيران- پريشان- سرگردان.
"متان ٽئين مٹلور... الخ؟" (شاهه).
● مٹلوڪءُ ۽ مٹلوڪَ: ذ. صفت. سندر- سهڻو- ٺاهوڪو- حسينءُ- خوبصورت- روپٽونتءُ- روپوان- موچارو- شڪيل- صورتوندَ- سوپياوان- سڏرشن- جميل- موهندڙ. (ع. مٹليڪءُ جو جمع) بادشاهه- راجا- سلطان. امير- سردار.
= مٹلوڪانءُ: ث. صفت. سهڻي- خوبصورت- حسين- موهندڙ- جميل. (اسم خاص). عورت جو هڪ نالو.
= مٹلوڪائيءُ ۽ مٹلوڪائيونءُ: ث. سونهن- سوپيا- زينت- سهڻائي- سڏرتا- مٹلوڪي- حسن. سٹائي. نزاڪت- ملوڪت- باريڪ بيني- نڪته داني- نازڪ دماغي.
= مٹلوڪتَ ۽ مٹلوڪتَتَ: ث. مٹلوڪائي- مٹلوڪي.
= مٹلوڪيڙوءُ ۽ مٹلوڪيٹا (ت): ذ. صفت. مٹلوڪءُ.
= مٹلوڪيءُ ۽ مٹلوڪيونءُ: ث. مٹلوڪائي- مٹلوڪت.
● مٹلوڪٹورجاگيرَ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مٹلوڪ سينگ: اسم خاص. تعلقي ڏڪڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مٹلوڪ والييءُ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مٹلوڪ واهه: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مٹلوڪءُ هالپوتوءُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مٹلولءُ ۽ مٹلولَ: ذ. صفت. (ع. مٹلَل) غمگين- ڏاجهارو- گوندريو- ڏک پريو- ڏکارو- ڏکويل- ارمانيل- ڪٹلپايلءُ- رنجيده- اندوهگينءُ. اداس- مايوس- دلگير- آپاڪو.
● مٹلولائيءُ ۽ مٹلولائيونءُ: ث. غمگيني- ڏک- ڏاجهو- گوندرءُ- اندوهه- ارمان. مايوسي- دلگيري- اداسي- آپاڪائي.
● مٹلوءُ مٹوسڙوءُ ۽ مُلا مٹوسڙا: ذ. (ف. مويچ) پکيءَ جو هڪ قسم- مُلا ڦوسڙو- مڙسيڙڙو.
● مٹلونءُ ۽ مُلانءُ (ک): ذ. سچيءَ جو هڪ قسم (چلون سان رنگ ڳاڙهيرو، سچي بٽ تي سائي رنگ جا ڏيڪا (دوٽر جهڙو) منهن سنهون، پٽ ويڪري، فوٽ ڪان ڏيڍ فوٽ تائين ڏيکهه).
● مٹلونءُ: ذ. صفت. (ع. لونَ) رنگ ڏنل- رنگا رنگي- رلڪ رنگي- رنگين. (ع. ا. ي).
● مٹلوئيءُ: اسم خاص. تعلقي نٹل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مَلْهَہ ۽ مَلْهُونْ: ث. اسر. (سن. مَلَ) راند جو هڪ قسر - سنڌي ڪُشتي.
= مَلْهَہ مارڻ: ملهه ۾ سوپارو ٿيڻ - ساري ڪٽڻ - سوپارو يا ڪامياب ٿيڻ. سرس ٿيڻ.
= مَلْهِي ۽ مَلْهِي: ذ. صفت. ملهه وڙهندڙ - همٿ وارو بهادر - پهلوان. مالهي.
● مَلْهُہ ۽ مَلْهَہ: ذ. صفت. (سن. مَلَ) ملهه وڙهندڙ - مالهي - پهلوان - جوڌو - بهادر - بانڪو - سورهيه. (ذ). ساپ يا تور جي ايڪائي (جنهن دوران ٻيئن شين کي ساڇجي). ڪسرت وقت پهلوانن جي ڪٽ لاءِ ڪاٺ يا پٿر جي وڏي سِرَ ٻيڙي. (گاجرا).
● مَلْهَہ: اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُلْهَہ ۽ مُلْهَہ: ذ. پڪيءَ جو هڪ قسر - لاڙو پڪي - مُلهيو پڪي.
● مُلْهَہ ۽ مُلْهَہ: د. (پرا. مُول. سن. مُولِيه = مُلهه) قيمت - اڳهه - ٻَهَا - درخ - لاڳت - گَرتْ. (ظرف) قيمت ساڻ - اڳهه ساڻ - مُلهه ساڻ - مُلهه تي. (اسر خاص). مرڪزي حڪومت ۾ هڪ ديهه جو نالو.
= مُلْهَائِيتوْ ۽ مُلْهَائِيتا: ذ. صفت. ملهه وارو - قيمتي - امُلهه - بي بها. واجبي قيمت وارو. مُلهه ورتل - خريد ڪيل - ڳڌل.
= مُلْهَہ چُڪائِنْ: قيمت ڇڻ - ٻَهَا ڇڻ - ناڙو ڇڻ - اڳهه ڪرڻ.
= مُلْهَہ چَڏائِنْ: جُٽ ڪرڻ. بي عزتو ڪرڻ.
= مُلْهَہ ڪَرنْ: قيمت ٻڌائڻ - بها ٻڌائڻ - اڳهه ڪرڻ.
= مُلْهَہ ڪِنهَنْ: خريد ڪرڻ - وَٺڻ. ٽورو ڪرڻ - وڙ ڪرڻ.
= مُلْهَہ ڪِنهِي جهيڙوْ ڪَرَنْ: جاڻي واڻي وڙهن - رڙ ڪري وڙ ڻ - خواه مخواه وڙهن.
= مُلْهَہ ڪِنهِي موچڙا ڪائِنْ: جاڻي واڻي مار ڪاڻ - رڙ ڪري ڪُٽجڻ - زور ڪري هاڏر ڪائڻ.

● مَلْهَارَ (ت): اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (سنديلو).
● مَلْهَارَ ۽ مَلْهَارِيُونْ: ث. (سن. مَلَارَ) مَلَار. جهڙ - جهڙالو. بارش - مينهو گي ٽڏ ڪار. جهڙالي وارو ڏينهن.
● مَلْهَارْ: ذ. (سن. مَلَارَ) هڪ راڳ جو نالو. ميگهه راڳ جي چوٽين راڳڻي جو نالو (جا ساڻن ۽ بدي ۾ گهٽجي). برسات جي موسر ۾ گهايل هڪ گيت.
● مَلْهَارْ بارانِي: اسر خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَلْهَارو ۽ مَلْهَارا (ت): ذ. نار جو هڪ عضوو - نار جي ڏينگي تان مالهه جي گهرڪي وچ ڪان روڪيندڙ ڪاڻي - مالهارو.
● مَلْهَالوْ ۽ مَلْهَالا: ذ. مانڊاڻ - گوڙ - ڏمچر - حشر - هائيتال - هنگامو. جهيڙو - جهڪڙو - فساد. پڪيءَ جو هڪ قسر (نسيدي ڪيري جيڏو) جو جهرڪيون ۽ پيا نسيدا پڪي ماري کائي).
= مَلْهَالوْ مَچَنْ: جهيڙو مچڻ - فساد مچڻ - بغاوت مچڻ - جهڪڙو ٿيڻ - ڏڪير ٻوڻ - وڪوڙ ٻوڻ - بدامني ٿيڻ.
● مَلْهَاڻ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر مڪرِ نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾).
● مَلْهَائڻ: مصدر. ڀاڻ ڪي بهادر يا چالاڪ ڪري ڏيکارڻ. چڱين ڳالهين ۾ هٿرو ڪرائڻ. پٽلائڻ. نالو ڪيائڻ - ساراهه ڪيائڻ سرخرو ڪرڻ - خوش ڪرڻ. قدر وارو ڪرڻ. (ملهائيو - ملهائيندو - ملهائيل).
● مَلْهِيڻْ (ل) مصدر. ناز سان هلڻ - نخري سان هلڻ - ڌار سان هلڻ. (مِلهڻيو - مِلهڻيندو - مِلهڻل).
● مَلْهِيڙوْ ۽ مَلْهِيڙا (ل): ذ. صفت. مُنافق - دل جو ڪوڙو - اندر جو پليت - مائيٽن ۾ اندر ۾ خراب - اندر جو ڪنڊو ڪُجهڙو.
● مِلْهَنْ: اسر خاص. تعلقي ديري مٺجت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مَلْهُنْ: مصدر. سرمي يا بهادري ڏيکارڻ. سورهيائي ڏيکارڻ پڏرو يا مشهور ڪرڻ پنهنجي واکاڻ ڪرڻ - پاڻ کي پڏائڻ - مَرڪڻ - فخر ونڻ سرخرو ٿيڻ - خوش ٿيڻ. ڪوٺ جو نالو (ماتلي تعلقي ۾).
- مَلْهُنُو ۽ مَلْهُنَا: ذ. صفت. بهادر. مرڪندڙ. پڏندڙ. سرخرو.

● مَلْهُنِ سَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلِهُو ۽ مَلْهَا: ذ. چار جي گهاڻيءَ جي گوڙيءَ وت بدل سُٽ جو ڏورو. آنُ گاهڻ وقت سنگن جي وچ ۾ ڪُتل مُنيءَ ۾ پيل لوهه جو چلو (جنهن سان ڏڳا پڏجن). چولي وغيره جو آڪو. (ت). مَلهالو. (ت).
- مَلِهُو لاهِڻُ: مَلهالو ڏرو ڪرڻ.

● مَلْهُو آبادُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلِهِي ۽ مَلِهِيُون: ث. گلي جي بيماريءَ جو هڪ قسم - جاڙيءَ جي هيٺان نڪتل ڦرڙيون. ننڍيو مَلو. ڪپهه جي ڪنڙي. (ڪاجرا).

● مَلْهِيارُ: ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● مُلْهِي ٻُوڌا: اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلِهِيرُ: اسم خاص. تعلقي کهوڙڪي ۾ تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلِهِيرُ ۽ مَلِهِيرَ (ت): ذ. درياءَ جي مچيءَ جو هڪ قسم.

● مُلِهِيو ۽ مُلِهِيا: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - مُلهه.

● مَلِي: صفت. (سن. مَلَ = ڪندو) ڪندو - خراب. روگي - بيمار ڪندڙ. (ث). بيماريءَ جو هڪ قسم - ملهي. مچيءَ جو هڪ قسم - جرڪو - پوڪي. (اسم خاص). هندن جي هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ۽ ٽرپارڪر ۾).

● مُلْهِيونا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَلِيچُ ۽ مَلِيڇَ: ذ. صفت. (سن. مَلِمشت > ملچ = ڏاريون، ڪڙڻ ڪالهائڻ) اپوتر - اشُدّ - پرشٽ - پليت - ناپاڪ - پليدُ - نجسُ - نيچُ - غابظ - ڪندو - ڪنو. خراب - بُڇڙو. ڪدلو - ميرو - ڪنسو. ڏاريو. اڻ آريو - اڻ سڌريل - جهنگلي - غير مُهذب. وحشي - خونخوار - آدمخور - راڪيش - راڪاس. سرڪش. ناپاڪ قوم. آها ذات جا ڇڪي مڻي جي تميز نه رکي. حرام حلال جو ويچو نه رکندڙ. آهي ماڻهو، جن جي بولي سنسڪرت نه آهي. هندن جي شاسترن کي نه مڃيندڙ. بي ديڻ - ڪافر - ناستڪ. بي ايمان. گنهگار.

● مَلِيڇا (ت): ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم - مَلِيشا.

● مَلِيحُ: ذ. صفت. (ع. مَلَحَ) نمڪين - مَلُوٽو - ڇٽهرو - لُوٽائيو. (ع. ا. د). سانورو (رنگ) - سانولو. (ع. ا. د). وٽندڙ.

● مَلِيدُو ۽ مَلِيدا: ذ. (ف. مَلِيدَه = چُورمو) ڪنڊ، اٽي ۽ گيهه مان ٺاهيل ڪاڏو - چُورمون - چُوري - ڪُٽي - ماڇوٽو - مهٽيل مانيءَ. (آصفيه) پوڪاڙو - پوڪهڙو. ڪاچ ڪورما - ست رچي - ڪامڻ ڪور - مال مليدو - سٽو ڪاڏو - مزيدار طعام.

● مَلِيرُ: اسم خاص. هڪ ننڍ جو نالو هڪ ڪوٽ جو نالو (جنهن جي رهاڪو مارئي هئي).

● مَلِيرُ ۽ مَلِيرَ: ذ. مڻي جي مچيءَ جو هڪ قسم (ٻنا چيلر، وات وڏو، چار پَر، قد ٽي انچ ڪن). اجرڪ ڇڙو رنگيل ڪپڙو (جو مرد ماڻهو ڪلهن تي ڏيڪين). سر سبز ملڪ - آباد ملڪ.

● مَلِيرَاهِ: اسم خاص. تعلقي ڳوٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلِيرُڙو ۽ مَلِيرُڙا: ذ. پاڇيءَ طور ڪم ايندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم - مَلِيرو.

● مَلِيرُڙي: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۽ تعلقي کهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَلِيرُ مِنڊِي (ت): ث. گاهه جو هڪ قسم. (ث - راء).

● مَلِيرُو ۽ مَلِيرُا (ت): ذ. صفت. آهو ڏاند جنهن جو رنگ ٻاڙهو، پر ڪوڙي اڇي هجي.

Gul Hayat Institute

● مِلِيَلُ: ذ. صفت. (سن. مِلت = گڈيل) گڈيل - شامل ٿيل. گڏيل. رليل - جوڙ ڪيل - ملاوت ڪيل - حل ٿيل - مڙيل ٿيل - پراوت ٿيل - آپراسو ڪيل.

● مُلِيمُرُ ۽ مُلِيمَرُ: ذ. ڪاڪ وغيره تي ڪديل چنسالي يا گلڪاري. ڪاڪ جو قالب - پوڙ.

● مِلِينُ ۽ مُلِيمُنُ: ذ. صفت. (سن). گندو - ميرو - ڪينو - لڙو - گدلو - ميرو - گچيرو - غليظ - ڏوڙ پڪليو. فاحش.

● مُلَيمُنُ: ذ. صفت. (ع. لَيمَنَ) نرم ڪندڙ - حليم ڪندڙ - پڙو ڪندڙ. دوا قبض ڪشا - جُلاب. (ع. ا. د).

● مَمَرَ ۽ مَمُونُ: ث. جانور جو هڪ قسم - ڪارو رڇ. (سن مر (ي) ڻَ = ڪُهن) بدشڪل پوڙهي عورت - ڀانءُ - ڊائڻ. پُوتڻي. هلاڪ ڪندڙ زبردست زال. مائيٽي يا اندر ڪُنڊي زال.

● مَمات: ث. (ع). مرڻو - موت - وفات.

● مَمَاتِي ۽ مَمَاتِيُونُ: ث. مَمات. موت آيل.

● مَمَالِكُ: ذ. (ع). ملڪ جو جمع - مُلڪَ.

● مُمَانَعَتُ: ث (ع. مَنَعَ) منع - روڪ - رَندڪ - بندش - آڏ - جهلَ - پلَ - بندي.

● مَمَتُ ۽ مَمَتَ: ذ. مَمتا. آر.

● مَمتا ۽ مَمتَائُونُ: ث. (سن). موهه - لالچ. دنيا جو موهُ - حرص. چڪَ - ڪشش. چاهه - چاهت. پيار - پريت - اڪنجهر - قرب - پاءُ - محبت - سنيهه. مائ جو اولاد واسطي قرب - مياتاپڻو. لاڙو. آداس - گهرج. آپو - پاڻيٽو - آپو آپڻي - خودي - خودپسندي. غرور - تڪبر - آهنڪار.

● مُمتَازُ: ذ. صفت. (ع. مازَ = هو جدا ٿيو) امتياز ڪيل - جدا ڪيل. چونڊيل - ڏٺيل - ڏار ڪيل. عزت ڏنل. شريف - ذي شان - قدر واري. نامور - مشهور. اعليٰ - افضل - برتر - برگزيده - عالي مرتبي - سرفراز - آسو. (آصفيه).

● مُمتَحِنُ: ذ. صفت. (ع). امتحان وٺندڙ - جانچ ڪندڙ - پرکيندڙ - آزمائيندڙ - پريکشڪ.

● مُمَدُّوحُ: صفت. (ع. مَدَحَ) تعريف ڪيل - ساراهه ڪيل - ساراهيل - واکاڻيل. (آصفيه).

● مُمَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪبر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۽).

● مُمَمَّرَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُمَمَّرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُمَيِّزُ ۽ مُمَيِّزا: ذ. جانور جو هڪ قسم - مَرَ جو مذڪر. (صفت). چهنڊڙ - چنڙندڙ. ڪيڪَ. (ث. مُمَزي ۽ مُمَزيُون).

● مُمسِكُ: ذ. صفت. (ع) نڪرڻ ڪان روڪيندڙ. خرچ ۾ ڪندڙ - ڪنجوس - شُومَ. تنگدل - بخيل. اِسهاڪ ڪندڙ - بندبج ڪيڏڙ - (ذات ڪي) نڪرڻ ڪان روڪيندڙ - جناءُ ڪندڙ (مباشرت م).

● مُمڪِنُ: صفت. (ع). ٿي سگهندڙ - ٿيڻ جي لائق - شُڊلي - ٿيڻٽي - ٿيڻٽو - سمپو - هُوڻهار - هٿ جهڙو. قابل امڪان - امڪاني صورت. سهل - سَولي - سؤڪو - آسان - سهنجو (آصفيه).

- مُمڪِنا: ظرف. ممڪن ڪان - امڪان ڪان - شايد - جيڪر - الاجي.

● مَمَلِكَتُ: ث. (ع. مُلڪ = بادشاهت) بادشاهت - سلطنت - حڪومت - راج. (ع. ا. د).

● مَمنُوعُ: صفت. (ع. منع) منع ڪيل - روڪيل - بندش پيل - رُڪاوٽ پيل - جهليل. خلاف قانون - ناجائز. ناروا - غير مباح.

● مَمنُونُ: ذ. صفت. (ع. مَنَّ) احسان ڪيل - نوازيل. ٿورو ڪيل. نعمت ڏنل - بخشش ڏنل. احسان مند. شُڪر گذار - ٿورائتو - مشڪور.

● مَمَنُ ۽ مَمَنَ: ذ. جهيڙو - جهيڙو - تڪرار - معاملو - ٽنٽو - فساد - فڏو - رگڙو. ڪيروڌ - گهپي.

- مَمَنُ مَجَنُ: جهيڙو جاڪي - جهيڙو ڪڙو ٿيڻ - تڪرار ٿيڻ - معاملو ٿيڻ - ٽنٽو مچڻ - فساد برپا ٿيڻ - فڏو جاڳڻ - رگڙو مچڻ - ڪيروڌ ٿيڻ - گهپي ٿيڻ - ويروڌ ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

● مِيٹو ۽ مِيٹاءِ ذ. صفت. بُردبار - گنبير. سائيٹو - مِيڊيٽو. اندر کارو - اندر ڪندو. حفظ ڪرڻ - ستابل - دُڪي. (ت).

= مِيٹو سَبُ هُئَنُ: ڏسُ جو سائيٹو، پر اندر جو پليت هجي.

● مَموُڪ ۽ مَموُڪَ: ذ. صفت. (سن. موڪش = مُڪتي) مُڪتي جي گهُر ڪندڙ - چوٽڪارو طلب ڪندڙ - نجات گهرندڙ.

● مَموُلو ۽ مَموُلا: ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم - سرءُ جي جهرڪي - ڪٽيائي - گهٽلي (پڪي). ووهيءَ ۾ شين پيهڻ لاءِ پٽ جو مُهرلو.

● مَمُونُ: جوڻيجو: امر خاص. تعلقي رڻي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَميرُو ۽ مَميرُا: ذ. (ف. ماميران = مَهميرو) جهنگلي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم - اکين جي دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - مهيرو.

● مَنَ: ظرف. شال - هُوندو - مانَ - جيڪر - خدا ڪري تہ - شايد - جيئن.

● مَنَ ۽ مَنُونُ: ث. (سن. مَنتَ = ولوڻ) ڪير ولوڻ جي مانيءَ جو ڪاڻُ جو ٽُنڊ سان گول ڏَڪُ (جنهن ۾ مَنڊي ڦري).

● مَنُ ۽ مَنَ: ذ. (پرا. مَنَسي = دل. سن. مَنَس = دل. مَنَ = ويچار ڪرڻ) مانهوءَ جو اهو عضوو، جنهن سان ويچار ڪري ٿو - ويچار يا خيال پيدا ٿئي جو عضوو. روح يا آتما تي باهرين شين جو اثر وجهندڙ عضوو. علم يا گيان پراپت ڪرڻ جي شڪتي - ويچار ڪرڻ جي سامرٿ. دل - هردو - هيئون - چِتُ - قلب - چيتو. الدر - ضمير - وويڪ. جيءَ - آتما - رُوحُ لاڙو - جهڪاءُ رغبت - چاهہ. خيال - ويچار غور - خوض. ڌيان. خواهش - مرضي. نيت - ارادو. (صفت). پيارو - دلبر - پريتم - پيارلُ. (ت).

= مَنُ پاوَنڊيُ: صفت. دل جي وٽندڙ - دل پسند - وٽندڙ - سُمائيندڙ - مَنُ گهُريو. روح رِيجهائيندڙ - سيبائيندڙ - محبوب.

= مَنُ پاوَنڊيُ مُرادَ سائنُ: دل گهُريا مطلب حاصل ڪرڻ.

= مَنُ پِيڄَنُ: همدردي ٿيڻ - رحم اچڻ - قياس اچڻ.

= مَنُ پرجيُ آڇَنُ: دل پرجي اچڻ. ڏک ۾ پنجي وڃڻ. رُٺلهارڪو ٿيڻ - غمگين ٿيڻ - دل ڏکوڻجڻ.

= مَنُ تَهَنُ: ڪاوڙ ۾ پرجي وڃڻ - غُصو ڪرڻ - ڪاوڙجڻ.

= مَنُ ٹارُ ۽ مَنُ ٹارَ: ذ. صفت. دل ٽاريندڙ - دل ڪي قرار ڏيندڙ - آرام ڏيندڙ - فرحتي.

= مَنُ ڇِڇَنُ: من پرجي اچڻ. رُٺڻ.

= مَنَ ڈيُرُ ۽ من ڈيُرَ: ذ. صفت. دل ڪي ڈيڍ ڏيندڙ - تسلي ڏيندڙ - قرار ڏيندڙ - دل جاءِ ڏيندڙ - آٽت ڏيندڙ. لالنُ - ساجن - پرين - محبوب - ديولن - دلبر.

= مَنُ رَکَنُ: دل لڳائڻ - دل ۾ رکڻ - مرضي رکڻ - رضا رکڻ.

= مَنُ سادَنُ: دل وس ڪرڻ. سَدُون پَلَنُ. نفس ڪي هٿ ڪرڻ - نفس مارڻ - نفس تي غالب ٿيڻ. ڪاوڙ، جذبي، حِرص ۽ جوش وغيره تي غالب ٿيڻ.

= مَنُ ڪاڍيوُ: ذ. دل جي ڪشش - چِڪَ. سِڪَ. (ڪاجرا).

= مَنَ گهُرِيوُ ۽ مَنَ گهُرِيا: ذ. صفت. دل گهريو - دل ڪي وٽندڙ - دل پسند. محبوب - ديولن - لالنُ - ساجن - پرين.

= مَنُ گهُڙَتُ: صفت. دل مان ناهيل - خيالي - بي بنياد - قياسي. هٿراڏو - هٿ جو ناهيل.

= مَنُ لَڳائينُ: دل لڳائڻ - خيال ڪرڻ - غور ڪرڻ - چيتو جاءِ ڪرڻ.

= مَنُ مانيُ ۽ مَنُ مالِيُونُ: ث. دل ڪي وٽندڙ ڪارروائي.

= مَنُ مازِيُونُ ڪَرَنُ: موجون ڪرڻ. منهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ.

= مَنُ مانهه: ذ. صفت. منهنجي دل جو. منهنجي دل ۽ ساهہ جو. جسر ۽ جان ۾. (ڪاجرا).

Gul Hayat Institute

= مَنُ مَتِي ۽ مَنُ مَتِيا ؛ ذ. صفت. خود ستر، خود راءِ - خود پسند. پنهنجي مت تي هلندڙ - پاڻ زوري - رُوءَ سُوءَ.

= مَنَ مَتِيو ۽ مَنُ مَتِيا ؛ ذ. صفت. مَنَ مَتي.

= مَنُ مَتسُتي ۽ مَنُ مَتسَتِيُون ؛ ث. اڪڙ - وڏائي - هٺ - سيت - دماغ - ڄاڻ.

= مَنُ مِلائُو ۽ مَنَ مِلائُو : ذ. صفت. دل ملائيندڙ - خليق - ملڻسار - ويلڙو - ڪِلمڪ.

= مَنُ مَنائي پُڇَنُ : ظاهر تي ٻيهڻ - پڌرو تي ٻيهڻ. خُواري ڪڍڻ - ذلت ڪڍڻ - رُسوائي ڪڍڻ.

= مَنُ مُنجهنُ ؛ دل ڪتي ٿيڻ. ٽڪجڻ. طبيعت متلُول ٿيڻ. حيران ٿيڻ - پريشان ٿيڻ - بيزار ٿيڻ - ڪَڪُ ٿيڻ.

= مَنُ موهنُ ۽ مَنُ موهَنَ : ذ. صفت. دل کي موهيندڙ - دل کسيندڙ - پيارو - مُحب - دل گهرو.

= مَنُ مَوُجِي ۽ مَنُ مَوُجِي ؛ ذ. صفت. ڪِل مُنهون - ڪيلڻو - خوش - سُهڻو - فرحتي ۽ ڪِلائيندڙ - خوش ويڙهو - خوش مزاج - خوشيءَ جو - مزي جو - ڪِلمُڪ. لهري - مؤڊائي - ٻُورالو - رِجهڪي - ڦيرڙو گهرڙو - لهري بازِ.

= مَنُ مِيلُو : صفت. مَن ميلائي - دليون ڳنڍيندڙ.

= مَنُ مِيلِي ؛ صفت. دل ڇِڪيندڙ - وڌندڙ.

= مَنُ مَهَنُ جهوڙو - سُهاڄو. دومت - يارُ - سجڻ - ميتر - گهٽگهرو - سنگتي - ساٿي. لالڻ - ساهن - پرين - محبوب - ديولڻ - دلبر - جاني - پيارو - مُحب - من گهريو - دل گهريو.

= مَنُ ۾ پَرُجَنُ : هٺ ۾ پوڄ - تڪبر ۾ اچڻ.

= مَنُ ۾ تُور ڏِڪَ ڪَرَنُ : دل ۾ سوچڻ. ڪُوڙهو ويچار ڪرڻ - ڇڪي، طرح خيال ڪرڻ - تمام گهڻي سوچ ڪرڻ.

= مَنُ ۾ چورُ هُنَنُ : دل ۾ ڪُٽ هڻڻ - اندر ۾ دغا هڻڻ - ڪوٽ هڻڻ - پائي هڻڻ.

= مَنُ ۾ مانڊاڻ مَچَنُ : دل ۾ هُرڪُو ٿيڻ - آتو ويلا ٿيڻ - آند مانڊ ٿيڻ.

= مَنُ وَڏائِيُ : دل وڏائڻ. مٿي تي چاڙهڻ - آڪيرو ڪرڻ - مغرور ڪرڻ. چِڙواڪ ڪرڻ - البيلو ڪرڻ - آزاد ڪرڻ - ريجالو ڪرڻ.

= مَنُ و ڏَنُ : مغرور ٿيڻ - ڦوڪنبو ۾ پرجڻ - مٿي تي چڙهڻ - آڪرو ٿيڻ - وڏائيءَ ۾ پرجڻ - اڪڙ ڪرڻ. البيلو ٿيڻ ريجالو ٿيڻ - چِڙواڪ ٿيڻ.

● مَنُ : ث. مٿي مُنَنُ جي حالت - سِرُ جي وارن جي صفائي - حجامت.

"مَنُ ۽ ڪَنُ ڪنهن سڄڻ کي سلجي".

● مَنُ ۽ مَنَ ؛ ذ. گهوڙي جي ٻنڊ جو هڪ قسم - وچون ۽ هيٺاهون ٻنڊ. (صفت). مَنو - (پ) ٽي پاڳي چار حصو.

● مِنا : اسم خاص. (ع). عربستان ملڪ جي هڪ شهر جو نالو (جتي حج واري وقت ۾ قربانيءَ کي ويندي آهي).

● مَنا (ت) : ذ. ٻانيءَ جي پڪين قاسائن لاءِ ويڇيءَ کي ڦاهو ڪرڻ لاءِ ڪاٺيءَ جا ناهيل پچر. (حاسي).

● مَنات : اسم خاص (ع) قديم عرب جي ٽن مشهور بُتن لات، منات ۽ عزا مان هڪ بُت جو نالو. (آصفيه).

● مُناجات ۽ مُناجاتُون : ث. (ع. لجو.) ڪَن جي ڪالهه - سرگوشي - مَس ڪَس. ڪهن کي پنهنجو ڏڪ ٻڌڻ - راز - ڳجهه : خدا کان حاجات جي لاءِ گهربل دعا (جا اڪثر گهري وڃي جيئن روبرو ويهي ڪالهائجي). خدا جي ساراهه ۾ چيل شعر. ساراهه - واکاڻ. (آصفيه).

● مُنادِي ۽ مُنادِيُون : ث. (ع. ندا)، پڙهو - ڏينهورو - مُنادُ - هوڪو - ٻُڌائيو - حاڪم جو حڪم ظاهر ڪرڻ واسطي آواز ۽ عام اشتهار - اعلان - پرچار. (صفت). سڏ ڪندڙ. پڙهو ڏيندڙ.

= مُنادِي ڦيرائِيُ : مُنادي ڪرڻ.

= مُنادِي ڪَرَنُ : پڙهو ڏيڻ - هوڪو ڏيڻ - ڏينهورو ڦيرائڻ : عام اشتهار ڪرڻ - اعلان ڪرڻ. حاڪم جو حڪم ٻڌائڻ.

● مُنارُ ۽ مُنارَ ؛ ذ. (ع). مُنارو.

"جيئن هت چونڪيون چمن چوڏار،
ٻيون مارُيون محل مُنارُ"
(ڪبير شاهه).

Gul Hayat Institute

● مُنارا: اسر خاص. تعلقي گهوڑا هاري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مُنارِ ڪِيْ: اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مُنارو ۽ مُنارهْ: ذ. اسر. (ع. مُناره) سرن يا پڙن جو ڏڪو ٽڪيو - اوچو ٽڪيو مسجد جو ڏڪو وڏو پتين مٿان ٽڪنب. (آصفيه). گنبذ - قُبو قبي جي نيل. مُنار. ٿورچي جڳهه - لائيٽ هائوس - چراغدان.
● مُنازَنْ: مصدر. (سن. مرّ (ي) دَ = د ڀائڻ) هٿ سان زور ڏيڻ - مهٽڻ. منازڪرڻ. مالش ڪرڻ. مَٿڻْ. پيڙون ڏيڻ - زور ڏيڻ - چاپڻ - مُڪڙيون هڻڻ. هٿن ۾ لوڻِنْ (ڪپڙن کي). هيٺ مٿي ڪرڻ - چاچولڻ. گيندڙ ڪرڻ. هٿ لائڻ. هٿ لائي ڏسڻ (ٻڪر کي). قُولارڻ - قلهورڻ.
" ٻکي ٻهنجي وات، منازُو موتي چُٽي "
(گرهوڙي).
(منازيو - منازيندو - منازيل). (ن - ب).
● مُنازڻ ۽ مُنازُونْ: ث. مَنَ - چاپ - زور - مالش - مهٽ سهٽ. مُڪڙي - پيڙ. معلوميت - لياس آرائي - لمَسْ - حِسْ - ويدنا - جاڻ. آتلاڻ.
● مُنازُوْ ۽ مُنازا: ذ. وهٽ ٻڌڻ جو ڪِلو - مُنو. (ن - ب).
● مُنازِ يْ ۽ مُنازِ يُونْ (ڪ): ث. پيڙيءَ جي اڳ ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪوڙيل ڪِلو. (ن. ب).
● مُناسِبْ ۽ مُناسِبَ: ذ. صفت. (ع. نسب = هُو عزيز هو) نسبت رکندڙ. موزون - لائق - واجب مُوافق. شايان - ٺڪ. درست - معقول. لازم - روا - جائز. برابر - جوڪو - آڇت - بابت جو - ٿهندڙ - پُورو - جڳائيندڙ - سونهندڙ. وهنوارڪو - پاتْ. ليکائتو - ٽائيستو - جڳائتو - سُهائيندڙ.
= مُناسِبَتْ: ث. باهمي لڳاءُ - تعلق - واسطو - لاڳاپو. (آصفيه). هڪجهڙائي - برابري - مُوافقت - جوڳائي - موزُونيت.
● مُناظِرْ: ذ. (ع. منظر جو جمع > نظر = جن ڏنو) نظارا - ڏيکاءُ - لقاءَ - رُوپ - ديدار.
● مُنافِعو ۽ مُنافِعا: ذ. (ع. منافعه > نفع = فائدو - لاڀ. آڇت - آپراسو.
= مُنافِعدارْ ۽ مُنافِعدار: ذ. صفت. فائدي مند - فائدي وارو - مفيد. ونڊبندڙ - پائيوار - حصيدار - پتيارْ - پائيتو - پتيدار - پاگيرُو - پاگيدار. سرڪاري ڏَل مان حصو وٺندڙ.
● مُنافِقْ ۽ مُنافِقَ: ذ. (ع. نفق) نِفاق رکندڙ ظاهر ۾ باطن ۾ تفاوت رکندڙ. دل ۾ دغا رکندڙ - رياڪار - مڪار - پاکنڊي - ڪُپٽي - ٻهڑ رُوپي - دغاباز - دغاخور - دلبي - فريبي. بي ويساهو - اڻ ويساهو - بي اعتبار - اوشواسي. مُلحد - ڪافر - بي دين - ناستڪ.
● مَنّانْ: صفت. (ع). گهڻو احسان ڪندڙ - نيڪي ڪندڙ - چڱائي ڪندڙ. نوازش ڪندڙ - مهربان. (اسر خاص). الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. (آصفيه).
● مَناڻَ ۽ مَناڻِ (ل): ث. قَرْ نه جهلينڊڙ چوپايو وهٽ (سينهن، ڳئون، ٻکري، رڍ وغيره) - مَناوڻ. (ت). آتلاڻ (ل). اڻ ڏڪي - سَڏ.
● مَناڻْ (ت): مصدر. مضبوط ڳالهه ڪرڻ - پڪي پيرائتي ڳالهه ڪرڻ. (مَناڻيو - مَناڻيندو - مناڻيل).
● مَناڻِيْ ۽ مَناڻِيُونْ (ت): ث. قبوليت - رضامندو - اِقرار - هائوڪار - مڃتا.
● مَناوڻْ (ت): ث. مَناڻ. (ل).
● مَناهِڪِيْ جا ڪِيُرَ: اسر خاص. تعلقي ڏڍي پاڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مَناهِيْ: اسر خاص. تعلقي هالا ۽ تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مَناهِيجا (ت): اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَنائِنْ: مصدر. راضي ڪرڻ - خوش ڪرڻ. پرچائڻ - پرپائڻ - رِجهائڻ - سرچائڻ ٺاهڻ - ٽَسائڻ - ٺارڻ چِٽ ڪرڻ - خوشامد ڪرڻ - آياماڻڻ - چِٽ ٻڌڻ - تاترائڻ ڏاڏرائڻ - ڦُسلائڻ - ڦاساڻڻ - قبول ڪرائڻ - اقرار ڪرائڻ - مڃائڻ - پاساريائڻ - مڃتا ڪرائڻ. (سن. مَنّ = پوڄا ڪرڻ)

Gul Hayat Institute

ملهائڻ - رکڻ - وارڻ (وڏو ڏينهن). وڏي ڏينهن جي ياد ۾ خوشيون ڪرڻ. دم دلاسو ڏيڻ. ڪاوڙ ڏيڻ ڪرڻ. پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ. (سن. مَر (ي) د = ڏيارڻ) پيڙون ڏيارڻ - مَناوڙ ڪرائڻ - چاپائڻ - مڪڙيون هڻائڻ - مالش ڪرائڻ. مهٽ سهٽ ڪرائڻ (ڪپڙن کي ڪارجي) پاڻي ۾ چاچولڻ ۽ مهٽڻ. پکارڻ - سڏڻ. (مَنائيو - مَنائيندو - مَنائيل).

● مِنائِنْ: مصدر. نڪ مان ڳالهائڻ - گهٽو ٽيڻ - گهٽو ڳالهائڻ - گهٽائڻ. مِڻ مِڻ ڪرڻ - پِڻ پِڻ ڪرڻ. (مِنائيو - مِنائيندو - مِنائيل).

● مُنَائِنْ: مصدر. ڪوڙائڻ (وار) - سيرب ڪرائڻ - پاڪي گهمارائڻ - مُنڊائڻ. (مُنائيو - مُنائيندو - مُنائيل).

● مَنَاهِيْ ۽ مَنَاهِيُونْ: ث. منع نامو. حڪر - تاڪيد - ٻرٻرٽا.

● مِنْبَرْ ۽ مِنْبَرَ: ذ. اوچي جاءِ - مٿاهين جاءِ. ڪاٺ يا سرن جي چاڑهين سان ٺهيل دڪي. مسجد ۾ خطبي پڙهڻ لاءِ ناهيل ننڍڙو ٽلهو - پرچار ٽلهو. (آصفيه). چبوترو.

● مَنْبَعْ: (ع. نَبَعَ) پاڻيءَ لڪڻ جي جاءِ - منڊ (ندي وغيره جو). چشمو. (ع. ا. د).

● مَنْبِلڪْ ۽ مَنْبِلڪُونْ (ل): ذ. تمار گهٽو - زياده - جهجهو. بيشمار بي انداز. ڳاڻيٽي کان ٻاهر. مثال: "هيترو پئسن جو منبلڪ (مبلغ) ڪير ڏيندو."

● مُنْبَئِيْ: ث. سرڪاري آن جو وڪرو.

- مُنْبَئِيدارْ ۽ مُنْبَئِيدارَ: ذ. صفت. سرڪاري اناج جو خريد ڪندڙ.

● مُنْبِيْ ۽ مُنْبِيُونْ: ث. پڙين شين جي ماپ جو اوزار - نندو سُبرو - سُبري - ٽوپري. (ڳاجرا).

● مَنَتْ: ث. (سن. مَنَ = قبول ڪرڻ) مڃت - مڃتا - پاس - سُڪا. نذرو - نياز - ارداس - پيتا - ڏڻ - ڏڻ نذرانو. وچن - اچار - ٻرتڪيا - وعدو - واچا - سُنهن - قسم.

- مَنَتِ مَنَائِنْ: سُڪڻ - سُڪا ڪرڻ - ڪيرڻ - ماسڻ - نذر ڪرڻ - نياز ڪرڻ - پيتا ڏيڻ - ڪُن ماسڻ.

● مِنَّتَ ۽ مِنَّتُونْ: ث. (ع). عاجزي - وينتي - مِنٽ - عَجز - آزي - ليلڙائي - نيزاري. خوشامد - چاپلوسي. التجا - عرض.

- مِنَّتَ ڪرڻ: عاجزي ڪرڻ - وينتي ڪرڻ - منٽ ڪرڻ. التجا ڪرڻ. انڪساري ڪرڻ - نيزاري ڪرڻ - آزي نيازي ڪرڻ.

● مُنْتَخَبْ: ذ. صفت. (ع. نَخَبَ = اختصار ٻيو ٽئي). انتخاب ڪيل - چونڊيل - پسند ڪيل - چانٽ ڪيل - ڏٺيل. گڏ ڪيل - پيڙو ڪيل - ميڙيل - ڪنو ڪيل. وڍيل - ٽُڪيل. چيدو. برگزيده - خلاصو ڪيل - گهڻن مان ڪجهه ڪنيل. (ذ) انتخاب ڪيل حصو - خلاصو. (آصفيه). تارج. (ڳاجرا)

● مَنْتَرْ ۽ مَنْتَرَ: ذ. (سن). وید جي رچا. وید جو ستوتر. وید جي باب جو هڪ شعر وارو حصو - وید جي آيت - شلوڪ. ڪنهن ٻوتر پشتڪ جو هڪ ٽڪر. شُبد - بول. بچن - گيت. ٻوتر پرارٿنا. چتوڪ - قيرات. ڪاڻ پُراثر چوٽي (جا ڪنهن جي ڪاوو ڪرڻ يا مارڻ واسطي پڙهائجي) - (آصفيه) ٽوٽو - ٽيٽو - ٽونڪو. جادو - سحر - افسون - منتر. جهاڙ چل. ڪجهه - راز - پيد - اندر.

- مَنْتَرْباز ۽ مَنْتَرَباز: د. صفت. منتر وغيره پڙهندڙ - جادوگر - ٽوٽائي - پوپو - ٽيٽائي. هنروارو. جوتش وديا جاڻندڙ.

- مَنْتَرْ پڙهڻ: جادو ڪرڻ - منتر پڙهڻ - منتر ڪرڻ. ٽيٽو وجهڻ - ٽوٽو ڪرڻ - جهاڙ وجهڻ.

- مَنْتَرْ جَنْتَرْ ۽ مَنْتَرَ جَنْتَرَ: ذ. جادو. ٽوٽو ٽيٽو. جهاڙ. منڊ. تعويذ ڦُل. پوت - جين - لڳت.

- مَنْتَرْ ڏيڻ: سکيا ڏيڻ - چونڪاروڇي ڏيڻ - ٽوٽو ليکي ڏيڻ. منتر ڏيڻي چيلو بنائڻ. شش بنائڻ.

- مَنْتَرْ ساڌَنْ: پکوان جو نالو وٺڻ - جپ ڪرڻ - تپشيا ڪرڻ.

- مَنْتَرْ وڻ: ڏٺيءَ وڻان ماڻهن ڏانهن نياهو آڻڻ - حق جو پيغام آڻڻ. چيلو ٿيڻ - مريد ٿيڻ.

- مَنْتَرْ هِنْنْ: ٽوٽو مٽڻ - جادو هٽڻ - جادوءَ رستي مغلوب ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● مُنْتَرُ جَنْتَرُ: ذ (سن. مَنْتَرَهَ + يَنْتَرَهَ = هٿيار، اوزار). آسماني ميارن کي ڏسڻ جي جاءِ - رصدگاهه. علم جوتش جو تجربه گاهه.

● مُنْتَرِي ۽ مَنْتَرِي: ذ. صفت. (سن. منتري = صلاحکار) صلاحکار - حکومت جو صلاحکار - وزير. ديوان. ڪنهن به جماعت جو هلائڻ ڪان پوءِ مکيه عهديدار.

● مُنْتَشِرُ: صفت. (ع. نَشَرَ = هن پکيڙيو). هيڏانهن هوڏانهن ٽيل - ڪيڏ ريل - پکڙيل - چڙوچڙ ٽيڙو ڪڙ. ڦهليل.

= مُنْتَشِرُ ڪَرَڻُ: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ - جدا جدا ڪرڻ - چڙوچڙ ڪرڻ - ڪنديرڻ - پکيڙڻ.

● مُنْتَظِرُ ۽ مُنْتَظِر: ذ. صفت. (ع. نَظَرَ). انتظار ڪندڙ - واٽ ڏسندڙ - راهه تکيندڙ ۽ اوسيڙي وارو - آميدوار - آسائتو - اونائتو - فڪرمند - آدڪو رکندڙ - فڪرائتو. ڳٽي خور. (آصفيه).

● مُنْتَظِمُ: ذ. صفت. (ع. نَظْمُ). انتظام ڪندڙ. انتظام ڪندڙ. اهتمام ڪندڙ بندوبست ڪندڙ. جوڙجڪ ڪندڙ. پوئيندڙ - پلڌڻ ڏيندڙ. سڌ وڌ درست ڪندڙ. مدارالمهام. (آصفيه).

● مُنْتَقِلُ: صفت. (ع. نَقْلَ) هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪيل - انتقال ڪيل - بدلايل - ڦيرايل. ٻيڪهه متبادل - جاءِ تبديل ڪيل. لڏي ويل.

= مُنْتَقِلُ ڪَرَڻُ: بدلائڻ - متائڻ - ڦيرائڻ - تبديل ڪرڻ. سودو ڪرڻ - ٻئي کي ڏيڻ - حوالي ڪرڻ - سونپڻ. (آصفيه).

● مُنْتَهِي: صف. (ع. انتهي) انتها ڪيل - اڪها کي پهتل - ڇيڙي کي پهتل - انجام کي پهتل - پڄاڙي ڪيل. پورو - ڪامل - تمام - مڪمل - سمايت. (ذ). پڄاڻي - آخرت - خاتمو. نتيجو - انجام. حاصلات. قسمت - قسمتُ قدرُ. (آصفيه).

● مِنْتَ ۽ مِنْتُونُ: ث. (ع. مِنَّة) نيازي - ويني - نيرتب - نماڻي - زاري - لِيلڙائي. عاجزي - نيازمندي - نياز. سوال - عرض - التجا - گذارش.

= مِنْتَ سَمَاجَتَ: ث. مِنت ميڙ - آزي نيازي - التجا - گذارش.

= مِنْتَ ڪَرَڻُ: عاجزي ڪرڻ - عرض ڪرڻ - سوال ڪرڻ.

● مَنْتُ ۽ مَنْتَ: ذ. (سن. مَنتر = مَنْدُ) مَنڊ - جادو - ٽوٽو - منتر.

● مِنْتُ ۽ مِنْتَ: ذ. (انگ). ڪلاڪ جو سيڻون حصو - سٺ سيڪنڊن جو عرصو. ٿوري دير - لمحو - پل - پلڪ - ڪن - ساعت.

● مَنْجَ (ڪ): ث. لُڙُ - لُڙاٽُ. غبار سان آسمان. (ن - ب).

● مَنْجَرَ (ث): ذ. پوني جو هڪ قسم.

● مُنْجَرُ ۽ مُنْجَرَ (ث): ذ. ڪنديءَ وٽ جو پُورُ - مُجَرُ.

● مُنَجِّمُ: ذ. صفت. (ع. نَجَّمَ = هن اڪيتي ڪئي) علم نجوم جاڻندڙ. ستارن جو علم جاڻندڙ - نجومي - جوتشي. اختر شناس - هيئت دان. جنتري ٺاهيندڙ. (آصفيه).

● مَنْجَنَ: ث. (سن. مَنْجِشَهَ) ڪٽل ڪنولو - ٻهي (جنهن تي هنڊ وغيره رکجن). ڪٽل ڪهڙامنجي - منجنَ. ٻارُ جي ڳاڏيءَ تي ڪٽل آيي پٽي (جنهن کي نار هڪليندڙ ٽيڪ ڏيڻ ويهندو آهي). (گاجرا).

● مَنْجَنُ ۽ مَنْجَنَ: ذ. (پرا. مَنجَنَ. سن. منجنَ > مَنْجَ = صاف ڪرڻ) ڏندن کي (صاف ڪرڻ لاءِ) ملڻ جي دوا - ڏندن جو پورو - منجهن - سفوف.

● مَنْجَنِيقُ ۽ مَنْجَنِيقُونُ: ث. (ع) پٿرن آڇلائڻ جي ڪل - وڏا وڏا پٿر هڻي قلعي جي ديوار کي ٽوڙڻ جي ڪل.

● مَنْجَنُ ۽ مَنْجَنُونُ: ث. (سن. مَنْجَ) ويهڻ جي ڪنولي - چارپائيءَ - منجي. جنن ڏنگن وارو ڪاٺ جو چوڪو. پائيءَ جي دلن ۽ مٽن رکڻ لاءِ ڪاٺ جي ٺهيل منجي - ڪهڙا منجي - پائيءَ ۽ سارين جو لاباروڪرڻ وقت ڏنگن رکڻ لاءِ ڪاٺ جو جنن ڏنگن وارو چوڪو. (ل). ٻاهي به

مچي وغيره جي پڇائن لاءِ لوهه جي ٺهيل نندي منجن. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ حصو - آڳيل طرف ماڻهن جي ويهڻ يا سامان وغيره رکڻ وارو حصو. (ن - ب).

● مَنْجَنُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مَنْجَنْ: مصدر. (سن. مَرْ (ي) ج. مَنْجَ = صاف ڪرڻ) صفا ڪرڻ. مَلَنْ (ڏاڻو وغيره) - ماجَنْ - مانجڻ. (منجيو - منجيندو - منجيل).

● مُنْجَنْ: مصدر (سن. مُنْجَ = آزاد ڪرڻ) موڪلڻ - روانو ڪرڻ - هلائڻ - اماڻڻ - پٺڻ.

"مُنجا منار مون غمخوار ڏي خط"

(فاضل شاهه).

● مَنْجِيٽِي قَلَ (ڪ): ذ. پرت جو هڪ قسم.

● مَنْجُو & مَنْجا: ذ. (سن. مَنْجَ = ڪٽڻ) وڏي ڪٽَ - ڪٽولو. سادي ڪٽ. ڪٽَ - چارپائي - چوڙهائي - انسلو. (ل). (ث. مَنْجِي & مَنْجِيُون). ٻيل گاڏيءَ جو ڍانڍو. (ت).

= مَنْجُو چَنْدَنْ: ڪٽ ڪي چڏڻ. جاءِ خالي ڪرڻ - هٽ چڏڻ.

● مَنْجِي & مَنْجِيُونْ: ث. (سن. مَنْجَ = ڪٽ) نندي ڪٽ - ڪٽولي. اٽ جي تري وارو تختو. ٻار جو هڪ حصو - ويهي ڏاند هڪلڻ وارو حصو - ڳاڏي - گادي. گوهه مان ماڻي ڪڍڻ جي ٻوڪي جي منهن ۾ لڳل ڪاٺ جو چوڪ. (ڪ). سکن جي هڪ پاڪ ڪتاب جو نالو.

● مَنْجِيٽَ (ت): ث. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - ميٿ.

● مَنْجِير يْ: ث. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم.

● مَنْجهہ: ث. (سن. مَيهَشه = مينهن) مينهن - مَنجهي.

● مَنْجهہ: صفت. ظرف. حرف جر. (پرا. منجهي. سن. منجهہ + ڪ > مَدْيَہ = وچ) وچ - وسط - درميان. (ظرف). ۾ - اندر - وچ ۾ - اندر.

= مَنْجهارا: حرف جر. منجهان. (ظرف) اندر مان - اندران.

= مَنْجهارو & مَنْجهارا: صفت. ظرف. مان - اندران - اندر ڪان - مَنجهان - مَنجهئون.

= مَنْجهارُون: حرف جر. منجهان - مان - ڪان.

= مَنْجهانْ: حرف جر. منجهارون - مان - ڪان - منجهاران.

= مَنْجهانهُونْ: ظرف ڪجهه اندر - ٿورو اندر.

= مَنْجهائِتو & مَنْجهائِتا: صفت. اندر وارو - اندريون.

= مَنْجهئُنْ: حرف جر. منجهارون - منجهان - مان - ڪان - منجهانهون.

= مَنْجهُونْ: حرف جر. مان - ڪان - ڪنان - منجهان - اندران - اندر مان.

= مَنْجهِي: صفت. منجهه ٿي - اندر ۾ ٿي - اندران ٿي - اندر مان. پنهنجي اندر ۾.

"لالن لاءِ لطيف چوي، منجهِي ٿي معذور"

(اُبري - شاهه).

= مَنْجهِيانْ: حرف جر. اندر مان - منجهان - منجهئون - اندران. اندريان.

● مَنْجهِہ (ت): ث. ڪوڏ جو ڪهڙو - ڪوڙ - لاڪ - منجهلو. (ت).

● مَنْجهيہ & مَنْجهہ: ذ. (پرا. مَنجهي. سن. مَنجهِي + ڪ > مَدْيَہ = وچ) وچ - اندر - درميان. ڪُجهہ - رازُ - پيد - انتُ - دلي راز - ڪجهو حال.

"ڪنهن ڪي منجهه (ڪڏا) ۾ ڏيج،
هن سڳوري سُور جو"

(خان زئي - ڪلياڻ).

= مَنْجهائِتو & مَنْجهائِتا: ذ. صفت. منجهه وارو - دل جو حال ڄاڻندڙ - همراز - رازدار - پيدي.

= مَنْجهہ ڏِيئُنْ: مخفي ڳالهه ٻڌائڻ - دل جو راز ڏيڻ - انتُ ڏيڻ پيد ڏيڻ.

= مَنْجهہ قِرَنْ: دل ۾ وَسڻ - دل ۾ رهڻ - اندر جي ڳالهه اندر ۾ رهڻ - راز راز ئي رهڻ.

"ڏيلَ جنهن جو ڏَنجهہ سو ماري ٿو منجهه قِري"

(ڪارايل).

Gul Hayat Institute

= مَنْجهُ ڪَنِڊَ: دل جو راز معلوم ڪرڻ- ڳُجهُ جاڻڻ- اندر جو انتُ لهڻ- پيد معلوم ڪرڻ.
= مَنْجهُ ڪَٽُو: صفت. پٺي جو راز وٺندڙ- ٻي جو راز معلوم ڪندڙ- پيد وٺندڙ- انتُ لهندڙ.
= مَنْجهُ لهَڻُ: دل جي ڳالهه معلوم ڪرڻ- دل جو راز هٿ ڪرڻ- انتُ وڃڻ- پيد ڪيڻ- منجهه ڪيڻ.
● مَنْجهَ (ڪ): ث. مُونجهه. آپت- اُپَسَ- رُ ڳهه. ڏُنڌُ- غُبار- لُڏات.
● مَنْجهارَ (ڪ): ث. ٻڙيءَ جي پرمان (آڏ) واري پاسي مٿاڙ سان لڳو لڳ سڙهه وٽ اندر سِيمينٽ واجهه. (ن- ب).
● مَنْجهانڊِرُ ۽ مَنْجهانڊِرَا: ذ. وڻ جو هڪ قسم- منجهانڊو.
● مَنْجهانڊُ ۽ مَنْجهانڊَا: ذ. مَنجهانڊِرو.
● مَنْجهائُ: مصدر ڪَنڊُ وڇڙ ڪرڻ- جهَڙ مڪڙ ڪرڻ- مُنجهائڻ- وَرُ وَڪڙو ڏيڻ- ٻيجدار بنائڻ. ڏاڳي جو سنهن ۽ ٻاڙي گر ڪرڻ. ڦاسائڻ انڪائڻ وات تان لاهڻ- غلط رستو ڏيڪارڻ آٻتو ڪَسُ ونائڻ- گمراهه ڪرڻ پُلائڻ. حيران ڪرائڻ بيهوش ڪرڻ. صحيح حقيقت نه ٻڌائڻ. (مُنجهائو- مُنجهائيندو- مُنجهيل).
● مَنْجهلُو ۽ مَنْجهيلا (ت): ذ. ڪوڏ جو ڪڙو- ٻوٽڙو ڪوڏ لاڪ- لاڪوڙو- منجهه. (ت).
● مَنْجهنْدَ ۽ مَنْجهنْدُونُ: ث. (سن. مَدْيه = وچ + اهنَ = ڏينهن) ڏينهن جو وچ- اڏ ڏينهن- ٻن پهرن جو وقت- ٻپهر- ٻپهري- مانجهاندو- ڏَوڻتي. ٻن پهرن جي ماني.
● مَنْجهنُ: مصدر. (سن. مُهه = بيهوش ٿيڻ) بيهوش ٿيڻ. صحيح رستو نه لهڻ- پُلجي وڃڻ- پُلجڻ- اوجهڙ وڃڻ- رستي کان ٽِڙڻ. حقيقت نه پروڙڻ- برابر جواب نه ڏيڻ- منجهي پوڻ- گمراهه ٿي وڃڻ- گمراهي ۾ وڃڻ. حيران ٿيڻ. مَنڊ ۽ ٻاڙي گر ٿيڻ (مت جيئن). (منجهيو- منجهندو- منجهيل).

● مَنْجِهٽِي قَلُ ۽ مَنْجِهٽِي قَلَ: ذ. اسم. ڪَڇ مي پَرت جو هڪ قسم- وِچيون قَلُ.
● مَنْجهو ۽ مَنْجهيا (ت): ذ. جُتيءَ ۾ پير جي پاسي ڏانهن پيل وڇوارو چمڙو.
● مَنْجهو ولو ۽ مَنْجهُولاَ: ذ. رازڪي اوڙار جو هڪ قسم- د رزن پرڻ جي ڪم ايندڙ نديڙو چونارو.
● مَنْجِهي ۽ مَنْجِهيُونُ ث. (سن. مِهشَ = مينهن) مينهن- منجهه.
● مَنْجُ: ث. (سن. مَنْجِشٰا = مَڇَ). پساريڪي وڪر جو هڪ قسم- مَڇُ.
● مَنْجَرَ: ذ. وڻ جو هڪ قسم. ڪنديءَ جي وڻ جو قَلُ- سِڪَر.
● مَنْجَرُ (ڪ): صفت. ٽورَ چُرو مال- ڏَچر.
● مَنْجو ۽ مَنْجا (ث). ذ. (سن. مَنْجِهَ = مَنْجو) منجو. (ث. مَنچي ۽ مَنچيون).
● مَنْجِيُ ۽ مَنْجِيُونُ (ث): ث. چوڻهائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ خاص نِشان ([ ]).
● مَنْجُرُ: اسم خاص. هڪ مشهور ديند جو نالو. هڪ بادشاهه جو نالو- مَنوچهر.
● مَنْجُرُ (سن. مَنَهَ شِلهَ = گاڙهو سنكيو). پساريڪي وڪر جو هڪ قسم- گاڙهو سنكيو. زهر جو هڪ قسم.
● مَنْجُورِي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (سِڪابل).
● مُنْحَرِفُ: صفت. (ع). ڦريل- خَمر ڪاڌل- وريل- تِرڇو- ڏِڪو. ٽيڙو. سرڪش- باغي- بغاوت ڪندڙ- غدار. (آصفيه). انڪار ڪندڙ- ناڪاري- اِنڪاري.
● مُنْحَصِرُ: صفت. (ع). مدار رکندڙ- آڌار رکندڙ. ٻي جي آڌار.
● مُنْحُوسُ ۽ مَنْحُوسَ: ذ. صفت. (ع. نَحْسٌ). ڪمبخت- ٽيهاڪو- بدبخت- نادوزو- چَٽبدو- نَحس- نامراد- ڪمبخت- بدنصيب. نفرت انگيز. ڪاهي ٽِڪو. برو- بڇڙو- بد- خراب.
● مَنڊُ: صفت. (ف. مالِنْڈ جو مخفف). جهڙو- جيئن- وانگر. مثال- مثل. مَٽ- برابر.

ـ مَنْدائيِ ۽ مَنْدائيِيُونْ: ث. هلڪائي. گهٽتائي. مَنائي ـ خرابي ـ بچڙائي. بَدِي. منگهرائي ـ بدنيتي دشمني ـ ويرُ.

"ڪيڙي جـو ڏس نـه ڏيـو،
مون ڪي لڳندي ڏاڍي مندائي"

(غلام شاهہ).

ـ مَنْدُ خُواهہ ۽ مَنْدُ خواهَہ: ذ. صفت بَرائي چاهيندڙ ـ بئي لاءِ خرابي گهرندڙ. مَٽ گهرو ـ بدنيٽ ـ دشمن ـ ويري.

ـ مَنْدُ خُواهِي ۽ مَنْدُ خُواهِيُونْ: ث. منگهرائي ـ بدنيتي ـ دشمني ـ ويرُ. مدائي ـ بچڙائي.

ـ مَنْدَ مَنْدَ: ظرف آهستگي سان ـ ڏيمائي سان ـ نرمائي سان ـ هوريان ـ آهستي.

ـ مَنْدُو ۽ مَنْدا: ذ. صفت. خراب ـ بچڙو ـ بَدُ ـ مندُ سُست. ڍرو. جهڪو ـ گهٽ ـ هلڪو. (ث. مَندي ۽ مَندِيون).

ـ مَنْدُو گهُرَنْ: بچڙو گهرڻ. خراب گهرڻ. بئي لاءِ خرابي چاهڻ. بدخواهہ ٿيڻ.

ـ مَنْدُو مَنْڪَنْ: مندو گهرڻ.

● مَنْدُ: ذ. (سن. مَدَ = شراب) شراب ـ دارون ـ مَدّ ـ مَنَدّ ـ مَدُ.

● مُنْدَ ۽ مُنْدُونْ: ث. موسم ـ رُتِ ـ مُدِ. وقت ـ زمانو ـ سمو.

ـ مُنْدائِتو ۽ مُنْدائتا: ذ. صفت. موسم وارو ـ موسم جو ـ رُتائتو ـ موسمي ـ مُدائتو ـ وقتائتو ـ وقت وارو ـ وقت جو ـ مهلائتو.

ـ مُنْدَ جُونْ ٻُڌائِيڻ: تُرڻ جواب ڏيڻ. سخت لفظ ڳالهائڻ. گاريون ڏيڻ ـ بدشد ڪالهائڻ.

ـ مُنْدَ ڪَرڻ: ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيڻ. ڇهہ ماهي ۾ ڪي بہ نہ ڪمائڻ.

● مُنْدارُ ۽ مُنْدارَ: ذ. صفت. مُنهن دار. دلال. ڪنجوس.

● مَنْدارائي: اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو. (ت. بلوچستان).

● مُنْدَرُ ۽ مَنْدَرَ: ذ. (سن). جاءِ ـ گهر ـ حويلي. آستانو ـ تڪيو. عبادت جي جاءِ. پوڄا پاٺ جي جاءِ ـ ٺاڪر ڏاروَ ـ ٺڪاڻو ـ مڙهي. بُتن جو گهر ـ بُتخانو. جسم ـ بدن ـ ديهي. بن لکهو لڳهہ سوڙهيسين پِنَڻ جي وچ واري اوچي ۽ مٿانهين زمين. (ث)

● مَنْدَرَ (ل): ث. اڇي رنگ واري ڪپڙن ـ ڪنڌن جو هڪ ٺالو.

"سِڪر سائِي اٿر ساري، مندر ۽ مور موچاري، طلب تهيلي مندي تاري، بگي پُوري پٽاري جي"

(ملاح).

● مُنْدَرَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو ٺالو.

● مُنْدَرَ ۽ مُنْدَرَ: ذ. ڪاٺ جو واهاري ـ لڪڙي فروش ـ مودر. ڪيرواروَ ـ ڏوڏي (گاجرا).

● مَنْدِرا: اسم خاص. هڪ ذات جو ٺالو. (قادري).

● مَنْدِرا: ث. (سن. مُدرا = مَندي) والسي. ڪَنبل ـ مُدرا فقيرن ۽ جوگين جي ڪنن ۾ پائڻ جا وڏا گول والا. (سامي) مَندي چلو. مُهر ـ چاپو. نشان. سِڪو ناڇ ۾ آگريون ڪنهن خاص نموني هلائڻ جي حالت. هٿ يوگ ۾ بدن جي ڪي خاص لسڻ. وار مارگين جي ڏرم ۽ پوريون يا ڪچوريون وغيره ڪاڏي جون گول شيون. (گاجرا).

● مُنْدِراتِ (ث): ث. (سن. مُدرا = چٽلو) ڪُهاڙي يا ڪوڏر ۾ ڪٽنُ وجهڻ وارو ٽنگ ـ پاهو. (راهہ).

● مُنْدِرائيِ ۽ مُنْدِرائِيُونْ (ل): ث. ڪنهن وڻ يا ٻوٽي جو (زمين ۾ هنيل) قلم.

● مُنْدِراسِيِ (ث): ذ. پٽرت پٽرڻ جي سُٽ جو هڪ قسم.

● مَواهِيرُ: ذ. (ع. مُهر جو جمع) مُهرون- ٽپا صحيحون. (گاجرا).
● مُوَبَدُ: ذ. (ف). پارسين جو پروهت- زردشتين جو پيرُ. معبد- مڙهي. (گاجرا).
● موٗبِيءُ ۽ موٗبِيءُ: ذ. صفت. (ع. مُرْبِي = وڏو) وڏو- مُربي. سڀ ڪان وڏو (ڀت يا پاءُ). مُکيُ. سردار. (گاجرا).
● مَوٗتُ ۽ مَوٗتَ: ذ. (ع. مَوْتُ. سڻ. مرُ (ي) تِيٺُهه > مَترِ (ي) = مرڻ) وفات- مرگ- فوتُ- انتقال- مرتيو- مرڻو- رضا- قضا- رحلت. ڪالُ- اجَلُ- آزلُ- عزرائيل- ڪُٽي. خرابي. شامت. مصيبت. فنا.
= مَوٗتُ آچَڻُ: وفات ٿيڻ- وفات ڪرڻ. ڪالُ اچڻ- آزَلُ اچڻ فنائي اچڻ مصيبت اچڻ.
= مَوٗتَ جوُ گهنيڊُ گُڙَڻُ: موت جو پڙلاءُ ڪٽڻ تي پوڻ. موت اچڻ جا پسڻ پوڻ.
= مَوٗتُ کي سَڏُ ڪرڻُ: ڪنيءَ کي سڏڻ. عزرائيل کي سڏڻ. خوفناڪ ڪر ڪرڻ. سِرُ وڃڻ جهڙا ڪر ڪرڻ.

= مَوٗتِيارُ ۽ مَوٗتِيمارَ: ذ. صفت. مارِيندڙ. قاتل- گهاتي- ڪاري- مارُو- خُونِي.
● موٗتَڙَ (ت): اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● موٗتِيڙُو: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم- ماتا جو هڪ قسم (جنهن ۾ داڻا موتيءَ جي داڻي جيڏا نڪرن).
● موٗتِيءُ ۽ موٗتِيءُ: ذ. (دراوڙي مُڪُٽَ. پرا. موتي سن. موتي پڪَ > مئو ڪتِڪَ > مُڪُٽا = موتي) مٽيو- هيرو- جواهر- رتنُ. چمڪندڙ رتن. سامونڊي سپ مان نڪتل داڻو- ٻِهڙو- مرواريد- لُؤلؤ- گوهر- دُر. مٽڪو. ڪوبہ شيشي وغيره مان ٺهيل موتي.
= موٗتِياڻُونُ: صفت. موتين وارو. موتين سان جُڙيل.
= موٗتِيءَ جوُ داڻوُ هُئڻُ: سوپينڪ هئڻ- سهڻو هئڻ- حَسين هئڻ.
= موٗتِيءُ وِنڊڻُ: موتين کي هار ٺاهڻ جي لاءِ ٽُنگ ڪرڻ.
= موٗتِيڻُڙوُ ۽ موٗتِيڻُڙا: اسر تصغير. ننڍو موتي.
● موٗتِيا: ذ. چانورن جو هڪ قسم- موتيا.
● موٗتِيا بَنڊُ ۽ موٗتِيا بَنڊ: ذ. اکين جي بيماريءَ جو هڪ قسم- اک جي ماڪيءَ کي (ڪنهن شيءَ آڏو اچڻ سبب) پردو اچي وڃڻ جي حالت (جنهن ۾ نظر نہ پوندي آهي)- موتيا پاڻي.
● موٗتيوُ ۽ موٗتِيا: ذ. ڪُل جو هڪ قسم.
"موتيو آتي مار جتي پاڻي هجي تار"
(گلشڪر).
بيماريءَ جو هڪ قسم- اکين مان هر وقت پاڻي وَهڻ جي بيماري. لڙڪ وهڻ.
= موٗتِيوُ پاڻِيُ: ذ. موتيا بِندُ.
● موٗتِيُ چُورا جوُ لڈُونُ: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم. سنهي سُوندي سان ٺهيل لڈون.
● موٗتِيُ چُوڙُ لتغارُ ۽ موٗتِيُ چُوڙَ لتغارُ: ذ. گهوڙي جي واڇن ۾ وجهن جو لوهي دهانو- ڏالو (جنهن تي لوهي داڻا داڻا ٿين).

Gul Hayat Institute

● موٚتيٹا: ذ. جانورن جو هڪ قسم - موتيا.
● موٚٽ ۽ موٚٽُون (ل): ث. (سن. نا گر مُستا) ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي ٻاڙ دوا طور ڪم اچي). ڪتل (گاهه) جي ٻاڙ - موٚٽ - موٚٽلو. (ڪ).
= موٚٽ ۽ موٽ (ڪ): ذ. موٽ.
= موٚٽالو ۽ موٚٽالا (ڪ): ذ. موٚٽ ٻوٽو.
● موٚٽاج ۽ موٚٽاجَ: ذ. صفت. (ع. مُحْتَاج = گهرجاڻو) گهرجاڻو - ضرورتمند - محتاج. هيٺو - ڪمزور - نهل. نماٽو - غريب - نڌر.
= موٚٽارو ۽ موٚٽارا (ل): ذ. ٻوائتو خواب - اوٽارو. (ن.ب).
● موٚتر: اسم خاص. تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوٚتِري: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موٚتو ۽ موٚٽا: ذ. صفت. (سن. مَتَ = سُسْت). آلسي - آرسي - ٽوڻي - ڪاهل - سست - ڪاهْتُ - گهرَ. آهو مائهو جو هٿ ٻيو هجي - ڏَهر. ٻي سمجهه.
● موٚٽا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (هندو لهاڻن جو هڪ ٻاڙو).
● موٚٽانُڪو: ذ. (سن. مُوتْرَ = مُٺ). بدن ۾ مُٺ ڪڍ ٽيڻ جو هٿڌ - مٿاڻو.
● موٚتر ۽ موتر: ذ. (انگ). سواريءَ جي لاءِ استعمال ٿيندڙ مِشن تي هلندڙ هڪ لنڊو محفو.
= موٚتر ڊرائيوَر: ذ. صفت. موٽر هلائيندڙ - شوفر.
= موٚتر سائيڪل ۽ موٚتر سائيڪلون: ث. مِشن تي هلندڙ سائيڪل - ٽٽلڻي موٽر.
● مُوٚتِري ۽ مُوٚتِريُون: ث. هڏ - هڏڙي - پَروٽي - پَروڙي - موٽڙي.
● مُوٚتڙي ۽ مُوٚتڙِيُون: ث. موٽري.
● موٚٽڪو (ٽ): ذ. صفت. وڏي ۽ ٽُلهي دانهي وارو (آناج).
● موٚتيمَل: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۾ رهندڙ).

● موٚتَڻُ: مصدر. موٽي اچڻ - موٽي وڃڻ - موٽ ڪاڻ - وَرڻ - واپس اچڻ. ٻوبان ٻيرَ ڪرڻ - پُٺتي هٽڻ. هٽڻ - پُٺ ڏيڻ. اصلوڪي حالت ۾ اچڻ. لهڻ (بدن ۾) - ڪهنجڻ. پڌارجڻ - روانو ٿيڻ - آسهڻ - موڪلاڻڻ. (موٚتيو - موٚتندو - موٚتيل).
= موٽ ۽ موٚتُون: ث. ٻوٽتي ورڻ جي حالت - ٻوبان ٻير - واپسي. پُٺ - پُٺتي - لاڙو - روانگي - آسهه. موٚتُن جو خرچ. ڏل يا محصول واپس ڪرڻ جي حالت. تيرورن جو ڪنهن جسم سان لڳي اڏل ڪاڻ جي حالت - ڪيرڻ جي موڙ.
= موٚتائِڻُ: مصدر. موٚتائي ڏيڻ - واپس ڪرڻ - موٽي ڏيڻ - ادا ڪرڻ - واپس ڏيڻ - ورائڻ. ٻوٽتي ورائڻ. رَد ڪرڻ - نامنظور ڪرڻ - ڏيڻ - نه قبولڻ. إنڪار ڪرڻ. نااميد ڪرڻ. (موٚتائيو - موٚتائيندو - موٚتائيل).
● موٽ ڪائِڻُ: هٽڻ - پُٺ ڏيڻ. واپس ورڻ - موٽي اچڻ. ٻوٽتي هٽڻ (ويرَ، لهر وغيره جو). ٻوبان ٻير ڪرڻ. جنگ جي ميدان مان هٽڻ. ڪهنجڻ - جهنجڻ - مُڙڻ - لهڻ - چِرڻ (پاڻيءَ جو).
= موٚتِيُ: ظرف. وري اچي - واپس ٿي - ٻوبان ٻير ڪري - گهرو ڪائي - ٿيرو ڪري. آئندي. وري - ٻيهر. ٻئي دفعي. آئنده.
● موٚتو ۽ موٚتا: ذ. صفت. (پرا. موتَ: سن. موٚتو + ڪ > موٽ = ٽُلهو). ٻت ۾ پريل - ٽُلهو - متارو - دنبو. گهاٽو - گوڙهو (ڪپڙو). دُهرو - ٻٽو. وڏو. سٽيو - چڪنو. ٻُسي وارو - شاهوڪار. (ث. موٚتِيُ ۽ موٚتِيُون).
= موٚتائِيُ ۽ موٚتائِيُون: ث. ٽلهائي - متارائي. گهاٽائي. دُهرائي.
= موٚتِيُ آسامِيُ ۽ موٚتِيُ آسامِيُون: ث. صفت. شاهوڪار مائهو.
= مُوٚتو ۽ مُوٚتا: ذ. گهوڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم - ٻوٽين کوڏي تي لڪتل هڏي (جنهن ۾ کوڏي جون نسون ڳنڍجي ٻون ۽ گهوڙو مندو ٿي ٻوي). آڻ جي بيماريءَ جو هڪ قسم - سيءُڪ. نڍڙي چاول هار يا ڦر جو ناڙو. (ن.ب).

Gal Hayat Institute

ـ مُونءُ چڏائِڻُ: ناڙو ڪڍڻ. (ن ـ ب).
ـ مُونءُ مُوڙِ هَڻُ: معاملو مُنجهڻ.
● مُونءُ مَٿِر: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موءُنيارُ ۽ موءُنِيارَ (ڪ): ذ. صفت. رئيسُ ـ حسب نسب ۾ عزت وارو. (ن ـ ب).
● موءُنَ (ث): ث. ٿوپي جو هڪ قسم ـ اوني.
ـ موءُنُ ڏِيئُ: ڪپڙي ڪي اوني ڏيڻ.
● موءُنُ: ذ. (سن. مكُٺَ = موٺَ) دال جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم. (ت).
● مونِڙو ۽ مونِڙا: ذ. (پرا. مونڙ يُو). چٽن وارو ڪپڙو. زناني سٽڻ جي ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي سنهيون ليڪون زنجيرن وانگر هجن)
ـ مونڙانُئُونُ: ذ صفت. مونڙي سان لاڳاپو رکندڙ.
ـ مونِڙِ بو ۽ مونِڙِ يا: ذ. مونِڙو.
● مونڻُ (ل ـ ث) مصدر. ڪوهه مان هٿن سان ورت چڪي پاڻي ٻاهر ڪڍڻ. (مونِيو ـ مونِيندو ـ مونِيلُ).
● مَوْج ۽ مَوجُونُ: ث. (ع. موج = لَهر). لهر ـ ترنگ ـ چَل ـ چولي. طبيعت جي خوشي ـ ولولو. جذبات جو اُڀار ـ اُمنگ ـ اُڇنگ. جوش ـ جذبو. لهرو. پور ـ ريچڪ ـ ہُڏ ڪي. وهر ـ خيال ـ سوداءُ. مستي. خوشي زور ـ قوهه (درياءَ وغيره جو). مزو ـ رهسو ـ وندڙ ـ عيش ـ آرام. جهجهائي ـ ڪهٽائي. (اسم خاص). مير رستم خان اول جي مشهور تلوار جو نالو. (ن ب).
ـ مَوجُزَنُ: ذ. صفت. لهريون هڻندڙ ـ چوليون ڪندڙ.
ـ مَوجَ ڪرَڻُ: عيش ۽ عشرت ڪرڻ ـ مزو ڪرڻ.
ـ مَوج ۾ اچڻُ: لهر ۾ اچڻ ـ ترنگ ۾ اچڻ ـ ڏَڻ ۾ اچڻ ـ وجد ۾ اچڻ مزي ۾ اچڻ.
ـ مَوجُون ڪرڻُ: (سنڌ جو) آڻڻ ـ ورهه ڪرڻ ـ آچارو ڪرڻ ـ چاڙهه ڪرڻ.
ـ مَوجُونُ ڪَرڻُ: خوشي ڪرڻ ـ آنند ڪرڻ ـ مزا ڪرڻ ـ عيش عشرت ڪرڻ.
ـ مَوجُونُ مانڻُ: خوشيون مائڻ ـ موجون ڪرڻ.
ـ مَوجِي ۽ مَوجِيُ: صفت. لهري چاڙهه ڪيل ـ چڙهيل. پورالو ـ دلوالو ـ مَتوالو ـ مَتَلُوَن. ريچڪائي ـ گهوچائي. خيالي. مست.
● مُوجاڻِيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (جڪراڻي پاڙو).
● موجائُيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (ت). تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوجِبُ: ذ. (ع وَجَبَ). واجب ڪندڙ ـ لازم ڪندڙ ـ لازم فرض. سبب ـ باعث ـ وجهه ـ ڪارڻُ. (صفت). موافق ـ حسب ـ لائق ـ آن ڪول ـ ٻڌاندر ـ سارو.
● مُوجِبو ۽ مُوجِبتا: ذ. صفت. (ع. مُوجِبَه). هاڪاري. آڪاري ـ مَٿاواچڪُ. آڀاتي. بحال ـ قائم. (ذ). وڃ جي ڏارا جو هڪ پاسو (ٻئي پاسي کي 'سالبو' چئبو آهي). (ڪاهرا).
● مُوجِدُ: ذ. صفت. (ع وَجَدَ). پيدا ڪندڙ ـ نئين ڳالهه ايجاد ڪندڙ ـ نئين ڳالهه ڪيندڙ. باني ـ بنا ڪندڙ ـ اِبتدا ڪندڙ. (آصفيه).
● مُوجِڙِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موجُنُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوجُو (ل ـ ڪ): ذ. ڪاري جي مڇي جو هڪ قسم ـ ہُونڦَاڙُ. (ن ب).
● مُوجِواهه: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَوجُودُ: صفت. (ع. وَجَدَ). وجود ڪيل ـ پيدا ڪيل. تيار. سئيريل. حاضر ٿيل لاهه ڪيو. حاضر ـ سامهون ـ روبرو ـ هڪيو. ميسر ـ حاصل ـ هٿ وسيڪو ـ دستياب. قائم ـ برقرار ـ ڪڙو.
ـ مَوجُودات: ث. موجوده جو جمع. پيدا ڪيل شيون ـ مخلوقات ـ خلق. هستي. دنيا ـ ڪائنات. الله تعالىٰ جون پيدا ڪيل سڀ شيون. فطرت. حاضري ـ موجودگي. حاضر مال. بقايا. پونجي ـ موڙي.

Gul Hayat Institute

= موجود ڪرڻ: حاضر ڪرڻ - پيدا ڪرڻ - مهيا ڪرڻ. پيش ڪرڻ - اڳيان آڻڻ. تيار رکڻ. پهچائڻ - رسائڻ - پچائڻ (مال، رسد وغيره). گهرائي ڏيڻ.

= موجودگي ع موجودگيون: ث. حاضري هڻڻ جي حالت. پيشي. روبرائي هستي - وجود.

= موجود: صفت. حاضر. هڪيو - اڳيان. هن وقت جو - هينئر جو. (آصفيه).

● موجڪو ع موجڪا: ذ. صفت. (سن. مُنْجَ = مُجَ) مڃ جو - موجيءَ جو. مُڃ جي مُڇن جو. مڃ جي رنگ جو. بادامي رنگ جو. ميٽائون. (گاجرا).

● موجي ع موجيي: ذ. صفت. (سن. مُنْجَ = مُجَ) مڃ جو ڪم ڪندڙ - مڃ جون نوڙيون ٺاهيندڙ. مڃ وڻيندڙ، ڪنون واڻيندڙ.

● موج ع موجود: ث. مُڙيي جي مُڙڻ جي حالت. ڪنهن به سنڌ جي مڙڻ جي حالت. مريي جي نسن جي سوج.

● موچار ع موچارَ: ذ. صفت. (سن. مُک + چهرو = موچارو) سهڻي منهن وارو - سهڻو - حسين - خوبصورت - موچارو. سونهارو. سڳورو.

"آڻهي ڏي عليل کي مجنوں موچارُ."
(آبري - شاهه)

● موچارو ع موچارا: ذ. صفت. (سن. مُک = منهن + چهرو = سُهڻو) سهڻو - حسين - سُندر - ٺاهوڪو - موچار. (سن. مَدْبَ = وچ). وچين خاصيت وارو. پوروپنو - وچولو - مڌيم. چڱو. سئو - پلو - اوگهو - آچو - عمدو - چوکو - شُڀ. اُوچو - آنر - خاصو. لائق - فائق - سُريشٽ - سئي پر سئو. پٽلارو - سڳورو. نيڪ.

= موچارائي ع موچارائيون: ث. سهڻائي - خوبصورتي - حُسن - سونهن. چڱائي - پلائي - پال - خوبي - آچائي. خاصيت - گُڻ - جوهر - ڪٽيبائي - اُتمتا - فضيلت - فوقيت - شرف. واکاڻ - ساراهه. پورپنائي - اعتدال - موافقت.

= موچاري منهن: ظرف. سهڻي منهن سان.

● موچر س: ذ. (سن. موچَهَ = ريشمي ڪپهه جو وڻ + رَسُ = تتُ). دوا طور ڪم ايندڙ ڪوئر جو هڪ قسم (جو سيٽي يا ووڻ جي ٻوٽي مان ٿئي).

● موچڑو ع موچڑا: ذ. جُتيءَ جو هڪ ٻهر - پادر - ڪنلو - ٽوگرو - جُتي - جوتو.

= موچڑا ڏيڻ: پادر سان مار ڏيڻ.

= موچڑا کائين: پادر سان مار کائڻ. پادر کائڻ - جُوتا کائڻ - ٽوگرا جهلڻ - ڪنلا کائڻ.

= موچڑا ماري: ث. موچڑن سان مارڻ جي حالت. موچڑي بازي.

= موچڑا ملڻ: پادر لڳڻ. سزا ملڻ. ڪجهه نه ٿي ملڻ.

= موچڑا هڻڻ: موچڑا ڏيڻ - ڪلا هڻڻ.

= موچڑو سنگهائي: سزا ڏيڻ. شرمائڻ. مرگهي واري ماڻهوءَ کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ پراڻو موچڑو سنگهائڻ.

= موچڑي بازي (ت): ث. هڪ ٻٽي کي موچڑن هڻڻ جي حالت - موچڑن سان جهڳڙو - موچڑا ماري جهڙو. موچڑن واري راند. (ت).

= موچڑي جهڙو: مُنْهن ڪرڻ: خراب منهن ڪرڻ - ڪاوڙجڻ.

= موچڑي ڪنيو ع موچڑي ڪنيا: ذ. صفت. موچڑن سان ڪنيل - هيسايل - هيسيل. هٿ هيٺ.

● موچن: ث. هڪ جو هڪ قسم.

● موچي ع موچيَ: ذ. صفت. (پرا. موچ. سن. موچيکَ. پهاوي. موچڪ = موچي) چمڙو جو ڪم ڪندڙ - چرم دوز - موچي - سراز. جتيون ٺاهيندڙ. ڪفش دوز پوستين دوز. زين ساز. گهوڙي جو ساج ٺاهيندڙ. چمر رڱيندڙ. (ث. موچياڻي ع موچياٽيون). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

= موچڪو ع موچڪا: ذ. صفت. موچي جو - سرازڪو - موچيءَ جو - موچڪو.

= موچڪي رنبي: ذ. صفت. بد چال ماڻهو.

Gul Hayat Institute

ـ موچياڻو ۽ موچِياڻا: ذ. صفت. موچڪو ـ سوچڪو ـ سرازڪو ـ موچيءَ جو.

● موچَ ۽ موچُون (ل ـ ث ـ ک): ث. قَسر سري وڃڻ سبب ٻنا قسر جي ڪير ڏيندڙ ڪٻون، مينهن يا ٻکري. وهڪيل وهت (مينهن، ڪٻون، ٻکري وغيره)

● موچاڻِي ۽ موچاڻِيُون: ث. (سن. مُنْچ = آزاد ڪرڻ) هندن ۾ ڪنهن جو نائي يا نَنهن سري وڃي ته نوتيءَ جو پيءُ شاديءَ جي موڪا طور ڪي ٻنسا ان جي مائٽن ڪي جهوليءَ ۾ پائيندو آهي يا انهن ڪان هن ڪي ملندا آهن، اهڙن ٻڌن ڪي موچاڻي چئجي. ڪنهن مڙس جي مرڻ تي سندس زال ڪي ساهرن ۽ ڏٽئات سيڻن ڪان مليل ٻنسا. ڪنهن زال جي مرڻ تي سندس مڙس ڪي ساهرن ۽ ڏٽئات سيڻن ڪان مليل ٻنسا. ڪنهن ٻوڙهي ماڻهوءَ جي مرڻ تي سندس ڏيئن ڪي برادريءَ ڪان مليل ٻنسا.

● مَوحَدُ ۽ مُوَحِّد: ذ. (ع. وَحَّدَ) خدا ڪي هڪ ڪري ڄاڻندڙ ـ توحيد پرست ـ ايشور ايڪ وادي ـ ايڪائي ـ هڪو مسلمان.

● مُودَّبُ: ذ. صفت. (ع). ادب وارو ـ با ادب ـ اد ٻائتو مُهذب ـ شائستو ـ فضيلت وارو ـ خوش اخلاق ـ سُلجهڻو ـ سڌا تورو ـ خَليق ـ باتميز. آگياڪاري ـ چٽيوان.

● مودَكُ ۽ مودَكَ: ذ. صفت. (سن). مٽائيءَ جو هڪ قسم ـ چُورمي جو لڏون (جو هندو زالون ڪنهن سومر تي مهاديو جي نالي ٻرپ مٽائي ڪائين). لڏون. اڻي جو ٻوڙو (جو درياءُ لال جا سندي هندو پوجاري هر چنڊ تي ٺاهي درياءُ ۾ وڃي وجهندا آهن) ـ ڪوڙهو. ٻي ڍڻلو ـ ان گهڙيو. موڏَكُ. سرڪش ـ هوڏي ـ مغرور. نادان ـ بيوقوف.

● مودِي ۽ مودِيُ: ذ. صفت. (سن. مودڻ = مودِي) آنءُ جو واپاري. آنءُ پهچاڏندڙ. انو گيهه وغيره وڪڻندڙ (واپاري جنهن سان ڪنهن جو ڪندو هجي) ـ ڪنڊ ٽي. خانساسان ـ پٽنباري. سربراهه. ناظر. عام مختيار. رسائي ڪندڙ.

ـ مودِيخانو ۽ مودِيُخانو: ذ. آنءُ جو پاندو ـ پٽنبارو ـ پانبارو ـ گُدام. ڪاڏي ويتي جي سامان رکڻ جي ڪوٺي.

● موڏَكُ ۽ موڏَكَ: ذ. صفت. (پرا. موڏيو. سن. موڏ + ڪ = ٿوري سمجهه وارو) ٿوريءَ سمجهه وارو ـ ايڏو ـ بيوقوف ـ اڃاڻ ـ نادان ـ موڏن ـ موڪشت.

● موڏنُ ۽ موڏَنَ: ذ. صفت. موڪشتُ ـ موڪو ـ بيوقوف ـ ڪم عقل. بي همت. ري همت ـ ڪم همت. تيچ هيڻَ ـ ليلهڙ ـ لاجهو ـ نيستو ـ اپرو ـ ضعيف. آداس ـ ويڪاڏو.

● موڏو ۽ موڏُو: ذ. صفت. (پرا. مُدْدَ. سن. مُڏَّ) سادو ماڻهو ـ بيوقوف ـ هالو هولو ـ پورڙو ـ مُڏ ـ مُڏو. (گاجرا).

● موڏا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● موڏُريو ۽ موڏُرِيا (ث): ذ. نندو ساندارو ـ ساندارِي.

● موڏو ۽ موڏا: ذ. صفت. (سن. مُنْدَ = ڪوڙائڻ) مٽي ڪوڙيل ـ ٽوڙهو ڪنجو. وارن ڪوڙيل (ساڌو). مٽي خالي. ٻنا سيڻن (جانور) ـ ري سيڻو. (ذ). آنءُ ـ شُتر. (ث. موڏِي ۽ موڏيون). (اسم خاص). تعلقي جيمس‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوڏو ۽ مُوڏا: صفت. (سن. مهيدَ = چرٻي) چرٻيءَ وارو ـ ٽلهو ـ سٽيو.

● مُوڏِي جاڪِيُر: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوڏِيُ ۽ مُوڏِيَ: ذ. صفت. (سن. مُوڏِ هُ) مورڪ ـ بيوقوف ـ چِتسو. موڪشتُ ـ ڏڏُ ـ ٽُٽُ ـ مُڏ.

● مُؤذنُ: ذ. صفت. (ع. اذنُ) اذان ڏيڻ وارو ـ ٻانگو. (آصفيه).

● مُوذِي ۽ مُوذِيُ: ذ. صفت. (ع. آذي = ايذاءُ ڏيڻ وارو ـ ايذائيندڙ ـ ڏکوئيندڙ. رنجائيندڙ. ظالم ـ جابر. ماريندڙ. بدمعاش. ڪمبخت. شُور ـ ڪرپٽ ـ ڪٽنجوس ـ ڪندوچ ـ مَرچُوٽ ـ

بخيل - چيچي مار - چمچوس. (اسر خاص). تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موڙ ۽ موڙُونُ: ث. (پرا. مورَنَ = نئين اوپڙُ. سن. مُكولَنَ > مُكَلَ = نئين اوپڙ. سن. موڙ = مُكري) نئين اوپڙ - نئين ڦوٽ - ڦوٽاڙو - ڦونهڙو. بُورُ - انگورُ - گونچُ. تازا ڦٽل وڻ. قلم ڪرڻ کان پوء وڌيل وڻ. ليُون. ملي پاڻيء جي مڇيء جو هڪ قسم. (اسر خاص). تعلقي ڏنڊي ٻاگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موُرِ: ث. ٻڙيء جو هڪ عضوو - ڪُوهي جو ڇيڙو. جهاز جي ڪُهي جي ڇهنب.

● موُرُ ۽ موُرَ: ذ. (پرا. مورو. سن. مَيورَ = مورُ) پکيءَ جو هڪ قسم - طائوس - ڪارايل - مَجورُ - مُرلا. (ث. ڊِيل ۽ ڊِيلون). واڳُون - واڳهُو. (ڪ). "منڪهي جا تہ مور پلا". نٽ جو هڪ جزو. (ن-ب) چوٽي - مُڪُٽُ - تاج - ڪَلغي - ڪُلاهُ - موڙ. (اسر خاص). منگر مڇيء جو هڪ قسم. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- موُرچَلُ ۽ موُرَچَلَ: ذ. مور جي ڪنڌ مان ٺهيل وڇيڻو - چؤنرُ.

- موُرِنِي ۽ موُرِنِيُون: ث. مور جي مادي - مورٽي - ڊِيل.

- موُرِٽِي ۽ موُرِٽِيُون: ث. مورني.

- موُرُ هُجَنُ: سهڻو هجڻ - خوبصورت هجڻ.

● مُورُ: ث. (ف). ماکوڙي - ڪنلي - ڪِيڙي.

● مُور: اسر خاص. اهي مسلمان جن اسپين تي راج ڪيو هو (جن اهو نالو مُوراکو جي رستي اسپين وڃي ڪري پيو هو).

● مُورِ: ظرف. (سن. مُولُ = اصل) اصل - هرگز - مُورهين - مُوراهين - پهتيء - تمام - بلڪل - بِنهہ - هڏ - ڪڏهين ب - ماڳهين.

"مُور نہ وِسري تنهنجي چڱائي".

- مُوڙانُ (ڪ): ظرف. مُور.

- مُورهِينُ: ظرف. مُور - مُوران - مُوراهين.

● مُورُ ۽ مُوراسُو: اسر خاص. ڪچ ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو. (لطيفي سَير). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراکُو ۽ مُوراکا: ذ. مني پاڻيء جي مڇيء جو هڪ قسم (چلر نديا، چلرن جو رنگ ڪاڙهو، اڇي يا سُرمائي ڪارن چلرن سان، سڌ پَرَ، ڪرڙي کان سنهي منهن سان).

- موُراکِيُ ۽ موُراکِيُون: ث. موراکوجومونث.

● مُوراگِيُ ۽ مُوراگِيُون: ث. مڪيہ سيڙهہ (جهاز جو). (گاجرا).

● موُرانجهَرُ: اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراهِيُ: ث. (ف. مُور = ڪنلي) وڻڻ جي ٻاڙ کي لڳندڙ هڪ مرض (اڪثر ٻهرڻين پاڻي ڏيڻ بعد جڏهن وڻڻ وڏيرڙا ٿيندا، آن وقت ٻاڙ ۾ زمين اندر پراڻي ڇيڻ يا ڪاڻين سبب اذوهي لڳندي آهي، جنهن ڪري وڻ ڪومائجي سُڪي ويندو آهي).

● موُرائِنُ (ڪ): مصدر. پوڪائڻ - پوڪڻ. پوڻو لڳائڻ. (موراڻيو - موراڻيندو - موراڻيل).

● مُوُرتُ ۽ مُوُرتَنُونُ: ث. (سن). شڪل - شبهہ - صورت - روپ. ڪنهن ۾ شيء سمان ٺهيل ماٺوڻ جو ٻوتو - پتلي - بت - صنم. پتلو. پُوري - ڊلي. مورتي. تصوير - چِٽ - ڪلڪاري. فقير. انسان. جٽو. (ظرف). في ماٺهو.

● مُورُ ۽ مُورَ: ذ. (سن. مُولُ - مُورُ) ٻاڙ - جڙ - اصل - بيخ - بُنياد - بِناءُ. (اهي اصل رُپيا جن سان سوداگري ڪئي وڃي) - اصل رقم - مُوڙي - پُونجي - سَرمايو - بِشارت. وياج کان سواء رقم. موجُودات - ذخيرو - سامان - مال. ڪتاب جو مضمون. ڏاتُو - ماده - اشتقاق. (آصفيہ). نَسل - خاندان. اولاد. ڪُٽنب - قبيلو. (آصفيہ). پيٽ جي ٻاڙ (ث). (ن-ب).

- مُورانُو ۽ مُورانا: ذ. صفت. مور جو - مور وارو.

● موُرڙِيُ (ث): ذ. پوني جو هڪ قسم.

● موُراسُوُ: اسر خاص. ڪچ ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو. (لطيفي سَير). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراکُوُ ۽ مُوراکا: ذ. مني پاڻيء جي مڇيء جو هڪ قسم (چلر نديا، چلرن جو رنگ ڪاڙهو، اڇي يا سُرمائي ڪارن چلرن سان، سڌ پَرَ، ڪرڙي کان سنهي منهن سان).

- موُراکِيُ ۽ موُراکِيُونُ: ث. موراکوجومونث.

● مُوراگِيُ ۽ مُوراگِيُونُ: ث. مڪيہ سيڙهہ (جهاز جو). (گاجرا).

● موُرانجهَرُ: اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراهِيُ: ث. (ف. مُور = ڪنلي) وڻڻ جي ٻاڙ کي لڳندڙ هڪ مرض (اڪثر ٻهرڻين پاڻي ڏيڻ بعد جڏهن وڻڻ وڏيرڙا ٿيندا، آن وقت ٻاڙ ۾ زمين اندر پراڻي ڇيڻ يا ڪاڻين سبب اذوهي لڳندي آهي، جنهن ڪري وڻ ڪومائجي سُڪي ويندو آهي).

● موُرائِنُ (ڪ): مصدر. پوڪائڻ - پوڪڻ. پوڻو لڳائڻ. (موراڻيو - موراڻيندو - موراڻيل).

● مُوُرتُ ۽ مُوُرتَنُونُ: ث. (سن). شڪل - شبهہ - صورت - روپ. ڪنهن ۾ شيء سمان ٺهيل ماٺوڻ جو ٻوتو - پتلي - بت - صنم. پتلو. پُوري - ڊلي. مورتي. تصوير - چِٽ - ڪلڪاري. فقير. انسان. جٽو. (ظرف). في ماٺهو.

Gul Hayat Institute

= مُورتيءَ: ذ. صفت. مورت جو - مورت وارو.
= مُورتيءَ ۽ مُورتيُونءَ: ث. مورت. پٿر يا ڌاتو جو ٺهيل ڪنهن ديوتا جو بُت.
= مُورتيءَ آستاپتن ڪرڻءَ: هڪ مندر مان ڪا مورتي ڪٽي ٻئي مندر ۾ رکڻ جي رسم ادا ڪرڻ. (آصفيه).
= مُورتيءَ پُوجنءَ: ث. بتن جي پوڄا - بت پرستي. (آصفيه).
● مُورَتءَ ۽ مُورَتَءَ: ذ. (سن. مهورت). سڳورو وقت - شبِ گهڙي - مهورت.
● مَورَثيءَ: ذ. صفت. (ع). موروثي - اباڻو.
● مُورِجاڻيءَ: اسم خاص. خيرپور ميرس ۾ هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● مورجنءَ: مصدر. (وڻ جو) ڦٽڻ - انگورجڻ - دَس ڏيڻ. گوڻچ ڪيڻ - گوش ڪيڻ - گوشا ڪيڻ - گوها ڪيڻ - هورجڻ - جمڻ - آڪاڻ - ٽڙڻ - ڪلڻ. گاهه جو نڪرڻ. نون ڦن نڪرڻ. وڏيل وڻ جو ڦٽڻ. ٻيدا ٿيڻ. (موريو - مورهو - موريل).
● مور جنگوءَ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مورُجوءَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾).
● مورَجهُرءَ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مور جهنگوءَ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مور چنگڪ ۽ مور چنگڪءَ: ذ. سازجو هڪ قسم - وات وارو چنگ.
● مور چو ۽ مور چاءَ: ذ. (ف. مورچه). جنگ ۾ لشڪر جي قطار. قلعي بندي. جنگ جو بنايل اڏو. وڙهه جو هنڌ. ڪاهي. آڙ - ڳڙڪي - مارو (قلعي جو). توبخانو. (ف. مورچانه). لنگ - ڪٽ - جنر - زنگار - ڪس. (آصفيه).
● مُورچاءَ: ث. (سن). غشي - بيهوشي - بيخودي - ڏنڊ پوڻ واري حالت - ڊڪر - مورڇائي. بي سُڌي - بي خبري.
= مُورچا ۽ مُورچاءَ: ذ. صفت. بي هوش - بي سُرتيو - مورڇت. بي خبر - بي سڌ.
= مُورچاڳتيءَ: ث. بيهوشي - مورڇائي.
= مُورچائيءَ ۽ مُورچائيُونءَ: ث. مورچا.
= مُورچتءَ ۽ مُورچتَءَ: ذ. صفت. بيهوش.
● مورچلءَ ۽ مورچلءَ: ذ. (سن. مورشل = وڇو). مور جي ڪنين جو ٺهيل وڇو - چؤنرو. وڇو - ٻڪو.
● مُورَڇنا: ث. (سن). ڳائڻ جو هڪ لمونو ڪاب راڳڻي اهڙي نموني سان ڪرڻ جو راڳڻي جي سموري چيڙ جي وقت ۾ فقط انهي هڪڙي راڳڻي جي ڇاءُ هجي). ايڪيهن راڳڻين مان هڪ راڳڻيءَ جو نالو. مورڇا.
● مُورڇڻ: مصدر. (سن). موهڻ - مست ڪرڻ - مفتون ڪرڻ. بيهوش ڪرڻ. (مورڇيو - مورڇيندو - مورڇيل). (ن. ب).
● مُورڙخءَ: ذ. صفت. (ع. آرَخَ = هن تاريخ لکي) تاريخ لکندڙ - وقايع نويس - تاريخ لکار. ناقل. (آصفيه). اهل سيَر.
= مُورڙختهءَ: صفت. لکيل. تاريخ وار - تاريخ ٻيل.
● مورڏاڻيءَ: اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ قبيلو. (تاريخ بلوچستان).
● مُورڏنيَءَ: صفت. (سن. مُورْدَنَ = ڪنڌ). جپ وارو (اڪر) - جپي (اڪر) - زباني. (مورڏني اڪر: ٽ، ٺ، ڙ، ڍ، ڏ، ڻ). (وي)، (پيش).
● مور ڙوءَ: ذ. نڙون ۽ تازو ٻن، سلو (ندي ۽ جي ڪناري تي آپريل). (گاجرا). (اسم خاص). آڪاڻي وقت جي هڪ مشهور مهاڻي جو نالو. (جنهن جو مقام اڄ تائين ڪراچيءَ جي ڀر ۾ آهي).
● مُورڙيءَ جاگيرُ: اسم خاص. تعلقي ٻدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مورڙيُنءَ: ث. پترت جو هڪ قسم. (ن. ب).
● مُورڪءَ ۽ مُورڪَءَ: ذ. صفت. (سن. مُورْكَ = بيوقوف) بيوقوف - بي عقل - بي سمجهه - مت هيڻ - ڪم عقل - ڪم فهم - نادان - احمق -

Gul Hayat Institute

پُوک. اناڑي - جاهل. چتسو. پورڑو - موڳو - ساد و سودو.

= مُوْرِ کَاٹو ۽ مُوْرِ کَاٹَا: ذ. صفت. مورک جو - مورک وارو - بي عقليءَ جو - بي وقوفاٽو - احمقاٽو.

= مُوْرِ کَاٹَائِي ۽ مُوْرِ کَاٹِيئُوْ: ث. بي عقلي - گهيلائي - اڏاهپ - بي وقوفي - آياٽپ - حماقت - مورکتا. جهالت.

= مُوْرِ کَتَا: ث. مورکائي.

= مُوْرَ کَتَائِي ۽ مُوْرِ کَتَائِيئُوْ: ث. مورکائي - بي وقوفي.

= مُوْرِ کَتِيٹو ۽ مُوْرِ کَتِيٹَا: ذ. مورکتا - مورکائي.

● مُوْرُ گو: صفت. ظرف (سن. مُول = مُور). وياج کان سواءِ - نفعي کان سواءِ. اصل قيمت تي. خريديءَ اڳهه تي. ماڳهين - ويتر - پاڻ - پٽ. اصل - جنهن پٽنيءَ - مُوْرُ - هٹڻ - بلڪ - بلڪل - بہ - نيگوٽو. گهنجندڙ - پوڙو پوندڙ - گهٽ ٿيندڙ.

● مورُلٹ: اسم خاص. ٹر ۾ هڪ پٽ جو نالو. (جتي عمر سومري جو مورنالي گهوڙو سري وبو هو) (لطيفي سير). ٹر ۾ پيو ٹرٽ حد بنديءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

● مورمُ ۽ مورَمَ: ذ. ڪڪري - سنهي - پهٽي - پٽڙي.

● مور مَنگَرُ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم - لِيارُو. درياهي جانور جو هڪ قسم (جنهن جا پاسا ڪارائي جي ڏندن جيان ٿين).

● مورنُ (ل): مصدر. وٹن جو آپرن - هور جهلن - ڪوڇ جهلن. نندي گاهه جو ٹوڪرو ڪاٹڻ. (موريو - موريندو - موريل).

● مورِنِي ۽ مورِ ٹِيئُوْ (ٹ): ث. تنبوري ۾ تندوءَ ڪاهو ڪرڻ لاءِ ڪاٹ جي ڪيلي.

● مورو ۽ مورا: ذ. شعر جو هڪ قسم - سنبهڙو - لِيهڙو. وڻ وڍڻ کان پوءِ پاڙ مان ڦٽل ٻيو دفعو ڪونڇ. ڏڳي گاڏي جي نلنهن جي چوڌاري وريل سنهو لوهه جو پٽ. (اسم خاص). تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوْرُوْثَ: ذ. صفت. (ع. وَرَثٌ = من ڪي ورثو ملڻ). ورثي ۾ ڏنل - ترڪي ۾ ڏنل.

= مُوْرُوْثِي: صفت. ورثي جو - ورثي وارو - ورثي ۾ ملڻ. پيءَ ڏاڏي جو - آباٽو - ڏاڏاٽو - نسلي - خاندائي - پيڙهيانتو.

● مورْهَنْڈِي: اسم خاص. تعلقي ديري محبت يا تعلقي بدين ۽ تعلقي ڪهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= مورهَنْڈِي جَاگِيرُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڈي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موري ۽ مور يُوْنُ: ث. (پرا. مُهُنديا = مُوْرِيُ. سن مُکٌ + رَ + ايکا = موري. ف. مور ي). پاڻيءَ جي نيڪال جي جاءِ. ڍڪيل موري - ڇڄهي ڪسي - الي. ڪاٹو - ويڙ. نندي ڪسي - موڙهو وکرو - پل (ل). موري جو دروازو. نندي پل. پل - ڦُڙ - ڦُڙدو. ڳهه جو هڪ قسم - پانهن ۾ پائڻ جو ڳهه. (گاجرا). هار جو هڪ قسم - ڪاري پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چارن سانءِ پُٹ ڪاري پيٹ اڇو، ڏکهي، گول (ڦرا) ويڪرو (ڦرا) لسو. ۲ انچن ڪان ٦ انچن تائين ٿئي). (اسم خاص). تعلقي جيمس آباد ۽ تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوْرِي ۽ مُور يُوْنُ: ث. (سن. مُولي = مُولڪ = موري) پاڇيءَ جو هڪ قسم - (ع) فجن - (ف) ترب. ڪاري جي ٻڙيءَ جي آڳيل ۾ مُهڙ ۾ آپي لڳل ڪاني (ن. ب) درياهي ٻڙيءَ جو مُهرو. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوْرِيَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُوْرِيَا فقِيرُ: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مور يَانُ ۽ مور يَانَ: ذ. (ف. موريَان = ڪٽ) ڪٽ - مُرچو - زنگ - زنگار - ڪٽ.

"لاهيندا موريان ڪريندا رُڪ پڌرو."
(شاهه)

● موريَانِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڈي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوْرِيجَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gulshayat Institute

● مور يسرُ ۽ مور يسرَ: ذ. (اک م) ڪنڌ- سرُ٦ُ. اک جي هڪ بيماري - چاليون. (سن. مَنوڪَنڌڪ: موتي + سرَ = لڙهي). اک ۾ پيل ڦُلو (اکين ۾ ٻوندڙ ايا ڦُلا موتين جهڙا ٽين ٽاڻ ان ڪري سندي يا ٻين ٻولين ۾ انهيءَ کي موتيو چون) موتيو. (ن.ب).

● مور يو ۽ مور يا: ذ. ڪنهن به ڏاڍاوء جو گها گهر جهڙو ٿهيل برتن - گها گهر- چوڙرو. پٽڪو- پٽڪڙ- پٽڪ (ث). اسم خاص. ماڻهوء جو هڪ نالو. (ن.ب)

● مور يو لاءَ ڪو: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَوڙ (ل): ذ. آٽ جي ڦڦڙن جي هڪ بيماري.

● موڙ ۽ موڙ: ذ. (پرا. مودَ: سن. مُڪت = سِهرو) سهرو. ڪلنگيُ- ڪلاهه. ڪوٽ جو شاديءَ جي وقت متي تي ٻڌل تاج - مُڪٽ- مُنڪ- چٽ - مُنڪٽ. (ڪڙ جي) چوٽي- طرو- ڪلنگي- ڪلغي. چونر- ڏونر- ڦندڻ- جهنالو. چوڙو (عاج جو). جهاڀو. گلن جو هار.. نٽ جي ڦُلي (جا ويڙهي ۾ انڪائبي آهي). تي چڙهيل گول ٽُلهو سونو (سونهن لاءِ) داڻو.

= موڙ ٻَڌنُ: سِهرو ٻڌڻ.

● مُوڙ: ث. (سن. مُولَ = مُور. سن. مُولڪا = مُوڙي) مُوڙي.

● مُوڙ ● مُوڙ: ذ. (سن. مولِڪا = مُوڙي) هڏَ- ڪنڊ- ڪنڊي- ڪنڊو. ڪنهن شيءِ جو ڪجهه انداز. مُوڙ. (سن. مُول = مُور) اصل ناڻو- مُوڙي. وياج تي ڏنل ناڻو. سيڙپ. "مُوڙ ڪان وياج پيارو، پٽ ڪان پوٽو پيارو" (چوڻي)

● موڙنُ: مصدر. (پرا. موڙ + اِيُ = موڙنُ. سن. موتَ (ني) = موڙنُ) مروڙڻ - وَرائڻ- پيٽوڪرڻ - مَروڙڻ - مروڙڻ - وِڪوڙڻ - وراڪو ڏيڻ - ڦيچ ڏيڻ - وَرُ ڏيڻ - وَرُ وجهڻ - مَروٽ ڏيڻ. ڏنگو ڪرڻ. گهمائڻ - ڦيرائڻ - چڪر ڏيڻ - هلائڻ - بدلائڻ - متائڻ - رُخ بدلائڻ - (ڪمانُ) چاڙهڻ - (نوڙي) پيچڻ - و ڻڻ. هڪ طرف ڪرڻ. نيوائڻ - ليهائڻ - ليڙائڻ - جهڪائڻ - ختم ڏيڻ - ڇڏدار بڻائڻ - ڏنگو ڪرڻ - ٽيڙو ڪرڻ. آٽو ڪرڻ - آونڌو ڪرڻ - آلٽو ڪرڻ. واپس ڪرڻ - موٽائڻ - موٽائي ڏيڻ - وري ڏيڻ (ضد تان) لاڻ. معنيٰ ڦيرائڻ - آٽو مطلب ڪيڻ چڪي تاڻي ٻي مطلب جي معنيٰ ڪيڻ. (سن. مُڊ = هيٺ لهڻ) قيمت ۾ گهٽ ڪرڻ - موڙو ڪرڻ. (موڙيو- موڙيندو - موڙيل).

= موڙ ۽ موڙ، موڙوُنُ: ذ. ث. وَٽ- وَرُ- پيچ- مَروڙ- وَڪڙ- وَراڪو - آڪيڙو- ڏنگائي. سٽهٽ (وارن جي). اڪرن لڪن جو هڪ نمونو. ڪِرڻن جي واپسي - عڪسُ. پاسو- ڪوشو - موشو ٽارو - ڪِنارو. لٽل ٻها - گهيل اڳهه - سستائي - موڙي.

= موڙاڻِ: ث. موڙائي.

= موڙيتوُ ۽ موڙائيتا: ذ. صفت. موڙ وارو. ڏنگو - مڙيل - وَريل - ميڙ - ڏيڙو - ڦيڏو. ٻيجاءَ - اجايو - بي فائدو. آٽو - آلٽو - آونڌو. موڙي وارو - موڙي مڇي وارو.

= موڙائيڻ: مصدر. موڙڻ جو ڪم ٻي ڪان ڪرائڻ. ڏنگو ڪرائڻ. سستو ڪرائڻ. (موڙائيو- موڙائيندو - موڙائيل).

= موڙائيي ۽ موڙائيُونُ: ث. قيمت ۾ گهٽتائي- سستائي.

= موڙوُ ۽ موڙا: ذ. وَرُ- پيچ- موڙ- موڙ- ڏنگ. (منهن کي ڏنل) موڙو مُڇڪو - مڇ- اشارو. حجاب - شرم - حيا پاسو - ٽارو - ڪنارو- موشو. (ذ. صفت). اڳهه. لٽل - سستو - سهانگو.

= موڙوُ ڏيڻ: منهن کي چهو ڪري نفرت جو اظهار ڪرڻ. مڇڪو ڏيڻ. ڳاهه نه وڻڻ. انڪار ڪرڻ.

= موڙوُ مُڇڪوُ ۽ موڙا مُڇڪا: ذ. موڙو.

= موڙوُ هُنڌنُ: واپار جي اصطلاح ۾ اڳهه گهٽ ٽيڻ. وَٻا يا ماتا وغيره جو چڇڻ.

Gul Hayat Institute

= موڙيون موٽون ڏيڻ (ت): ملاکڙي ۾ ملهن جو هڪ ٻئي کي کيرائڻ لاءِ جاننا هٿ ڦيرائڻ گهمائڻ. (ميلو شهباز ١٧).

● موڙو ۽ موڙا: ذ. سنهن کي ڏنل ورڙ- موڙو مڇکو. انکهه- ڪوڻج- انکوڙ- ڪوشو- سلو. درياءَ جي پاڻيءَ جي چڏي ويل زمين تي جاول هڪ قسم جو ٻوٽو. بيماريءَ جو هڪ قسم (جو ميهن يا آڻن جي ڏڻ ۾ پوي). مال ۾ موڙو.

● سوڙو ۽ سوڙا: ذ (سن. سُشْتَ = سٺ) شاديءَ تي ڪنوار کي ڏنل سوغات وغيره. بيد- ڪنڙي- پري- هڙ- سوڙي- پروٽي. (سن. سُوتَكَرْ = ڪاري) ڪانن جي ٺهيل ڪرسي- سوڙهو. ڏڪيءَ جو ننڍڙو اوهڙ. (ل).

= سوڙو پاڻيڻ: لاڪ ڏيڻ. شاديءَ کان پوءِ گهوٽ مي عزيزن جو ڪنوار کي ڪجهه مٺائي وغيره يا روڪڙ سوڪڙي طور ڏيڻ.

= سوڙو جهلڻ: سوڙو وٺڻ.

= سوڙو ڏيڻ: سوڙو پاڻڻ.

= سوڙي جيءُ گوٽيءُ (ل): ث. گهوٽ جي پٽڪي ۾ هٻڪل سوپاريون وغيره ٻيل هڪ پرتَ پريل ننڍڙي گوٽري. (ن- ب).

● سوڙهه ۽ سوڙهڙ: ذ. (سن. سُوڍَ = سوڙهه) سُنجهه- ڪنڌ و. سنڌ- بنڌ. ڪنڌ- گوپ. سُنجهيل سٺ. عضوي جي سنڌَ تي ٽيل سوج. پيٽ ۾ ٽيل بادي گولو- بادي سور. درياءَ جو آهو پاڻو جنهن مان پاڻيءَ جو ليکال نه هجي. (ت). چوپائي مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم- (وهت جي) آندي جو وڪڙ ۽ روڪ. (ذ. صفت). (سن. سُكْڏَ = موڪو) بيوقوف- نادان- چسو- بي عقل- سوڙهل.

= سوڙهه سوڙهڙ: صفت. ڏونڊيڙو- اونڌي ڪنڌ. ڪروندڙو. سسيل- ڪيڪو و ڪو.

= سوڙهو سوڙهو ۽ سوڙهاسوڙهاءُ: ذ. صفت. سوڙهه سوڙهڙ.

● سوڙهل ۽ سوڙهلَ: ذ. صفت. سُنجهيل- سُنڊل- الجهيل. سُنجهورو- ٻيچدار. (سن. سُهه = بيهوش ٿيڻ) حيران ٿيل. پريشان ٿيل. ڪيڪو و ڪو ٿيل- وائڙو- ششدر- گهبرايل. بيهوش. سُورڪ- بي سمجهه- بيوقوف- جاهل- نادان- بي عقل. موڪو. و سُوڙَل. گمراهه- پَلِيل- ڏيڪيل.

● سوڙهڻ: مصدر. (سن. سُهٌ = بيهوش ٿيڻ) بيهوش ٿيڻ- سُنجهڻ. (موڙهو- موڙهبو- سوڙهل).

= سوڙهه: صفت. سُنجهيل- سُنڊل. بيهوش. گمراهه. ويسو- حيران.

= سوڙهو: صفت. موڙهل.

= سوڙهو سوڙهو: صفت. ٻانهون ۾ جنگهون پيٽ ڏانهن سوڙهيون ڪري سمهيل. غمگين ٿي اونڌي ڪنڌ ٻيل- سوڙهه سوڙهه.

● سوڙهو ۽ سوڙهاءُ: ذ. (سن. سُوتكَرْ = ڪاري) ڪانن جي ٺهيل ڪرسي. ڪنڙي. هڙ. سوڙهو. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم.

● سوڙهو جبل: اسر خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سوڙهيو ۽ سوڙهيا (ث): ذ. پٽڪو- مولهيو. (ل). ڳاڙهي حلواڻ جو ٽڪو.

● سوڙي ۽ سوڙيون: ث. صفت. (سن. سُدْ = هيٺ لهڻ) گهٽ- لاٿ واري. موڪي- سائي- ٽنڊي- ديلي- سندي (بازار).

● سوڙي ۽ سوڙيون: ث. (سن. سُولَ = اصل) ڪنهن واپار وغيره ۾ سيڙايل اصل رقم. اصل رقم- سُور. سيڙپ- پونجي- ملڪيت. راس- پدارٿ. (سن. سُولِڪا = سوڙي) نندي هڙ- نندي ڪنڙي- پروٽڙي. ٻچڪو- ٻيڙي. (سن. سُشت = سٺ) ڪانين جو ڪنڊو. ڪانن سٺ. پنجويهن ٻيڙين جو بنڊل- جهوڙي. ڪڪڻ مان نهيل سينهوڙي (جا مٽي تي رکي مٿانئس دلو يا ڪوٻه بار ڪڍجي) ويهڻ لاءِ ڪانن مان نهيل ننڍڙي ڪرسي- پيڙهو.

= سوڙي پٽڻ: گڏو ٻڌڻ. پروٽڙي ٻڌڻ.

= سوڙي ٽيڻ: لفعو ٽيڻ- فائدو حاصل ٽيڻ. هميشه لاءِ قرن ڪائن جي آميد رهڻ.

= سوڙي پٽڻ: ٻڌي ڇڏڻ- جدا ٽيڻ.

Gul Hayat Institute

= مُوڙِي ڪَڇَ ۾ هُنڌَ: هل هلان ۾ هجڻ. هلند و وتڻ.
"ساران سنپور کي، ڪڇ ۾ موڙي،
ڪڇ لڏي، ساران ڪُڏي"
(ن - ب).

● مُوزاتِيءُ (ڪ): ث. مڪران جي کجور جو هڪ قسم.

● مُوزَهَرُ: ذ. (ف. موزه = پير + پر = کنب) ڪبوتر جو هڪ قسم - اُهو ڪبوتر جنهن جي پير تي کنب هجن.

● موز نڈِ ڪاڻِيءُ: اسم خاص. سري بلوچن جو هڪ قبيلو.

● مُوزُوءُ ۽ مُوزا: ذ. (ف. موزه) چمڙي جو جوراب. جُتي - پيراز. ڪپڙي جو جوراب.

= مُوزِي بَنڊَ ۽ مُوزِي بَنڊَ: ذ. جوراب بڌڻ جو پٽو.

● مَوزُونُ: ذ. صفت. (ع. وَزَنَ) وَزَنُ ڪيل - توريل. ٺهڪندڙ - ٺهندڙ - لائق - جڳهائيندڙ - مُناسب - واجب - زيبا - سُهائيندڙ - ٺيڪ - دُرست. (آصفيه).

● مُوسا: اسم خاص. ٽَرُ ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوسا واهُ: اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوستُ ۽ مُوستَ: ذ. (سن. مِشُ = بهانو) بهانو - عذر - پوزش - گيڪُ تالُ. هار سينگارُ - لاڏ ڪوڏ - نازنخرو - انگل آرو. (ن - ب). سستي. (گاجرا).

● مُوسِڙُو ۽ مُوسِڙا: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● مُوسَلَ: ث. (سن). مُهرلو - مُهري. (گاجرا).

● مُوسَلُو ۽ مُوسَلا (ل): ذ. (پرا. موسَلَ. سن. مُوسَلَ = مُهرو) انَ چڙڻ جو ڪات جو وڏو مُهيرلو - مُهري - ڏَنڊو - ڏڪرو.

● مُوسِلِيءُ: ث. (سن. مُسَلي) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پُوڻيءَ جي ٻاڙ (قوت باهه ۽ ضعف دماغ لاءِ مفيد).

● مُوسَمَرَ ۽ مُوسَمُونُ: ث. (ع). مند - رُت - فصل - تڙ. ويل - وقت - مهل. ايام - زمانو - سمو. موقعو. گج جي پرت جو هڪ قسم. (ڪ).

= مُوسَمِ بهار: ث. رت بسنت - بهار جي مند - گلن جي کلڻ جي مند. ربيع. ڦگڻ. مارچ. جواني - جوپن.

= مُوسَمِ خِزانُ: ذ. ٻن چٽن جي موسم - خريف. زوال جو زمانو - زمانه تنزل. ضعيفي - پيري - پياپڻ. جوپن جي پڇاڙي. (آصفيه).

= مُوسَمِيءُ ۽ مُوسَمِيءُ: صفت. موسم جو. موسمِ وارو - مندائتو - ويلائتو - وقتائتو. ٽوري وقت لاءِ. ميوي جو قسم.

● مُوسَن: ذ. ٻوڙها - پيرمرد - پيدا. (ديوان سانگي).

● موسو ۽ موسا: ذ. حياءُ - لَڄ - حجاب - لِهه - شرم. شرم. ڪنڌ - غيرت. حَيف - بد نامي - شرم جي ڳالهه. سبب. بهانو - عذر - مينهه. (ڪ).
"جهوري جهڙ هي، موسو مڪڻ جو." (چوٽي).
منصوبو - ويرُ - سازش - نزاع - د شمني. (ن ب).
ميهڻو - طعنو - تنڪو - وين - ڏوراپو. (ث).

= موسو ڪَرَنُ (ڪ): بهانو ڪرڻ - عذر ڏيڻ.

= موسو مَارنُ (ث): ميهڻو ڏيڻ - طعنو ڏيڻ - وين ڏيڻ.

● مُوسو دِيرو: اسم خاص. تعلقي ڪنڀاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوسُومُ: ث. (ع). موسم. (گاجرا).

= مُوسُومِيءُ: صف. موسمي ميوو.

● مُوسىٰ: اسم خاص. هڪ نبيءَ جو نالو. (جو بني اسرائيل يعني يهودين ۾ پيدا ٿيو. جنهن تي توريت نازل ٿيو. ڪيس ڪليم الله جو لقب مليل آهي. سندس هٽ هميشه چمڪندڙ عصا ۽ سندس ٻڌ مشهور آهي. هو يهودين جو پيغمبر، قاعدو ٻڌائيندڙ ۽ اڳوڻ هو. طور جبل تي خدا جو ديدار ڪيائين).

● مُوسِيانِيءُ: اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو. (تاريخ بلوچستان).

● مُومِيءُ پُوتا (ث): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مُوسِيٰ قَبْرِيٰ: اسم خاص. هڪ لڪ جو نالو.

● مُوسِيقِيٰ: ذ (ع). گائڻ جو علم ـ گاين وديا. سنگيت ـ گائڻ ـ ڪلا.

ـ مُوسِيقار ۽ مُوسِيقَارَ: ذ. صفت. گائڻو ـ گوئيو ـ ڪلاونت ـ مُطرب ـ سازيندڙ.

● مُوسِيٰ مَچِيٰ: ث. مڇي جو هڪ قسم ـ مَنگرَ ـ منگرو. انساني مانس کائيندڙ هڪ وڏي مڇي. (ڏيکھ الڪل چاليھ فوت. (گاجرا).

● مُوشُ: ذ. (آڻن ۾) ڦڙڻ جي هڪ بيماريء جو نالو.

● مُوشُ ۽ مُوشَ: ذ. (ف. مُوش: سن. مونڪ = ڪئو). ڪوئو ـ چوهو ـ ڪئو.

● مُوشِكافِيٰ ۽ مُوشِكافِيُونُ: ث. (ف). وار تان ڪَٽل لاهڻ جي حالت ـ باريڪ بيني. مڇيء مان ڪنڊا ڪڍڻ.

● موشو ۽ موشا: ذ. (سن. مُش = لڪائڻ ڍڪڻ). پاسو ـ ٽارو ـ ڪنارو ـ گوشو. علحدگي ـ جدائي. شرم ـ حياءُ ـ لڄ. منهن لڪائڻ جي حالت ـ پردو ـ لِڪ ـ پرهيز.

ـ موشو ڪرڻ: پرهيز ڪرڻ ـ پري رهڻ ـ گوشو ڪرڻ ـ ٽارو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ. شرم ڪرڻ ـ حيا ڪرڻ ـ لڄ ڪرڻ.

● مُوصِلِيٰ: ث. دوا طور ڪم ايندڙ پهاڙي ٻوٽيء جو هڪ قسم (جنهن جي پاڙ ڪتب اچي). مُوسِلي.

● مَوْصُوفُ: صفت. (ع. وَصْفَ) وصف ڪيل ـ ساراهه ڪيل ـ ساراهيل ـ واکاڻ ڪيل ـ واکاڻيل ـ ممدوح. بيان ڪيل. مذڪور. (ذ) علم نحو جي اصطلاح ۾ اهو لفظ جنهن جي صفت ڏيکاري ۾ اچي. (علم نحو ۶۰).

● مَوْصُولُ: ذ. صفت. (ع. وَصْل) وصل ڪيل ـ ملايل ـ ملايل ـ ڳنڍيل ـ لاڳاپيل. جڙيل ـ ٻڌل. (آصفيه). (ذ) گرامر موجب ضمير جو هڪ قسم. (جنهن جا به قسم آهن): ۱ـ ضمير موصول، ۲ـ ضمير جواب موصول).

● مَوْضُوعُ: ذ. (ع). وضع ڪيل. رکيل ـ ڪيل. بيان ڪيل. (ذ) مضمون جو مقصد. عنوان. علم نحو جي اصطلاح ۾ بامعنيٰ ڳالهائڻ. (علم نحو ۲).

● موغِلو ۽ موغِلاَ: ذ. صفت. مغل خاندان جو ـ مُغلِيو ـ مُغلي.

● مَوْقِعَ: ذ. (ع. وَقْع). وجهه ـ وار ـ سمجهه ـ ساجي ـ ٽڻ ـ داءُ ـ موقعو ـ سٽو. واقعي ٽيڻ جي جاءِ.

ـ موقِعو ۽ موقِعنا: ذ. موقع. واقع ٽيڻ جي جاءِ. (آصفيه).

ـ موقِعو ڏِيڻُ: مهلت ڏيڻ ـ مناسب وقت ڏيڻ. وجهه ڏيڻ.

ـ موقِعهِي تهي: ظرف. پوري وقت تي ـ مهل تي.

● مَوْقُوفُ: ذ صفت. (ع. وَقْف). بيهاريل ـ ڪڍو ڪيل. ٽاڙيرايل. ڪم ڪان روڪيل. نوڪريء ڪان برطرف ڪيل ـ برخواست ڪيل. ڪمي ڇڏيل. منسوخ ڪيل. مهمل رکيل ـ مهلت ڏنل. ترڪ ڪيل ـ ڇڏيل.

ـ مَوْقُوفُ ٽِيڻُ: نوڪريء ڪان جواب ڏيڻ ـ برطرف ٽيڻ ـ برخواست ٽيڻ.

ـ مَوْقُوفُ ڪَرَڻُ: برخواست ڪرڻ ـ برطرف ڪرڻ.

● مَوْقُوفِيٰ ۽ مَوْقُوفِيُونُ: ث. برطرفي ـ برخاستگي ـ معزولي ـ علحدگي. رد. اِلتوا ـ توقف.

● موڪَ ۽ موڪُونُ: ث. (سن. موڪْشَ = چونڪارو). هيٺانهين زمين (جنهن ۾ پاڻي آساني سان اچي سگهي). ٻنيء کي واهن رستي ڏنل پاڻي. وهڪ (پاڻيء جي). وهندڙ پاڻي. جلارو پاڻي ـ ڪهڻو پاڻي. پاڻي جي آڏل ـ پالوٽ. ڪهڻائي ـ جهجهائي ـ زيادتي. (صفت). ڪهڻو ـ جهجهو ـ جام ـ متو ـ وڌيڪ ـ زياده.

ـ موڪَنا: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موڪَرِ ۽ موڪَرُونُ: ث. (سن. موڪْشَ = چونڪارو). ويڪرائي ـ ويڪر ـ چوڙائي ـ ويڪراڻ ـ ڪشادائي ـ ڪشادگي ـ موڪراڻ. ٻوٽ ـ ٻيٽ.

ـ موڪَرَاڻِ: ث. موڪر.

■ موڪِرائيي ۽ موڪِرائيِيُون: ث. موڪراڻ- موڪَرَ- چوڙائي.

■ موڪِرو ۽ موڪِرا: ذ. صفت. ڪشادو- ويڪرو- خلاصو- وسيع- چوڙو. گنجائشي- آزاد- جڳهه وارو- ڪليل- ميڪيو. وڏو.

● موڪُڻ: ذ. (سن). چوڻڪارو- آزادي- آزاد گي- نجات- موڪا- ميڪتي.

● مُوڪِل: ذ. صفت. (ع). وڪيل ڪندڙ- اصيل.

● موُڪِلڻ: مصدر. (سن. مُنْجَ = آزاد ڪرڻ) مُنجڻ- پڻڻ- روانو ڪرڻ- (قاصد) ڊوڙائڻ- (لشڪر) چاڙهڻ- پيڇڻ. (موڪليو- موڪليندو- موڪليل).

● موُڪَلَ ۽ موُڪَلائُونُ: ث. رُخصت- چُوٽي- رضا- اجازت. اِذن. رِهائي- آزادي- چوڻڪارو- چوڻڪو. نوڪريءَ کان برطرفي- موقُوفي.

■ موُڪَلَ آڻيٽي: جملو. جيڪي وٺيئي سو ڪر.

■ موُڪِلائي ۽ موڪِلائِيُون: ث. موڪل- اجازت- رخصت- روانگي- سانباهو. الوداعي. موڪلائڻ وقت ڏنل موڙو يا پئسا (خرچي طور).

■ موُڪِلائِڻُ: مصدر. رخصت ونڻ- چُوٽي وڻ- اجازت وڻ- موڪل ونڻ- الوداع ڪرڻ- موڪلائي ڪرڻ- خدا حافظ ڪرڻ. اِذن ونڻ- آزادي ڏيڻ. (موڪلائيو- موڪلائيندو- موڪلائيل).

● موُڪوڙ ۽ موُڪاءِ: ذ. ڪُڌيا جي چپ ۾ پيدا ٿيندڙ ڳوڙهيءَ جو هڪ قسم. (جمع. موُڪا) بيماريءَ جو هڪ قسم. موڪن جي بيماريءَ جو جيت.

● موُڪا (ت): اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● موُڪا ۽ موُڪائُونُ: ث. (سن. موُڪش = نجات) چوڻڪارو- رِهائي. نذر- نذرانو. ڏڪڻا.

● موُڪائي (ت): ث. ڪنهن شيءِ وڻڻ جي عيوض (ڪُنهر يا دڪاندار کي) ڏنل ڏڻا (اناج).

● موُڪِشُ: ث. (سن). موڪش- نجات.

● موُڪَلُ بَهَهُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موُڪَڻُ: مصدر. (سن. موڪشڻ = آزاد ڪرڻ). آزاد ڪرڻ- مُڪت ڪرڻ. مُڪتي ڏيڻ- نجات ڏيڻ. ڇڏائڻ- آزاد ڪرائڻ. عيوضو ڏيئي گروي مان ڇڏڻ. عيوضو ڏيڻ- بدلو ڏيڻ. محصول ڏيڻ سان ڪا شيءِ آزاد ڪرائڻ. عيوض وٺي ڪا شيءِ ڇڏڻ. پوريءَ قيمت ۾ ڪٽڻ. احسان جو بدلو ڏيڻ- احسان لاهڻ. ڪنهن عمل سان خود کي چڱو ثابت ڪرڻ- ملهائڻ- مرڪائڻ. ڪجهه ڪري ڏيکارڻ. مُنهن ڪم ڪرڻ. ڪنهن کي ڏُڻُ- منتخب ڪرڻ- چونڊڻ- پسند ڪرڻ. انعام ڏيڻ- ورسائڻ. عزت ڏيڻ. (موڪيو- موڪيندو- موڪيل).

■ موُڪَ ۽ موُڪُونُ: ث. آزادگي- رِهائي- خلاصي- اجائيي- چوڻڪارو- نيتارو- نجات- موڪِيرُ. پئسن يا محصول عيوض ڏيڻ سان ڪنهن شيءِ جي آزادي. (گاجرا).

■ موُڪُ ۽ موُڪَ: ذ. موڪ. چوڻڪارو. معافي. آخرين ۽ دائمي خوشي. ڏنل شيءِ جو عيوض. ڏرمي پستڪ جي قيمت- مٽائي (پاڪ ڪتاب جي قيمت). ڏرمي ڪريا ڪرم جو عيوض- پيٽا.

■ موُڪا ۽ موُڪائُونُ: ث. نذر- نياز- سيسا- مُڪا. موڪ- موڪائي.

■ موڪائيُ ۽ موڪائِيُون: ث. موڪڻ جي بها يا مزوري- موڪ- موڪا.

■ موڪائِڻُ: مصدر. آزاد ڪرائڻ- نجات ڏيڻ- چوڻڪارو ڏيارڻ. پاڻ ملهائڻ- مرڪائڻ- فخر ڪرڻ. (موڪائيو- موڪائيندو- موڪائيل).

■ موڪُ ٽِيِڻُ: ڪو بلو پيٽي ٽيڻ.

■ موڪِشُ: ذ. نجات- موڪ. (گاجرا).

■ موڪِيُ: صفت. موڪ ڪندڙ- آزاد ڪندڙ.

● موڪِيِيُ (ت): اسم خاص. ٽنڪر پارڪر ۾ لُڻ جي هڪ ڪاٺ جو نالو.

● موڪِيُ: صفت. (سن. مَدْيَ = شراب) شراب چڪائيندڙ. مَدو وڪڻندڙ- ڪَلالُ. (اسم خاص).

Gul Hayat Institute

هڪ عورت جو نالو (جا گواڙ پاسي شراب وڪڻڻ جو ڪم ڪندي هئي، هڪ لڳ سنڌس شراب جي ڪنهن مٽ ۾ نانگ وڃي ٻيو ۽ انهيءَ مٽَ جو شراب جن ٻيتو ٿي، سي مري ٿي ٻيا).

"موڪي سندي مٽ ۾ سُري سپ ٻيو،
اِيءُ قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهه ڪلال جو"
(شاهه).

● موڪَرَ (ث): اسم خاص. ٻوٽي جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم.

● موڪَرو ۽ موڪِرا: ذ. خوشبوءِ دار گل جو هڪ قسم - مَڪِرو.

● موڪائِڻُ: مصدر. (سن. مُهُ = بيهوش ٿيڻ). موڪو ٿيڻ. هوش خطا ٿيڻ. (موڪائيو - موڪائيندو - موڪائيل).

● موڪشٽُ ۽ موڪشٽَ: ذ. صفت. (سن. مُهُ = بيهوش ٿيڻ). بي سمجهه - ڪنڌ نهر - موڪو.

● موڪو ۽ موڪا: ذ. صفت. (پرا. موڪو = موڪو. سن. موڪ > مُهُ = بيهوش ٿيڻ. منجهيل - موڙ مل. اڻ ڳالهائو. گونگو - مائيٽو. مسڪين - اباڻو. اپوجهه - ڪوپ - بي وقوف - ڪم ذهن - بي عقل - مورڪ - ڳهيلو - موڪوستر. جهڪو (رنگ). بيهوش - مورڇت - وسو. وسائل. سست - ڍيلو - آرسي - ٽوٽي - ڪاهل - ڳمر. ڪيڪو وڪو ٿيل - حيرت زدو - وائڙو - نيپو - حيران. (ث. موڪِيُ ۽ موڪِيُون). (ذ). هڪ ڏينهن جو نالو. جن - پُوت.

= موڪائيُ ۽ موڪائيُون: ث. ڳهيلائي - موڪاڻ. آپاڪائي. بيهوشي - غشي - وسامائي - مستي - ڳهر - نند. وائڙائي.

= موڪاڻ: ث. موڪائي.

= موڪوستَرُ ۽ موڪمتَرَ: ذ. صفت. موڏَن - وڳشتُ.

● موڪهڙ ۽ موڪهُون (ث): ث. برساتي ڪير.

● موڪهو ۽ موڪها (ت): ذ. صفت. بيهوش.

● موڪو ۽ موڪا: ذ. صفت. (سن. مُدُ ڪ = مُڪ) مڪ جو - مڪ وارو. مڪ جي رنگ تي - موڪي - هلڪو سائو - سائيڙو.

= موڪِيُ ۽ موڪِيُ: موڪو.

● مول (ڪ): اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● مولُ ۽ مرلَ (ڪ): ذ. ٻڙيءَ جو هڪ عضو - ڪُوهي يا شيخلي جي چوٽي - مورُ. (اسم خاص). ڪوهستان ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو. (ن - ب).

"ملير تيلاهه مَرڪي، جيلاهه مول ماس."

● مُولِ: ظرف. مُور.

● مُولُ ۽ مُولَ: ذ. (سن. مُولَ = اصلُ). اصل. پاڙ - جڙ - جڙهه - بيخ - بنياد - ڪيرَ - ٻڙهه - بناهه. ذاتو - شبديوني. مُهڇُ - مُنڊُ - ڏُرُ. پيدائش - ٻُهائي. ڪتاب جو اصل مضمون - متن. علم رياضيءَ ۾ سڳهه جو اصل عدد ("ٻيو مُول، ٽيو مُول" وغيره). هڪ نڪت جو نالو (جنهن ۾ يارهن نحس تارا آهن). (صفت). اصلي. بنيادي. مُنڊ وارو.

= مُولُ پاشا: ث. اصلي ٻولي. بنيادي زبان.

= مُولُ پاپُ: ذ. اصلوڪو گناهه. حضرت آدم عليه‌السلام ڪان ٿيل گناهه.

= مُولُ ساڏنِ شبدُ: ذ. اصل لڪل لفظ.

= مُولُ شبدُ: ذ. اهو لفظ جو ٻئي لفظ جو بنياد هجي - ذاتو - اشتقاق.

● مَوُلا: ذ. صفت. (ع). مولىٰ - مولو.

= مَوُلائيُ: ذ. صفت. مولىٰ جو طالب. مولىٰ وارو.

● موُلاڙُ ۽ موُلاڙا: ذ. مولهاڙو - پڳڙ.

● مولادادُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُلارِيُ: ث. ڪاڏي جي ڪم ايندڙ مُوريءَ جون ڏانڊيون ۽ پَنَ.

● مُولانُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مولانو ۽ مولانا: ذ. صفت. (ع). پڙهيل - وِدوان - عالم - فاضل - پَنڊت - مولوي. قابل - هوشيار - چاڙو - ماهر.

● مولاوَڙو: ذ. صفت. مُهاچڙو.

Gul Hayat Institute

● مولائيءُ: اسم خاص. هڪ قوم جو نالو (جنهن جي ڪيچ ضلعي ۾ اينڪ آهي).
● مؤلِفُ: ذ. صفت. (ع. لَفّ) ڪتاب جو تاليف ڪندڙ- ڪتاب جا مضمون گڏ ڪرڻ وارو- مُصَنِّفُ.
● مولگوءُ ۽ مولگا (ت): ذ. هٿي جو هڪ قسم- سڳن وارو هٿو. (حامي).
● مولِمرَ ۽ مولمرَ: ذ. (ع. مارُقَ = هوا) هوا- واءُ- باد- پون. اوپر جي هوا. (گاجرا).
● مولِمو ۽ مولِما: ذ. صفت. (ع. مُسْلِمَ) ڪنهن ڳهه تي چڙهيل پاڻي- مُسْلِمو- مُسلمو.
● مولو: ذ. (ع. مولىٰ) مولا- مولىٰ. (صفت). مُنڍهيل (سٽ وغيره) گانڊوڙيل. گهنڊيدار (وار).
● مولودُ ۽ مولودَ: ذ. صفت. (ع. وَلَدَ) آهو ٻار جو پيدا ٿيو هجي- جايلُ- جاميلُ- جَميلُ- زاده. (ذ). جنم جو ڏينهن- پيدائش جو ڏينهن. پيدا ٿيڻ جو زمانو. حضور رسول صلعم جن جي جنم جو بيان. (آصفيه). رسول الله جن جي صفت ۾ چيل نظم. جنازي جي اڳيان سُر سان پڙهڻ لاءِ نبي ڪريم صلعم جن جي ثنا جا شعر.
- مولودي: ذ. صفت. مولود پڙهندڙ- شُغل پڙهندڙ.
● مولوي ۽ مولوي: ذ. صفت. (ع). شرع جا احڪام ڄاڻندڙ- دين جو عالم- فقيهه. ڏرم شاستر ڄاڻڻ وارو- شاستري. شريعت جو پابند. مُعلم- مُدرس. راج پنڊت- سيا پنڊت.
● مولهه (ت): ث. سُوڙي جي وَٽ. تڏي يا ٽوٽي جي ڪنار.
- مولهه ورائن (ت): تڏي جون ڇڙيون ورائي سمهڻ.
● مولهاتو ۽ مولهاٽا: ذ. مٽي تي هٿ ڏڻ ۽ ڏري پڪڙي- پڪڙ- ڇڏڻ- مولهو- مولهو- پڪڙ- دستار. (ث. مولهائي ۽ مولهائيون).
● مولهاتو ۽ مولهائا: ذ. مولهاڻو.
● مولهڻ: اسم خاص. تعلقي نوشهري فيروز ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مولهو ۽ مولها: ذ. مولهاڻو- مولهيو. پڪيءَ جو هڪ قسم. وڏيءَ چمار وارو آڻ. (ث)- هوڙهو آڻ- ڪيٽ. (ٽ). (ث. مولهي ۽ مولهيون).
● مولهيو ۽ مولهيا: ذ. (سن. مَسُولي = ڪلنگي وارو) ڪلنگي دار پڳ يا پٽڪو. (گهاتو- گُٽر). مولهاتو- مولهائو- مولهو.
● مولي: ذ. صفت. (ع). ڏاڍي- مالڪ- والي- آقا- خاوند- سائين- صاحب. سردار- امير. پتي- سرتاج. بادشاهه- شاهه- پاتشاهه. سلطان- حاڪم. داتا. الله- ربّ- پريو- ايشور. خدا تعالىٰ.
● موليو ۽ موليا: ذ. مولهيو- مولهائو.
● مُوليو ۽ مُوليا: ذ. (سن). هڪ نڪٽ جو نالو. مُول لڪڙ ۾ چاٽايل ماٺهو. (صفت). سائو- هريو. زردو- هيدو. (گاجرا). خوش- آسودو.
● مولهيڙنو حاجيءُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مولهيڙنو شاهڙ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موليمُ ۽ موليمَ: ذ. وادڪي ڪم جي هڪ اوزار جو نالو- ماهيچيءَ جو هڪ قسم- گول ليکن ڪيڏ جو اوزار. (ن.ب).
● مومَ: ث. (ف. مومَ. سن. مَدّ تَتّمَ = ميڻ) ميڻ- آها شئي جنهن مان ماکيءَ جي مک پنهنجو مانارو ٺاهي.
- مومَ بتيءُ ۽ مومَ بتيونُ: ث. ميڻ بتي- موميتي- شمع.
- مومَ جامو: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي موم لڳل هوندي آهي).
- مومَ دل: صفت. نرم دل- دل ڪونئرو- حليم- نرم طبع- نرم مزاج.
- مومَ روغنُ: ذ. ميڻ ۽ ترن جي تيل ڪي گڏي ٺاهيل روغن.
- مومي ۽ موميُ: ذ. صفت. ميڻ جو- ميڻ وارو. ميڻ جهڙو- نرم. (گاجرا).
- مومهيتيءُ ۽ مومهيتيونُ: ث. ميڻ بتي- موم بتي- شمع.

Gul Hayat Institute

● مُوْمَرُ ۽ مُوْمَرَ (ث): ذ. صفت. بي سمجهه- مست- چريو.

● مُوْمِيڙائِي ۽ مُوْمِيڙائِيُون: ث. (ف. مومياڻي = مومڙائي). ڪاري رنگ جي هڪ سٽيي دوا (جا پڳل هڏ ڪي ڳنڍڻ جي ڪم اچي)- مومياڻي- مومير ي. (آصفيه).

● مُوْمَلَ ۽ مُوْمَلُون: ث. صفت. (سن. وِ = بِنان + مَلَ = مَٽر). پاڪ- پوٽر. آجري- آچي- آوجل. سهڻي- حسين. (سر مومل راڻو- ڪُر). (اسم خاص). مومل راڻي واري قصي جي هڪ مشهور عورت جو نالو.

● مومِنُ ۽ مومِن: ذ. صفت. (ع. آمَنَ). ايمان وارو- ايماندار- ايمان آڻيندڙ- سچو مسلمان- مسلمان. دين تي پڪو. (اسم خاص). قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

● مومِيائِي: ث. دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وڪر جو هڪ قسم (جا پڳل هڏن ڪي ڳنڍڻ جي ڪم اچي)- مومڙائي. (مصر ملڪ ۾ پر ٽي زماني جا مصالح جي زور تي رکيل لاش)- ممي.

● مَوْنْ: حرف جر. منجهان- مان- ڪان- وٽان.

● مُوْنْ: ضمير متڪلم. (پرا. مَيْ. سن. مَيا = مُون). مان- آءُ- پاڻ- پنڊ. (هي ضمير فعل متعدي جي ماضيءَ وارن زمانن مان ايندو آهي، جيئن "مون لکيو، مون پڙهيو" وغيره).

▬ مُوْنْ جِيان: ظرف مون وانگر.

▬ مُوْ ڪَرِ: حرف جر. ماڻهپي (ت)- مون ڪي- پاڻ ڪي.

▬ مون ڪَرِ: حرف جر. مان- ڪَرِ- مون وٽ- مون تائين.

▬ مُوْنْ هَتان: حرف جر. مون ڪان- مون وَٽان- منهجي طرف ڪان.

● مُوْنْ: ذ (سن. مَوْنَ = ماڻ) ماڻ- چپ- خاموشي- سُڪاٽ- سانت- سانوڙو. آرام- نمار- سامت- ڏ برج.

▬ مُوْنْ ڌارڻ: ماڻ ٽيڻ- چُپ رهڻ- خاموشي اختيار ڪرڻ- گُپ چُپ رهڻ.

▬ مَوْنِي ۽ مَوْ لِي: صفت. مُڻ- خاموش. سامت- ساڪِت- ساڪَن. (اسم خاص). جوڳي فقيرن جو ماڻ ۾ گذاريندڙ هڪ فرقو.

● مُوْنِث: ث. (ع. مُؤَنِث). مادهه. مادي. عورت- زال. عورت جو مخصوص عضوو. (گاجرا). گرامر موجب جنس جو هڪ قسم- مادي لاءِ ڪم ايندڙ جنس.

● مُوْنْجهه ۽ مُوْنْجهُون: مُوْنْجهه: ذ. (سن مُه = بيهوش ٿيڻ). ساهه گهٽجڻ جي حالت- گهٽت- پوست. سخت گرمي. سخت گهٽ- سخت گرميءَ سبب بيهوش ٿي وڃڻ جي حالت. ساهه جي بي آرامي- آندماند. بي آرامي- بي قراري. بي چيني- ڪُٽي. فڪرات. هيانءُ تي بار- غُبار. حيراني- پريشاني- وانڍائي (ست وغيره جي) منجهن جي حالت- مونجهارو- ڪاوڙ. رولو- ڪوڙ- گهوٽالو. مونجهو.

▬ مُوْنْجهارو ۽ مُوْنْجهارا: ذ. مونجهه. رولو. ڪوڙ. مونجهو.

▬ مُوْنْجهو: ذ. مونجهه- مونجهارو.

● مُوْنْجهاري: ث. پوٽي جو هڪ قسم (ولائتي پير جهڙو، پن ڪهرا، گل هيڏو ڪيوڙي رنگ- تي مائل).

● مُوْنْدَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَوْنْدَرَ: اسم خاص. تعلقي دادو، تعلقي ننگرپارڪر ۾ تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

● مُوْنْدِراڻي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (بڪٽي پاڙو).

● مُوْنْدُواڻ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوْنْڌاهِه: ث. ڪنهن به چوپائي مال جي سارَ يا فَرجُ.

● مُوْنْڊو ۽ مُوْنْڊا: ذ. اسم خاص. (ٻيءَ جو) ٻَرنر- جلاويو.

● مُوْنْڊيو ۽ مُوْنْڊيا: ذ. صفت. منڊ وارو يا گو- مُهڙ. مُهاڙو- اڳياڙي. (ذ). ڪُلهو. ٻيڙيءَ جي آڏ جي چوٽيءَ ۾ پڌل رَسو.

Gul Hayat Institute

● مُونڊ (ت)؛ ذ. مُنڊ - بنياد.
- مُونڊ و اڪٽائڻ (ت)؛ مهاڙو اڪائڻ. هروپرو جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ.
● مُونڊڻ: ذ. گوڏو - مونو. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
● مُونڊي ۽ مُونڊ ٻون؛ ث. ملهه يا ڪُشتيءَ راند ۾ هنيل ٽوريءَ گوڏي جي ٽوڪر.
- مُونڊي: ملهه راند ۾ گوڏي جي ٽوڪر ڏيڻ. انگڙو هڻڻ - ڦڙتي هڻڻ. رند ڪوجهڻ - اڪ وجهڻ - چيڏ ڪ وجهڻ - رڪاوٽ وجهڻ.
● مُوسگر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ۾). (سينسز ۱۹۳۱ع).
● مُونڪَ ڦَري (ت): ث. پيرت جو هڪ نمونو. ڪاڇو.
● مُونگهان (ڪ): ٻوٽي جو هڪ قسم (ٽارين ۽ ٽڻڻ جي ڪل تي ڪنبا ڪنبا ٽين، جن ۾ ڪير آهي، ذائقي ۾ لذيذ).
● مونو ۽ سونا: ذ. صفت. (سن. مُنڊ = ڪوڙو). ٺوڙهو. مٽي ڪوڙيل ماڻهو (خاص ڪري جيڪو سپ وار ڪوڙائي چڏي). سنياسي. (ذ). سانوڻ جي مند ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاهه جو قسم. (ل).
● مونو ۽ مُونا: ذ. گوڏو - گهٽنو. ڪورين جو هڪ اوزار - تُر جي ٻنهي پاسن ڪان زمين ۾ ڪُٽل ڪاٻيءَ ٽڪر (جن ۾ تُر ڦري سگهي). آڏاڻي ڪي جهلڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪلو. ايٽ جي آڌي ڪاٽي - پانو.
- مُونا هڻڻ: گوڏا هڻڻ - اولڙ ڪرڻ. لتاڙڻ. (ڪنيات - گر).
- مُونڙين: ظرف. گوڏن سان.
- مُونن ۾ مُنهن ٻانهن: گوڏن ۾ منهن وجهڻ. مراقبي ۾ ويهڻ.
● مُونهڇي (ت): ث. پيٽ جي شروعات وارو هنڌ.
● مُونيي ۽ مُونيون: ث. (ڪنهن به جانور جو) ڪَريو - مُرو - مَريو. مُريهي جا وار. (ڪاجرا).
● مُوڻ ۽ موڻ؛ ذ. (پرا. مِيَنَ. سن. مَدَنَ > مِد = سٽيو ڪرڻ) ڪاڌي طعام (يا شيءِ وغيره) کي لذيذ يا نرم ڪرڻ لاءِ اني ۾ گڏيل مکڻ يا گهيه. (گاجرا).
● مُوَنُ: مصدر. (سن. ما = مَنِيُ) مَنِيُ - ساهڻ.
● موٽيُ ۽ موٽيَون: ث. (پرا. مِيَنَ. سن. مَدَنَ > مِد = سٽيو ڪرڻ) اني ۾ گهيه سان تيار ڪيل مٺائيءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ مٺاڻ گهٽو هوي). ڪهٽي گهيه واري ڪي. بسڪوٽ جو هڪ قسم.
- موٽيو: ذ. ڪهٽي گهيه ٻيل ٻُوريون يا ڪچوريون. (گاجرا).
● موهُ: ث. (ف. مُوي = وار) وار. (گاجرا).
● موهُ ۽ مُوهَ: ذ. اسم. (پرا. مُهَ. سن. مُکَ = مُنهن) مُنهن - مَکُ. مُهاڙ - مُوهڙ - مُهڙ. (مارئي - گر).
● مُوهڙ ۽ مُوهڙ (ڪ): ذ. مُنهن وارو پاسو - مُهڙ - مُهاڙ.
- مُوهينڪ ۽ مُوهنڪ (ث): ذ. موهڙ - مُهڙ - مُهاڙ.
- مُوهينڪڙو: ذ. منهن - لنگهه - دروازو.
● مُوهبَتُ؛ ث. (ع. وَهب) سخا. بخشش. (گاجرا).
● مُوهرُ: ذ. مُهراڻو جو مخفف. ٽنرُ جي هڪ حصي جو نالو - پڪي زمين ۾ ٽنرُ جي دنگ ملڻ ورو هنڌ - مُهراڻو - ڪ سُ.
"ٽنر ٽُوهر، مُلڪ مُوهر" (سانوڻ).
● مُوهروُ ۽ مُوهرا (ت): ذ. آڻ جي سنج جو هڪ قسم - مُونهن لاءِ منهن تي ڍڪڻ جو چادريءَ جي ڪڙڻين سان موڙ.
● موهيل: اسم خاص. تعلقي خيرپورميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موهيلا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● موهنڊاڻي: اسم خاص. سري بلوچن جو هڪ قبيلو.

Gul Hayat Institute

● موهڻ: مصدر. (سن. مُهْ = بيهوش ڪرڻ) بيهوش ڪرڻ - بي سُڌ ڪرڻ وَس ڪرڻ. چيت چريو ڪرڻ. موهتَ ڪرڻ - مَنُ لُڀائڻ - عاشق ڪرڻ - مفتون ڪرڻ - دل ڪسڻ - دل ونڻ - سومي چڏڻ. جادُو وجهڻ - سَندڻ - چَلَڻ. لالچائڻ - ڏاتارڻ - ريبڻ - ڏاڙ رائڻ - لوبَڻ - پرمائڻ. دَلبو ڏيڻ. پريائڻ - ريجهائڻ. لَبُ ڏيڻ - لَبَڻ. خوش ڪرڻ. (سن. مَدنَ > مِدُ = سٹيو ڪرڻ) الي پر موڻ (گيهه) وجهڻ. (شايد! سن. مَردن = مهڻ). جلائڻ - ٻارڻ - ساڙڻ. (شايد! سن. مَدِ = هلڻ) موڪلڻ - روانو ڪرڻ. (گاجرا). (موهيو - موهيندو - موهيل).

■ موهُه ۽ موهتہ: ذ. هوش گم ٿيڻ جي حالت - بيهوشي. اڃاڻائي - بي خبري. اڳيانتا - جهالت. پيار - پريت - محبت - سَنيهه - ارواحُ - لڳڻي - پيوندُ - مَهنا - حُبُ - پريم - قُرب - پريتو - عشق. جادُو - مَندُ - ٽوڻو. سحر. ڪشش - چڪَ. سَدَ - خواهش - چاهُ - چاهنا - چاهتَ. لوبُ - لالچ. ٻاجهه - مهرباني - دَيا - ڪرپا - پلائي. چريائي - مستي - جُنونُ سوداءُ.

■ موهِيتُ ۽ موهِيتَ: ذ. صفت. بيهوش - غش. اڻ جاڻ - بي خبر - بي سُڌ. موهيل - وس ڪيل. چيتُ چريو - اڪنُ چڪنُ - عاشق - مَفتُون - فِدا - مست - شيدا - شيفته - فريفته. لهايت گهڻو پيار ڪندڙ. جادُو سان سوميل. نظاري جو ماريل. (آصفيه).

■ موهِجَنُ: مصدر. بيهوش ٿيڻ. عاشق ٿيڻ. پيار ۾ ڦاسڻ. اوپجڻ.

■ موهِجِيُ پَونُ: عاشق ٿيڻ - پيارو گهرڻ - پائڻ - پسند ڪرڻ.

■ موهَه رُوپِيُ: ذ. صفت. نَڳڻو - خيالي - وهمي - ميٿيا.

■ موهڙ: ث. پيار - موهه - محبت. موهڙي. ث. موهڙ.

■ موهَنُ ۽ موهَنَ: ذ. صفت. چريو ڪندڙ. دل چڪيندڙ - موهيندڙ - مَنوهَرُ - لالَن - ساجن - پريئن - محبوب - دلربا. ڪشش ڪندڙ - سهڻو. (اسم خاص). ڪرشن مهراج جو هڪ صفاتي نالو. مَن موهَن.

■ موهَن مالا: ث. ڳٽيئين ۾ سونن دانڻن سان مالها. (گاجرا).

■ موهِنو ۽ موهِنا: ذ. صفت. موهن - موهڻو. (ث. موهِني ۽ موهِنيُون).

■ موهِنِيُ ۽ موهِنِيُونُ: ث. صفت. دل چڪيندڙ عورت - موهيندڙ زال - موهِيني. جادوگرڻ - ساحره. انگل آرو ڪندڙ عورت - بازاري عورت. (گاجرا). (ث). ٻي جي دل ونڊندڙ. منتر - وشي ڪرڻ - جادو - ساحري.

■ موهِنِيُ مَنتَرُ: ذ. ٻي کي موهيندڙ منتر.

■ موهِيُو ۽ موهِيا: ذ. صفت. دل چڪيندڙ. موهنو - موهيندڙ - پيارو (ث. موهڻي ۽ موهڻيون).

■ موهُو ۽ موهُوُ: ذ. صفت. موهيندڙ - موهنو - موهڻو.

■ موهِيُ: ذ. موهه. پيار. عشق. ممتا. (گاجرا).

● موهَنُ: اسم خاص. تعلقي ڏنڊي ٻاڳي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موهَنُ ٽالُ: ذ. (سن. موهَنُ = چڪيندڙ + سُتالَ = ٽالهه) سنائيءَ جو هڪ قسم - چاهه ۾ پڳل مڱڻ جو الو (جو ٽالهه ۾ پلنائي چڏيو آهي).

● موهنو ۽ موهِنا: ذ. ڪبوتر جو هڪ قسم - اڇي منهن وارو ڪارو ڪبوتر.

● سُوهَنُ: اسم خاص. رڻي ڪوٽ ڪان اوپر طرف هڪ جبل جو نالو. لئي جو نالو.

● سُوهو ۽ سُوها (ڪ): ذ. وڻ جو هڪ قسم.

● موهِيڙو ۽ موهِيڙا: ذ. جوانيءَ جي وقت منهن تي نڪتل چمڪندڙ داڻو (ڦُرڙيءَ وانگر).

● سُوءَ ۽ سُوءِ: ذ. (ف. سُو = وار) وارَ. چوٽا - جٽائون. آونداهه - ڪاراڻ (ڪ).

● موئيرا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● موئيرو ۽ موئيرا (ت): ذ. گل جو هڪ قسم (هيءَ گل اڪثر ٻهٻي پاسي ٿيندا آهن، جن مان شراب ڪڍندو آهي). (سنڌ جو سيلاني).

پُوڻي يا وڻ جي ٽارين کي مروڙي، ٽاڻو صاف ڪرڻ لاءِ ٺاهيل مُوٽو. ٻُڌڻ سان پريل جانور جي ڪَنَ. (ت). ٻُڌ- ٻوتو.

● موئڻ: مصدر. (سن. مَرْدنَ = مهڻ) ٻنهي هٿن سان مَسرڻ. مهڻ ملائڻ. لوئڻ (ڪپڙو) نيپُوڙڻ - مَروڙڻ. موڙڻ. وَٽڻ - ويڙهڻ. ورائڻ. (پرا. مَيَنْ. سن. مِدْ = سٽيو ڪرڻ) ڪنهن شيءِ کي سٽيو ڪرڻ ۽ ملائڻ. گهڻ سان اٽو گُوهڻ.

= موئڻ ڪرڻ (ت): ڪُروِي اٽي ۾ گيهه ميلائڻ.

● موئٽي ۽ موئيٽيون: ث. موٽي.

● موئيٽيو ۽ موئيٽيا: ذ. مُوٽيو.

● مُوئو ۽ مُوئا: ذ. مَرَڻ جو چڪو - مُوڙو. (ت). ڪَڪن يا اڇڙين مان ٺاهيل مُوئرو. (ل-ت). مُشعل - مُشال. وڻ جو هڪ قسم. (ڪ).

● مُوئيي: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● مُوئيڏان: اسم خاص. تعلقي ڏنڊي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موئيڏان: اسم خاص. مُول ڪان اُپرندي طرف هڪ جبل جو نالو. (ن - ب).

● موئيرو ۽ موئيرا (ت): ذ. آڻَ جي ٻَڌڻ جي گادين ۾ نرم ٽين لاءِ وڏل ڪانڌن جي سرن جا ٻَنڌ. (حامي).

● موئيلو ۽ موئيلا (ث): ذ. تيرن ۾ مُڪڻ جي فصل کي نقصان رسائيندڙ جيت جو هڪ قسم.

● موٽيا: ذ. (ع. ماء) پاڻي - آب. (ن - ب). (اسم خاص) تعلقي ڪُوٽيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوٽيشي: ذ. (ف). چوپايو مال - وهٽ وانو. چوپاڙي مال جي وڪري تي ورتل سرڪاري محصول.

● مَهڙ: ذ. (ف. ماهُ جو مخفف). چنڊ - قمر - ماهتاب - چندر - چندرما. (ع.ا.د).

● مَهڙ (ڪ): ذ. (سن. مَه = ماکي) ماکيءَ جي مسڪ - شهد مکي.

● مَهڙ ۽ مَهڙ: ذ. صفت. (سن. مِشْرَ = گڏيل) گڏيل - گڏاڙو - مُرڪب - ميلي رليل.

● مِهڙ: ذ. صفت. (ف). وڏو. بزرگ.

● مِهڙ ۽ مِهڙ (ل): ذ. (سن. مشْ = ٻاهڙ ڪرڻ). ٻاهڙ - مِنهن - عذر. چارو - علاج. (ديسي - گر).

● مَهَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪڇ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهَا ۽ مَهَا: صفت. ظرف. (سن). وڏو - شاهي - ڪبير. اُتر - عالي - بُلند - آڇو. ڏاڍو - سخت. زور وارو - قوي - گرو. مضبوط. تمام گهڻو - بي انت - اپار. زياده (ظرف) ڏاڍو - نهايت - تمام - بلڪل - زور - نيُور. (ذ). اڪثر مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "مَهاپُرش، مَهاتما وغيره"

= مَهَا آدوگيي: ذ. صفت. وڏو متحنتيي - جفاڪش - آورچ.

= مَهَا بِراهِمَنْ: ذ. صفت. پِتَرن جو ڪريا ڪرم ڪرائيندڙ براهمڻ.

= مَهَا بَلِي: ذ. صفت. تمام گهڻي طاقت وارو - بَلوان پهلوان.

= مَهَا پارتْ: ث پارت يا هندستان جي وڏي لڙائي - عظيم جنگ (جا پانڊون ۽ ڪورون جي وچ ۾ لڳي هئي). مهاپاري جنگ جي احوال وارو ڪتاب.

= مَهاتَمَ ۽ مَهاتَمَرْ: ذ. صفت. وڏائي. سارا هم. ڪنهن به نيڪيءَ جي ڪم مان ملهل فائدو. ڪنهن ڏرمي پستڪ پڙهڻ مان ملهل لاڀ - ثواب.

= مَهاتِما ۽ مَهاتِماؤں: ذ. صفت مَهاآتما - پاڪ روح وارو ماڻهو. وڏو پهتل ماڻهو - خدا ترس - ولي - سَنت. نيڪ چلن - گنوان. پاڪ.

= مَهاتِما پُرشْ: صفت. وڏو ولي.

= مَهاپاپيْ ۽ مَهاپاپيْ: ذ. صفت. وڏو گنهگار.

= مَهاپرساد: د. ديوتائن کي نذرانو ڏنل کاڌو يا پل چاڙهيل - ديوتائن کي ڏنل کاڌي جي پيٽا. (خالصن جي چوٽي). ريڊو گوشت.

= مَهاپُرش: ذ. صفت. وڏو ماڻهو. مهاتما. وڏو سَنت.

Gul Hayat Institute

■ مَهاپَرلئي: ث. پورڻ لئي - قيامت.
■ مَهاپَرُوِيُنَ ۽ مَهاپَرُوِيُنَ: ذ. صفت. بلڪل هوشيار.
■ مَهاڻَنُ: ذ. صفت. وڏو ماڻهو- مشهور ماڻهو. چڱو يا ديندار ماڻهو. سوداگر. صراف. هندو واپارين جي پنچايت - مهاجَنُ. پنچات.
■ مَهاڇارُ: ذ. ث. مچيءَ مارڻ جو هڪ وڏو چار. رولو - مونجهارو - گوڙ. وڪوڙ. جنجال - زحمت - ڪشالو - جاکوڙ. مشڪلات - تڪليف.
■ مَهاڇَنُ ۽ مَهاڇَنَ: ذ. صفت. مشهور ماڻهو. پَريو مُڙس - چڱو مڙس - پَتيل - مُکي - سردار. ايماندار. پَڌي جو واپاري. واپاري - سوداگر. شاهوڪار - شراف - صراف. (هندن جو هڪ) فرقو- نيات - سماج پنگت. ٽولي - جماعت - سڳر - مهاجن.
■ مَهادِيو ۽ مَهَادِيو: ذ. صفت. چمڪندڙ ۽ نوراني چهري وارو. (اسر خاص). هندن جي شِيوُ مهراج جو ٻيو نالو.
■ مَهارات (ث): ث. وڏي رات. ڇڇ جي روانگي واري ڏينهن ڪان اڳين رات.
■ مَهاراجا ۽ مَهاراجانُونُ: ذ. صفت. وڏو راجا- شهنشاهه - سلطان - قيصر.
■ مَهاراڻو ۽ مَهاراڻا: ذ. صفت. مهاراجا.
■ مَهاراڻيُ ۽ مَهاراڻِيُونُ: ث. صفت. وڏي راڻي- بادشاهه بيگم - قيصريه - ملڪه.
■ مَهاساگَرَ ۽ مَهاساگَرَ: ذ. وڏو سمند- بَحر.
■ مَهاشيءُ: ذ. صفت. سڻو ماڻهو- آبرو وارو- مُعزز- مانوارو - مانائتو. جناب - مسٽر.
■ مَهاڪَرمُ: ذ. صفت. تمام گرم - سخت ڪوسو.
■ مَهامَري: ث. وڏو مرض - وڏي بيماري. تمام گهٽو موت آڻيندڙ ڪاب بيماري. پليگ.
● مُهابو ۽ مُهابا: ذ. (ع. حب). لا ڀاهو - واسطو. اثر. سچ ٽپ - ڏيٺ - صدقو.
■ مُهاڀي: ظرف. لا ڀاڀي سان. سچائپ سان. صدقي.
● مَهابهارَتَ: ذ. (سن). هندن جو وڏو ڏرمي ۽ تاريخي ڪتاب (جنهن ۾ آرين جي ٻن ڏرين ڪورون ۽ پانڊون جي لڙائي جو احوال درج آهي).
● مَهاتَمَ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر سنڌ ۾) (سينسز ۱۹۳۱ع).
● مِهاجَرِ (ت): اسر خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
● مُهاجِرُ ۽ مُهاجِرَ: ذ. صفت. (ع. هَجَرَ) هجرت ڪندڙ - لڏيندڙ. هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ويندڙ - ٻنهنجو اصلوڪو ملڪ ڇڏي، ٻئي ملڪ ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪندڙ. مسافر. نرواسي. حضرت محمد صلعم جن سان گڏ مڪي شريف کان مدينه منور ڏي هجرت ڪندڙ.
■ مُهاجَرت: ث. وڇوڙو - لاڏاڻو. علحدگي - جدائي. وطن ڇڏي هليو وڃڻ جي حالت - هجرت.
● مُهاڇڙُ: ذ. صفت. (سن. مُکت = وات) ساڳيءَ ماءُ جو ٻهربون مَڙي ويل پارُ ڇڻ کان پوءِ ٻيو چاول (پار) نازڪ ۽ ڍڇڙو (پار). مُهاڇڙو - روڙهو - آبديده - روڙهارڪو.
■ مُهاڇڙُو ۽ مُهاڇِڙا: ذ. صفت. مُهاڇڙ.
● مَهادِيُ ۽ مَهادِيُونُ (ل): ث. وڪري لاءِ ڪٽيل وڏو جانور (ڍڳو - ڍڍو وغيره).
■ مَهادِيُ ڪَرڻُ: وڏو جانور ڪُهي وڪڻڻ.
● مُهاڏُو ۽ مُهاڏا: ذ. (سن. مُکت = وات. ع. محاذ) مُهڻ - اڳ - مُهاڳ - مُهاڏُ - اڳياڙي. جنگ وغيره ۾ اڳيان ٽيڻ يا آن جي منهن ۾ اچڻ جي حالت. فوج جو اڳيون پاسو.
■ مُهاڏا آڻڪائيُ: ڪنهن سان گالهه نه ڪرڻ لاءِ سمجهائڻ. حجت ڪرڻ.
■ مُهاڏُو آڻڪائيُ: منهن ڏيڻ. بحث ڪرڻ - ضد ٻڌڻ - هٺ ڪرڻ. رڳڙو ڪرڻ. جنگ جوڙڻ - جهيڙو ڪرڻ - سامهون ٽيڻ.
■ مُهاڏُو ڏِيَنُ: مُهاڏو آڻڪائڻ.
■ مُهاڏُو ڪَرڻُ: سامهون ٽيڻ - دوبدو ٽيڻ - منهن ڏيڻ - مُهاڏو آڻڪائڻ. مقابلو ڪرڻ - چٽاپيٽي ڪرڻ - وڙهه ڪائڻ. اوچتي ملاقات ڪرڻ. پاڻ ڏي مخاطب ڪرڻ. (ن - ب).

Gul Hayat Institute

● مُهاڏِيُ ۽ مُهاڏِيُونُ (ت): ث. شڪار ڪرڻ مهل آها ڪائي جنهن تي بندوق رکي هٿجي.
● مَهارَ ۽ مَهارُونُ: ث. (ف). آڻ جي ناڪهيلي - لاڙي. ناڪيليءَ ۾ پڌل رسو (جنهن سان آڻ کي هلائجي). ڏندن جي مٿان وارو گوشت - ڏندن جي پاڙ وارو گوشت - مَڙهي.
= مَهار مُوڙَنُ: سواريءَ واري جانور جي واگ ورائڻ. موڙڻ - موڙي اچڻ.
"تو لئي گهڙيون ڏکيون گهاريان،
موڙي آءُ محب مهارون."
(بيدل).
● مُهارُ ۽ مِهار: ذ. صفت. مينهون چاريندڙ - ميهار - ميهر.
● مُهار: ث (پرا. مُچّ): سن. مَادُيَـ > مَدُ = ميلاپ جي خواهش ڪرڻ) جانورن (چوپائي جو) پاڻ ۾ ميلاپ ڪرڻ جي خواهش - چاڙو - وهر - هوڪ.
● مَهارَتُ: ث. (ع. مَهَرَ). آستادي - هوشياري - قابليت.
● مُهار جَڻُ: مصدر. (پرا. مُچّ): سن. مَادُيَـ > مَدُ = ميلاپ جي خواهش ڪرڻ). مادييءَ جو نرُ سان ملڻ واسطي تيار ٿيڻ. (گهوڙيءَ جو) چاڙو ڪرڻ - (گاءِ جو) وهُرجڻ - (ٻڪريءَ جو) هوڪجڻ (مُهاريو - مهاريندو - مهاريل).
● مُهارُ: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَهارو ۽ مَهارا: ذ. (ع. مِهادَ). پردو - پوش. ڪٽ جو پردو. ڊڪل ڪٽ - مهاري. چهرڪٽ. پلنگ. سيج هندورو. (اسم خاص). تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
= مَهاريُ ۽ مَهاريُونُ: ث. مَهارو. مچرداني.
● مَهارو ۽ مُهارا: ذ. (سن. مُکَ = منهن). گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڏهريون پٽني راتيون ڪڏرڻ جو هنڌ. شاديءَ بعد گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڪڏ سمهڻ جي جاءِ.
= مَهاريُ ۽ مَهاريُونُ: ث. مهارو.

● مَهاڙَ ۽ مَهاڙُونُ: ث. جڳهه جي مسواڙ - پاڙو - ڪرايو. سامان جو پاڙو.
● مُهاڙُ ۽ مُهاڙُ: مُهاڙُونُ: ذ. ث. (سن. مُکَ = وات). منهن - مُک - مهانڊو - مُهڙ - اڳيون حصو - مهاڳ - اڳر - اڳياڙي. آڳٽ. مُهاڙي. (اسم خاص) نٽي هارڻ جي آترئين پاسي هڪ جبل جو نالو. (ڪ).
= مُهاڙو ۽ مُهاڙا: ذ. مُهاڙ - مُهڙ. ڏاڙي جو منهن. (ظرف). منهن آڏو - اڳتو - نگاهه ۾ - نظر ۾ - سامهون.
"مڙ ماڻهو جيڪي منهنڊا مهاڙي ۾ رهيا."
(احمد ملاح).
(ذ). جانورن جي وات ۾ پيرن جي هڪ بيماري جو نالو. (ت). (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُهاڙِيُ ۽ مُهاڙِيُونُ: ث. مُهاڙ - مُهڙ - مُهاڙو. ڪنهن به جاءِ جو منهن يا مهاڳ. شڪار ڪرڻ ۾ جانورن کي هنڌ ڪرڻ لاءِ چوڌاري لوڙهو - جهنگلو - پنهير - لڪڻ ڪوٽ - لڪڙائين آڙ. پهرئين طرف کان در جو مٿيون پاڳو. (ذ. صفت). گهراهڪ - ڏيتي لينڊي وارو. (ل). (اسم خاص). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُهاڪَ ۽ مُهاڪُونُ (ت): ث. ساندارِي پڌن جو ڏورو.
● مُهاڪڙو ۽ مُهاڪِڙا: ذ. (سن. مُکَ = وات). ڇاڻ پڇاڻ - واقفيت - سهپو - ڏيٺ. خبرچار. (ث. مُهاڪڙيُ ۽ مُهاڪِڙيونُ).
● مُهاڳ ۽ مُهاڳَ: ذ. (سن مُکَ = وات). ڪنهن به جاءِ جو اڳيون پاسو - مهاڳ - جاءِ جي اڳيان خالي پيل ميدان - پڌر - اڳر - اڳياڙي - مهاڙ - مهاڙي.
= مُهاڳو ۽ مُهاڳا: ذ. مهاڳ.
● مَهامَريُ: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم - ڪالرا. پليڪ. سهان. صفت. (سن). مها.
● مُهانْجِرو ۽ مُهانْجِرا: ذ. صفت. مهاڇڙو. (ل.ب).

Gul Hayat Institute

● مَهانڈِ: ظرف. (سن. مُکّ = وات) اڳ ۾ - شروع ۾ - اوائلي. پهرئين. مَهِنڊ. (گاجرا).
● مُهانڈُ ۽ مُهانڈ: ذ. اسم. (سن. مُکّ = وات) ڳُوڻ جو مُنهن.
● مَهانڈيُ ۽ مَهانڈِيُونُ (ث): ث. گهوٽ جي پيڙ - نِشان - نِشَندَ.
● مُهانڈَ: ث. (سن. مُکّ = مُنهن) مُنهن - شڪل - چهرو - رُوءِ - صورت - مُهانڈو.
- مُهانڈو ۽ مُهانڈا: ذ. مُنهن - شڪل - چهرو - مُهانڈَ. نمونو - حُليه - بناوٽ - ڍُڪ - شبيهه. پُوچُ - پُنجو - ڍُڪُ.
- مُهانڈو ٻُڌس (ت): ذ. صفت. ڏسڻ واڻسڻ - معتبر - چڱو مڙس - آبرُوءَ وارو.
● مَهانڳُ ۽ مَهانڳَتُ: ذ. ث. (سن. مَها = وڏو + ارُ گهه = اڳهه) گهرو اڳهه - مهانگائي - تيزي - گهراڻي - اڳهيڙ - آڪرائي. قحط - ڪال - ڏُڪار.
- مَهانڳائيُ ۽ مهانڳائِيُونُ: ث. مَهانڳُ.
- مَهانڳُ مَچِنُ: مهانگائي ٿيڻ - آڪرائي ٿيڻ. هر شيءِ جي اٽاڪ ٿيڻ - ڏُڪر پوڻ.
- مَهانڳو ۽ مهانگا: ذ. صفت. گهڻي بها وارو - گهراڻ - آڪيرو.
● مُهانڙُو ۽ مهانڙا: ذ. صفت. (سن. مُکّ = وات) منهن وارو - مڏو.
● مَهانڙِينُ: صفت. (سن. مُکّ = وات) مهابل - وڙيل - گهايل - قتيل زور وارو. شوخ - وحشي - درندو. سُورمو - سُورهيه - بهادر - بَلِي - بَلوان - جوڌو. آزمودگار. سَهائين.
● مُهاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مُهاڻُو ۽ مُهاڻا: ذ. صفت. مڇي مارندڙ - ماڇي. ميربحر - ملاح. (ث. مُهاڻي ۽ مُهاڻيُون).
- مُهاڻِڪو ۽ مُهاڻِڪا: ذ. صفت. مهاڻي جو - مُهاڻي وارو.
● مُهاڻيُ: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● مَهاوتُ ۽ مَهاوَتَ: ذ. صفت. زور وارو - زبردست. هاٿي هلائيندڙ - فيلبان - پيلوان.
● مَهائِڻُ: مصدر. پاڻ کي وڏو پائڻ - آکاڻ. ٽورو مڙهڻ. "هڪڙو پڻ پيو مَهائڻ" (پهاڪو). (مَهائيو - مَهائيندو - مَهائيل).
● مهائيُ: صفت. مهمايل. وڙيل - ڪُنڊل. مُنڊل - قُريل. (ڪيڏارو - گر) زور وارو. وريام - سورهيه - پهلوان. آزمود گار. سردار. مَهائِين.
- مَهائِينُ: صفت. مَهائيُ.
● مِهِتِ: ث. (ع. مَسجِد) مسجد.
"مِهِتِ اڏايان ڪينُ مندر جوڙايان" (سليمان شاهه).
"جانسين ٻسين پاڻ، تانسين مِهِتِ مڙهي جو".
صفت. (سن. مَهِرَ = وڏو) گهٽسو. چڱو - مُنو. (گاجرا).
● مُهُتُ ۽ مُهُتَ: ذ. (سن. مَهتو = وڏائي) عزت - آبرُو - مانُ - آبُ. سوپ - فتح - جيت - ڪاميابي.
- مُهُتُ ٽِيڻُ: عزت ٽيڻ - مان ٽيڻ. شرف حاصل ٽيڻ.
- مُهُتدارُ ۽ مُهُتَندارَ: ذ. صفت. آبرو وارو. وڏائيءَ وارو. گُڻوان.
- مُهُتُ لهڻُ: عزت حاصل ڪرڻ - آبرُو وڃڻ - مانُ حاصل ڪرڻ.
- مُهُتُوُ ۽ مُهُتا: ذ. صفت. عزت وارو - مانائتو - شانائتو - آبرُو وارو - مُعتبر.
● مَهتابُ ۽ مَهتابَ: ذ. (ف). چَندُ - قمر - چندرما - ماهتاب. چند جي روشنائي - چاندوڪي. معشوق. معشوق جو مُنهن.
- مهتابيُ: ذ. صفت. چند سان مشابهت رکندڙ - چنبيلي جهڙو. سهڻو - حسين. (ث). آتشبازيءَ جو هڪ قسم. ماتامي.
● مهتابيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جونالو.
● مَهتَدِيُ: صفت. (ع. هدىٰ) هدايت وارو. سياڻو. (گاجرا).
● مِهتَرُ ۽ مِهتَرَ: ذ. صفت. (ف). وڏو ماڻهو - معزز ماڻهو. سردار - بزرگ - مهدار - ڏَرو - اڳوان. چُهڙو - پنگي.
- مِهتِراڻِيُ ۽ مِهتِراڻِيُونُ: ث. پنگياڻي.

Gul Hayat Institute

● مُهتَمِرُ: ذ. صفت. (ع). ناظر. منتظم. اخبار نويس - سمپادڪ. مدير - ايڊيٽر.
■ مُهتَمِي: ث. مهتمر جو ڪم - سمپادڪي - ايڊيٽري.
● مَهتو ۽ مَهتا: ذ. صفت. (پرا. مَهتّرَ. سن. مهتّر = وڏو يا مٿاوَنِ = عقل وارو) وڏو ماڻهو - مکيه ماڻهو. لکپڙهه جو ڪم ڪندڙ هندو - ديوان - عاملِ. حساب رکندڙ - ليکاري. جاين وغيره جي سنيال ڪندڙ هندو. (ذ). هندو سيڻن جو هڪڙي ڪي ڏنل لقب. سنڌي هندوءَ ڪي سنڌي مسلمان جو ڏنل مانائتو نالو - واڻيو. هندو (صفت). گهورڙيو - ڦيريءَ وارو. (ث. مَهتي ۽ مَهتيُون).
● مَهتّنُ: مصدر. (سن. مَردَن. مَرج = صفا ڪرڻ) صفا ڪرڻ - اڇو ڪرڻ - چلڪائڻ. ڪَلَ لاهڻ. گهڪو ڏيڻ - گهنَ - مَلڻ. چِپَڻ - چوپاڻڻ. چِٽاڻڻ - چِٽڻ. نِهوڙڻ - مروڙڻ. نِچوڙڻ. هٿن ۾ لوڙڻ. گهوڙڻ. مٿي چُورو ڪرڻ. ميٽ وغيره پاڻيءَ ۾ ملائڻ. مالش ڪرڻ. دٻائڻ - چڙهڻ - دٻڙائڻ. چَمِيٽ ڏيڻ - اِيذاءُ پهچائڻ - ڏکوئڻ - تڪليف ڏيڻ. (مهتيو - مهتبندو - مهتيل).
■ مَهتَ ۽ مَهتُونُ: ث. صفائي. اچائي - آجرائي. چلڪو. گهڪو - مَهتو - گِسڪو - گهنڻو - رهڻو - رگڙو. مَلَ - مالش. چِپ - چِٽَ. نقصان - ٽوٽو - گاسَ - گهاٽو - تاوان. مصيبت - آپدا - آفت - سختي - مُشڪلات. ٽَڪَ - مَهڪي - ٽَڪاوَتَ - ٽاڪيڙو - ماندگي. اِيذاءُ - سُورُ. چوپائي مال ۾ پيل بيماريءَ جو هڪ قسم. خارش - ڪارس - گُرَ - ڪرنهن. (ڪ).
■ مَهتائِنُ: مصدر. مهتڻ جو ڪر ٻئي کان ڪرائڻ. صفا ڪرائڻ. چمڙائڻ.
■ مَهتَ مَهتَ ۽ مَهتُونُ مَهتُونُ: ث. مَلَ شَلَ. صفائي - اچائي - آجرائي. ٽاهه ٽُوهه - سينگار. چَنڊ ڦُوڪ.
■ مَهتَ مَهتَ ڪَرَنُ: مَل شَل ڪرڻ. صفائي ڪرڻ. چَنڊ ڦُوڪ ڪرڻ. سينگار ڪرڻ. ٽاهه ٽوهه ڪرڻ.
■ مَتهُنُو ۽ مَهتا: ذ. گهڪو. رهڻو. چِپَ. دٻاءُ. سختي. تڪليف. مَهتَ.
■ مَهتَيِلَ ۽ مَهتَيِتَلَ: ذ. صفت. مَلِيل - صاف ڪيل - صفا ڪيل. مَروڙيل - نِهوڙيل - چميائل چِپوڙيل.
● مَهڻارو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَهجَرَ ۽ مَهجَرَ: ذ. ڪنهن گالهه جو بيان. مباحثو - تڪرار - وادُ و وادُ - بحث - رَدِ قدح. مَهجر.
● مَهجُورُ ۽ مَهجُورَ: ذ. صفت. (ع. هجَر). رد وارو - دَدري - جدائي جو - صدمو رسيل.
● مَهجَرُ ۽ مَهجَرَ: ذ. مَهجر.
■ مَهجَرُ مَچائِنُ: لُڙ ڪرڻ - شور ڪرڻ - گوڙ مچائڻ.
● مَهدُ ۽ مَهدَ: ذ. (ع). هار جو پينگهو - جهولو. (سن. مَهتُ = پُوجَ). وڏو - مکيه - آتم - اعلىٰ. هنيلو - نيئر - ٻوڙي - اڻوٽو - شدتي - ضدي - بحثي. نِڪمو - ناڪام - نِڪارو - نِڪار - بيڪار - آجايو - اڪيارٽو - و رٽو - راڻيڪان.
■ مَهدائِيُ: ث. وڏائي. آتمتا.
■ مَهدُ جَنُ ۽ مَهدُ جَنَ: ذ. صفت. مَتهاپُرش - بزرگ - نيڪ - پلارو - سڳورو.
● مَهدو ۽ مَهدا: ذ. صفت. (پرا. مُهُ = مُکُ + اندو = وارو). اڳواڻ - سردار - مهندار - مٿندو. (مارئي - گر). (سن. مَکتَمَ = مُکتي) مَکتي - چوٽڪارو (قيامت ۾).
● مَهدِيُ: ذ. صفت. (ع). هدايت ڪندڙ - هادي. رهنما. (اسم خاص). نالو بارهين امام جو (جو اڃا تائين ظهور ۾ نه آيو آهي).
● مُهذَبَ: ذ. صفت. (ع). عيبن کان پاڪ - بي عيب. خوش اخلاق - نيڪ خصلت - فضيلت وارو - باادب.
● مُهبُ ۽ مُهبَ: ذ. (سن. مُکَ = وات). مُنڍ. (گاجرا).
● مَهڏو: اسم خاص. تعلقي ٽٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مَهْرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گھوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مهرَ ۽ مَهْرُون: ث. ڏندن جي ساڙ وارو گوشت - مرڪي. مَهار (وات جي) - واڳ.
● مَهَرِ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مهرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).
● مَهْرُ ۽ مَهْرَ: ذ. زال کي مڙس جي طرفان نڪاح وقت ملهه يا ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل رقم. کابينو.
● مِهْرُ: ذ. (ف. مِهْرُ - زند - مَثر. سن. مثر = ڏينهن جو ديوتا. رومي. مِٿرا = سج - سورج - شمس - آفتاب. (ن.ب).
- مِهْرُو مَاهُ: ذ. سج ۽ چند.
● مِهِر: ث. (ف). پلائي - مهرباني. دَيا - رحم - ڪرپا - ڪهل - تِياس. پاجهه - مرحمت - بخشش - مغفرت. احسان - ٿورو - وڏ. قرب - محبت - پيار. (من. مهہ = مني ۽ جو جوڙ ڪرڻ). ڏاڇي يا گھوڙيءَ جي نر سان ملڻ جي خواهش. (گاجرا).
- مِهِران: ظرف. مهرمان - مِهِرسان - پاجهه سان. محبت يا پريم مڇجهان.
- مِهْرِبان: ذ. صفت. مِهِروارو. پاجهه وارو.
- مِهْرِ بانِي: ث. مَهِر.
- مِهِرَ كَرَنُ: پاجهه ڪرڻ - دَيا ڪرڻ - پلائي ڪرڻ.
- مِهِري ۽ مِهِرِي: ذ. صفت. پلو - مهربان. رحمي - پاجهارو - دَيالو - ڪرپالو - پِتڑ - رحمدل - دَيال - بخشيندڙ - ڪهلي. وڙائتو - رحيم. حبيب - دوست - ساڻي - همدرد - غمخوار. (ن.ب).
● مُهْرَ ۽ مُهْرُون: ث. (ف. مُهْرُ: سن. مُدرا). ڇاپ - ٽهپو - مُنڊ - سِيل - ڇاپو. مُهْر جي ٽڪ واري مُندي. سون جو سِڪو - گِني - اشرفي.
- مُهْرَ كَنُ ۽ مُهْرَ كَنِ: ذ. صفت. مُهرون ٺاهيندڙ - ڇاپون ٺاهيندڙ - ٽپا ٺاهيندڙ. اکر ٺاهيندڙ.
- مُهْرَ هَتَ ۾ كَرَنُ: فتويٰ جو مالڪ بنجڻ - مفتي ٿيڻ. شرعي مسئلن تي فتويٰ ڏيڻ.
- مُهْرَ هَٹَنُ: مُنڊڻ - ٽپڻ. ٻوهڻ - ڇاپ هڻڻ - ڇاپو هڻڻ - سِيل ڪرڻ - بند ڪرڻ. وڏو احسان ڪرڻ - وڏ ڪرڻ - ٿورو ڪرڻ - پلائي ڪرڻ.
● مَهَرا: اسم خاص. هندن جي ذات جو نالو.
● مَهَراجُ ۽ مَهَراجَ: ذ. صفت. (سن). مهاراج. ڀانيڻ لاءِ عزت پريو خطاب. ڀانيڻ - برهمڻ. بادشاهه - حاڪم - مهاراجا.
● مَهِراڙو: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِهِراڻُ: ذ. (سن. مها = وڏو + آرڻو = سمنڊ). وڏو سمنڊ - مَهاساگر - بحر - ساگر - ساڻِر - ڪارو. ندي - درياءُ. (اسم خاص). سنڌو نديءَ جو قديم نالو. (جو چيو وڃي ٿو ته آرين جو ڏنل آهي، پارسين جي قديم ڪتاب بُنْدَهِش (Bundahish) ۾ ڄاڻايل اصل نالو "مِهرا" آهي ڏسو ويسترگيئرڊ جو ڇاپيل "اوستا" ص ٥١). فيدر اديريا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُهراڻو: اسم خاص. ميربحرن جي هڪ ذات.
● مَهَراڻِي: (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٿر ۽ سنڌ جي دنگ وارو حصو.
● مِهِرْبانُ ۽ مِهِرَبانَ: ذ. صفت. (ف). مِهِر ڪندڙ - مِهِر وارو. پِتلو - پلائي ڪندڙ. دوستاڻو - اخلاص مند - رحم دل - پاجهارو - ڪرپالو - ڪرپامئ - دَيالو. دوست - يار - سجڻ - مِٽر - گھٽڪهرو - خيرخواهه - همدرد - غمخوار - هڏ ڏوکي. وٽندڙ - سوهيندڙ - سپاجهو.
- مِهِرْبانِي ۽ مِهِرَبانِيُون: ث. دَيا - پلائي - مِهِر وڙ - احسان - ٿورو ايڇپو - ڪرپا. عطيه - نوازش - عِنايت - پاجهه - رحم - ڪرم سڃڻائي - سڃڻاڻ - اخلاص مندي - اخلاص - همدردي - غمخواري - گھٽ پلائي - خيرخواهي - دوستي - ياري. پاسخاطري - لحاظ - رعايت - مروت - پاسو - خاطر.
● مِهِرجَنُ: مصدر. نر سان ملڻ جي خواهش. ٿيڻ (ڏاڇي يا گھوڙيءَ جي).

Gul Hayat Institute

● مَهَرَ عَلِيُ: اسم خاص. تعلقي ٹُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهِرو ۽ مَهِرا: ذ. پردي واري ڪٽ- مَهارو. (گاجرا).

● مُهُرو ۽ مُهُرا: ذ. (پرا. مُهِلو = مُهِرو. سن. مُڪ + ل + ڪ = مُهِروُ). مُنهن- مُڪ- مُهانڊو- چهرو- شِڪل- صورت. ڪنهن به شيءِ جو اڳيون حصو. مُهڙ- مهاڏو. اڳ- اڳو- مُهاڳو- مهاڳ. اڳرُ- اڳيل سطح- مٿاچرو- مٿاڙي. اڳواڻ- بانيءِ- سردار- مهندار. پيش لشڪر- اڳواڻ لشڪر- قرءِ اول- پرڏان- سرور. هادي- رهبر- پيشوا- رئيس. شطرنج راند ۾ هڪ ساري. ڏڳي يا آٺ جي منهن تي چڙهيل مُڇيءَ جي نموليِ ڪاڻو- سرواڳ- نقطو. پاڻيءَ جي هرلي جو هڪ جزو. پيڙيءَ جو هڪ حصو- پڙيءَ جو اڳيون پاسو- اڳيل. مصالح وغيره جي ڪوٽ جو مهڙو- مهرلو.

- مُهُرو جهلڻُ: لڙائي جي ميدان ۾ سڀني کان اڳ ٽڻ.

● مَهِرَ وَڏا: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهُرو ماڙِيُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهَري: ذ. (ع. مَهْرِيه = مَهره قبيلي جو نپايل آٺ) آٺ جو هڪ قسم- سواريءَ جو تيز هلندڙ آٺ- تمام پلو آٺ. چڙهي جو آٺ. (اسم خاص). تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِهِري ۽ مِهِريُونُ: ث. (پرا. سن. مهيلا = عورت). زال- عورت- استري- نار- ناري.

● مُهري ۽ مُهريُونُ: ث. (سن مُسِلمَ = ڏندو). (آنُ چڙن جو) مُهلڙو- ڏندو. (هندوق جي) ٻُندي. توف جي ناليءَ جو مُنهن. (گاجرا). دال جو هڪ قسم- ڳاڙهي رنگ جي دال- مسور. محصول وٺڻ جي جاءِ- ناڪو. محصول.

● مهرياڻيُ: اسم خاص. ڪنڊي بلوچن جو هڪ قبيلو- شمباڻي.

● مُهڙُ ۽ مُهڙِ، مُهڙُونُ: ث (سن. مُڪ = وات). اڳياڙي- اڳ- آڳو- مهاڳو- مهاڳ- آڳر. منهن. منڊ- شروعات- مُهڳ. پوٽ- مهاندرو- چهرو- شڪل- صورت. مول- بنياد- اصل- ڏر. سطح- مٿاچرو- سٻتو پاسو. نصور- سيار حرف

"مُهڙ سپ ميڌرا، اسان ڏي آهين"

(صاحبڏنو).

- مُهڙُ رَکڻُ: واپارين جي اصطلاح ۾ ڏيتي ليتي رکڻ- حساب ڪتاب رکڻ- ڪنڊ و رکڻ- ڏي وٺ رکڻ.

- مُهڙُ ڪَرَڻُ: منهن ڪرڻ. ڏوهه ثابت ڪرڻ- ڏوهي ڪرڻ- ڏوهاري ڪرڻ.

● مُهڙو ۽ مُهڙا: ذ. ڪنهن شيءِ جي حد- پڇاڙي- آخر- پڇاڻي- آنت- انتها- ٽوڙ- ڇيڙو. سِرو- چوٽي- مٿاڙي- مٿاڙُ. پيڙيءَ جو هڪ جزو- پاچيل.

● مهِڪ: صفت. (سن). خوشبوءِ- هِڪار- سُڳنڌ- ٻهڪ.

● مِهِڪيُ (ث): اسم خاص. هڪ پِٽ جو نالو. (راءِ).

● مُهَڪ ۽ مُهَڪَ: ذ. (سن. مُڪ = وات). اڳيون پاسو- مُهڙ- منڊ- مهاڏو. مول- بنياد- اصل- منهن- ڏر. ڪير. شروعات- اِبتدا.

● مَهَلَ ۽ مَهَلُونُ: ث. (ع. وقت- ٽاڻو- ويرم- عرصو- سمون- ويرَ ويل- ويلو- ساعت- گهڙي- پل. دير- ڊير- آهستي. مُنڊ- موسم- رُت. فُرجو- مهلت- فرصت- مُدو- مَعياد. نوٽ- صاحبي- ايار ڪاري. دفعو- پيڙڪو- وار- لڳا- پيڙڪ. وارو- گهمرو. موقعو- وجهه.

- مَهَلائِتا ۽ مَهَهلائِتا: ذ. صفت. پوري مهل تي- مَهل سِر- وقت تي. مندائتو- ويلائتو- وقتائتو- وجهانتو- سجهانتو- ساڃو. موسمي.

- مَهَلَ تَنڪَنُ: وجهه ڏسڻ- موقعو جانچڻ- ٽين ڏسڻ.

- مَهَلَ جوُ يارُ: ذ. صفت. وقت سِر ڪم ايندڙ- مهل تي ڪم ايندڙ- موقعي تي همراهي ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

= مَهَل جي پُڌائِنْ: موقعي موجب گالهائڻ- مهل تي چَوڻ - وجهه ڏسي گالهه چَوڻ- مناسب گالهه ڪرڻ.
= مَهَل سِرَ آڇَنْ: پُوري وقت تي پهچڻ.
= مَهَلْ ڪَرَنْ: وقت تي مدد ڪرڻ.
= مَهَلَ گُسَنْ: موقعو هٿان وڃائڻ- وجهه وڃڻ.
= مَهَلَ ۾ پَڪَڙَنْ (ت): ڏڪيءَ ويل ۾ ڪم اچڻ.
= مَهَلُوءَ ۽ مَهَلا: ذ. صفت. مهلانتو.
● مِهْلَبْ: ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم. (ن- ب)
● مُهْلَتَ ۽ مُهْلَتُونْ: ث. (ع. مَهَلَ) وقت- ٽائيم- ويلو- ويرم. آهستگي- ڍِر- ديرَ- چيرڪ- اويرَ. فُرجو- فُرصت- مُڊو. وجهه- موقعو- اوڪاسْ. آرام- ويساهين- ساهي. موڪل- تعطيل- ڇُوٽِي. وچ وارو وقت- خالي وقت- وقفو.
= مُهْلَتَ ڏِيَنْ: فرصت ڏيڻ- موقعو ڏيڻ- وجهه ڏيڻ- ڪُجهه ميعاد ڏيڻ.
● مُهْلَڏَ ۽ مُهْلَڏَ: ذ. (سن. مُسلم) نندي مُهري- مُهلڙو.
= مُهْلِڙُوءُ ۽ مُهْلِڙا: ذ. مُهلَڏَ. (ث. مُهلڙي ۽ مُهلڙيون).
● مُهْلَڪَ: صفت. (ع. هَلَكَ) ماريندڙ- هلاڪ ڪندڙ- موتمار- قاتل- مارُو.
● مُهْلُوءُ: ذ. (سن. مَشْكَ = مهو) جيت جو هڪ قسم. فصل کي نقصان پهچائيندڙ جيت (جو الين، ووٽن ۽ بين زراعت فواد ميوي جي فصل کي نقصان پهچائي) فصلن جو مرض- رتي.
= مُهْلُوءُ اڇَنْ: فصل کي مهلي جو مرض لڳڻ ۽ مرض سبب فصل جو مارجي وڃڻ.
● مُهِمَّ ۽ مُهِمُونْ: ث. (ع. هم) تڪليف ۽ ڏک ۾ وجهندڙ ڪم- ڏکيو ڪم- ڏاڪڙو وڏو ڪم- پاري ڪم- معرڪي جو ڪم. جان جوکي جو ڪم. ضروري ڪم. جوکائتو ڪم. پهلواني جو ڪم. وڏي کيپ- لشکر. جنگ جو ميدان. حملو- ڪاهه- چڙهي- چڙهائي. جنگ- يُڌ- جُڌ- لڙائي- ڪيڏارو- ويڙهه- مقابلو.
= مُهِمَ ڪي مَٿُوءُ ڏيَنْ: وڏو ڪم ڪرڻ- تڪليف وارو ڪم ڪرڻ.
= مُهِمَّ مارَنْ: وڏي ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ.
● مَهِما: ث (سن). وڏائي. بزرگي. مهرباني. مروت. نيڪي- تعريف- واکاڻ- آستتِي- حمد- ثنا- ستائش- ساراهه.
= مَهِمانْ: ث. مَهِمان.
● مَهِمانْ ۽ مَهِمان: ذ. صفت. (ف. مَهْ = وڏو + مان = وانگر) جنهن جي آئي وڏو مان ٿئي) گهر ۾ اچي لٿل ڏاريو ماڻهو- مِيزمانْ- دعوتي. مُسافر- پرديسي. معتبر- چڱو مڙس- مَڪَرْ. (آصفيه).
= مَهِمانْ خانوءُ ۽ مَهِمانَ خانا: ذ. مهمانن جي ترسڻ جي جاءِ. مسافرن جي لهڻ ۽ ٽڪڻ جي جاءِ.
= مَهْمانْدارُ ۽ مَهْماندارَ: ذ. صفت. مهماني ڪندڙ- مهمان نواز- ميزبان.
= مَهْمانْدارِيُ ۽ مَهْماندار يُونْ: ث. خاطرداري- مهماني. تواضع.
= مَهْمانْ سَراءِ: ث مهمان خانو.
= مَهْمان نَوازُ ۽ مَهْمانَ نَوازَ: ذ. صفت. مهمان جي خاطر تواضع ڪرڻ وارو. مسافرن کي ٽِڪائيندڙ ۽ کاڏو ڪارائيندڙ- مسافر نواز- مهماندار- ميزبان. فياض- غريب پرور- غريب نواز.
= مَهْمان نَوازِيُ ۽ مَهْمان نَواز يُونْ: ث. مسافر پروري- مهمان داري- مهماني (آصفيه).
= مَهْمانِيُ ۽ مَهْمانِيُونْ: ث. خاطرداري- تواضع. مهمانداري. دعوت- ڪانو- کاڏو- ضيافت. مجلس.
= مَهْمانِيُ ڪَرَنْ: مهمان گهرائڻ. دعوت ڪرڻ- ڪانو ڪرڻ- ضيافت ڪرڻ. کاڏو ڪارائڻ.
● مَهْماءَ: ث. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم- پڳل هڏيءَ کي ڳنڍڻ جي دوا- مهميرو- مومياڻي.

Gul Hayat Institute

● مُهِمّتَ ۽ مُهِمّتَ: ذ. صفت. بهادر - پهلوان - سُورمو - سُورهيه - جوڌو - بَلوان - دلير.
● مُهْمَلُ: صفت. (ع. همَلَ) ڇڏي ڏنل - ترڪ ڪيل. بيڪار - بي ڪَمو - نِڪارُ. زائد - وڌيڪ - زياده. بي معنيٰ. بي سُودُ. (آصفيه). بيهُودو - لَغْوُ - واهيات. (آصفيه). مَجهُولُ. سُست - ڪاهِلُ - آرسي. (آصفيه). (ذ). علمِ نحو جي اصطلاح ۾ وات مان نڪتل بي معنيٰ الفاظ. (علمِ نحو ۲).
- مُهْمَلُ رَکَڻُ: ترڪ ڪرڻ - ڇڏي ڏيڻ - مُلتوي ڪرڻ - ٺوري وقت لاءِ رکڻ - زير ويچار ڪرڻ. بيڪار ڪرڻ - بي ڪَمو ڪرڻ.
● مُهْمُوڪُ (لس): صفت. عام جام - تمام گهٽو - بي انداز - منهن موڪُ. (بيلا).
● مُهْمُودِي: ث. (ع. ف) ڪپڙي جو هڪ قسم - مهمُوندي. (ڪاجرا).
- مُهْمُونْدِي: ث. مَهمُودي. جڳرناٽي. ترُڪلي.
● مُهِمُونُ: اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مُهْمِيرُ ۽ مُهْمِيرَ: ذ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم - اڪين جي ايماريءَ لاءِ ڪم ايندڙ دوا جو هڪ قسم. (قليچ). (صف). بهادر - دِلير - شجاع. دانا چالاڪ - هوشيار. حرفني.
● مُهْمِيرُو: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (هڪ ننڍڙو وڻ آهي، جنهن جي ڇاڙ يا ڪاٺي اکين جي گرميءَ لاءِ مفيد آهي).
● مُهْمِيزُ ۽ مُهْمِزُونُ: ث. (ف). ڪندو - خار. گهوڙي کي تيز هڪان لاءِ سوار جي ڪُڙيءَ ۾ لڳل اوهه جي سيخ. ڏنگي گهوڙي کي ڏُکوئڻ لاءِ گهوڙي جي رڪيب ۾ لڳل لوهي سيخ. مڇي مارڻ جو سُوئو. (ل). اڙي - انگڙي. چوڪ - چُونڪ. چاٽڪَ. چيٽ. سختي. ڏَکُ. مار - سيکت - سزا - گوشمالي. مهاڻن جي اصطلاح ۾ مڇيءَ کي مٿي ۾ سُوئي هڻڻ جي حالت. (ل).
- مُهْمِيز ڏِيڻُ: چوٽ رسائڻ. سزا ڏيڻ - سيکت ڏيڻ. ڏُکوئڻ. تڪليف پهچائڻ.
- مُهْمِيزَ کَتَرَڻُ: اڙي هڻڻ - ڏَکُ هڻڻ. گهوڙو هڪلڻ. ڪُڙهي سان مڇي مارڻ وقت مڇيءَ جو مٿو ۽ ڪِلاڦُون رُکُ جي سُوئي سان پيچڻ. (آصفيه).
● مُهْتَالَ ۽ مُهْتَالُونُ: ث. تلوار جي ميان تي ٽيل جوٽ.
● مُهَنْتُ ۽ مُهَنْتَ: ذ. صفت. (سن). پوجاري. ٺاڪاڻي دار - مَنڊاري. ٻاڻو. گُرو. ڏرمي. مڪيه هندو فقير.
● مُهَنُ ٽالُ: ذ. مِٺائيءَ جو هڪ قسم - مونڊال.
● مُهَنْڊُ: ذ. (سن. مُکّ = منهن) مُنڊيه - شروعات. اڳُ. ديباچو - مُهڇُ. (ظرف). مُنڊ ۾ - شروع ۾ - اڳ ۾ - اڳتون - اڳتي - اڳيان - اڳيرو. (ظرف). مُهندان - روبرو - سَنمُک - آمهون سامهون - پيش - مُنهن مقابل - سامهون - منهن سامهون.
- مُهَنْڊا: ظرف. اڳيان - مهندان.
- مُهَنْڊارُ ۽ مُهَنْڊار: ذ. صفت. اڳ ۾ ٻڌل - اڳوانُ - پيشوا سُونهون - پَوميو - اڳرو - اڳٽو - پيشرُو. سردار. سالار.
- مُهَنْڊائيُ: ث. وڏائي. اڳواڻي.
- مُهَنْڊُوٽِڪُو: ۽ مُهَنْڊُوٽِڪا: ذ. صفت. مُتهند وٽو.
- مُهَنْڊُوٽُو ۽ مُهَنْڊُوٽا: ذ. صفت. اڳيون - مُهَنْدِيُون - گذريل (سال يا مَهينو) - ڏنو (مهنو يا چند) - پَرُ (سال) - پهريون - اڳون - اڳوٽڪو - اول - آڳاٽجهو - گذريل - سابق - پوين - آخرين - پڇاڙيءَ جو - چيڙي وارو.
- مُهَنْڊِيارُ ۽ مُهَنْڊِيارَ (ڪ): ذ. صفت. مهنديون - اڳيون - اڳوان - پيشوا - مهندار - سردار.
- مُهَنْڊِيرو ۽ مُهَنْڊِيرا: ذ. صفت. ٻئي کان ٽورو وقت اڳ - ڪجهه وقت پهرين. ڪنهن هنڌ کان ٽورو اڳيان - اڳيرو - ٽورو اڳ ۾ - آڳهون.
- مُهَنْڊِيُونُ ۽ مُهَنْڊِيانُ: ذ. صفت پهريون - اولاڻي. گذريل. سڀني کان مٿي (مهنو ورهيه وغيره). ايندڙ - آئيندو. مُتهند وٽو - مهدوٽڪو - اڳوٽو.

Gul Hayat Institute

● مهندا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مهندڙي ۽ مهندڻيون: ث. صفت. موهيندڙ- وٺندڙ- پياري. (رام ڪلي).
● مهندس: ذ. صفت. (ع). اندازو ڪندڙ- تخمينو ڪندڙ.
انگن وغيره جو ماهر- گنڻت گيائي- مهندسي- رياضي دان. تحرير اقليدس جو ڄاڻو- پوميٽ- جاميٽري ڄاڻندڙ. ڪنڊن ۽ جابن وغيره ٺاهڻ جو هنر ڄاڻندڙ انجنيئر.
= مهندسي: ذ. صفت. رياضي دان. حسابي. تحرير اقليدس جو ڄاڻو.
= مهندسيءَ: ذ. صفت. مهندسي.
● مهندي ۽ مهندين: ث. (سن). بزرگ زال- محترمه. سائن- ڏياڻي. مڙس جي ڀيڻ- ليڊان- ليڊي.
● مهنڪ: ذ. آسمان. (سنڌيلو).
"وچون منجهه مهنگ، ڪنبي ٻيئون ڪنڊيرين."
گهٽر.
● مهنگڙو ۽ مهنگڙا: (ث). ذ. دروازو.
● مهنگو ۽ مهنگا: ذ. صفت. (سن. مها= وڏو + اڳهه = اگهه). وڏي اگهه وارو- مهانگو- آڪرو.
= مهنگائي ۽ مهنگائيون: ث. آڪرائي- مهانگائي. قحط- ڪال- ڏڪار. اڻاٽ.
= مهنگڙيات ۽ مهنگڙيات: ذ. صفت. وڏي قيمت تي شيون وڪڻڻ- مهانگو- مهنگڙيو- مال لڪائي مهانگائي پيدا ڪرڻ- ڏڪاري.
= مهنگڙيو ۽ مهنگڙيا: ذ. صفت. مهنگڙيات.
● مهنو ۽ مهنا: ذ. (سن. مَاسَ. ف. ماهه= مهينو). ٽيهه ڏينهن جو عرصو- سال جو حصو- ماهه- ماس- مهينو.
= مهنيءَ ماس: ظرف. ڪڏهين ڪڏهين- وقتي- بعضي- تڪاڻي.
● مهڻ: مصدر. (سن. مُهْ= بيهوش ٿيڻ). پيار ۾ مست ڪرڻ- گرويده بنائڻ- فريفته ڪرڻ- مسحور ڪرڻ- جادو ڪرڻ- پاڻ ڏي متوجهه ڪرڻ- پاڻ ڏي ڇڪڻ- موهڻ- موهت ڪرڻ. خوش ڪرڻ- دل ڏيڻ- موهجڻ. (سن. مُشَ= مُستنُ). ڦرڻ- لٽڻ مُسائڻ. رنج ڏيڻ. عذاب ڏيڻ فنا ڪرڻ. ناس ڪرڻ. (مُهيو- مهندو- مُهيلُ).
● مهڻو ۽ مهڻا: ذ. عتاب- ويڻ- ڏوراپو- طعنو- ويار- اورانهو- آلاڻپو- اوپالو- ڇاڪ- سهمون.
= مهڻاگورُ: ذ. صفت. مهڻا ڏيندڙ- طعنا هڻندڙ- مهڻيگور.
= مهڻائيتو ۽ مهڻائيتا: ذ. صفت. مهڻي وارو. مهڻي هاب. (ظرف). مهڻي طور- طعني طور- ٽوڪ نموني.
= مهڻن جا مَنَ هُڻنُ: ڪيروڌ هڻڻ- ڪنراڳ هڻڻ- جهيڙو فساد هڻڻ.
= مهڻيگورُ ۽ مهڻيگور: ذ. صفت. مهڻاگور- ڏوراپو ڏيندڙ- مهڻيخور- ڇاڪڻون هڻندڙ- طعنا هڻندڙ.
= مهڻي هابُ ۽ مهڻي هابَ: ذ. صفت. مهڻي جهڙو- گلا جهڙو- خواري جهڙو- گلارو- خوار.
● مهڻو ۽ مُهڻا (ل): ذ. صفت. (سن). وٺندڙ- دل لپائيندڙ- موهيندڙ- موهڻو. هميشه "مَنَ" سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ "مَنَ مُهڻو."
● مهو ۽ مها (ت- ل): ذ. جيت جو هڪ قسم- مچر.
● مهوءُ ۽ مهوءُ: ذ. وڻ جو هڪ قسم. (ٻيلا).
● مهو ۽ مها: ذ. پاڃيءَ جو هڪ قسم- ميهو.
● مهوال: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مهورتُ ۽ مهورتَ: ذ. سن. مُهُورْتُ= شروعات) شروعات- ابتدا. ڪَلُ- هَتَ (پنتنُ- ڪلڻ مصدر مان) ڪنهن به نئين ڪم جي شروعات- افتتاح- بسم الله. شروعات ڪرڻ جي رسم. وقت- گهڙي- ساعت- لمحظو. ۴۸ منٽن جو عرصو پتهرُ. وقت مسعود- سڳورو وقت- مبارڪ گهڙي- نيڪ ساعت. سڌوسَوَڻ- نيڪ سڳڻ. (آصفيه).
= مهورتَ ڪڍائڻ: ڪنهن به ڪم جي لاءِ نيڪ ساعت ڪڍائڻ. شاديءَ جي تاريخ پڪي مقرر ڪرائڻ.

Gul Hayat Institute

■ مُهُورتُ كَرَنُ: كنهن كر كي سگوريءَ گهڙيءَ ۾ هٿ ڪيڏڻ ـ آرنبُ ڪيڏڻ. ڪوءَ ڪر شروع ڪرڻ.
■ مُهُورَتُ كُلتَنُ: شروعات ٿيڻ (كنهن ڪر جي). بخت كلڻ ـ ياڳ كلڻ. وارو و رڻ.
● مُهُوَسُ ۽ مُهُوَسَ: ذ. صفت. (ف). لالچي ـ حريص ـ لوپي ـ طمعي. ڪيميا ڪر ـ رسايتي ـ ڪيميا ناهيندڙ. (آصفيه).
■ مُهُوسِيُ: ث. ڪيميا ـ ڪيميا ڪري ـ رسايتي. مُهُوسُ.
● مَهُوكِيُ ۽ مَهُوكِيُونُ (ڪ): ث. ماڪيءَ جي مڪ ـ شهد مڪي.
● مَهُونُ: ذ. متهون.
● مَهُونُ: ظرف. جلد ـ ٿهه ڦهه ـ ٿرت ـ جلدي ـ سيکهو. هڪدم.
● مَهُونُڙِيُ: اسر خاص. گاهه جو هڪ قسم.
● مَهِيُ ۽ مَهِيُونُ: ث. (پرا. مَهِيَّ. سن. مَتَّ = ولوڙڻ) اڌ ولوڙيل ڏُنرو (جنهن مان مکڻ لڪل نه هجي).
"مِهارا مَهِيُ، پيتائين پريم جي"
(شاهه).
ڏَڌُ ـ چاچ ـ لَسِي. زمين ـ ارضُ. مُلڪ ـ ولايت ـ ديس. (آصفيه).
■ مَهِيُ پالُ: ذ. صفت. زمين جو مالڪ ـ مالڪ مُلڪ. سُلطان ـ راجا.
■ مَهِيُ ولوڙُ ۽ مَهِيُ ولوڙَ: ذ. مانڌاڻ ـ ولوڙو. مصيبت. بيقراري ـ بي آرامي ـ لوڇ پوڇ ـ آنڌ مانڌ ـ پريشاني. تڪليف ـ ڏُکُ ـ اهنج ـ ايذاءُ.
■ مَهِيُ ولوڙُ و جهنُ: ڪيڙو ڪرڻ ـ گهوٽالو ڪرڻ ـ ڦيٽاڙو وجهڻ ـ گڙبڙ ڪرڻ ـ نفاق وجهڻ ـ پريشان ڪرڻ.
● مُهَيَّا: صفت. (ع). تيار ـ موجود ـ حاضر ـ فراهم ـ هڪيو. (آصفيه).
■ مُهَيَّا ڪَرَنُ: تيار ڪرڻ ـ موجوه ڪرڻ ـ حاضر ڪرڻ.
● مُهِيبُ: ذ. صفت. (ع. هَيب) ڊيڄاريندڙ ـ خوفناڪ ـ ڀيانڪ ـ ڀوائتو.
● مَهِيجُوَل (ڪ): ث. هوڻي ۽ ول جو هڪ قسم.
● مَهِيرُ: اسر خاص. هڪ جبل جو نالو.
● مِهِيرُ: ث. (ف. مِهر جو بگڙيل لفظ) مِهر ـ مهرباني.
● مَهِيرُ جَبَلُ: اسر خاص. تعلقي ٻڌي پرهڪ ديهه جو نالو.
● مَهِيرِي: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (آصفيه).
● مَهِيسُ: ذ. (سن. مهيش = مهيشو رَ > مَها = وڏو + ايش = إيشور = سمرٿي وارو) قادر مطلق ـ خدا تعالىٰ ـ مهادِيوُ ـ شِيوُ ـ مَهيش.
■ مَهِيسَرُ: ذ. شِيوُ مهراج جو صفاتي نالو.
پِيرُ مُرشِدُ ـ پيرم (جنهن جي گيتوال پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪيس شراب جو ديوتا ڪري سمجهندا آهن). (ڪناية). پيرمغان. مرشد ڪامل. (ڪلياڻ ـ گر). مَهيشَرُ.
■ مَهِيسَرُ جوُ مَتُ: ذ. ايشور لاءِ پريم ـ روحاني مستي.
■ مَهِيسِرِيُ: ذ. صفت. مَهيسُ جو پوڄاري ـ شِيوُ مهراج جو پوئلڳ. فقيرن جو هڪ قسم. مَهيشري.
■ مَهِيسِيُ: ذ. صفت. مهيسر جو چيلو ـ مهيسري. جوگي فقيرن جو هڪ قسم. (رامڪلي) ـ مهيشي.
● مَهِيسَرَ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَهِيسُ: ذ. صفت. (سن). مَهِيس.
■ مَهِيشَرُ: ذ. صفت. مهيسر.
■ مَهِيشِيُ: ذ. صفت. مهيسي.
● مَهِيشِوَرِيُ (ث): اسر خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● مَهِيلِيُ ۽ مَهِيلِيُونُ: ث. (سن. مَهِلا = زال) زال ـ نار ـ مِهر ي. سهڻي عورت ـ خوبصورت زال ـ حسين زال. (ل). ڪنوار. (ث).
● مَهِيمُ ۽ مَهِيمُونُ: ث. (ع. مُهِمّ > هُمّ) مُهِمّ.

Gul Hayat Institute

= مَهِينْءَ کي مَٽَوُ ڏِيَڻُ: وڏي ۽ تڪليف واري ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. تڪليف سهڻ- سختيون سهڻ.

● مَهِينُ: ذ. صفت. سٽهو- هاريڪ. نرم- ڪُٽشرو- لطيف- نازڪ- سنگين- نفيس- ڪومل- سُوڪيءَ- پتلو- مُلائم. سُوڏو- سُهڻو- رُوڙو- سُٿرو- عُمدو. انوکو- انوکڙو- عجيب.

● مَهِينُو ۽ مَهِينَا: ذ. (ف. مَهِنو= مَهِينه. سن. مَاس= ماهه). سال جو بارهون حصو- مَهنو- ماهُ- وتي- ماس تنخواهه- پگهار- ماهيانو. (انگريزي مهيني ۾ ۲۸، ۲۹، ۳۰، ۳۱ ڏينهن ۽ ٿين عربي ۽ هندي مهيني ۾ ۲۹، ۳۰ ڏينهن ٿين. انگريزي سال جا مهينا: جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل، مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر. عربي سال جا مهينا: محرم، صفر، ربيع الاول، ربيع الثاني، جمادي الاول، جماد الثاني، رجب، شعبان، رمضان، شوال، ذوالقعد ۽ ذوالحج. هندي سال جا مهينا: چيٽ، ويساک، جيٺ، آکاڙ، ساون، ڀدوءِ، اسو، ڪتي، ناهري، پوهه، مانگهه ۽ ڦگڻ). حيض- ڪپڙا- گنديون- خون- ماهواري. (آصفيه). رُتو- چُوت- رڳ.

= مَهِينَارِيُ: ث. حيض- ڪپڙا- ماهواري. (گاجرا).

= مَهِينَهِيدارُ ۽ مَهِينَهِيدارَ: ذ. صفت. مهني وارو- مهني جو- مهني تي ايندڙ نوڪر- پگهاردار.

= مَهِينَهِيُ سِرِ مَهِينَهِيُ: ظرف. ماهوار- هرماهه- هر مهيني- ماسڪ- ماهيانو.

= مهيني واري: ث. ماهواري- مهياري- حيض- ڪپڙا- گنديون- رڳ.

● مَهِينُڻُ (ل): ذ. ولوڙو. گهر جو التظام.

● مَهِيُو ۽ مَهِيا (ٿ): ذ. سواريءَ جو اُٺ- مهيري اُٺ.

● مَهِيُونُ: اسر خاص. تعلقي ڪمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهِينْڻَ (ٿ): ڏوڻرو.

● مُٽا: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (سڪاپل).

● مِيانو ۽ مِيانا: ذ. صفت. (ف. مِيانَه= وڇولو) وڇولو- ميانو.

● مِيانَ ۽ مِيانُونُ: ث. (ف). ڪيپ- مِيان- ميان- ٽيڪ.

● مِيائِيُ ۽ مِيائِيُونُ: ث. مڇي مارڻ جي جاءِ- ميائي.

● مَيِتُ ۽ مَيِتَ: ذ. (ع. مَيِّت= مُڙدو). مَيِّت- مُڙدو- جنازو- لاش- ميت- مڙهه.

● مَيِٽَ: ث. ڪاڙهي رنگ جي وڪر جو هڪ قسم- مَيٿ. (گاجرا).

● مَيِپُ ۽ مَيِپُونُ: ث. (سن. ما= مَيِڻُ). ماپ- ماڻ- پٿمانو- ڪَچ- ماپو- پَرَپ- تور.

● مَيُنْدَرْشُ: اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَيِجَنُ: مصدر. (سن. مَدَ= مستي). مئي ۾ اچڻ- مستي ۾ اچڻ- نشي ۾ اچڻ. وڏائيءَ ۾ پرجڻ. (سن. ما= مَيِڻُ). ماپجڻ- ماپ ٿيڻ. (مئيو- مئيندو- مئيل).

● مَيِلُ: ذ. (سن. مَلَ= مَرُ) مَرُ. مئي. گندگي.

● مُئَلُ ۽ مُئَلَ: ذ. صفت. (سن. مَرَ= مرڻ). مري ويل- مئو- مردو. بي جان.

= مُئَل مُردي کي کونڊُ: ڪني ڳالهه ڪي وري وري دهرائڻ- ڪنهن جا خواهمخواه وڪيل عيب ظاهر ڪرڻ.

● مَيِڻُ: مصدر. (سن. ما= مئڻ). ماپ ڪرڻ- تورڻ- ماپڻ. ڪچڻ. آزمائڻ (ڪَچ سان). ڪٽڻ. سمائجڻ- ماپجڻ.

"مائين ڪين ميان ۾ ٻ- ني تراريون."
(شاهه).

(مئيو- مئيندو- مئيل).

● مَئو: ذ. (سن. مَدَ= مستي). نشو- مستي- خُمار- مَني- مَرَ. ٽانءُ- ڦوندڙ- ٽاڏَ- ٻَٽاڪ- ٻاڙ- خوشي- مزو- فرحت- لذت- ذوق- لطف- وندر-

موج - ڏڻ. چاڑهو. زور (مايا جو، جواني جو، شهوت وغيره جو).
● مَتُو ۽ مَتُوَ: صفت. (سن. مَتّ = مستي). جهجهو - جمار - وافر - گهڻو - زياده - ريل پيل - ٻَهون - جال - سرس. نشي ۾ چُور - مخمور. هٿيلو - ايماني.
● مَتُو ۽ مَتُا: ذ. صفت. (سن. مَتر = مرڻ) مري ويل - مردو - مئل - فوتي. بدبخت - نياڻو - چندو - ڪميڻو. (ذ). سکل گاهه جو ڇڻو (ٻاهر ڏيڻ لاءِ) - ڪکن وغيره جو پُنجو. ٿانون ملڻ جو گاهه جو موڙو - مَٽي - ڪُوڏي. (ث. مُتِيُ ۽ مُتِيُونُ).
- مٿا هٿَ هَتِيَ ۽ ٿوري گهڻي ڪوشش ڪرڻ.
- مُتهي جوءُ ڏِئو: ذ. هندن جي رسم مطابق مائيءَ جي مرڻ کان پوءِ ڏهين ڏينهن گيهه جو پاريل ڏيو.
● مَتُونُ: ذ. پڪ - دَمُ - مينهن - ڪڻ - گهڙي - ساعت - لمحو - اڪ چِنبَ. (ظرف). ايڏي ويرُ - اڇو - هينئر - هڻ گهڙي. (ن. ب).
● مَتهي: ذ. ث. (ف. مَتي = شراب. سن. مَتّ = مستي) شراب - دارون - صهبا - مَدُ - مدرا - باده. نشو - مستي - خمار. مٿو. هَتُ - تڪبر. (سن. مَتِ = وارو، جو ٿهيل) وارو - جوٿهيل. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ صفاتي پڇاڙي "ديا مئي، ڪروٽا مئي وغيره".
- مَتِيخانو ۽ مَتِيخاناه: ذ. شراب رکڻ جي جاءِ. شراب جو دُڪان - شرابخانو - ڪتو - ڪَچُ.
- مَتهي خانوُ: ذ. مٿيخانو.
- مَتهي مارڻ: هَتُ ڦيٽو ڪرڻ - تڪبر چڏڻ - وڏائي چڏڻ.
● مَتِيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو ٿالو. (سڪايل).
● مُتِيُ ۽ مُتِيُونُ: ث. (ٿانون ملڻ لاءِ) گاهه جو مُڇو - ڪُوچي. ٻڌ جي ڪچي پاڙ (ل). پيٽڀي. ڪپڙي جو ٽُڪر (جو دوا مان ٻوڙي ڦڙو ڪڍڻ ۾ وجهجي). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان رلڪ ڪارو، ڏيکهه اڏ فوٽ ڪان - ڏيڍ فوٽ تائين، ۽ قسم ٽين هڪ مئي ۽ ٻي - چپر مئي، جنهن جا چَپَ وڏا ۽ ٽُلها ٿين).
● مُتِيچُوتُ ۽ مُتِيچُوتَ: ذ. صفت. ڪار طور ڪم ايندڙ لفظ. مُوذي - شُومُ - ڪِرهه - ڪنجوس - ڪَنڊ ويچ - بتخيل - مڪيچُوسُ.
● مَتِي خُوشُ: ذ. صفت. ڪلميٽو - ڪَٽُو ۽ ميٽو.
● مَتِيڙُو (ث): ذ. پاڻي جو هڪ قسم - ٽَٽري مَرِ ٻرڙو.
● مَتيُ: ذ. (ف). شراب - مَٽهي. مٿو. (انگ). عيسوي سال جي هڪ مهيني جو نالو.
- مَتِيخانوُ ۽ مَتِيخاناه: ذ. شراب وڪڻ جي جاءِ - ڪُتو - ڪلال خانو - شرابخانو - مَٽيڪدَه.
- مَتِيفَروشُ ۽ مَتِيفَروشَ: ذ. صفت. شراب وڪڻڻ - ڪلالُ.
- مَتِيڪدَه: ذ. مَتِيخانو.
- مَتِيناب: ذ. خالص شراب. ڏيڍ شراب.
● مِيُ: ث. مٺاڻو - مٺاڻي. (گاجرا).
● مَيا: ث. (سن). پاڇو - ڪَهَل - رَحمُ - قياسُ - مرحمت - دَيا. پلائي - مهرباني - ڪِرپا - مَهرَ - وَڙُ - احسان - ٿورو.
"هيٺن جي حبيب، مَحبتي مَيا ڪري"
(شاهه. ڪليان - گر).
"پنهنجي ميهر مَيا سان، لونءَ لونءَ سپ نياري"
(سامي).
- مَيالُو ۽ مَيالُو: ذ. صفت. ميا وارو - نرم دل - دَيالو.
● مُيَاچُ ۽ مُيَاچ: ذ. منگر مڇيءَ جو قسم (پُٽي ڪاري، پيٽ اڇو، منهن سُٽيلو، پُڇ سنهون ۽ قد ۾ فوٽن تائين). مُتِيءَ جو ٻچو. (ن. ب).
● مَتيار ۽ مَتيارُونُ: ث. حرف - عتاب - ڏوهه - خطا - ملامت - ٽهڪو - طعنو - ڏوراپو.
- مَتيار ڏيڻُ: ڏوراپو ڏيڻ - ميهڻو ڏيڻ - طعنو ڏيڻ - عتاب ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

= مَيارَ لاهڻ: ڏوهو لاهڻ - وات ٽڪائي ڪرڻ.
= مَيارِي ۽ مَيارِيُ: ذ. صفت. ميار وارو - جنهن کي ميار ڏجي - حرفي.
= مَيالُو: ذ. صفت. سالتيڪو - ڪُومل - حَليم - مُلايم - نرم - ڪُنرو. جهيڙو - ڍِرو - جهڪو - ٽڏو - آهستو.
● مَيانُ ۽ مِيانُ: ذ. (ف. ميران جو هڪوئل لفظ) مسلمانن لاءِ عزت وارو لقب. جناب. صاحب. سردار. مالڪ - ڏڻي. مڙس - پتي.
= مِيانجيُ: ذ. مُلي جو لقب - مُلان.
= مِيانُ مِيڙُو: ذ. طوطي جو لقب. (صفت). ڦنهنجي واڪاڻ ٻاڻ ڪندڙ.
= مِيانُ مِيڙُو ڇو وائِيڻ: ڦنهنجي ساراهه ٻاڌيهي ڪرڻ.
● مِيانُ ۽ مِيانَ: ذ. (ف). مَيانَ - ڪِيپُ (تلوار يا ڪاتي وغيره جو ڪوهو).
● مِيانُ جيُ ڪَنڊيُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مِيانُ جيُ مَسجِدُ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مِيانڊِيُ ۽ مِيانڊِيُونُ: ث. آڏاڻي جو هڪ جزو - آڏاڻي جي ٻنهي وڏين ڪائين کي قابو ڪندڙ ڪاٺي.
● مِيانُ صاحِبُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانُ ڪَنڊُو: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانو: صفت. (ف. مِيانتهُ = وچوارو) وچوارو - وچولو - مڌيم - وچڙو - پورو ٻڌو - رواجي - موافق. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ضلعي ۽ ڪراچي ۾).
● مِيانُ ۽ مِيانَ: مِيانُونُ: ذ. ث. (ف. مِيانُ). ڪِيپ - ٽِيڪ - نِيام - ميان (تلوار وغيره لاءِ ڪوهو).
● مِيانِ ۽ مِيانُونُ: ث. ٻلي يا ڇپي ماري گڏ ڪرڻ لاءِ ناهيل ميدان - ملاکڙ جي رهن جي جاءِ.
● مِيانُو: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۽ تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانُونُ ڪَڪِڙاڻ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانِيُ ۽ مِيانِيُونُ: ث. ڍنڍ يا سمنڊ جي ڪناري تي ڇپي ماريندڙن جي بستي - ميربحرن جي بستي. ڇپي يا ٻلا ماري آڻي گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ - ميانُ. (ن.ب). (اسم خاص) تعلقي ڪشمور، تعلقي سکر، تعلقي گهوڙا ٻاري ۽ تعلقي ڪمبٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانِيُ باغاتِ: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانِيُ رِپَ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانِيُ نُور ملاحُ: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانِيُ نِهالُ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانُوُ: ذ. (آواز). ٻلي جو آواز.
= مِيانُوُ مِيانُوُ ڪَرڻُ: ٻلي وانگر آواز ڪرڻ.
● مَيتُ ۽ مَيّتَ: ذ. (ع. مَوْت). لاشو - مُڙدو - مَڙهه - لوتَ - ميِّي - جَنازو - نعشَ - مُردهه - مَيّتَ.
● مِيٽُ ۽ مِيٽُ: ذ. صفت. (سن. مِيتْرُ = دوست) دوست - يارُ - سَجڻ - ميتر - گهٽگهرو - اخلاص مند - همدرد - غمخوار.
● مِيٽڙا (ث): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مِيٽِلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (حيدرآباد، سکر ۽ نواب شاهه ۾). (سينسز ١٩٣١ع).
● مَيّتُ ۽ مَيْتَ: ذ. (ع. مَيِّتُ). مَيت - لاش - لاشو.
● ميتَ: ث. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (هي ڪنهن وڻ جي ٻاڙ آهي، جا ڳاڙهي ڪارائي رنگ تي مائل ٿئي، منجهانئس آڪائي وقت ۾ ڪپڙن رڱڻ جو ڪر ورتو ويندو هو). (ن.ب).

Gul Hayat Institute

● مينجي ۽ مينجيون: ث. (سن. مينڍڪا = ميڙي). پاڻي ۾ مصالحي طور ڪم ايندڙ هڪ خوشبوءِ دار ٻوٽو (جنهن جو بيج هڙپو آهي).
● مينجَ: ث. وڻ- وَرُ. ٻن ڏاڪڻ جي آميزي ڏئي يڪو ڪرڻ جي حالت. (گاجرا).
● مينجُ ۽ مينجَ: ذ (سن. مَرْڇِڪا = ميڙ). معدني پيدائش جو هڪ قسم - وهنجڻ جي ڪم ايندڙ پيلي رنگ جي جابلو مٽي (جا نرم چاهوڻ جي صورت ۾ جبل يا ٽڪر مان ڪوٽي هٿ ڪبي آهي).
= مينجا صفت. ميٽ ميلڻ.
= مينجائون: ذ. صفت. ميڙائون. (ث. مينجائين ۽ مينجائيون). ميٽ جهڙي رنگ تي.
= مينجائون ۽ مينجاڻان: ذ. صفت. ميٽ جي رنگ جهڙو - ميٽ رنگو - ميٽ جهڙو - ميڙائون. پيلو - زرد و - ميڙي. (ث مينجائين ۽ مينجائيون).
= مينجَ ڪاڻ ۽ مينجَ ڪاڻيون: ث. جبل ۾ ميٽ نڪرڻ وارو هنڌ.
= مينجُ مٽي ۾ هُونڊي آڻڻ: تمام تکڙو اڇڻ - جلدي اڇڻ.
= مينجو ۽ مينجا: ذ. صفت. ميڙائون - ميڙائون. (ث. مينجي ۽ مينجيون).
= مينجوڙي ۽ مينجوڙيون: ث. پٽن رڳن جي ڪم ايندڙ ميٽ جي رنگ تي مٽي. (صفت). ميڙائين - ميڙائٽين.
= مينجهوڙي ۽ مينجهوڙيون: ث. صفت. مينوڙي.
● مينجَ ۽ مينجون: ث. اک جي پوريٽ - پينٽ نظر - ديد - بصارت. (ل). سوڙهه - گهٽ. گهڙ - ليک. (ٻن يا گهڻن لوڙين يا ڏاڪڻ جي گڏي ڏنل) وٽ - سَٽ - وراکو.
= مينجَ ڏيڻ (ل): اک ڇڻ - اشارو ڪرڻ.
= مينجَ ڪرڻ (ل): نظر ڪرڻ - جاچ ڪرڻ.
● مڻاهڙ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مينجائي: مصدر. (سن. مَرْڇِڪا = ميٽ) ميٽ جهڙو رنگ ڏيارڻ. مينڍ جو ڪم ٻئي ڪان ڪرائڻ. ميڙائون ڪرائڻ. (سن. مَرْجَ = صاف ڪرڻ) ڌوئڻ - ڦٽارائڻ (اکر وغيره) ميسارائڻ (ليڪا يا اکر پٽيءِ تان). (ميڙائيو - ميڙائيندو - ميڙائيل).
● مينڍَ ۽ مينڍر: ذ. پکيءِ جو هڪ قسم - ميڙو.
● مينجَ ڪاڻ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مينجنگ ۽ مينجنگون: ث. (انگ). مجلس - انجمن - سڀا - جماعت - بزم - اجتماع - جلسو - ڪميٽي - ميڙ. (آصفيه). (اسم خاص). تعلقي ڪوٽڙيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مينجڻ: مصدر. (سن. مَرْجَ = صاف ڪرڻ) ڪُرڙڻ - ڌاهيڻ - لاهيڻ - ميسارڻ - ميٽي چڙڻ - صفا ڪرڻ - صاف ڪرڻ - ريتڻ - لٽهي چڙڻ - لٽڻ - رد ڪرڻ - ڪٽڻ. وسارڻ - يادداشت تان لاهڻ - پُلائي چڙڻ. (اکرن تي) قلم ڦيرائڻ. (دُکُ) لاهڻ - دفع ڪرڻ (ڪُرڙي، ڪُهڻ). (ڪَتَ) چٽائڻ ماري پُورو ڪري چڙڻ - ختم ڪرڻ. (آڻڻ ۾) ڪنڊي ڪرڻ. (سن. مَرْڇِڪا = ميٽ) ميٽ لائڻ - ميٽ هٿ (قرمي وغيره ڪپي). ميڙائون ڪرڻ. مٽان پوچو ڏيڻ. (ميڙيو - ميڙيندو - ميڙيل).
= مينجڻ هارُ ۽ مينجڻ هارَ: ذ. صفت. دڪ درد لاهيندڙ - اهنج ايذاءُ ٽاريندڙ. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
● مينجڻ: مصدر. اکيون پُورڻ - پينڍڻ. مڪر ڪرڻ جي حالت ۾ اکيون پُورڻ ۽ پينڍڻ - اکين جي پُور پَتَ ڪرڻ. اڌ کولڻ اڌ بند ڪرڻ. (ميڙيو - ميڙيندو - ميڙيل).
● مينڍو: ذ. پکيءِ جو هڪ قسم - مينڍر.
● مينجِ: ث. (سن. مِشْٽَ = مِٺو) مِٺيون ڪالهيون. ڏاڏر. ٽڪي. (گاجرا).
● مينجُ ۽ مينجَ: د. (سن. مِشْٽَ = مِٺو) مِٺاڻ - مِٺاس - ميناج. شيريني - شيري. لذت - سواد.

= مهناجُ ۽ مهناجَ: ذ. مهتُ - شيري - شيريني.
= مهناسُ ۽ مهناسَ: ذ. مناج - مناڻ.
● مهنڙا: صفت. (سن. مِشْتَ = مٺو) مٺو. (گاجرا).
● مهنڙو: ذ. لُوڻ - نمڪ.
● مهنڪاڻُ: ذ. (ع. و ثق.) انجام ڏيڻ پڪائي - قول قرار جي سچائي - وعده وفائي. (آصفيه). انجام - قبول - پرتڪيا - وعدو - پرڻُ - وَچنُ - بول - اقرار - سُخن. (كناية) رُوحن جو خدا تعالىٰ سان ڪيل انجام (ته تون اسان جو رب آهين ۽ اسين تنهنجا فرمانبردار ٿيندا سين). (سهڻي - گر).
" گهيڙ لنگهئو گهاري، ميثاق مِهار سان."
(شاهه).
ازل - ابتدا. (آصفيه).
= مِيثاقا: ظرف. ميثاق كان وٺي - اَلَست كان - ازل كان. (ن. ب).
● مهجارو ۽ مهجارا: ذ. مهجالو.
● مهجالو ۽ مهجالا: ذ. (سن. مَجّنَ = مِيجُ). كوهڙي ۽ اندر ۾يل كود و - مَغز - پيجو - ميجارو.
● مِيجُ ۽ مِيڃُون: ث. (انگ). برابري - مقابلو - بازي - شرط - هوڙ - كيلَ. (آصفيه).
● مِيڃِڪو ڏيڻ (ڪ): نگاهه ڪرڻ - نظر ڪرڻ - سنيال ڪرڻ.
● مهڃڻ: مصدر. (سن. ما = مَنُ): ماپڻ - مَنڻ - ڪَڍڻ. اندازو ڪرڻ - تڪ ڪرڻ - زور آزمائي ڪرڻ - مقابلو ڪرڻ. ڳنڍڻ. ڳڏڻ. ملائڻ - جوڙڻ. (مهڃو - مهڃيدو - مهڃيل).
= مهڃ ۽ مهڃون: ث. ٻن زمين کي وڻ ڏيئي ڳنڍڻ جي حالت - ڳنڍاپ.
= مهڃو ۽ مهڃا: ذ. ماپو - ماپ - ناپ - ناپو - ڪاڇو. پتمودو - پئماش - ڪڇ. ڪڇڻ جوڙو.
= مهڃو ڪڍڻ: ماپو وٺڻ - ميڃڻ. ڄاڻي ڏسڻ. طاقت ڏسي ڇڏڻ.
● مِيڃو ۽ مِيڃا (ڪ): ذ. صفت. لنڊورو - ننڍو - ڇوٽو - ڪوتاهه.
● مهڃ ۽ مهڃون: ث. (سن. مِشْ = مِينهُ ڪرڻ). اِشارو (اک، زبان، مُنهن جي ڪنهن حصي يا ڪنڌ سان) - اَهڃ - غمزو - رَمز - ڏهنائي. ڪابه اک ٻڌي اشارو ڪرڻ جي حالت (جو خاص ڪري عشقيه طور ڪم اچي).
" ڪٿي ميڃون مار، ڪٿي ڪُهڻ ڇڏرو."
(گرهوڙي).
= مهڃ ڏيڻ: اشاروڏيڻ - ڏهنائي ڏيڻ - غمزوڏيڻ - اَهڃ ڏيڻ.
= مهڃِرُ ۽ مهڃِرَ: ذ. صفت. اِشارو ڏيندڙ - اَهڃ ڏيندڙ - ڏهنائيون ڏيندڙ.
● مهڃ ۽ مهڃُون: ث. (ف). لوهه جي ڪِلي - ڪوڪو - ڪِلو - ڪِيرو - ڪِيري.
= مهڃ سَنڈاڻ ۽ مهڃ سَنڈاڻون: ث. ڇهنباري منهن واري ڪوڪن ٽوڪن جي سَنڈاڻ - ايڪلوائي.
= مهڃ ڪوڪاري: ث. مهڃ سَنڈاڻ (علم).
= مهڃُمارُ ۽ مهڃُمار: ذ. ڪوڪن ٽوڪن جو مُترڪو - مُترڪي. مارتول. مُگري - ٽوڪٽو - ڪوپو.
= مهڃ مارڻُ: ميڃ سان بند ڪرڻ. لوهه جي ڪِلي جهاڻڻ - ڪوڪو هڻڻ. جوڙڻ - ڳنڍڻ - قابو ڪرڻ - سوگهو ڪرڻ. عشق ۾ ڦاسائڻ. لوري لائڻ - لغار لڳائڻ.
= مهڃي: صفت. جنهن کي ميڃ سان ڪنڊ ٽيل هجي. (گاجرا).
● مهڊ: اسم خاص. مڪران ۾ رهندڙ مهاڻ جي هڪ ذات جو نالو. (تاريخ بلوچستان).
● مِيڊا لِکڙِي: اسم خاص. پساركي وڪر جو هڪ قسم. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جو ڇوڙو دوائن ۾ ڪم ايندو آهي).
● مَيڊانُ ۽ مِيڊانُ: ذ. (ف) ڪشادي زمين - صاف ۽ وَسيع زمين - ڪُليه زمين جو مٿاڇرو (جنهن تي وڻ ٽڻ وغيره نه هجي). هموار زمين - پڌرو - پَٽ - پڌر - پولو. آڪاڙو. (آصفيه). نظارو (علم، نظر ۽ راند وغيره جو). گهوڙي جي ٻڌ جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

= ميدانُ چڏڻُ: جڪهه چڏڻ. ميدان خالي ڪرڻ- پڄي وڃڻ- پٺ ڏيڻ- هارائڻ.
= ميڏانُ ڏيڻُ: ڊوڙڻ- ڊُڪڻ- سٽ ڪرڻ- ڊوڙ پائڻ- پڄي وڃڻ- ناهي ڪڍڻ. گهوڙو ڊوڙائڻ. زور سان گهوڙو پچائڻ.
= ميدانُ ڪتڑڻُ: ڊاهي پٽ ڪرڻ. جاءِ ڪي ڪيرائي سنئين زمين ڪرڻ (زال ماڻهو جو) هنڪڻ لاءِ (باهر پرو پاسيرو ٿي وهڻ).
= ميڏانُ مٽهڻُ: ڪٽڻ- ساري ڪرڻ- سوپ ڪرڻ- فتح ڪرڻ.
= ميڏانُ ۾ اچڻُ: وڙهڻ لاءِ اچڻ- وڙهڻ لاءِ نڪرڻ. صف ٻڌندي جي لاءِ ڪشادي ميدان ۾ اچڻ. سامهون اچڻ- مقابلو ڪرڻ. (آصفيه).
● ميڏو ۽ ميڏا: ذ. (ف. ميڏهُ). تمام سنهو پيٽل اڻو- پيو دفعو چاڙيل اڻو. ڪاهه پيٽل شئي. سُفوف- چورو- پُورو.
= ميڏا ٻيڪ: ذ. (ڪڙي جي) اڻي چاڻي. تمام سنهي چاڻي (جنهن جي وسيلي ميدو جدا ڪجي).
= ميڏو ڪرڻ: تمام سُنهو پيهڻ. چورو ڪرڻ- سُفوف ڪرڻ- باريڪ ڪرڻ.
● ميڏهُ ۽ ميڏَ (ل): صفت. (سن). خيرات ڪندڙ- سخي- داتا. ڪوبه نيچ ماڻهو- گهٽ ذات ماڻهو. مهاڻو.
"مُفت معمور محض ميڏ مَ سار،
قلب ۾ ڪو قياس ڪري تہ نيهار."
(فاضل شاهه).
● ميڏرو: اسم خاص. (سن. مَنّهَا = وڏو + اندر = ڏي). مينڊرو. مومل جو عاشق- راڻو. (ن.ب).
● ميڏڻ: اسم خاص. فيدر ايريا ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميڏوڻو ۽ ميڏوڻا (ث): ذ. (ڏات). سُڪل چيڻ جو مٽان لتل ڏڪ.
● ميڙ: ث. (سن. مَلَ = مَرُ) مترُ. ميڙي. ميراڻ- ميرائي- ميرُ. گندگي- مهيلُ- غلاظت. گدلائي- ڪِنائي. ڪارڻ- ڪاراڻ. اونداهه. پسپ- گهور.

= ميرانجهڙو ۽ ميرانجهڙا: ذ. صفت. ٽورو ميرو- البت ميرو- ميرڙو.
= ميراڻ: ث. ميرء. گدلائي- ڪِنائي.
= ميرڙو: ذ. صفت. ميرو. گندو.
● ميرُ ۽ ميرَ: ذ. (سن. مَلَ = مَرُ). ميڙي- مَيل- ميرَ. غير- ڪِن- گند- اندر جي ڪوٽ- دغا.
"ساڻ سهائي سچ جي چا موافق ٿيندو ميرُ"
(روحل).
● ميرُ ۽ ميرَ: ذ. صفت. (ع. امير جو مخفف. سن. مهيوَرَ). امير- آفيسر- سردار. والي. سالار. امام. مُڪي. وئيس. وزير. وڏو ماڻهو. هادي. رهبر- پيشوا. (ذ). ڪنهن وڏي وئيس کي ڏنل خطاب. تاس راند ۾ بادشاهه. ٽالپر خاندان جو لقب. (ل).
= ميراڻو ۽ ميراڻا: ذ. صفت. ميرجو- ميروارو. ميرجهڙو.
= ميرُ بحرُ: ذ. صفت. سمنڊ جو بادشاهه- ناکٹو- ملاح.
= ميرُ ڏهو ۽ ميرُ ڏها: ذ. ملڪ ۾ اينڊڙ مال تي محصول وٺڻ جي جاچ ڪندڙ آفيسر. پيڙين جو سامان تپاس ڪندڙ آفيسر.
= ميرُ ڏهيُ: ميرڏهي جي ڪچهري- ميرڏهي جي آفيس. ميرڏهي جو ڪر.
= ميرُ لُ ۽ ميرُ لَ: ذ. صفت. ميير.
= ميرُ مارڻُ: ڪو وڏو ڏُرو هٽ ڪرڻ- ڪنهن وڏي سردار کي هٽ ڪرڻ.
= ميرُ مجلسُ: ذ. صفت. ڪنهن مجلس يا ڪيٽي جو مکيه ماڻهو- سنهن مرڪ- سيا پتي- ويرڙان.
= ميرُ منشيُ: ذ. صفت. وڏو منشي- وڏو ديوان- سر دفتر- هيڊ منشي.
= ميريُ ۽ ميرِ يُونُ: ث. اميري- سرداري- رئيسي- حڪومت- بادشاهي.
= ميراث ۽ ميراثون: ث. (ع. وَرَثَ). مثل ماڻهوءَ جي چڏيل ملڪيت. ترڪو- ورثو- اباڏو ورثو- آتر آذڪار (چڏيل) جائداد. ملڪيت- ناڻو. ميڙي چونڊي. حصو- پتي- ورهاست.

Gul Hayat Institute

= ميرائي: صفت. ورثي ۾ ملهل - موروثي.
● ميرثي: ذ. صفت ڪائيندڙ - ڪائڪ - راکي - مٽرب - ڪوٽيو - ڪلونت. قوال - لنڪهو. مڪٿهار. ميراثي. (ث. ميراثين ۽ ميراثڻ).
= ميرثي موڪلڻ (ت): شادي ۽ جي موقعي تي راڄ، مڻ مائٽن ۽ دوستن وغيره ڏانهن دعوتن ڏيڻ لاءِ ميراثيءَ کي موڪلڻ.
● ميراج ۽ ميراج: ذ. ريت - رسم - هنويز - پر - هلي چلي - هلت - دستور - رواج - سرشتو.
● ميراسي: ذ. صفت. (ع ميراثي). ميراثي. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.
● ميرامام بخش: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ميران: ذ. صفت ميرا - پير. مرشد. (اسم خاص). شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جو لقب. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ميرپور: اسم خاص تعلقي سڄاول، تعلقي ميرپور بٺوري، تعلقي ڪڙهي خيري، تعلقي لوڻهري ۽ تعلقي ڪوٽيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ميرانپور کهوڙکي: اسم خاص. تعلقي کهوڙکيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرانپور سعيدکي: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميران جمن: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ميرانڪوري: اسم خاص. تعلقي سڄاول ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميران ڪوري: اسم خاص. تعلقي ڪنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾). ميرڙي.
● ميرائين: مصدر. (سن مَلَ = مَرَ). مٽيءَ وارو ٽين - ميل واري ٽين. ٿورو ميرو ٽين - البت ميرائي تي ڏسجي ۾ اچي. ميرو ٽين - ڪندو ٽين - گدلو ٽين - ڪينو ٽين - غليظ ٽين.

= ميرائي ۽ ميراثيون: ث. ڪندلائي - ميراڻ. ڪندگي - ڪندائي - ڪين - ڪچرو - ڪند - مٽيل. لڙات. ميرانجهڙائي.
● ميربحر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (١٦ پاڙا: آبراڻي، آدماڻي، اجايا، بکهڻي، بڪرا، چاچڙ، چغدا ميربحر، چٽا، ڏڻچر، ڏاکها، ڏيرا، گڏو، گجريا، گهوگهات، هالاڻي، جکريا).
● ميربحر ۽ ميربحر: ذ. صفت. (ع. مير مخفف امير جو = سردار + بحر = سمند). پاڻيءَ جو بادشاهه - درياءَ جو رکپال. جهازي سهه. سالار - امير البحر. درياءَ جي گهاڻن گهيڙن جو داروغو. ٻڙيءَ وارو - ٻڙياتو. مٿهاڻو.
● ميرپور: اسم خاص. تعلقي ٽل ۽ تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرپور ٻٺورو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ٻٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرپور پاڙائي: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرپور خاص: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرپور ساڪرو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرپور شاهه: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرپور ماٿيلو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرجت: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ميرخان ابڙو: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرختائن ۽ ميرختائيون: ث. بندوق جو هڪ قسم - جاميڪي دار بندوق.
● ميرڪن: اسم خاص. تعلقي سوري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● ميرل: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو. (ميرل پراڻو، ميرل نئون). (لسٽ).

Gul Hayat Institute

● ميرُ محمّدُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُ محمّد پٿوڙو: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُ محمّدُ جتوئيجو: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُ نُ جتوئي: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُ نُ ماچي: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مهيرو ۽ مهيرا: ذ. صفت. (سن. مَلَ = مَرَ) مرُ يا ميتيءَ هاڻو ـ گدلو ـ ڏوڙ پٽڪليو. گندو ـ ڪينو ـ خراب ـ سڙو ـ غليظ. لڙائيل. (ذ). جيت جو هڪ قسم (جيو ريڊ جي وارن ۾ پيدا ٿئي ۽ ڪل کي ٽڪي ٽنگ ٽنگ ڪري ڇڏيندو آهي). عيبدار. گنهگار. (ث. مهيري ۽ مهيريُون).

ـ مهيرو داڻو نہ چڏڻ: ذرو بہ نہ چڏڻ ـ هڙ مُوڙي ڪٽي وڃڻ.

ـ مهير ي آکِ: ث. بدنظر ـ بڇڙي نگاهہ.

ـ مهيرو: ذ. صفت. ميرانجهڙو.

● ميرُو: اسم خاص. (سن. سُميرُو) هندن جي پراڻن ۾ جاڏايل هڪ پربت جو نالو ـ ميرو پربت ـ سُميرُ پربت. يُونانين جو "ميروس" (Meros) نالي هڪ هندوستان جو پربت، جنهن تي سندن ديوتا "ڊايونيساس" (Dionysos) بن "زئيس" (Zeus) (سن. ديوس پِتَرُ = آڪاس جو ٻيءُ) جاڏو. مسلمان مرد جو "مير" مان (اسم تصغير) نالو. (ن ـ ب).

● ميرُ وار ي: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۽ تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُواهہ: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري، تعلقي ميرپورخاص ۽ تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُوجا: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُو خانُ: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُو ڪَٻُهوڙُو: اسم خاص. تعلقي ڪنڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميرُ ئِيا (ث): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● ميرُ ي ۽ ميرُ يُونُ (ت): ث. آنُ جي سنگن رکڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل ڪڏو.

● ميڑ ۽ ميڑُونُ، ميڑ يُونُ: ث. (سن. ميلَ = ميلَنُ) جماعت (ماڻهن جي). راجُ ـ سفارت (جا ڪنهن عملدار کي عرض ڪرڻ لاءِ وڃي يا ڪنهن ڪان معافي وٺڻ لاءِ گڏ ڪئي وڃي) چندو ڪري ڪيل مجلس. چندي مان ڪيل ڪانو يا دعوت. مجلس ڪرڻ لاءِ گڏ ڪيل چندو ـ اوگڙ ـ ڦوڙي.

ـ ميڑ آڻڻُ: چڱڻ مڙسن جي ٽولي وٽي اچڻ ـ ڪنهن ڪان معافي وٺڻ لاءِ کي شريف ماڻهو سڏي اچڻ ـ قرآن يا ٻي ڪنهن بزرگ هستي کي ٻنهنجي معافي جو وسيلو بنائڻ.

ـ ميڑ پائڻُ: ٽورو ٽورو چندو ڏيئي مجلس ڪرڻ. اوگڙ ڪرڻ ـ چندو ڪرڻ.

ـ ميڑ ڪَرڻُ: ميڙ ڪرڻ. قسم وجهڻ. معافي وٺڻ لاءِ چڱن مڙسن جي جماعت گڏ ڪرڻ.

ـ ميڑ ڪٽِيُ وَڃڻُ: ميڙ آڻڻ ـ ميڙ وٽي وڃڻ.

ـ ميڑ وَڻِيُ وَڃڻُ يا آڇڻُ: ميڙ آڻڻ.

● ميڑُ ۽ ميڑ: ذ. (سن. ميلَ = ميلَنُ) گڏ ٿيل ماڻهو ـ جماعت. انبوهہ ـ ڪَٽُ ـ پيڙهہ ـ هُجوم ـ خَلقُ ـ ميڙ ڪو ـ مجموعو. لشڪر. ملڻ جي حالت ـ گڏ جاڻي ـ وصال. پاڇيءَ جو ارتابُ ـ گهاڻاٽ ـ لِٽُوَ ـ ليبسُ (ڪاڏي ۾). ڪُنُ. گرداب. (صفت). گڏيل ـ ملڻ ـ ڪنو ٽيل.

ـ ميڑاڪو ۽ ميڑاڪا: ذ. ميڙ ۾ گڏ ٽيل ماڻهو ـ ميڙ ـ انبوه. مجلس ـ ڪچهري. ماڻهن جو گوڙ ـ هنگامو.

ـ ميڑ مُنجَنُ: مجلس برخواست ٿيڻ. ماڻهن جو ٽڙي پکڙي وڃڻ.

● ميڑاهو (ث): اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● مهيڙڻ: مصدر. (سن. ميل = ميلڻ) ميڙ ڪرڻ - گڏ ڪرڻ - جمع ڪرڻ. ڏيڙ ڪرڻ - سڏڻ. ملائڻ - ميلاپ ڪرڻ. گڏڻ. گهوڙيءَ تي گهوڙو چاڙهڻ - لڳ ڪرائڻ - ميڙائڻ. وصل ڪرڻ لاءِ ملائڻ. مڻيل ڪرڻ - دال ڪي ميل ڪرڻ لاءِ ٿهڪ ڪان پوءِ چگيءَ طرح ڏوئي هٽڻ - مهڙو ڏيڻ (دال کي). ڀهاري پائڻ - صفائي ڪرڻ. ڪچرو گڏ ڪرڻ - گند ميڙڻ. (ڪير) ڏڪڻ. (ميڙبو - ميڙيندو - ميڙيل).

■ مهيڙ: ث. ميڙڻ جي حالت. ميل - ميلاپ. وصال. لڳڻ. صفائي - ٻهاري.

■ مهيڙاپو ۽ مهيڙاپا (ث): ذ. گڏ جاڻي - ميلاپ - ميڙاءُ - ميڙائو - ميڙو - ميلو.

■ مهيڙاءُ: ذ. گڏ ٿيڻ جي حالت - گڏ جاڻي. ميلاپ. وصل - وصال. ميڙو - ميلو - ميڙ ۽ - ميڙائو.

■ مهيڙائڻ: مصدر. ميڙڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. گڏ ڪرائڻ. ڀهاري پارڻ - ڪن ڪچرو گڏ ڪرائڻ. صفائي ڪرائڻ. گهوڙيءَ تي گهوڙو چاڙهائڻ. (مهيڙنيو - مهيڙائيندو - مهيڙائيل).

■ مهيڙئو: ذ. ميڙاءُ. ميڙو - گوڙ.

■ مهيڙ چونڊ ڪرڻ: گڏ ڪرڻ - ميڙڻ - هيڪاندڪرڻ - جمع ڪرڻ. چونڊڻ - انتخاب ڪرڻ - چانڊ ڪرڻ.

■ مهيڙ مهيڙ: ث. ڀهاري سهاري - ميڙو ميڙو - صفن صفائي - ٻهر - ڪن ڇن - ڪچرو - گندو.

■ مهيڙ ڪرڻ: ڀهاري سهاري ڪرڻ - صفائي ڪرڻ. گڏ ڪرڻ.

■ ميڙهي پر مٽهن ۽ وڇهن: پٺن گڏ ڪرڻ پليان ڪاهي پوڻ. لوپ پر پوڻ. (ن.ب).

■ مهيڙي ۽ مهيڙيون: ث. ميڙيل رقم - گڏ ڪيل پئسا - پونجي.

■ مهيڙي چونڊيڙي: ث. گڏ ڪيل رقم - ٻاچي ٻچايل رقم - پونجي.

● مهيڙو ۽ مهيڙ: ذ. (سن. ميل = ملڻ). ميڙيل شيءِ. ملڻ جي حالت - ميل - ملاپ - ميلو - گڏ جاڻي. ماڻهن جو ميڙ - ميڙاڪو. گهٽن ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو هڌ (جتي کا درگاهه يا مزار وغيره هجي ۽ اتي ڪنهن خاص تاريخ تي گڏ ٿجي) - ميلو. ماڻهن جو گوڙ.

■ مهيڙائي ۽ مهيڙائي: ذ. صفت. ميڙڻ تي ويندڙ - ميڙا گهمندڙ - ميڙڻ جو شوقين.

■ مهيڙو ڪرڻ: مجموعو ڪرڻ - ميڙاڪو ڪرڻ. مجلس سڏائڻ - گوڙ ڪرڻ.

● مهيڙ هٽ: ث. آن جي گاهه ڪرڻ وقت آڌا ٽوٽي جنهن ۾ ڏڳا هڌجن، جي آن کائيءَ جي چوڌاري ڦري آن گاهين - پيڙ جي وچين سُني.

■ مهيڙهي ۽ مهيڙهيون (ل): ث. مهيڙهه.

■ مهيڙهي ۽ مهيڙهي: ذ. مهيڙهه جي پرسان قرندڙ ڏيگو. (صفت). پاڻاري وارو - تڏي وارو - (ٻيلا).

● ميز ۽ ميزون: ث. (ف) ڪاڏي ڪائڻ يا ڪتابن وغيره رکڻ لاءِ چئن پائين وارو تختو - ٽيبل.

■ ميزپوش ۽ ميزپوش: ذ. ميز تي ٻڌل وڇهڻ جو ڪپڙو.

● ميزان: (ع. وَزَنَ). ساهمي - ترازو - ڪانٽو - تارازي. (حساب م) جوڙ - جمع - جملو - ڪل جوڙ. هڪ برج جو نالو - تُلا.

■ ميزان و نٽ: وزن ڪرڻ - تور ڪرڻ. جوڙ ڪڍڻ - جملو ڏيڻ - جمع ڪرڻ.

● ميزبان ۽ ميزبان: ذ. صفت. (ف). ضيافت ڪندڙ - دعوت ڏيندڙ مهمان گهرائيندڙ - مهماندار - مهمانواز - ڪاڏو ڪرائيندڙ.

■ ميزباني ۽ ميزبانيون: ث. مهمانوازي - خدمت خاطري - مهمانداري. دعوت - ڪابو - ڪاڏو.

● متزل ۽ ميزلون: ث. (ع. منزل جو بگڙيل لفظ) منزل.

● مهس ۽ ميسون: ث. نفس. نفساني خواهش - شهوت - ڪام. سخت چاهه - سوهه - عشق. پيار - سيڪ - آڪير - آڪنڊ. اچا - منشا - ڪامنا. حرص - منووڪار. خواهش - سڌ.

Gul Hayat Institute

" تنهن آديسن جي عشق ۾ مور نه مئي هئي ميس."
(غلام حسين شاهه) .

● مهيساوا (ت)؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مهيسٽ: ث. خواهش. شهوت. شوق. مهيس. (ڪاجرا).

● ميسر ۽ ميسرَ؛ ذ. صفت. (ع. يتسرّ). آسان ڪيل. آساڻيءَ سان هٿ لڳندڙ (شيءِ) - ممڪن الحصول - ملڻ جهڙو - لپندڙ. حاصل - حاضر - موجود - هٿ وَسيڪو. تيار.

- ميسرائي: ث. حاضري - موجودگي.

● ميسو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر آتر سرحد سنڌ ۾ حيدرآباد ضلعي ۾). (سينسز ١٩٣١ع).

● مهيسو: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم - ميسو پاڪ (جا چٽن جي اٽي ۽ گيهه مان ٺهي).

- ميسو پاڪ: ذ. مهيسو.

● ميسر هه: ذ. (ع) سڄي هٿ پاسي وارو لشڪر.

● مهش: ذ. (سن. ميشه). هڪ برج جو نالو. حمل - ميڪ.

- ميشي: ث. ريڙ جي رڳيل ڪل.

● ميشڪ (لس)؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم. (بيلا).

● ميعاد ۽ ميعادَ: ذ. (ع) وعدي جو وقت - مقرر ڪيل وقت - مدت - مدو - عرصو - وقت. جڳ - زمانو.

- ميعادي: صفت. ميعاد وارو - نهرايل مدت وارو - مقرر وقت جو.

- ميس مارڻ: خواهش ڪي ختم ڪرڻ - نفس ڪي مارڻ.

● ميس ۽ ميس: ث. ماٺ - چپ - صبر - خاموشي - مائوڙو.

- ميسڙو ۽ ميسڙا؛ ذ. صفت. ماٺ وارو - مائيٽو - خاموش - چُپاتو - صابر. منهن جو مٺو - ليبيسي. ڪجهڙو - ڏمڻ جو غريب. مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري ڪم ڪيندڙ. هالو يولو ميسڙو.

- ميٺو ۽ ميٺڙا؛ ذ. صفت. ميسڙو.

- ميسوڙو ۽ ميسوڙا (ڪ): ذ. صفت. ميسڙو - ميسڙو.

- ميسوڙو ۽ ميسوٽا (ڪ)؛ ذ. صفت. ميسڙو. ميسڙو.

● ميساڏي: اسم خاص. تعلقي تنڍي ڀاڳي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● ميسارڻ: مصدر. (سن. مترْ (يْ) ج = صاف ڪرڻ). صفا ڪرڻ. اڳيون نقش يا اڳيان اکر ڏوئي صاف ڪري ڇڏڻ - ميٽڻ - ڌاهڻ - ڪرڙڻ - ڦاٽڻ. وساري ڇڏڻ - ياد گيري) لاهي ڇڏڻ - پُلائي ڇڏڻ - رينڊ. هوچو ڏيئ برتن جي سوراخ کي بند ڪرڻ. (مهسارڻ - مهساريندو - مهساريل).

- مهساري ۽ مهسارا؛ ذ. ڌاهڻ مان صفائي ٿيڻ.

● ميڪ؛ ذ. ث. (سن. ميشه). ريڍ. ڌارهن رامين مان هڪ راس جو نالو - حمل - ميش (ف) تفاوت.

● ميڪ ۽ ميڪون؛ ث. (ف. مهيخ = ڪلي). لوهه جي ڪلي - ميخ - ڪوڪو. ول جو هڪ قسم. ميڪا ول. (ن.ب).

● ميڪليُ ۽ ميڪليُون؛ ث. فقير جو زيور. (ڊلهٽ).

● ميڪو؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر سکر ۾). (سينسز ١٩٣١ع).

● ميگهه ۽ ميگهه؛ ذ. (پرا ميهو. سن. ميگهه. ع. ميغ = ڪڪر) ڪڪر - بادل - ابر - گهٽا - مينگهه - ميخ مينهن - برسات - بارش - وَسَ. وَسڪارو - وارڪا - باران - جهڙ - آگر. راڳ جي ڇهن راڳڻن مان ڇوٿين راڳ جو نالو - ملهار (هندستاني موسيقي ۾ تشبيهي تصوير مطابق: وارن ڪارو، وشاڪ پيلي، هٿ ۾ تلوار، ڪڪر تي سوار).

- ميگهاچَنُ: ڌارهن ميگهن مان پهرئين ميگهه جو نالو - جهڙ جهڙ - گهٽو جهڙ - گهٽا ڪڙ - گهٽا گهنگهور. (ن.ب).

- ميگهه ملار: ذ. ساوڻ جي موسم - جهڙ - آگر.

● ميگهواڙ ۽ ميگهواڙ: ذ. صفت. چمڙي جو ڪم ڪندڙ - موچي - مينگهواڙ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو - ميگهواڙ.

Gul Hayat Institute

● مهيگڻي ۽ مهيگڻيون (ل)؛ ث. قولڙي ـ قولهڙي ـ قوگڻي.

● مهيڳ: ذ. (ع. مهيغ. پرا. مهيه. سن. مهيگهه = ڪڪر) ڪڪر ـ ابر ـ بادل ـ ميگهه.

● ميڪائيل: اسم خاص. (ع). ڇٽن وڏن ملائڪن مان هڪ ملائڪ ـ مخلوقات کي رزق رسائيندڙ فرشتو.

● ميڪر ۽ ميڪرَ: ذ. (سن. مَکَرَ = مانگر مَچ) مانگر مَچ (سر گهاتو ـ گر).

● مهڪ سنڊاڻ ۽ مهڪ سنڊائون (ت): ث. سنداڻ جو هڪ قسم ـ ڪوڏر يا ڪهاڑيءَ جي پاڻ موڪرن ڪرڻ جي سنداڻ.

● ميڪنگل (اس): اسم خاص. بروهي قوم جو هڪ قبيلو. (ن. بلوچ). (پيلا).

● ميڪڻ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ميڪڻ: مصدر. دانهون ڪرڻ ـ رڙڻ ـ روئڻ ـ روئڻ ـ روڄ ڪرڻ ـ رودن مچائڻ ـ فرئڻ. ٻلي جو ميائو ميائو ڪرڻ. (مهيڪيو ـ مهيڪيندو ـ مهيڪيتل).

= ميڪ ۽ ميڪون: ث. رڙ ـ دانهن ـ ڪوڪ ـ ڪيڪ ـ رٻهه ـ ڪيڪاٽ. هوڪ ـ واڪو. روڄ ـ رودن. هاشي (هاز) پکيءَ جي دانهن.

= ميڪيٽي ۽ ميڪيٽيون: ث. صفت. دانهون ڪندڙ ـ ڪيڪون ڪندڙ ـ ڪيڪاٽ ڪندڙ. (ث). ڪري. ٻلي.

● ميلخورو ۽ ميلخورا: ذ. نڊيو ڪوٽ ـ واسڪوٽ. صدري.

● ميلَ دڪٽي: ذ. پساركي وڪر جو هڪ قسم ـ دواطور ڪرائيندڙ ڪوئر جو هڪ قسم (ن. ب).

● ميلڻ: مصدر. (پرا. مهيل (اي). سن ميلي (تي) > ميل = ميلڻ) ملائڻ ـ ڳڏائڻ ـ پيڙائڻ. سڪ ميلو ڪرائڻ ڳڏ ڪرائڻ. ڳڏ جاڻي ڪرائڻ. پيڻ. پرچائڻ. ناهي چڏڻ. (پڙيءَ جو سڙهه) هيٺ ڪرڻ. (مهيلو ـ مهيلينده ـ مهيليل).

● ميل ۽ ميل: ذ. (سن. ميل = ملڻ) مسلڻ جي حالت ـ ميلاپ ـ ملاقات ـ گڏ جاڻي ـ گاڏاپو ـ لاڳاپو ـ تعلق. ڳانڍاپو ـ رابطو. واسطو. سنهڙ. ملاوٽ ـ آميزش ـ ميلاوٽي. ملڻساري ـ اتفاق ـ پڌي ـ اتحاد ـ ايڪو. دوستي ـ سنگت ـ يارانو ـ مترتا ـ ياري ـ سنگ ـ محبت. ناهه ـ صلح. پرچاءُ. جوڙ ـ جيس ـ ٽاني. ميڙ (ماڻهن جو) ـ ٽولي ـ جماعت ـ ڏنب. هڪجهڙائي. نئين ڳوٽ ـ واهڻ. لاڙو. رغبت ـ چاهه. محبت. (سن. مَلَ = سَرُ) مٽي ـ گد ـ ڪچرو ـ ميل. ڏيهي حساب جي اصطلاح ۾ دڪان جي حساب ڪتاب جو ڪتاب ـ وهي.

= ميلاپ ۽ ميلاپ: ذ. ملڻ جي حالت ـ سنجوڳ.

= ميلاهو: ذ. ميلاپ ـ ميڙو.

= ميلائيتو ۽ ميلائيتا: ذ. صفت. ميل رکندڙ ـ ميل وارو ـ صحبتي ـ سنگتي. ناهه وارو. صحبت پسند ـ رلڻو ملڻو (ظرف). ناهه ۾ ـ ناهه سان.

= ميل جوڙ: ذ. لاڳ لاڳاپو ـ ڳنڍ ڳوپ. واسطو ـ تعلق. ناهه ـ صلح.

= ميل جُول: ذ. ميلاپ ـ گڏ جاڻي. لهه وچڙ. آٽ ويهه ـ آڏل پڏل.

= ميل سَنڀ لڻ: واپارين جي اصطلاح ۾ حساب ڪتاب جانچڻ.

= ميل ڪَيڻ: دڪان ۾ پيل سامان جو حساب ڪرڻ.

= ميل ڪرائڻ: مشابهت ڪرائڻ: ملائڻ. ڪپڙو سوڙهو ۽ پورو آڻڻ. (گاجرا).

= ميل ڪرڻ: ميڙ ڪرڻ ـ گڏ ٽيڻ ـ ڏنب ڪرڻ. ماڻهو گڏ ڪرڻ. ميلاپ ڪرڻ ـ وصل ڪرڻ. گڏ جاڻي ڪرڻ. ٽولو ولي ڪنهن وٽ وڃڻ. اتفاق ڪرڻ ـ پڌي ڪرڻ.

= ميل ڪاڏ: ذ. صفت. سوڙهو آڻيل (ڪپڙو).

= ميل مچ: ث (ت): فساد ٽيڻ. جهيڙو وڌڻ.

= ميل مُرادي جاچڻ: حساب ڪتاب (دڪان جو) جاچڻ ـ حساب ڪيڻ.

= ميلي ۽ ميلي: ذ. صفت. ملڻو ـ ميلاپي ـ ميلائتو ـ سجڻ ـ دوست. دوستي ـ واقفيت.

Gul Hayat Institute

● مَيْلُ ۽ مَيْلَ: ذ. (سن. مَلَ = مَٽر) مَٽر- مٽي- مَنڊل- مهير- گند- ڪنُ- ڪچرو. زنگ- ڪَٽَ. (اندر جو) ڪوٽُ- پيائي. ڏُکُ- ڏمر- تڪليف. مدي. ڪُدورت خرابي. حلّ- گڏيل شيءِ. رگڙيل (شيءِ). (انگ Mile = ميل) مفاصلي جو ڪجهہ انداز- اٽن فرلانگن جو مفاصلو- اڏ ڪوءُ.

■ مَيْلارو ۽ مَيْلارا (ث): ذ. ميل وارو- گند و.

■ مَيلُ خورُ (ت): ذ. گهوڙي جي ٻڍيءَ جي پگهر کان بچڻ لاءِ نيري رنگ جو ڪپڙو. جلدي ميرو نہ ٿيندڙ ڪپڙو.

■ مَيْلخورو: ذ. ميلخور.

■ مَيْل رَکو (ث): ذ. ميلخورُ.

■ مَيْل کَيَنُ: مِٽي مَٽر وغيره کيڻ. گَٽر کيڻ. ڏوئي صفا ڪرڻ. (سون) سُوڏنُ. (ڪنڊ) نڪيڙڻ.

■ مَيْلُو ۽ ميْلا: ذ. صفت. ميرو.

● مِيلُ: ث. ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو. (ک- ن. ب). (اسم خاص). تعلقي ڪنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● مِيلُ: ذ. ڪاڻاٽي جو هڪ انداز (اربن ڪان مٽي). (گاجرا).

● مِيلاپ ۽ مِيلاپَ: ذ. (سن. مِيلَ = ملڻ) ملڻ جي حالت- مِيلُ. ملاوت. اتفاق- ٻڌي. ميل جول. گڏجاڻي. دوستي. واقفيت. ناهه- صلح. پرچاءُ رضامندي. موافقت- هڪجهڙائي.

■ مِيلاپو ۽ مِيلاپا: ذ. ميلاپ.

■ مِيلاپي ۽ مِيلاپيُ: ذ. صفت. ميلاپ وارو- ميلانتو. ملڻو. آشنا- واقف. (ث). دوستي.

● مِيلاڙُو ۽ مِيلاڙُوا: ذ. ڏيارو جي رات هرهڪ هندو مرد ڪاڻيءَ کي ڪهہ يا اڳڙي ويڙهي، ان کي تيل مکي، ان جي مٿان اڳڙي ٻڌي هاريندو آهي، اهڙو پرندڙ ڪانو. (گاجرا).

● مِيلادُ: ذ. (ع). ولادت جو وقت- پيدا ٿيڻ جو زمانو. (آصفيہ).

● مِيلان: ذ. صفت. (ع). رُجحانات- لاڙو- رغبت. طبيعت جو لاڙو. خواهش.

● مَيْلُ خورُ ۽ مَيْلُ خورَ: ذ. گهوڙيءَ جي ٻڍيءَ تي سنجن جي هيٺان رکڻ جو ڪپڙو- ميل رکو.

■ مِيلوُ پَرجَنُ: ميلي ۾ تمام گهٽا ماڻهو اچڻ- ميڙو پرهجوم ٿيڻ.

■ مِيلوُ ڪَرڻُ: ملڻ- ملاقات ڪرڻ- گڏجڻ- گڏجاڻي ڪرڻ.

■ مِيلِيُ: ذ. صفت. مِيلڻو- ميلاپي- ميلانتو. ملنسار- صحبتي- صحبت پسند.

● مَيْلُو ۽ مَيْلا: ذ. (سن. مِيلَ = ملڻ) ڪنُ- ڪچرو- ٻُهر- گندُ. مَٽيلُ- مَٽيلُ- مِٽي- مَٽرُ. ڪُونهہ- وشنا- ڪرفتي.

● مِيلهہ ۽ مِيلهِيُونُ: ث. ڪاهہ وقت ڏاندن جون ڪڇيون سوکهيون رکڻ جو نوڙ.

● مَيْلاي ۽ مَيْلائيُونُ: ث صفت. (ع مائِلُ. ف = آماده = هڪ پاسي لڙيل) آماده. نينهن لڳل عورت. آها اوڏڪي پيٽ جا پيڙهہ واري ويڪر بعد ٻنهي پاسن کان اندر تي مائل ٿيندي چوٽي وٽ پيڙهہ واري ويڪر جي اڌ جيتري ويڪري اچي ٻيهي (شهِلي جو ضد) (ن. ب).

● مِيمَ ۽ مِيمُونُ: ث. (انگ). وڏ گهراڻي عورت. بيبي- بانو. انگريز عورت. راڻي (پتن ۾).

● مِيمُرَ: ذ. (ع. مِيمُر = شراب) اکر "م" جو آچار. حضرت محمّد صلي الله عليه و سلم جن جي نالي مبارڪ جو پهريون اکر.

"اوڏي ٽي الف کي، متن گڏيائين ميم سين". رمز- ڪجهہ- راز. (علمِ نحو).

● مِيلْمَٽهار: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● مِيلوُ ۽ مِيلا: ذ. (ڦرا. مِيلو. سن. ميلڪ > ميل = مِيلَنُ) ملڻ جي حالت- ميل- ملاقات. ميلاپ- سڀا- ميڙ- منڊلي- ڪچهري- مجلس. عام جو مجموعو- البوهہ- هجوم. ڪنهن جاءِ تي گڏ ٿيل مائهن جو ميڙاڪو- مهيڙو. سالياڻو جلسو

Gul Hayat Institute

(جتي قسمين قسمين دڪان وغيره لڳل هجن).
اولياءَ تي مقرر ٽيل ڏينهن جو مجموعو.
= ميڙهه ۾ گهالهڻ ڪرڻ: ڪجهو گهالهائڻ- لڪ چپ ۾ گهالهائڻ.
● ميڙهبر ۽ ميڙهبر: ذ. صفت. (انگ). رڪن- مجلسي- جماعتي. هڪ ماٿو- ڇڙو. صاحب- آءل- حصيدار- شريڪ (آصفيه).
● ميڙهمنڊ: ث. (ع). ڪهي هٿ وارو لشڪر.
● ميمڻ: اسم خاص (سن. ممنّ = برڪت، سعادت). سعادتمند. مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو (شيخ، نومسلم ڪڇ پڇ سان آيل. ۱۰ پاڙا، انجر، برهڻيا، ٻوترا، دائلائي، ڪلاڙ، هالائي، جورائي، سجهلائي، سيٺيا، زڪريا). (سينسز ۱۹۳۱ع)
● ميمڻي ۽ ميمڻيڻ: ث. ڪري جو قسر- چپلو- لپلو.
● ميمو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾). (سينسز ۱۹۳۱ع).
● ميمي ۽ ميمپڻ (ل): ث. دولت- ناڻو- مايا. "مون وٽ ميمي ٿوري ناهي، جيڪي خرچ اوهان کي ڪرڻو هجي سو ڪريو" (جملو).
● ميمارڻ: مصدر. (ميڙهه) وبڑهڻ. (ميمارڻ- ميمارڻ ڀلو- ميمارڻ ڀل).
● مينگو ۽ مينگو: ذ. صفت. مينگون ڪندڙ- مينگائو. (ن.ب).
● مينڊ: ث. (سن. منڊ = منڊڻ). مڇ.
● مينڊڻ: (ث): مصدر. پورڻ- بند ڪرڻ. (مينڊيو- مينڊيندو- مينڊيل).
● مينديءَ ۽ مينديءُ: ث. (سن. منديڪا = مندي). ٻوٽي جو هڪ قسم. مندي جي ٻوٽي جا پن (جي سڪائي پيهي، پسائي هٿن پيرن کي هڻجي ته هٿ پير گوڙها ٿين)- حنا.
= مينديءَ لائڻ: شاديءَ جي رات گهوٽ ۽ ڪوار جي هٿن پيرن کي سوڻ طور مندي هڻڻ.
● مينڊا ڦل ۽ مينڊا ڦل: ذ. ڪنهه جو هڪ قسم (جو پيشانيءَ مٿان مينڊ جي ٻنهي پاسن تي لڳي).

● مينڊ ياريءُ: ڪراچي ضلعي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مينڊڙ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مينڊڙ ۽ مينڊ (ت): ذ. وهٽ جي ڪچيءَ ۾ سونهن لاءِ هٿڙل رنگارنگي رسو- مهينبند. (صفت). بي عمت. ليلهڙ. اڌ س.
● ۾: حرف جر. (سن. مدْيَ). اندر- منجهه- ڏر- وچ ۾.
● ٻين: ذ. (آواز). ٻڪريءَ جو ڪيل آواز.
● ميڻ: ضمير. (سن. مٿيا). اڻون- مان- سون.
● ميڻ ۽ ميڻون: ث. (سن). مٽي- حوت. هڪ ٻرج جو نالو. وشنوءَ جي ٻهرين ڏهن جوٽن جو نالو.
= ميڻ ٻيڪ: ذ. ٻرج حوت ۽ حمل. شڪ ٿيهو.
= ميڻ ٻيڪ نه ڇاڻڻ: پل ڪپ نه ڇاڻڻ.
● ميڻ ۽ ميڻ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وڪر جو هڪ قسم- توتيو. ميناڪاري. چٽسالي.
● مينا ۽ مينائون: ث. مينو آواز پوليندڙ جاهلو ڪيءَ جو هڪ قسم (چيائي ڪنهن سان).
● مينا ۽ مينائون: ث. اسم. (ف). نيلي رنگ جو پٿر. نيلي پٿر جي چانديءَ تي ٽيل چٽسالي. مرصع ڪاري- ميناڪاري- مين. فيروز رنگ. (شراب جو) شيشو- ٻاٽلي.
= مينا ڪار ۽ مينا ڪار: ذ. صفت. سون چانديءَ تي رنگيني جو ڪم ڪندڙ- مينا چاڙهيندڙ. مرصع ساز.
= مينا ڪاري ۽ مينا ڪار ٻون: ث. سون چانديءَ تي چٽسالي ۽ جو ڪم- مينا- مين. چٽسالي- مرصع سازي.
● مينار ۽ مينار: ذ. (ف). مناروَ.
= مينديءُ ڳنڊائيڻ (ت): مٽي جا وار ڪيڙي سان ڳنڊائڻ- ويڙهائڻ.
● مينڪ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر اتر سرحد سنڌ ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

Gul Hayat Institute

● مِينڪ ۽ مِينگ (ک): ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، رنگ اڇو، بدن مرڪول ۽ ڏکوئيندڙ ڏوڪ کان ٻن فوٽن تائين).
= مِينگاچو ۽ مِينگاچا: ذ. مينڪ جو نڍيو ٻچو. (ن.ب).
● مِينگتر ۽ مِينگترِيُون (ک)؛ ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪڪي جهڙو، پڇ سينگاري مڇيءَ وانگر بناچلرن جي).
● مِينگڙِي ۽ مِينگڙِيُون (ٿ)؛ ث. پکريءَ جي ڦولهڙي - ڦوڪٻي - مينگڻي.
● مِينگل: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● مِينگڻِي ۽ مِينگڻِيُون (ٿ): ث. مينگڙي.
● مِينگهه ۽ مِينگهه: ذ. (سن. مگھ. = برسات). ميگھ. مينهن جو مانڌاڻو - ملهار جو مندل. چنمر چانو. ڪار ڪوٽ. مينهن وسڻ جو سعيو. برسات جا بادل - مينگھ ملهار. برسات جي موسم. جهڙ.
" نڪا چوهه چمر جي نڪي مينگهين مينهن. "
چهن راڳن مان هڪ راڳ.
● مينگهلو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مِينڊرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مِينڊرو: ذ. مينڊرا ذات جو هڪ ماڻهو. (ڪناية) مومل جي عاشق راڻي جو ٻيو نالو. (چاڪاڻ ته راڻو ذات جو مينڊرو هو).
● مِينڊَ ۽ مِينڊُون: ث. ورهيچ - ڪُڇ ڪوپ - و ڪڙ سڪڙ - وٽ سٽ. آواز. سُر. (ت). ڪائڻ جي هڪ اعليٰ مملوڪت.
= مِينڊَ بندَ (ت)؛ مِنڊو آواز يا سُر ڪيڻ.
= مِينڊَ ۾ مارِئِي ڪائِيُن: ڪجهي طرح ڪاهه ڪرڻ - ڪجهه ۾ ڪم ڪرڻ.
● مِينڊو ۽ مِينڊا: ذ. وار - زلف. وارن جي ڪُٽ - چوٽي.
● مِينڊِي ۽ مِينڊِيُون (ت): ث. (سن. وينِي). وارن جي ڪنديل چڪ - ڪُٽ - چوٽي.
= مِينڊِي چوڙُن: ونواهه ۾ ويهارڻ وقت ڪنوار جا وار چوڙڻ سنئرُ ٿوڙڻ - عصمت دري ڪرڻ.
= مِينڊِي فُلَ ۽ مِينڊِي فُلَ: ذ. چوٽيءَ ۾ وارن جي ٽاڪ چانديءَ جا لڳل گول بڪل - چوٽي فُل.
= مِينڌهَنَ وساڙو ۽ مِينڌهَنَ وَساڙا: ذ. هڪ قسم جو ڳاڙهي رنگ جو جيءَ - مينهن جو مامو (ٿ) - ميهن ماس. هيبدو ۽ عيندوا.
= مِينڌهَنَ وَسائِي ۽ مِينڌهَنَ وسائِيُون (ڪ): ث. مِينهن و ساڙو. مينهن وسندي چاول نياڻي.
= مِينڌهَنَ وَسَنڊِي: ظرف. اوڪيءَ مهل - آڏاوسو - ڏڪيءَ ويل - ضرورت مهل.
= مِينڌهَنَ وسَنڊِي ڪَمَ آڻڻَ: آڏڪيءَ مهل ڪم آڻڻ - ڏڪئي ويل ڪم آڻڻ - ضرورت جي وقت ڪم آڻڻ.
= مِينڌهوڪِي ۽ مِينڌهوڪِيُون: ث. مينهن جي موسم - برسات - بارش - ميهن.
● مِينڌهَنِ: ذ. ڪيءَ جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جو، جهڙ يا مينهن جي موسم ۾ هوليون ڪندڙ).
● مِينڌهو ۽ مِينڌهِيا: ذ. ميڙو. (گاجرا).
● مِينڌَ ۽ مِينڌَ: ذ. (ف. موم = ميڻ). ماکيءَ جي مکين جو ڪڍ ڪيل سڏو مادو (جهن مان مانارو ٺاهين) - موم. (صفت). نرم - ڪُٽرو - ملايم.
= مِينڌَ بتِي ۽ مِينڌَ بتِيُون: ث. ميڻ جي ٺهيل بتي - موم بتي - شمع - شمع.
= مِينڌِيو ۽ مِينڌِيا: ذ. ميڻ جو ڪلف ڏنل ڪپڙي جو هڪ قسم (جو مينهن ۾ پائجي تہ مٽس پاڻي نہ پهچي سگهي). ميڙهو.
● مِينگهو ۽ مِينگها: اسم خاص. (مانگھ مهيني مان) هنڌڪو ۽ ماڙيچڪو نالو.
● مِينگهو ۽ مِينگها (ت): ذ. صفت. آهستي هلندڙ - ڍلو.
● مِينگهواڙ ۽ مِينگهواڙَ: ذ. اسم. ميگھواڙ.

Gul Hayat Institute

● مينُ مينُ: ث. (آواز). (هڪريءَ جي) ٻاڪار - ٻوڪ - ٻي ٻي.
● مينُو: ذ. مينا.
● مينهينُ ۽ مينهُونُ: ث. (سن. متهش = مينهين) چوپائي جو هڪ قسم - سانهه يا ٻاڏي جي مادي (صفت). تمام ٿلهو - موٽو - دُمد ستو - ڊينگ.
- مينهُونُ داغائيٽ (ت): نقصان رسائڻ - ٽوٽو وجهڻ - چيهو پهچائڻ.
- مينهُنُ سائيي ٽيٽ: مينهن جو ڏڪو ٽيٽ.
● مينهُنُ ۽ مينهُونُ: ذ. (سن. مينهه، ميگهه = برسات) برسات - بارش - وس - وسکارو - باران.
- مينهُنهانُنُون ۽ مينهانُنُان: ذ. صفت. مينهن جو - بارائي - بارشي - مينهو گيءَ جو.
- مينهُنهاڻو ۽ مينهُنهاڻا: ذ. صفت. مينهائڻون - مينهو گيءَ جو.
- مينهُنُ مَتاسُ: ذ. مينهن جي موسم ۾ ٻيدا ٿيندڙ جيت جو هڪ قسم - مينهن وساڙو. (گاجرا).
- مينهُنُ واءِ سَري آچنُ: تمام ٺڪاڙو اچڻ - تيز اچڻ.
- مَيُو مَتو ۽ مَتيا مَتا: ذ. صفت. ڏاڍو مَتو - مَيو مَتارو.
● مهيوات ۽ مهيواتُونُ: ث. (ف. ميوه جات). ميوو - ميوه - قل.
● مهيُوائيي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. چانگ ياوچن جو هڪ قبيلو.
● مهيُونُ ۽ مهيانُ: ذ. آقا - والي - وارث - خداوند. مالڪ - سرڪار - حاڪم - سردار. خاوند - شوهر - مڙس - پتي - سائين. (آصفيه). مولوي جو لقب (ل). ميان. ميانجي.
● مهيُوو ۽ مهيوا: ذ. (ف. ميوه = ميوو). ميوه - قَل - قَمر - ثَمر.
- مهيوجات: ث. ميوات.
- مهيُو يدار ۽ مهيُو يدارَ: ذ. صفت. قل وارو - قرواروَ - مُثمر - ڦلائتو.
● مهيُوو گهاڻگهيرو: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● ميهُ ۽ ميهَه: ذ. (سن. ميگهَ = ڪڪر). مينهن - برسات - بارش.
"ڪاري رات ڪچو گهڙو - متان وسي ميهه."
(شاهه، سهڻي - گر).
ڪوڙهن جي ورڪا. (ديسي - گر).
- ميهُنُ ٽيٽنُ: نرم ٽيٽ - ڪنٽروٽيٽ - ڪومل ٽيٽ - ملائير ٽيٽ.
- ميهُنا (ت - ث): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ميهُنانُ: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ، تعلقي ٽنڊي باگي ۽ تعلقي ڪمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو. (نست).
● ميهٽهو: ذ. ميٽ جي تهه وارو ڪپڙو (جو پاڻي ۾ پُسي نه سگهي) - ميٽو.
● ميٽهو (ث). اسم خاص. هڪ ڏهر جو نالو.
● ميٽقَلُ ۽ ميٽقَلَ: ذ. ٻارڪي وڪر جو هڪ قسم (اڪروٽ وانگر ڳاڙهاڻ تي مائل ۽ ميراڻ تي ذائقي ۾ ڪوڙو) - ٽوهه. (آصفيه).
● ميٽو: ذ. گاهه جو هڪ قسم (لوسن جهڙو، مٽرن ۽ ڪڪ ۾ پاڻهي آيري). (ن.ب).
● مَيو ۽ مَيا: ذ. (سن. مَيَهَ = آڻ). جانور جو هڪ قسم - آڻ - شُتر. ڪاري جي مچيءَ جو هڪ قسم بنا چلرن، رنگ اڇو، ڏيگهه چئن انچن تائين). (سن. مَيَهَ = پريل) پريل - پُر ٽيبل. ڏاول - متارو. مَڏُ وارو - مايا وارو - بي پرواهه. ٻياڪ. پَلوان - بلياروَ - قوي. جُنگ.
"مرد منجهه ميدان مانجهي مل ميا نه ٽيا"
(مهيري علي محمد)
"برهه بي رنگ بي حساب، ٿو مَيَن جي مت منجهائي"
(مصري شاهه)
- مَيو مَتارو ۽ مَيا مَتارا: ذ. صفت. جبرو - جانڙو - قوي - جُنگ - ڏاڍو سُڻو - ٽلهو متارو. چڱو پلو - تند رست - ٺيڪ ٺاڪ.
- ميهُ رو مامو (ث): ذ. مينهن وساڙو.
● ميهُارُ ۽ ميهُارَ: ذ. صفت. (سن. ميهش = مينهن). مينهون چاريندڙ - ميهرَ. (اسم خاص). سُهڻيءَ جو عاشق.

Gul Hayat Institute

● مِيهاڳُ: ذ. ث. مينهن جو ڏڻ.
— مِيهاڳُ بَڌڻُ (ت): مينهون چوري ڪرڻ.
● مِيهارڪِيُ: اسم خاص. تعلقي جيمس‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مِيهاڻِيُ: اسم خاص. گورچاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو. (تاريخ بلوچستان).
● مِيهَرُ ۽ مِيهَرَ: ذ. صفت. مينهون چارينڊڙ- ميهار. (ذ). ميهار جي هُونگ ڇڙو آواز ڪندڙ ڪِيءَ جو هڪ قسم. (ت).
● مِيهَرُ حاجِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مِيهَرُ شاهُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مِيهُڙُ ۽ مِيهُڙا: ذ. صفت. ميهڙو. عيب. طعنو- عتابُ. (ڪلياڻ- گر).
● مِيهُوُ ۽ مِيها: ذ. پاڃِيءَ جو هڪ قسم. (صفت). مينهن جو.
● مِيهُوئِيُ: اسم خاص. تعلقي ٻڍي عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مِيهُڻِيُ: اسم خاص. حب نديءَ جي اوپر طرف هڪ جبل جو نالو. (ن. ب).
● مِيءُ: اسم خاص. (سن. مَتْسِيه = مڇي) هڪ ذات جو نالو (جا ماڇيءَ ڪم ڪري). (ذ. صفت). مهاڻو.
— مِيهُڪُوُ ۽ مِيهُڪا: ذ. صفت. مهاڻي جو- ميربحر جو.
● مِيهُڪِيُ (ل): ذ. ٽوپهي يا سهيي جو هڪ قسم.

ن

ن: آچار نُونُ. عربيءَ جو پنجويهون، فارسيءَ جو اوڻيهون، سنسڪرت ۽ هنديءَ جو ويهون، اردوءَ جو ٻيهون ۽ سنڌيءَ جو ستيتاليهون اکر. ابجد موجب سندس عدد پنجاهه (٥٠).
● نَ: ظرف. (سن. نـ. ف. نه) انڪار جو لفظ- ناڪاري جواب- نفي- ڪونه- مَ- مڙان. جيئن تہ (نہ وَڃُ). عجب يا تاڪيد وارو لفظ. جيئن تہ "ڪهڙو نہ سنو ڪِڙو آهي".
— نَہ آڏَ سُڪَڻُ نَہ هارو پَرُجَڻُ: پورو سورو ڪم ٽِيڻ.
— نَہ آنڊِ نَہ هانڊ: نہ هي چيڙو نہ هو چيڙو.
— نَہ آنِيءَ د لوُ پَڄَڻُ: هارڻ مي راند جو هڪ قسم.
— نَہ پِنِينُ: نہ جاڻان- ڪوهہ جاڻان.
— نہ تَہ: ث. (سن. نوچيت. نَهِ + تَرُهِ) بي حالت ۾- بي طرح- اڳو- جيڪر.
— نَہ تِيرِ يءَ ۾ نَہ مِيرِ يءَ ۾ هُجَڻُ: ڪنهن جو طرفدار نہ هجڻ.
— نَہ تِيڻِ ۾ نَہ تِيرَهَنُ ۾: بي طرفدار- ڪنهن به پاسي نہ- نہ لفعي ۾ نہ نقصان ۾.
— نَہ ٽِيڻُوُ ۽ نَہ ٽِيڻَا: ذ. نہ ٽيڻ جوگو- ناممڪن- اسمتيوَ- ناشدني- محال- اساڌيہ. (ث. نہ ٽڻي ۽ نہ ٽڻيون).
— نَہ دادُ نَہ فَرُيادُ: انصاف نہ ٽيڻ واري حالت- ظلم- قهر- زور- بي دادي- انڌيري نگري- دانهن نہ ٻڌڻ يا فيصلي نہ ڪرڻ واري حالت.
— نَہ دادِي نَہ استادِي: نہ ڏُهِي نہ ٻيٽِي- ناحق- هرو پرو- ڪنهن به ڏوهہ ڪان سواءِ.
— نَہ ڏِيڻُو نَہ لهڻُو هُجَڻُ: قرض نہ هڻڻ.
— نَہ رائِي نَہ راڄِيُ هُجَڻُ: ڪوبہ عادل حاڪم نہ هجڻ- انصاف وارو نہ هجڻ.

Gul Hayat Institute

= نہ کا ہائي نہ کا ہُنّي هُجڻ: چڑو چانڊ هڻ - يڪي سر هڻ.
= نہ کا گهٽ گهوٽ م نہ کا ڪمي ڪُنوار م هُنڻ: وڏهندڙ ٻئي ڏ ريون هڪ جهڙيون هڻ - ڪوبه گهٽ وڌ نہ هجڻ.
= نہ کا هٿ نہ کا ٽنگ ڪڙڻ: بنا و چار جي ڪم ڪرڻ - نہ سوچڻ نہ سمجهڻ.
= نہ ڪَڻ نہ جَڻ هُڻڻ: ڪابہ خبر نہ هڻ - ڪو شڪ ئي نہ هڻ.
= نہ ڪُهڻ جو نہ ڏُهڻ جو هُڻڻ: ڪنهن ڪم جو نہ هڻ - بيڪار هجڻ.
= نہ گهر نہ ٽنڊو هُجڻ: بي گهر هجڻ - بي وارثو هجڻ. رول هجڻ. ري ملڪيت هجڻ.
= نہ لاءِ نہ ساءِ هُڻڻ: ڪوبہ مزو نہ هجڻ - ڪوبہ سواد نہ هڻ.
= نہ مُنجو نہ مُنهن: ڪنهن پڄت ڪان سواءِ - سُڄو - پينگيو.
= نہ مُنڊ نہ سال: ان مُنڊائتو - بي وقتو. اوچتو - آڪ - بي موقعي - بنا مهل - بي موسمو.
= نہ مُنهنجي نہ ٽوٽي: بنا ٽيڪ - بنا آڌار. سُڄو - پينگيو.
= نہ هُڻڻي م نہ ڪُڻڻي م هُڻڻ: بي طرفدار هڻ - ڪنهن بہ پاسي نہ هڻ - بلڪل الڳ هڻ.
● نہ: (سن. نير > نيس > نہہ. هڪڙو آسرگ ڪاري بنائڻ لاءِ اڳيان ڳنڍيل لفظ) - سواءِ - بي - گهٽ - باهر. جيئن ته: "نڪمو، نڪارو". نير - نيش. نِدان - نيٺ. نہ امڻ واري حالت - نيهر.
● نا: ظرف. (ف. نا. سن. نا = نہ، بي، سواءِ) حرف انڪار - ناڪاري جواب. ان - بي - سوا - ڪان سواءِ. نہ - انڪار - ناڪار - مٽان - مر. ڪي. جيئن ته: "رسالي ڪي گهٽي ڪم ڪري، هلائي نہ سگهياسين". (ث).
= نا اِتّفاقي: پاڻ م نہ نڀڻ واري حالت - ٻگاڙو - ناسازي - ان ناهه - ان پَوند - اڻبٽ - نفاق - بد ساوڪي - و نجوگ - ڦيٽاڙو - ڦوٽ - ڦيراڙو - ڪُرسي - روسامو - ڦِڪَت. تڪرار - عداوت - ويرُ - دشمني - خصوصت - وِرون. علحدگي - ڪشيدگي - شڪر رنجي.
= نا اُميدُ ۽ نا اُميدَ: ذ. صفت. اميد نہ پوري ٿيڻ واري حالت وارو - مايوس - نِراس - بي آس - ناڪام - بي آميد - محروم - خستو - شڪستو.
= نا اُميدُ ٿيڻ: مايوس ٿيڻ - نِراس ٿيڻ - ناڪام ٿيڻ. دل ٽٽڻ - آس ٽٽڻ.
= نا اُميدُ ڪرڻ: مايوس ڪرڻ - بي آس ڪرڻ - نِراس ڪرڻ - ناڪام ڪرڻ. دل ٽوڙڻ - آس ٽوڙڻ.
= نا اُميدي ۽ نا اُميدِيون: ث. مايوسي - نِراسائي - ناڪامي - دل شڪستي.
= نا اِنصاف ۽ نا اِنصاف: ذ. صفت. جنهن سان انصاف نہ هجي - بي انصاف - انصاف ڪان سواءِ - عدل ڪان سواءِ - نا منصف - حق ناشناس - انيائي - اڌرمي - هٽ ڌرمي.
= نا اِنصافي: ث. انصاف نہ هڻ واري حالت - ڪنيائي - بي انصافي - بيدادي - ظلم - اندير - انياءِ - اڌرم - هٽ ڌرم.
= نا اِنصافي ڪرڻ: بي انصافي ڪرڻ - ڪنيائي ڪرڻ - انصاف نہ ڪرڻ - حق تي نہ هلڻ - ناحق ڪرڻ - ظلم ڪرڻ.
= نا اَهلُ ۽ نا اَهلَ: ذ. صفت. ڪابہ اهليت نہ رکندڙ - ناشائسته - نالائق - نا هنجار - ناقابل - ناموزون. بي تهذيب - بد تميز - اڊنگو - ڪلچٽو - گنوار - ٽينگ - ڪُڌو - ڪم ذات - اوچو - نيچ - ڪمينو - ڪرتن ڪِنو - ڪُماڻهو - اکهو - سُڪالو - بيمار.
= نا بالِغ ۽ نا بالِغَ: ذ. صنت. بلوغت جي عمر کي نہ پهتل - ارڙهن ورهين کان گهٽ عمر وارو - ان پوري عمر جو ماڻهو - نا رسيدو - صغير سن - ڪمسن - نِڍو جوان - صغير. ٻار - ٻالڪ - نو عمر. نادان - نا سمجهه - ان سامايل.
= نابالِغي: ث. نابالغ واري حالت - نوعمري - ڪم سني - بالا پڻ - نڊپڻ - الڙهائي.

= نَابِرُ ☆ نَابِرَ: ذ. صفت. حکم نہ مچیندڑ- انکار کندڑ - ناہري کندڑ - نافرمان-مقابلو کندڑ- سامھون ٹیندڑ - ویري - وِروڈي - برخلاف.

= نَابِرِي: ث. نہ مچڻ یا چیو نہ کرڻ واري حالت - ناکار - انکار. مقابلو. برخلافي - مخالفت- وِروڈ - وِگھن. جواب - عَدول.

= نَابِرِي وارَنُ: انکار کرڻ - ناکار کرڻ. نہ مچڻ.

= نَابَکارُ ☆ نَابَکار: ذ. صفت. نالائق - نکمو.

= نَابُوتُ: ذ. نابود - فنا.

= نَابُودُ: ذ. صفت. نہ رهڻ واري حالت وارو- چٹ ٹیل- ناس ٹیل- ویران - برباد - نیست - معدوم- آپاؤ - سٹشٹ - چٹ - فنا. ختم - گم. (ذ). نیستي.

= نَابُودُ ٹِیَنُ: چٹ ٹي وڃڻ - برباد ٹیڻ - ناس ٹیڻ - نیست و نابود ٹي وڃڻ - پائمال ٹیڻ - معدوم ٹیڻ.

= نَابُودُ کَرَنُ: نیست کرڻ - معدوم کرڻ - چٹ کرڻ - مٹائڻ - فنا کرڻ - آجیڑڻ.

= نَابُودِي ☆ نَابُودِیُونُ: ث. بربادي - تباهي- عدم- آپاؤ- ناسیتي- پائمالي- وناس - فنائي- نیستي - سٹیاناس. خرابي - گھات. لیاز. نماڻائي.

= نَابِینُ ☆ نَابِینَ: ذ. صفت. ڈسي نہ سگھندڑ- اکین کان معذور - سورداس - نابینا - انڈو - اکین کان سجو - معدوم البصر - کور. حافظ.

= نَابِیٹَا: ذ. صفت. نابین - انڈو.

= نَات: ظرف. نہ تہ - پي حالت ہر.

= نَاتَازُو ☆ نَاتَازَا: ذ. صفت. تازي توانائي نہ هڻ واري حالت - بیمار - اگھو - ناچاق - ناچگو - لٹگو - علیل - ناخوش.

= نَاتَجرِبَکارُ ☆ نَاتَجرِبَکارَ: ذ. صفت. تجربو نہ رکندڑ - بناتجربي - نا آزمودگار - ناواقف - اڻ جاڻ - نوأمیز. کچو - اناڑي.

= نَاتَرَاشُ ☆ نَاتَرَاشَ: ذ. صفت. اڻ لٹگو - کمینو - بي ادب - ناهموار. سفل.

= نَاتَوَانُ ☆ نَاتَوَانَ: ذ. صفت. توانائي کان سواءِ - بي طاقت - اگھو - هیٹو - اڻ سکھو - پٹل هیڻ - ناطاقت - کمزور - اَپَل - نیہل - ضعیف - لاغر - نحیف. عاجز - مضمحل.

= نَاتَوَانَائِيُ ☆ نَاتَوَانَائِیُونُ: ث. ناتواني- بي طاقتي - کمزوري - ضعیفائي.

= نَاتَوَانِيُ ☆ نَاتَوَانِیُونُ: ث. توانائي یا طاقت نہ هجڻ واري حالت - بي طاقتي - کمزوري - نحافت - ضعیف - ضعیفائي - هیٹائي - ناتوانائي.

= نَاتِهِ: ظرف. نہ تہ - پي حالت - جیکر.

= نَائِي ☆ نَائِي: ذ. (من. نَهتُرِ نَهتا). نائي.

= نَاپَاکُ ☆ نَاپَاکَ: ذ. صفت. پاکائي نہ رکندڑ - پٹلیت - پلید - نجس - اَشُدّ - اَپوتر - خبیث- آلود و - واجب الغسل - گندو - کینو - پرشٹ - خراب - غلیظ. فاحش - اوٹو.

= نَاپَاکَائِيُ ☆ نَاپَاکَائِیُونُ: ث. (ف. ناپاکائي). پاک نہ هڻ واري حالت - پلیتائي - اَپوترتائي - پلیتي - پلیدي - نجاست - آلودگي. گندگي - کُدورت - آلائش.

= نَاپَاکَائِيُ لَاهِنُ: انزال ٹیڻ کان پوءِ وهنجڻ- تَرَ لاهڻ - صحبت بعد غسل کرڻ - حیض ۽ نفاس جو غسل کرڻ - غسل جنابت کرڻ - پاکائي کرڻ- پاک ٹیڻ - پلیدي لاهڻ - پوتر ٹیڻ.

= نَاپَاکُ ٹِیَنُ: پلیت ٹیڻ - اَپوتر ٹیڻ - نجس ٹیڻ- پلید ٹیڻ - واجب الغسل ٹیڻ.

= نَاپَاکُ کَرَنُ: پلیت کرڻ - پلید کرڻ - نجس کرڻ. گندو کرڻ - خراب کرڻ - واجب الغسل.

= نَاپَائِیدَارُ ☆ نَاپَائِیدَارَ: ذ. صفت. پائیدار نہ هجڻ وارو - گھٹو وقت جٹاءُ نہ کندڑ - گھٹو وقت نہ هلندڑ - نہ جهلیندڑ - غیرمستحکم - فنا ٹیندڑ- فاني - فنا - کیرسن - بي بقا - نقس برآب - کمزور. بي ثبات.

= نَاپَائِیدَارِيُ: ث. پائیدار نہ هڻ واري حالت- بي بقائي - بي استقلالي - بي استحکامي - بي ثباتي - کمزوري.

= نَاپَدِیدُ ☆ نَاپَدِیدَ: ذ. صفت. ڈسڻ ۾ نہ ایندڑ.

Gul Hayat Institute

= ناپسندہ ع ناپسندَہ: ذ. صفت. پسند نہ آیل- اٹ سھائیندڑ- نہ وٹندڑ - ناقبول - ناگوار - نامرغوب- نہ قبولیل - نظرانداز کیل - رد کیل.
= ناپسندہ کرنہ: پسند نہ کرڑ - نہ قبولڑ - نامنظور کرڑ.
= ناپسندي ع ناپسندیون: ث. پسند نہ اچڑ واري حالت - نامنظوري - نہ وٹڑ واري حالت.
کاوڑ - ڈمر - رنج - رنجیدگي - ناراضھو - رنجش.
= ناپیدہ ع ناپیدَہ: ذ. صفت. پیدا نہ ٹیندڑ- مشکل ھٹ ایندڑ - نامیسر - اٹ لبھ - دُرلبھ - کمیاب - عنقا - ورلو. چوندیل - ڈٹیل - چیدو - ہرگزیدو. آپر - بي مثال - لاثاني - اٹ جیس. نیست - معدوم - فنا.
= ناپیدہ ٹیڑ: نامیسر ٹیڑ. ڈکار پوڑ - گھنتائي ٹیڑ - اٹ لبھ ٹیڑ. آجڑڑ - معدوم ٹیڑ - تباھ ع برباد ٹیڑ - نابود ٹیڑ - دنیا مان غارت ٹي وچڑ- گم ٹیڑ.
= ناپیدہ کرڑ: فنا کرڑ - مٹائڑ - معدوم کرڑ- نابود کرڑ - نیست کرڑ- برباد کرڑ - تباھ کرڑ. ضایع کرڑ - الوپ کرڑ - گم کرڑ.
= ناجائیز ع ناجائیز: ذ. صفت. ناروا - ناد رست - غیر مباح - نامناسب - بیجا - آجوگ - خلاف شرع - قانون جي منع وارو - ناشائستو - بي وڑو.
= ناجوڑ ع ناجوڑ: ذ. جوڑ نہ ھئڑ وارو- غامت - ناثاني. ناموافق.
= ناجوڑي: ث. ناموافقي.
= ناچار ع ناچار: ذ. بناچاري - لاعلاج - ملابُد. عاجز- محتاج.
= ناچاق ع ناچاق: ذ. صفت. ناخوش - نا تندرست - بدمزي - مریض - بیمار - اگھو - علیل - سُکالو - لگو. ضعیف - ڈبرو - لاغر - ھیڑو. ماندو- ڈنو - بیزار.
= ناچاقي: ث. چاق یا تندرست نہ ھجڑ واري حالت - ناچاکي - ناچاکائي - اگھائي - بیماري - سُکالائي. بدسلوکي - اٹناھ - اٹ پنوند - اٹبٹ - ناسازي - روسامو - قُکت - کُرَسي - تکرار - غلط فھمي.
= ناچگو ع ناچگا: ذ. صفت. ناچاق - ناخوش - بي مزي - روگي - بیمار - علیل - اٹ کیڑل.
= ناچگائي: ث. چاق نہ ھجڑ واري حالت - ناچاقي - روگ - بیماري - ناچاکائي.
= ناچیڑ ع ناچیڑ: ذ. صفت. جو کجھ بہ نہ ھجي - معمولي - بي حقیقت - ھیچ - تیچ - نالائق - نکمو - گن ھیڑ - نکار - ذلیل - وٹواند - بُھر - ناخلف - نامراد - بي وقوف - نیچ - اوچو - کین جھڑو - کنسیرک - خوار.
= ناحفاظ ع ناحفاظ: ذ. صفت. بي شرم - بي حیا - فاسق - بي احتیاط.
= ناحق ع ناحق: ذ. صفت. بي گناھ - بي ڈوھي. ناجائز - فضول - اجایو - بیجا. (ذ). ظلم - انڈیر - انڈ ڈنڈ - بیداد - د وڈ - بغداد - فرعوني. (ظرف). بي انصافي ع سان - اَنرت سان - بي سبب - ناحق - ھرویرو - اجایو - بنا کارڑ - خوا مخواھ.
= ناحق کرڑ: حق جي خلاف کرڑ - نا انصافي کرڑ. بیجا ھلت کرڑ - نامناسب کم کرڑ - ناواجب حرکت وغیرہ کرڑ.
= ناحق نازل (ت): ھرویرو - خواہ مخواھ - اوچتو - اچانک.
= ناحقي ع ناحقي: ذ. بي انصافي - بي جاء - آنیائي - ناجائز - کُنیائي. ظلم.
= ناخلف ع ناخلف: ذ. صفت. فرمان نہ مجیڑ - کپاتر - نالائق - نافرمانبردار - بي چیو - نافرمان. کپوت.
= ناخوش ع ناخوش: ذ. صفت. خوش نہ ھجڑ وارو - راضي نہ رھندڑ - ناراض - رنج - کک - تنگ - نفرت کندڑ - متنفر - بیزار. ڈریل - کاوڑیل - بي مزي - ناچاک - علیل - بیمار - ناچاق - مریض.
= ناخوشي ع ناخوشیون: ث. بدبختي - ڈرم - دکک. ناراضھو - نفرت.

Gul Hayat Institute

ـ ناخَيْرُ ۴ ناخَيْرَ: ذ. صفت. خير نه گهرلدڙ. اجايبو بولينڊڙ ـ كُوَ چَنُ بولينڊڙ. (اسم). ناچگائي ـ نياگ ـ كتلائي.
ـ ناخَيْرِي ۴ ناخَيْرِيُ: ذ. صفت. خير نه كندڙ ـ تكليف رسائيندڙ. آشَتِيُ بولينڊڙ.
ـ نادارُ ۴ نادارَ: ذ. صفت. سُڇو ـ كُنڊل ـ مسكن ـ پينگيو ـ مفلس ـ كنگال ـ ڏيوالي. محتاج ـ مجبور ـ عاجز.
ـ نادارِي ۴ نادار يُونُ: ث. كجهه به نه هجڻ واري حالت ـ سچائي ـ ڏيوالپڻو ـ غريبي ـ مسكيني ـ مفلسي ـ محتاجي ـ مجبوري.
ـ ناداشْتُ ۴ اداشْتُ: ذ. صفت. نادار ـ كُنڊل ـ كنگال ـ سُڇو ـ مسكين ـ غريب. محتاج. ناواقف.
ـ ناداشْتِيُ: ث. مفلسي ـ غريبي ـ ناداري. ناواقفيت. بي شرمي.
ـ نادانُ ۴ نادانَ: ذ. صفت. نه جاڻندڙ ـ اڻ جاڻ ـ اڻ پڙهيل ـ ناسمجهه ـ اڻ سمجهه ـ نافهم ـ بي وقوف ـ بي عقل. احمق ـ گهيلو ـ آڏايو ـ ابوجهه ـ مورك ـ جاهل. ننڍي عمر وارو ـ صغير ـ كمسن ـ ننڍو ڇوڪرو.
ـ نادانِي ۴ نادانِيُونُ: ث. نه جاڻڻ واري حالت ـ ناسمجهي ـ حماقت ـ نافهمي ـ بي عقلي ـ بي وقوفي ـ جهالت ـ مورڪائي ـ چريائي.
ـ نادانِيسْتَهُ: ذ. صفت. نه جاڻندڙ ـ اڻ جاڻ ـ ناواقف.
ـ نادَرُ ۴ نادَرَ: ذ. صفت. نه ڏٺل نه ٻڌل ـ عجيب ـ حيرت انگيز ـ انوكو ـ اَپوميو ـ غيرواقف ـ اڳ نه ڏٺل. ڏاريو ـ ٻيگانو ـ نئون ـ اڻ سيندو.
ـ نادُرسْتُ ۴ نادُرسْتَ: ذ. صفت. اڻ صحيح ـ غلط ناجائز ـ بي جاءِ ـ نامناسب. ايڙارتُ ـ ڏڙ ـ آكاريو ـ پُلائتو.
ـ نادِيدَهُ: ذ. صفت. نه ڏٺل ـ اڻ ڏٺل. نئون. عجيب ـ نادر.
ـ ناراضُ ۴ ناراضَ: ذ. صفت. راضي نه رهندڙ ـ ناخوش. نفرت كندڙ ـ بيزار ـ كَكُ. رنج ـ كاوڙيل ـ ڏمريل.

ـ ناراضپو ۴ ناراضپا: ذ. ناراض رهڻ واري حالت ـ آرهائي ـ ناراضگي ـ رنجيدگي ـ رنج ـ ڏمتر ـ غصو ـ كاوڙ.
ـ ناراضِي ۴ ناراضِيُ: ذ. صفت. ناراض ـ رنج ـ ناخوش ـ بي دليو ـ ارهو ـ انمانو.
ـ نارَوا: ذ صفت. روا يا مناسب نه هجڻ وارو ـ ناجائز ـ غير شرع ـ نامناسب ـ ناواجب ـ بي جاءِ ـ اجايبو.
ـ نازورُ ۴ نازورَ: ذ. صفت. پَل هيڻ ـ بي زور ـ كمزور ـ بي پهچ ـ معذور.
ـ نازُ ۴ ناز: ذ. صفت. نه ڏهندڙ ـ مخالف ـ ناموافق ـ نامهربان ـ برخلاف ـ نازگار ـ برعكس ـ نارات ـ ناراس. بي پريتيو ـ اپريه ـ اڻ سيندو. بيمار ـ بي مزي ـ عليل. دشمن.
ـ نازِي ۴ نازِيُونُ: ث. نه ڏهڻ واري حالت ـ انبٽ ـ اڻ ٺاهه ـ كُرَسِي ـ روسامو ـ بدسلوكي ـ تكرار ـ ٽِكَ. دشمني.
ـ نامَتُ ۴ نامَتُونُ: ث. نه هڻ واري حالت ـ اڻ هوند ـ سُڃاڻي جيئن ته: "نامت كان آمت چگي" عدم ـ آپاوُ. ناستيه ـ نيستي.
ـ نامُنْتو ۴ نامُنْتا: ذ. صفت. بنا سوراخ ـ اڻ ٽنگو ـ بي ڏورو ـ اڻ ونڊيل (موتي وغيره). جيئن ته: "ڏُرُ" نامُنڊ وغيره".
ـ نامَنْجهُ ۴ نامَنْجهَ: ذ. صفت. نه سمجهندڙ ـ بي سمجهه ـ نادان ـ بي وقوف ـ كُند ذهن. احمق ـ مورك. گهٽ عمر وارو ـ ننڍو.
ـ نامَنْجهِي ۴ نامَنْجهِيُونُ: ث. نه سمجهڻ واري حالت ـ نادانِي ـ نافهمي ـ بيوقوفي. مورڪاپن.
ـ نامُودِي ۴ نامُودِيُ: ذ. صفت. بي شرم ـ بي حيا.
ـ ناشادُ ۴ ناشادَ: ذ. صفت. ناخوش ـ رنجيدو ـ غمزده ـ سُوگوار ـ دلگير ـ ناراض. نارضامند. مصيبت زده ـ انت هيٺ آيل. كمبخت ـ بدنصيب ـ بدبخت ـ بدقسمت. نامراد.
ـ ناشائِسْتو ۴ ناشائِسْتا: ذ. صفت. اڻ سهائيندو ـ اجوڳ ـ بي جاءِ ـ اجايو ـ ناجائز ـ نامناسب ـ اڻهتو.

Sindhi Hayat Institute

نالائق - بي ڈنگو - اڈنگو - کڈنگو - بي کيرو - بي ڈبو - بي لئلو - وللو - بد فضيلت - بي ادب - بي وڙو .

= ناشائستگي ۴ ناشائستگيون ث. نالائقي - بي وڙائي .

= ناشدني ذ. نه ٿيڻ جوڳو - ناممڪن - اڻ ٿيڻيو - استحيلو - اساڌ - محال .

= ناشناخت ۴ ناشناخت ذ. صفت. اڻ سڃاتل - نه ڏٺل - اڻ واقف - اجنبي - غير .

= ناشناس ۴ ناشناس ذ. صفت. اڻ واقف - اڻ سڃاتل - اجنبي .

= نافرجام ۴ نافرجام ذ. صفت. نالائق - اڻ سڌريل .

= نافرمان ۴ نافرمان ذ. صفت. حڪم نه مڃيندڙ - بي فرمان - حڪم عدولي ڪندڙ - منحرف - بي چيو - نيجس - عوڌي - ڪپاتر (پار). بي ادب - عاق سرڪش. (اسم) پست جي گل جو هڪ قسم .

= نافرمانيء ۴ نافرمانيون ث. حڪم نه مڃڻ واري حالت - حڪم عدولي - نافرمانبرداري - عدول حڪمي - انحرافي. سرڪشي.

= نافرمانيء ڪرڻ: حڪم عدولي ڪرڻ - انحرافي ڪرڻ - سرڪشي ڪرڻ .

= نافهم ۴ نافهم ذ. صفت. نادان - نه ڄاڻندڙ - بي سمجهه - ڪم فهم - ڪُند ذهن - بي عقل .

= ناڪار ث. مصدر. انڪار ڪرڻ - نه ڪرڻ - نه مڃڻ - نا ڪرڻ - نابري وارڻ - نه قبولڻ - نه وٺڻ - نه ڏيڻ - آلڻ - نما نَما ڪرڻ. موڙائڻ. (هندي) نه پرڻ - خامي نه ڪرڻ. (ناڪاريو - ناڪارينده - ناڪاريل).

= ناڪار ۴ ناڪارون ث. نه ڪرڻ وارو لفظ - ناڪاري جواب - انڪار - نڪار - ناٽار - نابري - عدول. (ڪم ڪان) جواب. اعتراض - ترڪ .

= ناڪار ۴ ناڪار ذ. صفت. نڪمو - نڪارو - ناڪارو - نڪار - بيڪارو - ناڪام. اجايو - فضول - آڪيارتو - وڻتو - رائيگان. ٽوٽتو - ڪين ٽيو - تيڄ .

= ناڪارائيء ۴ ناڪارائيون ث. ڪم ڪار نه هجڻ واري حالت - ناڪاري - بيڪاري. انڪاري جواب - انڪار - نه مڃڻ واري حالت.

= ناڪارو ۴ ناڪارا ذ. (هندي وغيره پرڻ ڪان يا قبول ڪرڻ ڪان) انڪار - نٿهڪر - نهڪارو - انڪار - نابري. (ذ. صفت). بيڪارو - نڪمو - نڪار. اجايو - واهيات .

= ناڪاره ذ. صفت. بيڪار - اجايو - نڪمو .

= ناڪاري ۴ ناڪاري ذ. صفت. ناڪار ڪندڙ - نه ڪندڙ - انڪار ڪندڙ - انڪاري - نهڪار ڪندڙ .

= ناڪاريو ۴ ناڪاريا ذ. صفت. انڪار يا ناڪار ڪندڙ - انڪاري - ناڪاري - نافي - منفي - سالبه. انڪار ٽيل (گالهه وغيره).

= ناڪر ۴ ناڪرون ث. ناڪار - انڪار - جواب - نٿهڪر - نافرماني - عدول .

= ناڪرڻ ذ. نه ڪرڻ - انڪار ڪرڻ - ناڪار ڪرڻ - جواب ڏيڻ - نابري وارڻ .

= ناڪاميتو ۴ ناڪاميتا ذ. غيرآباد زمين تي محصول .

= ناڪام ۴ ناڪام ذ. صفت. نڪمو - ناڪامو - بيڪار - ناڪار - نڪار - نڪارو - ناڪارو - بيڪارو - اجايو. ناڪامياب - ناآميد - نامراد - مايوس - شڪست ڪاڌل - محروم - نراس. ناچار - لاچار - مجبور ناگريز - لاعلاج .

= ناڪاميء ۴ ناڪاميون ث. ناڪام ٽيڻ واري حالت - ناڪامياپو - نامرادي - ناآميدي - نراسائي - مايوسي. محروميء - بد نصيبي .

= ناڪس ۴ ناڪس ذ. صفت. اڻ ٻوڙو .

= ناڪسيء ۴ ناڪسيون ث. شخصيت وڃائڻ واري حالت - انفرادي هستي ناس ڪرڻ واري حالت.

= ناڪلاس ۴ ناڪلاس ذ. اڻ سروي ٽيل زمين .

= ناگريز ۴ ناگريز ذ. صفت. ناچار - لاعلاج - مجبور. ضرور - لازم - واجب .

= ناگفتني ث. صفت. بي ڪٿي - بي وڻي - نه ڪٿڻ .

Gul Hayat Institute

ـ ناگُوارُ ع ناگُوارَ: ذ. صفت. معدي پر هضم نه ٹيندڙ کاڈو ـ خلاف طبع ـ بد هضم. مکروه ـ برده. ناوٹندڙ ـ بدمزه ـ بد ذائقه ـ خراب ـ ناپسند. ناخوش.

ـ ناگَهان: ظرف. اوچتو ـ اچانک ـ يکايک.

ـ نالائِقُ ع نالا ئِقَ: ذ. صفت. بي لائقو ـ ناقابل ـ ناخلف ـ ناشائسته ـ غير مهذب ـ گن هيڻ ـ نکار ـ نکمو ـ وٹواند ـ آهاتر ـ آجوگ. نامراد ـ کسيرک ـ کمينو. بي هنر. اڻ صحيح ـ اشد ـ غلط.

ـ نالائِقِيُ ع نالائِقِيُونُ: ث. نالائق نه هجڻ واري حالت ـ ناشائستگي ـ بي وڙائي ـ بي واجبي ـ ناشناسي.

ـ نامُبارَکُ ع نامُبارَکَ: ذ. صفت. اها شيء جا مبارک نه هجي منحوس. نبيهه نه ٹيندڙ.

ـ نامَحْدُودُ: ذ. صفت. بي حد ـ بي انتها.

ـ نامَحْرَمُ ع نامَحْرَمَ: ذ. صفت. ناواقف ـ ناآشنا ـ اڻڄاڻ ـ غير ـ اجنبي ـ اڻ واقف ـ پرهيزگار ـ ڈاريون ـ پردي سي ـ وديسي ـ پرگهارو ـ آريندو ـ وارو ـ اوپرو ـ ست ڈاريون ـ اوڀرو ـ غَيْرُ. اهو شخص جنهن کان عورت کي پردو واجب هجي ـ جنهن سان نڪاح ٿي سگهي.

ـ نامُرادُ ع نامُرادَ: ذ. صفت. مراد نه پاتل ـ بي مراد ـ ناڪام ـ بي آرزو ـ محروم. بي نصيب ـ بدبخت ـ بد نصيب ـ نياڳو ـ نندورو ـ کرم هيڻ ـ نَجس ـ چنڈو ـ نڪمرو ـ کانڈين موڑهو ـ مُڙدو ـ کرو ـ خر ـ نيڊڪ. بُرو ـ بدڪار ـ کمينو.

ـ نامُرادِيُ ع نامُرادِيُونُ: ث. بد نصيبي ـ ناڪاميابي ـ محروميءَ. ڪا مراد يا غرض دل ۾ نه رکڻ واري حالت.

ـ نامُرادِي چِڌائِيُ: بدبختي دور ڪرڻ ـ نحوست کان نجات ڏيارڻ ـ نصيب وارڻ ـ وڏي اوج ۽ اقبال تي رسائڻ.

ـ نامَرْدُ ع نامَرْدَ: ذ. صفت. عورت تي قادر نه ٹيندڙ ـ ڪڏو ـ هيجڙو ـ مُخنث ـ زنانو ـ بنامرسي ـ (مڑسيءَ ۾) ڪمزور ـ ضعيف. ڍڇو ـ بزدل ـ بي حوصلي ـ ڪاليرو ـ ڪماٹهو ـ آهرش ـ ڪيڙائي ـ گانڊو ـ نامرد ـ گيدي ـ ڪوردليو. چرپٽ ـ ڪٹڙبل ـ پُڈي هيڻ.

ـ نامَرْدُ ٹِيڻُ: بزدل ٹيڻ ـ ڍڇو ٹيڻ.

ـ نامَرْدُ ڪَرڻُ: ڪڏو ڪرڻ ـ خوجه ڪرڻ. مُخنث ڪرڻ ـ خصي ڪرڻ.

ـ نامَرْدِيُ ع نامَرْدِيُونُ: ث. طاقت نه هجڻ واري حالت ـ ڪمزوري ـ ضعيفائي. بزدلي ـ ڍپ.

ـ نامَرْدُ ع نامَرْدَ: ذ. صفت. ڏسو نامرد.

ـ نامَرْدُاڻو ع نامَرْدُاڻا: ذ. خوفزده ـ ڍڇو ـ ڍنڈڙ ـ نامرداڻو ـ ڪائير ـ ڪماٹهو ـ آهرش ـ گانڊواڻو.

● نامَرْدِيُ ع نامَرْدِيُونُ: ث. نامردي. ڪائرائي ـ گيديپڻو ـ بي جگري ـ ڪُڇراڻي.

ـ نامَعْدُودُ ع نامَعْدُودَ: ذ. صفت. بي شمار ـ گڻيڻي کان ٻاهر ـ لاتعداد ـ بي انداز.

ـ نامَعْقُولُ ع نامَعْقُولَ: ذ. صفت. بعيد العقل ـ عقل کان ٻاهر ـ واهيات ـ ڪيل جهڙو ـ بيهودو ـ اڻ وٹندڙ ـ عَبَث. جڙ ـ بي سمجهه ـ بي عقل ـ نالائق ـ نااهل. نامناسب ـ ناواجب ـ غيرواجب ـ بيهجا.

ـ نامَعْلُومُ ع نامَعْلُومَ: ذ. صفت. معلوم نه ٹيل ـ بنا جاڻ ـ اڻ جاڻ ـ ناواقف ـ غيرموقوف ـ اڻ واقف ـ اڻ سيڌو ـ اڻ ڄاتل ـ گمنام ـ اپرچيت ـ آڪٹل ـ غياڻو. غير مشهور.

ـ نامَمْڪُنُ: ذ. صفت. نه ٹيڻ جوگو ـ نامناسب ـ غيرواجب ـ بيجا ـ نامعقول ـ ناموزون ـ نازيبا ـ بيهوده.

ـ نامَنْظُورُ ع نامَنْظُورَ: ذ. صفت. منظور نه ڪيل ـ پسند نه ڪيل ـ ناپسند ـ انڪار ڪيل ـ نامعقول ـ نه قبوليل.

ـ نامَنْظُورُ ڪَرڻُ: منظور نه ڪيل ـ نه قبولڻ ـ نه مڃڻ. انڪار ڪرڻ.

ـ نامُوافِقُ ع نامُوافِقَ: ذ. صفت. اڻ لهندڙ ـ ناسازگار ـ ناگوار ـ خلاف ـ بيجوڙ ـ اڻ ميل ـ اسميو.

ـ نامُوافِقُ هَجَنُ: راس نه هجڻ ـ برابر نه هڻ ـ خلاف راءِ هجڻ.

ـ نانهنُ: ڪجهه به نه هڻ واري حالت ـ نه ـ نيستي ـ نابودي.

Gul Hayat Institute

= نانُهِنْ ٽِيَنْ: نابود ٿيڻ - ختم ٿيڻ.
= نانُهِنْ: انڪار - نہ.
= نـاواقِفْ ۽ نـاواقِفَ: ذ. صفت. اڻ ڄاڻ - اڻ واقف - نامحرم - اڻ سونهون.
= ناهـ: نہ هڻ واري حالت - نيستي (صوفين جو متو آهي تہ جڏهن نيست نابود ٿيو تڏهن سچي هستي ملندي).
"سموري سرڪار نيئي رکيج ناهـ ۾."
(شاهہ)
نفي - عدم.
= ناهـنْجارْ ۽ ناهـنْجارَ: ذ. صفت. بد ذات - ڪمذات.
= ناهِـيْ ۽ ناهِـيْ: ذ. صفت. ناهـ ڪندڙ - منع ڪندڙ.
= نـاياب ۽ نـاياب: ذ. صفت. نہ لهندڙ - هٿ نہ ايندڙ - اڻ لاڀ - دُرلاڀ - ڪمياب - ناپيد - عنقا. نادر - انوکو. ناموجود - معدوم.
= نـاياڀِـيْ ۽ نـاياڀِـيُونْ: ث. نہ لهڻ واري حالت - ڪمياڀي. اڻائي - اڻاٽ - قلت - ڪٽمي - ڪاهٽ - ڏکر. اڻ لاڀ شئي. سوڪڙي - تحفو.
● ناب ۽ نابُونْ: ث (سن. نَبْ = ايذاءُ رسائڻ). چهنب - نوڪ - شيخ. پالو. (ف. ناب = خالص) خالص - صاف - نيڇ.
● نـادارْ بَنْدوق: ث. قديم بندوق جو هڪ قسم (جهن کي نليءَ ۾ نَوَ ڦيرا هجن، هيءَ پهريائين ميرن جي صاحبيءَ ۾ حاجي ميرخان ناهي هئي، جهن کي ۱۲ ورهين جي عمر ۾ ايران جي طرف ڪم سکڻ لاءِ موڪليو هوائون، چون ٿا تہ ان جهڙي سئي بندوق کهن کانہ ناهي).
● نابِهْ: ث. خالص شراب.
● نابَ ۽ نابُونْ: ث. (سن. نَبَسْ > نَبْ = ايذاءُ رسائڻ). آسمان - آڪاس. صبح جو آسمان جو شفق. مينهن جون بوندون، سچ. ڦٽڻ ڪيءَ وغيره جا ڇنبا. ننهن. ڇنبون. نيزو - ڏار - تير - ڪَنْ - پالو. لانب - شاخ - ڦاڪ. گوڏ - ٽَنڊ - پاڙ - بنياد - ٻيڙهہ.
● لـابْ ۽ نـابَ: ذ. وچ وارو حصو - وچ - مرڪز - منجهہ - دَنْ - ناف. ڦيٽي يا چڪر جو وچون حصو - ناهين.
● ناتارِيْ ۽ ناتارِيُونْ: ث. جهاز يا ٻيڙيءَ کي هڪ هٿ ٻيهارڻ لاءِ اوزار جو هڪ قسم (تنور انگل ۷-۸ ٿ). لوهہ جي چنبن سان هڪ قسم جو اوزار - لنگر - ٻلي - لوهي ڳرو چنبو - ٻيڙي ٻڌڻ جو هڪ اوزار.
● ناتالْ ۽ ناتالَ: ذ. (انگ. نيتل = جمڻ جو) حضرت عيسيٰ جي جمڻ جي يادگيريءَ جو ڏينهن (۲۵- ڊسمبر).
● ناتاڙُ ۽ ناتاڙ: ذ. ٻهالو - ناتو - ناتانو - نالو.
● ناتَرِ ۽ ناتَرُونْ: ث. غلام عورت - ٻانهي - داسي - گولي - نوڪرياڻي - ڪنيزڪ. تازي توانيءَ (اسم خاص). موصل جي خاص ٻانهيءَ جو نالو.
● ناتِـڙُو ۽ ناتِـڙا: ذ. امل ڪارڻ جي ڪوٽري. ڪپڙي جي ٻيالي جا مٿي ٽنگي ڇڏجي، جهن مان آفيم جو ڪارو ڦُڙو ڦُڙو ٽپي ڪڍي. موالين جي مجلس. ڪرن جي مجلس.
● ناتو ۽ ناتا: ذ. (سن. ناتڪ > گِـيايتہ > گيا = جاڻ) رشتو قرابت - خويشي - رشتيداري - متاچاري - عزازت - مائٽي - سنهڙ - تعلق - پائيبندي - واسطو - لاڳاپو - ڳانڍاپو - نسبت - دوستي - واقفيت. عشق - اُلفت - پريت - پريسر. ڪٽنڪ - داغ - ٽيڪو - ڪارنهن. (ڪ).
= ناتو رَکڻْ: سنهڙ رکڻ - تعلق رکڻ. واقفيت رکڻ - دوستي رکڻ. پريت رکڻ.
● ناتْ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ناتْ ۽ ناتَ: ذ. (سن ناتْ) بچائيندڙ - پناهہ ڏيندڙ - رکپال. مالڪ - خاوند - ڌڻي - سَرَوَرْ - آقا - حاڪم - پريو مڙس پتي - شوهر - مڙس - گهر وارو. ماستر - اُستاد - معلم. سردار - سرشد - گُرو - سُوامي - جوگين جو لقب - پنڊت - آغا - پيشوا. (صفت). اڪابر - پَٽْ - هوشيار. چالاڪ - لُچو - بدمعاش. (اسم خاص). تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ناتُ ۽ نات ؛ ذ. (سن. نات = ناچ، کيل) ترڪت - تجو بمز - انکل - حرف - انکل بازي - فن فريب - فنڊ - هپر پنچ - ڪمن - مستي - هٿ ناتُ - چالاکي - چلتر - چلنت. چشم بندي - بازيگري. لڏکو چنڪو - ناچ - چاڪلائي - مسخري - ٽينگ ٽپو. نڱي - لڇائي - دغا - دولاب - ڪوٽ. نخرو - مکر - اکين جا اشارا - تال - نت - نازُ - ماڻو - انگل - لاڏ - ڪوڏ - غمزو - وار - پيچ - وکڙ - آڙل پڙل. نٽاءُ - انڪار - ڪساءُ. تاب - تماءُ.

- ناٽِرُ ۽ ناٽِر ؛ ذ. صفت. نات ڪندڙ - نخرا ڪندڙ - نخريل - ناز ڪندڙ - انگلي - ماڻائي - تال ڪندڙ تالِرُ. (ث. ناٽِر ۽ ناٽِر ٻُون).

- نات نٽَ ڪترَنُ: مڪر ڪرڻ - ٻهانا ڪرڻ. نٽائڻ - ڪسائڻ. انڪار ڪرڻ.

- ناٽِيُ ۽ ناٽِي: ذ. صفت. نات ڪندڙ - ناٽِرُ - تالِرُ - نخريل.

● ناڻار ڻُ ؛ مصدر. (سن. نٽُ = نڪجيءَ سان نقصان پهچائڻ) ناڻار ڪرڻ - نٽائڻ - ڪسائڻ - ڪوهي ڪرڻ - ڪوڙائڻ - ڪوڙنات ڪرڻ - ڪسڪي وجهڻ. ڻارڻ - ڪنڊ ڏيارڻ - پسرو ٽيڙ - ڏاڪائڻ - ڏاڪائڻ. (ناڻاربو - ناڻاريندو - ناڻاريل).

- ناڻار ۽ ناڻارُونُ: ث. ڪوڙنات - ڪسڪساءُ - نٽاءُ - ڪوهي - ڻار - آناڪاني - نٽکار.

- ناڻائُو ۽ ناڻائُو: ذ. صفت. ناڻار ڪندڙ - نٽائيندڙ - ڪوڙو - ڪسائيندڙ - ڪوهي ڪندڙ - ڏاڪائيندڙ - دڙو پير هٽندڙ - ڪوڙائو - ڪوڙنات ڪندڙ - ڪسڪائو.

● ناٽڪُ ۽ ناڻڪ ؛ ذ. (سن. نٽُ = نچڻ) نٽ جو تماشو - نٽ جو ڪر - نماءُ - نمائش - ڏيکاءُ - ناچ - راڳ رنگ - نقل - رُوپ. کيل - ڊرامو - تماشو - ليلا. جادو ڪرڻ واري حالت - ڪامڻ - ستحرُ - موهڻ. ڪوڙا نات. نخرا. جلسو. (ذ. صفت). نچڻو - ناچو - ڪيريدار.

- ناٽڪُ چيٽڪُ: ذ. ناڻڪ - تماشو - کيل. جادو. نڱي.

- ناٽڪُ گهرَ: ذ. کيل يا تماشي ٿيڻ واري جاءِ - ناڻڪ ٿيڻ وارو هنڌ - کيل گهر - ناڻڪ شالا - نٽ شالا - تماش گهر - نمائش گهر - ناچ گهر - رنگ پُومي.

- ناٽڪِيُ ۽ ناڻڪِي ؛ ذ. صفت. ناڻڪ جو - ناڻڪ سان تعلق رکندڙ. ناڻڪ ڪندڙ - کيل ڪندڙ. عجيب انسان. چرچائي - مسخرو. چالاک. تماشائي. بي جڳاءُ.

● ناٽڪوُ ۽ ناڻڪاءُ ذ. (ع. ناطق) نبض - ناڙ - نٽس. "ناٽڪو بند ٿيو ڏ مڙس مئو". (جملو).

● ناڻيُ ۽ ناڻي ؛ ذ. اپرا. نات. سن. نپٽر > نپتا = ڏاهڻو). ڏيءَ جو ڪهوڙ - ڏيءَ جو گهر وارو - دامادُ - جاڻو. آڻ جي ڪا ڏ مهار ٻڌڻ لاءِ وڏل نديءَ ڪاڻي - ناڪيلي - لاڻي.

- ناڻِيوُ: هدلي جي حالت ۾ جڏهن هڪ ڪهوڙ ڪنوار جوان ۽ ٻيو جوڙو نديو هوندو آهي ۽ پهرئين جوڙي جي شادي ٿيندي ته ٻئي جوڙي جي مڱيندي کي ڪڙا ڏيکائي مڱڻ جي گهر موڪليو ويندو آهي، جتي ڪيس ڪاڏو ڪاراڻي ناڻي قبول ڪيو ويندو آهي.

● ناڻِيرُ ۽ ناڻِير: ذ. صفت. نٽڻ لڪندڙ - مضمون نگار - اديب.

● ناڻِيٽَ ۽ ناڻِيٽَ ؛ ذ. نئون ڪوٽيل واهه يا ڪئنال - پراج - اهو واهه، جنهن جي ڪال پسال ڪاڻي ڪڇي - سخت زمين مان ڪوٽايل ڪڙيو.

● ناڻِر: اسر خاص. هڪ ذات جو ناڻو (اڪثر سکر ۾).

● ناڻِيوُ ۽ ناڻِيا: ذ. (ف. نرچلک) سارين جي اوڪ ۾ ٽيندڙ ول جي ڦر مان پيدا ٿيندڙ اڻ جو هڪ قسم هڪ پسارڪو وکر. ڪوٽيءَ يا نيلوفر جو بج. پٽلُ - نٽيتو. (ل). ماڻو - ماڻ.

● ناجِيُ ۽ ناجِي: ذ. صفت. نجات يا چوٽڪارو حاصل ڪيل - نجات ملهل - گناهه معاف ڪيل - مغفور.

● ناحِيُ ۽ ناحِي: ذ. صفت. قصد ڪندڙ. ڪنارو وڻندڙ.

Gul Hayat Institute

● ناجهوُ ≈ ناجها: ذ. صفت. ڈسي نہ سگهندڑ- اکين کان معذور- نابين- انڈو- نابينا.

● ناچَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ناچُ ≈ ناچَ: ذ. (سن. نرْتيه > نرت = نچڻ) نچڻ واري حالت- نچڪو- رقص- چير ٻڌي پوري قدم ۽ تال تي اڳي ۽ پوءِ هلڻ جي حالت- جهُمر- ڦيرو- نِرتُ- نچ- سانگ- کيل- تماشو- وندر- طوائفو- هنيوچي. خوشي. (اسم خاص). ذات جو هڪ قسم.

- ناچِڪارُ ≈ ناچِڪارَ: ذ. نچڻ واري حالت- نچڪو- ناچُ.

- ناچُ ڪَرائِيُ: نچائڻ. سزا ڏيڻ.

- ناچُ ڪرڻُ: نچڻ- نچ ڪرڻ.

- ناچِڻِيُ ≈ ناچِيڙيُونُ: ث. نچندڙ عورت- ناچ ڪندڙ زال- نچڻي- رنڊي- طوائف- وٽشا.

- ناچُو ≈ ناچُوءِ: ذ. صفت. ناچ ڪندڙ- نچندڙ- رقاص.

● ناخُدا: ذ. صفت. (ف. نارخدا. نار = جهاز + خدا = ڏڻي، ماستر) ٻيڙي هلائيندڙ- ملاح.

● نادُ ≈ نادَ: (سن. نادَ > نَدْ = آواز ڪرڻ) شبد- گرج- آواز- صدا- صَوت- سُر- الحان- نِدا- گونج- نَوا- منتر جو آواز- آڪاسي آواز- گوڙ- دانهن- ڪُوڪَ- ڪيڪ. وڄائڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ساز- مينهن جو سِڪُ- سمنڊ جي سيپ- تُري يا نَرنائي جو ڪم ايندڙ ساز- سَنْکُ. ڀاڻي رکڻ لاءِ ڪرو وغيره جو وڏو برتن- نانڊِ- نادي. ڪن مي ڏيڊي. (سن. ناٽ) وڏو ماٿو. ڏنگو ماٿو. (ث. نادِي ≈ نادِيون).

● نادِرَهُ: ث. عجيب. تعجب.

● نادِرِيُ ≈ نادِرِيُ: ذ. صفت. نہ ڦرندڙ- پڪو- ڪتل- قطعي- تاڪيدي (حڪم).

- نادِرِيُ حُڪمُ ڪَيْدَنُ: سخت حڪم جاري ڪرڻ- لکڻ ۾ دپ ڪيڻ يا پيڙڻ.

- نادِرِيُ عَهْدُ: ذ. پڪو اقرار- قول- وعدو- انجام.

● نادِيُ ≈ نادِيُونُ: ث. (پرا. ٹَنْڈَرَ. سن) پاڻي رکڻ لاءِ هڪ قسم جو وڏو برتن- ٽامي يا پتل جي وڏي گهاگهر- شراب رکڻ لاءِ هڪ وڏو ٽانءُ- نادُ- نانڊِ. برف جو پڪو ٻلاڪ (ٻه مڻ تور). (سن. نند = آواز ڪرڻ) حصيدارن ۾ نيلام- سودو- واپار. (ذ. صفت). ناد وڃائيندڙ. چيلو- گود ۾ ورتل (چوکر). (گود ۾ ونڻ کان اڳ ڪن ۾ منتر پڙهيل).

- نادِيُ ڪَرَنُ: ڪا شيءِ حصيدارن ۾ نيلام ڪرڻ. ڪنهن شيءِ تي واڪ ڏيئي، ان کي نيڪال ڪرڻ. آخرين ڏي وٺ ڪري پائيواري ڇڏائڻ.

- نادِيُ لڳَنُ: سودو لڳڻ- واپار لڳڻ.

● نادِرُ ≈ نادِرَ: ذ. صفت. شرمسار- شرمندو.

● ناڏ ≈ ناڏُونُ: ث. گاهه يا ونڻ جون پاڙون.

● نادُرُ ڏِنا: (آواز) وڄت جو هڪ قسم- ناڏي ڏنا- وڄت جو هڪ تارُ.

- نادِيُ ڏِنا: وڄت جو هڪ قسم- نادُر ڏنا.

● ناڏُ ≈ ناڏُونُ: ث. روڄ راڙو- ڪَيَ ڪُون- دانهون.

● نادُ ≈ نادَ: ذ. (سن. نادهه) گوڙ- هُل- گهمسان- ڏورَ- ڪڙڪو- غوغاءُ- ڏمچر- وڏو آواز- گهڙو شور- ٻاڌيتالُ- لڙ- آڦواهه.

● ناڏورا: اسم خاص. ڏر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● نار: اسم خاص. ڪنڊڪوٽ ۽ ڏنبي باگي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارِ ≈ نارُونُ، نارِيُونُ: ث. (ع). باهه- آتش- آڳ- آنچ- آگ- سَچُ- اوڙاهه- ڏاسنبو- زهه- رود و. توفَ- قوبَ- بندوق. (سن. ناري > نر = مڙس). عورت- مائي- زال- ناري- ضاعفان- استري- زن (سن. نار = پاڻي) پاڻيءَ جي نار- زمين اندر پاڻيءَ جو وهڪرو- ڪاري. ڪوهه اندر پاڻيءَ جو سهيمو. (سن. ناڙ = پوري نلي) نَس- نبض- رَڳ. ڪورين جو هڪ اوزار (انڪل ۱۰-۱۱ انچ ڪن چپڙي ڪاٻي، جنهن جي ٽيل خال ۾ نڙو وجهبو آهي، تاجيءَ مان اکرڻ ڪري

تند چڌيندي ويندي آهي) - ڪپڙي آڻڻ لاءِ ڪاٺ جو هڪ اوزار - آڌاڻي جو هڪ اوزار. (سن. نال) ڪو جو گولو يا ڪوندي - ناري. پاڻي گڏ ٿيڻ لاءِ اونهو ڪڌو. ڪوري جي هوا لاءِ مٽيءَ جي ٺهيل نالي. (اسم خاص). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= نارَ جاميہ: جلائيندڙ باهه - دوزخ جي باهه.

= نارَ جحيمُ: دوزخ جي باهه.

= نارِيُ ۽ نارِيُون: ث. عورت - زال - نار - ضاعفان. باهه سان ٻيدا ٿيل - باهه جي - آتشي - باهه جهڙو - باهه وارو - جهنمي - دوزخي. جِنُ - پَري. حُقي ڇڪڻ جي نلي - نڙُ. بندوق جي نلي. ڏمڻ مان هوا ڪڍي باهه ٻاريندڙ نلي. نبض - نَس - نار - رڳ.

= نارِيُ آڇتُنُ: ديگ ۾ وڏل پاڻي ٺهڪي باهه تي ڪرڻ.

● نارُ ۽ نارَ: ذ. (سن. نار = پاڻي) ٻن پاڻيئن وارو يا گهري هُرلي جو هڪ قسم - رهتُ - مٿاهين زمين تي پاڻي پهچائيندڙ هٿلتُ - هُرلو - ڪوهه جو ڏينگو. ائٽ - چرخو. وهٽ کي ٻيرڻ ۾ هٿ جو لوهي ٽُڪر - نَعَلُ. ٻليءَ جو آندو. ڏنش جي ڏوري. (اسم خاص). تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= نارِيُ ۽ ناريُ: ذ. صفت. نار ۾ وهندڙ (آٽ يا ڏڪو) - نار وارو - نار هلائيندڙ. نعل بند. حقي جي ٽوٽي.

● نارا: اسم خاص. ذات جو هڪ قسم.

● نارا هڏُوُ: اسم خاص. تعلقي ڏڏي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارائِنُ: اسم خاص. (سن. نار = پاڻي، روح + اين = جاءِ) هندن جي وشنوءَ جي هڪ صفت يا صفاتي نالو. هڪ ماٺهوءَ جو نالو.

● نارائِنُ ٻَٽِيُ: ذ. صفت. هندن ۾ نارائن جي نالي تي ملهايل هڪ رسم (اتفاقي موت جي وقت).

● نارائِنُ: اسم خاص. خدا جو هڪ صفاتي نالو. سڄي دنيا کان اڳ پاڻيءَ تي ترندڙ ساهوارو.

= نارائِنُ سَرُ: اسم خاص. لکپت جي ويجهو هندن جو هڪ تيرٿ گاهه - هندن جو پاڪ شهر. ڪچ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● نارائِيُ ڪُتُوُ ۽ نارائِيُ ڪُتا: ذ. ڪتي جو هڪ قسم.

● نارِ جِيمُلُ ۽ نار جِيمُلَ: ذ. ڏَمل جو هڪ قسم - ناريل - ناريرو. ڪوپرو.

● نار چاٽِيُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارِدُ ۽ نارِدَ: ذ. صفت. بحث مباحثو ڪندڙ - مباحث - وادي. لُڇائي ڪندڙ - لُڇُ - شرارتي - ٽنڊائي - جهڳڙائي. (اسم خاص). هندو مهاتما جو نالو - هڪ رشيءَ جو نالو - برهما جي چوٽين پُٽ جو نالو. وچين آگر.

= نارِدِيُ سُڀاءُ هُٽَنُ: جهڳڙائي طبيعت وارو هڻڻ - تيز طبيعت هڻڻ. چيٽاپور هڻڻ - گلاخور هڻڻ - وچ ويڙهائو هڻڻ.

● نارِڪِيُ جاڳِيُرَ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ڪاتيار تپي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارِميُ ۽ نارِميُ: ذ. صفت. نرمي سان آڻيل يا ڦريل - زريءَ جي ڦرت جو هڪ قسم.

● نارنا (ڪ): ث. ناري - عورت - زال - مائي.

= نارِنانُ: ث. عورت - زال - ناري - نار نانءُ.

● نارَنجُ ۽ نارَنجَ: ذ. ميوي جو هڪ قسم - آرينج - نارنگيءَ جو رَسُ - نارنگي.

● نارنُ سَرُ: اسم خاص. هندن جي هڪ تيرٿ گاهه جو نالو. هڪ ملڪ جو نالو.

● نارَنگِيُ ۽ نارنگِيُونُ: ث. (سن. ناگرنگ) ميوي جو هڪ قسم - سنگترو - نارنج. نارنگيءَ جو وڻ. ترنج - ڪينو.

● نارنُ: مصدر. جاچڻ - ڏسڻ - ڳولڻ. (ناريو - نارينو - نارِيل).

● نارو ۽ نارا: ذ. (سن. نال) جڪهه جي ڇت وغيره تان برسات جي پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جي لوهي يا ٽڪر جي نالي - نيسارو - نرو - نليو - ڪپرو. ڏمڻ جي نلي. ڪاري - ڏنڊ. واهه.

Gul Hayat Institute

جيئن "آپرندو نارو". هڪ وڏو ڦاٽ - سنڌ جو هڪ حصو. نارو ڊورو. رڇ - پڻ - ڄمار. نعرو، جيئن ته "نر هٿي نارو، ويا کاهيندا کاڪ ڏي". ويامڻ وقت پهريون گهاڻو کير - پس. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو (اڪثر سکر ۾).

- نارونڙو ٽيڻ: وڻڻ جهڙو نمونو اختيار ڪرڻ.

● نارو نار: ظرف. هڪ پٺي پٺيان - نمبروار.

● نارو هميٽر: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارَ هڏي: اسم خاص. ميرپور خاص ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٺٽي ۽ حيدرآباد تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارِيجاڻي: تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نارِيٽر ۽ نارِيئر: ذ. ڦل جو هڪ قسم - ناريل.

- ناريڙي ۽ ناريڙيون: ث. ناريل جي کوپي جو اڌ (جو لسي وغيره ڪڍڻ جي ڪم اچي) - ڏونگهو. (اسم خاص). تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ناريل ۽ نارِيل: ذ. (سن. نار ڪيلهه = ناريل). ڦل جو هڪ قسم (ٻاهران سخت، اندر نرم ۽ لذيذ، اچو گوندو تئيس) - نارِيئر. ناريل جو وڻ. ٿر جي پرت جو هڪ قسم. ڊونڊي - پيڙي. لارون - نارجيل.

● نارِيل کوهه: ذ. جنهن جا نار جاري هجن.

● نارِ ۽ نارُون، نارِيون: ث. (سن. نارِ = پوري نلي). بض - رڳ - نس - تنڊ - نسون. سارين جي فصل لٽڻ بعد ٻيئل تيليون - پلهه - نارِي - هوڪ. مينهن وغيره جو ويامڻ کان اڳ کيڏيل رت جو تاندورو. ميراثون. آٽ يا گهوڙي جي انڊي.

- نارُون کيڏڻ: مينهن وغيره جو ويامڻ وقت پهريون رت پت ڇڏڻ.

- نارُون نهارڻ: نبضون ڏسڻ.

● نارُ ۽ نارَ: ذ. نارِ - نارِي - ڪٽي - سنيو - (هوڪ جي) - ڪٽ. پيلاڙيل پني - لٻيل پنيءَ ۾ هيل گاهه - ڪريل پوک - ڪانگڙ. ڪاڻ ۽ سٽين ڪٽل ڪانهوءَ چونڊيل سنگ - ڪيرُ. مونجهارو - لٻ - هودو - هولاندو - گوگيڙو. گاڏي جي پاڇاري پڌڻ لاءِ جڙ جو رسو - نارِو. دڻ واري نس يا نلي - نارِو.

- نارُ ڪرڻ: چٽ ڪرڻ - نابود ڪرڻ.

● نارَا ٽنر: اسم خاص. ڪراچي ڊيرل ايريا ۾ هڪ ٻٽي ۽ ٽن جي آس پاس واري جهنگ جو نالو.

● نارَانڊِي ۽ نارَانڊيون: ث. تاجيءَ جي سٽ ڪي ارت تي سلجهائي ويڙهڻ لاءِ سڙ نارِي وغيره جي سٽلدار پولي نلي يا نڙي - نڙانڊي - نڙو - نارَاڻي.

● نارَڻ: مصدر. مقرر ڪرڻ - ضد پڌڻ - ڪَدُ ڪرڻ. نارِيءَ ۾ ڊيگهه پڌڻ - هر ۾ ڊيگهه جوڙڻ. نارِيءَ نموني پوک ڪرڻ. (نارِيو - نارِينڊو - نارِيل).

● نارُو ۽ نارَا: ذ. شلوار وغيره پڌڻ جي ٻنارَ - آڳڻ - ازار بند - شلوار بند - پاجامي جو فيتو - اڳاڙ - آڳاڻ. (جمڻ وقت) دڻ جو نارُو. پاجاريُ پڌڻ لاءِ ڇڻ جو رسو يا وڊي. پاڻي جي ول يا هوڻي جو هڪ قسم (جنهن جا ٻن ڪاڏي طور ڪم اچن). سرنڊ. مرد جو مخصوص عضوو. (ل). سُرو هو وڻ. ڪڙين يا هنس کي گول ڪرڻ لاءِ هڪ ڇڪهدار لوهي اوزار. ٿري پرت جو هڪ قسم.

● نارُو: لاهوري گجرن جي ول.

- نارَا چوڙ: ذ. پيشاب - سٽ - ريلو.

- نارُودي: ث. هرسال هر ڏيهي آباد ٽيل زمين.

- نارُوڏي: ث. نارُو پيدا ڪندڙ زمين.

- نارُو موڙڻ: ٽئين جاول پار جو نارُو (دڻ وارو) ڪڍڻ.

- نارُو وَڏڻ: نارُو موڙڻ. بچڙو ڳالهائڻ - تعدي ڪرڻ.

- نارِي چوڙ ڪرڻ: پيشاب ڪرڻ - سٽ ڪرڻ - مُٽڻ.

- نارِي ڳل: نارِي جي نموني پرت جو هڪ قسم.

- نارِيوال: نارُو موڙيندڙ - دايو - ٻٽارو.

Gul Hayat Institute

ـ نازِي و يُ ۽ نازِي وَيُ: ذ. صفت. جاڻي جو ڪان واقف ـ سڃاڻو ـ ميڃيجي.

ـ نازِي وَيُو: ذ. نازُو ويندڙ ـ چڱي طرح جاڻندڙ ـ حال چال مان واقف. جاڻي جو ڪان سڃاڻو.

● نازِي يُونُ: ث. (سن نازِي = نبض). نَس ـ نبض ـ رَڳ ـ نسار ـ شريان. (سن. نازِ = پوري نلي) (ست جي) نازِي ـ پاندي. (هٿ ۽ پ) پيلازُ ٽيل گاهـ ـ لبيل فصل ڪان پوءِ باقي رهيل گاهـ. هوڪ جو هڪ قسم (نازِي هوڪ) لاءِ ڪم ايندڙ هڪ هاڪارو اوزار (ڪاٺ يا لوهـ جو توتاري جي شڪل تي). هوڪ جو هڪ قسم ـ نازِي هوڪ. جم جي رسي ـ ورت ـ پڳهـ ـ نازُو ڏيري ـ نازُانبي. ملڪ جي هڪ حصي جو نالو. رياست قلات مان وهندڙ هڪ ندي۽ جو نالو (ذ. صفت) نڙوڇائيندڙ.

ـ نازِي چٽَنُ: فصل ڪٽڻ. بج ڪٽڻ.

ـ نازِي ڪاهِڻ: نازِي ڪرڻ.

ـ نازِي ڪرڻ: نازِي ذريعي ڪٽڻ يا ونڊڻ ڪٽڻ.

● نازِياٽي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● نازِي يُ لشاري: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري جم هڪ ديهـ جو نالو.

● نازِيُوال: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ـ دايا ـ ٻنارا. گهڙي جو هڪ قسم.

● نازُ ۽ ناز: ذ. معشوقي حرڪت ـ ادا ـ انداز ـ عيشوه ـ غمزو ـ نخرو ـ ڪرشمو ـ ڪمال ـ نازنخرو ـ منيون ڪاڻهيون ـ چٽخن ـ لاڏ ـ ڪوڏ ـ ماٺو ـ چاڳ ـ چالو ـ چاڳلائي. ٿوڻ ڦٽل سرو ۽ صنوبر جو وڻ.

ـ نازانُ: ذ. صفت. خوش ـ سرهو. باورڪيل.

ـ ناز بردارُ: ذ. صفت. نازڪندڙ نازنين.

ـ نازُ پَروَر: ذ. صفت. نازهاليندڙ ـ نازنخري واروـ

ـ نازَ سَهَنُ: ڪنهن جي آڪڙ يا گهمنڊ برداشت ڪرڻ ـ آر انگل ڪٽڻ ـ نخرا سهڻ ـ حجت ڪٽڻ.

ـ نازَ ڪرڻُ: نخرو ڪرڻ ـ ادائون ڪرڻ ـ غرور ڪرڻ ـ فخر ڪرڻ.

ـ نازُ نَخرُو ۽ ناز نَخرا: نازـ آرـ ادا ـ انگل ـ نخرو. مڪر ـ ڏونگ ـ چالو. آڪڙ ـ غرور ـ گهمنڊ.

ـ نازنَيُنُ: ذ. صفت. نازدار ـ نازواروـ د لاويزـ دلفريب ـ خوش وضع ـ سُندر ـ خوبصورت ـ البيلو ـ نازڪ اندام ـ بانڪي ـ دلربا. سڄڻ ـ پرين ـ دلبرـ محبوب ـ ڏولڻ. ناز نخري واوو ـ نخريلو. (ث). ڪامڻي ـ گُجر ـ سُندري.

ـ نازاتِرُ: اسم خاص. فيڊرل ايريا جم هڪ ديهـ جو نالو.

● ناز بُٽَنُ: اسم خاص. خوشبوءِ دار ٻوٽي جو هڪ قسم ـ نازبوءِ.

● نازُ بُوءِ: اسم خاص. خوشبوءِ دار ٻوٽي جو هڪ قسم.

ـ نازُڪُ ۽ نازڪَ: ذ صفت. ڪومل ـ سوڪيم ـ پتلو ـ سنهو ـ چينجهڙو ـ و ترو ـ يڪ نهو. ڪونئرو ـ ملايم. ڪچو ـ پورو ـ پرندڙ ـ ٽاڪنئون. نفيس ـ لطيف ـ نزاڪت وارو ـ خوبصورت ـ جوپين وارو ـ نازپرور ـ سهڻو. نازڪ طبع ـ ڏکڻو.

ـ نازِڪُ بَدَنُ: ذ. صفت. نازڪ بدن وارو ـ خوبصورت ـ سهڻي بدن وارو ـ سنهڙي بدن جو.

ـ نازِڪُ ڏاڳا: ڪچي تند.

ـ نازڪُڙو ۽ نازِڪُڙا: ذ. صفت. نفيس ـ ڪُٽنرو.

ـ نازڪُ مِزاجُ ۽ نازڪُ مِزاجَ: ذ. صفت. نازڪ ـ نازڪ طبع. تنڪ مزاج ـ جلد چڙندڙ.

ـ نازِڪُ وَقتُ ۽ نازِڪُ وَقتَ: ذ. خراب وقت ـ خطري جو وقت ـ جوکي جو وقت ـ مقالي جو وقت ـ امتحان جو وقت ـ اندهناڪ وقت ـ اوڪي گهڙي ـ ڏکي سهل ـ اوسترُ ـ ٻُجرن.

ـ نازُڪُ هَنڊَ ۽ نازڪَ هَنڊَ: ذ. سُهلڪ هنڊ. بدن جو اهڙو عضوو جو جلد خراب ٿي سگهي ـ پراڻ استان ـ مرم استان ـ جيگرُ ـ روح جي رهڻ واري جاءِ.

● نازِلُ ۽ نازِلَ: ذ. صفت. مٽان هيٺ ايندڙ ـ لهندڙ ـ هيٺ لهندڙ ـ رو ٻرو ٿيندڙ ـ ڪرندڙ. مصيبت وغيره اچڻ يا ڪڙڪڻ واري حالت. لٿو.

ـ نازِلُ ٽيسّنُ: لهڻ ـ هيٺ اچڻ ـ آسمان تان اچڻ ـ ڪڙڪڻ.

Gul Hayat Institute

ـ نازِلُ هُڻڻُ: (تي آپدا) پوڻ ـ ڪڙڪڻ ـ نازل ٿيڻ.

● ناس ۽ ناسُونُ: ث. (سن. نش) نڪ جو هڪ سوراخ يا ٻُنڊ ـ نڪ جي چونڊي ـ تر ـ ناکوڙي. نڪ ۾ ڏيڻ لاءِ هڪ نشيدار شيءِ ـ تماڪ جو ٻُورو ـ نسيوار ـ پينل تماڪ. شرم ـ حيا ـ لڄ ـ مَرمُ. (ث). سونگهڻي ـ سُونڪڻي. منهن اونداهي. ناپ ـ شفقت.

ـ ناسَ ڏِيڻُ: نڪ يا وات ۾ ڏندن کي پيل تماڪ يا ناس ڏيڻ ـ نسوار ڏيڻ ـ عيلت پلڻ.

ـ ناسِرُ ۽ ناسِرَ: ذ. صفت. نڪ جي وڏين نامن يا چونڊين وارو. ناس ڏيندڙ.

ـ ناسِرو ۽ ناسِروُ: ذ. صفت. نڪ جي وڏين چونڊين وارو ـ ناسِرُ.

ـ ناسِڪو ۽ ناسِڪا: ذ. ناسَ ـ چونڊي (نڪ جي). نڪ مان ڪنيل وڏو ساهه ـ هوا سُنگهڻ واري حالت. نڪ ۾ ڏيڻ جي نشيدار شيءِ ـ ناس. رمل هڻڻ واري حالت.

ـ ناسِڪا هڻڻُ: احوال معلوم ڪرڻ ـ ناسڪا غيب جون ڳالهيون ٻڌائڻ ـ رمل هڻڻ.

ـ ناسِڪِي ۽ ناسِڪِيُ: ذ. صفت. نڪ مان نڪتل (اکر). ناسڪا هڻندڙ.

ـ ناسُنُ ڦاوڙُو: ذ. صفت. نڪ جي وڏين نامن وارو.

ـ ناسُونُ چِيڙُ: تڪليف ڏيڻ ـ سزا ڏيڻ.

ـ ناسُونُ ڦُنڀائِيڻُ: آڪڙ ڏيکارڻ ـ غرور ڪرڻ.

ـ ناسُونُ هڻڻُ: جاچ ڪرڻ ـ خبر وٺڻ.

ـ ناسِيُ ۽ ناسِيُ: ذ. صفت. ناس ڏيندڙ ـ ناس ڪندڙ ـ ناس وارو ـ نساس جو. ناس جي رنگ تي مائل ـ ناس جي رنگ جو نالو ـ ناس جهڙو.

● ناسُ: ذ. صفت. (سن. ناش > نَشُ = ناس ٿيڻ) ناهوت ٿيڻ ـ تباهه ـ برباد ـ چٽُ ـ ويران ـ آجڙُ ـ نيست و نابود ـ نشٽ ـ فنا ـ معدوم ـ خارج ـ مُنطفي. پورو ٿيل ـ ختم ٿيل. ڪاهل ـ بيڪار ـ مُئل ـ وِسائل ـ ڪوهيل ـ ڊائل. خراب ـ ڪينو. عدم ـ غارت ـ برباد ـ تباهي ـ ويراني ـ گهات ـ فنا ـ وِناس ـ ستياناس ـ پائمالي ـ ابتري ـ آجاڙ ـ خانه خرابي.

ـ ناسُ ٿِيڻ: خراب ٿيڻ ـ تباهه ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ ـ بگڙي وڃڻ ـ آجڙڻ ـ فنا ٿيڻ ـ خاڪ ۾ ملي وڃڻ ـ مَلياميٽ ٿيڻ ـ خانو خراب ٿيڻ ـ ويران ٿيڻ.

ـ ناسِوَنُتُ ۽ ناسِوَنُٽ: ذ. صفت. ناپائدار ـ گهاتي ـ فاني ـ وِناشي.

ـ ناسِيُ ۽ ناسِيُ: ذ. صفت. ناس ڪندڙ ـ پائمال ڪندڙ. ناس ٿيل.

● ناسِيتَ ۽ ناسِيتَئُونُ: ث. اهاوُ ـ عَدَمُ ـ نيستي ـ ناستيءِ. گمراهي.

● ناسِيتِڪُ ۽ ناسِيتِڪ: ذ. صفت (سن. ناسِيتِک) ايمان نہ آڻيندڙ ـ نہ مڃندڙ ـ خدا يا ايشور کي نہ مڃيندڙ ـ مُلحِدُ ـ زنديق ـ بي دين ـ د هري ـ خدا جو مُنڪر ـ نِرايشوروادي ـ ڪافر ـ مُنڪر.

ـ ناسِتِڪائِيُ ۽ ناسِتِڪائِيَئُونُ: ث. ناستڪتا ـ ناستڪي ـ ناستڪمت ـ نِرايشورواد ـ اِلحاد.

ـ ناسِتِڪُتا ۽ ناسِتِڪُتائُونُ: ث. ناستڪي ـ ناستڪمت ـ ڪفر ـ بيدِيني ـ الحاد.

ـ ناسِتِڪِيُ ۽ ناسِتِڪِيُ: ذ. صفت. نہ مڃيندڙ ـ خدا تي ايمان نہ آڻيندڙ ـ منڪر خدا ـ د هري ـ ناستڪ. نياگو ـ ڪمبخت ـ چنڊال ـ بد نصيب ـ ڪم نصيب ـ بد بخت ـ چنڊو.

ـ ناسِپاتِيُ ۽ ناسِپاتِيَئُونُ: ث. ميوي جو هڪ قسم (دانا قندارِي صوف جيڏا، رنگ پيلو، سواد ڪٽمٺو) ـ نڪو. هڪ وڻ جو نالو ـ ناکو.

● ناسَ پِتو ۽ ناسَ پِتا: ذ. حياءُ ـ شرم ـ لڄ ـ غيرتِ نفس.

ـ ناسَ پِتو هُورڻ: حيا شرم ڇڏي ڏيڻ ـ بي غيرت ٿيڻ.

ـ ناس پِتو نہ ٻُڪُ هُڻڻُ: بي حيا هڻڻ ـ نِرلجو هڻڻ ـ بي غيرت هڻڻ.

ـ ناس پِتو نہ هُجڻُ: حيا شرم نہ هجڻ ـ بي غيرت بنجڻ.

Gul Hayat Institute

ـ ناسَ پيتو هُنڻ يا هُجڻ: حيا شرم هڻڻ- لڄ يا غيرت هڻڻ.

● ناسِخ ۽ ناسِخَ: ذ. صفت. (ع. نسخ). لکندڙ. رَدَ ڪندڙ- برباد ۽ نابود ڪندڙ.

● ناسَ: مصدر. (سن. نسَ = چمڪڻ). چنڊ جو اپرڻ- ڪنيءَ ڪيڏڻ- اپرڻ کان اڳ سج يا چنڊ جو خاڪي روشني پيدا ڪرڻ. (ناسيو- ناسيندو- ناسيل).

ـ ناسِجڻ: مصدر. چنڊ جو ٿورو ٿورو ٿي مٽي اپري اچڻ- چنڊ جو اپرڻ کان اڳ سهاڻو ڏيکارڻ. اپرڻ- ڪنيءَ ڪيڏڻ- ظاهر ٿيڻ- روشن ٿيڻ- ٻاهر نڪرڻ.

"ناسيندي نهارَ پهرين ڪڃ پرينءَ ڏي."
(شاهہ)

● ناسُوت: ذ. (ع). جسمن جي دنيا- عالمِ اجسام. دنيا- هي جهان تصوف جي ٽين منزل (جبروت، ملڪوت، ناسوت، لاهوت).

● ناسُودو ۽ ناسُودا: ذ. صفت. بدنام- سٽون سڏو- نه ٿيڻ جهڙو- لڪ ٻڌل- نيرلجو (ث. ناسودي ۽ ناسوديُون).

ـ ناسُودِيُ ۽ ناسُودِيُون: ذ. صفت. بي حيا- بي شرم- نيرلجو.

● ناسُورُ ۽ ناسُورَ: ذ. نه چٽندڙ ڦٽ يا زخم- هميشه ريشو وهائيندڙ ڦٽ- اڻ چٽندڙ- نواسير- وِر- پڪندر- چڪندڙ- چڪندڙ ڦٽ- ڪهرو ڪهاڻ- چهڪ- زخم.

ـ ناسُور ٿي ٻيهڻ: ڦٽ جو اصل نه چٽڻ. ڦٽ جاڳڻ. عشق جو ڪهرو اثر ٿيڻ- محبت پيدا ٿيڻ.

ـ ناسُورُ و جهڻ: وڏو ڦٽ وجهڻ- ڪهڙو زخم يا گهاءُ ڪرڻ.

ـ ناسُور هُجڻ: نه چٽائيندڙ گهاءُ هجڻ. ڏاڍو شوق هجڻ.

ـ ناسُورِيُ ۽ ناسُورِيُ: ذ. صفت. ناسور وارو- سخت گهايل- لُڇ- بدمعاش- لچو. (ذ. اسم). زخم- ڦٽ- ناسور.

● ناسُونُ (ج): ث. سج اپرڻ وقت آسمان تي خاڪي ليڪا.

● ناسِيُ (ج): ث. سياري ۾ اتر اولهہ ڪان لڳندڙ هوائون.

● ناسِيئُو ۽ ناسِيئُو (ث): ذ. صفت. وجايل مال جي ڪولا ڪندڙ- ڪولائو- ڪهورو.

● ناشُ: ذ. (سن). زوالِيت.

● ناشِتو ۽ ناشِتا: ذ. صبح جي مانيءَ- نيرن- نيراني- نهاري- صُبحو جڙي- سيراڻ (ڪچ). چاهہ پاڻي.

● ناشِرُ ۽ ناشِرَ: ذ. صفت. شوم نه هجڻ جي حالت وارو- سخي. معصوم پار- نديو پار.

● ناصِحُ ۽ ناصِحَ: ذ. صفت. نصيحت ڪندڙ- نصيحت ڏيندڙ- صلاحڪار- آهِد پشڪ- پندگو. واعظ.

● ناصِرُ ۽ ناصِرَ: ذ. صفت. نصرت ڪندڙ- مدد ڪندڙ- مددگار. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. افغانن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي مٿيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ناصِراڻِيُ: اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ناطِقُ ۽ ناطِقَ: ذ. صفت. ڳالهائيندڙ- صاحب عقل- سُڌندڙ- سمجهہ پريو- ڪليات ۽ جزئيات سمجهندڙ. نهرايل- قطعي- چٽو- صاف- شافي- ڪٽو- پڪو- تاڪيدي- آخرين. تڪرار.

● ناظِرُ ۽ ناظِرَ: ذ. صفت. ڏسندڙ- نظر ڪندڙ- نگهبان- نظر ري ڪندڙ- سنياليندڙ- جاچ رکندڙ- محافظ. داروغو- جاسوس- سرپرست ڪار- ديواني ڪورٽ ۾ سيپ ڪان وڏو ٻئلف. ضلع جي ڪورٽ جو هڪ آفيسر- مڪيہ عملدار- هيڊ محرر. (ذ. اسم). خواجہ سراءِ. ڪدڙو- خوجو- نيپوسڪ- مخنث.

ـ ناظِرو ۽ ناظِرو: ذ. صفت. نظر هڻندڙ.

ـ ناظِرينُ ۽ ناظِرِينَ: ذ. نظر ڪندڙ- ڏسندڙ. پڙهندڙ. پڙندڙ.

ـ ناظِرات ۽ ناظِراتُونُ: ث. ناظر يا هيڊ محرر جي آفيس يا دفتر- ناظري آفيس.

Gul Hayat Institute

ـ ناظِري ع ناظِرِيُون: ث. ناظر جو ڪم. ناظر جو عهدو.

● ناظِمُ ع ناظِمَ: ذ. صفت. نظم ٺاهيندڙ يا لکندڙ- شعر چوندڙ- شاعر- ڪوي. انتظام يا نظام رکندڙ- منتظم- ڪارڪن. پردي وارو- انتظار ڪندڙ. پوئيندڙ.

● ناعِمُ ع ناعِمَ: ذ. صفت. نعم وارو- ناز و نعمت ۾ پليل- نرم- نازڪ. (اسم خاص). هڪ قلعي جو نالو.

● ناغو ع ناغا: ذ. ڦوٽ- پنڪ- خال- خالي جاءِ- سنڊو- روڪ- رندڪ- سنَ- پَچ- پيچ ٽوڙ- ڇڏڻ يا مروڻ واري حالت. غير حاضري- خالي- تعطيل- موڪل- ڇٽي.

ـ ناغو وِڇهڻ: ترڪ ڪرڻ- ڇڏي ڏيڻ- خالي ڇڏڻ- ترڪو هڻڻ.

● نافُ ع ناف: ذ. وچ- ناپ- سونڊي- دُنُ- نازو. مشڪ جو ٻيڙو.

● نافَتَ ع نافُتُون: ث. نه هٽ اچڻ واري حالت- اڻ هوند- نيافت- اڻ لپائي- ڪَميُ- گهٽتائي. قحط- ڏڪر. ظلم- پرلاءُ.

● نافِذُ ع نافِذ: ذ. صفت. چٽيل- مڃيل- نڪتل (ڳالهه)- جاري ٿيل (قانون)- عمل ڪيل- نازل ٿيل- نبريل (فيصلو)- پاس ڪيل (ڪو حڪم). اثر ٿيڻ واري حالت.

● نافِعُ ع نافِعَ: ذ. صفت. نفعو ڏيندڙ- نفعي وارو- فائديوارو. فائديمند- مُفيد- فائدهمند- سُودمند- قسلدائيڪ- ونڊائيندڙ- واڌاري وارو- ڪنجائشي- لاهيتو. سجايو- سڪيارٿو. گڻ ڪندڙ- گٽا ڪاري.

● نافو ع نافا: ذ. مشڪ يا ڪستوري جو ڳنڍو. هرڻ جو دُن.

● ناقَ ع ناقُون (ڪ): ث. دُنُ- نافُ.

ـ ناق پَوڻ: هڪ قسم جي ٻياري ٽيڻ- چيڪي پوڻ.

● نا قبُولِيُ (ت): ث. يڪ سالي تي ملهل زمين- خاص موڪل زمين.

● ناقِصُ ع ناقِصَ: ذ. صفت. اڻ پورو- نامڪمل- گهٽ- اڌورو- ڪسو- اونو- ڪميءَ وارو- گهٽتائي وارو- زائل- نرسو- ڪنڊل (پاڳو)- ڪم (عقل)- اڌو گاهرو- ڪچو (رڌل ڪاڌو). خاميءَ وارو- عيدارُ- ڪوڙو- ڪوڙو- خراب نڪمون.

ـ ناقِصائيُ ع ناقِصائِيُون: ث. گهٽتائي- نرسائي- ڪَميُ ڪوٽ- اوڻائي- ڪوتاهي- اڻاڻ- ڪاهت- ڪوتاهي- نقص- خرابي- عيبُ- اوڻ- هيٺتا- (عقل جي) مار- قلت.

ـ ناقِصِيُ: ث. (ع). ناقصائي- گهٽتائي- عيبُ- اوڻائي.

● ناقِلُ ع ناقِلَ: ذ. صفت. نقل ڪندڙ- نقل نظير ٻڌائيندڙ- نقالُ. ڪنهن ڳالهه جو بيان ڪندڙ- ڳالهيارُ- وارتائون ڪندڙ. پَتُ- پانُ.

● ناقُورَ ع ناقُورُون: ث. (ع. ناقه) ڏاڇي- آڻ.

"منڊ پياري پنڊ گهٽو نه مُون آڻ نه ناقُورَ"
(سر آبري- شاهه).

● ناقوسُ ع ناقُوسَ: ذ. هندن جي وڄائڻ جو هڪ وڏو ڪوڏُ- سنک. گرجا جو وڏو گهنڊُ.

● ناقه: ث. آڻ جي مادي- آڻٽيُ- آڻ- ڏاڇي.

ـ ناقي پانُيانُ نالُ: آڻن ۽ ڏاڇين جو ديدار مون لاءِ مانيءَ مثل آهي (سر حسيني- گر).

● ناڪَ ع ناڪُون (ث): پٽ مان لنگهڻ لاءِ سرڙهي جاءِ- ناڪو- لانگهو.

● ناڪارو ع ناڪارا: ذ. هنڌيءَ جو هڪ قسم (ڪجهه سيڪڙو- هنڌيءَ جي پرجڻ جي حالت ۾ هنڌي لڪائيندڙ، هنڌي لڪندڙ ڪان پراڻي ونندو آهي، هنڌيءَ جا نرخ هرهنڌ ساڳيا نه آهن، ڪراچيءَ ۾ في سيڪڙو ۴ آنا ۽ حيدرآباد ۾ ۸ آنا).

● ناڪَسُ ع ناڪَسَ: ذ. صفت. ڪميڻو- ڪُڌو- لوڙو- ناقصُ- گهٽ- نيچ- ڪمذات- اوچو- ڪُماٿو- نالائق- سفلو- پاجي- ڪِرتن ڪنو.

ـ ناڪَسِيُ: ث. نالائقي- ڪميڻائي. لاچاري.

Gul Hayat Institute

● ناڪَل ع ناڪَلِيُونُ، ناڪَلاُونُ: ڏنڊي هار جي پيشاب وارو عضوو - لُلِيُ - ڏُنِيُ - ٽُنِيُ.

● ناڪو ع ناڪا: ذ. (پرا. نَڪو. سن. نڪ + ڪو = ناڪو). داخل ٿيڻ جو رستو - گذرگاهه - رستو. (رستي وغيره جي) پچڑي - پوچڑي - پوچڑُ - چيڑو. ٽوائو رستي جو مُنڊ - مُهاڏُ - مهڑ - مها ڳ. شهر جو دريا دروازو (جتي محصول اڳڙي). لنگهه - لانگهو - نئين شهر ۾ داخل ٿيڻ جو رستو - سرحد - دروازو - گلي - در بند. سنڊو - حد. مال جي محصول لاءِ مقرر جاءِ - ڏڻ يا ڏاڻ وٺڻ جي جاءِ. نگهبان جي آفيس يا دفتر - چونڪيُ. سُئيُ جو پاڪو. ميوي جو هڪ قسم - نڪو - ناسپاتي.

= ناڪا بَنڊيُ ع ناڪا بَنڊِيُونُ: ث. رستي بند ڪرڻ واري حالت - رستي روڪ - گهيرو - محاصرو.

= ناڪائيُ ع ناڪائيُ: ذ. صفت. ناڪي تي ويهندڙ محصول اڳاڙيندڙ. نگهباني ڪندڙ.

= ناڪيدارُ ع ناڪيدارُ: ذ. ناڪي وارو - محصول وٺندڙ - چونگي يا چونگي وٺندڙ. محصول وٺندڙ - ڦاٽڪ - ناڪو.

= ناڪي سُنُشيُ: ذ. محصول وٺندڙ - چُنگي اڳاڙيندڙ.

● ناڪَ ع ناڪ: ذ. نڪ - ناسَ.

= ناڪُوٽوُ ع ناڪُوٽا: ذ. (سن. نتسُ = نڪ) نڪ جي وڏي چونڪي - تَرَ - ناسَ - ناڪوٽي. (ذ. صفت). وڏين چونڪين وارو. (سن. ڪنشُٽ = ڏنڊو. پرا. ڪنٽين) چوٽو - ڏنڊو - ڏنڊي. (ث. ناڪوٽي ع ناڪوٽيُون).

= ناڪيُ ع ناڪيُ: ذ. صفت. نڪ وار - نڪ گهٽو - ناسيڪي - غُنو (اسم). اڻ جي نڪ جي ناسَ يا چونڪي ۾ مهار ڏڻ لاءِ وڏل ڪاڻيءَ ٽُڪر - ناڪيل - ناڪيلو - ناڪيلي - لاڻي.

= ناڪيُر ع ناڪيرُونُ (ڪ): ث. نڪ مان رت وهڻ واري حالت - نڪهيرَ - ناڪيري - ناڪيلي - نڪسير.

= ناڪيرُ ي ع ناڪيرُ يُونُ: ث. نڪ مان رت وهڻ واري حالت - ناڪير - ناڪيلي - نڪهير - ناڪيل.

= ناڪيلَ ع ناڪيلُونُ: ث. اڻ جي نڪ جي چونڪيءَ ۾ مهار ڏڻ لاءِ وڏل ڪاڻيءَ جو ٽڪر - ناڪيلي. نڪ هيرَ - ناڪير.

= ناڪيلِيُ ع ناڪيلِيُونُ: ث. ناڪيل - لاڻي - لاڻي. نڪ هير - ناڪير - ناڪيري.

= ناڪيلِيءَ ۾ ٻيهَڻُ: حد اندر ٻيهڻ - لُڇائين ڪان روڪجڻ.

= ناڪيلِيُ هُڻَڻُ: ٽورو ڪرڻ - احسان ڪرڻ - مهرباني ڪرڻ.

● ناڪُونُ (ع): ث. نانڪُون - ناو ڪُون - تِيرَ.

● ناڪيلُو ع ناڪيلا: ذ. وڻ جو هڪ قسم (ڪاڙها ڪُل جهلي) ناگيلو.

● ناڪَ ع ناڪُونُ (ث): ث. اُچل - رَڪَ.

● ناڪرُ ع ناڪرَ (ت): ذ. صفت. سِڪيلڏو - دادِلو.

● ناڪَنُشُونُ ع ناڪَنُشانُ: ذ. ٻيڙي هلائيندڙ - ناڪُئو - ملاح - ڪپتان.

● ناڪوٽيروُ ع ناڪوٽيرا: ذ. نڪ جو سوراخ - ناس - چونڪي - تَرِ - ناڪوٽو.

= ناڪوٽوُ ع ناڪوٽا: ذ. نڪ جو هڪ عضوو - نڪ جي منهن وارو هڪ سوراخ - نڪ جي چونڪيءَ وارو اندريون حصو - پره بيني. (ذ. صفت) وڏين چونڪين وارو. (ث. ناڪوٽي ع ناڪوٽيُون).

● ناڪُوُ ع ناڪُوا: ذ. ٻيڙي هلائيندڙ - ناڪُئو - ملاح - ناڪَنُشونُ - ناوُڪو.

= ناڪُئوُ ع ناڪُئا: ذ. (سن. ناوَ ڪِ. ف. خُدا) ٻيڙي هلائيندڙ - ٻيڙيءَ وارو - ٻيڙياتو - خلاصي. ملاح - ناڪوو. ناڪَنُشون - مهاڻو - جهازران.

● ناڪ ع ناڪ: ذ. جانور جو هڪ قسم - هاڏي.

● ناگ (ث): ذ. نانگ جو هڪ قسم - ڪارو نانگ - واسينگ نانگ.

Gulfayat Institute

● ناگاهُ: ظرف. اوچتو - اتفاقاً - اچانڪ - يڪايڪ - اڀاڪي - اهس - اڻ سرت - اڻ چيت - آڇٽ - هرڀٽ - اڻ چتايو - اڀاڪُ - آماڪ.

● ناگدِيوُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● ناگرِ (ت): اسم خاص. جهنگلي گاهه جو نالو.

● ناگرُ ۽ ناگرَ: ذ. لنگر جو رهاڪو - شهري ماڻهو.

● ناگِراڻِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● ناگرُموُتا: ذ. (ع. سعد كوفي. ف. مشڪ زمين) خوشبوءِ دار ٻوٽي جو هڪ قسم (گل خوشبوءِ دار، پاڙ ڊگهي ۽ سواد ۾ تکي ۽ ڪوڙي، طبيعت خشڪ ۽ گرم).

● ناگرموٽَ: ث. پساركي وڪر جو هڪ قسم.

● ناگرُنتَ ۽ ناگرُنتَ: ذ. صفت. چالاڪ.

● ناگِري ۽ ناگِرِيُ: ذ. صفت. لنگر هلائيندڙ - لنگر هلائيندڙ. ماني ورهائيندڙ. پارت جي قومي لکائي - هنديءَ جي صورتخطي يا اکر.

● ناگِليُ ۽ ناگِليُ: ذ. لاڙي اناج جو هڪ قسم. (شايد راڙه (دال) کي چوندا آهن).

- ناگِليُ گَجَرُ هُٽَنُ: سولائيءَ سان نڪجڻ.

● ناگِناهِ: اسم خاص. تعلقي ڏنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ناگ والُ ۽ ناگ والَ: ذ. ريشم جي تاجي تائڻ وارو.

● ناگهڙ: ظرف. اوچتو - اچانڪ - اتفاقا - ناگاهُ.

● ناگهِيل ۽ ناگهِيلُونُ (ث): ث. راند جو هڪ قسم (پٿر يا سرن جا اڏڻ هڪ ٻئي مٿان رکي، ان کي هال سان کيرائڻ) - سيڙهه کينهوڙي راند - ناگهيل ڦوسهيل راند.

- ناگهيل ڦوسهيل: راند جو هڪ قسم - سيڙهه کينهوڙي راند - ناگهيل.

- ناگهيل ڦوسهيل ڪرَنُ: جيئن آيو تيئن ڦٽو ڪرڻ - ٽيڙي پڪيڙي ڇڏڻ (ڪاهه شيءِ).

● ناگهيلُ ۽ ناگهيلَ: ذ. پرت ۾ پربل هڪ قسم جو گل. ڏُول (چلهه جي ٽوپيءَ جو ڏ ڪ) سرن جي هڪ ٻئي مٿان رکيل سٽي. نانگ جي ڏنگ لاءِ هڪ قسم جي دوا - ترياق.

● ناگِل وَلِ (ث): ث. ول جو هڪ قسم.

● ناگيليُ: ذ. سنهي ان جو هڪ قسم.

● ناگيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۾).

● نالَ (ت): ذ. سڏ - آواز - واڪو. (اسم خاص). جهلاوان جي ويجهو بلوچستان ۾ جهونن دڙن جو نالو، جي ماهرن جي چوڻ موجب اٽ صديون قبل مسيح جي زماني جا آهن.

- نالَ ڪَرَنُ: سڏ ڪرڻ - سڏڻ.

● نالِ: حرف جر. سان - ساڻ - سميت - سوڏو - شامل - ڪڏ.

"آهي ارمان عجبين جو، مون کي نال نه نيائون" (شاهه).

واسطي - ڪاڻ - لاءِ.

● نالُ ۽ نالَ: ذ. (سن. نالَ = نلي) هڪ قسم جي نلي يا نري - بندوق جو هورو حصو جنهن مان ڪانُ نڪري - بندوق جي نلي. باهه ڦوڪڻ لاءِ ڪُٽ يا پتل جي ٺهل نلي. واهه - نهر. لوهه جو گول ٽڪرو، جو گهوڙي جي سُنبن هيٺان لڳي - نعلُ. ٽنب جي مٿان جهل لاءِ رکيل ڪاني. جُوا راند ۾ هر داءُ مان ٽڪريءَ جي مالڪ کي ڏنل آجورو - معاوضو - جُوا جو عيوض پڻ.

- نالبيڇوُ ۽ نالبيڇا: ذ. نڙو - مڌبان. جهلو (ڏنگين ليکن وانگر ڪاٺ ۽ لوهه وغيره جو).

● نالانُ ۽ نالان: ذ. صفت. روئندڙ - فرياد ڪندڙ رُئل.

● نالتَ ۽ نالتَونُ: ث. (لعنت جو بگڙيل لفظ). لعنت - جُٽ - ٽُڪ ٻُجو - پاراتو - پيتَ - سيراپُ.

- نالتيُ ۽ نالتيُ: ذ. صفت. لعنت وارو - لعنتي - نامراد. نفرت جوڳو.

● نالِداڻيُ ۽ نالِداڻيونُ (ل): ث. آڪ ڪاڻي کي مضبوط ٻارڻ لاءِ ٻدل لوڙيون.

Gul Hayat Institute

● نالِش ۽ نالِشُونُ: ث. (ف. نالِيدن = دانهن ڪرڻ). فرياد - دانهن. مقدمو.

● نالِڪِي ۽ نالِڪِيُونُ: ث. ڪنهن امير يا بادشاهه جي آڻ وغيره تي سواريءَ لاءِ ناهيل سيج وغيره - پالکي.

● نالو ۽ نالا: ذ. (سن. نامَنْ. ف. نامْ = نالو). ڪنهن ۾ ساهواري جو نالو - نانءُ - نام - اسم. لقب - خطاب - سرنامو - آل. ناموس - هاڪ - ساراهه - نيڪي - مشهوري - جسُ - ڏاکو - هڪل - ناماچار - شهرت.

- نالو بَدُ ڪَرڻُ: نالو خراب ڪرڻ - ٽِڪو لڳائڻ - عيب لڳائڻ - خوار ڪرڻ - تهمت ڏرڻ - رُسوا ڪرڻ - بدنام ڪرڻ - ڪنهن جو نالو خرابي سان مشهور ڪرڻ - بدناموس ڪرڻ.

- نالو ٻُڌائِڻُ: نالو ظاهر ڪرڻ - نالو ونڻ. واقفيت ڪرڻ.

- نالو ٻوڙَڻُ: خوار ڪرڻ - بدنام ڪرڻ - نيڪي وڃائڻ.

- نالو ٿيڻ: ناموري ٿيڻ - شهرت ٿيڻ - نيڪنامي ٿيڻ - واهه واهه ٿيڻ.

- نالو ٽَنَگِجَڻُ: ڪنڊي يا ڪٽ ۾ نالو ڦاسڻ - قرضي ٿيڻ. ڪيس يا معاملي ۾ ڦاسِجڻ.

- نالو خراب ڪرڻ: نالو بد ڪرڻ - بدنام ڪرڻ - رُسوا ڪرڻ - خوار ڪرڻ.

- نالو ڪِيائِڻُ: منتر يا علم نجوم سان چور جو نالو معلوم ڪرڻ. قرآن شريف يا ڪنهن مقدس ڪتاب ذريعي جاول ٻار جو نالو تجويز ڪرائڻ. مشهوري ڪرائڻ - ناموس ڪيائڻ - هاڪ ڪيائڻ - نيڪي ڪيائڻ - بدنامي ڪرائڻ.

- نالو ڪِيڻُ: مشهور ٿيڻ - نامي گرامي ٿيڻ - نامي ٿيڻ - نالير ٿيڻ - نام ڪنو ٿيڻ - نالي وارو ٿيڻ - نامياروٿيڻ.

- نالو ڪَرڻُ: نالي ڪيائڻ خاطر ڪو نيڪ ڪر ڪرڻ - نالي خاطر پوزيشن صاف ڪرڻ - ظاهر ڪرڻ - نامياروٿيڻ - نالي ماتر ڪو ڪر ڪرڻ. ٻئي طرف منسوب ڪرڻ - ٻئي تي چڏڻ - ڪنهن تي الزام لڳائڻ - پاڻ لڪائي ٻئي جو نالو ظاهر ڪرڻ.

- نالو ڪمائِڻُ: شاديءَ ۾ گهوٽ مٽان گهور گهوريندڙ جو نالو ونڻ. ڪيڻ ته: "احمد ڏيئي وهو ڙي سو من پانيان ڙي."

مشهور ڪرڻ - ساراهه.

- نالو نِڪرڻُ: نيڪي يا بديءَ ۾ مشهور ٿيڻ. بدنام ٿيڻ - رسوا ٿيڻ.

- نالو ونڻ: ڪنهن جي نالي سان ڪاڻه بيان ڪرڻ - نالو ڪڍڻ. (ڪنهن کي) ڇُهڻ - ڇيڙڻ - چراند ڪرڻ - حرڪت ڪرڻ.

- نالو وَڃڻو يا نانءُ سُٽائُو هُئڻُ: لڄائيءَ ۾ مشهور ٿيڻ - بدمعاشيءَ ۾ هاڪارو ٿيڻ.

- نالهي يا نالهي ۾: حرف جر. (جي) نالي - (جي) واسطي - (جي) نام تي - (جي) صدقي - (جيئن ته "خدا جي نالي") تي - حساب ۾.

- نالهي پائِيُ: ذ. صفت. ساڻِي نالي وارو - همنام.

- نالهي جو: نالي ماتر - نالي خاطر - فرضي - اسمي. معمولي.

- نالي جو هُئڻ: ڪر ڪرڻ جيتري لياقت نه هڻ.

- نالهي چڙهيو ۽ نالهي چڙهيا: ذ. صفت. نالي وارو - نالير - نامياروٿيڻ - نامي - نانءُ چڙهيو - نامِيو - نامي گرامي - مشهور - نامڪنيو - شهرت پترو - هاڪارو - چنگ چڙهيل - ڏالِيل. (اسم خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

- نالهي چڪو ۽ نالهي چڪا: ذ. صفت. چڱي نالي وارو - هاڪارو - مشهور. (اسم خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

- نالهيرو ۽ نالهيرا: ذ. صفت. وڏي نالي وارو - هاڪارو - نامياروٿيڻ - نامي - نامِيو - مشهور. مڪيه.

- نالهِيسِيُ ۽ نالهِيسِيُونُ (ث): ث. بدنامي - بدناموس - خواري. ذلت.

- نالهي کي پائِيُ ڏِيڻُ: نالي ڪي عزت يا شرف ڏيڻ - نالو قائم رکڻ - مثل ماڻهوءَ جي نقش قدم تي هلڻ - وڏن جي عزت ۽ ناموس برقرار رکڻ.

Gul Hayat Institute

= نالهي ماتر: ظرف. آچاتيرو - نالي ڪي - نالي خاطر - تمام ٿورو - تمام گهٽ.
= نالهي سٿو: اسم خاص. قرآن شريف - ڪلام الله هڪ ماڻهوء جو نالو.
● نالهه: ذ. سوز دل جو بلند آواز - فرياد. ڪسي - نالي.
● نالي ع نالين: ث. (پراڪ: نالِيا) سن. نالِيڪا = ناڙي) ري - سوراخيل شئي - ناڙي پوک لاء ڪم آندل ڪاٺ جي نلي - ناڙي. ڪنگدار شئي - ناڙا بندي - نڙو. بندوق جي نالي. پائپ جي ڪسي - آڏ - واهي - موري - نڪيو واهه. نبض - رڳ - نس - ناڙ. شهتير جي پاسن ڪي لڳل ڏاري ڪاٺي - ڪمر ڪي لڳل وچ ۾ ڪاٺيء جو ٽڪر.
● نام ع نامر: ذ. (ف). نالو (اڪثر خدا جو) - ڪنهن به ساهواري جو نالو - ناڻ - اسم - نالو. لقب - خطاب - سرنامو - آل - ناموس - سارا هٿ - هاڪ - نيڪي - شهرت - جس - ڏاکو - هڪل - ناماچار. پرم - ساک. آبرو - عزت. وڏو يا مڪيه - وڏيرو. (ذ. صفت). نا آميد - مايوس - بي آسيرو.
= ناماچار ع ناماچار: ذ. ناماچاري - ناموس - نالو - نام - جس - ڏاکو - هاڪ - هڪل - شهرت - مشهوري. هل - آفواهه. پرم - ساک - آبرو.
= ناماچاري: ث. ناماچار - نالو - نام - ناموس.
= نام هردار ع نام هردار: ذ. صفت. نالي وارو - نالير و - نامياروء - نامور - مشهور.
= نام جوگي ع نام جوگيون: ث. هندي جو هڪ قسم (اها هندي جا ڪنهن خاص آدميء ڪي پرٽي آهي). (ضد. "شاهه واپاري جوگي" - يعني اها هندي جا ڪنهن مشهور واپاري ڏي پري سڳهجي).
= نام چيت ڪرڻ: خدا ڪي ياد ڪرڻ - مرڻ - رضا ڪرڻ - چالاڻو ڪرڻ - (دنيا مان) لاڏاڻو ڪرڻ - رحلت ڪرڻ.
= نام خدا: خدا جي نالي - خدا جي واسطي. خدا جو قسم.

= نامدار ع نامدار: ذ. صفت. نام وارو - نالير و - نامي - نامير و - نامي گيرامي - نالي چڙهيو - مشهور - ناموَر. عزت وارو.
= نامداري ع نامداريون: ث. نالي هڻڻ واري حالت - نالو - نام - هاڪ - ناماچار - ناموس - ناماچاري - مشهوري - سارا هٿ.
= نامزد: ذ. صفت. مشهور. مقرر - ٺاهيل.
= نامر شرمون (ت): ذ. صفت. بي حيا - بي شرم - نرلجو. بد چال.
= نامر ڪٽو ع نامر ڪٽا: ذ. صفت. نالي وارو - نامور - نالير و - نامياروء - نام ڪڍيو - نالي چڙهيو - نامير و - نامي - نامدار - نامي گرامي - معروف - مشهور - هاڪارو - پرسيد - چنگ چڙهيل - نانو چڙهيو - شهر پڌرو - ڏانهيل - ضرب المثل. (ث. نامر ڪٽي ع نامر ڪٽيون).
= نام ڪڍيو ع نامر ڪڍيا: ذ. صفت. نامڪٽو - نالي وارو - نامير و - نامي گرامي - مشهور معروف - نامدار.
= نامر مالا ع نامر مالائون: ث. شبد پندار - فرهنگ - لغت - ڪوش - نام مالها - نگهٽو. تسبيح - مالها.
= نام نياڻي ع نامر نياڻيون: ث. طعني يا عتاب طور ڪم ايندڙ لفظ: وڏو مائهو - امير - وڏيرو.
= نامور ع نامير: ذ. صفت. نالي وارو - نالير و - ناموس - نامير و - نامياروء - نامي گرامي - هاڪارو - مشهور - معروف - نامدار - نالي چڙهيو - نام ڪڍيو.
= نامورِي ع نامورِيون: ث. نالي هڻڻ واري حالت - ناموس - شهرت - نالو - هاڪ - نامر آوري - نام - جس - ڏاکو - هڪل - ناماچار - مشهوري - نيڪي - نالو - نيڪنامي - واه واه. پرم - آبرو - ساک. هل - آفواهه.
= نامي ع نامي: ذ. صفت. ناموارو - نالي وارو - نامڪٽيو - نامياري - مشهور - نامي گرامي - نانء چڙهيو - معروف. مغرور.

Gul Hayat Institute

= نامي گرامي ۽ نامي گرامي: ذ. صفت. نامياروـ ناموَرـ نامزدـ هاڪاروـ ناماچاريـ نامي ـ نام ڪڍيوـ مشهور معروف. معتبرـ سگرـ مانائتوـ اشرافـ هٿيڪو.

= نامياڻ ۽ نامياڻَ: ذ. صفت. نالي واروـ نالي چڙهيل ـ نام ڪڍيوـ ناموَرـ نالياروـ ناماچاريـ مشهورـ نامي گرامي ـ ڏاڍيل ـ هاڪاروـ چنگ چڙهيل.

= نامياڻو ۽ نامياٻا: ذ. صفت. نالي واروـ نامياروـ نامي ـ هاڪاروـ مشهورـ نامياڻ ـ نامي گرامي ـ نامو ڻ.

= نامياڻو ڪي: حرف جر. (سن. نام > نالو + يڄ = ڪيڻ).

● نامو ۽ نامه: ذ. خطـ چٺي ـ نامه. لکيل ڪاڳهـ (جيئن: "اقرارنامو، نامه نگار وغيره").

= نامه برَ: ذ. صفت. خط ڪٽي ويندڙ ـ قاصد.

= نامه نگار ۽ نامه نگارَ: ذ. صفت. اخبارن ڪي خبر لکندڙ ـ خاطو.

● نامو ۽ ناما: ذ. حصو ـ پتي ـ پاڳو ـ ورڇ.

● نامُوس ۽ نامُوسُون: ث. نامچارـ هاڪ ـ ساراهـ ـ نالوـ مشهوري ـ ڏاڪو ـ هڪل ـ ناماچارـ شهرت ـ جسَ. ساڪ ـ پرمـ ـ آبروـ عزت ـ عصمت ـ عفتـ ـ ننگـ ـ نيڪنامي ـ حرمت. هُل ـ آفواهه. شريعت. تدبير. سياست. فرشتا. قاعدوـ دستور. صدا ـ پُلند آواز. قبيلو ـ هار ٻچا.

● نانَ ۽ نانَ: ذ. مانيءَ جو هڪ قسمـ خميرو وهي پچايل مانيـ ٽلهي ڪڪ جي اني جي مانيـ تنور جي مانيـ ڏوڏيـ روٽلوـ ڏوڏو. مانيـ ڦلڪو. آڦرائو.

= نانَ ٻُخارا ڪرڻ: بخاري جا نانَ ڪرڻـ مفت ۾ ڏڻ ڪرڻ ـ پيٽ پرڻ ـ نشا پتا ڪرڻ ـ مزا ڪرڻ. انڪل ڪرڻ.

= نانوائي ۽ نانوائيَ: ذ. صفت. نانن واروـ نان جوـ نانَ پچائيندڙ ـ مانيءَ واروـ نان پُختـ پُسن تي پوڙ ماني وڪڻندڙ.

● نانا: ذ. صفت. (سن. نانا) طرحين طرحينـ گهٽائيـ قسمين قسمينـ ٻيا ٻيا ـ ڪهڙيي ـ پانڇين پانڇينـ ڪيترا ـ ڏاڍيروـ رنگين رنگينـ مختلف قسمن جا ـ نانا پرڪار جا.

= نانا پيرڪار: قسمين قسمين رنگ. تماشا.

= نانا پرڪار جا: قسمين قسمينـ رنگين ـ گهڻن رنگن جا ـ نانا.

● نانپ ۽ نانپُون (ڪ): ث دڻ ـ نافَ. ڪنهن به وڻ جي زمين اندر ڪُتل پاڙ ـ گُندَ. رَسي ـ تند. لُهندڙ. مضبوط مُٺ ـ چنبو. جيئن ته "وڃي نانپون نينهن، هيڪر سلان هوت ڪي"

= نانپ پوڻ (ڪ): چڪي پوڻ.

● نانٽ ۽ نانٽُون: ث. پياڻي ـ ڪوڙائي ـ آهو ـ جدائي ـ ڪٽپ ـ دغا ـ دولاب ـ ٺڳي.

● نانجهو ۽ نانجها (ڪ): ذ. صفت. هڪي نظر واروـ گهٽ ڏسندڙ ـ چنجهو. ڪنڪال ـ ڪنل. لانجهوـ هيڻوـ ڪمزورـ ضعيف ـ نسٽ ـ ڏهرو ـ بي طاقت. (ث. نانجهي ۽ نانجهيون).

= نانجهائي ۽ نانجهائيون (ڪ): ث. نظر جي ڪمي ـ چنجهائي. ڪوٽ ـ ڪنڪالي ـ گهنتائي. ضعيفي ـ ڪمزوري ـ لانجهائي.

● نان خطائي ۽ نان خطائيون: ث. (ف. نان = روٽي + خطا = چين) مٺائيءَ جو هڪ قسمـ گول پسڪيٽ جو هڪ قسمـ نيڊو ٽڪيءَ جيترو سيڙو نان (ختن ملڪ جو).

● نانڊ ۽ نانڊُون: ث. (پرا. نندا. سن. نندا = نانڊَ) پاڻيءَ رکڻ لاءِ برتن جو هڪ قسمـ ڪليل منهن سان وڏو مٽ ـ پاڻيءَ لاءِ ويڪري مُهاڙ سان ٺڪر جو برتنـ ڏوٻين جي ڪپڙن ڏوئڻ جو ڪُونارـ ڪنوتر.

● نانڊ ۽ نانڊ يُون (ل): ث. ٺڪر جو هڪ وڏو برتنـ پاڻيءَ رکڻ لاءِ ٺڪر جو ڪُونارـ نادـ نانڊ.

● نانڊَ ۽ نانڊُون (ڪ): ث. ڏڪي، آٽ، سانَ وغيره جي آلت ـ چڄ ـ اِنڊي.

● نانڪ: اسم خاص. هڪ نيڪ، مشهور ۽ خدا پرست درويش جو نالوـ سکن جي فرقي جي اڳواڻ جو نالو ـ گرو نانڪ صاحب.

Gul Hayat Institute

ـ نانڪ پنٿي: ذ. صفت. نانڪ کي پوڄيندڙ ـ گرو نانڪ جا پوئلڳ.
ـ نانڪشاهي: اسم خاص. سک قوم جي گروءَ جو نالو ـ گرو نانڪ.
ـ نانڪ شاهي: ذ. سکن جي حڪومت ۾ هندستاني رُپيو (سورهن آنن جي برابر).
● نانڪ (ڪ): ذ. صفت. نفيس ـ نرم ـ ڪنڌرو ـ ڪولڙو.
● نانڪيڙي ۽ نانڪيڙپُڻ (ث): ث. ليڱري ـ چوڪري.
● نانگ ۽ نانڱ: ذ. (پرا. ناگو. سن. ناگ = لانگ) سرندڙ زهريلي جيت جو هڪ قسم ـ بلا ـ ڪاربهر ـ گبدو ـ سُرٽو ـ سَپ ـ سانپ ـ ڪارو ـ مارُ ـ ڦَنُ ـ سرپ ـ منڊلو. (صفت). خطرناڪ (آدمي) ـ بي رحم ـ ويرونندڙ. تانگي جو هڪ عضوو (هرهڪ ڪمان جي ڇيڙن ۾ وريل، ڪي سان لڳل ويڙهو). (اسم خاص). هڪڙي قوم جو نالو (جا پاتال، آمريڪا ۾ رهندي هئي).
ـ نانگ جيءُ متڻ: ث. نانگ يا وڇوءَ جي ڏنگ جي هڪ دوا (ڪاري واسينگ نانگ جي وات مان نڪري ٿي، رنگ ڪارو، زهر ڪچلي جي ٽڪيءَ کان ٿوري وڌي، ڏنگ تي رکڻ سان زهر چوسيو وڃي).
ـ نانگ ڦڙ: ث. نانگ جي ڏاڙ ـ ڦوڪيل ڪچي. ٿوهر جو هڪ قسم ـ نانگ جي ڦڙ وانگر ٿوهر (ٻن هٿن جي چنبي جيڏا گول پات، ڪنڌ سان) ـ لول ـ لول ون ـ نانگيل ـ چنهيل ـ ار ـ چيل ـ ستنبڙ ـ نانگ ڦڻي ٻوٽي جو هڪ قسم. ٽوپيءَ وارو ڪوڪو ـ نانگ ڦڻي.
ـ نانگ ڦڻو ٿوهر: جهنگلي وڻ جو هڪ قسم.
ـ نانگ ڪٽيءُ گهرَ ۾ وڃڻ (ت): جاڻي واڻي ڏڪ ۾ پوڻ ـ ڏسي واسي مصيبت ۾ هٿ وجهڻ. اوچتو ڦاسي وڃڻ.
ـ نانگ ۽ مور (ڪ): نانگ ۽ مور جي دشمني جهڙي دشمني ـ سخت عداوت.

ـ نانگڻ ۽ نانگڻيءُ: ث. نانگ جي مادي ـ ٻلا.
ـ نانگي ۽ نانگيءُ (ڪ): ذ. صفت. نانگ جي ڏنگ تي دم ڪندڙ ـ ڪڪيل ماٿهوءَ تي جهاڙ رکندڙ ـ پاڙهيٽو ـ ناگائي ـ جوگي.
● نانگا: اسم خاص. فقيرن جي هڪ ذات جو نالو.
● نانگپال: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● نانگراج: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● نانگرموٽ: ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پساريکو وکر ـ هڪ قسم جي ڀاڄ.
● نانگرموٽ: ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم.
● نانگر وَل ۽ نانگر وَليُونُ (ڀ): ث. ٽر ۾ ٽيندڙ ول جو هڪ قسم.
● نانگ ڪيسر: پساريکي وکر جو هڪ قسم ـ هيدي رنگ تي خوشبوءدار، دل ۽ دماغ کي طاقت ڏيندڙ هڪ ڪُل ـ ڪُل جو هڪ قسم.
● نانگلو ۽ نانگلا: ذ. زيور جو هڪ قسم ـ پانهن ۾ پائڻ جو هڪ زيور.
● نانگليءُ ۽ نانگليُونُ: ث. (ف. مندوهه) برسات جي موسم ۾ ٽيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم (جوئر وانگي اڇي ڪاڙهي رنگ تي داڻا جهلي، جن جي ڪير ۾ رڌل ماني وائي بادي لاءِ مفيد آهي) ـ انَ جو هڪ قسم. مروهه.
● نانگڻ: اسم خاص. ضلعي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نانگين: اسم خاص. پرت جو هڪ قسم.
● نانگين ۽ نانگينُون: ث. لغڙ جو هڪ قسم. نانگ جي مادي. (اسم خاص). ڪراچيءَ ڪنڌ اتر ـ اوپر تي هڪ جهنگ جو ٽڪر (جتي نانگ گهٽا ٽين) جو نالو ـ تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نانگو ۽ نانگا: ذ. صفت. (پرا. ناگو. سن. نگن يا ناگ = ننگو) بنا ڪپڙي جي ـ بنا پردي ـ اگهاڙو ـ عُريان ـ ننگو ـ برهنه ـ لانگوٽيو. پينگيو ـ

Gul Hayat Institute

سڃو ـ ڪنڊل ـ مفلس ـ غريب. بي اولاد. نياڳو ـ بدبخت. بي غيرت ـ بي حيا. آٽ ـ ڪرهو.
"نڪتو نسنگ مان نروار ٿي نانگو"
(سرڪنيات ـ شاهه).
فقيرن جو هڪ فرقو ـ هندو فقيرن جي هڪ قوم ـ اگهاڙو فقير ـ جوگي ـ آدپسي ـ سنياسي ـ دنيا کان ڌار ـ الله لوڪ.
"جي ننگ چڏي نانگا ٿيا، تن نانگن کهڙو ننگ"
(سامي).
ـ نانگو ٿي ٻيهڻ: نگو ٿي ٻيهڻ ـ بي شرم ٿي ٻيهڻ ـ لاهي پاهي ٻيهڻ.
ـ نانگو ٿيڻ: نچڻ: اکيون ٻوري بي شرم ٿي جيڪي اچي سو چئي ڏيڻ ـ ڪري گذارڻ.
ـ نانگو ٿيڻ: وڏ ٽنڊائي کان نڪرڻ ـ بي حيا ٿيڻ ـ انسانيت ۽ شرافت جي حدَ لنگهي وڃڻ.
ـ نانگو نهٽو ۽ نانگا نهٽا: ذ. صفت. اولاد. ڪانسواءِ ـ بي اولاد.
● نانگواه: اسم خاص. تعلقي ميرهور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نانگورو: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نانگو شاهه جاگيرَ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نانگڻ: ظرف. اوچتو ـ اچانڪ ـ اتفاقاً ـ آهاڪَ ـ ناگاه. عارضي.
● نانگهيلَ: ث. وَلَ جو هڪ قسم. پلي مينهن جو هڪ قسم. "مينهن تہ نانگهيلَ پلي" (چوٽي).
(ث. صفت). نانگن وانگر وَرَ وَرَ ڏيڻي هلندڙ ـ ناز سان هلندڙ. ڇڻڻ تہ
"عقل ندازي، اعليٰ اڳڙي، نينهن پري نانگهيلَ"
(ڪبير شاهه).
● نانگهيلِ قوسهيل (ث): ث. راند جو هڪ قسم ـ سهڙ هٿ ڪينهوڙي راند.
ـ نانگهيل قوسهيل ڪرڻ: (ڪوبہ ڪر) جيڻ آهو تيڻ ڪرڻ.
● نانگو ۽ نانا: ذ. (هرا. لانيو. سن. چان + راڪ). ماءُ جو ٻيءُ ـ ماءُ جو چاچو. (ث. نانيِ ۽ نانيِئون).
ـ نانا (ڪ) نانائا: ذ. ماءُ جامائٽ ـ نانيجي اڪهه.
نانائيڪو ۽ نانائيڪا: ذ. صفت. نانيِ جو ـ ماءُ جي مائٽن جو ـ نانائو ـ نانائي طرف جو.
ـ نانائٽن آڳيسانُ ڏاڏائا سارا هيڻ: اصل ڪان سڃاڻندڙن جي اڳيان ٻاڪون هڻن.
ـ نانائو ۽ نانائا: ذ: صفت. نانيِ جي گهر جو ـ ماءُ جي مائٽن جو.
ـ نانائيِ ڊورِيُ لٽڪهڻ: بي حيا ٿي ٻيهڻ ـ حيا شرم چڏي ڏيڻ.
ـ نانائيِ رَ ڪَ چڪڻ: بنيادي چڪَ ٽيڻ ـ تخم جو اثر ٽيڻ.
ـ نانيِ ۽ نانيِئون: ث. ماءُ جي ماءُ ـ نانهي جي زال ـ ٻيءُ جي سس ـ ماءُ جي ماسي. ٻاڻي وجهڻ لاءِ وڏي منهن سان ٽڪر جو هڪ برتن ـ نانڊ.
ـ نانيِ ڏوهڙو ٽيڻ: پنهنجو ٻاڻ ۾ رڙهائي ڪاڻ.
"نانيِ رڌڻ واري، ڏهتا ڪاڻ وارا" (چوٽي).
ـ نانيِ ڪورو (ث): شاديءَ ڪانهوءَ گهوٽيتن طرفان ڪُنوار جي جهوليءَ ۾ وڏل ڪارڪون، ناريل ۽ هڪ روپيو (اهو نانائٽن جو حق ٿئي).
ـ نانيءَ واريُونُ نتو جهڙونُ هجڻ (ت): گهٽيون ڪٽيون هجڻ ـ گهٽو فڪر هجڻ.
ـ نانيِءَ ويڙهو ناهيڻ: رڳو پنهنجي عزيزن ڪي فائدو پهچائڻ.
ـ نانيءَ ويڙهو ڪرڻ: ڪنهن مقصد لاءِ ڪنهن جي خلاف يڪمٺ ٿي سيٽون سيڌڻ.
● نانوائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● نانيوئي: ذ. گاهه جو هڪ قسم (جنهن جو آن يا ٻيجُ ڏڪئي وقت ماڻهو ڪائين).
● نانهِ: (سن. نـ=نہ). انڪاري جواب ـ نہ ـ ناڪارُ ـ جوابُ. ڪجهه ٻہ نہ.
ـ نانهِ ڪرَڻُ: انڪار ڪرڻ ـ ناڪار ڪرڻ ـ چوٽ جواب ڏيڻ. برباد ڪرڻ ـ تباهه ڪرڻ ـ نيست وَ نابود ڪرڻ ـ ناس ڪرڻ.
ـ نانهڻُ: ث. نيستي ـ نابودي ـ تباهي ـ بربادي ـ عدم.

Gul Hayat Institute

● نانھنِ: ث. (سن. ناپَ=دُن) بيل گاڏيءَ جو هڪ جزو يا پرزو - چاڪ جي وچ واري ٽلهي ڪاٻي - وچ - ناپ - نانهين - نَڀ.
- نانھينِ: ث. (چڪري جو) نَڀ - وچ - ناپ.
● نانھيءُ: مصدر. (سن سنا = وهنجڻ) سنانُ ڪرڻ - غسل ڪرڻ - وهنجڻ.
● نانھينِ ۽ نانھيُونِ (ڪ): ث. (سن. ناپ = دُن) بدن جو هڪ عضوو - دُن ڪان هيٺ پيٺ جو پاڳو - نهائين. نانهين - نيستي - نابودي.
● نانھينِ: ذ. سُونهن ڳاهه جو بج (جو سيڪي ڪنڊ سان ڪائجي).
● نانءُ ۽ نانءَ: ذ. (سن. نامَن = نالو. ف. نامُ) نالو - نامُ - اسم - نانُو. لقب - خطاب. ناموسَ - هاڪ - ناماچار - مشهوري - ساراهه - شهرت - ساک. پرم - عزت - آبرو. اخلاق. بيل گاڏيءَ جي چاڪ جو دُنب (جنهن ۾ آرَنُ جو هڪ پاسو سَلي وڃجي). (ڪ).
- نانءُ ٺارءَ: ذ نالو - ناموس - نالو نشان. هستي.
- نانءُ جڙَ هَنُ: نامڪيو بنجڻ - مشهور ٿيڻ.
- نانءُ جڙهيوُ ۽ نانءَ جڙهيا: ذ. صفت. نالي جڙ ڏيو - نام ڪڍيو - نامياروَ - ناميسي - ناميسيو - نامي گرامي - هاڪارو - چنگ جڙهيو - مشهور. بدنام.
- نانڻُس: ذ. صفت. نالي وارو - نالبرو - نامياروَ.
- نانءُ گِنهَنُ: نالو وڻڻ - چرائڊ ڪرڻ - چهن - حرڪت ڪرڻ. نقصان رسائڻ.
- نانڻِنِ: ظرف. نالي - ڪاتي - حساب ۾.
- نانڻُنُ ۽ نانڻَنُ: ذ. نالو - نام - نانءُ - نانوُ - اسم. ساراهه - هاڪ - ڏاکو - ناماچار - ناموس - مشهوري - شهرت. هُل - آفواهه.
- نانءُ وڻڻ: نالو ڳنهڻ - نام وڻڻ - (جو) نالو وڻڻ - (جي) نالي سان سڏڻ.
- نانڻهينُ: جي نالي - جي واسطي - نام - (جي) نالي تي.
● نانڻِنُ ۽ نانڻَنُونُ: ث. صفت. قمري مهيني جي نائين (۹) تاريخ - نانڻون ڏينهن (اونڏاهي يا سهاڻي پک جو) - نوِي.
- نانڻُونِ ۽ نانڻُوڻُونُ: ث. نَوَ دفعا وڌيڪ.
● نانڻيڻُ: مصدر. هيٺ ڪرڻ - جهڪائڻ - ڪُهو ڪرڻ.
"چاڪي وجين چو، نائين ڪنڊ ٻين کي" نَمائڻ - جهڪائڻ - نِوائڻ - نڙائڻ.
● نانيُ ۽ نانيُونُ: ث. جيت جو هڪ قسم - تِڏِ (اسم خاص). هڪ زيارت گاهه جنو نالو (هاڙي جبل (بلوچستان) جي پاڙ وٽ هڪ غار ۾ رکيل ڪالي ڏويءَ جي مورت، جنهن کي عام طرح "هنگلاج" سڏين؛ مسلمانن مجاورن جي خيال موجب "هنگلاج" حضرت علي ڪرم الله وجهه جي دائي هئي، جنهن ڪري ڪيس نانيِ چون) - هندن جي تيرٿ گاهه جو نالو.
● ناٽاتُ ۽ ناٽاتَ: ذ. (سن. ننانندر = نيڻان) نڙان جو پُٽ - گهوٽ جي پيڻ جو پُٽ. (ث. ناٽائي ۽ ناٽائيون).
● نـاٽادِي ۽ ناٽادِئُونُ: ث. (سن. رَدُ = ولوڙڻ) ڪوربن جو نڙو - نڙ جي چرخي - نڙادي. لائون گيت. نڙان جي ڏيءَ - نيٽانَ جي ڏيءَ.
● ناٽُو ۽ ناٽا: ذ. (سن. ناٽِکَ) زَر - نقدي - ملڪيت - دنيا - رقم - پئسا - ڏنُ - پَدارت - دولت - مال متاع. قيمت - اڳهه - مُلهه - بها - ڪَرٽ - دامُ - نرخ - نول.
- ناٽوُ آڳر پِتَرَ ٽِيَنُ: ناٽو يا دولت اجايو و جائڻ.
- ناٽوُ چَپَنُ: گهٽي مهانگائي تي وڃڻ.
- ناٽُو نِيڻهَنُ ٽوڙُ هُنُ: (آڏاري) ملڪيت ڪري ٻن ڏرين ۾ جدائي پوڻ - ناٽي جي ڪري محبت ٽٽڻ.
● ناوُ: ث. ٻيڙي - ڪشتي - مچوو - بتهيلو.
- ناوُڪوُ ۽ ناوُڪا: ذ. صفت. ٻيڙي هلائيندڙ - ملاح - ناکئو - ناٽوڪو.
● ناواڻوُ ۽ ناواڻا (ت): ذ. صفت. نئين طرح ڪيل - نئون.
● ناواڑا: اسم خاص. سنڌ جي هڪ ذات جو نالو. هڪ ڳوٺ جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ناوڑا: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ناوڑو ۽ ناوڑا (ل): ذ. ذرا ـ ڪڏا ـ چوڙو ورڙ. گرميءَ سبب چوڙيل جهڻ تي مٽان چوڙو ورڙ جا ٻيئل ذوا.
● ناوڪ ۽ ناوڪُونُ: ث. تير ـ گنڍ ـ ٽڪو ـ سَرُ ـ پان ـ خڊ نگ.
● ناوَڪُ ۽ ناوَڪُونُ: ذ. ننڍي ٻيڙي.
● ناوُڪَ ۽ ناوُڪُونُ: ث. ذري ـ چهنب ـ چوٽ ـ اشارو.
● ناولَ ۽ ناوَلُونُ (ڪ): ث. سڏن پنهان سڏ ڪرڻ واري حالت ـ سڏو سڏ ـ بس نه ڪرڻ واري حالت. دانهن ـ ڪُوڪَ ـ رَڙ ـ واڪو. (ساڪرو). چوپائي مال کي ڪيل تفوار. (ل).
● ناولُ ۽ ناوَلَ: ذ. آڪاڻي ـ قصو ـ ڪهاڻي ـ ڳالهه.
● ناوِٽِيُ ۽ ناوِٽِيُونُ: ث. ڪاڻيءَ جو هڪ ٽڪر ـ وادڻ جي رنبيءَ ۾ ٻيل ڪاٺ جو ڪَنُ.
● ناووُ ۽ ناوا (ل): ذ. ڪٽي يا سوميءَ آڻڻ وقت چڊيل پهريون پلاند ـ ڏهي. جنڊ مان ٻيئل الهي ڪي چڳيءَ طرح ڪيڻ لاءِ ڪم آندل ڪپڙي جو اڳڙيءَ ٽڪر.
● ناهِ: ث. (من نسـ ف. نا = نه) نيستي ـ سُڃ ـ تباهي ـ برباد ي ـ فنا سرائيءَ تي ڦرن لاءِ يون جي وچ وارو ٽلهو يا گو. (ت).
ـ ناهِ ڪَرِي: نابود ڪري ـ تباه ڪري ـ ڦٽائي ـ و جائي.
● ناهرَ: اسم خاص. (اصل پنجاب ۾ آباد ٽيل) هڪ ذات جو نالو.
● ناهرُ ۽ ناهرَ: ذ. جانور جو هڪ قسم ـ واڪهه ـ باگ ـ شيهن. گرگ ـ بگهڙ ـ بگهيڙ ـ بگهياڙ. گيدڙ. هيراڙهو ڏور. (ت).
● ناهرُ (ت): ذ. ويڙهاڪ ـ ويڙهو.
● ناهَري: اسم خاص. هندن جي سال جي نائين مهيني جو نالو (جنهن ۾ سياري جا سيءَ ٻون). هڪ ذات جو نالو.
● ناهڙَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
● ناهِڪِيُ: اسم خاص. تعلقي الهيار ۽ ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ناهِلُ ۽ ناهِلَ: ذ. صفت. ناآهل ـ نالائق.
● ناهِنُ: مصدر. وهنجڻ ـ غسل ڪرڻ ـ تڙ ڪرڻ ـ اشنان ڪرڻ. (ناهيو ـ ناهيندو ـ ناهيل).
ـ ناهِٽِيُ ۽ ناهِٽِيُونُ: ث. وهنجن جي جاءِ ـ غسل خانو.
● ناهِيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ناهِيُدُ: اسم خاص. ٽئي آسمان تي هڪ ستاري جو نالو ـ زهره.
● ناهِينُ ۽ ناهِيُونُ: ث. بدن جو هڪ عضوو ـ نهائين ـ ڏونگري. دُنُ ـ ناف.
● ناءُ ۽ ناءِ: ذ. (سن. نامَنُ = نالو) نالو ـ نام ـ نانءُ ـ اسم. ٻيڙي ـ ڪشتي.
● ناءِ: ث. ڏڪي گاڏيءَ جو هڪ پرزو ـ ڦيرن واسطي گاڏيءَ جي ڦيٽي جي وچ واري ٽلهي ڪاٺ جي دوگي يا دَنب، جنهن ۾ لوهه جي سرائي يا دُري ٻيل.
● نائِبُ ۽ نائِبَ: ذ. قائم مقام ـ ڏهتي ـ ايجنٽ ـ مددگار ـ منيم ـ ماتحت ـ اسسٽنٽ ـ واهرو ـ سهائڪ ـ همراهه ـ عيوضي. مختار. وڪيل. سفير.
ـ نائِبِيُ ۽ نائِبِيُونُ: ث. ڏهتي يا اسسٽنٽ جو عهدو.
● نائِسچُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● نائِرُ ۽ نائِرَ: ذ. سُڪل ڦٽل جو هڪ قسم ـ ناريل ـ نايرُ.
● نائِڙِيُ ۽ نائِڙِيُونُ: ث. ڪاڪي ويڙهيل نڙاندي ـ ڦوري ـ آنٽي ـ ناڙاندي ـ نڙو.
● نائِڪُ ۽ نائِڪ: ذ. صفت. (سن. نايَڪُ) اڳواڻ ـ ٻوراڻو ـ مهند ڙيو ـ سردار ـ ڏرو ـ مکيه ماڻهو ـ مهندار ـ سروَرُ ـ پرڌان. هادي ـ رهبر ـ رئيس ـ پيشوا. پنيوالن جي مٽان مکيه پنيوالو ـ چپراسي. فوج يا پوليس ۾ هڪ ننڍي درجي وارو عملدار ـ جمعدار. نيندڙ. هوشيار ڪائٽو ـ راڪ

Gul Hayat Institute

ٺاهيندڙ- ڪلاڪار- ڪيل يا نائڪ جو مکيه پارٽنر- اداڪار.

● نائڪَ ۾ نائڪُونْ: ث. ڪمانگرن جي اوزار جو هڪ قسم- تير جي چهنب- نوڪ- اشارو- چوٽي (ڪنڊي يا سُئي وغيره جي)- تير- گنڙ- پان- ڪاني- ترڪش- نيزو- پالو. عشق جو تير- لوري. (سن. نِئتُو= ٻيڙي) ٻيڙيءَ جو هڪ قسم.

- نائڪَ هٿَنْ: ڪمان جي گنڙَ ڪي صاف ڪرڻ (رندو هڻڻ)- آڪَ جي پوري ڪاٺيءَ جي اڌڙ ۾ گنڙَ ٻڌهو رکي مٿان چاقوءَ سان چلي صاف ڪرڻ.

● نائڪو ۾ نائڪا: ذ. (سن. نيِ= نيِتَنْ). وائرڪورس (واهه) ڪان ٻني جي ٻاري تائين پاڻي ٻهچائڻ جو رستو- ڪسيِ- آڏ- نار- هرلي يا ڪنهن وڏي آڏَ مان نڪتل نالي.

● نائِن پاسو: وهيءَ ۾ اوڏر لڪڻ جي جاءِ (سامي).

● نائنْ جو ڪَرڙُو: ذ. اوڏر تي وڪيل مال جي يا ڪنڊي وارن ماڻهن جي نالن لکڻ واري وَهيِ.

● نائِنْ: مصدر. (سن. نَمرُ= نَمَنْ). نمائن- هيٺ ڪرڻ- جهڪائڻ- (سر) تسليم ڪرڻ. (نيِ= نيِتَنْ). وهائڻ- جام پاڻي ڏيڻ- (پاڻي) اونڻ- هارڻ- وجهڻ. نهاڻُ- وهنجڻ- اشنان ڪرڻ- غسل ڪرڻ- تڙ ڪرڻ- سمان ڪرڻ. (نائيو- نائيندو- نائِيتَل).

- نائِينْ: نيوائين- جهڪائين.

- نائِي وجهنْ: رتو رت ڪرڻ- خون مان پرڻ.

● نائو ۾ نائا (نائوا): ذ. جنڊ مان پينل آڏو چڪي طرح ڏيڻ لاءِ اڳڙيءَ ٽڪر- ناوو- پولو. (ت). پٽي تاڪئي جي پلاندي هٽي ويل ٽڪرو- ڪوڙي آڻڻ ۾ تاڃيءَ جو ان اڻيل ٽڪر چڌيل- ڏهيون- سُٽ جو ڦورو (ڪورين جو اصطلاح). مس ۾ وجهڻ لاءِ اڳڙي يا ڏاڳن جون سنهيون تندون (پٽ جي ڪوٽ). صوف- پنات- اولي ڪپڙو. نؤدُ- نَمَنْدُ- تل. (صفت). هڪ عدد (٩)- نمو.

- نائُونْ: صفت. (سن. نَمَنْوں) ٨ ڪان ٻوءِ ايندڙ نمبر- نمو نْ جي حالت وارو- درجي ۾ نائون.

- نائُونْ ۾ نائُوٽِيُونْ: ث. نون سان ڪيل ضرب آهٽ- نئوَ دفعا وڌيڪ.

- نائُونُو ۾ نائُونُوا: ذ. صفت. نئوَ نمبر مٽي وارو. نئوَ دفعا وڌيڪ حالت وارو.

● نائُوُ ۾ نائُوُ: ذ. واهه- ڪڙيو- نالي- دريا جي چاڙ- ڪاري (ڪچي ماڻهو عام طرح ڪاريءَ کي نائُو چون).

ويٺو تُن تُنيِس، مک ڏيهاڙي مڪڙي،
سنباهي سيڊ چوي، مٽي نائُوءَ نيِٺيس.
(شاهه)

ٻيڙي هلائيندڙ- ناکو- ملاحُ. (ڪ).

● نائِيُ ۾ نائِيُ: ذ. صفت. (سن نايتي> نايت). حجامت ڪندڙ- حجامُ- مُوِ تراش- بالبَرُ- وار ناهيندڙ- سٽنو پڪٽ- آستو. خليفو. نائون. نَمَنْدُ- نودُ- تَلُ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● نائِيڪُ ۾ نائِيڪَ: ذ. قافلي جو سردارُ- سالارُ- اڳوان- مهندار- مُرَبِيُ- سرتاجُ- نائِڪُ. موسيقي جي فن ۾ ڪامِلُ. (ث. نائيڪانُ ۾ نائيڪانئُونْ)

● نائِينُ ۾ نايُونُ، نائِيُونْ: ث. قسٽ ۾ وجهڻ لاءِ دوا مان پريل ڪپڙي جي وٽيل اڳڙي- وٽ.

- نايُونْ، نائِيُونْ وجهڻ: سخت ايذاءُ رسائڻ- ايذائيڻ.

● نايا (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● نايَرُ ۾ نايرَ: ذ. سڪل ڏَل جو هڪ قسم- ناريل.

● نيبَ ۾ نيبَ، نيبُونْ: ث. ذ. لوهي قلم جو سِرو (لکڻ لاءِ). اسٽيل جو قط.

● نَبابُ ۾ نَبابَ: ذ. نوابُ- حاڪِمُ- مالڪ.

- نَبابيُ ۾ نَبابِيُونْ: ث. نوابي- حاڪمي. (ث. صفت). نوابجي. سنهي ساڪ جي ڪپڙي جو هڪ قسم.

● نيبات ۾ نيباتُونْ: ث. (ع. نبت). ڪنڊ مان ٺهيل هڪ ٽول- مِنائيءَ جو هڪ قسم. زوئداد گي. ترڪاري پاڄي- سبزي- نباتات- وَنس پتي- ساوڪ- ون ڏڻ.

Gul Hayat Institute

= نباتات (ع) نباتات: ث. زرعي پيداوار - سبزي - ڀاجي - ساوڪ - وڻ ٽڻ.

= نباتي ع نباتيّ: ذ. صفت. وڻس ڀتيءَ جو - ساوڪ جو.

= نباتي علم: علم نباتات - نباتات جو علم. وڻ سبزي وغيره جو علم - وڻسپتي شاستر.

● نبار ع نبارَ: ذ. صفت. (سن. نورت = چٽڻ). خالص - نيڃ - صاف - اصلي - نيجو - شُڌ - ٽيٽ - سُٿو - آڇتو - نرمل - چنڊ (سون وغيره). ڪَرو - تيکو - سچو - چوکو - ٽنگسالي - بنا ملاوٽ - اڻ ميل - تنڊ - نيڃات - آصيل - نسورو - پوتر - پاڪ.

"ڀلڻان ڀلڻو نه رهي - نرتون نيهه نبار."
(شاهه)

● نباض ع نبّاضَ: ذ. صفت. نبض سڃاڻندڙ - نبض شناس - حڪيم - طبيب.

= نباهڻ: مصدر. (سن. نِرواهَ = گذارو). نباهه ڪرڻ - بسر ڪرڻ - گذارڻ - لنگهائڻ - گهارڻ - ڪائڻ - سائڻ - (وقت) پاس ڪرڻ. راس ڪرڻ - پورو ڪرڻ - ختم ڪرڻ - توڙ ڪرڻ. پار ڻ (انجام) - پڄاڙي ڪرڻ - پڄاڙيءَ تائين سار ڏيڻ - پُڄائڻ - سڌ ڪرڻ - رسائڻ - ساڌڻ - ٽورڻ. وفا ڪرڻ - سچو رهڻ. بجا آڻڻ - ادا ڪرڻ.

= نباهه ع نباهتَ: ذ. گذران - رهڻي - رهائي - پيٽ توت - تنو ڻ. سماڻي - پڄاڻي - آخر - تمامي - سرانجامي - نبيرو - نچيرو. آڪلاءُ - چُڪت - صفائي. نباهو واري حالت - پاڻ مر نهي هلڻ واري حالت - ميل ملاپ.

= نباهُو ع نباهُو: ذ. صفت. نباهيندڙ - مضبوط - پڪو - آڇل - آسرُ - آئل - نبيڻي - نيبه - نيبهي - قائر - جٽاءُ - دائمي - نبائيندڙ.

= نبيتر ع نبيتَرَ: ذ. صفت. صفا چٽ - بيڪار - وِيَل - چٽ. گم ٽيل - ڪوهيل - هارايل - (ڪمائيءَ) ڪُٽ - وِلوَر - نريل - جلان - ونئيل. خراب - ڪِنو - ڦِٽل. ڪمزور - ڪاهل - ضعيف - هيڻو.

= نبتر ڪرڻ: هيڻو ڪرڻ.

"ناڇگائي نبتر ڪيو آدر جي عضون."

● نبيرَ ڻ: مصدر. (سن. نِورت = چٽڻ). ختم ٽيڻ - پورو ٽيڻ - فيصل ٽيڻ - مڪمل ٽيڻ - پوڳ وجهڻ پڄاڙي ٽيڻ - پڄاڻي ٽيڻ - آخر ٽيڻ - انت ٽيڻ - انتها ٽيڻ - توڙ رسڻ - چيڙو ڪرڻ - نتيجو نڪرڻ - سوت اچڻ. جدا ٽيڻ. (نيريو - نبرندو - نبريل).

= نبير يَل: ذ. صفت. ختم ٽيل - فيصل ٽيل - اڇو ٽيل - مڪمل ٽيل. خراب - ڦِٽل - ويل - جلاڻ - ونئيل - ڪِنو - وِلوَر - چٽ ٽيل - نپاڳو - ڪمبخت.

● نبُض ع نبِضُونْ: ث. نَسَ - رَڳ - ناڙ - تنت - تند - ناڙي. ڏڙڪو - لهر.

= نبُضَ ڏسڻ: ناڙ ڏسڻ - ناڙي جو ڏڙڪو محسوس ڪرڻ - جاچڻ - تپاسڻ - چڪاسڻ - خبر وٺڻ - بيماري سهي ڪرڻ.

= نبُضَ سَهِي ڪَرَڻ: ڪنهن جي سياڻ مان پورو واقف ٽيڻ - ڪنهن جي رَڳ سڃاڻڻ - ڪنهن جي هوتي ڪڍڻ.

● نبُو (ث)؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● نبُوّت ع نبُوّتُونْ (ع. نَبَاءُ = خبر): ث خدا جي حڪمن پهچائڻ واري حالت - پيغمبري - خبررساني - رسالت - خبر رسائڻ واري حالت. پيش خبري - پوشيه - اڳڪٿي - پيشگوئي.

● نبُولِي ع نبُولِيُونْ: ث. ڪچيءَ مر پائڻ جي زيور جو هڪ قسر.

● نبهڻ: مصدر. (سن). پورو ٿي اچڻ - جٽاءُ ڪرڻ - توڙ ڪرڻ. گذارڻ - رهڻ - ترسڻ - ٽڪڻ. ڇڄڻ - پهچڻ. ڪائڻ - گهارڻ - گذارڻ - گذر ڪرڻ. حيات هڻڻ - جيئرو هڻڻ. نبرڻ.

● نبي ع نبِيّ: ذ. خبر پهچائيندڙ - رسول - قاصد إلاهي - پيغمبر - رهبر - رستو ڏيکاريندڙ - اڳڪٿي ڪندڙ - دور انديش - پوشيه وادي - خدا جي طرفان انسان کي نصيحت ڪندڙ - خدا جو دين آڻيندڙ انسان.

= نبيِ مُرسَلْ: ذ. اهو نبي يا پيغمبر جنهن ڪي ڪتاب لڌو هجي - صاحب ڪتاب نبي؛ جيئن

"حضرت داؤدءِ، حضرت موسيٰءِ، حضرت عيسيٰءِ، حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم."

● نَبيءُ بَخشش ڍ: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ماٹهوءَ جو نالو.

● نِبيرڻُ: مصدر. (سن. نورت = چٽڻ) پورو ڪرڻ - ختم ڪرڻ - قصو چڏائڻ - معاملو ختم ڪرڻ - ٽوڙڻ - فيصل ڪرڻ - نيڇيڙڻ - آڪلائڻ - ڇاڻڻ - ٽوڙ ڪرڻ - تيار ڪرڻ - سميٽڻ - راس ڪرڻ - پڇاڙي ڪرڻ - آخر ڪرڻ - انت ڪرڻ - چيڙو يا چيهه ڪرڻ - خاتمو ڪرڻ - پوڳ وجهڻ. (حساب) لاهڻ - چُڪائڻ - جدا ڪرڻ. (نبيرو - نبيرپندو - نبيريل).

- نِبيرَ ڍ نِبيرُونُ: ث. نبيرو - نيڇيرو - آڪلاءُ - چُڪت - صفائي - آخر - سماپتي - پُڇاڙي - آخر - تمامي - سرانجامي - پورائي. ٺهراءُ - فيصلو - بند و بست.

- نِبيرائيڻُ: مصدر. فيصلو ڪرائڻ - آڪلائڻ - پورو ڪرڻ - ختم ڪرڻ.

- نِبيرائُو ڍ نِبيرائُو: ذ. صفت. نبيرو ڪندڙ - امين - ثالث - ٽياڪُر.

- نِبيرائيءُ ڍ نِبيرائيءُ: ذ. صفت. نبيرو ڪندڙ - نبيراڻو - فيصلو ڪندڙ.

- نِبيرَ نيڇيرَ: ث. نبيرو - فيصلو - نبيرو - نيڇيرو - چُڪت - خاتمو.

- نِبيرُو ڍ نِبيرا: ذ. پڇاڙي - آخر - پڇاڻي - انتُ - إتها - ٽوڙ - چيهه - ڪم جي روانيءَ - آڪلاءُ - فيصلو - نيڇيرو - چُڪت - صفائي - ٺهراءُ. نتيجو - مقصد. عدل - انصاف. اکهه - قيمت - قيمت جو فيصلو.

- نبيرو يانس نه نبيڙي: محبت جي بندڻ کي نيڇيرڻ جي گهٽي ئي کوٽهه ٿي ڪريان، پر اهو قابو آهي جو بنهه نٽو نچري.

● نَبيءُ سَرُ: اسم خاص. عمرڪوٽ ۽ ڏهلي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نَبيءُ سَرُ ٹَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نيبا: اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ مسلمان، نڪرن ۽ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● نِبالُو ڍ نِبالُو: ذ. صفت. بي طاقت - لِسترو - ڪم هين - ڪمزور - هيٺو - ڏُهرو - آپرو.

● نِبَرَ ڍ نِبَرَ: ذ. صفت. (سن. نِ = نه + بلَ = بَلُ) بي طاقت - بي زور - بي سگهو - ڪم طاقت - نِبَلُ - نِبَلُو - ضعيف - ڪمزور - هيٺو - نِستتو - پوڻو - بي ستو - بي قوتو - زچ - ڏُرپلُ - بل هين - اپرو - لاغرُ - هڏ هيڻو - الپ بَلُ. اکهو - بيمار. ٺوري ملهه وارو.

- نِبَرائيءُ ڍ نِبَرائيءُونُ: ث. بي طاقتي - ڪمزوري - ضعيفائي - بَل هيڻتا - ضعيف. غريبي.

- نِبَرُو ڍ نِبَرا: ذ. صفت. نِبلو - نِبَلُ - بي طاقت - ڪمزور - ضعيف.

● نِبَلُ ڍ نِبلَ: ذ. صفت. (پرا. نيلو. سن. نِ + بلَ = بَلُ) بي طاقت - ڪمزور - ڪم همت - هيٺو - بي نهج بي توفيق - نِربَلُ - اپرو - گهٽ. بيمار. مسڪين. نامرد.

- نِبَلائيءُ ڍ نِبَلائيءُونُ: ث. ڪمزوري - بي طاقتي - ضعوف - بَل هيڻتا - ضعيفائي - هيڻائي - نستائي - ڏُرپلتا - لانجهه. پتلائي - هلڪائي - عَيبُ - ڪُچُ.

- نِبَلُو ڍ نِبَلا: ذ. صفت. نِبَلُ - بي طاقت - ڪمزور - هيٺو - ضعيف.

● نَبَ ڍ نَبَ: ذ. (سن. نَبَس) آسمان - آڪاس - آپ. (د. صفت). صاف - اوجل - چر پي مان ڪيل گيهه. (ڪ).

● نِبَ ڍ نِبَ: ذ. لکڻ واري قلم جو لوهي قط - نِبُ.

● نِباڳ ڍ نِباڳ: ذ. (سن. نِر + پاکنه) پاڳ نه هڻ واري حالت - نِدورائي - ڪمبختي - بد نصيبي - شامت - ماجران.

- نِباڳائيءُ ڍ نِباڳائيءُونُ: ث. نِپاڳ - اپاڳ - ڪمبختي - بد قسمتي - نِدورائي. ڦيٽ - خرابي - قِلندي.

Gul Hayat Institute

= نيا گوُ ۽ نيا گا: ذ. صفت. بد بخت - بي ساءتو - ڪم نصيب - بدنصيب - ڪم بخت - ادورو - نحس - نيدورو - چنبدو - ايا گو - بد قسمت - نامراد - ڪم هيڻ - گهاتي - اشُبُ - بَد سُڳڻ. ڪهاتير (ہار) - هوڏي - بي چيو - نافرمان - بي ادب - عاق. (ث. نيا گي ۽ نيا گيُون).

● نيائينُ: مصدر. (پرا. نيايه. سن. نيواهڻ (ني) > نيرُواهَ = ٻوراڻي. گذارو) نباهڻ - پاس ڪرڻ. گهارڻ - گذارڻ - لنگهائڻ - پڄائڻ - توڙ ڪرڻ - انت ڪرڻ - پڄاڻي ڪرڻ - پورو ڪرڻ. سڃائي ڏيکارڻ - وفاداري ڪرڻ - انجام پارڻ - بجاءِ آڻڻ. (نيائيو - نيائيندو - نيائيل).

● نيائيو، نيايو ۽ نيائي، نيايا: ذ. صفت. (سن. نـ + پراتر = پاءُ). پاءُ ڪانسواءِ - بغير پاءُ - پائرن مُئل.

= نيائيُ ۽ نيائيُون: ث. اها عورت جنهن کي پاءُ نه هجي - پائرن مُئل - بغير پاءُ. ڏِڪاريل (پِتَ جو لفظ).

= نيائيُ نيپُتيُ: ث. پاءُ ۽ پُٽ ڪانسواءِ. پِٽ جو خطاب.

● نيئُو ۽ نيئُو: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (هن جا ٻن وعنجن ۽ ڪپڙا وغيره ڏوئڻ جي ڪم اچن) - نينيُو.

● نيئورُ: ظرف. تمام - صفا - بلڪل - نهايت - ڏاڍو - نپٽ (چريو) - آنان (اگهاڙو). (ذ. صفت). سچو پچو - پڪو (ننگ) - ساڳيو تڳو - آهوئي - ساڳيو - سُڌ پُڌ - عين آهو.

● نتُ ۽ نتُون: ث. (ع. نطع). آڻ جي سنج جو هڪ قسم - چمڙي يا ڪاڙهي جي کل مان ٺهيل پوش، خوبصورتي لاءِ آڻ جي گدي مٿان ٻڌل چادرُ - فرش - پاکڙي جي مٿان چمر وارو پردو.

● نتُ: ذ. صفت. (سن. نِر = نمڻ). نميل - جهڪيل. مثلاً ("نتُ مَستَڪُ = جهڪايل سير سان").

● نِتُ: ظرف. (پرا: نتو. سن. لِتي > نِتُنيَ = نِتُ). هلندڙ - ڪڍيل - ڪنديل - مسلسل - لاڳيتو - هڪ ٻئي پٺيان - واري واري سان. سدائين - همیشه - سدا - مدام - دائم - دائما - هر روز - ٻاروهي - سَرِودا - هر هر - ساندهه - هڪ ڏڙو - هردم - وري وري - آڙلي وَ آبدي - قائم - سڳاتُنُ - انادي - همیشه جو - جاودانُ - هر وقت.

"نت نهاري ڈيهه ڈي، ڪِرڙها ٻير ڪڙي."

= نيت ٻِرُت: ظرف. (سن. لِتيَ + ٻرُت = ڏانهن) نِتُ - سدا - همیشه - هر همیشه - هر هر - وري وري - روز روز.

= نِتُ ڪَرَمُ: روزانو ڪم - اهو مذهبي يا ڏرمي ڪم جو روزانو ڪرڻ گهرجي جهڙوڪ، سنڌيا، نماز، هوَن وغيره.

= نِتُ ڪَرَمُ ڪِتڪو: ذ. هڪ ننڍڙو ڪتاب (جنهن ۾ هر روز ڪرڻ جا ڪم ڏيکاريل هجن) ڊائري.

= نِتُ نِتُ: همیشه - سدائين - وري وري - سدا - روز روز.

= نِتُ نئُونُ: تازه بتازو - نوبنو. هر روز - مهيني مير مهيني.

= نِتيُتا: ث. همیشگي - حيات ابدي.

● نِتارَ ۽ نِتارُونُ (ث): ث. ڪاوڙ مٿان سڄ اچڻ واري حالت - وڏي سڄ ٽيڻ واري حالت - گهٽو وقت گذري وڃڻ واري حالت.

● نِتارَنُ: مصدر. (سن. نسُتر (ي) = چاڻڻ). ڏَتارڻ - آتارڻ. آنراڻ. (نِتارِيو - نِتاريندو - نِتار يل).

● نِتانتَ: ظرف. (سن. نِتانتَ = ڏاڍو گهٽو) هڪدم - بلڪل.

● نِتَرِ ۽ نِتَرُونُ (ل): ث. گهڻ گهٽائي. ٿورائي - سُڄَ.

● نِتِرُنُ: مصدرُ. صاف ٽيڻ - آجرو ٽيڻ - آڻڻ. آنرجڻ (نِترِيو - نِترِيندو - نِترِيل).

● نِتيانُ ۽ نِتيانَ: ذ. هنڌڪي هڪ رسم - پارهائي کان پوءِ ٻرن جو ڪاڏو (ڏاهو).

● نتيجو ۽ نتيجا: ذ. ٻاهران آندل - ٻاهر ڪڍيل - حاصل - حاصلات - ماحصل - چڏيل فرض - سڏانت - انجام - انتها - خاتمو - انت - قتلُ -

Gul Hayat Institute

مطلب ـ انوسان ـ نچيڑو ـ بچائي ـ پاچي ـ آخرت ـ ثمر. بارْ.

● نتهيرْنْ: مصدر. (بهائي) آنرائٹ ـ نِتارَنْ. (نتهيرپو ـ نتهيرندو ـ نتهيرِيلْ).

● نتَ & نتّونْ: ث. (پراٰ: نتا > نتيا. سن. نتا > نرتا > نسْتته = نتَ. نَسْتَكَمْ = جانورن جي نَكَ ۾ ٽنگ) عورت جي نَكَ ۾ پائڻ جو زيور ـ بَتنسَر ـ وڏو ٽلهو بولو. ڏڳي جي نڪ ۾ پيل نوڙي. ٻيل گاڏي جي ڦٽي جي باهران سرائيءَ مان ڦٽي کي باهر نڪرڻ کان روڪيندڙ ڪِيلي ـ چَپَرَ ـ چاپي. هرنهن ڇڪڙهـ کي سوگهي جهلڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ چَپَر ـ چِڇڙي ـ ڪَنبي. ڪتن وقت تندي جي وَرَ ڏيڻ لاءِ سنهي ڪاٺي ترار جي ڪرڙي جي چوڻيءَ ۾ چاندي جو نندڙو طوق يا ڦل. پالدي يا ڊينگي ۾ ڦرهين کي جهلڻ لاءِ ولگ.

ـ نتَرْ: ذ. صفت. نڪ ٽوپيل ـ نت سان. نتّو.

ـ نتّو: ذ. صفت. نڪ ٽوپيل ـ نتِيرْ. هڪ ماٺهوءَ جو نالو.

ـ نتَ و جهَنْ: ڏڳي جي نَكَ ۾ نوڙي وجهڻ.

ـ نتّاڻونْ: ذ. صفت. بي ٽانيڪو ـ بي ماڳو ـ اڻ هٿ دو ـ بي گهرو. رولاڪ.

● نتّرْ: اسم خاص. تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نتّرْ ڏيتو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نتّيرِيْ يا نتّيڙِيْ & نتّيرِيُونْ يا نتّيڙِيُونْ: ث. ترار ۾ ٻيل مندي يا چلو. نندي نت.

● نتّنْ: مصدر. ڏڳي يا آٽ کي نڪ ۾ رسي هڻڻ ـ نت هڻڻ.

● نتّو: اسم خاص. تعلقي محبت ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نتّورَ & نتّورُونْ: ث. نڪهن جي پاسي واري ڪنڌ يا نوڪ. ناڪو ـ نڪهنتر.

● نتَ & نتّ: ذ. (سن. نتّ). ناز ـ نخرو ـ لوڏ ـ لاڏ ـ ڪوڏ ـ انگل ـ ناز ـ ماڻو. ڪيل ـ تماشو. ناچ. گاني جو هڪ آلاپ. بهانو ـ حيلو. هڪ لوهي پرزو. چرچو ـ پوڳ. چٽند ـ ڦند ـ فِلانگ ـ چِل وِل ـ مڪر ـ ڏوهه ـ فريب ـ دغا ـ دوکو ـ ٺڳي ـ دولاب ـ ترڪتّ. (ذ. صفت). بازيگر ـ لٽ نخرا ڪندڙ ـ مداري ـ ڪيڏاري ـ ناٽ ڪندڙ ـ نائڪي ـ آهار ـ مسخرو ـ نقال ـ تالر ـ نخريباز ـ راندِيگرْ. ٺڳ ـ دوکيباز ـ دغاباز ـ ترڪتي ـ لبيبي ـ تريناڪ ـ ڊَهِشَرْ ـ لچو ـ هڙتالو ـ شودو ـ حرام زادو. (انگ. نتْ). ڀيڇن سان لوهي چورسٽي واري ڪول ڪِلِي. (اسم خاص). هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

ـ نت شتَ: ذ. ناز نخرا ـ فئشن.

ـ نتَ شتَ كتَرَنْ: نازنخرا ڪرڻ ـ اجايا تينتال ڪرڻ ـ چالبازي ڪرڻ. ڪوڙي خوشامد ڪرڻ ـ حرفت هلائڻ.

ـ نتّ كتّ: ذ. صفت. نازنخري وارو ـ نخريلو ـ حرڪت ڪندڙ.

ـ نتّڻ يا نتّڻِي: ث. صفت. نچندڙ زال ـ ناچڻي.

ـ نتّوڙ & نتّورَ: ذ. صفت. ناچ ڪندڙ ـ ناچو.

ـ نتّوو: ذ. صفت. نازنخرا ڪندڙ ـ نخريلو.

● نتّنائڻْ: مصدر. ناٽارڪرڻ ـ نتڪار ڪرڻ ـ گسائڻ ـ گوهي ڪرڻ ـ ٽانهائڻ ـ لٽهرائڻ ـ ٺارڻ ـ انڪار ڪرڻ ـ ڏيان نه ڏيڻ ـ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ ـ لاتارڻ ـ نه ليکن ـ ڪن نه ڏيڻ ـ ڪن ٺار ڪرڻ. (نتّائيو، نتّايو ـ نتّائيندو ـ نتّائِيل).

ـ نتّاءُ & نتّاءْ: ذ. نتّائڻ واري حالت ـ گسڪاءُ ـ گسائڻ ـ لٽهراءُ ـ گوهي ـ ناڪار ـ گوٽنات ـ بهانو.

ـ نتّائو & نتّائُو: ذ. صفت. نتّائيندڙ ـ بهانائي ـ گسائو ـ ناٽهائو ـ گوسڙ ـ ناڙو ـ گوسڙو ـ گوهير ـ لاهرائو ـ ڪم چور.

ـ نتّوائِيْ & نتّوائِيُونْ: ث. ڪل ـ مسخري ـ خوشطبعي ـ چرچا.

ـ نتّو نتّونْ: ذ. صفت. هٺ وارو ـ هٺيلو ـ ضدي ـ هوڏي. بي ڊنگو.

● نِتْمهَنْ (ڪ): ث. (سن. نِشْٹرْ > نِهتّ = سخت + آوشَرَ = گرمي يا گرمي جي موسم). ٺاڪ منجهند ـ ٺاڪ آس ـ سخت گرمي ـ ڏرتتي ـ تيز آس ـ تتل ڏينهن ـ سخت گرميءَ واري آس.

Gul Hayat Institute

● نَٹنُو ۽ نَٹنُا: ذ. صفت. نَٹ وارو - لوڏ وارو - نازنخري وارو - نخريباز - نخرائي. مسخرو - چرچيباز - نَٹنھن نچنو - ديداري - نَٹنُون (اسم). نَٹنبڏي. ماکوڙي. (ث. نَٹنِئين ۽ نَٹنِھُونءُ).

- نَٹنُونءُ ۽ نَٹنُان: ذ. صفت. نچندڙ چوکرو. چنڊ ٿوڪ کندڙ - زلف سينگاريندڙ - وار چڏيندڙ - لُڇايون چائيندڙ - مسخرو.

- نَٹنِيءُ ۽ نَٹنِيءُ: ذ. صفت. ناز نخرو کندڙ - نخريلو (ث. نَٹنِيُونءُ) نديءِ - هلکي.

"آڏريءَ عقل چڏئو، نٹيءَ شرم ناهه"

(ا. س).

● نِہِيرءُ ۽ نِہِيرَ: ذ. صفت. (پرا. نِہُورو. سن. نِشْنُر > نئر = هوڏي) سخت - ڪنور - سنگدل - ڏاڍو - بي رحم. بي ڏيانو - بي چيو - ناخلَفءُ - بي ادب - بي حيا - فاسقءُ هوڏي - ضدي - آڪڙيل - اٿوٿو شيدتي - نِجَسءُ - آهَنبءُ - نِرجو - ڪَدي - شرير - بحثي - ماد ٿمھُرو - آنَرءُ - ستر - ٻُڪئين بچڙو - وونکر - ڏُنر - هوڏانٽو.

- نِہِيرائيءُ ۽ نِہِيرائِيُونءُ: ث. ڪَدءُ - ضِدءُ - شدت - هوڏ - ڏوڏ - ڏينائي - ڪج بحثي - ڏُشٹائي - ڏنگائي.

- نِہِيرَتا ۽ نِہِيرَتائِيُونءُ: هوڏَ - بحث - هَٹَ - ڪَدءُ - ضِد. سختي - بي رحمي.

- نِہِيرِ پائيءُ ۽ نِہِيرِ پائِيُونءُ: ث. نِہِيرائي - بي رحمي - ڪنور پائي. عتياري - مڪاري.

● نِہِنءُ: مصدر. (سن. نورت = چُٹڻ، چوٽڪارو) وڃڻ - ٻاهر نڪرڻ. (نِہِيو - نِہِيندو - نِہِيل).

● نِہارءُ ۽ نِہار: ذ. صفت. نڙ لکندڙ - نائِرءُ.

● نِہارءُ ۽ نِہارَ: ذ. قربان - ٻلدان - صدقو - ميڙ - فِدا - گھورڻ يا گھورَ - نچاور - صدقي - ٻلهار - قرباني. هرج - نقصان.

- نِہارءُ ڪَرڻءُ: قربان ڪرڻ - صدقي ڪرڻ - نِچاور ڪرڻ - گھورڻ.

● نِہُڑءُ ۽ نِہُڑ: د. پکڙيل - ڪِنڊريل - هاريل - هيٺ ٽِئي. ڪُڌيه - مضمون - آکاڻي. علم و ادب جو اهو پاڳو، جو صرف نحو جي قانون تي ٻڌل هجي، پر قافيه ۽ رديف جي قيد کان آجو هجي - نظم جو ضد.

● نِہُپءُ ۽ نِہُپ: ذ. ڳنڍيءُ (ڪنهن به ڏگهي ڪاڻيءَ جي پڳل پوڇڙ کي ڏاڙي ڪاٽ جو ٽڪر ڳنڍڻ). چُهنب - نوڪ - ڪُنڊ - مُنڊ - پاسو - ڪنارو.

- نِہُپءُ کَنِڊڻءُ: پوڇڙن جي منڊن کي گھڙڻ.

- نِہُپءُ کَٹَڻءُ: پوڇڙن جي منڊن کي ٽلائڻ. ٻن ڪاڻين ڪي ٻاڻ ۾ ڳنڍڻ - ڪاڻين ۾ ڪانچو ڪرڻ. پاڪر پائڻ - ڳري لڳڻ.

- نِہُپءُ ھَٹَنءُ: پڳل ڪاڻيءَ جي چيڙي کي ٻيو ٽڪر هٽي ڳنڍڻ.

● نِہاج ۽ نِہاج: ذ. (سن. پَدءُ = هلڻ، وڌڻ) نِہاجءُ - پالنا. پرورش - خدمت - سنڀال - نِہاءُ.

● نِہاج ۽ نِہاجَ: ذ. (سن. پَدءُ = هلڻ، وڌڻ) مُقوي - قوت ڏيندڙ. سانيه - نِہاجَ - پال پرورش - تربيت - ڪاڏو خوراڪ - اهار - خورش - عِذا - پالنا - آجيوڪا - پوڀرائي.

● نِہائِنءُ: مصدر. (سن. پَدءُ = هلڻ، وَدَنءُ) پالڻ - ڏاڙڻ - سانيڻ - پالڻا ڪرڻ - سنڀالڻ يا - پال ڪرڻ - پرورش ڪرڻ - سانيڻ - نِہائي وڌو ڪرڻ - چاڙهڻ - مٽي ڪرڻ - تاڏن - پالڻ پوسڻ. نوازڻ - حمايت ڪرڻ - زور وٺائڻ سارَ لهڻ. سهارو ڏيڻ - انگ پيٽ ڏيڻ - خدمت ڪرڻ. (نِہائيو - نِہائيندو - نِہائيل).

- نِہائِنھارءُ ۽ نِہائِنھارَ: ذ. صفت. نِہائيندڙ - پالڻهارءُ - پرورش ڪندڙ - سانيڻ ڀندڙ - پاليندڙ. نوازيندڙ - خدمت ڪندڙ - سنڀاليندڙ. (اسم خاص). خدا جو هڪ صفاتي نالو.

- نِہائيلءُ ۽ نِہائِيلَ: ذ. صفت. نِہائي وڌو ڪيل - سانيل - پاليل پوسيل - ڏاريل.

● نِہِتَرءُ ۽ نِہِيتَرَ (ت) ذ. صفت. چَتءُ - برباد - تباهه - ويران - نابود. خراب - ڪِنو. ڏهرو - لانجهو - ضعيف - ڪمزور.

● نِہِيتَنءُ (ل): ڏيندن سان ڪيل آندا ۽ ڳنڍءُ.

Gul Hayat Institute

● نِپٽُ: ظرف. (پرا. ٹِپّٹ. سن. نِشپيٹ> نِپٽُ = ڪرڻ، هيٺ ڪرڻ) محض - بلڪل - تمام - نِرو - سراسر - بِنڌهي - اصل - پَڪي. انسان (چريو). بِنڌهڻُ - سُورُ - هرگز - مِرڙموڙي - اصل ئي - تروتڙُ - خوب - نهايت.
"نيو نهوڙي چوڪ، چشمن نوڪ، نيڻن جي نِپٽ" (مخفي)

(ذ. صفت). بنا ڪپڙن - ننگو - اڪهاڙو - بي شرم - بي حيا. نياڳو - ڪمبخت - بد نصيب - چنبو. بي اولاد.
= نِپٽُ آنڊو: ذ. صفا انڊو - بلڪل انڊو.
● نِپُنو ۽ نِپُٽا: ذ. صفت. (پرا. نپوتيو. سن. نپوترڪ = ان پُٽيتو) بي اولاد - بنا اولاد - بنا پُٽ - لاولدُ - ننگو - نياڳو - چنبو - نحس - بدبخت - منحوس - منُهو - نالائق. (ث. نِپڻي ۽ نِپڻيُون).
● نِپنجَنُ: مصدر. پالجڻ - سانڍ جڻ - نهائجڻ - پرورش جڻ - وڏو ٿيڻ - سنيالجڻ.
● نِپنڊسَڪُ ۽ نِپنُسڪ: ذ. صفت. نپوسڪ - نه مؤنث نه مذڪر - بي جنس - خُنثي - مُخنثُ - ڪدڙو - نامرد - هيجڙو.
● نِپنَڻُ: مصدر. نپجڻ. جمڻ - پيدا ٿيڻ.
= نِپنڻُو ۽ نِپُنا: ذ. صفت. پَليو - وڏو ٿيو - پيدا ٿيو.
● نِپنِيُ (ڪ): ث. هوڪ جو هڪ قسم.
● نِپوٽُ ۽ نِپُوتَ (ل): ذ. صفت. نافرمان - بي چيو - ڪپوت.
● نِپوڙنُ: مصدر. (سن. نِپُوتَ). چيائڻ - نپوڙڻ - چِيڻ - چٽارڻ - پيڙو ڏيڻ. گهوٽڻ. (نِپوڙيو - نِپوڙيندو - نِپوڙيلُ).
= نِپُوتَ ۽ نِپُوڙُونُ: ث. (سن. نِپاتن = مارڻ). پيڙ - زور - چِپ - چِٽ - چيپاٽ - نِپوڙ - چيپٽ - دٻ.
● نِپوڙڻُ: مصدر. (سن نِپيد = پيڙڻ). نچوڙڻ - زور ڏيڻ - پيڙو ڏيڻ - پيڙڻ - چِپڻ - چيائڻ - چٽڻ - نپوڙي ڪڍڻ - چٽڻ. (نپوڙيو - نپوڙيندو - نِپوڙيل).

● نِپُوسَڪُ ۽ نِپُوسِڪَ: ذ. نامرد - مخنث - ڪدڙو - هيجڙو. بزدل - ڪائرُ.
= نِپُوسَنڪتا: ث. نامردي.
= نِپوسَنڪُ ۽ نِپُوسَنڪَ: ذ. نامرد - ڪدڙو - هيجڙو.
= نِپوسَنڪُ ۽ نِپُوسَنڪَ (ڪ): ذ. نامرد - ڪدڙو - هيجڙو - مخنث - نپوسڪ. سُکي چوس - بخيل - ڪنجوس. (ل).
● نِپَهرِيُ (ڪ): ث. نه + پهر = ماٺهو). سنسان هنڌ - جنهن هنڌ ڪا وسندي نه هجي. "هي واهه جي نِپَهري جُوءِ آهي." (جملو).
● نپيڙڻ: مصدر. (سن. نپيد = پيڙڻ). دٻڻ - زور ڏيڻ - زور ڏيئي پاڻي ڪڍڻ. (نپيڙيو - نپيڙيندو - نپيڙيلُ).
● نِپُ ۽ نِپَ: ذ. صفت. بناملاوٽ - خالص - صاف - نجو - نبار - شُڌ - صَفا - ٺيٽ - سُڌو - آڇتو - نرمل - پوتر - اصيل - چند - سچو - ڪَرو - چوڪو - ٽنگسالي - اڻ ميل - تنت - اڻ ملايل - گهرجو - اڇت - هٿراڏو - اصلي - ٽيڪو - سنورو - نجات. خاص - نيارو - ذاتي - وشيش وان - صافي (نفعو). خود - پاڻ. (ظرف). بورنسم - نت نيم - ڪٽائتو - نيمائتو - پتاڪرم.
= نِپُ بِپُ: ذ. صفت. نِپ - نِبار - خاص - صاف. ساڳيو - هوبهو.
= نِپُ بِپُ (ڪ): ظرف. هوبهو - ساڳيو - نِپ بِپ.
= نِپرانَ: ث. ظاهر - آشڪار - پڌرو - صاف.
● نِپاتَ ۽ نِپاتنُونُ: ث. آتمتا - خانداني - پلائي - نوابي - شرافت - اصليت - بزرگواري - بزرگي - (ذ. صفت). نجيب.
● نِپاتَ ۽ نِپاتُونُ: ث. آڏار - مڪتي - ڪت - موڪيه - نيتارو - چوڪارو - خلاصي - موڪڻ - رهائي - آزادي - معافي (گناهن جي) - بچاءُ - مخلصي - رُستڪاري.
● نِپات ۽ نِپات: ذ. صفت. بناملاوٽ - نِپ - نِپجو - نِبارُ - خالص - ٺيٽ - تنت - چوڪو - اڻ ميل -

Gul Hayat Institute

حاف شڌ - ساڌو - سُٹو - خاصو - اصل . چڑهو - مفرد . سولو - آسان - سليس - سهنجو .

● نِجاسَتَ ع نِجاسْتُونْ: ث. پليدي - ناپاڪائي - پليتي - اَپوترتا - آلائش - غليظائي - گندگي - غير - ڪدورت - مَلُ - غلاظت .

● نِجاهَتْ: وٹي وڃڻ - نِجاءَ .

● نِجْدْ: ذ. (ع). متاهين زمين . (اسم خاص). عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو .

● نِجرَنْ: مصدر. ڳرڻ - ڏهرو ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ - نِجهرڻ .

● نَجَسْ ع نَجَسَ: ذ. صفت. ميرو - گدلو - ڪِيڏو - خراب - گندو - ناپاڪ - پليت - پليد - اَڻڌ - اَپوتر - اونو - پرشت . ٻي ڇيو - هوڏي - ڪاتر - ٻي فرمان - ٻي ادب - عاق - نِنر - ضدي - اڻوٽو - شِدتي - ڪَندي - نرجو - اهنڌ - مادُمهرو . نياڳو - بدبخت - نامراد - نڌورو - نِڳرو - مُٹو - ڪَر - چنڊو - خَر .

● نَجَفْ ع نَجَفَ: ذ. اها جاءِ جتي پاڻي چڑهي نه سگهي . (اسم خاص). عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو (جتي حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي مزار شريف آهي).

● نَجْمْ ع نَجْمَ: ذ. ستارو - تارو .

● نِجَنْ: مصدر. وٹي وڃڻ - ڪچي وڃڻ .

● نِجو ع نِجا: ذ. صفت. نِيڃ - صاف - شُڌ - بناملاوٽ - نبار - ٺيٺ - خالص - تت - چوکو - سٹو - بهترين . سڏائتو - جدا - ڌار - الڳ - خلاصو - ٻي ضرر . پنهنجو - خود بخود .

= نِجائِيْ ع نِجائِيُونْ: ث. خالصيت - تنتپائي .

● نُجُومْ ع نُجُومَ: ذ. نجم جو جمع - ستارن جو جمع - تارا - سِتارا . تارن جو علم - علم نُجوم - علم هيئت - آڪاشي - نروار - جوتش .

● نُجُومِيْ ع نُجُومِيَ: ذ. صفت. علم نُجوم جو ڄاڻو - منترشناس - تارن جي اثر جو حساب لڳائيندڙ - جوتشي - فالچي - هيئت دان - جوتش - سِڌانتي . (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو .

● نجويو ع نِجويا: ذ. صفت. بنان زال جي - بنان جوءَ - ٻي جويو - ٻي گهرو . ڪنوارو - چڑهو . رنڈ - چڑوچانڊ نِروگو تندرست - چگوپلو .

● نِجُويو ع نِجُويا: ذ. صفت. ٻي جُوءَ (جنهن وٽ مال چارڻ لاءِ جُوءَ نه هجي) .

● نَجِيمْبْ ع نَجِيمْبَ: ذ. صفت. چڱي نسل وارو - خاندائي - ڪُلين - اصيل - بنيادي - پلو - اتر - رفيع - اميز - شريف - بزرگ - برگذيده - اشراف . (اسم). علاج - آوڪنڊ - دوا - دارون - ٻلو - آپاءُ - تدارڪ - چارو . اَٽ .

● نَجِيمْترو ع نَجِيمْترا (ت): ذ. صفت. ڪمزور - ضعيف - ڏهرو . لاچار - عاجز - ناچار . نڏو .

● نَجاڻانْ: مجاڻ - مون سمجهيو - شايد - مڃ - الاجي - جيڪس .

● نِجهرڻْ: مصدر. ڪٹڻ ۽ ڳرڻ - جهجڻ - جهوري ۽ جهرڻ - ضعيف ٿيڻ - ڏينهان ڏينهن ڪمزور ٿيندو وڃڻ . درد مند ٿيڻ . ڳهرت ڪاڻ - اوجهرڻ - جهوڻي ۽ ڪنڊ نماڻ - نماڻ - ڊلڪن - ڊرڪڻ - لڙڪڻ - هامڻ . (نجهريو - نِجهرندو - نِجهريل).

● نِجْهرو ع نِجْهرا: ذ. (ٻرا. نويس. سن. نويش + رو). جهوپڙي - پونگي - چنو - پُنگي - چن - جهڪو - گهر - ماڳ - امن جي جاءِ - مڪان - آجهو .

"مون نماڻي جي نجهري ٻيرو ڪج پتار."
(شاهه).

ٻستي - وسندي - وسنهن .

"پاءِ تيڏاهر ٻگ، ناهه جيڏاهر نجهرو."

● نجان: "نه جاڻا" جو مخفف .

"نه جان ڪنهن جي آهي قدرت - ظاهر انسان اڃاتي."
(منثار راجڙ).

● نِجاڻا: شايد - مجاڻ .

= نَچ ع نَچُونْ: ث (سن. نرتيه . ٻرا. نچڻ). نچڻ واري حالت - ناچ - نچڪو .

● نِچْ: ذ. (ٻرا. نِچْمْ. سن. نِشْيَ). پلي ڪري - چڱيا - چڱيءَ طرح - پليءَ پت - بخوبي - خوب - آدرياءُ - مرحبا - خوش ڪيڪار - سدا - پلي .

Gul Hayat Institute

= نيچ آئين: پلي ڪري آئين - خوش آمديد - جيءُ ڪري آئين.

= نيچ چئون: پلي ڪار ڪرڻ - جيءُ ڪار ڪرڻ.

● نچارا: اسم خاص. رياست قلات جي سراوان علائقي ۾ هڪ مشهور علائقي جو نالو.

● نچائيڻ: مصدر. ناچ ڪرائڻ - نچڪو ڪرائڻ - رقص ڪرائڻ - نچائڻ ٽپائڻ - ڪوڏائڻ - پَچ ڪرائڻ. (نچائيو - نچائيندو - نچائيل).

● نِچِڪيٽو ۽ نِچِڪيٽا: ذ. لوهي اوزار جو هڪ قسم - نڪ وغيره مان وارن ڪيڻ لاءِ حجامڪو اوزار - چمٽو. نڪ چٽو.

● نچِڪو ۽ نچِڪا: ذ. نچڻ واري حالت - ناچ - نچ.

= نچِڪو ٽپِڪو: ذ. نچڻ ٽپڻ واري حالت.

● نچانگ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وکر جو هڪ قسم - هڪ ٻوٽيءَ جي ڇاڙ (چار قسم: ۱. گاڙهي ۲. اڇي ۳. ڪاري ۴ زردي سنڌي وانگر زهردار، هن کي ماري دوا طور ڪم آڻجي ٿو).

● نچِينڪ: ظرف. آڇانڪ - اوچتو - آمالڪ.

● نچڻ: مصدر. (من. نرتڻ، پرا. نچئي = نچ) ناچ ڪرڻ - نچ ڪرڻ - رقص ڪرڻ - ڊانس ڪرڻ - نرت ڪرڻ - نچڻ ٽپڻ - ڪُڏڻ - خوش ٿيڻ. (نچيو - نچندو - نچيل).

= نچڻ پٽڻ: نچڻ ٽپڻ - ڪُڏڻ - ٽپ ڏيڻ.

= نچيڙي ۽ نچيڙيون: ث. نچندڙ عورت - ناچ ڪندڙ عورت - رنڊي - ڪچري - وٺشا - طوائف.

= نچڙي فقير: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

= نيچوڙن: مصدر. (پرا. نيچالو. سن. نيچاري). زور ڏيئي منجهانئس تت باهر ڪيڻ - نچوڙڻ - چيو ٿمڻ - پاڻي ڪيڻ - ڏهيڻ - چڱڻ - چپائڻ - پيڙو ڏيڻ (چوڙيو - نچوڙيندو - نچوڙيل).

● نِچوڙ ۽ نِچوڙ، نچوڙون: ذ. ث. تت - ڀُر - مال - قلب - مغز - پچو - ڪُنب - سار - تنت - جوهر - مول. روغن. پچاڙي - ٽورو "ڪوهه ۾ پاڻيءَ جو باقي نچوڙ رهيو آهي." (جملو). (ذ. صفت). نچ - خالص - نجو - ڪرو.

● نيچوئڻ: مصدر. ڏاڍو زور ڏيئي ڪيڻ - تت ڪيڻ - رَسُ ڪيڻ - ڏُهڻ - نچوڙڻ. چائڻ. لڙڪ آڳهڻ. (نچوئيو - نچوئيندو - نچوئيل).

● نيچِينڊ ۽ نيچِينڊ (ث): ذ. صفت. بي اونو - بي فڪرو - بنا ڳڻتيءَ.

● نيچ ۽ نيچون: ث. نڪ مان زور سان آيل آواز - چِڪ - آڇو. نسيل.

= نيچون ڏيارڻ: تنگ ڪرڻ - هيسائڻ - ڏاڍائڻ - هيسڻ.

● نيچارڻ: مصدر. نچوڙڻ - جدا ڪرڻ - صاف ڪرڻ.

"ذات ۾ تنهن جي ظاهر ٿئي، نالو ۾ نچاريو" (ڪبير شاهه).

● نِچانڊ ۽ نِچانڊ (ڪ): ذ. نروار - ظاهر - پڌرو - صاف.

● نِچُت (ڪ): ظرف. سنئون - سڌو - تڙ - ڏو. "اهڙو پٿر آڇلايائين جو نِچُت وڃي اڪ ۾ لڳس". (جملو).

= نِچُتو: ظرف. سڌو سنئون - پورو.

● نِچ تڙ ۽ نِچتڙ: ذ. آسماني تارن جو هڪ ميڙ - نڪٽ.

● نچندڙ ۽ نچندڙ: ذ. صفت. ڪجهه به نه چڏيندڙ - نه چڏو - نه ڏيندڙ - پڪو - سچڏو. محڪم - ثابت قدم.

● نِچڙڻ: مصدر. سامت ۾ اچڻ - نيڪ ٿيڻ - نهڻ - تيار ٿيڻ - (جو) بندوبست ٿيڻ - نبيرڻ - چڪتو ٿيڻ - پڇاڻي ٿيڻ. جدا ٿيڻ - الڳ ٿيڻ - ڌار ٿيڻ. (نِچڙيو - نِچڙندو - نِچڙيل).

● نِچوڙڻ: مصدر. نچوڙڻ - نبيرڻ - فيصل ڪرڻ - ٺهراءُ ڪرڻ - فيصلو ڀهارڻ. بندوبست ڪرڻ - نيڪ ڪرڻ - ناهي رکڻ. سمجهائڻ - ڪولي ٻڌائڻ - ارٿ ڪرڻ - نروار ڪرڻ - نِرَڻءُ ڪرڻ. جُدا ڪرڻ - ڌار ڪرڻ - الڳ ڪرڻ - علحده ڪرڻ. (نِچوڙيو - نِچوڙيندو - نِچوڙيل)

= نِچوڙو ۽ نِچوڙا: ذ. نِچوڙ - نچوڙ - نچوڙو - نبيرو - فيصلو - ٺهراءُ - صفائي - ناهه - نبيرڙ. ڇيهه -

Gul Hayat Institute

پڇاڻي - انت - پڇاڙي - پوڄو - انتها - آخر. آڪلاءُ - چُڪت - صفائي - ناهه - بند و بست - پربنڌ - سنوڻ - جوڙڪ.

● نيچهيڑڻُ: مصدر. فيصلو ڪرڻ - نچوڙو ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ - نبيرڻ - فيصل ڪرڻ - صاف ڪرڻ. (نچهيڑيو - نچهيڑبنڌو - نچهيڑيل).

= نيچهيڑو ۽ نيچهيڙا: ذ. نبيرو - فيصلو - نچوڙو. انصاف.

● نَحسُ ۽ نَحْسَ: ذ. صفت. نامبارڪ - نامسعود - منحوس - نياڳو - ڪمبخت - بدنصيب - بددورو - چندو - بدبخت - بدقسمت - نامراد - ڪرم هيڻ - ادورو - بدسڳڻ - اشُبُ - بدسوَڻ - ٽيڪيارو - گهاتي. پَرو - بچڙو - خراب - مَدو. بي چيو - نافرمان - صلاح نه وڌندڙ. جڙ - اولو.

= نحسائيُ ۽ نحسائيُون: ث. نياڳ - بدبختي - ڪرم هيڻتا - نامرادي - ڪم نصيبي - نياڳائي.

● نَحلُ: ث. ماکيءَ جي مک. (اسم خاص). قرآن مجيد جي هڪ سورت جو نالو يا لقب.

● نَحوُ: ذ. جملن جي بناوت - اکرن جي بيهڪ - جملن جي ترڪيب وارو علم - علم گرامر - ويا ڪرڻ. (ظرف). طرح - طور - طريقو - ڍنگ - ريت - نمونو - راهه - رستو - واٽ - نوع - واکر چنا - قصد - ارادو.

= نَحوَ پيجو (ڪ): ذ. پڇ جي وچ واري اک (جنهن مان پڇ ڦٽي).

= نَحو صرف: ذ. ويا ڪرڻ - گرامر - علم تلفظ.

= نَحو گِرام: گالهه جو ذرو هرزو وچور وار پڇن واري حالت - نجي پڇي گالهه ڪري پڌائڻ واري حالت.

● نَحوسَت ۽ نَحوسَتُونُ: ث. ڪمبختي - نياڳ - شامت - ماجرا - بدنصيبي - بدطالعي - نياڳائي - بدسوٽي - نامبارڪي.

● نَحيفُ ۽ نَحيفَ: ذ. ڏهرو - ڪمزور - لاغر - مرد عاجز. پتلو - سنهڙو - نازڪ. حقير - ناتوان.

● نِخالِصُ ۽ نِخالَصَ: ذ. صفت. نيڃُ - سنو - صاف - شُدّ - خالص - نيڃو - نِيارَ - ليٽ - پُوتر - پاڪ - سچو - ڪرو - تيڪو.

● نُخْتُو ۽ نُخْتا: ذ. نقطو - سندي اکر جهڙوڪ: ب، پ وغيره کي ڏنل ٽُهڪو - پُڙي. آڻ جي سنج جو هڪ قسم - آڻ وغيره جي منهن تي سُونهن خاطر وڌل سوٽي رنگين ڏورو - سُڄي - پُوٽيڙو.

● نُختي ۽ نُختيون: ث. منائيءَ جو هڪ قسم.

● نخْچِيرُ ۽ نَخْچِيرَ: ذ. نشتر - نيبر. شڪار ڪيل جانور.

● نَخْرُو ۽ نَخْرا: ذ. ميڪيرُ - مَڪَرُ - ڍونگ - چالو - نازُ - چَخَنُ - لاڏُ - چاڪ - ماڻو - منيون گالهيون - تال - ناز نخرو - مَستي - لُڇائي - ترڪٽ - نَٽُ - ڦندُ - اٽڪل.

= نخْرِيلو ۽ نَخْرِيلا: ذ. صفت. نخرا ڪندڙ - ناز ڪندڙ - چاڪلو - دادلو - نخرائي - چلولو. حرڪت باز - اٽڪلي - چالاڪ - حرفتي - رَهڙو - ڏوڪيباز - حريفُ. ڏوهو - ٺڳُ - ڍونگي - نقلي. (ث. نَخرِيلي ۽ نَخرِيليُون).

● نَخِيسُ ۽ نَخِيس (ت): ذ. غيرت - حيا - لڄَ - شرم. دل.

● نَخْشَبُ: اسم خاص. ترڪستان ۾ هڪ شهر جو نالو (جتي حڪيم عطا بن مقنع هڪ هٿراڏو چند ڪوهه مان ڪيو هو).

● نَخْلُ ۽ نَخْلَ: ذ. ڪجور جو وڻ - چوهاري جو وڻ - ڪجيي. هڪ واڌ ڪو اوزار (ڪاڻ تي چٽ ڪيڻ لاءِ). اڻي چاڻ واري حالت.

= نَخْلو ۽ نَخْلا: ذ. واڌڪي اوزار جو هڪ قسم - جڏن ڪيڻ لاءِ گول منهن سان زنبيءَ جو هڪ قسم.

● نَخْلُوتَ: ث. (ع). بزرگي. تڪبر - غرور.

● نَدُ: ذ. بحر - درياءُ - ندي. جيئن: "پنج ند". بدبختي - نيڊ ورائي - نياڳائي.

Gul Hayat Institute

"او ۽ ڪميڻ ۽ ڪبير شاهه چئي،
نِندورو چِڏي نه نِنڊ".
ٻڌ ـ صفا. "هُو نِنڊ حرامي آهي". (ل).

● نِدِ (ت): ث. نسبت ـ نسل ـ اصل ـ بنياد. توڙ ـ ڇهه ـ آخر ـ پڇاڻي ـ پڇاڙي.

● نِدا ۽ نِدائِ نِدائُون: ث. ذ. آواز ـ شبد ـ پرلاءُ ـ آڇار ـ تتنوار ـ سڏ ـ دانهن ـ رڙ ـ ڪوڪ ـ ٻوڪار ـ صدا. گِلا. ٻانگ.

● نِدارَتُ ۽ نِدارَتَ: ذ. صفت. (ف. نه + دارد) نه هئڻ جهڙو ـ بي ڪمو ـ بي ڪار ـ ڪنهن نه ڪم جو. نياڳو.

● نِدارُ ۽ نِدارَ: ذ. (ف). ڪورو ـ اڇو ـ خالي ـ بنا نام (وڪاءُ) گهرج ـ ضرورت ـ ڪتب ـ حاج ـ ڪاڻ ـ اڻ هوند ـ ڪمي ـ گهٽتائي ـ اوڻائي. (ذ. صفت). نالائق ـ نڪمو ـ ڪن هيڻ ـ وِڻاند ـ نِڪار ـ ناخلف ـ نامراد ـ ڪسيرڪ ـ ڪين جهڙو ـ بيهودو.

ـ نِدارَ ۽ نِدارَ: ذ. نِدارت ـ بي چيو ـ نافرمان ـ نڪمو.

● نِدافُ: ذ. ڪهه پيڃيندڙ ـ پيڃارو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● نِداماڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ـ نظاماڻي.

● نِدامَتَ ۽ نِدامَتُون: ث. شرمندگي ـ پشيماني ـ خجالت.

● نِدانُ: ظرف. نيٺ ـ پڇاڙي ـ پڻيان ٿيڻ ـ آخرڪار ـ نينان نيٺ ـ ٿيڻ ـ پڇاڻي ـ ڇيهه ـ انتها ـ حدَ ـ ڇيڙو ـ ڇوڙي ـ نِدان ـ نتيجو. مؤت ـ پڇاڙيءَ ۾ ـ انت ۾ ـ پس پيش.

ـ نِدانَ قِيمَتُ: ث. آخري قيمت ـ مقرر ٿيل اڳهه.

● نِدسُ ۽ نِدسَ (ت): ذ. صفت. پاڪ نه هئڻ واري حالت وارو ـ ناپاڪ ـ پليت ـ پليد.

● نِدمُ: خجالت ـ پشيماني ـ شرمندگي.

● نِدواڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● نِدورو ۽ نِدورا: ذ. صفت. ڏکيو ـ کهيو ـ منحوس ـ دکي ـ پريشان ـ ڏجهارو ـ ڏوکي ـ بي حال ـ بد نصيب ـ بدقسمت ـ بي بختو ـ شامت زدو ـ ڪمبخت ـ نياڳو ـ چنڊو ـ نحس ـ نامبارڪ. خراب ـ بيڙو ـ ڪنهن نه ڪم جو ـ تڪ ـ هَرو ـ شرير ـ ڏنگو.

● نِدي ۽ نِديُون: ث. (پرا. نَدِيا. سن. ندِيکا = ندي) درياءُ ـ واهڙ ـ ٿين ـ ٿهر ـ جل ڌارا ـ وڏي نهر يا جُو ـ مينو درياءُ.

● نِدِيُمُ ۽ نِدِما: ذ. مصاحب ـ دوست. هَمنشين. پريشان.

● نِدِ: ث. خزانو ـ گنج ـ ذخيرو ـ لِڏي ـ ڏن ـ دولت ـ مايا ـ جميعت ـ سمپت. شجرو ـ پيڙهه ـ بنياد ـ آصل ـ نسل ـ منڊ ـ شروعات. ڇيهه ـ پڇاڻي ـ حد ـ آخر.

● نِدانُ: ظرف. آخرڪار ـ ٿيٺ ـ پڇاڙي ڏائين ـ آخرين ـ نينان نيٺ ـ پس وپيش ـ پڇاڙي ـ ندا ـ انت ـ پوڇڙي ـ حد ـ انتها ـ توڙ ـ ڇيڙو ـ ڇيهه ـ نتيجو. (ذ. اسم). حويلي ـ محل ـ قصر ـ مڪان ـ گهر ـ رهاڻ. ڪٽنب ـ خاندان ـ ذات. خزانو.

ـ نِدان ڪرڻ: صفائي ڪرڻ ـ ڪم ختم ڪرڻ ڪاڻ اڪ نه ڇڏڻ ـ پڇاڙي ڪرڻ ـ ڇيهه ڪرڻ ـ انتها ڪرڻ ـ حد ڪرڻ.

ـ نِدانِيُ ۽ نِدانِيُ: ذ. صفت. نِدان ڪندڙ ـ حد ڪندڙ.

● نِدانَ ۽ نِدانَ: ذ. ڪٽنب ـ خاندان ـ ذات.

"اصل آهي اهنجو نالير نِدانَ."
(شاهه)

دولت ـ ڏن ـ خزانو. گهر ـ جاءِ ـ مڪان.

"هتان هنڌ نه ڇڏيان سندو ليهه نِدانَ."
(شاهه).

آڌار ـ ڪوپ.

● نِدَرُ ۽ نِدَرُ: ذ. (سن. نِر = نه + آڌر). بنا ڪنهن آڌار جي ـ بي وسيلي ـ بي زور بيواهه ـ نڌورو ـ بي واهو ـ بي وس ـ بي پهچ ـ آوس ـ لاچار ـ عاجز ـ نِڌڻڪو ـ اٻالو ـ آڌين ـ ڪمزور ـ هيٺو ـ ضعيف ـ نستو ـ ٻوٽو ـ نهل ـ دربل ـ بل هيڻ ـ ڏکيو ـ کهيو. منحوس ـ نياڳو ـ چنڊو ـ نڌورو. نماٽو ـ ويچارو. اپرو ـ هروس ـ مسڪين ـ بي سهارو ـ يتيم.

Gul Hayat Institute

ـ نيڊرائيءُ ۽ نيڊرائيڻونءُ: ث. لاچاري ـ اڻ سرندي ـ ڪمبختي ـ خواري ـ شڪست حالي ـ جوکڙو ـ نياڳ. بي ٻچائي ـ بي رسائي.

● نيڊڙءُ ۽ نيڊڙ: ذ. صفت. نہ ڏڙڪندڙ ـ نہ ڊجندڙ ـ نڊڙڪ ـ نڊر ـ نہ ڊڇڙو ـ ٻهادر ـ همٿ پريو ـ دليو ـ بي پرواهه ـ جرئت وارو ـ بي ڊهو ـ نيرپوءُ ـ ڏنڊ ـ بالم ـ دليو.

● نيڊڪ ۽ نيڊڪڻونءُ ث. صفت. نڊڪي ـ بي واهي ـ بي وسيلي، جيئن ته

"پوري منڊ پتار ري، نڊ ڪ جئين ٽي نار"

● نيڊڪ ۽ نيڊڪ: ذ. صفت. (سن. لنڊڪ) بنا ڏڙڪي ـ بي خوف ـ بي ڊهو ـ نڊڙ ـ بي ڏڙڪ. مصيبت جو ماريل ـ ويچارو ـ ذليل بيڪس ـ نڊڪو. جنهن تي ڏکن جو اثر نہ ٿئي ـ سخت ـ ڏاڍو. (ڪ). بي چيو ـ نڙ ـ نيرجو ـ نڏ. نالائق ـ نادان خراب ـ ڦٽل (ٻار).

● نيڊ ٽڪو ۽ نيڊ ٽڪا: ذ. صفت. جنهن جو ڏڻي نہ هجي ـ بنا ڏڻي يا مالڪ جي ـ بي وارثو ـ بي مائٽو ـ لاوارث ـ يتيم ـ بنا رکيڪ ـ ري مالڪ. غٽباٽو ـ گيباٽو ـ رهيت ـ هيٺو ـ بي واهو ـ لاچار ـ عاجز ـ ڏڙيل ـ بي پهچ ـ ابتر حال ـ ذليل ـ نيڊڙ ـ ويڳاڻو ـ بي وس ـ بي وسيلي ـ اڏين. زچ ـ بي ڪڙهو. رولو ـ رولاڪ. (ث ـ نيڊ ٽڪي ۽ نيڊ ٽڪيون).

ـ نيڊ ٽڪائيءُ ۽ نيڊ ٽڪائيڻونءُ: ث. لاوارثي ـ يتيمائي. لاچاري ـ مجبوري ـ اڻ سرندي.

● نڊڙبيءُ ۽ نيڊ ڙيڻونءُ (ڪ): ث. ٻکريءَ جو هڪ قسم.

● نڊو ۽ نڊا: ذ. (سن. نڊ). نهٽ جو اسم مفعول ـ نڊو ـ ٻڊل ـ ڦاهو. جيئن ته:

"سا ڪئن نيام نهي، جهڪي نيه نڊو ڪٽي."
(شاهه).

● نڊو ۽ نيڊو: ذ. صفت. نڏوتل ـ ميرو ـ بلڪل گندو ـ غليظ ـ صفا گندلو ـ تمام ڪوجو ـ فاحش.

● نڊوڪ ۽ نڊوڪ (ڪ): ذ. ڪاٻ گهري شئي (جنهن سان سخت ڏڪ لڳي سگهي) ـ گهوپاٽو ـ ڏنڊو ـ ٻچر ـ ڏڪو.

● نيڊڙ ۽ نيڊڙ: ذ. صفت. ڏر يا ڊڙ نہ ڪندڙ ـ نہ ڊجندڙ ـ نيڊڙ ـ بي ڊهو ـ بي پوءُ ـ بي پرواهه ـ نرپوءُ ـ بهادر ـ ڏنڊم ـ بالم ـ سورهيه.

● نڊو: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه. جو نالو.

● نيڊڙ ۽ نيڊڙ: ذ. صفت. ڊڙ نہ ڪندڙ ـ نہ ڊجندڙ ـ ڊپ نہ ڪندڙ ـ بي ڊهو ـ نڏر ـ ڏنڊم ـ پهلوان ـ بي پوءُ ـ بالم ـ بي پرواهه ـ بهادر ـ سورهيه.

● نڊڙ ۽ نڊڙ: ذ. عهد ـ پيمان. خدا جي نالي تي باسيل صدقو ـ بزرگن جي نالي خدا جي راهه ۾ ڪيل ختمو ـ پيتا ـ نڊرانو ـ نڊراڻو ـ پٽ ـ گهور ـ نياز ـ سڪا ـ خيرات ـ ڏڻ ـ بخشش ـ ڏان. تحفو ـ سوڪڙي ـ سوغات ـ ڏالي ـ ڏونڍو.

● نڊڙ ۽ نڊار: امامن جي صدقي ـ امامن جي نالي (ڪيل خيرات).

● نڊڙرانو ۽ نڊڙرانا: ذ. تحفو ـ سوڪڙي ـ گهور ـ پيتا.

ـ نڊڙراڻو ۽ نڊڙراڻا: ذ. نڊر ـ نڊرانو ـ تحفو ـ سوغات ـ سوڪڙي ـ پيتا ـ گهور.

ـ نڊڙ ڇڻ: ميڙا ميڙ ـ سڪا پاسڻ ـ پيتا ڪرڻ ـ منٽت ميڙ.

● نر ۽ نر: ذ. (سن. نر) مڏ ڪر ـ مرد ـ مڙس مائهو (مادي جو ضد). هڪ عزت جو لقب ـ سخي. ڏهل يا نغاري جو ٽلهو آواز ڪندڙ ڍاڳو. ڪجيءَ جو قر نہ جهلينڊڙ ون. (ذ. صف) بهادر ـ ڏاڍو مڙس ـ پهلوان ـ جوڌو ـ مردانو ـ جانٽو ـ مڙسائو ـ پلنگ ـ پورهيه. (ڪ).

ـ نرءُ پڪيءُ هڪليجنءُ: پردي جي سخت پابندي هئن.

ـ نرءُ گهنٽوءُ ۽ نڙءُ گهنٽا: ذ. صفت. جبرو ـ جانٽو ـ قوي ـ جنگ ـ بهادر ـ پهلوان ـ همٿ پريو. ڏڻمنٽو ـ ينٽو ـ جنٽو ـ ٽلهو ـ ٽوٽانگ ـ وڙسنڊر ـ

د ڏونسو - ٻُٽ ۾ پريل - چوڪيو - ڏ ڳ - مُڪو.
سڏر - جهالو - جهلينڊ - پڪو - جاڏو. ڪاميي -
لانبارو - شهُو تيي.
= نرُ مادُ ۽ نرُ مادَ: ذ. مذڪر ۽ مونث -
نرُ ۽ مادي - نر ماد ڪُ - مجاڪرو - هينجيز.
= نرُ مادَڪَ ۽ نرُ مادَڪَ: ذ. مذڪر ۽
مونث - نرُ ۽ مادي - نر ۽ ماد.
= نرُ ماد ي: مذڪر ۽ مونث - نرُ ماد -
نرُ مادَڪُ.
= نرُ وارُ ۽ نرُ وارَ: ذ. پنڪيسر. ڪُل ۾
مادي وار جي پرسان نرُ وار ۾ ٿئي.
= نرُوڻُو ۽ نرُوڻا: ذ. نرُ - مُذڪر.
= نروڻيو ۽ نروڻيا: ذ. نرُ - مُذڪر.
= نرُ و جهڻُ: نر ڪجيءَ جون چوڙيون سندس
ٻُور واريون ٻئي لامون ڪپي، مادي ڪجيءَ جي
چوڙين ۾ وجهڻ.
● نِرُ: حرف جر. (سن). باهر - ڪان سواءِ - بغير -
ن - ري - بي - بنا.
= نِرُ اپاوُ ۽ نِرُ آپاوَ: ذ. صفت. بنا آپاوَ -
بنا علاج. وسويو. سوڌي هٿ نه اچڻ وارو.
ناقابل اصلاح.
= نِر اپرادَ ۽ نِر اپرادَ: ذ. صفت. بي گناهه -
بنا ڏوهه.
= نِراپرادِي: ذ. صفت. بي جرم - بي گناهه -
بي ڏوهو.
= نِرُ آدَرُ ۽ نِرُ آدَرَ: ذ. (سن. نِر = ڪان سواءِ
+ آدر = عزت) عزت ڪان سواءِ - بي عزتي -
بي مانائي - نِرآدري - بي ادبي - آنادرُ - هٿڪ
عزت - سُهُڻَ - ڪَنڇ - ڳارگند. (ذ. صفت).
بي عزتو - بي مانو.
= نِرُ آدَرُ ڪرَڻُ: بي عزتي ڪرڻ - نِر مانُ
ڪرڻ - بي مانو ڪرڻ.
= نِرُ آڌارُ ۽ نِرُ آڌارَ: ذ. صفت. آڌار ڪان سواءِ -
بنا آڌار - سواءِ ٽيڪ جي - پروس - ٻئي جي آسري -
لاچار - عاجز.

= نِرُ آسُ ۽ نِرُ آسَ: ذ. صفت. بي آسَ -
بي اميد - نا اميد - نِراڀا - مايوس.
= نِرُ آڪارُ ۽ نِرُ آڪارَ: ذ. صفت. شڪل يا
آڪار ڪان سواءِ. (اسم خاص). خدا جو هڪ صفاتي
نالو يا هڪ صفت.
= نِرُ آهارُ ۽ نِرُ آهارَ: ذ. صفت. بنا ڪاڌي -
بغير ڪائڻ جي - بکايل - نِيرانو.
= نِرادَرُ ۽ نِرادَرَ: ذ. بي عزتي - نِرادري -
بي ادبي - انادرُ - هٿڪ عزت - سُهُڻَ - ڪَنڇ -
گارگند. (ذ. صفت). بي عزتو - بي مانو - بي ادب.
= نِرادرُ ڪرڻ: بي عزتي ڪرڻ - نِر مانُ ڪرڻ -
بي مانو ڪرڻ.
= نِرادَرِيُ ۽ نِرادَرِيُونُ: ث. بي عزتي -
بي ادبي - نِرادر.
= نِراڌَرُ ۽ نِراڌر: ذ. صفت. بنا آڌار -
بي آسري - بي وسيلي - بنا سنيال - يتيم - لاوارث -
ڏليل - بي مائتو - بي سهارو - بي اجهو.
= نِراسُ ۽ نِراسَ: ذ. صفت. (سن. نِراشُ).
بنا اميد - بي آس. نا اميد - مايوس - محروم - دلگير -
آداس - نِر هه - نِراهُ. بي وس - لاچار. انگهن
ڪان سواءِ - بنا ڪنڌ جي (ڪاڻي). لسو - صاف.
= نِراسا ۽ نِراسائُونُ: ث. نا اميدي - مايوسي -
لاچاري.
= نِراسائِيُ ۽ نِراسائِيُونُ: ث. نا اميدي -
مايوسي - آداسائي - نِراسا.
= نِراڪارُ ۽ نِراڪارَ: ذ. صفت. بنا صورت -
بي شڪل. بي عيب. نهايت - عمدو - اُتم - افضل.
الاهي - خدائي - ديوتا سروپ - رحماني - ايشوري.
(اسم خاص). هندن جي خدا جو نالو -
پرميشور.
= نِرهانُ ۽ نِرهانُ: اها حالت جنهن ۾ سڀي
اڇائن ۽ دکن ڪان انسان آجو هجي آزادي - مڪتي -
موڪش - مڪتي - نجات - رستڪاري - چونڪارو.
نروان - پرم پد - پرم آنند - ڪمال خوشي. نرورتي -
سعادت.

Gul Hayat Institute

= نِرْبَلْ ع نِرْبَلَ: ذ. صفت. بي طاقت - کمزور - دُرْبل - هيڻو - ضعيف - بي زور - نستو.
= نِرْپَڙُ ع نِرْپَڙُ: ذ. صفت. پڙُ نه کندڙ - بي ڏپو - نڈر - نه ڊجندڙ - نڈر - بي پڙُ - بي پرواهه - بالڪ - ڏنڊم - دليـر - همٿ پريو - بهادر - پهلوان - بانڪو.
= نِرْپَڪي: ذ. صفت. ڏسو نرپڙُ.
= نِرْپَڪ ع نِرْپَڪ: ذ. صفت. پڪ يا رياءُ نه کندڙ - پاسخاطري نه کندڙ - بي رياءُ - بي طرفدار - سمدرسي - هڪ اکيو - نرپکش - انصافي - بنا پاسخاطري - بي پچو.
= نِرْمَتَنْ ع نِرْحَتَنْ: ذ. صفت. جتن نه کندڙ - حيلو نه کندڙ - کوشش نه کندڙ.
= نِرْجَل ع نِرْجَلُونْ: ث. روزُ - اپواس - لنگهن - فاقيو.
= نِرْجَلُ رَکڻُ: ورت رکڻ - فاقو کيڏڻ - نيرانو رهڻ.
= نِرْمَل ع نِرْجَلُ: ذ. صفت. پاڻي کان سواءِ - بنا پاڻيءَ جي - ري پاڻيو - سکل.
= نِرْجيءُ ع نِرْجيءُ: ذ. صفت. جيءَ يا جان کان سواءِ - بيجان - اچيتن - نرجيو - بي جيءَ - بي جوتيو - جڙ.
= نِرْجيو ع نِرْجيا: ذ. صفت. ڏسو نرجيءُ.
= نِرْدوشُ ع نِرْدوشَ: ذ. صفت. بغيردوش - بنا ڏوهه - بي گناهه - بي قصور - بي خطا - بي ڏوهي - ري معيار - وڏهو - ابهرو - اپامڙو - معصوم. سلامت. بي خوف. (ت)
= نِرْدَئِي ع نِرْدَئِيُ: ذ. صفت. (سن. نِرْدَيَ) دَيا کان سواءِ - بي رحم - بي کل - بي قياس - ڏانا سر - ظالم - نردييا - ڪنور - قهار - سنگدل - ڪٺيل - ڪسائي - سخت دل - اپاجهو - بي حس - بي درد - بي مهر.
= نِرْدَيا ع نِرْدَيا: ذ. صفت. ڏسو نردَئي.
= نِرْدَيائِي ع نِرْدَيائُونْ: ث. دَيا نه هڻڻ واري حالت - بي رحمي - سنگدلي - ڪنورپائي - بي دردي - ظلم.

= نِرْڈَکُ ع نِرْڈَکَ: ذ. جنهن تي ڏک جو اثر نه ٿئي - بي ڏپو - بي پڙُ - نرپئي - نرپي.
= نِرْڈَنْ ع نِرْڈَنَ: ذ. صفت. ڏن کان سواءِ - غريب - مسڪين - ڪنگال.
= نِرْڈوهِيُ ع نِرْڈوهِيُ: ذ. صفت. ڏوهه يا قصور کان سواءِ - بي ڏوهي - بي گناهه.
= نِرْگُڻُ ع نِرْگُڻَ: ذ. صفت. گڻ کان سواءِ - شڪل کان سواءِ - نراڪار - نرگڻ - بي گڻو - بي لڇ - بداخلاق - بدتميز - عيبدار.
= نِرْگُڻُ ع نِرْگُڻَ: ذ. صفت. نالائق - نڪمو - گڻ هيڻ - وڻواند - نڪار - ناخلف - نامراد - ڪسيرڪ - ڪين جهڙو - ٻُهر - بيهودو.
= نِرْلَجُ ع نِرْلَجَ: ذ. صفت. لج کان سواءِ - بي لڇو - بي حيا - بي شرم.
= نِرْلَڇو ع نِرْلَڇا: ذ. صفت. لج کان سواءِ - بغير خطا - بي حيا - بي شرم - بي لڇو - بي نڪو - بي ديدو - نرڇو - بي غيرت.
= نِرْلوڀِيُ ع نِرْلوڀِيُ: ذ. صفت. نرلوڀُ - ناخود غرض - آسوار ٿي - بين جو خيال رکندڙ - پرهپڪاري - نشڪار.
= نِرْلِيپُ ع نِرْلِيپَ: ذ. بغير ليپ - نرلپت - صاف - پاڪ - آڇتو - آپرشت - بي ڏوهي. نيارو.
= نِرْمَرُ ع نِرْمَرَ: ذ. صفت. سر يا ميرائي کان سواءِ - اوجل - صاف - پاڪ. موهه کان سواءِ.
= نِرْموهِيُ ع نِرْموهِيُ: ذ. صفت. بنا موهه - ري پيار وارو - بي دل. بي درد - بي ترس - ڪنور - بي قياس - سنگدل - بي رحم - رکو - نرموهيو.
= نِرْوارْ ع نِرْوارْ: ذ. صفت. (سن. نِرْ = بنا + وار = پردو). بنا پردي - ڪابل - ظاهرظهور - ٻڌرو - ڪليو ڪلايو. صاف - چٽو - صفا - نرسل - اوجل - اڇو - آجرو - اصل - نجو. ڌار - جدا. سنڌائتو. (اسم) ورنن - بيان - اظهار.
= نِرْوارْ کَرَنْ: ظاهر ڪرڻ. ڏسڻ - ڏيکارڻ - اشارو ڪرڻ - سڃڻ - سمجهائڻ - کولي ٻڌائڻ - آرٽ ڪرڻ - بيان ڪرڻ - لَرَڻُ ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

= نِرْوانْ ع نِرْوانَ: ذ. نابودي - برباديِ - نيستي. پرم پد - پرم آنند - کمال خوشي - نرورتي - سعادت. چوٹکارو - نجات - آزادي.

= نِرْوانْ ع نِرْوانَ: ذ. صفت. وان بغير - آزاد - چڑواڳ. مٹاهين درجي وارو - اتر - ثابت. (ت).

= نِرْوانْ پَدْ پِراڀْ: چوٹکارو حاصل ڪرڻ - نجات حاصل ڪرڻ. مُڪتي حاصل ڪرڻ - دنيا جي دام کان آزاد رهڻ.

= نِرْوِرْتي ع نِرْوِرْتِيُونْ: ث. نجات - آزادي - چوٹکارو - آڌار - مڪتي - گت - موڪيه - نستارو - نيتارو - آزادگي.

= نِرْوَڪَلْپْ ع نِرْوِڪَلْپَ: ذ. صفت. وهم، سنسهي ۽ پولهي کان آزاد.

= نِرْوِيرْ ع نِرْوِير: ذ. صفت. ويرِ يا بغض نه رکندڙ.

● نِرْ ع نِرَ: ذ. پاڻ جي پٺن يا بندن وغيرهه کي ٽيل ٽنگ - سوراخ جنهن ماڻ پاڻي ڪڍڻ ڪري وڃي - پٺيءَ مان پاڻيءَ وهڻ جو ٽنگ - گارچو - رونڊ.

● نَرْ ع نر: ذ. نار جي پڙ هيٺان سنهي ڪسي.

● نَرا (ث): اسم خاص. راجپوتن ۽ ٺڪرن جي هڪ ذات جو نالو.

● نِراڍْڙي ع نراڍِڙِيُونْ: ث. اک جي مٽان ٻاهر پيرن (وارن) جي گولائي واري جاءِ - پروٹنو.

● نِرادِيهي ع نِرادِيهِيُونْ: ث. سيني ۽ هيٺين (مردن) جي ڏاسي وقت دعوت ڏيڻي گهرائڻ واري حالت.

● نِراڙْ ع نِراڙ: ذ. (سن. لِلاٽ. پرا. نڈال) اکين ۽ مٿي جي وارن جي وچ ۾ منهن وارو مٿانهون حصو - پيشاني - نِرڙْ - نِراڙي. تالهه - طالع - نلاٽ - تارڪ. (ڪ).

● نِراڙُو ع نِراڙا (ڪ): ذ. پنهن جي منهن - اڪيلو روءِ سوءِ - علحده - جُدا - نِرالو. (ث. نِراڙي ع نراڙ يُودْ).

= نِراڙائِيي ع نراڙائِيُونْ: ث. اڪيلائي - علحدگي - گوڙ گهمسان کان الڳ جڳهه - سنسائي.

● نِرالو ع نِرالا: ذ. صفت. (پرا. نِرالِي. سن. نِرالي) الڳ - جُدا - اڪيلو - هيڪلو. ٻي نموني جو - عجب - ڏاريسون - عجب جهڙو - نيارو - انوکو - عجيب و غريب - نئون - خاص - نجو - ذاتي - و شِيشْ وانْ - نادرُ - غير رواجي - آساڌارڻ - نه ڏٺل نه ٻڌل - ناشنيده. سڪلو - نلهو - مُجرّد. آزاد. (ث. نِرالي ع نِرالِيُونْ).

= نِرالائِيي ع نِرالائِيُونْ: ث. خصوصيت - وشيشتا - نِرالپڻ.

= نِرالِيي حالت: ث. نرالي ڳالهه - نيارَپَ - اِستثنا - وِيڪَشْ.

= نِرالِيي طَبِيعَت: ث. خاص مزاج - انوکي چال - فطرت.

● نِرانَ ع نِرانُونْ: ث. گهوٽ جي پيٽ - مڙس جي پيٽ - نِڙان - نِڻان.

● نِرانو ع نِرانا: ذ. صفت. ٻنا ناشتي ڪيل. ٻُڪايل.

● نِراهَ ع نِراهَ: ذ. صفت. بي راهه - ناآميد - نِرهه - مايُوس - نِراسْ - محروم - خستو - شڪستو. اُداسْ. رَدْ. (ت).

● نِرائِيي ع نِرائِيُونْ: ث. نِلائي - هاڪائي - ٻُڌ ترتا - سڻائي - آڇتائي - نِرملتا - سُڌ چتا.

● نِرْتِ ع نِرْتُونْ: ث. (سن. نيتر يا نِرتي) نظر - نگاهه - ڏسڻي - بَصارت - درشت - جوت - ديد - نيهار - اک جي روشني - ڏيٺ. ڏيانْ - ويچار - خيال - سمجهه - فهم - پوجهه - هوش - حوصلو. نِاچْ - نِماڻ - لڇڻ - تماشو - ڏيکارو - ڏيکاءُ - نظارو - شڪل - روئداد - ديدار. هيڇ - ذوق - شوق. پيار. حياءُ - لَڄَ - شرم.

= نِرْتائِيتو ع نِرْتائِتا: ذ. صفت. نرت جو يا نرت وارو - سُڄاڻ - سمجهو - تيز فهم - زيرڪ - چتر - سُٹوپرو - متمان - هوشيار - عاقل - عقلمند.

= نِرْتَنْ: مصدر. نهارڻ - جاچڻ - چتائڻ. (نِرتيو - نِرتيندو - نِرتيل).

= نِرْتَنُونْ: ظرف. نرت سان - نرت کان. نظر. ڏيان.

Gul Hayat Institute

"پليان پتليو نہ رهي، نِرتون نِيہہ نِيار" (شاهہ).

ـ نِرْتَنُونْ: ظرف. نِرت کسان ـ نظر کان ـ نظر جي کري.

ـ نِر تَيُونْ: ظرف. نِرت سان ـ ڏيان سان ـ حِيدق سان.

ـ نِرْتو (ک): ظرف. نظر کي سامهون ـ سنئون ـ سِڌو ـ ڏو. (ع. نِرتا). تيز نظر واري آڻ جو هڪ قسم. (ک).

● نِرْجوْ ع نِرْجا: ذ. صفت. نِرجو ـ بي حيا ـ بي شرم ـ بي لڄو ـ بي نڪو ـ بي ديدو ـ ڏيون پاڻيون ويل. نِڊر ـ بي چيو ـ نافرمان ـ هٺيلو ـ ضِدي ـ ڏڍ ـ نِيريَلْ. سخت ـ ڏاڍو. اڻ ٽڪ ـ اَوِرچْ. منحوس. (ث. نِرجِي ع نِرجيون).

● نِرْجوْ ع نِرْجا: ذ. صفت. بي شرم ـ بي حيا ـ بي لڄو ـ نِرجو ـ بي غيرت ـ بي ديدو ـ بي نڪو. ڪَڪَ نہ ٽيندڙ ـ اورچ. هٺيلو ـ ضدي ـ نِڊر. بي اثر ـ سخت ـ ڏاڍو ـ مضبوط. بهادر ـ دلير. (ث. نِرجِي ع نرجيون).

ـ نِرْجائِي ع نِرْجائِيوْنْ: ث. بي حيائي ـ بي شرمائي ـ بي غيرتي. هٺ ـ ضديت ـ نِڊرپائي.

● نَرْچْ: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● نَرْخْ ع نَرْخَ: ذ. قيمت ـ مارکيٽ جو اڳهہ ـ محصول جي اڳهوتري ـ نَرخ نامو ـ ٻڌا ـ ٻيٽ ـ دام ـ ڪِيرو ـ شرح. نمونو ـ رواج ـ چال ـ هلت چلت. "موجوده زمانو ئين نَرخ سان هلي رهيو آهي." (جملو).

ـ نَرْخ بَنْدِي ع نَرْخ بَنْدِيوْنْ: ث. مقرر ڪيل اڳهن جي لسٽ.

ـ نَرْخْ نامو ع نَرْخَ ناما: ذ. محصول جي اڳهوتري جي ياددائشت ـ اڳهن جي لسٽ ـ نَرخ بندي.

● نَرْدْ ع نَرْدَ: ذ. ڀٽڪو ـ مُهره ـ پيش ٻڌا تحفو.

● نَرْدْبانْ ع نَرْدْبانوْنْ: ث. چوڏسي ـ ڏاڪڻ.

● نَرْدَنْ ع نَرْدَنَ: ذ. پاڻي جي ڀڪي جو هڪ قسم (ڪنهن گهٽ ۽ ڪناري تي ڪَنڊ جي گاهہ ۾ گُذاري).

● نَرْدُورْ (ک): ذ. نادر. ظالم.

● نَرْ ڏِپساوَرْ ع نَرْ ڏِپساوَرَ: ذ. بازار ـ دڪان ـ مَنڊي ـ مارکيٽ.

● نَرَرْ ع نَرَرْ (ک): ذ. صفت. افلاطون ـ چالاڪ ـ هوشيار. ڏاڍو ـ پهلوان ـ بهادر.

ـ نَرْڙائِيپ ع نَرْڙائِيوْنْ (ک): ث. ڏاڍ جواني ـ ڏاڍ مڙسي.

ـ نَرْڙائِي ع نَرْڙائِيوْنْ: ث. ڏاڍ جواني ـ ڏاڍ مڙسي ـ پهلواني ـ بهادري.

ـ نَرِرْ پُوزْ ع نَرِرْ پُوزَ (ت): ذ. صفت. بهادر ـ مضبوط. طاقتور ـ سڪيمو.

● نِرْرْ ع نِرَرْ: ذ. (پرا. نِبال. سن. لات) بدن جو هڪ عضوو ـ نِراڙ ـ پيشاني ـ جبين.

● نَرْڙو ع نَرَڙُوْ: ذ. ڏڪو ـ دَهڪو ـ ڏهڪاءُ ـ خوف ـ ڊپ. ٻاسن کان وڏو. (ث).

ـ نَرْڙوڪِيڙَنْ (ت): ڏاڍيان ڪاڙهائڻ ـ جهيڙو ڪرڻ.

● نَرْسَ ع نَرْسُونْ: ث. (انگ) ڊاڪٽرياڻي. دائي. مَنڊير ـ مدوائيف ـ مسٽر.

● نِرْسْ ع نِرْسَ: ذ. صفت. نِرسو ـ وَزَن ـ هلندي ـ زور ـ بوجو ـ بار ـ ميزان ـ بوجهہ. مَٽو ـ ميلاوتي ـ گاڏڙ. گهٽ ـ اوٽو ـ ڪَسو ـ ڪَمْ ـ اڻ پورو ـ زائل ـ ڪنل پاڳو ـ اَنْٽالو ـ لانيرو.

ـ نِرْسائِيْ ع نِرْسائِيوْنْ: ث. گهٽتائي ـ ساتيحتي ـ ڪتمي ـ ڪوٽ ـ اوٽائي ـ ڪمتري ـ زبردستي.

● نَرْسَنْگوْ ع نَرْسَنْگا: ذ. وڇائڻ جو توتاڙو ـ وڇندڙ سِڱ ـ سِنگڙي.

● نِرسِنْگهہ: اسم خاص. وشنو جي اڏ ماڻهو ۽ اڏ شينهن واري ٻت جو پُتلو.

● نَرْغوْ ع نَرْغا: ذ. گهيرو ـ حلقو. انبوهہ ـ هجوم ـ هنگامو. مشڪل وقت ـ دشواري.

● نَرْ ڦوٽو ع نَرْ ڦوٽا: ذ. پساريکي وکر جو هڪ قسم ـ وڏي ايلاچي.

Gul Hayat Institute

● نرڪ ۽ نرڪ: ذ. نرڳ - جهنم - دوزخ - پاتال - عالم ارواح - اعراف - ميرتيو لنوڪ. ٻڪري - جڏا خانو. (ذ. صف). ڪينو - ميرو - گندو - غليظ - خراب - فاحش.

- نرڪ گامي: ذ. صفت. دوزخ جو رهاڪو - جهنمي - نيرگي.

- نرڪي ۽ نرڪيي: ذ. صفت. دوزخي - جهنمي - شيطان. شرير.

● نرڪڻ: مصدر. چمڪڻ - چلڪڻ.

● نرڪو ۽ نرڪا (ل): ذ. ڪسيءَ مان پائيءَ جي وهڻ لاءِ سنهون سوراخ (ذ. صفت). لڇو - آمڙ. بي جيو - نافرمان.

● نيرڪڻ (ڪ): مصدر. نهارڻ - چڪاسڻ - جاچڻ - تڪڻ - ڏسڻ - پرکڻ - آزمودو ونڻ - ڏيان مان چتائي ڏسڻ.

"رکي نيڻ نيڻن ۾ نرکي نمائي." (سائي).

(نيرڪيو - نرڪيندو - نيرڪيڻل).

● نيرڪ ۽ نيرڪڻ: ث. جاچ - چڪاس - تڪ. آزمودو - پرک.

- نيرڪ پرک ڪرڻ: جاچ ٽوڻ - آزمائش - پرکڻ.

● نرڳ ۽ نرڳ: ذ. نرڪ - دوزخ - جهنم.

● نرگس: گل جو هڪ قسم (اندران ڪارو، باهران پيلو). (اسم خاص). هڪ فلم ائڪٽريس جو نالو.

● نرڳ ۽ نرڳ: ذ. دوزخ - جهنم - هاوي - پاڻين جي وهڻ جي جاءِ - پاتال - تحت الثريٰ - سجين - سقر - اسفل السافلين. (ذ. صفت) ڪينو - خراب - گندو - بدفضيلت.

- نرڳيي ۽ نرڳي: ذ. صفت. دوزخي - جهنمي - نرڪي - نرڳ جو. ڪينو - ميرو گندو - گندو - غليظ - گدلو - فاحش.

● نيرگهٽ ۽ نيرگهٽ: ذ. نڙيءَ جي اندران هوا لاءِ هڪ چلائيين نلي - نڙگهٽ - نڙگهوٽو - نڙي - گلو - شاهه رڳ - گهٽ - گهات - ڪنڊ - هجي - ڪنڙن - هڪي - ڪُورن - ڪاڏي جي نلي - هوا چونڙو.

- نيرگهٽ نيڻن (ڪ): نهوڙي وڃڻ - قابو ڪرڻ. ناهوڊ ڪرڻ.

● نرگهول ۽ نرگهولَ (ل): ذ. صفت. تمام ڏگهو - قداور - لنبو.

● نرلي: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نرلي: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نرم ۽ نرمَ: ذ. صفت. سولو - ملڻسار - لچڪيدار - انگهندڙ. ڪونڊرو - ملايم - ڪومل - ڪچو - سوکيو - حليم - ڪنڊرو - ملائم. نازڪ - ڦلهڙو رحمدل. سانتيڪو - سليم - لوچدار - خليق - متحمل - بردبار. ڍيرو - ڏيمون - جهيٽو پسيل - پينل - آلو ٽيل. لسو - خوشنما. ڪاهل - مست.

- نرمائش ۽ نرمائيشون: ث. نرمي - نرمائي - ڪوملتا - جهيڙائي - حليمت - ملايمي - سليمي - طبعي - ڪنڊرائي. ڦلهڙائي. نهنائي - خلق. نامردي.

- نرمائي ۽ نرمائيون: ث. ڏسو ارمائش - نرمي.

- نرمَ پائي: هلڪو پائي - صاف پائي.

- نرمَ دل ۽ نرمَ دل: ذ. صفت. نرم دل وارو - رحمدل - موم دل - قياس وند.

- نرمَ ڪرڻ: ملايم ڪرڻ - ڪنڊرو ڪرڻ. نارڻ - ڍيرو ڪرڻ. دل ونڻ.

- نرمي ۽ نرميون: ث. فرمائش - نرمائي - ڪوملتا - جهيڙائي - ملايمي - ڪنڊرائي - ڍيرائي - ڪوملائي - ڏيمائي - ڪوٽڙائي. خلق - شيريني - ڦلهڙائي. شفقت - مهرباني - رحمدلي. آهستگي. سهولت - آساني - سولائي. بردباري - تحمل. نامردي.

● نرمل ۽ نرمَل: ذ. صفت. اڻ ميرو - ٻڌا ڪدورت - پاڪ - پوتر - صاف - نيچ - ڪومل - شفاف - چمڪندڙ - ڏاڍا وارو - اوجل - سنو - اڇو - اجرو - اڇتو - نجو - خاص - نبار - خالص - اصل - ٽيٽ - چند - ڪرو - سچو - بيداغ - شڌ - نيڪ دل - صاف دل - سرل - نسکپٽ - سوڌو - صاف گو - بي رياءِ.

Sindhi Hayat Institute

= نرمتلائي ۽ نرمتلائيون: ث. نرملتا - صفائي - اجلائي - پاکائي - پوترتا - سفائي - آچتائي - سڻ چتا - پوشيدائي.

● نرمو ۽ نرمو: ذ. ڪپهه جو هڪ قسم - نرم يا سنهي ڪتيل ڪپهه.

= نرما: ث. آمريڪا جي ڪپهه سان مشابهت رکندڙ نرم ۽ ڏگهي تندن واري ڪپهه جو هڪ قسم (بنگال ۾ ٿئي).

● نرن ۽ نرنون: ث. گهوٽ جي پيٽ - نڙ - نران - نڙان.

● نرنا ۽ نرنا: ذ. نر - مرد - مذڪر - مڙد - مڙس ماڻهو هڪ عزت جو لقب. (ث. ناري نانءُ ۽ ناري نانن).

= نرنانءُ ۽ نرنانء: ذ. مرد - مڙس - مذڪر.

● نرناهه ۽ نرناهه (ڪ): ذ. صفت. ظرف. پڌرو - ڪليو - ظاهر ظهور - عيان.

● نرنجن ۽ نرنجن: ذ. صفت. بي عيب - بي عيبو - لڳت يا موهه کان آزاد. خدا جو طالب (ظرف). بنا جذبي - بنا حرص و هوس.

● نرنڊ ۽ نرنڊون (ل): ث. پڙڪ - گپير. "ڪري مر ڪٽو ٻيو، نيئر ۾ نرنڊ".

● نرنڊو ۽ نرنڊا: ذ. صفت. بي حيا - بي شرم - نرلڄ.

● نرنڻ (ڪ): مصدر. نرنء ڪرڻ - ڪولڻ - ظاهر ڪرڻ - پڌرو ڪرڻ. (نرنيو - نرنندو - نرنيل).

= نرن (ڪ): ث. صفت. پڌرو - ڪليل - عيان - صاف - ظاهر - چٽو.

= نرنءَ ڪرڻ: صاف ڪرڻ - ظاهر ڪرڻ. فيصلو يا نبيرو ڪري ڇڏڻ.

= نرنهي: ڪولي - نروار ڪري - ظاهر ڪري.

● نرنو ۽ نرنا: ذ. صفت. صبح جي ماني کائڻ کان سواءِ - ڪائڻ بنا - نيراني - بنا ناشتي ڪيل - نيرانو.

= نرنهي: صفت. بنا ڪاڏي پيتي - نيراني - نيراڻي - لٽنگهڻ.

● نرنيءُ ۽ نرنيون: ث. صبح جي ماني - ناشتو - نيرن - نيرانپ - چاندو پاڻي.

● نرنيه: ذ. (سن. نيرڻ) نرنئي - فيصلو - چنڊ چاڻ - نبيرو - سڌائت - نتيجو - انومان. راءِ - راهو - صلاح - مصلحت.

= نرنيه ڪرڻ: فيصلو ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ - صاف ڪرڻ. سهي ڪرڻ. پڃاڻ - امتياز ڪرڻ - سڃاڻ - تفاوت سمجهڻ.

● نرٽو ۽ نرٽا: ذ. (سن. نيرڻيه) تحقيقات - فيصلو - نياءُ - نبيرو.

= نرٽي: نياڪاري - امين.

● نرو ۽ نرا: بدن جي عضوي جو هڪ قسم - نهاڻين جي پر وارو بدن جو آندو. سٽر جو هڏي سان ويڙهيل. چمڙن جي وچ وارو حصو. مٿاڇري نلي - مردانو ٻيلو - آنورو - خصيه - خصيو. (ڪ) چاڪ. (ث). ڪتي، ٻڪريءَ وغيره جي اڳيون ٽنگون ڪٽي ٻڌڻ واري حالت - ڳاٽ. آنشبازيءَ جو هڪ قسم. نيسارو - نسارو - نسليو. ڪپرو - چيت جي سير. ٻوٽي جو هڪ قسم - ڪوتمير - جهنڪ ڪٽوري. (اسم خاص) تعلقي ميرپورماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= نرا پرجتن: شهوت پيدا ٿيڻ - انگيز ٿيڻ.

= نرا چٻ ڪرڻ: هيسائڻ - دٻائڻ - نڙي ڪيڏ.

= نرا چٻتن: هيسائڻ - ديڇارڻ - وس ڪرڻ.

= نرا ڏيڻ: مٽي ٿيڻ مغرور ٿيڻ - هٺ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ - تڪرار ڪرڻ.

= نرا ڦاٽن: شهوت جو زور وڻڻ.

= نرا ڪٽن: اڳيون ٽنگون مٽي ڪٽي سامهون ٿيڻ - پوين ٽنگن تي ٻڌڻ.

= نرا لهڻ: ٻيلا لهي پوڻ - آنورا سڄي پوڻ - ٽٽ ٿيڻ. هرنيا ٿيڻ.

= نروڙيڻ: منهن سامهون ٿيڻ - وڙهڻ لاءِ آماده ٿيڻ - تڪرار ڪرڻ. غرور ڪرڻ. ڪنڌ مٽي ڪٽڻ - آپو گاٽ ڏيڻ. ضد ڪري ٻڌڻ. دٻائڻ - هيسائڻ.

= نرو لهي ڇوڙ: ٻيلو لهي پوڻ - آنورو لهي پوڻ. هرنيا ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

● نِرو ع نِرا؛ ذ. صفت. چڑو - اڪيلو - تنها - محض - جدا - ڌار - علحده - الڳ. وائڪو - واسرو. خالص - نجو - نج - نيار - اصل. فقط - رڳو. نسورو. پورو. چڳوپلو.

● نِرُوارَ ع نِروارُونْ: ث. تقرير - ڳالهڪو - بيان.

● نروارُ ع نِروارَ: ذ. ظاهر - ڪليو - پڌرو - عيان.

= نِروارُ ٿيڻ؛ ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ - عيان ٿيڻ.

= نِرُوارُ ڪرڻ؛ ظاهر ڪرڻ - پڌرو ڪرڻ - عيان ڪرڻ.

● نِرواهه (ت): پورائي.

● نِرو ڏَنْ: مصدر. نچوڙڻ - نچوڙ - نچوڙڻ - پيڙو ڏيڻ - زور ڏيئي چڀڻ - چپيائڻ - چُڻ - ڪشڻ - نچوڙي ڪڍڻ - مهڙو ڏيڻ - مروڙڻ - موڙڻ. ولوڙڻ - جهڳڻ - جهڳوڙڻ. (نِروڙيو - نِروڙيندو - نروڙيل).

● نَرُوَرُ ع نَرُوَرَ: ذ. راجا - شاهه - بادشاهه. (ذ. صفت). راجا جو - راجائون.

= نَرُور سهري: راجائي يا شاهي ڳهٽي.

● نِروڙِيْ ع نِروڙِيُونْ (ڪ)؛ ث. پوڻي جو هڪ قسم.

● نِروگو ع نروگا؛ ذ. صفت. روگ ڪان سوا - بنا روگ - بنا مرض - با جميعت - نرويو - نِروگي - تندرست - چڳو پلو - صحت ياب - هٽ سڄو - جوپ - نمرو - صحت بخش - اروگ - صحيح سلامت - صحت وارو - صحتمند - طاقتور. (ث. نِروگي ع نِروگيون).

= نِروگائِيْ ع نِروگائِيونْ: ث. روگ يا مرض نه هجڻ واري حالت - صحت - چڳلائي - هٽ سڄائي - نروائي - خيريت - سلامتي - صحتيابي - بيماريءَ کان آزادي - تندرستي. (ذ. صفت). بنا روگ - چڳو پلو - تندرست.

= نِروگِيْ ع نِروگِيُونْ: ث. تندرستي - نروگائي. (ذ. صفت). تندرست - چڳوپلو - هٽ سڄو - نرويو - جوپ - نمرو - صحت ياب - صحت بخش.

= نِرُولْ ع نِرُولَ (ل)؛ ذ. صفت. تمام ڏکهو - لمبو.

● نِروئو ع نِروئا؛ ذ. صفت. نويو - بنا مرض - اروگ - تندرست - صحتمند. مفيد. (ث. نِروئِيْ ع نِروئِيونْ).

= نرو ٽائِيْ ع نِرو ٽائِيُونْ: ث. صحت يابي - چڳلائي - تندرستي - خيرت - سلامتي - نرويائي - نروگائي.

● نِروئِيْ ع نِروئِيْ: ذ. صفت. نرويو - نروگ - بنا روگ - چڳوپلو - تندرست - صحتمند - خوش.

● نِرو يو ع نِرو يا؛ ذ. صفت. بيماري پيدا نه ڪندڙ - صاف - سٿرو - صحت بخش - معتدل - هاضم - موافق - چڳوپلو - تندرست - صحتمند - گوارا - نروگي - خوش گوار - نروگو - صحت ياب - هٽ سڄو - جوپ - نمرو - اروگ - سلامت - تازو توانو - طاقتمند - اروگ - خوش (نِرو ئِيْ ع نِرو ئِيُونْ).

● نِرهُ ع نِرهَ: ذ. صفت. نرهه - نراس - مايوس - اداس - نااميد - بي آسرو. رَدُّ. سڄو ڏينهن لنگهن ڪيئن - بکيو. (ذ. اسم). زهر. (ت). (ظرف). ٻنهه - مورهين - اصل - صفا - سورگو - ٻنهين. (ڪ).

= ذرَهُ ٿيڻ؛ نراس ٿيڻ - ناراض ٿيڻ - نا اميد ٿيڻ.

= نِرهُ ڪرڻ: نراس ڪرڻ - ناراض ڪرڻ - نا اميد ڪرڻ.

● نِري ع نَرِيُونْ: ث. (پرا: نليا. سن. نل + ايڪا). پوري نلي (لوهه يا ڪاٺ وغيرهه جي) - نلي - تاڃيءَ جي ٻيٽي جي سٺ ويڙهڻ لاءِ هڪ پوري ڪائي (اڌرٽي جي). نلڪي نل - تڙ ۾ ايندڙ سنهي موڪ. (ڪاڇو) - تڙ جي ٻاڦ جي نلي - ڪسي. بدن جي هڪ پوري ڏکهي هڏيءَ جو قسم - ٻانهن ۽ ٽنگن جو وڏو ڏکهو پورو هڏو - ويڙي - نلي. ماپ جو هڪ قسم - هٽ جي وچين آڱر ڪان ٿوڻڪ تائين ڏيکهه جي ماپ - ڏيڍ هٽ. ڪڙ جي نري. نال. بندوق جي نلي. ڪڍڻي اڳيان ڦنيل سوٽر جي بچاءَ لاءِ نالي. تاروءَ جو

هڪ قسم. (اسم خاص). تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
= نَرِيُبو ۽ نَرِيُبا (ث)؛ ذ. سرن وجهڻ لاءِ لوهه جو هڪ اوزار.
= نَرِيُبَ ۽ نَرِيُبُونُ (ث): ث. اٽڻ وقت تاڃيءَ مان ڏاڳي لنگهائڻ جو هڪ ڪورڪو اوزار.
= نَرِيو ۽ نَرِيا؛ ذ. صفت. نريءَ وارو- ٽنگن وارو؛ جيئن "ڪارَنريو" (گهوڙو).
= نَرِيُ واهُ: ذ. پينڊي جي تندن وجهڻ لاءِ ڪ ۾ ايندڙ هڪ ڪورڪو اوزار.
● نَرُ يا؛ ذ. منيءَ جا نارا (جي ڪنير ناهين ۽ جاين جي مٽان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ٿين).
● نَرِيڙو: اسم خاص. نٿي پارڻ ڪان آتر طرف هڪ لڪ ۽ جبل جو نالو.
● نَرِيڙِي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نَرِيلُ ۽ نَرِيلَ؛ ذ. سڪل ڦلَ جو هڪ قسم- ناريل.
= نَرِيلُو ۽ نَرِيلا: ذ. نَريل- ناريل.
● نَرِيُمانُ: اسم خاص. رستم پهلوان جي ڏاڏي جو نالو.
● نَرِيُو ۽ نَرِيُنا (ڪ): ذ. نَرُ- مذڪر.
= نَرِيُنُو اولادُ: ذ. نَرُ اولاد- پُٽَ.
● نَرِيو ۽ نَرِيا؛ ذ. ناري جو هڪ قسم- ٽِڪر جو نيسارو. گل جو هڪ قسم.
● نڑُ ۽ نڑَ: ذ. (پرا. نندو. سن. نٽ) گاهه جو هڪ قسم- ڪرين واري ڪانيءَ وارو گاهه. ساريسن وغيره جي پوک ۾ ڪانهي مثل ٽيندڙ هڪ گاهه (پاڻيءَ ۾ ٽيندڙ)- ڪانو- سَرُ ڪاني جو هڪ قسم (ڏکهو، اندران پورو)- حقي چڪن جو نڑُ- حقي چڪن لاءِ پوري ڪاٺ جي نلي- پوپلي. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم- بانسري- مُرلي. نڑانديڪاني. لڪڻ جو هڪ قسم.
= نڑُ سائوُ ڪرَنُ؛ نڑ ڇڄائڻ يا پُسائڻ- نڑ تازو ڪرڻ.
= نڑُ گوهه مانُ ڪڍَنُ: نيات يا برادريءَ مان نيڪالي ڏيڻ.
= نڑُ مانُ ڪڍَنُ؛ پائهيءَ مان ڪيڻ- پاڻ نه ڪرڻ.
● نِڑُ ۽ نِڑَ: ذ. نِڑي- نڑڪهٽ- ڪڇي.
= نِڑُ ڦاڑِي ڪالهائڻُ: وڏي آواز سان ڪالهائڻ. جهيڙو ڪرڻ.
● نڑانَ ۽ نِڑانُونُ: ث. مڙس جي پيڙ- نِڍانَ- نِرانَ.
● نڑانڊِيُ ۽ نڑانڊِيُونُ: ث. سٽ وغيره وڻڻ لاءِ پوري سنهي نلي- نڑو- نالهانڊي- نڍانڊي- خالي نڑو- ڪوٽَ- نالڑانڊي- ڏانڊي. نندو نڑ (وڄائڻ جو). (ڪ). ڪاني جي نلي (جنهن سان ڪينڍان وغيره ڪيڻ).
● نڑاوَلِ: ث. ڏنڊن ۽ سيرَ جي پاڻيءَ تي ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم.
● نڑُ بَتُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نڑُدُولُ ۽ نڑُدُولَ (ل): ذ. صفت. لٽيبو- تمام ڏکهو.
● نِڑُ ڪهٽُ ۽ نِڑُ ڪهٽَ: ذ. نڑيءَ ۾ ڪچين چلراين هڏين جي اسپرنگ وانگر نلي- نِڑُ ڪهوٽو- نڑ ڪهوٽ.
= نڑِ ڪهوٽُ ۽ نڑِ ڪهوٽَ: ذ. نِڑُ ڪهٽُ- نِڑُ ڪهوٽو- ڪنلو.
= نڑُ ڪهوٽوُ ۽ نڑُ ڪهوٽا: ذ. نڑُ ڪهٽ- نڑي.
● نڑوُ ۽ نڑا: ذ. ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم- سٽ وڻڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نلي- نڑ نڊي- نڍانڊي- ڪوٽو- ٻهڙي- سٽ سان پريل ريلُ ڪهڻ دستن ٽيڻ واري حالت. ٻج ڇڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نلي- نالڑي. رستي وغيره مان پاڻي آڪارڻ لاءِ لوهه جي پوري نلي- پائپ- نل. مڇي مارڻ جي رڇ جو هڪ قسم. پريل ۽ بند ٽيل ڪرڻين سان آن ڪيڻ تپاسڻ لاءِ لوهي اوزار جو هڪ قسم- حقي يا چلم جو نڑُ. وڄائڻ جو ساز- نڑُ- نڑانڊي.

Gul Hayat Institute

= نڑا پترڻ: نڑن تي ڏاڪا ويڙهڻ - نڑاندي ۽ تي اڀت جي ٽڪ رستي سٽ ويڙهڻ.
= نڑا رڏڻ: نڑن تي آهر چاڙهڻ لاءِ ديڪڙي ۽ پائي، انو ۽ نڑا وجهڻ.
= نڑا سڪڻ: نقصان ٿيڻ. ٽڪجي ٿيڻ. دير ٿي وڃڻ.
= نڑائي ۽ نڑائيءَ: ذ. صفت. نڑن وارو - نڑو وڪڙڻ. نڑ وڃائيندڙ.
= نڑو پترڻ: ٻوري کائيءَ يا نڑاندي تي سٽ ويڙهڻ.
= نڑو چاڙهڻ: هڪ نڑي ختم ٿيڻ تي ٻيو نڑو ان جي جاءِ تي نار ۾ وجهڻ.
● نڑو تر: ث. (سن. نَوَ) ۽ نَوَ (۹) واڌو (+) نَوَ (۹) جيئن ته "۹+۹" وغيره.
● نڑوئو ۽ نيڑوئا (ڪ): ذ. نڑ گهٽ - ڪلو - نڑي.
● نڑوچڑو ۽ نڑاچڑا (ڪ): ذ. ٻاڻيءَ جهڑو ٻڑو دست.
● نڑي ۽ نڑ يُون: ث. (سن. نادَ = نار). بدن جي عضوي جو هڪ قسم - پاڻي، ڪاڏو وغيره وات مان پيٽ ڏي نيندڙ نلي - نڑ گهٽ - نڑ گهوٽو - گلو - ڪچي - هوا جي نلي - شاهه نلي - هڪي - ڪڙڻ - ڪاڏي جي نلي - گهٽ - ڪاٽ - ڪنڊ.
= نيڑيءَ تي لٽ اچڻ: لاچار ٿيڻ - مجبور ٿيڻ - بيوس ٿيڻ - عاجز ٿيڻ.
= نڑيءَ تي نڪهڻ ڏيڻ: مسڪين مار ڪرڻ - هرو پرو ظلم ڪرڻ - تنگ ڪرڻ.
= نيڑي ۽ پَون: گهٽي گالهائڻ ڪري آواز گهڪهو ٿيڻ - آواز ٽڪجي يا دٻجي وڃڻ.
= نڑي ڪڍڻ: ڏاڍيان گالهائڻ - زور سان گالهائڻ. ڪهڻ - ذبح ڪرڻ.
= نڑي ڪرڻ: گهٽو گالهائڻ. (جانور وغيره ڪي). حلال ڪرڻ - ڪهڻ - سير وجهڻ.

= نيڑيءَ لهس ۽ نيڑيءَ لهس: ذ. نڑي يا چاڻي وغيره کي لڳل ٽنڊ - زڪام - لهس - سردي.
= نيڑيءَ سان ۽ پاڻيءَ ۾ ڪنڊ: تمام سهڻو هڻڻ - لزاڪت وارو هڻڻ - تمام نازڪ - ڪوري ۽ حسين ماڻهو لاءِ تشبيهه.
= نيڑيءَ ۾ ساکيءَ هڻڻ: آواز ٻڌو هڻڻ - سريلو هڻڻ.
● نيزار: ذ. صفت. لاغر - سنهڙو. مفلس.
● نيزارت ۽ نيزار تون: ث. هيڻائي. نهٽائي.
● نيزاع ۽ نزاع: ذ. (ع). جهڳڙو - تڪرار - رد بدل - ويڙ - تنازعو - دشمني - عداوت - خصومت - قضيو - ٽنٽو - فساد - رڳڙو - حجت - هوڏ - چٽاپيٽي - بحث - عڪسو - مناظرو - ڪشماڪش - اختلاف. آرزومندي - آميد - آسرو.
● نيزاڪت ۽ نيزاڪتون: ث. نازڪپائي - ڪوملتا - ملائمي - خوش اسلوبي - خوبي - نازونداز - نازڪ مزاجي - سونهن سوڀيا - حسن - ڏيک ويک - هراجمان - خوبصورتي - سينگار - زينت - زيب - سهڻائي سندرتا - لطافت - نازڪپڻ ناهه ٻوهه - ملوڪت - نفاست - نفيسائي - ملوڪائي.
= نيزاڪتدار ۽ نيزاڪتدارَ: ذ. صفت. نزاڪت وارو - عمدو - حسين - سندر - نيڪو - هُوڪارو - موچارو سهڻو - سوڀيا وان - صورتوند - سدرشن خوبصورت ٿاهوڪو.
● نزدِ: ظرف. نزديڪ جو مخفف.
● نزديڪ: ظرف. ويجهو ويجهڙو - وٽ - پرسان - اوڏڙو - اوري - اورتي - اوڏي - اوڏو - قريب. جي محلي ۾ - جي پاڙي ۾.
= نزديڪي: ث. ويجهڙائي - قربي - اوڏڙائي - ويجهائي.
= نزع: ذ. دم ٽوڙڻ.
● نزلو ۽ نزلا: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم - تارونءَ مان نڪ رستي پاڻي ڪرڻ واري حالت - ريزش - سردي - زڪام - ٽنڊ - ليس.
= نزلو کيرڻ: نزول جي پاڻيءَ جو سيني تي ڪرڻ - نزول ٿيڻ - ريزش لهڻ. نقصان پهچڻ -

Gul Hayat Institute

نقصان پهچڻ - بار ٿيڻ - تڪليف پهچڻ - آفت اچڻ - شامت اچڻ - غضب نازل ٿيڻ .

● نزولُ ع نُزولَ : ذ. لهڻ، هيٺ اچڻ، ڪرڻ واري حالت . ڏوري وقت لاءِ ترسڻ واري حالت - منزل هڻڻ واري حالت . الهام جي لهڻ واري حالت . جماع وقت مرد جي منيءَ نڪرڻ واري حالت . اک جي بيماريءَ جو هڪ قسم (اکين مان پاڻي وغيره و هڻ) . نُزلو - زڪام .

● نزُهتُ : ث. صفت . بي عيب . پاڪيزگي . خوشحالي .

● نزُهتُ‌گاهِ : ذ. گهمڻ گهڻ جي جاءِ .

● نيزِيتُ ع نيزِيتَ (ڪ) : ذ. صفت . ڪمزور - بي طاقت - نِربَلُ - ضعيف . ٻوڙهو .

● نزِيڪُ ع نزِيڪَ : ذ. صفت . زِيڪ ڪان سواءِ - بل ڪان سواءِ - نِربَلَ - ڪمزور - ڪرهيڻ - بي طاقت . نحيف - ڪمزور - لاغرُ - ضعيف - نِزار . (نزديڪ جو بگڙيل لفظ).

● نسَ ع نسُونُ : ث. (پرا نُسا. سن. نسا = نسَ) نبض - ناڙِ - رَڳ - نتوڻَ . دمني - خراب رت جي نلي - ڦٽو - ڏورو - تاندورو - گنڊ. آت . تند - تندو . (اڪ جو) آڪارو - (ناريل جو) ڪاپار.

- نسائيلُ ع نسائيلَ (ڪ) : ذ. صفت . نسن وديل - نياڳو . ڪوڙو - ناڪار.

- نسِيرُ ع نسَرَ : ذ. صفت . نسن وارو - رڳن وارو - رَگِيڙُ - گنڊِرُ . ٽلهو - متارو . سُڀاءَ وارو - طبيعت وارو .

- نس جهلڻُ (ڪ) : سهي ڪرڻ . قابو ڪرڻ - سوڙهو گهڻ .

- نسَ سهي ڪرَڻُ : بيماري سمجهڻ . ڪنهن ۾ ماٺهوءَ جي طبيعت يا عيب پروڙي وڃڻ .

- نسُنُ جهڙِيلُ (ڪ) : ذ. صفت . بي حيا - بي شرم - نِرلجُ .

- نسُنُ وَڌِيوُ ع نسُنُ وَڌِيا : ذ. صفت . عاري - سُست - هڏ رک - ڪرڪوسُ - ڪاڪُ - آلسي - نسُن ٽُنو - سُڌن سُڪو - سيتُ - فيسجل (هڪ پيتَ يا بَد دُعا) .

● نِسُ : ث. (سن. نِشا) رات - رَڻُ - راتوڙي - رَيڻَ - شبُ - ليل .

● نِسِ : ظرف. (سن. نِسُ = هڪڙو آهسرڪ) حرف تقيي - نڌ - بغير - بنان - ڪان سواءِ - سواءِ - جي بنان . گهٽَ .

- نِسڦَلُ ع نِسڦَلَ : ذ. صفت . بي ڦليو - نِڦَلُ - نِهڦَل - ڦل ڪان سواءِ - اجايو - بي سُودُ - بيڪار - فضول - خارج .

- نِسُڪام ع نِسُڪامَ : ذ. صفت . بنا مرضيءَ - مرضيءَ ڪان سواءِ - بناچاهت - بي موهيو - بنا اڇاجي - بي طمع - طمع ڪان سواءِ .

● نِسُڪُپَتُ : ذ. صفت . ڪُپت ڪان سواءِ - سچارُ - سچانتو - سچو - صادق - راسخ - صاف دل - چل ول ڪان پري - سَرُلو .

- نِسُڪَلَنڪُ ع نِسُڪَلَنڪَ : ذ. صفت . ڪَلَنڪ ڪان سواءِ - بنا داغ - بنا ٽيڪي - بي داغ - نرمل - صاف - پاڪُ - پوتَرُ - نِشڪلنڪ - نِراپراڌ .

● نِسات (ڪ) : ظرف . اِنهيءَ ساعت ۾ - اِجهو - هينئر - هاڻي .

● نِساءُ : زال - عورت - مائي - ٻيبي - ٻيگم - اِستري - نار - ضاعفان .

● نَسائنُ (ل) : مصدر . گُسائڻ - نٽائڻ . (نسائيو - نَسائيندو - نَسائيَلُ).

● نَسَبُ ع نَسَبَ : ذ. (ع . نَسَبَ) خاندائي سلسلو - بُنياد - خاندان . گهراڻو - شجرو - نسب نامو - وڻساولي - حَسَبُ نسبُ - ڪُلُ - وَنس - ڪُٽنب - ڪوت - اصل نسل - اِڌ - بُنُ . ٻئي جي طرفان نسبت .

- نَسَبُ نامُو ع نَسَبَ نامَا : ذ. خاندائي سلسلو - شجرو - و نڻساولي - اصل نسل - بُنُ - بنياد - ڪُلُ .

- نَسَبِيُ ع نَسَبِيُ : ذ. صفت . نسب جو - اصلي - نسلي - بنيادي - اباڻو - خاندائي - مؤروثي .

- نِسُبَتِيُ ع نِسُبَتِيُ : ذ. صفت . نسبت وارو - لاڳاپي وارو - عزازت وارو - عزيز - مائٽ - سَنُبَنڌِي .

Gul Hayat Institute

= نسبتي ياڳا؛
= نسبتي چوڻ رڪڻ؛
= نسبتي ڪنڌ وڻ:
= نسبتي محور: هم وزني محور - سر ماترا جو محور.
= نسبتي وچ؛
● نسبي ۽ نسبيون: ث. زناني زيور جو هڪ قسم - ڪن ۾ پائڻ جو هڪ گهر - ڪڙڪ. بدن جو هڪ عضوو. (ث).
= نسٽ ۽ نسٽ: ذ. صفت. (سن. نه = نٿ + ستو = ستٽ). ست ڪان سواءِ - بي زور - نبل - بي ست - ڪمزور - طاقت - ضعيف - ڪمزور - درهل - هل هين - الپ هل - بي طاقت - هيٺو - لاغر - نستو - اپرو - بي پهچ - زچ. ڪومل. ڍڇو. آجڙيل - ويران - تباهه - برباد.
= نستائي ۽ نستائيون: ث. ست نه هڻڻ واري حالت - ڪمزوري - درهلتا - ضعوف - ضعيفي - هيٺائي - لانجهه - ضعيفائي. پتلائي. هلڪائي. ڪمهڻي - ڍيڄڙو.
= نستپائي ۽ نستپائيون (ڪ): ث. ڍڄ - ڍپ - ڍيڄڙو - خوف.
= نستو ۽ نستا: ذ. صفت. ست بغير - طاقت ڪان سواءِ - بنا زور ڪمزور - بي طاقت - درهل - درهل - هل هين ضعيف - هيٺو - نبل.
= نستارو ۽ نستارا (ث)؛ ذ. (سن. نستارَ). نيتارو - چوڪارو - موڪ - نجات - موڪيه - گت - مڪتي - آڌار. چوڪو.
● نسٽر ۽ نسٽرون: ث. نشتر - نهشتر. (فصد يا سير چوڑڻ لاءِ هڪ ننڍڙي ونگڙي چاقوءَ جو قسم).
● نسٽرن؛ ذ. گل جو هڪ قسم - خوشبودار، سفيد، گلاب جو گل. ستيوتي. ڪوجا.
● نستعليق: فارسي زبان ۾ خط جو هڪ قسم. انشا ۽ املا لکڻ. فصيح ۽ بليغ گفتگوءِ.
● نستڪائي: اسم خاص. مزاري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (بلوچائين جي شاخ).

● نستوڪ ۽ نستوڪ: ذ. صفت. (سن. نشٽنڪ. نس = سواءِ + ترڪ = دليل. ڳالهه بولهه). نستونگ پڪ ڪيل حقيقي - جاچيل - صاف - ظاهر - پڌرو - عيان - نشانبر - صريح - آشڪار. پرسڌ.
= نستونڪ ۽ نستونڪ: ذ. صفت. ڏسو نستوڪ.
= نستونگي ۽ نستونگي: ذ. صفت. ڏسو نستوڪ.
● نس پس: ظرف. محض - بلڪل - سراسر - سڄوئي - نپٽ - هوبهو - ساڳيو.
● نسڄڻ: مصدر. سُسڻ - سوس ڪائڻ. (ڦٽ وغيره جو) چٽي وڃڻ. پلجي وڃڻ - منجهڻ. (ڪ). (نسيو - نسبو - نسيل).
● نسڄي وڃڻ: سوس ڪائي وڃڻ. چٽي وڃڻ. پلجي وڃڻ - منجهي وڃڻ.
● نسڇو ۽ نسڇا: ذ. (سن. نشڇيَ). پروسو - پڪ - يقين پرتيت ويساهه - اعتبار - ويسه - وشواش - ايمان - عقيدو.
● نسڇي ۽ نسڇيون: ث. صفت. ظرف. پڪ - يقين - پڪو قطعي - تاڪيدي - ضرور - جائي - يقينا - تاڪيداً - بلاشڪ - تحقيق - البت.
● نسخو ۽ نسخا؛ ذ. (ع. نسخ) لکل - مرقوم - رقم ڪيل. منقول ڪابي. ڪتاب ٿيل. ڪتاب - مجلد - رسالو - پوٿي - پستڪ. دوائن جي ترڪيب لکيل پرچو - ترڪيب - ٽوٽڪو - رسيد.
= نسخو لکڻ؛ ترڪيب سان دوائون لکڻ.
● نسڏو ۽ نسڏا: ذ. صفت. سڌ نه ڏيندڙ - چيو نه مڃيندڙ - بي چيو - نافرمان. متڏو - بي حيا - بي شرم.
● نسرڻ: مصدر. (سن. نشڪرشڻ > ڪوشَ ڪيڻ). (سنگ جو) باهر نڪرڻ - ٻاهر اچڻ - سنهن ڪيڻ - آسرڻ - آپڙڻ - ڦٽڻ - آپرڻ - سرجڻ - وڌڻ - وڏو ٿيڻ - سنگ ٻڌڻ - (آڻ) جهلڻ - مورجڻ - انگورجڻ. جدا ٿيڻ - ظاهر ٿيڻ - نموداو ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

خوار ٿيڻ ـ خواري ڪڻ. (نِسِريو ـ نِسرندو ـ نِسريل).

ـ نِسِرِيٌ بِيِمْهَرٌ: ظاهر ٿي ٻيهڻ. مستي ڏيکارڻ.

ـ نِسِرِيٌ پِتُونٌ: ڇڙائي ۽ نروار ٿيڻ ـ ننگو ٿيڻ.

ـ نِسِرِيَلٌ ع نِسِرِيل: ذ. صفت. سنگ ڪيڏيل. ضدي ـ هوڏي ـ هٺيلو.

ـ نِسِرِي نہ سَگهَنٌ: ڪنهن جي اڳيان پنهنجي خيال يا راءِ کي ظاهري ڪري نہ سگهڻ.

ـ نِسِرِيٌ وِجڻ (ت): سنگ ڪيڏ ـ انگوڙجڻ. حد لنگهڻ.

● نَسْتَروانٌ (ف. نوشيروان): اسم خاص. ايران جي حڪمران جو نالو.

● نَسْرِينٌ: ث. گل جو هڪ قسم ـ جهنگلي اڇو گلاب جو گل ـ سهيوتي ـ ڪُوجا.

● نَسَقٌ: ذ. روشن ـ دستور ـ ترتيب ـ بندوبست ـ انتظام جيئن ته "نظم و نسق."

● نَسْكو ع نَسْكا (ت): ذ. لالچ ـ حرص ـ لوپ. ڳولا ـ تلاش ـ ڍونڍَ.

● نَسْلٌ ع نَسْلٌ: ذ. ذات ـ قوم ـ جاتي ـ ونس ـ ڪُل ـ شجرو ـ ونساولي ـ حسب نسب ـ ڳوٽ ـ نسب نامو ـ بنياد ـ خاندان ـ گهراڻو ـ ڪتب ـ آل اولاد ـ ٻارڇا ـ قبيلو ـ پشت ـ انس ـ تخم. ڪڙي ـ ڪنڊ.

● نَسْلائِتو ع نَسْلائِتا: ذ. صفت. چڱي نسل وارو ـ سٺي ٻُڌ مان.

● نِسَنْگ ع نِسَنْگ: ذ. صفت. (سن. نہ = نہ + شَنْكا = شڪ ڪيه). نہ ڊڄندڙ ـ بي ڊهو ـ نيڍرُ ـ بي خوف ـ بي ڊيڄو ـ نڈر ـ بي اونو ـ بي آڏکو ـ نرپو ـ بي پرواهه ـ بي فڪر ـ بي غرض ـ الغرض. ڏنڈر ـ بالم ـ البيلو ـ بهادر ـ سورميه ـ پهلوان. (سن. نہ = سواء + سنگ = سنگ).

نروار ـ ظاهر ـ جدا ـ اڪيلو. اڻ ڳڏيل. دنيوي ڏندن کان آجو ـ ڪمن کارن کان چٽل ـ دنيا ۽ گانڊ مائل نہ ٿيل ـ تارڪ الدنيا. بي طمع. غير لحاظ.

● نَسَنٌ (ڪ): مصدر. ڇڄڻ ـ پاسو ڪري وڃڻ ـ اڻوا ٿيڻ. (نَسِيو ـ نَسِيندو ـ نَسِيل).

● نِسَنٌ: مصدر. سُڻڻ ـ ڪنجڻ. (نِسِيو ـ نِسِبو ـ نِسِيل).

● نَسِوارَ ع نَسِوارونٌ: ث. نشيدار شئي جو هڪ قسم ـ ڪُنيل تماڪ ۽ چُڻ ـ ناس (سائي رنگ جي).

● نَسوتٌ ع نَسوتَ (ڪ): ذ. صفت. نسن وڌيل. نياڳو ـ چندو ـ ڪم نصيب. تهه جو ڪريل.

● نِسورو ع نِسورا: ذ. (سن. نِس = سواء + شليه = غير، ڏاريو، مٽ). بلڪل ـ صفا ـ محض ـ سراسر ـ نج ـ خالص ـ صفا ـ ٻنهه ـ نيٺ ـ سچوئي ـ تمام ـ سرسبتو ـ سمورو. اڃاڪو. نرو ـ فقط ـ نِلو ـ رڳو.

"قصو ڪربلا جو، نسورو ئي نازِ
رند پروڙين راز قضيو ڪربلا جو."
(شاهه).

ـ نِسورو ڪوڙٌ: نج ڪوڙ ـ صفا ڪوڙ ـ بلڪل ڪوڙ ـ محض ڪوڙ ـ بلڪل غلط.

● نَشْكٌ ع نَشْكَ (ڪ): ذ. چهڪ ـ ويڄ. لشان.

ـ نِسورِيائِيٌ: رڳيائي. نبار. محض.

● نَسوسو ع نَسوسا (ث): ذ. صفت. ٻنا آسري ـ بي آسري ـ نا اميد ـ مايوس.

● نِسُوكٌ ع نِسُوكَ (ث): ذ. صفت. بي عزتي ٿيڻ بعد به ٻڌ نہ ڇڏيندڙ ـ بي ٻتو ـ اناسو.

● نِسُونْگٌ ع نِسُونْگ: (ث). ذ. صفت. چيو نہ مڃيندڙ ـ بي چيو ـ نافرمان.

● نَسُوئو: اسم خاص. روايتن موجب هڪ ڪافر جو ٻُڌن جا ڪفن لاهيندو هو. (صفت). ڪفن چور. نود. بي مروت.

● نَسَئِيٌ ع نَہ سَئِيونٌ: ث. نہ سَئِيلَ ـ نہ ٻُڌل ـ اڻ سَئِيٌ ـ ان ٻُڌل.

"نصيب ڪر نَسَئِيٌ ڪي پهونءِ آءَ وَڻانْ"
(شاهه).

● نَسَئِيْن نہ: ظرف. نہ سائين نہ ـ نہ سيڻن نہ ـ بلڪل نہ ـ نيٺ نہ ـ صفا نہ. يٽئِيٌ ڪونهي ـ فڪر ڪونهي.

Gul Hayat Institute

● نَسُڏي واري توبھ: ث. (ع توبةُ النَّصُوحُ) نصوح نالي ھڪ شخص جي توبه (ھو مُردن جا ڪفن لاھيندو ھو).
● نِسيانُ ٻ ث. (ع. نَسْيَ) پُلَ - چُوڪَ - چُڪَ - خطا ، ويسر - فراموشي (ذ. صفت) غافل - و ٻسر ڪاڏو - ويسريو - اي پرواه - اي فڪر - گينوار.
= نِسيانِي ٻ ڪ نِسيانِيُونُ: ث. ويسر - و سوڙائي غفلت.
● نَسِيمُ ڪ نَسِيمُونُ: ث. نرم ھوا - ٻنل ھوا - ڏڏي ھوا - خوشبودار ھوا - ھيُرَ. تنوار - تڪرار - چوپولو.
= نَسِيمُ بُحُري ٻ سمنڊ تان لڳندڙ ھوائون.
= نَسِيمُ بري: ٻر يا رڻ پٽ (زمين) تان لڳندڙ ھوائون.
● نَسِيمُنڪَنُ (ث): مصدر. نَڪُ صاف ڪرڻ.
● نِش: ث. (سن ، نِشا = رات) رات - شب - ليل - ريُنَ.
= نِشُ دِنُ: ظرف. رات ڏينھن - ھر وقت.
● نِشاسَرَ ڪ نِشابَرَ: ذ. چٽو - صاف - ظاھر ، نشان ولندڙ.
نِشارَ ڪ نِشارُونُ (بلوچي): ث. پياچائي.
" نماڻي نِشار سين ، جيڏي ڪي جتن "
(محمد شيخ).
● نِشاسِتو ڪ نِشاستا: ذ.: (ف. نِشاسْتَه) ھڪ ٻساركو وڪر ، ڀاڻيءَ ۽ پسيل ڪڪ جو مغز. ڪَلف - ڪانجي - ليج.
● نِشاطُ: ث. خوشي - شادماني - خورمي - آنند - فرحت. شادي ، خورسندي - حِظ - مزو - عيش - آرام ، طرب بشاشت.
● نِشانُ ڪ نِشانَ: ذ. جھنڊو - بانٽو - ڏَجا - نيشان - بيرق - نشاني اشارو - پتو - آھيڙ - ڏس - لڇڻ - چُھ - پارُ - پيرا. بادشاھي يا خاندائي نشان. بادشاه جو فرمان. آچار - نشانو - ھدف - چنڊ.
= نِشانبَرُ ڪ نِشانبَرَ: ذ. صفت. پدرو - ظاھر - صريح - آشڪار - عيان - ھُليل - ڪليل - زبان زد - نروار.
= نِشانبَرُ ٿيڻ: ظاھر ٿيڻ - پدرو ٿيڻ - نروار ٿيڻ.
= نِشانُ پتو: پار - ڏس - عبارت.
= نِشان ڪرڻ: نشاني ڪرڻ - داغ ڏيڻ - ڏنب ڏيڻ - علامت ڪرڻ - ڪڪر وجھڻ - نمبر وجھڻ - مارڪو وجھڻ - ٽپو ھڻڻ - سُھر ھڻڻ ، اثر ڪرڻ - ذھن نشين ڪرڻ.
= نِشانُو ڪ نِشانا: ذ. نشان - چنڊ - ھدف - آچار - نشاني - چنھ.
= نِشاني ڪ نِشانيون: ث. يادگار طور ڇڏيل ڪا شئي - يادگار - شناخت - آھيڙ - آڇاڻ - پتو - پار - نشان - آرڪان - آثار مرض - روڳ - چنھ - علامت - النڪارُ.
● نَشَتَرَ ڪ نَشْتَرُونُ: ث. سِير وجھڻ يا چھڪ ڏيڻ جو ھڪ اوزار - ڦٽ چيرڻ جو ھڪ ننڍي چاقوءَ وانگر اوزار - نَشْتَرَ.
● نِشُتُ ڪ نِشْتَ: ذ. صفت. بدسگھن - آشُبُ - ڪھاڻي - ناموافق - نياڳو - ڪم نصيب - بدبخت.
● نِشُنا ٻ ذ. ويساھ - يقين - پروسو.
● نِشُپاپُ: ذ. صفت. (سن. نِشْ = نه + پاپ) پاپ ڪانسواءِ.
● نِشُپِرانُ: (سن. نش = نه + پراڻ) ساھ ڪان سواءِ - بي ساھ.
● نِشُپروجَڻ: مصدر. (سن. نِشْ = نه + پَروجن). بي مطلب - بي غرض.
● نِشُچو ڪ نِشُجا: ذ. (سن. نِشْچيَ) نسچو - پروسو - اعتبار - ويساھ - پرتيت - وشواسُ - ويساھ - اعتقادُ - يقين ، دليري. گستاخي. رازُ. (ذ. صفت) سچو.
● نِشُچِي ٻ ڪ نِشُچِيُونُ: ث ڪ - يقين - اعتماد.
● نِشُچَلُ: ذ. صفت. (سن. نِشْ = نه + چل = چلڻ) نه چُرندڙ - ڪو - قائم.
● نِشِدُ: منع ڪيل - ممنوع.
● نَشُرُ: ذ. صفت. پدرو - ظاھر - نروار - مشھور - فاش - ڪليل. (ذ. اسم). خوشبوءِ. گاھ جي وري سائي ٿيڻ واري حالت. و ڇاڻ - ڦھلاڻ. زندگي.

Gul Hayat Institute

● نِشَسْتَ ۽ نِشَسْتُونُ: ث. (ف. نِشُستن = ويهڻ) ويهڻ واري حالت - وِهڪَ - ويهڻ جي جاءِ - بَيٺڪ - آسَنُ.

■ نِشَسْتَ بَرْخُواستُ: ث. ظاهري تعظيم ۽ تڪريم - آڌ ويهه - مهيل جول - دستور - ادب انداز - سَرجادا - سِيشٽاچارُ - اخلاق - لڇڻ - فضيلت.

■ نِشْقَلُ ۽ نِشْقَلَ: ذ. صفت. (من. نِش = لا + قَلُ = قَرُ) قل ڪان سواءِ - بنا قل - بي قلو - نِسقَلُ.

● نِشْكَ ۽ نِشْكَ: ذ. سونا سِڪا.

■ نِشْكَ ڏِيَنُ (لفص ڏ ين): دشمنيءَ سبب ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪنُ، چنبُ يا ٻيو ڪو عضوو وڍڻ (جنهن جو نشان همهشه لاءِ رهي).

● نِشْكا: اسم خاص. آسوڪا جي زمالي ۾ ستڌ ۾ رائج سولي سڪي جو نالو.

● نِشْكامُ ۽ نِشْكام: ذ. صفت. سواءِ چاهنا جي - بغير شهوت - نِسڪام.

● نِشْكَپَتُ ۽ نِشْكَپَتَ: ذ. صفت. ڪپت ڪان سواءِ - نِسڪپت.

● نَشوُ ۽ نَشا: ذ. خُمار - ڪيف - شراب - ايهوشي - مدهوشي - ڪيپ - شراب خوري - مؤ - مستي - متوالاپڻ. گهمنڊ - غرور - تڪبر - هَتُ. جوش - وِلولو - ترنگ - لهر. ٻيدا ٿيڻ واري حالت. اوگارڻ ۽ وڌڻ واري حالت.

■ نَشا ٽوڙَنُ: هوشيار ڪرڻ - خبردار ڪرڻ. مار ڪيڻ.

■ نَشا نَشا كَرَنُ: نشائي يا نشيدار شيون واپرائڻ.

■ نَشا پَتا كَري چَڏَنُ: فضول خرچ ڪرڻ - اجايو وڃائڻ.

■ نَشوُ ٿيَنُ: سُرور ٿيڻ - خُمار ٿيڻ - مدهوشي ٿيڻ.

■ نَشوُ پَتوُ ۽ نَشا پَتا: ذ. ڪيف جو سامان - سُرور جو سامان.

■ نَشوُ چَڙهَنُ: ڪيف ٿيڻ - خُمار ٿيڻ. ايهوشي ٿيڻ - مستي ٿيڻ.

■ نَشوُ لَهَنُ: سُرور گهٽ ٿيڻ - ڪيف ٽوريو ٿيڻ - هوش ۾ اچڻ - غفلت مان بيدار ٿيڻ - اڳ پَٺَڻ.

■ نَشَئِيُ ۽ نَشَئِبُ: ذ. صفت. نشو ڪندڙ - نشو واپرائيندڙ - شرابي - نشائي - ڪيفي - خُماري - منڇُ - مَست.

● نَشوُ و نَما: ذ. پيدا ٿيڻ واري حالت. اوگارڻ واري حالت.

● نِشوَ وَ نُما: ظاهر ظهور. وٺندڙ ڏيکاءُ - سهڻو نظارو.

● نَشيب: ث. لاهيءَ واري زمين - هيٺاهين زمين - هيٺانُ - لهندي - لاهي - پَستي.

■ نَشيبُ وَ فِرازُ: ذ. هيٺاهن مٿاهين - لاهي چاڙهي - لاهو چاڙهو. زندگيءَ جو رنج و خوشي - ڏُکَ سُکَ - نفعو نقصان.

● نِشيذُ: ظرف. انڪار - ناڪار - نَهين - نَفي - سلبُ. (ذ. اسم).

■ نِشيذِيُ ۽ نِشيذِيُ: ذ. صفت. انڪاري - ناڪاري - نافي - مُنڪفي - سالبَهَ - خراب - بَدُ - بُڇڙو.

● نَشيمَنُ: ذ. (ف). خيلوت گاهه - آرام گاهه. پکين جو آکيرو.

● نَشيمَنُ ۽ نَشيمَنَ: ذ. صفت. (ف. نِشستن = ويهڻ. سن. آپَوِشٽ = ويهڻ) نشيسُتَ وارو - ويڙل - ويهندڙ. جيئن ته: "گادي نَشين".

● نَصُ: قرآن شريف جي اها آيت يا ستندَ جنهن ۾ امرونهي جو ٽيڪ ۽ صاف بيان هجي.

● نِصابُ ۽ نِصابَ: ذ. مال متاع، جنهن تي زڪوات واجب ٿئي - مال - زَر - سرمايو - ملڪيت - هوڻجي. پاڙ - بنياد. اصل. پڙهائيءَ جو ڪورس - تعليم جو گنجينو. جاچ - جاچ - پرک. تور - معيار - ڪسوٽي. ترازيءَ جي مُٺ.

● نَصارو ۽ نَصارا: ذ. حضرت عيسىٰ عليه السلام جا پوئلڳ. عيسائي - ڪرستان - نصراني - مسيحي. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● نَصَبُ ۽ نَصَبَ: ذ. هوڄا لاءِ قائم ڪيل شيءِ - بُت - بوتو. برقراري.

Gul Hayat Institute

ـ نَصْبُ الْعَيْنْ: مدنظر- منظور خاطر.
● نَصْحُو ۽ نَصُحُو (ت): ذ. صفت. سچيءَ دل سان توبه ڪندڙ- نصوح.
● نَصْرُ اللهِ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نَصْرانيُ ۽ نَصْرانيُ: ذ. صفت. عيسائي مذهب جا پوئلڳ- عيسائي- نصارو- ڪرستاني. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.
● نُصْرتَ ۽ نُصْرتَون: ث. مدد- ياري- ڪمڪ- حمايت- پٺيراڻي. سوپ- ڪٽ- فتح- جيت- جئ- ظفر- جئڪار.
● نصرپُور: اسم خاص. تعلقي ٽنڈو الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر جو نالو.
● نَصَفُ ۽ نَصَفَ: ذ. صفت. اڌ- ليڀ.
ـ نَصَفُ قَطْرُ: ذ. (جاميٽري ۾) گول ڪي ٻن برابر حصن ۾ ورهائيندڙ ليڪ جو اڌ- نيم قطر.
● نَصُوحُ ۽ نَصُوحا: ذ. صفت. سچيءَ دل سان توبه ڪندڙ. (اسم خاص). هڪ وهميءَ جو نالو (جو "توبةالنصوح" جي ڪاڻ ۾ اخذ ڪيل آهي).
ـ نَصُوحي واري توبهه ڪرڻ: هميشه لاءِ سچي توبهه ڪرڻ.
● نَصِيبُ ۽ نَصِيبَ: ذ. پاڪ- قسمت- مقدر- پاڻ ي- لکيو- بخت- حصو- تقدير- ڪرم- طالع. ممڪن- هوو نهار- پرالبدِ. حاصل- ميسر. مقرر- مشيت.
ـ نَصِيبُ ٽِينْ: پاڪ ٽيڻ- پاڪ ورڻ- نصيب ڪلڻ.
ـ نَصِيبُ جاڳَنْ: ستل بخت جو بيدار ٿيڻ- قسمت ڪلڻ- اقبال وڌڻ.
ـ نَصِيبَ سَتَنُوانْ هُڻْ: سياڪو هڻ- بخت وارو هڻ- قسمت زور هڻ.
ـ نَصِيبُ ڦِٽَنْ: بدبخت ٿيڻ- برباد ٿيڻ.
ـ نَصِيبُ ڦِٽُو ۽ نَصِيبُ ڦِٽا: ذ. صفت. بدبخت- نياڪو.
ـ نَصِيبُ ڪُلَنْ: قسمت ڦرڻ- طالع جاڳڻ- بختاور ٿيڻ. پاڪوان ٿيڻ. اقبال بلند ٿيڻ- مان شان وڌڻ.
ـ نَصِيبُن ۾ اچَنْ: قسمت جي حصي يا ورهاڱي ۾ اچڻ- پاڻ موجب ملڻ.
● نَصِيحَتَ ۽ نَصِيحَتُونْ: ث. مت- نيڪ مشورو- پند- آپديش- صلاح- سمجهاڻي- سبق- هدايت. سٽا- سيک- گوشمالي- سزا- تنبيهه- تاڪهرج- مدعا- فهمائش. عبرت- عجب. سڌ- سماچار- خبر.
ـ نَصِيحَتَ آمُوزُ ۽ نَصِيحَتَ آمُوزَ: ذ. صفت. نصيحت وارو- نصيحت ڏيندڙ- سبق آموز- نصيحت آميز- چتائيندڙ- فهمائشي. عبرتناڪ. فائد يمند.
● نَصِيرُ ۽ نَصِيرَ: ذ. صفت. مددگار- يار- ساٿي. (اسم خاص). هڪ يهودي قبيلي جو نالو.
● نَصِيرآباد: اسم خاص. تعلقي سکر ۽ وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نَصِيرُ هُرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● نَصِيرُ جانڊيو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نَصِيرُ ڏُونڊو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نَصِيرُ واهُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ڪهوني واهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
● نَطْفو ۽ نُطْفا: ذ. صفا ٿي. مڙس جو ٿاڻي- منيءَ. منيءَ جو ڦڙو- مڙسيءَ جو بيج- ويريه- روشن- شفاف- نُطفه. مُٽ- پيشاب.
● نُطْقُ: ذ. (ع). ڳالهائڻ جي طاقت- تقرير- ڪلام.
● نِظارو ۽ نِظارا: ڏسڻ واري حالت- نگاهه- نظربازي- ديدار باري- درشن- ديدار- اک ڏيٺ. درشني- نماءُ- ڏيساندر- ڏيک- منظر- لقاءُ- سهڻيري- ڏيکاءُ. تيج- رونق- جلوو- ڪرانتي- جهلڪو- پڙڪي- پرتاب- ڏماڪ- پراج- تجلي- ٽڪ- ڏانڊس- پيڪو. سونهن- سوپيا- حسن. غور-

Gul Hayat Institute

جاچ . (ذ. صفت). ڏسندڙ - نظر ڪندڙ. ظاهر - پڌرو.

= نِظاري نِرُوارُ: پڌري پَتُ - ظاهر ظهور - ميدان تي.

● نِظام ۽ نِظامَ: ذ. موتين جي تند - ڏاڳي ۾ پوءِ جواهرات. پاڙ - بنياد - اصل. سلسلو - ترتيب. انتظام - بندوبست - آراستگي - ناهڻ - پر بڌڻ - ستو - جوڙجڪ - سجاوٽ.

= نِظامُ الشَّمْسُ: ذ. سورج مڊل - سج جو نظام - نظام الشمسي - سولر سسٽم.

= نِظامُ شَمْسِيُ: سج ۽ چند ۽ تارن جو سڙ - سورج مڊل. ستارن ۽ گرهن جي چڙهه جو علم.

● نِظامُ آباد: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نِظاماڻيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. رستمڻين جي شاخ سان سزاري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي خيرپورميرس ۽ تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نِظَرُ ۽ نِظَرَ ، نَظَرُونُ: ث. (سن. نَجَ) اکين جي روشني - ڏسڻ جي طاقت - نُورُ - نگاهه - ليرت - ڏسڻي - بصارت - جوت - دِيدُ - درشُنُ. ڏيک - ڏيکاءُ - نظارو - لقاءُ - تماشو. ديدار. درشن. ملاحظ - نظر باز - چشم بد. جهلڪو - چمڪو. غور سان ڏسڻ واري حالت - ڌيان - خيال - ويچار - قياس - سمجهه. رايو - راءِ. سرسري نظر - سنيال. اک - چشم.

= نَظَرُ اچَنُ: ڏيکاءُ ڏيڻ - ڏسڻ ۾ اچڻ - معلوم ٿيڻ. حاضر ٿيڻ - پيدا ٿيڻ. ميلڻ - حاصل ٿيڻ.

= نَظَرُ اچي وڃڻ: ڏسڻ ۾ اچڻ - ديد ۾ اچڻ - اک تي چڙهڻ - ڏسجڻ.

= نظرانداز ڪرڻ: نظر نه ڪرڻ - نظر تان لاهي ڇڏڻ - ڇڏي ڏيڻ. ناپسند ڪرڻ - نا منظور ڪرڻ توبه ڪرڻ.

= نَظَرائِنُ: مصدر. خواب نظر هيڻان آڻڻ. (نظرائيو - نظرائيندو - نظرائين).

= نَظَرَ باز ۽ نَظَرُ باز: ذ. صفت. نظر جو مزو وٺندڙ - ديدار باز - ڏسڻ جو شوقين.

= نَظَر بَچاءُ: لڪڻ - پاسو ڪرڻ - غائب ٿيڻ.

= نَظَر بَنْدُ ۽ نَظَرَ بَنْدَ: ذ. صفت. نظرهٽ - پهري هيٺ - نگراني هيٺ - حراست ۾ - باندي - بندش هيٺ - قيدي - رياستي قيدي. ڪن ساعت - ٽورو عرصو - پَل ڪَن. جادو - منتر - منڊ. قيد خانو - (ث. نظربَندياڻي ۽ نظربَندياڻيون).

= نَظَرَ بَنْدُ رَ ڪَنُ: حراست ۾ رکڻ - نگراني ۾ رکڻ. نظر کان غائب نه رکڻ.

= نَظَرُ بَنْدُ ڪَرڻ: حراست ۾ وٺڻ - نگراني ۾ رکڻ - اک ۾ رکڻ - ڪڙي نظر ۾ رکڻ. قيدي بڻائڻ.

= نَظَرَ بَنْدِيُ ۽ نَظَرَ بَنْدِيُونُ: ث. حراست - نگهباني - چوڪسي - حوالات. روڪ - بندش - گرفتاري. چشم بندي - جادو - هٿ ناٽ. (ذ. صفت). قيدي.

= نَظَرُ تَنْگُ ۽ نَظَرُ تَنْگَ: ذ. صفت. گهٽ نظر رکندڙ - ڪنجوس - مکي چوس - چنجوس.

= نَظَرَ تي چڙهڻ: ڏسڻ ۾ اچڻ - نظر اچڻ. اک ۾ ٽيڻ. ڪنهن جي نظر ۾ ممتاز هجڻ - منظور نظر ٽيڻ. پسند اچڻ. رتبو پائڻ. حقير ٽيڻ - ذليل ٽيڻ.

= نَظَرُ ثاني ڪرڻ: دوبارهه ڏسڻ - وري جاچڻ - پڙتال ڪرڻ. متاچري نظر ڪرڻ.

= نَظَر پَوڻ: اک پوڻ - ڏسڻ ۾ اچڻ - ڏسڻ جو اتفاق ٽيڻ - ڏسي سکهڻ - اکين جي روشني هٽڻ - ڏيکائي ڏيڻ - ڏسي وڃڻ. معلوم ٽيڻ.

= نَظَر چڙهڻ: ڏسڻ ۾ اچڻ - ڏسي وڃڻ. ملي وڃڻ - هٿ اچڻ. خيال ۾ هٽڻ - خاطر ۾ اچڻ - ڌيان ۾ اچڻ - سمجهڻ.

= نَظَرُ داريُ ۽ نَظَرُدارِيُونُ: ث. سرسري نظر - سنيال - پوئواري - سربراهي - داروغهٽ - مٽ نظر - سهو - آپ درشني. نظر چوڪ - غلطي.

= نَظَر دِيدُ: ث. جاچ - تپاس - چڪاس - پَريکشا.

Gul Hayat Institute

= نظر ڏنڻائي: ث. نظر هڻندڙ ماڻهوء کي نظر واپس وٺڻ لاء ڏنل آجورو. صدقو - خيرات.
= نظر ڏيڻ: بد نظر دور ڪرڻ لاء ڪاڏي وغيره مان ڪجهه ڏيڻ. دان ڏيڻ - خيرات ڏيڻ. ٿورو ڏرو ڏيڻ.
= نظر رکڻ: سنيال ڪرڻ - خبر لٿڻ - سنيال لهڻ - ٽهوڙڻ.
= نظر ڪرڻ: ڏسڻ - نظر وجهڻ - اشارو ڪرڻ. نگهباني ڪرڻ - خيال ۾ رکڻ - جانچڻ.
= نظر لڳڻ: بد نظر جو اثر ٿيڻ - نظر جڻ. آکيڙ هڻڻ.
= نظر مان ڪيڏن: جاچي چڏڻ - ڏسي چڏڻ - اک مان ڪيڏن - جاچڻ - ڏسڻ.
= نظر نه آچڻ: ڏسڻ ۾ نه اچڻ - ڏيکائي نه ڏيڻ. خبر نه پوڻ - پتو نه لڳڻ.
= نظر نانجهو ٿيڻ (ڪ): نظر ڪان معذور ٿيڻ - نظر گهٽ ٿيڻ.
= نظرڻ: مصدر. نظر هڻڻ. تڪي ويهڻ. (نظر يو - نظر يندو - نظر يندل).
= نظر وجڙائڻ: اک اڙائڻ. اک چمڪائڻ.
= نظر هڻڻ: بد نظر ڪرڻ - خراب نظر ڪرڻ.
● نظر ترڙي: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نظرپور: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نظرپور جاگير: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نظر ڏيڙو: اسم خاص. تعلقي رتهي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نظر گهانگهرو: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● نظر ۽ نظير: ذ. ڏاڪي ۾ هوتل موتي، لڙي - سر - ڏورو - ڏاڳو. انتظام - بندوبست - آرائستگي موزون ڪلام - شعر - شبد - چيد - ڪوتا - بيت - غزل.
= نظر و نسق: انتظام - بندوبست - آرائش - آرائستگي.
ـ وانڊِيَتُ: آهو ماڻهو جو ڪچي لانديءَ ۾ ڪنهن سانگي ڪري وڃي ويهي. ٻوٽن تي چنا ۽ مَنهَن اڏي رهندڙ ماڻهو.
● وانڊيُ ۽ وانڊيَ: ذ. ڪاريگر ـ مزور. (سن. وَنْتَ = ڪنوارو) ڪنٽارو ـ چڙو چانڊ. اڻ پرٽيل. رَنڙ ـ اڪيلو. پهلوان ـ جوڌو ـ جنگ ـ ڪوهو ـ بهادر ـ گهرو ـ وانڊو.
ـ وانڊيا وهائِنءُ: بدپيشو ڪرڻ ـ بدفعل ٿيڻ ـ گناهن جهوڻن ڪمن تي ڪمر ڪشڻ.

Gul Hayat Institute

ـ وانڊو ۽ وانڊيا: ذ. اڻ پرڻيل ـ ڪنوارو ـ ڇڙهو ـ ڇالب ـ رنڊڙ ـ رنوڙ ـ اڪيلو. مزوريءَ تي ڪپڙا آڻيندڙ.

ـ وانڊيءُ ۽ وانڊيئون: ث. رنڊ زال ـ مڙس مري ويل زال ـ اڻ پرڻيل زال ـ آها زال جنهن جو مڙس نہ هجي. عيد جي ڏينهن ڪاڏو وغيره ورهائيندڙ زال. ڇڙهي ڇانب ـ اڪيلي. مينهن ـ ڏيکي، پهراڙي جو ڪوٺ، جاءِ هنڌ، مٿن ـ ڇتنو ـ لانبيدي ـ جهوپڙي ـ جهونگي ـ جهوپيءُ ـ جهڪي.

● وانڊيئون: ث. (سن. وَتسرو=هار جهڙو) مينهون ڪشون ۽ ٻيو مال. اهي زالون جيڪي مجلس وقت ڪاڏو ورهائين.

● وانر ۽ وانرَ: ذ. (سن. وانرَ=ٻاندر) ٻاندر ـ پولڙو ـ پولو (ث). پولڙي ـ ٻاندري.

● وانسو ۽ وانسات (ث): ذ. ڪهاڙيءَ جو ڳن ـ ڪوڏر جو ڳن.

ـ وانسولو ۽ وانسولا (ث): ذ. واهولو ـ ڪاڻي ڪهڙن جو اوزار. وڻڻ جي ڪر جو اوزار.

● وانڪ ۽ وانڪَ: ذ. ٻهادر ـ جنگ ـ جوڌو ـ ڪوٻو ـ پهلوان.

● وانڪڻ: مصدر. (سن. وَنڪ=ڏنگو هڻڻ) ڳمندو هڻڻ ـ لڏندو هڻڻ ـ ڏڪندو هڻڻ ـ ٽرڙائيندو هڻڻ ـ ڏوڏا ڪائيندو هڻڻ. لڏڻ لمڻ. ڳهمندڙ هيڏانهن هوڏانهن ٽيڻ. (وانڪيو ـ وانڪيندو ـ وانڪيل).

ـ وانڪَ ۽ وانڪَون: ث. هلڻ ـ ٽور ـ قدم ـ وڪ ـ چال.

● وانڪَ ۽ وانڪَونڊ (ث): ث. مڪڻ يا تيل جو ذرو ٻوٽ ۽ اوراڪ کي مکي ڇڏجي، جئن ٻوٽ آواز نہ ڪري. (حرف جر). وانگي.

● وانڪارَ ۽ وانڪارَون: ث. هارپ جي ڪر ۾ مدد جو سڏ ـ سوال تي ڪر ڪرائڻ ـ مانو ڪرائڻ ڪر ۾ مدد ونڻ ـ مفت ـ ٻيگر ـ ڇڙ.

ـ وانڪارَ وَهنَ: ڇڙ وهڻ ـ ٻيگر وهڻ ـ مفت وهڻ ـ ٻنا آجوري جي ڪر ڪرڻ ـ ري عيوض ڪر ڪرڻ ـ سوال تي ٻرائو ڪر ڪرڻ. مفت مانو ڪائي ڪر ڪرڻ.

ـ وانڪارو ۽ وانڪاراڻ: ذ. مفت ڪر ڪندڙ ـ ڇڙ وهندڙ ـ ٻنا آجوري ڪر ڪندڙ ـ سوال تي ٻرائو ڪر ڪندڙ. مانيءَ تي ڪر ڪندڙ.

● وانڪُرُ: ذ. وانگو ـ وانگي ـ وانگيان ـ (آنهيءَ) جهڙو ـ طرح ـ (تو) ٻارو ـ جنسي ـ ساڳيو ـ سَرَ ـ ساڳئي قسر جو ـ سرڪو. نمونو. تو جهڙو ـ آن جهڙو ـ وانگي ـ وانگيان. انهي دستور موافق.

ـ وانڪو: پسند ڪرڻ ـ چونڊڻ ـ ڏاڻ ـ لائق سمجهڻ ـ مرضي ڏيڪارڻ ـ دل ڪي وڻڻ.

ـ وانڪيءُ: پسند ڪرڻ ـ چونڊڻ ـ ڏاڻ ـ لائق سمجهڻ ـ مرضي ڏيڪارڻ ـ دل ڪي وڻڻ ـ خواهش ڏيڪارڻ ـ اڇا ڏيڪارڻ.

ـ وانڪهي: ظرف. وانگر.

ـ وانڪيانءُ: آن جهڙو ـ تو جهڙو ـ تو وانگر ـ تهڙيطرح ـ تو جيان.

● وانڪوڙو ۽ وانڪوڙا: ذ. (سن. وِيٽيءُ ٻروٽي) ڪٽيل وارن جو طُرو. وارن جو ويڙهو ـ وارن جو مُڇو ـ وار ناهي ڳڏي هڪ هنڌ ٻڌين پاسي مُڇو ڪري ٻڌڻ واري حالت ـ چوٽيءَ واري ڳنڍ. ونگ ـ ٻيچ ـ وَرَ ـ وَڪڙ ـ ڦيرا ـ ڳهيرا. چوتو ـ چوٽي.

● وانڪيءُ: ساهه وارو ـ آدمي. انسان ـ پَهيرَ ـ قاصد ـ پيغامي ـ نياپو پهچائيندڙ ـ سنيهو ڏيندڙ ـ خابرو ـ خبر ڏيندڙ. وارث ـ وسيلو ـ واهرو ـ مددگار ـ همراهه ـ پانڌي. هڪڙو. جهنگ ۾ رهندڙ ـ جهانگي. ڳاڙهو لانبون ـ لانبون ـ راند يکي جو هڪ قسر.

ـ وانڪيءُ لانبونءُ: راند يکي جو هڪ قسر ـ آواز ڪري ڦرندڙ لانبون ـ تيز ۽ تکو ڦرندڙ لانبون.

ـ وانڪيءُ ئيءُ لہ هُجڻ: ڪو انسان نہ هڻڻ ـ ڪا ٻهر نہ هجڻ ـ ڪو ماڻهو نہ هجڻ واري حالت، مددگار نہ هڻڻ ـ واهرو نہ هڻڻ ـ پيغامي نہ هڻڻ ـ خبر نہ پهچائيندڙ ـ نياپو نہ رسائيندڙ.

Gul Hayat Institute

● وانڱهائيءُ ۽ وانڱهائيءُنءُ: ث. تڪبي ۾ بدل نوڙيءَ جو ٽڪر.
● وانڱڻ ۽ وانڱڻَ: ذ. (سن. ونگن) پاڇيءَ جو هڪ قسم - بادرنج - ڪر جو هڪ قسم.
● وانڱڻو ۽ وانڱڻا: ذ. آهو سئور جنهن جو قد وڏو، گردن موڪرو ۽ خصيا وڏا هجن.
● واناڻيءُ (ڪ): اسم خاص. جبل جو نالو.
● وانو دو ۽ وانو دا: ذ. (سن. وائيو = واءُ) واءُ - هوا - پوَن - واهوندو - وانهوندو - چوهيڪار. دم - بادي - ماه - مولر.
- وانو دا وَريا: هوا بدلي آهي. بدليل هوائون - اونهاري جي شروعات - گرم موسم جي شروعات - واهن ۽ نهرن ۾ پاڻيءَ جو اچڻ.
● وانو ڙَنِ (ث): مصدر. گهوت ڪي عزيزن جو ماني ڪارائڻ. (وانوڙيو - وانوڙيندو - وانوڙيل).
● وانهه ۽ وانهوءُنءُ: ث. ڪوهه. واهه - نهر - ندي.
- وانهيڪوءُ ۽ وانهيڪا: ذ. پاڻيءَ جو نديو وهڪرو - شاخ - نهر.
- وانهينءُ ۽ وانهيءُنءُ: ث. وانءِ - نهرون - واهه - شاخون - ڪوهيون.
● وانهاڻءُ: اسم خاص. هندن ۾ هڪ ذات (سري رام چندر جي ٻٽ "ڪشن" جو اولاد). حلوائي - ڪوڙائي.
● وانهڻءُ ۽ وانهڻَ: ذ. (سن. واس = رهڻ جي جاءِ) ڳوٺ - واهڻ - ڳام - ديهه - ڳوٺڙو - وسي - واهڻ - بستي - وسندي - نديو ڳوٺ - پهراڙي.
● وانهونءُنءُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (سن. وَنهيءُ) پوڳڙي.
● وانهونڊوءُ ۽ وانهونڊا: ذ. واءُ - هوا - پوَن - واهوندو - چوهيڪارو. دم - بادي - ساهه - مولر.
- واهونڊا وَريا: هوائون ڦري ويئون - هوائن جي ڦيرگهير - گرم موسم جي شروعات. واهن ۾ پاڻي جو اچڻ شروع ٿيڻ.

● واڻ ۽ واڻونءُ (ڪ): ث. ساپ جو هڪ نمونو. (جهوني زماني جو) پنهي پانهن جي ڏيکهه وارو مفاصلو.
- واڻ ۽ واڻيونءُ: ث. زمين ۾ ڪوئيل ڪوهه وانگر ڪنڊ جنهن سان هوڪ ڪي پاڻي ڏجي. واهه - وانهن. ڪوهه. نهر - شاخ.
● وانئتيروءُ ۽ وانئتيرا: ذ. (سن. وايو = هوا) هوا جهڙو - تيڪو - تيز - چست - چالاڪ - ڦرٽ - ڪڙو تڙو - جلد ڦٽاڪو - تيز فهم - جوگند - سڌو پرو - پڪو - چوڪس - تڪڙ - جهانجهرو - چڙڪ - ارجستو - ڦڙتيدار.
● وانئتنءُ: مصدر. (سن. وايو = واءُ) جهنبو ڏيڪارڻ.
● وانئتوءُ: ذ. جهنبو - ٻيرق. (ث. وانئتي).
● وانئتيءُ ۽ وانئتيونءُ: ث. نديڙو وانئتو - ڏاڇا - نشان - جهنبي - جهنبو - پائنتو.
● وانئهيءُ: ث. ميڇيءَ جو هڪ قسم.
● وانئوتا: ٿوري ٿوري دير بعد اڪ آڻڻ وقت سئور جون سونئون ٽيڻ.
● وانئڇءُ: اسم خاص. ميڇيءَ جو هڪ قسم، چلرن کان سواءِ ست پر ۽ قد ۾ انڇ.
- وانڇيءُ: ث. ميڇيءَ جو هڪ قسم.
● وانئورَ ۽ وانئورَ (ڪ): ذ. سخت واڇ - تيز طوفان.
● وانيءُ ۽ وانيونءُ: ث. رڪ - خاڪ - ڦٽهير - ڦٽهيار - واري - چار - ڪيري.
● وانيستريءُ: ٻنهنجو ڪهڙ گهرو - مددگار - عزيز کان سواءِ.
● وانِ ۽ واڻيونءُ: نديو ڳوٺ - نديءِ بستي. ڪوهستان.
● واڻءُ ۽ واڻَ: ذ. (سن. واڻ) مڇ جي نوڙي - پس مان وڻيل نوڙي - مڇَ. لڇ - ورت - وڏي - سٽَ - تندَ. رسو - نوڙ. ڪٽ جو واڻ. (سن. واڻَ > وهڻ = وهڻ، هلڻ) پيڙي (خاص ڪري آها جيڪا سمنڊ جي ڪناري تي هلندي آهي). سمنڊ جو وڏي ۾ وڏو ٻيڙو - پيڙي - جهاز - دنگي. (ث).

Gul Hayat Institute

● واٹيڻ ۽ واٹيڙ: ذ. سوداگر - واپاري - مال وڪڻندڙ.

● واڻ ڪائيي ۽ واڌڻ ڪهي لڳڻ: پيرسن ٽيڊ - عمر ڪان مٿي چڙهڻ - جهونو ٽيڊ - بزرگيء ڪي پهچڻ. ڏاڍو سڄو ٽيڊ - غريب ٽيڊ - پٺهارڪو ٽيڊ.

- واڻ وٽائيڻ: تڪليف ڏيڻ (ڪچي جو اصطلاح). پري آماڻڻ - ڏکيو رستو ڏيڻ - دور ڪيڻ - اهنج پهچائڻ.

● واٺاهيء: مادي آڻ جي ٽٽن تي ڪوٽري چاڙهڻ جيئن قرنڊائهي. جالنگ.

● واڻ ڪنڊ: اسم خاص. تعلقي ٽٽي هڪ ديهه جو نالو.

● واڻ چٽي: ث. جاريء جو هڪ قسم (بازن ڪي قاسائڻ لاء).

● واٽائيڻ: مصدر. واٽڻ جو ڪم پئي ڪان ڪرائڻ.

- واٽائي: ث. واٽڻ جي قيمت يا اجورو.

● واٽيڪو ۽ واٽڪاء: ذ. (سن. وٽج = واپاري) واپاري ماڻهوء جو- واٽين جو- هندن جو- واٽين وارو- هندن وارو.

- واٽيڪو ساهڻ: دڃڻو- گيدي - بزدل - بي همت- ڪم همٽ.

- واٽيڪو ڪٽو: سست - ڪاهل - بي همت - ڪم همت - دڃڻو - گيدي - بزدل.

- واٽڪي: ث. واٽڪو ڏرم.

- واٽيڪهي: واٽين جو - واٽين وارو.

● واٽڻ: مصدر. (سن. وِي = آڻڻ). واڻ سان مڙهڻ - آڻڻ - پٽڻ - جوڙڻ - ناهڻ - تيار ڪرڻ. (سن. وانَ). ملائڻ - جڙڻ - ناهڻ - گنڍڻ. منا ڪچي سان لڳائڻ - جهاري وڻڻ. (واٽيو - واٽيندو - واٽيل).

- واٽائي ۽ واٽيئون: ث. ڪٽ واٽائڻ يا مڙهائڻ جي مزوري - واڻ جي مڙهائيء جي قيمت - مڙهڻ جو عيوضو - آجورو.

- واٽائي ۽ واٽائيئون: ث. ڪوريء جو اوزار.

- واٽيندڙ: گڏيندڙ - جوڙيندڙ - مڙهيندڙ.

● واٽو ۽ واٽا: ذ. (پرا. وَڻ): سن. ورڻ). تختن جي چادر جي چٽ ۾ پيل تربز. (چٽ ۾). پٽي - واٽو.

● واٽي ۽ واٽيون: ث. (سن. واٽي). ٻاڙي - پومي. ٻولي - وچن - زبان - ڪٽا - لپي - ڳالهه ٻولهه - شعر - بيت. غيب جو آواز. هدايت - راهه. هڪر جي آها ٻهرين اوڙ چيڪا ٻج چٽڻ لاء نشان طور ڏني وجي.

● واٽيا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات. (ٿر ۾ رهندڙ ميگهواڙن جي ذات).

● واٽيان: اسم خاص. تعلقي مٽيء ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واٽياڙي: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واٽيچا: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واٽيو ۽ واٽيا: ذ. (سن. وٽج = واپاري). واپاري هندو - هندو دڪاندار. مهتو - هندو. دڪاندار - واپاري - سوداگر - هندو تاجر. (ث. واٽياڻي ۽ واٽياڻيون).

- واٽيو وَڪيل: ذ. (ع. بقال = بنيو). ڪرار - هندو - بنيو - مهتو.

- واٽياڻي ۽ واٽياڻيون: ث. هندو عورت جو نالو - هندواڻي - واجاڻي.

● واوا ۽ واوا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات ۽ وانهان.

● واوٽ ۽ واوٽ: ذ. خبر رکندڙ - سڌ لهندڙ - سماچار رکندڙ - خبر گيري - سماچاري.

● واورَڻ (ڪ): مصدر. خرچڻ - وڃائڻ - واٽڻ. (واوريو - واورينده - واوريل).

- واورِجي وڃڻ: هوا لڳڻ - واءُ لڳڻ. خالي ٽيڊ. صاف ٽيڊ. چٽ ڏيڻ. واڪو ٽيڊ.

● واوڑاهٽ: اسم خاص. ٻساركي وڪر جو هڪ قسم.

● واوڑنگڻ ۽ واوڑنگٽ: ذ. ٻساركي وڪر جو هڪ قسم. هڪ ٻوٽو، جنهن جا ٻير دوا طور

Gul Hayat Institute

ڪم اچڻ، ڪارين مرچين وانگي داڻا ٿيڻ، رنگ ڪارو، ذائقو ڪوڙو، تيز، جلاب ۽ ڪم اچڻ.

● واوڑ ينڈ: اسم خاص. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم.

= واوڑ ينڊڪ: اسم خاص. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم.

● واوَڪَر ۽ واوَڪَرِ (ڪ): ذ. هارايل - ڪريل - هيٺ ٻيل. اجايو - فضول - بي قاعدي.

● واو نا ۽ واوَنائُونُ: ث. ٻڌي مهيني جي وڏي پارس - ٻڌي مهيني ۾ ۱۲ تاريخ تي رکيل روزو.

● واوَنڈو ۽ واونڈا: ذ. (سن. وايُو = واءُ). اونهاري جي موسم جي شروعات - ٻاڦ جي چڙهڻ جا ڏينهن - ٻهاريءَ جي موسم - هوائن جي تبديل - ٿڌيون هوائون لڳڻ - واهوندا. واهه وهڻ - لهرون وهڻ - شاخون وهڻ.

● واوَٽِيُ ۽ واٽِيُونُ (ت): ث. پوکڻ - ڪيت - ٻني.

● واوو ۽ واوا (ڪ): ذ. ٻنائي ناهيندڙ - حلوائي.

● واويلا ۽ واويلا: ذ. (ع. والويلا). هاءِ - افسوس - گهوڑا. دانهون - رڙيون - فرياد - آهون - ورلاپ - رودن - روج راڙو - غم - افسوس - هاءِ هاءِ - گهوڙا گهوڙا.

= واويلا ڪرڻ: آهون دانهون ڪرڻ - ورلاپ ڪرڻ. افسوس ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

= واويلا ڪرڻ: آهون دانهون ڪرڻ - ورلاپ ڪرڻ - روج راڙو ڪرڻ - رودن ڪرڻ. افسوس ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

= واويلا مچائڻ: شور ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - غلغلو ڪرڻ - غوغاءُ ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - گوڙ ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. جلدي ڪرڻ - تڪڙ ڪرڻ - تيزي ڪرڻ - ڏم مچائڻ.

● واويلِڙِيُ (ڀ): اسم خاص. ول جو هڪ قسم.

● واهُ ۽ واهَ: ذ. پلارو - آچو - چوڪو - آتر - آتَرُ - فائق - نهايت - عمدو - سهڻو - سريشٽ.

جس - آفرين - واکاڻ - ساراهه - تحسين. ناموس. خوب. مدد. وات. واهه واهه - شاباس - آفرين. واهه جي، خاصي روءِ رڳي.

● واهُ (ف): نِدا. واکاڻ ۽ آفرين جو لفظ - شاباس. ڇِي. زه زه.

● واهَ ۽ واهُون: ث. (سن. وهُ = حاصل ڪرڻ). آڌار - رستو - بچاءُ.

= واهه واهه: آفرين - شاباس - جس. افسوس.

= واهه واهه پَوڻ: ساراهه ٿيڻ - هاڪ ٿيڻ - ناموس ٿيڻ - واکاڻ ٿيڻ - گهٽي هاڪ. شاباس ٿيڻ - تحسين ٿيڻ.

= واهه واهه پُڇجي وڃڻ: گهٽي ساراهه - گهٽي ناموس ٿيڻ - گهٽي واکاڻ - گهٽي هاڪ. شاباس ٿيڻ. انعام ملڻ - شرط کٽڻ.

= واهه واهه ڪَرڻ: آفرين چوڻ - جس چوڻ - شاباس چوڻ. خوش ٿيڻ - راضي ٿيڻ - پسند اچڻ - دل کي وڻڻ.

● واهَ ۽ واهُونُ: ث. رستو - وات - گس - پنڌ - پيچرو - دڳ. پاسو - طرف - سگرُ - سِير. اوٽ - بچاءُ - رکيا - حفاظت - سَرَن - سام - اجهو - آسرو - آڌار - پرجهلو. آڙ - پناهه - پناهو - حمايت - مدد - وسيلو. وجهه - موقعو - ڏات - سانگو - سنڌ - ٽِڻ - سمجهه. وَل - وار - اوسر. آڌار - رستا - بچاءُ.

= واهَ پُڇڻ: مدد ڪولڻ - سهائتا ڏيڻ - آسرو ڏيڻ - مدد ڪرڻ - وجهه ڏيڻ - آڌار ڏيڻ - پرجهلو ٿيڻ - بچاءُ ڪرڻ - پناهه ڏيڻ - حمايت ڪرڻ. موقعو ڏيڻ - ڏات ڏيڻ - ٽِڻ ڏيڻ. رستا پچڻ - واٽون وڃائڻ - حيلا وسيلا بند ڪرڻ - نقصان پهچائڻ - ضرر پهچائڻ - بنياد کيڏي چڏڻ - ناس ڪري چڏڻ - تباهه ڪري چڏڻ.

= واهُنِ ڪُٽو: رستا بند ٿيل - حيلا وسيلا بند ٿيل. نپاڳو - ڪم بخت - چنڊو - اپاڳو - بدقسمت. لاچار - محتاج - ضعيف. رولو - لوفر - بدمعاش - اوباش - چڙواڳ. لاوارث.

Gul Hayat Institute

ـ واهڻ ڪٽي: نياڳي ـ چنڊي ـ بدبخت ـ اپاڳ ـ نامراد ـ ڪم بخت. رولاڪ ـ بدمعاش ـ اوباش ـ چنال. بهي ٺهري ـ بهي پهچ ـ بهي وارث.

ـ واهڻ ونڻ: پاسو ونڻ ـ طرف ونڻ ـ پرجهلو ٽيڻ ـ مددگار ٽيڻ ـ آڏار ٽيڻ ـ آڙ ٽيڻ.

ـ واهڻ وجائيڻ: رستا بندائڻ ـ حيلا وسيلا رد ڪرائڻ ـ نااميد ڪرائڻ ـ نراس ڪرائڻ ـ دڪدائڪ ڪرائڻ. دوستن کي ڦيرائي دشمن ڪرائڻ.

ـ واهڻ ڏيڻ: جهوتون ڏيڻ ـ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ ـ جهاتيون وجهڻ. ڪوششون ڪرڻ ـ حيلا وسيلا چانچڻ ـ رتون رتڻ. جاچ جونچ ڪرڻ ـ پڇاڳاڇا ڪرڻ. خيال ڪرڻ ـ ڦيرا ڏيڻ ـ گهمرا ڏيڻ.

ـ واهڻ ڳولڻ: رستا جانچڻ ـ انڪلون سوچڻ ـ تجويزون ڪرڻ ـ ڪوششون ڪرڻ ـ مٽا مونا هٽڻ ـ پهه پڇائڻ.

ـ واهڻ وجائيڻ: رستا بند ڪرڻ ـ گهٽ گهيڙ بند ڪرڻ ـ پنڌ پيچرا چڏائڻ ـ نقصان پهچائڻ ـ ضرر پهچائڻ. امداد نه ڏيڻ ـ مددگار نه ٽيڻ. نابود ڪرڻ ـ تباهه ڪرڻ ـ فنا ڪرڻ ـ چٽ ڪرڻ.

● واهه ۽ واهيون (ڪ): ث. وڏو ڪوهه ـ واء. ڇڙڻي پاڻيءَ جو ڪوهه ـ وانءِ ـ وانهن ـ واهيون (قلندر جون) سيوهڻ اسٽيشن جي پرسان ڪن خاص ڪنڊن جو نالو.

● واهه ۽ واهه: ذ. (سن. وهه). ڪڙيو ـ ڪنال ـ واهه ـ شاخ ـ واهڙ ـ نهر ـ هٿراڏو ڪنهن ندي‌ءَ مان ڪوڙايل شاخ. نارو. درياءَ جو ڦاٽ.

ـ واهه پٽڻ: وڏي ڪم ۾ نه اٽڪڻ ـ ڪنهن ڏکئي ڪم کان نه ڇڄڻ. بهادر ٿي بيهڻ ـ همت ڪرڻ ـ گيدي نه ٽيڻ.

ـ واهڙ ۽ واهڙ: ذ. واهه ـ ڪسي ـ ڪڙيو ـ شاخ ـ نهر ـ واٽر ڪورس. درياهه مان نڪتل ڦاٽ نديو وهڪرو ـ ڦاٽ جو پاڻي، جو پاڻيءَ جي چاڙهه وقت نهايت تڪو هلندو آهي.

ـ واهڙ وهائيڻ: غريبن جي مدد ڪرڻ ـ ڪنگالن جي امداد ڪرڻ ـ وڙ ڪرڻ ـ احسان ڪرڻ ـ مهرباني ڪرڻ ـ ٿورو ڪرڻ.

ـ واهو ۽ واها: ذ. نديو واهه ـ ڪڙيو ـ ڪسي ـ نهر ـ شاخ ـ واهڙ ـ ڪنال ـ واٽر ڪورس ـ هٿراڏو ڪوتيل شاخ.

ـ واهه وهائيڻ: سخاوت ڪرڻ. خوش ڪرڻ ـ خلق جي خدمت چاڪري ڪرڻ.

ـ واهه وهڻ: واهن ۾ پاڻي پرجي اچڻ ـ نهرن ۾ پاڻي اچڻ ـ واهڙن ۾ پاڻي اچڻ ـ شاخن ۾ پاڻي اچڻ. تمام گهڻي سخا ڪرڻ ـ فيض عام ٽيڻ ـ جهجهي خيرات ڪرڻ ـ دان ڪرڻ ـ داني پرش ٽيڻ.

ـ واهارو ۽ واهارا: ذ. واهرڪندڙ ـ مدد ڪندڙ ـ مددگار ـ حامي ـ همراهه.

"وارٽا واهارو هاڻون سپ هيڻان ٽيا."
(مارئي ـ شاهه)

● وهب: ذ. (ع. وهب = هن بخشيو). بخشش ڏيندڙ ـ عطا ڪندڙ ـ روزي پهچائيندڙ ـ رزاق. مالڪ ـ والي ـ ڏڻي ـ الله ـ خدا.

● واهپاڙو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهت ۽ واهتون (ت): ث. سنيال ڪندڙ ـ راکو ـ نگهبان ـ ڪارائو ـ واهي ـ مدد ڪندڙ ـ رکپالي ڪندڙ.

ـ واهتي ۽ واهتي (ت): ث. سنيالينڊڙ ـ راکو ـ نگهبان ـ ڪارائو ـ واهي ـ مدد ڪندڙ.

● واهتي ۽ واهتيون (ڪ): ث. بيل گاڏي وهائيندڙ ـ گاڏي هلائڻ وارو. گاڏير.

● واهپ ۽ واهپ: ث. (سن. وَهْ = وڻي هلڻ، سنيالڻ). واهپو ـ واهپي ـ واهپي ڪرڻ ـ جاچ ڪرڻ ـ سنيال ڪرڻ ـ نگهباني ڪرڻ واري حالت ـ رکپالي. نظرداري ـ چوڪسي ـ پهرو ـ سجاڳي ـ چوڪيداري. ڪاپو ـ رواج ـ استعمال ـ وهنوار ـ ڏيتي ليتي ـ لهه وچڙ.

ـ واهپو: ذ. پهريداري ـ سنيال.

ـ واهپي: ث. واهپ.

● واهپو: ذ. هڪ پئي سان هلت چلت ـ هڪ پئي وٽ اچ وڃ جو قاعدو ـ راهه رسم. ڏيتي ليتي ـ استعمال. ڪاپو.

Gul Hayat Institute

● واهتَرَ ۽ واهترُونُ: ث. (سن. وَهْ = کوشش کرڻ) مدد - سهائتا - حمايت. آسيد - آسرو - آڌار - سهارو - ڏَيءُ - پرجهلو - حفاظت - اوٽ - بچاءُ - رکيا - سَرَڻ - نهارو - پناهه - آڙ. راهداري. همراهي - کمک - سموٽ. چال - چلگت جي پروڙ. واهرو - حامي - همراهه. سنيال.

- واهتَرَ ٿيڻُ: مدد ڪرڻ - پٺ پرائڻ - همت افزائي ڪرڻ - ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيهڻ - همراهي ڪرائڻ. حمايت ڪرڻ.

- واهترَپائيُ: ث. حمايتي - مدد گاري - آڌار - پرجهلائي - آڏ - اوٽ - بچاءُ - حفاظت - رکپالي. چوڪيداري - چوڪسي - نگهباني.

- واهتر ٻَلَڻُ: چورن جو، ٻويان ايندڙ پاڻين کي ٻوٽي موڙڻ - ناڪام ڪرڻ. چوري ڪرڻ وقت ٻئي ساڻيءَ جو مالڪن تي نظرداري ڪرڻ.

- واهتَرَ ڪَرَڻُ: مدد ڪرڻ - اوڪي ويل مدد ڪرڻ - همراهي ڪرڻ. راهه ڏيڪارڻ - رستو سمجهائڻ - تجويز ٻڌائڻ - رٽ ٻڌائڻ. مشڪل ڪم مان ٻئي کي پار ڀهچائڻ.

- واهتَرَ وَسيلُوُ: حامي - مددگار - آجهو - آڌار - پشت پناهه - آسرو - سهارو. معاون - مدد ڪندڙ - ٽيڪو ڏيندڙ.

- واهتُروُ ۽ واهتُروُ: ڏ. مددي - همراهه - ساڻي - رڪيڪ - سرپرست هڻڻ.

- واهتُرو ٻَنِجَڻُ: مددگار ٿيڻ - ساڻي ٿيڻ - همراهه ٿيڻ - راکو ٿيڻ - سرپرست.

● واهَڙُ: ذ. (سن. وهْ = وهڻ) واهڻ. ڊورو. ڊنڊ. نهر. ندي‌ءَ جي آها شاخ جا ندي‌ءَ مان نڪري وري اڇي ان ۾ شامل ٿئي.

- واهڙُوُ: ذ. واهڙُ.

● واهَڙ ڳاهيُ: اسم خاص. تعلقي ميڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهتَ ڪُروُ: (سن. وهْ = وڃي هلڻ + ترو) سکن ۾ ڪُروَ کي ياد ڪرڻ جو ڏينو. واڻين جو ڏڻي تعاليٰ لاءِ پاڪ نالو - هندو قوم جو پڳوان لاءِ پاڪ نالو. سک قوم جي گُرو يا مرشد جو هڪ لقب - خطاب. پرميشر.

● واهِلُ ۽ واهِلَ (ث): ذ. اک جي مٿين پردي (چمڙي) اندران ڳوڙهو ٻيدا ٿيل.

● واهلُوُ ۽ واهلا (ث): ذ. ٻيهارو - لاڏلو - الڪلي - ناز ٻليو - سڪيلڏو.

● واهلُوُ ۽ واهلا: ذ. وادڪي اوزار جو هڪ قسم.

● واهَ ميسٽيريُ: اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهِمَهُ: (ع. وهم) وهم يا شڪ جي قوت - گمان - سنسو - ڀرم.

- واهِميُ: صفت. وهمواروَ - ڳٻتي‌خور. شڪ ڪندڙ.

● واهَ نَبيُ بَخشُ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهُنڈوُ ۽ واهُنڈا (ڪ): ذ. (سن. وايُ = واءُ) واءُ لڳڻ جي موسم. آتر - آلهندي جو واءُ. موسم بهار. گرم موسم جي شروعات - هوائن لڳڻ جي مُنڊ - آلهندي واري هوا. ٿورو مينهن - برسات پوڻ جي شروعات. پاڻيءَ وهڻ جي شروعات. سياري جي پڄاڻي ۽ خاتمي وقت، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه جي هوا. (ث). واهنديون. (ل)

- واهُنڈوُ نِڪُرَڻُ: ٻيڙيءَ جو پاڻي نڪرڻ.

● واهتُ ۽ واهَڻُ: ذ. (سن. ووهت. وَهَنُ = ٻيڙو) ٻيڙو - غوراب - وڏي ٻيڙي - بار ڪندڙ ٻيڙي - ڪشتي. پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙيءَ جهڙي ڪا به شيءَ. (سن. وَسُ = رهڻ) ڳوٺ - ڳونڍو - بستي - وسيي - وسين - پهراڙي - وسندي - واڌيڙ - ننگر - ديهه. (سن. وهْ = وهڻ) واهه - شاخ - ڪڙيو - نهر - واٽرڪورس - آڏ. وڏو واهه - ڪئنال - ندي - درياءُ. گاڏي - ٻگي. (اسم خاص). هندن جي هڪ ذات جو نالو.

- واهِڻائيُ ۽ واهِڻائِيُونُ: ث. واهڻي - ڳونائي - ڳوٺاڻو - دهقاني - گامريو - پهراڙيءَ جو - واهڻ جو - ڪنوار - ويڙهيچو - اناڙي.

- واهِيءُ و لوڙَڻُ: چڱيءَ طرح ڳولا ڪرڻ - جانچ جونچ ڪرڻ - جستجوءَ ڪرڻ - ڪوشش

Gul Hayat Institute

ڪرڻ - محنت ڪرڻ - آدم ڪرڻ - حيلا هلائڻ. طاقت هلائڻ - زور هلائڻ - ٻلواڻي ڪرڻ.

- واهڻ ووڙڻ: ڳوٺ ڳولڻ - هستي ڳولڻ - واند ڳولڻ - پهراڙي ڳولڻ - وسين ڳولڻ.

- واهٽي ۽ واهٽيون: ث. دهقاني - ڳوٺاڻو - پهراڙيءَ وارو - وسينءَ وارو - واهڻائي.

- واهٽيار ي ۽ واهٽيار يون (ڪ): ث. ڳوٺائي - پهراڙيءَ واري - وسينءَ واري.

● واهڻ: مصدر. (سن. وَهْ = ڏيڻ) هلائڻ - ڪاهڻ - ڪم وٺڻ - محنت ڪرائڻ. ڳهڻو ڪم ڪرائڻ - سخت ڪم ڪرڻ - ڇڪيءَ طرح ڪم وٺڻ - ڳهڻو پورهيو وٺڻ. (وهاپو - وهائيندو - وهائيل).

● واهو: اسم خاص. (سن. وَٽيئون) آڻن جو چارو. ول جو هڪ قسم، هيءُ ڪاهه سائي رنڱ جو ٿئي، زمين تي پکڙيل ٿئي، پن لوٽڪ جي پن جهڙا ٽين ۽ هن ڪاهه ڪي آڪ ۽ پکريون ڪائين. ٻسارڪي وڪر جو هڪ قسم، جو دوائن جي ڪم اچي. (سن. وَهْ = وهڻ) وڏي واهي - واهه.

- واهو پيارن: ذ. پڇڙي حالت ڪرڻ - حد ڪان وڌيڪ لاچار ڪرڻ - عقوبت ڪرڻ - بي عزت ڪرڻ - عزت وٺڻ (ٻئي جي سامهون). دولاب ۾ آڻڻ - ڪندي ۾ قاسائڻ - ٻئي ڪي درٻدر ڪرڻ - ٻئي ڪي هلاڪ ڪرڻ - ٻئي ڪي تڪليف ۾ وجهڻ. زهر پيئڻ.

- واهو پيئن: زهر پيئڻ - لاچار ماڻ ڪرڻ - اڻ سرنديءَ ڪان ماڻ ڪرڻ - نقصان ڪائڻ - ٽوٽو ٻرائڻ.

- واهو ڏين: ڏاڪ ڪيڏڻ - چيهو ڏيڻ - نقصان ڏيڻ - ٽوٽو وجهڻ. اميد ڏيڪاري ناآميد ڪرڻ - ويساهه ڏيئي ٺڳي ڪرڻ - دولاب ڪرڻ.

● واهو ۽ واهو (ڪ): ذ. رستي تان ويندڙ ماڻهو - لنگهي ويل ماڻهو. واهر ڪندڙ - مدد ڪندڙ - عوام جو همدرد - غريب جو هڏ ڏوکي - سخي - رحم دل - ٻاجهه وارو - قياس وارو. سائي - پانهن ٻيلي. وهندڙ - جاري - هلندڙ.

- واهو ٽيٽن: لنگهڻ. پڇڻ - روانو ٽيڻ - هلڻ.

- واهو ٽي وَڃن: پڇي وڃڻ - گم ٽي وڃڻ - غائب ٽي وڃڻ - الوپ ٽي وڃڻ - روانو ٽي وڃڻ - هليو وڃڻ - اوجتو وڃڻ.

● واهوڪ ۽ واهوڪَ (ڪ): ذ. ٽيهو ٽيهو ٽي وهندڙ - ڦڙو ڦڙو ٽي وهندڙ - قطرو قطرو ٽي وهندڙ - سيمو ڪندڙ - ٽمندڙ - ڳڙندڙ - سولائيءَ سان ڳڙندڙ.

● واهو گاهو هڻن: ڳالهه مچيندڙ - ڪس ڪائيندڙ - ٽوٽ سهندڙ - نقصان سهندڙ - ڪنهن ڳالهه تي اڇڻ - امڙا تمڙا ڪرڻ - قبوليت ڪرڻ - حمايي ٻرڻ - هائوڪار ڪرڻ.

● واهوچو ۽ واهوچا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهولو ۽ واهولا: ذ. (سن. واسه) وادڪي ڪم جي اوزار جو هڪ قسم. ڪاٺ گهڙڻ ۽ چلڻ جو هڪ اوزار - ٻسولا - منڪو.

- واهولي ۽ واهوليون: ث. وادن جي ڪم جو اوزار.

● واهونڊو ۽ واهونڊا: ذ. (سن. وايُ = واءُ) وانوندو - اونهاري جي موسم جي شروعات - پاڻيءَ جو واهن ۾ اڇڻ - واهن جي تبديل (ڏکڻ، اولهه واريون) هوائون لڳڻ - برسات جي شروعات جي موسم.

● واهونگا ۽ واهونگا (ث): ذ. برسات جي وقت پاڻيءَ جا سنها وهڪرا.

● واهي ۽ واهيون: ث. (سن. وَهْ = وهڻ) ڪسي - شاخ - نندي نالي - پاڻيءَ جي آڏ - نندڙو چشمو - پاڻيءَ جو نندو حوض. (ث - ل). چوڪيدار - راکو - رکيڪ - جاگر - ڪارائو. نگهبان - حفاظت ڪندڙ - سنياليندڙ - واهپ ڪندڙ - پهرو ڏيندڙ. مست - ضعيف - ڏهرو - ڪمزور - بي همت. پوڳڙي - پڳڙن پڇڻ وارو. شڪاريءَ جو دام (سهي وغيره کي ٽپن ڏانهن آماڻڻ لاءِ واهي ٽي ويهڻ).

"واهي جو ٽاهيل آهين يا اوٽي جو"؟

Gurmayat Institute

ـ واهِيارو ۽ واهِيارا (ڪ): ذ. راکو ـ رکوال ـ رکپال ـ نگهبان ـ چوڪيدار ـ ڪارائو ـ پهريدار ـ سنياليندڙ ـ حفاظت ڪندڙ ـ واهپ ڪندڙ ـ واهي.

ـ واهِيتُ ۽ واهِيتَ (ڪ): ذ. جاسوسي ـ چوڪسي ـ چارهو ـ نگهباني ـ واهپو ـ راکو ـ رکوال ـ نگهبان.

ـ واهِي تلاهِي ٽِيءُ: مدد ڪرڻ ـ همراهي ڪرڻ ـ واهر ڪرڻ. دلداري ڏيڻ ـ غمخواري ڪرڻ ـ ڏک سک پائي ٽيڻ.

ـ واهِيرُ ۽ واهِيرَ: ذ. راکو ـ رکوال ـ رکپال ـ نگهبان ـ چوڪيدار ـ پهريدار ـ جاگر ـ رکيڪ.

● واهِياتِ ۽ واهِيات: ذ. (ع. واهي = بي بنياد). بيهودائي ـ بيهودگي ـ بڪواتي ـ بيهودو ـ بڪوات.

ـ واهِيات ثابت ڪرڻ: بيهودو ظاهر ڪرڻ.

ـ واهِياتي ۽ واهِياتِي: ذ. بي بنياد ـ بيهودو ـ پوراڻو ـ خشڪي ـ روائتو ـ ريچڪي ـ لهري ـ ترنگي ـ وهمي ـ من مؤجي ـ خام خيالاتي. عبث ـ ڪل جهڙو ـ بعيد العقل ـ آڻپٿي.

ـ واهِيتَ ۽ واهِيتَئُون: ث. واهپو ـ رواج ـ رستو ـ دستور ـ رسم ـ ڏيتي ليتي ـ لهـ وچڙ ـ واهيپو.

● واهِيڙُو ۽ واهِيڙا: ذ. واسطو ـ تعلق ـ لاڳاپو ـ ڳانڍاپو ـ ميل.

● واهِيو ۽ واهِيا (ڪ): ذ. ٻوڪيو.

● واهِيرو ۽ واهِيرا: ذ. (سن. واس + رو > وس = رهڻ). آڪيري ۾ پکين جي ويهڻ جو وقت. آرام جي جاءِ ـ آڪيرو ـ پکين جي رهڻ جي جاءِ. آهيرو ـ آڏو. لاڳاپو ـ تعلقات ـ ڳانڍاپو ـ استعمال. رواج ـ رسم. دوستي.

ـ واهِيرو ڪرڻ: رات جو ويهڻ لاءِ اچڻ ـ رهڻ جي جاءِ ٺاهڻ ـ رات جو ترڻ جو آرامي ٽيڻ.

ـ واهِيري جِي وِيرَ: (پکين جو) آرام گاهه يا آهيري ۾ وڃڻ جو وقت ـ سانجهي ـ شام ـ سنجها ـ نماشام. آرام ڪرڻ جو وقت.

ـ واهِيري جِيءُ وِيلُ: سانجهيءَ جو وقت ـ نماشام ـ سنجها ـ ٻتي ٻارڻ جو وقت ـ پکين جو آرامي ٽيڻ جو وقت.

● واهِيءُ ٻانڊِيءُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهِيءُ ڏَنو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهِيءُ ڪُلُ خانُ: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهِيءُ مُبارڪُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهِيءُ گهوٽو: اسم خاص تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهِيءُ مُجِيدُ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واءِ ۽ وايُونُ: ذ. (سن. واب). کوهه ـ نندي کوهي. ڪاڻ سان بدل کوهه جو قسم. ڊورو جنهن ۾ هميشه پاڻي ٻيڙل هجي (ع). هاءِ ـ افسوس ـ ڏک ـ غم ـ سور ۾ افسوس ـ هاءِ هاءِ ـ توبه ـ ٽُوٽُو ـ چِي چِي. چِيٽ ـ حيف. (ف. واهـ). چڪو ـ واهـ. (سن). واڻي ـ ٻولي.

ـ واءِ واءِ ۽ واءِ واءِ: ث. هاءِ هاءِ ـ افسوس ـ ڏک ـ غم ـ رنج ـ سور ـ دک جو آواز.

ـ واءِ واءِ ٽيڻ: گهوڙا گهوڙا ٽيڻ ـ افسوس ٽيڻ ـ هاءِ هاءِ ٽيڻ ـ هُل هلجي وڃڻ ـ ڪُلي ٻوڙ ـ ظاهر ٽيڻ ـ پڌرو ٽيڻ.

ـ واءُ ٻلا ۽ واءُ ويلائُونُ: ث. واويلا ـ دانهون ـ آهون ـ ورلاپ ـ رونڊن ـ روج راڙو ـ ماتم ـ افسوس ـ هاءِ گهوڙا ـ هاءِ هاءِ ـ ڏک ـ رنج ـ سور ـ غم.

● واءُ ۽ واءِ: ذ. (سن وايُ = واءُ). هلندڙ هوا ـ پوَڻ ـ هوا ـ واهوندو ـ ٻاد. تيز هوا ـ هير. سخت هوا ـ ڏاڍي هوا ـ واچ ـ طوفان. وڏاءُ ـ هٽ. ٻادي ـ ٽٽ. وهم ـ سنسو ـ خيال. (سن. وايُ). واڻي سور ـ سنڊن جو سُڪڻ. چوپائي مال جي هڪ ٻيماريءَ جو قسم. هن ٻيماريءَ ۾ ٻڪريءَ جون ٽنگون سُڪنديون آهن، آٽ جون ۽ ٽنگون ۽ ڪنڌ

Gul Hayat Institute

سکي پوي. (وڃڻ جو امر). وئون - وڃ. (ف. واهه). چگو - واهه واهه.

- واءِ پَرَ کَٹَڻِي: هوا جي رُخ ڏيکارڻ لاءِ لوهي چادر مان ٺهيل پکي (جو ڪنهن مناري تي ڪٽل هجي). باد نما - مرغ باد نما - واءِ پرکڻو ڪُڪڙ.

● وائِيجَنُ: مصدر. واءِ لڳڻ - هوا لڳڻ - واچ لڳڻ - طوفان لڳڻ. صاف ٿيڻ - چنڊ جڻ - چڙڻ، پڌرو ٿيڻ - ظاهر ٿيڻ - چٽو ٿيڻ.

● واءِ جِيُ ٽَڪورَ: ڪنهن کي بادي گيس ٿيڻ. بيماريءَ جو هڪ قسم، جو مال وغيره کي ٿئي.

- واءِ چِڙَنُ: ڪجهه ڏرڻ - ڪا شيءِ ڦاڙڻ - (پيٽ ۾) ٽوٽ پوڻ - خال پوڻ. ڪنڊر پوڻ. ريُحَ خارج ٿيڻ - ٽيٽ اچڻ - قُوس اچڻ.

- واءِ سُٽاءُ: خبر چار - سُڌ سماءُ - ڳالهه ٻولهه - گفتگو.

- واءِ سُٽاءُ لٺهنُ: خبر چار وٺڻ - سُڌ سماچار وٺڻ - حال احوال وٺڻ - تازي خبر چار هٿ ڪرڻ.

- واءِ شِگافُ ٿيڻ: ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ. رعيت يا عام ماڻهو ٿيڻ - ماڻهن سان ملي وڃڻ.

- واءِ ڪَمارو: بيماريءَ جو هڪ قسم، اڪثر چوپائي مال کي ٿئي، هن ۾ ٽڙڪڻي، ڏڪڻي ٿئي، علاج: ڪن وٽان سير چوڙڻ يا نڪ وٽان سير چوڙڻ آهي.

- واءِ ڪَيِڙَ: مانيءَ کي ٿيڻ تي ڇڻ سان واءِ پرجڻ ڪري ڦڦيءَ سان ڏورو آڦلائڻ. اجايا ڊيڪ چڙڻ - واهيات ڳالهائڻ - ڪنن مان ڪهه ڪيڙي چڙڻ - بي فضيلتو ڳالهائڻ - ايڏلگو ڳالهائڻ - متوجه ڪرڻ - سنئين نموني تي آڻڻ - سڌي راه تي آڻڻ - سنواري جڏڻ.

- واءِ کي پُٺِ ڏِيڻُ: وقت کي سلام ڪرڻ - حال پٽاندر هلت ڪرڻ - زماني ساز ٿيڻ - هڪجهڙو ٿي وڃڻ.

- واءِ لڳڻَنُ: ٻئي سان برابري ڪرڻ - ريس ڪرڻ - ٻئي جهڙو پاڻ کي سمجهڻ. خراب سنگت ۾ اچڻ - ڇڙين عادتون ڪرڻ - بدراهه ٿيڻ - بدپيشو ڪرڻ.

- واءِ مِيهُنهنُ ڪَنڊُو اچڻ: تيز اچڻ - تکڙو اچڻ - جلدائي ڪرڻ - تکڙائي ڪرڻ - تکائي ڏيکارڻ - تيزائي ڏيکارڻ - چُوهائي ڏيکارڻ - هوشياري ڏيکارڻ - قابليت ڏيکارڻ.

- واءِ وِکِرِ: صفت. پکڙيل. رُلندڙ. نااميد. نقصان ڏ ڪندڙ.

- وائِيمُنڊِي: آڏامندڙ - وائيندي خبر.

- وائِيمُنڊِي تي چِڙَ ڏيڻ: ڪنهن جي مرضي يا راءِ موجب گفتگو ڪرڻ.

- وائِيمُنڊِيُونُ وايُونُ: ٻين جي واتان ٻڌل ڳالهيون - ان تصديق ٿيل ڳالهيون - آفواهه - ڪوڙيون خبرون - مٿاڇريون خبرون - زت شت - ڏاڙون - ٻٽاڪون - ڳالهه جو اجايو واڌارو - ڪوڙو ڦهلاءُ - مبالغ آميز خبرون.

- واءِ نِڪرَنُ: ڳالهه پڌري ٿي پوڻ - ظاهر ٿي پوڻ - کُلي پوڻ - عالم آشڪار ٿي پوڻ.

- واءِ وَڃَنُ: هٿ چڙي وڃڻ - مٽو پٽ سان لڳڻ - پشيمان ٿيڻ - پڇتائڻ. "گهاءُ پيس واءُ ويس."

- واءِ وَرَنُ: ڦهلَنُ (بيماريءَ وغيره) - پکڙجڻ - وکوڙجڻ - وَرتَنُ - چالو هڻڻ - هلڻ - مند جو واءُ لڳڻ - ڦيرو اچڻ - نوان خيال پيدا ٿيڻ. عام ٿيڻ - ظاهر ٿيڻ - چٽو ٿيڻ. عام جام ٿيڻ.

- وائِيڙو ۽ وائِيڙا (ث): ذ. جهيڙو واءُ - ڏورو واءُ - هلڪو واءُ.

● وائُنَنُ: مصدر. جاچڻ - ڳولڻ - ڪوجڻ - دريافت ڪرڻ - پُڇڻ - ڏورڻ. ڦولڻ - ٽٽولڻ - ڍونڍڻ - تلاش ڪرڻ - جاچنا ڪرڻ. (وائنيو - وائِيمُنڊو - وائنيل).

- وائُنَ ۽ وائُنُ (ل): ث. جاچ - خبر - ڪوج - پُڇا - دريافت - ڦول - ڍونڍ - تلاش - ڳول.

● وائُنَنُ: مصدر: ڪوجڻ - پڇڻ - ڏورڻ - جاچڻ - جاچ ڪرڻ - دريافت ڪرڻ - پڇا ڳاڇا ڪرڻ - تلاش ڪرڻ - ڍونڍڻ - ڦولڻ - ٽٽولڻ - ڳولڻ - ڳولا ڪرڻ.

- وائُنُ ۽ وائُنَ: ذ. گپ شپ - پت شت - هَوَرُ - لباڙ - ڏاڙ - خبر چار - ڳولا - تلاش - جاچ - ڍونڍ - ٽٽول - ڪوج - ڦول - جستجو.

ـ واءُ پَٹُبہ؛ ذ. هي کهه جي گوڙڻ وانگي، چوڏا ڪاري رنگ جا ٿين. ٻارڪي وکر جو هڪ قسم، دوائن جي ڪم اچي.

● وائِرءُ ۽ وائِرَ (ک)؛ ذ. موڳو ـ بي سمجهه ـ بي وقوف ـ نادان ـ ناسمجهه ـ ناتوان. بي طاقت ـ ڪمزور ـ ڏُهرو ـ هيڻو ـ ضعيف ـ لاچار ـ بي حال.

● وائِرَنءُ: مصدر. (سن. وايـ = واءُ) هوا ڏيڻ ـ هوا ۾ رکڻ ـ آنَ صاف ڪرڻ ـ هوا تي آنَ صاف ڪرڻ ـ واءُ ڪرڻ ـ آڏ ڪرڻ ـ رانڙن کي اچو ڪرڻ ـ آهٽڻ ـ چاٽڻ ـ چانٽ ڪرڻ ـ کوڙ کي سچ کان جدا ڪرڻ يا الڳ ڪرڻ. چنڊڻ.

ـ وائِرَ ۽ وائِرُونءُ؛ ذ. هوا سان آنَ صاف ڪرڻ جي حالت ـ آڏڻ ـ چانٽ ـ چنڊ ـ آهَٽ ـ صاف.

ـ وائِرائِيءُ: مصدر. هوا ڏيارڻ ـ هوا ۾ رکائڻ ـ چنڊائڻ ـ ٻي کان هوا تي آنَ صاف ڪرائڻ ـ آهٽائڻ ـ چاٽائڻ ـ چانٽائڻ ـ آڏائڻ.

ـ وائِرَ ڪَرَنءُ: چج ڏيڻ ـ صاف ڪرڻ ـ چنڊ ڪرڻ ـ چانٽ ڪرڻ ـ الڳ ڪرڻ.

ـ وائِروءُ ۽ وائِرا: ذ. اک جو عارضي مرض ـ آئيل اک کي واءُ لڳڻ سبب اک ۾ ٿوري اڇاڻ ٿيڻ ـ اک آٽڻ وقت اک ۾ اچو نڊو داغ ٿي پوڻ ـ اک ۾ ڦُلو ٿيڻ.

● وائِڑوءُ ۽ وائِڑا؛ ذ. (سن. وايـ = وائي) موڳو ـ منجهيل ـ موڑهل ـ بي وقوف ـ ڪم ذهين ـ بي عقل ـ مسورک ـ مت هيڻ ـ گهيلو ـ پُڪو ـ پُوڪ ـ نئوڊ ـ موڳو منڊ ـ آڏاسو ـ آڏايو ـ جاهل ـ ڪُنڊءُ ـ جڙُ. حيرت زدو ـ حيران ـ پريشان ـ وسو. توائِي. بي طاقت ـ هيڻو ـ ڏُهرو ـ ڪمزور ـ ضعيف ـ نستو.

ـ وائِڑائِيءُ ۽ وائِيڑايُونءُ: ذ. موڳائي ـ گهيلائي ـ مورڪائي ـ پُوڪائي ـ ڪُنداڻي ـ جاهلي ـ آباڪائي ـ بُسَ ـ بُست.

ـ وائِڑوءُ ٿِيءُ وَڃَنءُ: منجهي پوڻ ـ حيرت ۾ پنجي وڃڻ. موڳو ٿي پوڻ ـ موڑهل پنجڻ.

● وائِيسَرءُ ۽ وائِيسَرَ؛ ذ. مشين جو پُرزو. عقل ـ هوش ـ سمجهه ـ ذهن. حوصلا ـ ماشا ـ حواس.

ـ وائِيسَرَ ڦِرِيءُ وَڃَنءُ: ڪنهن مشين جا پُرزا ڊِرا ٿي پوڻ واري حالت ـ گهِرگهيلو ٿي پوڻ ـ ويڪرو ٿي پوڻ ـ ڪُشادو ٿي پوڻ. حوصلا ڦري وڃڻ ـ هوش گم ٿي وڃڻ ـ عقل چٽ ٿي وڃڻ ـ حواس خطا ٿي وڃڻ.

ـ وائِيسِروءُ ۽ وائِيسِرا؛ ذ. واءُ چي مٽ سٽ ـ چڙوايو ـ واءُ جي ڦيرگهير. ٻاماري ٻيدا ڪندڙ واءُ جي ڦيرگهير. هوادار ـ ڪشادو ـ ويڪرو ـ وڏو.

● وائِڪءُ ۽ وائِڪَ (ث): ذ. خط ـ رقعو ـ نوتو. ڪوٺ جو سڏ ـ دعوت نامو ـ نيندڻ.

● وائِڪَٽ ۽ وائِڪَونءُ: ث. هوا ـ واءُ ـ هيبر. پاسي کان لنگهندڙ شيءِ جي هوا لڳڻ.

● وائِڪائِنءُ: مصدر. وائکو ڪرڻ ـ سُڪائڻ ـ هوا تي رکڻ ـ وائسلو ڪرڻ. خلاصگي ـ ڪشادگي ـ ويڪرائي. (وائڪايو ـ وائڪائيندو ـ وائڪايل).

ـ وائِڪائِيءُ ۽ وائِڪايُونءُ: ث. هوا ۾ رهڻ جي حالت ـ خلاصگي. عمدي هوا ـ ڪليل هوا ـ هوا واري جاءِ ـ تازي هوا ـ سٿي هوا. ڪشادگي ـ خلاصگي. وائڪگي.

ـ وائِڪِجَنءُ: واءُ ۾ رکجڻ. وائکو ٿيڻ ـ هوادار ٿيڻ ـ سُڪڻ.

ـ وائِڪوءُ ۽ وائِڪا: ذ. هوا ڏنل ـ هوا وارو ـ واءُ تي رکيل ـ واءُ وارو ـ هوادار ـ ڪُليو ـ ڪُليل. ٿورو سُڪل. وڏو ـ خلاصو ـ ڪشادو ـ ويڪرو ـ سوڪرو ڪري رکڻ. چِيڀو ـ هلڪو. ٻرپرو. اهو گهر، جنهن ۾ هوا ۽ سج جي روشنائي جام هجي.

ـ وائِڪوءُ ٿِيَنءُ: هوا کائڻ. هوا ۾ وڃڻ. ڪُليل هٽڻ ـ سُڪڻ ـ صاف ٿيڻ ـ هوادار ٿيڻ. جنجل جهڳڙي کان دور ٿيڻ. دور ويهڻ. هليو وڃڻ.

ـ وائِڪوءُ ڪَرَنءُ: هوا ۾ رکڻ ـ واءُ ۾ رکڻ ـ هوا کائڻ. هوا ۾ وڃڻ. ظاهر ڪرڻ ـ پتو ڪرڻ ـ ڪولي چڏڻ ـ ڪليل رکڻ.

Gul Hayat Institute

= وائڪو گھمڻ: بيڪار گھمڻ - نڪمو گھمڻ - بي ڪمو هلڻ - چڀو گھمڻ - ٽورو گھمڻ - ڪڏهن ڪڏهن هلڻ.

= وائڪيءَ ۽ وائڪيون: ث. چڀي - ٻڪري - ڦڪيري - خلاصي - ويڪري - وڏي.

= وائڪيرو ۽ وائڪيرا: ذ. ٽورو ڦري - ڦرڦرو - خلاصو - هلڪو - ويڪرو - ڪشادو.

= وائڪيءَ ڪنديءَ: ث. مٽي ڪان مٽيرا ورهل سڳ.

● وائيل: ذ. (انگ). ڪپڙي جو هڪ قسم.

● وائل ۽ وائلون: ث. (سن. وايہ = واءُ). هوا جي ڪري فصل جي سنگن جي ڪيري ٿيڻ واري حالت: مخالف واءُ لڳڻ ڪري سنگ جو خالي ٿي وڃڻ. واءُ جو اثر. فصل جو سڙڻ - رتيءَ - مهلو. ڦاروٽائي. بي حسي - بي هوشي - ڪنٽرائي - خشڪي - هذر - هذيان سرسام. ڪهوڙي جي ڪوڏي واري سنڊ ۾ ٽينڊڙ بيماريءَ جو هڪ قسم. (ذ). ڪپڙي جو هڪ قسم.

● وائليجڻ: مصدر. واءُ جي جهٽڪي ۾ اچڻ - هوا ڪان لڪايل شيءِ جو ڪلي ٻوڙ. وڏلجڻ - وائڪجڻ - جڪڻ - گجڻ - رڙڻ - ڦاٽڻ. وهسڻ - گد گد ٿيڻ. بيمار ٿيڻ - (ڪهوڙي جي ڪوڏن جو خراب ٿيڻ) - بي هوش ٿيڻ. سرسام جي اثر هيٺ اچڻ. فصل جو هوا جي ڪري خراب ٿيڻ. فصل جو سڙي وڃڻ. ڦاروٽو ٿيڻ. ڪاڏي جو ڦاروٽو ٿي وڃڻ ڪري هوا پيدا ڪرڻ. (ڦرڙيءَ جو) هوا لڳڻ ڪري زهريلو ٿيڻ. هوا لڳڻ ڪري بيماريءَ تي خراب اثر ٻوڙ. واءُ شڪاف ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ. (وائليو - وائليندو - وائليل).

= وائليجيءَ وجڻ: ڳالهه پڌري ٿي پوڻ - ظاهر ٿي پوڻ - ڪلي پوڻ.

● وائلڻ: مصدر. (سن. وايہ = واءُ). هوا لڳڻ - واءُ لڳڻ. ڪلڻ - پڌرو ٿيڻ - ظاهر ٿيڻ. بيمار ڪرڻ. (وائليو - وائليندو - وائليل).

● وائلو ۽ وائلا: ذ. وڏي ڪم جي اوزار - جو هڪ قسم - واهلو - ڪاٺ ڪوڙڻ جي اوزار جو هڪ قسم.

● وائنٽ ۽ وائنٽيون: ث. خبر - سڌ - سماچار.

● وائڻ: مصدر. (سن. وايہ = واءُ). هوا ڏيڻ - واءُ هڻڻ - واءُ ڪرڻ. وجهڻو هڻڻ - تنوارڻ. آواز ڪرڻ. وڄائڻ. ڪڍڻ. (وائيو - وائيندو - وائيل).

= وائو ۽ وائا: ذ. (سن. واڪ. هرا = وايا). ذڪر - بيان - ڳالهه. هولهه - چوپول - گفتگو. حالت - حال (عمومي حال جو سڄي ملڪ وارن ماڻهن تي اثر انداز ٿئي).

● وائور ۽ وائورَ (ث): ذ. طوفان - هوا - واءُ - واڄ - ڏاڍو واءُ - تيز واءُ.

● وائوريءَ (ث): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وائوڙ ۽ وائوڙَ (ث): ذ. طوفان - واڄ - هوا - تيز هوا - ڏاڍو واءُ.

● واءُ وڙنگ: اسم خاص. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم.

● وائوڙيا (ث): اسم خاص. ميگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● واءُ وِکِر ۽ واءُ وِکِرَ: ذ. پڪڙيل - چڙو ڪڙ - ڪٿو ڪٽو - تتروتر - است وست. اجايو - واهيات - توائي - آوارو - رمتو - رلندڙ - نا اميد - مايوس.

= واءُ وِکِرَ ڪرڻ: چڙوچڙ ڪرڻ - پڪيڙي چڏڻ - است وست ڪرڻ - تتر وتر ڪرڻ - ڪٿو ڪٽو ڪرڻ - وکيرڻ. اجايو وڃائڻ - ضايع ڪرڻ - ڦوڪي چڏڻ.

= وائوڪو ۽ وائوڪا: سڪايل - چڀو - هوادار - خلاصو - ڪشادو.

● وائوڻ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● واءُ وِلا: ث. (ف). واويلا. ماتم.

● وائيءَ ۽ وائيون: ث. (هرا. وٹا. سن. وايہ > واجا = واءُ). بادِ - وائي بادي. بادي جي وڏن ڪري بيهوشي - سنڊن جو سور. بادي - واءُ - ريح. وائي سور. عادت - پهر - حال - چال - هير - ورد - خصلت - روش - خراب عادت. (سن. واڻي). ڳالهه - ٻاهڪو - ڪهڻي - چوٽي - چوڻ - سخن - عادت. خراب عادت - علت. ڪلام. ڪافي - راڳ - وائي.

(جنهن جو شاهه عبداللطيف مَوجد آهي، جن کي هرهڪ فصل يا مضمون جي پچاڑيءَ ۾ ڏجي).
سُرسلو - وارتا - تقرير. چوُوت - چوُپچو - چوُپول - سُڌيدي - گهالهه - ذکر. آواز - بولي - پُٽڪو. آچار - پچار.
" رُڻان راتو ڏينهن، جڻ ان جي وائِي ۾ ور گهٽا"
(کليان - شاهه).
(صفت). وائي جو اثر ڪندڙ - وائي پيدا ڪندڙ - بادي.
= وائِيءُ آنوءُ ۽ وائِيءُ آناءُ: ث. بيڪار شيءِ - بي بنياد گالهه - اجائي ڪوات. ڪُڪڙ جي ٻُڪ کان سواءِ ٻي مادي ڪُڪڑ آنا لاهي.
= وائِيءُ آنوءُ ڏِيڻُ: ڪوڙ هڻڻ - بي بنياد گالهه ڪرڻ. واهيات ٻڪ - اجايو ڪشو ٻڌڻ.
= وائِيءُ بادِيءُ: وائِيءَ جي بيماري - اجايو گالهاءُ - بي مطلب ٻَڪَ. خراب گالهه - اجائي ٻڪوات - ٻڪاڪ - داڙ - لٻاڙ - بي بنياد ڪشو. ناڪاميابي. (ل).
= وائِيءُ بادِيءُ گالِهِيُونءُ: اجايون سجايون گالهيون - بيهودون گالهيون - بيڪار گالهيون - بنا اعتبار واريون گالهيون. مڪربازيءَ واريون گالهيون.
= وائِيءُ بادِيءُ گالِهِيُونءُ ڪَرَڻُ: اجائي سجائي بَڪَ ڪرڻ - بي بنياد گالهه ڪرڻ - اعتبار کان سواءِ گالهه ڪرڻ - اجائي ڊنگ هازي ڪرڻ.
= وائِيءُ بَنڊُ ٽِيڻُ: زبان گالهائڻ کان بند ٿي وڃڻ - گالهائڻ جي طاقت نه هڻڻ - انسان جي آخري منزل - گهٽَ گهٽَجي وڃڻ - آواز نه نڪرڻ - ٽوروٽ پُٽڪو نه نڪرڻ - سڪرات جو وقت.
= وائِيءُ چِٽَرُ هُڻَڻُ: سوڪو ٿيڻ - بي سمجهه ٿيڻ - بي عقل ٿيڻ - ڪُنڊ ٿيڻ - ڪُند ذهن ٿيڻ.
= وائِيءُ هَوَڻُ (ڪ): ڏند ڏيڻ - (زباني) جهيڙو ڪرڻ - وڙهڻ - تون تا تون چا ڪرڻ - هڪٻئي کي گهٽ وڌ گالهائڻ - تکرار ڪرڻ. آواز بلند ٿي وڃڻ - گهٽَ گهٽَجي ٿوڻ. زبان درازي ڪرڻ.
= وائِيءُ پِيا: وات پيا - سخن گالهايائون - تکرار ڪيائون - زباني جهڪڙا.
" ويجن سان وائي پِيا ڪِري نه ڪيائون "
(يمن کليان - شاهه).
= وائِيءُ جوءُ وَرُ لَهَڻُ: گالهه جو ڪُنُ سمجهڻ - گالهه جو وَرُ يا وَتُ سمجهڻ - گالهه جو ڳُجهه معلوم ڪرڻ - راز پروڙڻ - گفتگو جي رمز سمجهڻ.
= وائِيءُ سَنَوائِيءُ: چڱي گالهه - چڱو قول - چڱو بول - سُڻي گفتگو - سهڻي وائي.
= وائِيءُ سُورُ: بيماريءَ جو هڪ قسم. سَندن جو سُور.
= وائِيءُ كَنِ وِجهَڻُ: ڪنهن گالهه لاءِ اڳواٽ چتائي ڇڏڻ - ڪنهن سڳيل منصوبي کان خبردار ڪرڻ.
= وائِيءُ كَهي وَكَڙُ وِجهَڻُ: اجايا ناهه ناهڻ - ڪوڙا هُل هلائڻ - اجايون ٻتاڪون هڻڻ - لٻاڙون هڻڻ - داڙون هڻڻ. هَرُ وپَرُ و ڏائڻ - هيسائڻ - ڊيڄارڻ.
= وائِيءُ گولوءُ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم - ٻيٽ جو سُور. آندي جو سُور.
= وائِيءُ گالهه: ث. اجائي ٻَڪَ.
= وائِيءُ نَه وَجَڻُ: ٻيزار ٿيڻ - ڪَڪ ٽيڻ - عاجز ٿيڻ - هلاڪ ٽيڻ - تڪليف ۾ اچڻ.
= وائِيءُ نَه وَرَڻُ: گالهه نه ڪري سگهڻ - ڪُجي نه سگهڻ - بول نه بولي سگهڻ - آواز نه ڪرڻ - پُٽڪو نه ڪرڻ.
= وائِيءُ نَه وَڻَڻُ: گالهه پسند نه اچڻ - نفرت اچڻ - ڏکار اچڻ - ڪراهت اچڻ.
= وائِيءُ وارَڻُ: گالهه ڪرڻ - ويچار ڪرڻ - خيال ڪرڻ - ارادو ڏيکارڻ - هاڪار پرڻ - آماده ٿيڻ - مائل ٿيڻ.
= وائِيءُ وَجَڻُ: گالهه بولهه وڃڻ - ڪئي ڪمائي ڪَٽ ٿيڻ - پورهيو چٽ ٿيڻ - محنت گم ڪرڻ - نشان پتو ناس ٿيڻ.
= وائِيءُ وَرَڻُ: گالهائڻ - گالهه بولهه ڪرڻ - گفتگو ڪرڻ - ڪلام ڪرڻ - سخن ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- وايُونْ بتّالْ: گهالهائڻ ۾ منجهڻ - وانڍو ٿيڻ - پريشان ٿيڻ - عجب ۾ پوڻ - متيون منجهڻ.
- وايُونْ بتّالجَنْ: حواس باخته ٿيڻ - هوش گم ٿي وڃڻ - سمجهه وڃڻ - عقل هيڪ متي ٿيڻ - متيون منجهڻ - دماغ ڦرڻ.
- وايُونْ بتّالْ ٿيڻْ: حوصلا خطا ٿيڻ - سمجهه چٽ ٿي وڃڻ - عقل هيڪ مٽي ٿيڻ - هوش ڦري وڃڻ.
- وايُون ولڙيُونْ ٿيڻْ: حوصلا خطا ٿيڻ - سمجهه گم ٿيڻ. حواس باخته ٿيڻ - عجب ۾ پوڻ - وانڍو ٿي پوڻ.
- وايُونْ ولڙيُونْ ڪَرڻْ: دهائڻ - هيسائڻ - ڊيڄارڻ - وانڍو ڪرڻ - پريشان ڪرڻ - منجهائڻ.
- وايائِيْ ۽ وايائِيُونْ: ث. (سن. بشچ). هندواڻي - واجاڻي.
- وايائِيْ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- وايُون ۽ وايا: (سن. وايو = هوا > واءُ). واءُ - هوا - پَون. اونهاري جي موسم ۾ الهندي ڪان لڳندڙ هوا.
- وايُو چڪَرْ: ذ. هوا جو گولو جو ڏرتيءَ جي چوڌاري موجود آهي. اهو هوا جو گولو جيڪو ڪنهن ٻ گرهه يا آپ گرهه جي چوڌاري موجود هجي. آڪاس منڊل - وايو منڊل.
- وايُو ماپْ: اسم خاص. هوا ماپڻ جي اوزار جو هڪ قسم - هوا ماپ.
- وايُو مانْ: ذ. هوا جي دٻاءُ سَنُڌْ جو اوزار - بئرامينٽر.
- وايُو مَنڈَلْ: ذ. ماحول - فضا - حالت.
- وبا ۽ وبا: ث. (ع). بيماريءَ جو هڪ قسم (وڏندڙ مرض آهي هن بيماريءَ ۾ الٽيون ٿين ۽ دست ٿين) - مهاري.
- وبالْ ۽ وبالَ: ذ. (ع). بيماري - مرض - ڏورا - اکاهائي - ناچگائي - روڳ - ڏوج - ڏهجهندو - لڳائي - ڪمزورائي - آزار - بي سزائي - ناچاقائي. آفت - سزا - سختي - گراڻي - ماجران. بوجو - بار - گرائي - عذاب - قهر - مصيبت. شامت - پت. جنجال - رنج - تڪليف.
- وِپَ ۽ وِپُونْ (ت): ث. سُڃ - پينگ - ڪُرهه.
- وِپاڳْ ۽ وِپاڳَ: ذ. (سن. وِپچار). زنا - حرام. عيش - عشرت - بد چلني - بد پيشو - بد لڇڻ - بد چال.
- وِپچارْ ۽ وِپچارَ: ذ. (سن). زناڪاري - زنا - حرام. عيش - عشرت - بد چلني - بد پيشو - بد لڇڻ - بد چال.
- وِپچاريْ ۽ وِپچاريْ: ذ. صفت. زناڪار - حرامخور - شهوتي - عشرتي - عيشي - رنڊ باز - بد چلڻ - بهبود و - بي غيرت - بي شرم - بي حيا.
- وِپڪَتِ ۽ وِپڪَتُونْ: ث. ڏنگو - ڏاونجرو - تيڏو - آرسي. اسم جو ڦيرو - گردان.
- وِپَڪْتِيْ: (سن). حالت. وِپوت. ث. (سن). ڪرامت - معجزو - شڪتي وان - چمتڪار - شاندار - رعبدار - رونقدار - حشمت وارو. ڪا خاص طاقت. د بدبي وارو - هلندي وارو - پڄت وارو.
- وِپُوتِيْ: ث. وِپوت ڪندڙ.
- وتِ (ڪ): چاش - تمام گهاڻي رس (آزاد) گهر. وري - موڻي - پهر (سچل). (ل) - پَيو.
- وتْ گُهمَنْدو: امر. رُلندو رهه.
- وتِي گُهمَنْدو: ذ. رلندو ٿو رهي.
- وتُ پِ: ڪنهن ۾ قيمت تي - ڪنهن ۾ حالت ۾. لٽي پٽي. (جينن: "وتْ ۾ تو ڪان ڇڪو آهي.")
- وِتْ ۽ وتَ: ذ. (سن. وِتْ). طاقت - پهچ - پڄت - پهندي - سمرٿي - وس - دسترسي - پَل - سڪهه - زور - توفيق - وسعت - اختياري - ملڪيت - مال - خزانو - ڌن - دولت - پڌارٿ - پسو - ڏوکڙ.
- وِتُونْ وَجَنْ: چٽي ڪان ٻاهر ٿيڻ - وَس ڪان ٻاهر - طاقت ڪان ٻاهر - پهندي ڪاڻ ٻاهر.
- وَتائِتِيْ (ڪ): آلي - پينٽل - پسيٽل.
- وِتاڙَنْ (ڪ): مصدر. پاڙون پٽي ڇڏڻ - آچلائي ڦٽي ڪرڻ. (وتاڙيو - وتاڙيندو - وتاڙيل).
- وَتافتَرَ ۽ وَ تافتَرَ: ث. وِڇُ - ڪِنُوڻ - برق - بجلي.

Gul Hayat Institute

● وَتاکَ ۽ وَتاکُونُ (ک): ث. جاءِ - مڪان - ماڳ - ماءُ - هنڌ. اوطاق - ٻيڪ. بنياد - ٻُڌ. جان - جند - حياتي. واهه - وسيلو - اجهو - آسرو - آڌار. آڏ. ڏرو - پرزو - ٿورو.

- وَتاکَ نِڪرَڻُ: ٻيسڻ نڪرڻ - هڏي پوڻ - ٽڪجي ٻوڻ - ٽُٽي پوڻ.

- وَتاکَ وِجَڻُ: اجهو نه رهڻ - آسرو نه رهڻ - واهه نه رهڻ - وسيلو نه رهڻ - آڌار نه رهڻ - آڏ نه رهڻ.

● وَتاگَ ۽ وَتاگُونُ: ث. ڳالهه ٻولهه - چوڻ ٻچو - چور ٻچار - چوڙ ٻول. هٿ چرانڊ. نشان - پتو - پيرو - ڪُرو.

- وَتاگَ نَہ هُجَڻُ: ڳالهه ٻولهه نه هجڻ - يادگيري نه هجڻ - چور ٻچور نه ٿيڻ.

● وَتائِڻُ: مصدر. آڇلڻ - آڇلائڻ - ڪيرائڻ. هارڻ. ڦيرائڻ - گهمائڻ. (ڪچي). ڏيکارڻ. تنگ ڪرڻ.

- وِتائِي يا ڦِڳائِي چِڏَڻُ: آڇلائڻ - هارڻ - آڇلڻ.

● وِتاءُ ۽ وِتايا (ک): ذ. آڇلايو - ڦٽو ڪيو. هاريو.

● وَتايو: اسم خاص. سنڌ جي مشهور درويش جو نالو.

- وَتائِي وارو اڳ جهلڻُ: ڪنهن ڳالهه لاءِ سڀ کان آخري تدبير ڪرڻ (وتايو نالي هڪ درويش چورن جي پڪڙ لاءِ قبرستان ۾ وڃي وينو، چي اڳ ٽو ونان، تنهن تان اها چوٽي مشهور ٿي آهي).

● وَتائِيُ ۽ وَتائِي: ذ. ٻيو فقرن جي ذات جو هڪ نالو.

* وِتِهو ۽ وِتِهِا: ذ. ڳٽتي - خيال - آلڪو. وهم - پيرم - سنسو - ڪُتڪو. تکڙ - آڀرائي - جلدائي.

- وِتِهو لڳڻُ: تکڙو ٿيڻ - آڀرائي ڪرڻ - جلد ٿيڻ.

● وتند: علم عروض جي اصطلاح موجب ٽ حرفي ڪلمه کي وتند چئيو آهي، اِهو ٽن اکرن جو ٺهيل آهي، جئن ته چمن، گلن، ڪلن، وڃن ۽ لال، مال، حال - ڪير وغيره ۽ ارڪان ۾ ٿيندو؛ فعو - علن - مفا - علا - لات :- وتد ٻن قسمن جا آهن (۱) وتد مجموع (۲) وتد مفروق. وتد مجموع ۾ ٽن حرفن مان پهريون متحرڪ آهن ۽ ٻيون ساڪن جئن ته چمن - گلن - ڪلن - وڃن - يا فعو - علن - مفا. وتد مفروق ٽن حرفن جو ٺهيل آهي جنهن ۾ پهريون ۽ ٻيون متحرڪ ۽ ٽيون حرف ساڪن آهي. جئن ته لال - حال - مال - ڪير - يا لات، جو مفعو لات ۾ آهي.

● وَتَرُ ۽ وَتَرَ (ث): ذ. گهوڙي جو مٽ - گڏهه جو مٽ - پيشاب.

- وَتيرو: مڪائيءَ جي گاهه جي ڪٽير.

● وِتيرو ۽ وِتِرا: ظرف. (سن. ٻتهوتَرُ) تمار وڌيڪ. وڌيڪ بهتر. گهٽو - ٻهڙون - جهجهو - ڪپل - جال - سرس - گائبو - سپيل. سنوالو - زياده - وڌيڪ. بهتر - سڄيه - سڀهي. تيڪو. (ث. وَتيرُ).

- وِتيرائِيُ ۽ وِتيرايُونُ (ک): ث. چلولائي - ڪشڪ - گهٽو ڳالهائڻ. چترائي - چالاڪي.

● وَتَسَلُ: ذ. صفت. (سن. وَتَسَ = ٻَٽ) هارن کي پيار ڪندڙ - اهو جنهن کي پيار گهٽو وٺندا آهن - مهربان - دياوان.

● وَتَکَ ۽ وَتَکَ: ذ. وڌيڪ - زياده - جهجهو - گهڻو - ٻهڙون - ڪپل - جال - سرس - گائبو - سنوالو - سُپيل.

● وِتِکِتِ ڪرڻ (ت): گهٽي حرڪت ڪرڻ - آجائي ڪينچل ڪرڻ - اجائي ڦير ڦار ڪرڻ.

● وَتَنُ: مصدر. (سن. وَرتَنَ > وَرُتُ = هلڻ) گهمڻ - ڦرڻ - رُلڻ - ٽپڻ - رمڻ - چڪر هڻڻ - هلڻ - ٽپڪڻ - ٽپڻ - ٽپوڻ - لٽڪڻ - پرمڻ - ٽُلڪڻ.

● وَتو ۽ وَتا: ذ. ودو - وڻ جو ماضي. ورتو.

- وَتو کَرائِڻُ: (ث). حجامت ڪرائڻ - سنوارت ڪرائڻ - سيرب ڪرائڻ.

Gul Hayat Institute

● وِتو ۽ وِتا: ذ. (سن. ورتا) نڪمو- ناڪام- لاڪار- نڪارو- بيڪار- بيڪارو- اڪيارتو- رائيگان- اجايو- فضول- ضايع- وِيڪل. سڪٽو- خالي- تڇ- خسيس- بيهودو. بيوقوف.

● وِتِ وِتِ ۽ وِتِ وِتِ: ث. تڪڙ- جلدي- سرعت- هي قراري- ڦٽڪو- لوڇ- آندماندت. تيزي- تڪائي- ڦڙتائي- جلدائي. تيزائي.

- وِتِ وِتِ ٿيڻ: تڪڙ ٿيڻ- جلدي ٿيڻ- ڦڙتي ٿيڻ- تيزي ٿيڻ- منت ٿيڻ.

- وِتِ وِتِ ڪرڻ: تڪڙ ڪرڻ- جلدي ڪرڻ- ڦڙتي ڪرڻ- تيزي ڪرڻ- تڪائي ڪرڻ.

- وِتِ وِتِ ڪَتَري هلڻ: ٺرڙائيءَ سان هلڻ- ناز نخرو ڏيکاري هلڻ- قونبڙ سان هلڻ- نخري هازيءَ سان هلڻ- ناز و ادا سان هلڻ.

- وِتِ وِتِ ڪنڊو وَتڻ: رُلندو وتڻ- گهمندو وتڻ- پڪندو وتڻ- پنندو وتڻ- پنوندو وتڻ. چڪر هٽندو وتڻ- ٽلڪندو وتڻ- ڏڪا ڪائيندو وتڻ.

- وِتِوتِيو ۽ وِتِوتِيا: ذ. تڪڙو- آهرو- تڪو. طبيعت جو هلڪو- ٺرڙو- ٽُوٽ- سفلو. فصلپڻيرو.

● وَتِيرو ۽ وَتِيرا: ذ. رواج- دستور. ريت- رسم- رواج- راه ريت- پَرَ- پرويز- هلي چلي- مرجاتا- ورتاءَ- ورتارو- سرشتو- ليکو. رُخ. وِرو- غِذا. نمونو. وِردُ- وظيفو. (ن- ب).

● وِتِيو (ث): ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم.

● وَٽُ ۽ وَٽُون: ذ. (سن. وستُ) شيءِ- چيز- ٽول. جنس- ٽوڪ. وستو- پدارت- ڏراوت- امانت. سُوڙي. (ڪ). ث. (ڪنايتاً) (مجازاً- اشارتاً) زال- ناري- عورت.

- وَٽُ سيٽُ: ذ. سامان سڙو- اگر تگر- ٽپڙسڙ- ٽڙو ٽپڙ- اڳڙي ٽڳڙي- گهرو سامان.

● وِٽِ ۽ وِٽُون، وِٽِيُون: ث. ويونڊ- چَٽِيءِ. فرصت- فاصلو. چيٽي- ناغو- فرجو- ڪٽو- ساهي- ويجهو. تفاوت- فرق- وچوڻي- خال. ڦير- وچاندر. وَجهه- موقعو. وِٽِيءِ. ڪاهِيءِ جو وچون سهيبو. (ث).

۽ وِٽاڻ: مصدر. وقت وڃائڻ- آرس ڪرڻ- آلِس ڪرڻ- دير ڪرڻ- سست ٿيڻ.

● وِٽاڻُ ۽ وَٽاڻ: ذ. (سن. آوَسٽان) چوپائي مال جي بهارڻ جي جاءِ- هنڌ- لوڙهو- واڙو- ڪَڙه. آستان مال بڌڻ لاءِ. پاڻ- واڙو.

"ووڙيم سپ وَٽاڻ ميهر جي ملڻ لئي" (شاهه).

- وَٽاڻِي ۽ وِٽاڻِي (ڪ): ذ. صفت. وَٽاڻ ڪري ويندل- ٽانيڪو- هَٽُڏائتو- ماڳپائيتو.

● وِٽِرَڻُ: مصدر. (سن. وِ = چڱيءِ طرح + سُٽڻ = ڏيڻ) چڙوچڙ ٿيڻ- ٽڙي پکڙي وڃڻ- پکڙڻ- پکڙجڻ. ڦهلڻ. (وِٽِرهو- وِٽِرندو- وِٽِريل).

- وِٽِرجَڻُ: مصدر. خراب ٿيڻ- ڪِنو ٿيڻ- گندو ٿيڻ.

- وِٽِيءِ ۽ وِٽِيُونُ: ث. (سن. وِ = هري + سُٽڻ = قائم ڪرڻ) فرق- تفاوت. ديرِ. جدائي. ويجهو- وچوڻي، خال- دَري- گهڙڪي- وچوڻي- مفاصلو- وِٽ- جاءِ. سوراخ- تنگ. ديرِ- مدد. مهلت. تفاوت.

- وِٽِيرڪو ۽ وِٽِيرڪا: ذ. وِٽِيءِ وارو- وچوڻيءِ وارو- مفاصلي وارو- ٽوري مفاصلي تي. جدا- الڳ- علحده.

- وِٽِيءِ ڏِيڻُ: وچوڻي ڏيڻ- مفاصلو ڇڏڻ- مهلت ڏيڻ- ميعاد وڌائڻ. اڳ وات ڇڏڻ.

- وِٽِيرو: ذ. وٽِيءِ وارو- تفاوت رکندڙ.

- وِٽِيءِ وِجهڻُ: جُدائي ڪرڻ- گهٽي عرصي تائين نه ملڻ- عليحده ڪرڻ- الڳ ڪرڻ- سنڌو ڪرڻ.

- وِٽِيُونُ ڪَرڻُ: تاني، جامُنيءِ تائين ڏگهي ٽيل هوندي آهي، تنهن جا ع يا ۶ حصا ڪرڻ.

● وَتُ ۽ وَٽُون: ث. (سن. و رَشُ = آلو ڪرڻ) آلاڻ- پوسل- وَتَ- آهڪائي- رُطوبت- گهِمَ- رِيجُ. (سن. وَتُ = ورهائڻ) پهريون آيل ميوو ۽ پيون کاڌي جون شيون ورهايل (نئين مند ۾). نئون ميوو- نئين شيءِ. سوڪڙي- سوغات- پاڪر. منڊي شيءِ. نذرانو- نياز. حصو- ورچ- ٽانبڙ. پاسو- ڪنارو. ڪن فقيرن جي

ڪرامتي طاقت - چمتڪار. عيوض - بدلي. برڪ. قسمت - ڀرو. (وفا). (سن. وَنْتَ = پاڳو، حصو) قسم - جدا جدا سَواد. پورو وقت - ٽيڪ ٽائيم - نئون سواد. (سن. وَرْتُ = وڻڻ) وَڪَڙُ - وَرُ. موڙُ. ٻچ سان سُور. پيشاب ڪرڻ بعد پتر سان آلت سُڪائڻ جي حالت.

= وَٽِ ڪرڻُ: چڪڻ - ڪائڻ - ڪنهن به شيءِ مان ڪجهه ڪائڻ. موسم جون ليون شيون ڪائڻ. موسمي ميوو ڀريون دفعو ڪائڻ. خوب ڪائڻ. موج ڪرڻ.

= وَٽِ وَنڻُ: دل خوش ڪرڻ - هر طرح جا مزا ماڻڻ.

= وٽَ وَراڻُ ڪرڻُ: تائيد ڪرڻ - سمرٿن ڪرڻ - پٺپرائي ڪرڻ. ٽيڪو ڏيڻ.

= وٽائيتوُ ۽ وَٽائِتا: ذ. آلو - هريو - تريو - پاٽيائو - پاٽيارو - پُسيل - پِڳل - ڪهيل - آڏوڪو.

= وَٽائِتِيُ ۽ وَٽائِتِيُونُ: ث. اڏسُڪل ڪاڻي.

= وَٽِ ٽِيڻُ: ونڊ جڻ - ورهائجڻ - ورڇجڻ - پاڳو پتي ڏيڻ.

= وٽَ آچڻُ: زمين کي ريج ڪرڻ ڪان پوءِ آن جي ڪَٽَ سُڪي وڃي ۽ ٽوري آلاڻ باقي هجيس تہ پوءِ آن ۾ بج ڇڏجي ۽ هَرُ ڏجي.

= وٽَ ڇِتَ: ڏينڊن جي ٻڏن ۾ سيلاب اچڻ وقت سارين جي بج جي ڇِتَ - ڪڙڀي.

= وٽَ ڏِيَنُ: ٽاڏل ڏيڻ - سُڪو ورهائن.

= وَٽَرُ: آها زمين جنهن ۾ ريج سنو هجي ۽ هَرَ چڪو هليل هجي.

= وٽَ ڪرائِيُ: نئون سُنڊ جو ميوو ڪارائڻ. ڪپڙن کي منڻ بعد سُڪائي آڏوڪو ڪرڻ.

= وٽَ ڪَرَنُ: سوڻ ڪرڻ - سُڄڻ ڪرڻ - سُنڊ جو ڀريون ميوو وغيره ڪارائڻ - چڪڻ. نڏراني طور ڪائڻ - حصو ڪرڻ. زمين جي ٻيدا ٽيل تازي ڪائڻ جهڙي شيءِ، سُنڊ ۾ ڀريون پيرو ڪائڻ.

= وَٽَ و راهِيُ: پڪل ميوو وڪڻڻ ڪان اڳ خيرات ڪرڻ.

= وَٽَ و رِڇَنُ: هرڪت جهڙي ورڇ ورڇڻ - ونڊ ونڊڻ - ورها ڳو ڪرڻ.

= وَٽَ و ٽِسَ: سوڪڙي ٻاڪڙي - نڏرانو - سوغات - پاڪر. نئين شيءِ.

= وَٽَ هَٽَنُ: آلاڻ هٽ. "اڄا ڪائي ۽ پروٽ آهي."

● وَٽِ ۽ وَڻُونُ: ث. (سن. وَرتُ = وڻڻ) ڏُهي يا ٻڌيءَ جي وَٽِ. ڪپڙي تي لڳل پرت واري پٽي يا ڪناري - ڪنڊي. ڪور - ڪنڍو - ڪنارو. ڏس - طرف. پَٽر - پاسي - وَٽِ - پرسان - لڳ - ڳڏ - ويجهو. لاڳو - لڳو لڳ - نزديڪ - تو وٽ.

= وَٽانُ: ڪان - مان - منجهان - پرسان.

= وَٽِ ٻَڌَنُ: لغڙ جا پاسا ڏاڪي سان مضبوط ڪرڻ.

= وَٽِ پاءِ ڪَرَنُ: پاسخاطري ڪرڻ. بي انصافي ڪرڻ.

= وَٽِ پِڇَنُ: ڳاهه ٽيل آنَ کي گڏ ڪرڻ.

= وَٽِ ڏِيَنُ: جُٽيءَ جي تري جي مٽان چوڏاري چمڙي جي وَٽِ ڏيئ يا چيپ ڏيڻ.

= وَٽِ سِرُ: صفت. سِرُ جي عيوض. سِرُ جي بدران.

= وَٽِ سوُرَنُ: ڏيئي جي وٽ مٽي ڪرڻ. هر هر چوڻ - يادگيري ڏيارڻ - ياد ڏيارڻ.

= وَٽِيرُ: پاسي ۾ - پر ۾. مون وٽ.

= وَٽ وَنڻُ: (ڪنهن ماڻهوءَ کي) ويجهو وڃڻ - پاڏائڻ - ستائڻ - ليلائڻ - عاجزي ڪرڻ. همدرد ٿيڻ - همراهه ٿيڻ - ٽيڪو ڏيڻ. شرڻ پوڻ.

= وَٽِ وَراڻِ (ڪ): پٺ پٺرائي - مدد ڪاري - حمايت ڪرڻ.

= وٽِ وراڻُ ڪَرَنُ: سُر وڌائڻ - تائيد ڪرڻ - پٺپرائي ڪرڻ - همت افزائي ڪرڻ. مدد ڪرڻ - ٽيڪو ڏيڻ.

= وٽِ ورائِيُ: پاسو ڪٽڻ - طرف وڃڻ. آڌلائڻ - ختم ڪرڻ - بس ڪرڻ.

● وٽُ ۽ وٽَ: ذ. تورڻ جو ماپو - تورو. پاڪيزگيءَ لاءِ پيشاب ڪرڻ بعد مرد جي آگهڙ کي پيٽر

وغيره سان سُڪائڻ واري حالت. وَر- رکڻ- مروڙ مروٽ- وراکو- آکيڙو. پيٽ جي سور جو وٽ آنتي- ٻيچ. وزن- ڇيپ- تورُ. ڳاڻي جو وٽ ۾ ور- رسي يا لوڙيءَ جو وٽ- وروٽ ڪرڻ- وٽ ڇينڊ.

■ وٽ ۾ تي رَسو ٻَڌڻ: هڪ طرفي ڳالهه ڏيکارڻ- ڪنهن جي مرضيءَ موجب مرعوب ٿي ناجائز طرح ڳالهائڻ.

■ وٽ ۾ تي وُڃائِي ڏِيڻ: جواب ڏيڻ. يڪدم نه ڏيڻ- ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ.

■ وٽ ۾ تي هَلڻُ: مرضيءَ موجب هلت هلڻ.

■ وٽ ۾ چاڙهڻُ: ڳاهه وقت ٻاهر ٽيل سنگ- ڏاندن جي پيرن هيٺان ڏيڻ.

■ وٽ ۾ چِيڙَڻُ: پيشاب ڪرڻ کان ٻوءِ مرداني عضوي کي پٽر سان سڪائڻ.

■ وٽ ۾ ذيڻُ: ڳالهه کي ڦيري ڦاسائڻ جي ڪرڻ- ڳالهه کي ڦيرائڻ- اصليت کي ڦيرائڻ يا لڪائي کوڙ ڳالهائڻ. پوگڙي جو چٽن کي آٽلائڻ پٽلائڻ.

■ وٽ ۾ رَکڻُ: ڳجهه رکڻ- لڪ رکڻ- مخفي رکڻ. وير رکڻ. تيسو رکڻ- بغض رکڻ- ڪينو رکڻ- ڪُپت رکڻ.

■ وٽ ۾ سارَڻُ: وٽ ڪرڻ- وٽ ڇڻڻ. مسلمانن جو پيشاب ڪرڻ کان پوءِ باقي رهيل قُرڻ کي پٽر سان آلت جي منهن تان سڪائڻ.

■ وٽ ۾ ڪَرڻُ: پٽر سان پيشاب ڪيل عضوي تان قُڙا سڪائڻ.

■ وٽ ۾ ڪٽيوڪائِڻُ: تور يا ماپ جي ڳڻي ڪرڻ. ڪوڙا تورا رکڻ.

"اڳهه ڪٽيو ڪاڻجي، وٽ ڪٽيو نه ڪاڻجي."

■ وٽ ۾ نه وجهڻُ: سئو هلڻ- چڱو هلڻ- بهتر روش وٺڻ. ٻئي سان ڪپت نه ڪرڻ- بغض نه رکڻ.

■ وٽ ۾ وٺاءُ: ذ. نفعو- فائدو.

■ وٽ ۾ وجهڻُ: حساب ڪرڻ- مهرباني نه ڪرڻ. رنڀڪ وجهڻ- روڪ وجهڻ- آڪ وجهڻ- ڏڏو وجهڻ.

● وِڙارَڻُ: مصدر. (سن. وِشٹنا. پرا. وِڙان). ڪنهن جانور جو ڪاڏي ۽ وات وجهي ناپاڪ ڪرڻ. ڦٽائڻ- وات وجهي خراب ڪرڻ- ڪاڏي جي شيءِ ۾ ڪنهن جانور جو منهن پوڻ- طعام جوٺو ڪرڻ- پليت ۽ پرشٽ ۽ ميرو ڪرڻ- اوبارڻ. (وڙاريو- وڙاريندو- وڙاريل).

■ وِڙارَ ۽ وِڙارُونُ: ث. اوبر ڪرڻ- جوٺو ڪرڻ- پليت ڪرڻ- خراب ڪرڻ- ميرو ڪرڻ. ڦٽائڻ.

■ وِڙارِيلُ ۽ وِڙارِيلَ: ذ. اوباريل- اوبارو- لُٻيل- ڪائي بچايل- هٿ وڇهي خراب ڪيل- ڦٽايل- وڇايل- اوبر ڪيل- جوٺو ڪيل.

■ وِڙارِي وَڃڻُ. خراب ڪري وڃڻ- لُٻي وڃڻ- اوبر ڪري وڃڻ- ڦٽائي وڃڻ- هٿ وڇهي خراب ڪري ڇڏڻ- لُٻڻ.

● وِڙاڙَ ۽ وِڙاڙُونُ ث. جوٺ- اوبر- پليت- خراب- پرشٽ- ميرو ڪيل.

● وڙاڻُ ۽ وڙاڻَ (ڪ): ث. جوٺ- اوبر- پليت- خراب.

● وڙاڻُ ۽ وڙاڻَ (ڪ): ث. سنباڻ- ڪٽاڻ. پاڇيءَ جو هڪ قسم. ٻنيءَ جي ڪيڙن پيڇ لاءِ ڪاٺ جو سترڪو- وڙهڙُ.

■ وڙاءُ ۽ وڙاءِ: ذ. (سن. وتُ= حصو وڙ). نفعو- فائدو- لاڀ- سوڀاسو- پراپت- ڪٽيو- آپت.

■ وڙاءُ ڪَرڻُ: نفعو ڪرڻ- لاڀ ڏيارڻ- سوڀاسو ڏيارڻ- فائدو ڏيارڻ- ڪٽيو ڏيارڻ- آپت ڏيارڻ.

■ وڙاءُ وارو: ذ. فائدي وارو- فائديمند- سودمند- پراپت وارو- آپت وارو- ڪٽئي وارو- لاڀ وارو- سوڀاسي وارو.

● وڙائِڻُ: مصدر. (سن. وَرْتُ= وڙڻ) وڙڻ جو ڪرم ٻني کان ڪرائڻ- (ڏاڪو دعا جو) پڙهائڻ. وٽ ڏيارڻ- موڙائڻ- (ڏوڙي) پيڇائڻ. لنگهائڻ- گذارڻ- حاصل ڪرائڻ- بدلائڻ. ڦيرائڻ. هلائڻ- وڇڻ. وڙڻ- پرسان لنگهڻ- وکوڙڻ- مروڙڻ. ڦري اچڻ. متائڻ. نم ڏيڻ وقت جيڪي ڪپڙا استري نه ڪيا هوندا تن کي تهه ٻڌڻ. (وڙائيو- وڙائيندو- وڙائيل).

■ وٽيپ ۾ ۽ وٽيپَ: ذ. فائدي ۾ ڳالهائڻ- پاسخاطري- رڀاڻ- پاسي پڪ پات- طرفداري حمايت- مدد- واهر.

Gul Hayat Institute

= وَٽيڻ ۽ وَٽهڻ: ذ. پاسو - طرف - پر - رياءُ - پاسيخاطر. مدد - حمايت - واهر.

= وَٽيڻ ڪَرَڻُ: پاسو وٺڻ - طرف ڪٽڻ - طرفداري ڪرڻ - حمايت ڪرڻ - مدد ڪرڻ - واهر ڪرڻ.

= وَٽيڻِي ۽ وَٽيڻِيُ: ذ. صفت. پڪ پاتي - پ اکيو - رياءِ - پاس ڪندڙ. قدري - ڪڇ قدر - ڏورو - اڻ پورو.

● وَٽيجَڻُ: مصدر. وَتُ اچڻ. وکوڙجڻ - ورائڻ - وکوڙڻ - موڙڻ - سروڻ - پيچڻ - وراکو ڏيڻ - پيچ ڏيڻ - وَرُ ڏيڻ - آکيڙو ڏيڻ - مُڙڻ. (وڙي) پيچڻ. حاصل ٿيڻ.

● وِٽِرَڻُ: مصدر. ڪير جو خراب ٿيڻ - قِٽڻ.

= وِٽِرجَڻُ: مصدر. آئُٽو ٿيڻ - چُٽو ٿيڻ - آنو ٿيڻ - پليت ٿيڻ - آلودو ٿيڻ. آلو ٿيڻ - نمناڪ ٿيڻ - بدبُوءِ ڪرڻ - خراب ٿيڻ - ميلو ٿيڻ. (هندوءِ جو) ذات نيات وڃائڻ.

= وِٽِرو ۽ وِٽِرا: ذ. وٽارو - جوئو - اوهارو (ڪ). آهي ٽانو يا برتن جي ڪائڻ ڪان پوءِ ٻنان ڏوئڻ يا آڇلائڻ جي رڪي ڇڏجن.

● وِٽڙَڻُ: مصدر. چرڙ ورڙ ٿيڻ - (ڪير) ڪٽو ٿيڻ. ڦاٽڻ - خراب ٿيڻ. ڦسڻ - اڌڙڻ - چُٽڪڻ. پکوڙڻ - ڳرڻ. جوش ڪائڻ. خراب ٿيڻ. سُڇو ٿيڻ - گم ڪرڻ. (وڙيو - وڙندو - وڙيل).

= وِٽڙِجَڻُ: مصدر. ڪير جو خراب ٿيڻ - ڦٽڻ - ڦاڻي پوڻ.

● وٽڪَ ۽ وٽڪُوڻُ: ث. هُنڊيءَ جو هڪ قسم. آهو ڪاغذ جنهن تي پلاوٽي ڪي لکي موڪلجي ته منجيل مال مان چا آمدني ٿي آهي.

● وِٽِرِي (ڪ): اسم خاص. پرت جو هڪ قسم.

● وَٽَڻُ: مصدر. (سن. وَرْتُ = وٽڻ) وکڙ ڏيڻ. پيچ ڏيڻ. ڪمائڻ - فائدو حاصل ڪرڻ - لاپ - آپراسو. آپائڻ - ڪٽڻ - پرائڻ - وت ڏين (نوڙي) پوڻ - موڙڻ - چڙڻ - ڳڏيڻ. ڪُٽڻ. نوڙڻ. حاصل ڪرڻ. مهٽو ڏيڻ - سروڙڻ. منارڻ - ويڙهڻ - پُسائڻ - آلو ڪرڻ - هريو ڪرڻ. ونڊڻ - ورهائڻ - حصا ڪرڻ. ڏيڻ. (وڻيو - وڻيندو - وڻيل).

= وَٽيڻُ ۽ وَٽيڻِ: ذ. هڪ گهڙيل ڪاٺي، جنهن سان ڏاڪو وڻجي. نندي پار ڪي ڏانئن جو اڇڻ. ميسّر - حاصل ڪرڻ جهڙو - ماڻ وارو - دستياب - فائدي وارو - لاپ وارو. ڏاڳي وڻڻ جو اوزار - ڪُٽڪُلي. نفعو - آپت - ڪٽيو - پراپت - لاپ - آپراسو - ڪٽڻ - ڪمائڻ - پرائڻ. (صفت). وٽڻ جهڙو. گيت جو هڪ قسم (جو گهٽو ڪري هوليءَ ۾ ڳائيندا آهن).

= وَٽيڻِيُ: ث. وٽڻ جو ڪم.

● وَٽوُ ۽ وَٽا: ذ. (سن. وَتُ = ورهائڻ) ڪَنجهي ۽ ڪُٽ مان ڪهيل ٽانو جو هڪ قسم - ڪٽورو - پيالو. وٽيل ڏاڳي جو ٽُڪر، جو ڪَن يا نڪ ۾ ٽوپڙ وقت وجهجي. (پرا. واتّ: سن. وارتّ) هنڊيءَ جي لاٽ - ويساج. مٺا سٽا ڪرڻ وقت ڏنل عيوض. (واهاري واڌاري جو لفظ) تفاوت - فرق - اڻڪل - لاٽ. (هنڊيءَ تان) ويساج جو قسم. حساب جو قير. قيش مان ڪاهيل چلو (جو آڻ جي نڪجي چونٽيءَ ۾ سوگهو ڪري پوءِ ان ۾ مهار پڏجي). داغ - الزام - ٽڪو. وزن ڪرڻ جو ماڻ - وَتّ - تورو.

= وَٽهي ڪاٽهي: ظرف. نقصان ۾ - ٻنا مطلب جي. نڪمو - ناڪام - نڪارو - نڪارُ - ڪين ٿيو - ٿُوٽُو - بيڪارو - اجايو - فضول - اڪيارٿو - ورٿو - وِرتو - رائيگان.

= وَٽهي وارو ماڻهُو: ذ. جيڪو واپاري بازار جي نرخ ڪان مٿي ڪَسُ ڪائي، اڌار پُسا وٺي يا هُنڊيءَ ۾ مال جي فروخت ڪري.

● وَٽورَڻُ: مصدر. ڪٽي ڪرڻ - گڏ ڪرڻ - ميڙڻ - گڏي رکڻ - ميڙي چونڊي رکڻ - سَٽَ ڪرڻ. ڪاٽ ڪي واهواسي سان صاف ڪرڻ - گوڙڻ - ڪاٽ ڪي لَسو ڪرڻ.

= وِٽورَ ۽ وِٽورُونُ: ث. ميڙ - ڪَٽِ - ڍوڙي - اوڪڙا - اوڳاڙي - چنڊو.

= وِٽورِيُ وِجهَڻُ: غرق ڪرڻ - هڙپ ڪرڻ - گهيهڻ - هضم ڪرڻ - (پيٽ ۾) لنگهائي وجهڻ.

● وٹوڑ ع و ٹوڑ: ذ. پترن پیچ لاء کاٹ جي دکھي گھن سان کاٹ جو مترکو - پترن پیچ لاء کاٹ جو اوزار - وٹوھڑ.

● و ٹون: کان - وٹان تان - پاسي مان - پرسان - تو وٹان - ان کان - ھن کان. نزدیک - ویجھو.

● وٹوھیڑ ع وٹوھڑ: ذ. کٹڑن یا پترن پورڻ لاء کاٹ جو اوزار. وٹار - وڏاڻ - ھٹوڑو - کاٹ جو مترکو.

● وٹوٹو ع وٹوٹا (ث): ذ. رگیل ریشمي کپڑي جو ٹکڑو جنھن ۾ سوپاریون ڦوڻا وغیره وجھي سالي پیٹوٹي کي ڏئي.

● وٹھڑ ع وٹھڑ: ذ. کاٹ جو ٹھیل وڏو گھرو مترکو - وڏاڻ - گھن - وٹوھیر. مال تورڻ لاء تورن بدران وڏل بار. آھن.

● وٹي ع وٹیون: ث. ٹامي یا کنجھي مان ٹھیل ننڍي ٽانڊو جو ھک قسم - پیالي - تاسري - کٹوري - ننڍڙو وٹو. (سن. وَرْتي). انڊي - کني - کنار - وٹ - ننڍڙو وَٹ - وزن کڻڻ جو ننڍڙو تورو.

= وٹي وجھڻ: کوڙو وٹ وجھي ٹڪي ڪرڻ. برخلاف ٹیڻ - خلاف وڃڻ. ویري ٹیڻ - دشمن ٹیڻ - دشمني ڪرڻ. کوڙو وٹ ڪر آڻڻ - کوڙي تور ڪرڻ. چیھو پھچائڻ - نقصان ڪرڻ - ضرر رسائڻ. رندڪ وجھڻ - اَڪ وجھڻ - ڦڏو وجھڻ. (ک).

● وٹیو: ذ. (سن. وَٹ = حصو وڻڻ) فائدو - نفعو.

● وٹیجي: اسر خاص. ضلعي ٺٽي ۾ ھک ڳوٺ جو نالو.

● وٹ ع و ٹون: ث. جھڻ یا کڻڻ واري حالت - (سن. آٹ = ڏک ھڻڻ) مصیبت - تکلیف - ضرب - ڏک - پیڙ - بد دعا - آپدا - مار - آفت. گرفتاري - ضبطي. جھڙپ. قھر - ظلم - کوپ. پکڙ پچاڙ - جھل.

= وٹ ٻیگر: وٹ پڄان. وٹ پڄ - ھر ٻلڻ - ھٹر ھٹر - اُبھرائي - تکڙ - تعجیل - اچائي ھٽنگ تیرکان. اچائي تکڙ. آترویلا.

= وٹو ع وٹا: ذ. ورتو - خرید کیو - ڳڏو. پکڙیو - جھلیو - ڳاٹو - ڳاھو ٽیو.

= وٹیي ع وٹیون: ث. ورتي - خرید کئي - گڏي. جھلي - پکڙي - ڳاھو کئي.

= وٹ ٻاجا کٹرڻ: سختي کرڻ - ڏاڍ کرڻ - زور کرڻ - زبردستي کرڻ - تکلیف ڏیڻ - اھنج ڏیڻ - دب دٻاءُ رکڻ.

= وٹپڄ ع وٹپڄ: ث. اچائي تکڙ - ھرھلڻ - ھنگ ترکان - سیکھ - جلدائي - تڙ تکڙ.

= وٹ پڄان: ظرف. تمام جلد - تکڙو - پڄ پچان.

= وٹ پڄان کرڻ: تڙ تکڙ کرڻ - جلدي کرڻ - ھٹ وٹ کرڻ - سیکھ کرڻ - پڄ پچان کرڻ.

= وٹ پویس: مصیبت پویس - آفت کا اچیس - بد دعا کا لگیس - ظلم ۾ پویس - چٹي پویس - نقصان پویس - چیھو رسیس.

= وٹ جو نہ ھٹئي: ھٹ ۾ پرجڻ - تکبر ۾ پوڻ - آکڙ ۾ پوڻ - وڏائي ۾ پوڻ - قولڊ ۾ اچڻ - مگر ۾ پوڻ.

= وٹ کرڻ: پکڙڻ - جھلڻ - دبائڻ - ھیسائڻ - تنگ کرڻ جُلھ کرڻ - حملو کرڻ - آچل کرڻ.

= وٹ وڻان: تکڙ ۾ - تمام جلد.

= وٹ وٹ کرڻ: یکدم کر ۾ جُنبي وڃڻ - ھمت کرڻ - مدد کرڻ - پڄ پچا کرڻ - جھٹ پٹ کرڻ - اٹورچ ٽي لڳڻ - پوئتي نہ موڙڻ.

= وٹ وٹ لڳڻ: تکڙ کرڻ - سیکھ کرڻ - جلد کرڻ - جھٹ پٹ کرڻ - پڄ پچان کرڻ - ھٹ وٹ کرڻ.

● وٹ ع و ٹون: ث. (سن. وِشْتا) پکيءَ جو گونھن. پکین جي کرفتي - پکيءَ جو گند - پکيءَ جو ٹسورو - پکيءَ جو پائخانو - پکيءَ جو چیٹو.

= وٹ کٹیڻ: سزا ڏیڻ - تکلیف ڏیڻ - سیکٹ ڏیڻ - اھنج ڏیڻ - ایذاءُ ڏیڻ - لوڙائڻ. ھلاک کرڻ - محنت وڻڻ - سخت پورھیو کرائڻ - سجو ڏینھن کر ۾ پیڙھ.

Gul Hayat Institute

= وَيَ وِيَنُ: خراب گهالهائڻ - بد شد گهالهائڻ - گند و گهالهائڻ. حق پريو چوڻ - صاف چوڻ - ظاهر چوڻ.
● وَيَاٽُ ۽ وَيَاٽا (ڪ): ذ. سُنت - طُهر - ختنو.
● وَيَائِنُ: مصدر. (سن. وَرْدَ) وڌڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. کپائڻ - چيرڻ - قاڙڻ - ڪترڻ - گهائڻ. چانگڻ - چنڊڻ. (وياڻيو - وياڻيندو - وياڻيل).
= وَيَاڻِيُ ۽ وَيَاڻِيُونُ: ث. ڪاٽ وغيره وڌڻ جي مزوري يا خرچ.
= وَيِ جَنُ: ڪچڻ - چيرجڻ - قاڙجڻ - قاڻجڻ - ڪترجڻ.
● وِيِرَ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ ڏيهه جو نالو.
● وِيِرِيُ: اسم خاص. تعلقي ٻدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَيَنُ: مصدر. (سن. وَرْدَ) ڪپڻ - ڪترڻ - ڪاٽڻ. (ڏُنهن) لاهڻ - ڪپڙا (ويڙڻ). گهائڻ - چيرڻ - قاڙڻ - وڏي رکڻ - چهڪ ڏيڻ - چاڪ ڪرڻ - قطع ڪرڻ. فيصل ڪرڻ. ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ. (ڪن) ڏڻا ڪرڻ. (ڏندي ۾ ڪنهن کي) اڇائڻ. (وڏيو - وڏيندو - وڏيل).
= وَيِڙِيُ (ڪ): چُري - ڪَپُ - چاڪو - ڪاتي.
= وَيِيَلُ ۽ وَيِيَلَ: وڻ جي ٽاري يا نڙ جو پنهنجي اصلوڪي هنڌ کان جدا ڪيو ويو آهي.
= وَيِنِ ۽ وَيِنِ (ل): ذ. تمام گهڻو سُور - پيٽ ۾ اهنج - پيٽ ۾ وِيُ - پيٽ ۾ وڪڙ پيٽ ۾ وَٽ.
● وَيُوُ ۽ وَيَا: ذ. نشان - داغ - چِٽو - ڏَهبو.
● وَيُهوُ ۽ وِيهَا: ذ. چير - چهڪ - جهير. نشان - داغ - چِٽو - ڏهبو. همياڻي.
● وَيُولا: ذ. زناني زيور جو هڪ قسم.
● وِيُهَڙ: اسم خاص. تعلقي گهوڙا هاريءَ ۽ تعلقي ٻدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وِيهِ جاگِيرُ: اسم خاص. تعلقي ٻدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَيِيُ ۽ وَيِيُونُ: ث. چمڙي جي پٽي - چمڙ مان ٺهيل ڪشو يا نوڙي. ڏڌ وڙڻ لاءِ منڊي ڪي قرائيندڙ چمڙ جو ٽڪو. چمڙي جي ڏوري. رشوت - لسا - ڪِڦو. وڏيل يا ڪٽيل سَسِي.
= وَيِيءَ آگَر تهي نه سگهَنُ: نيرد پائي - مدد نه ڪرڻ.
= وَيِيُخورُ ۽ وَيِيُخورَ: ذ. صفت. رشوتي - رشوت خور - رشوت وٺندڙ - لَبِي - لُبهَرُ - وِدر - ڪِڦر - وِيخور - هٿسي جو پٽ.
= وَيِيُونُ وِجهَنُ: ور وڪڙ وجهڻ - وَٽ وجهڻ - پيچ وجهڻ. طعنا هڻڻ - اولانبا ڏيڻ - ڏوراپا ڏيڻ. سور اهنج ڏيڻ - ڏک ڏيڻ - ايذاءُ رسائڻ.

Gul Hayat Institute

ـ وَيِي هٽڻ: رشوت ڏيڻ ـ لوپ ڏيڻ ـ ڦڦو ڏيڻ ـ پئسو آڇڻ.

● وَيَيار: ڀڪرين جي جنسن جو هڪ قسم، سنڌي ۾ ٿري نسل جو ميلاپ.

● وِيڑو: اٻا ڪاڻي جا ڀڪرين جي ڦر ڪي وات ۾ ڏاڙن ڪان روڪڻ لاءِ ڏجي.

● وَرُ: اسم خاص. تعلقي جاتي ۽ تعلقي ميرپور خاص ۾ ديهن جا نالا.

● وَر: مدد ـ حمايت ـ همراهي ـ همٿ ـ مددگاري.

● وَرُ ۽ وَرَ: ذ. (سن. وَرُ = مڙس چونڊڻ) مڙس ـ خاوند ـ گهوٽ ـ پتار ـ وردان. پتي ـ ڪانڊ. گهر وارو ـ مالڪ ـ والي. (سن. ورُتَ = ڦيرڻ) ڏنڪ ڦيڙ ـ وڪڙوٽ ـ ايچ ـ ڦير ـ ڦندُ. وات ـ راهه. ونڪ ـ وراڪو ـ وٽُ ـ مَروٽ ـ مَروڙ ـ سَهٽُ ـ جهڪ ـ ولو ـ گهمتاري ـ چڪر ـ گردش. گيڙو ـ ڦيراڻي ـ وراڙو ـ ويڙهو ـ (تلاءُ جو) ٽارو ـ گهنڊي ـ ڪاڪُلُ (وارن جي). (سن. وَرَ) مهرباڻي. ڪنهن ديوتا يا مهاتما جي آشيرواد سان حاصل ڪيل ڪا خاص طاقت يا ڪامياڻي. بخشش ـ دان ـ آشيرواد ـ آسيس ـ تبعت. (ڪپڙن جو) نمبر ـ انگ اکر. اڳهندي ـ هاڙي ـ دلبو ـ دوهه ـ ڏڳي. (سلوار جو) وَرُ ـ گهُنج ـ ور ڪڍڻ ـ سٽڻ جو ڪُنجڙ. وات جو ور. واڌ جو ور ـ واڌ جو ور ـ درياءَ جو ور ـ ڪاڻيءَ جو ور ـ پٽڪي جو ڦيريل ور ـ ڏنگو ور. انجام ـ قول ـ بول ـ وچن ـ عُهد. شڪاري ماڻهو شڪار کي چوڌاري ڦري اچڻ. نصيب ـ ياڳ ـ قسمت ـ بخت. مَرُ ـ پلي ـ چڪي. شل اڻن ٽڻي. چڳو پيلا. (سن. وَرُ = چونڊڻ) ڪپڙي يا ٻئي ڪنهن وڪر جو خاص قسم (جو خلقت کي پسند هجي). (سن. وَرَس = بهتر) بهتر ـ چڳو ـ آتر ـ سرس ـ نهايت ـ چڳو ـ سنو ـ اوڪهو ـ اوچو ـ موچارو ـ عمدو ـ مڙو ـ چوڪسو ـ شپ ـ آتر ـ اعليٰ. مالڪي واري ڀڃاڙي ڏيڪاريندڙ لفظ: "ناسُوَرُ، هوشوَرُ" وغيره.

ـ وَرُ پَڇڻُ: ٺڪر وڍڻ. رستو ڪاڻڻ ـ راهه جو ڦيرو ڪڍڻ ـ رستي جو وڪڙ پڇڻ. ٽوڙو وَيُ ڏيڻ.

ـ وَرُ پَتُوڻُ: ڏنگ پوڻ ـ وڪڙ پوڻ ـ ڦير پوڻ ـ پيچ پوڻ ـ وٽ پوڻ ـ ونگ پوڻ. ڪنڌ ۾ سُور پوڻ ـ اهنج پوڻ. ڏڪيڙ پوڻ ـ ڀڳاڙو پوڻ ـ ڦڏو پوڻ. هٿ اچڻ ـ حاصل ٿيڻ ـ قبضي ۾ اچڻ ـ قابو ۾ اچڻ. قابل. آگاهه.

ـ وَرُ چڙهَڻُ: قابو ۾ اچڻ ـ هٿ چڙهڻ ـ هٿ اچڻ. هٿ ۾ اچي وڃڻ ـ مُٺيءَ ۾ اچڻ ـ قبضي ۾ اچڻ ـ طاقت هيٺ اچڻ.

ـ وَرُ چَوائڻُ: ور ڪڍڻ يا ور ڪُنجڙ ـ جڏهن تڪڙو پنڌ ڪجي تہ سهولت لاءِ ڪانچ (سٽڻ) جا ور ڪُنجيجن. (هندن) ۾ سويمبر جي رسم موجب مڙس چونڊڻ.

ـ وَرُ ڏاڍڻُ: سمجهائڻ ـ هوشيار ڪرڻ ـ سجاڳ ڪرڻ ـ خبردار ڪرڻ ـ آگاهه ڪرڻ.

ـ وَرُ ڏيَڻُ: آسيس ڏيڻ ـ آشيرواد ڏيڻ ـ وعدو ڏيڻ ـ انجام ڏيڻ ـ وچن ڏيڻ ـ بول ڏيڻ ـ قول ڏيڻ ـ سُخن ڏيڻ.

"ويچارِي ڏِي وَرُ، ناهي پير پُنهون جو"
(آهري ـ شاهه).

ـ وَرائِيتوُ ۽ وَرائِيتا: ذ. صفت. ورن وڪڙن وارو ـ ڏنگو ـ ڦڏو. نانگ جهڙو. ور ڪندڙ ـ پلائي ڪندڙ ـ لائق.

ـ وَرائِيتِيُ ۽ وَرائِيتِيُونُ: ث. شادي ڪيل زال ـ پرڻيل زال.

ـ وَرُ ڪَرَڻُ: ڪنهن (زال جو) مڙس ڪرڻ ـ گهوٽ ڪرڻ ـ ڪانڊ ڪرڻ ـ پتار ڪرڻ. شادي ڪرڻ. گهيرو ڪرڻ ـ ڦيرو ڪرڻ (رستي ۾). گهمڻ يا ملاقات ڪرڻ. مهرباڻي ڪرڻ ـ پلائي ڪرڻ.

ـ وَرَ ڪَنڊُ: ڏوهو ٿڙو ڏيڻ. سٽڻ جا پانچا مٽي ڪرڻ ـ سلوار ڪُنجڻ. جهيڙي لاءِ تيار ٿي اچڻ ـ ڦڏي ٻاڙي ڪرڻ. رڳڙي ٻاڙي ڪرڻ.

ـ وَرُ گهرَڻُ: مراد چاهڻ ـ دعا گهرڻ ـ تمنا ڪرڻ. سڪا ٻاڌڻ.

Gul Hayat Institute

ـ وَرُ گھوڑو (ث): گھوٽ جي اعزاز ۾ سازيندڙ طرفان ملهايل رسم.
ـ وَرُ لاهڻ: سڏو ڪرڻ ـ سنئون ڪرڻ ـ ڏنگ ڪيڻ ـ وِنگ ڪيڻ ـ قيرقار ڪيڻ ـ ڇڏڻ.
ـ وَرَ ۾ آڇڻ: قندي ۾ اڇڻ ـ قبضي ۾ اڇڻ ـ هٿ چڙهڻ ـ قابو ۾ اڇڻ.
● وِرِ ع وِرَ: ذ. زخم ـ ڦٽ ـ گهاءُ. چتر ـ ڪنڊ (ماس ۾) ـ اهو ڦٽ جو ماس جي اندر ڪان ڪائيندو وڃي. بعض ـ ڪوٽ. جبل جو سڃو پاڳو (جنهن ۾ پٿر ڪارا ۽ سنهيون سنهيون ڪانئيون هجن، آتي آٿ جي لهه چڙهه لاءِ سخت ڏکيائي ٿئي).
● وِراٽ: جڳت جو مالڪ. هندستان ۾ تجليدار هڪ ضلعو.
● وِراٽَ ع وِراٽَتُونُ: ث. (ع. ورث)، وراهيل ملڪيت ـ وراهيل مال ـ وراهيل سوڙي ـ ملڪيت پائڻ.
● وراڇڊِ آپيرنٽس: ڪڙيل يا ردي ٻولي. سنڌي ٻوليءَ جو قديم نالو.
● وِراڊ: ث. زخم ـ ڦٽ ـ گهاءُ ـ ناسور.
● وِراڊجڻ: مصدر. ڪاوڙجڻ ـ وِروڊجڻ ـ ڪِروڌ ۾ اڇڻ. ڪاوڙ ۾ اڇڻ ـ غصي ۾ اڇڻ ـ ڏمرجڻ ـ تکرارجڻ. (وراڊيو ـ وراڊيندو ـ وراڊيل).
ـ وِراڊَلُ ع وِراڊَلَ (ت)؛ ذ. ڏاڍو ڪاوڙيل ـ ڪڙيل ـ ڪِتل ـ رُنل ـ آڪڙيل.
ـ وِراڊو ع وِراڊا: ذ. صفت. ڪاوڙيل ـ ڏمريل ـ چيڙيل ـ شوخ ـ تتل ـ سخت. گهُوريل.
● وَراڙو ع وَراڙا: ذ. ورڻ وارو ـ وراڻتو ـ نانگ ور. سَپ جهڙو ـ انگڙونگڙ ـ ورُ ور ـ وراڙو ـ ويڇدار ـ وَڪڙو ـ ويڇيدو ـ ڏنگو.
● وِراڙ ع وِراڙُونُ (ڪ)؛ ث. جُوءِ ـ جاءِ ـ هنڌ ـ ماڳ. مال جي چاري واري جڳهه ـ سيمهه ـ سير.
ـ وِراڙو ع وِراڙا (ڪ): ذ. صفت. جوئياتو ـ ٽانيڪو ـ هنڌائتو ـ ماڳائتو ـ وانڍو.
ـ وِراڙِيُ ع وِراڙِيُونُ: (ڪ)؛ ث. جُوءِ ـ جاءِ ـ ماڳ ـ هنڌ ـ وِراڙ. آس پاس ـ پسگردائي ـ چوگرد. (ڪ).

● وَراڙو ع وَراڙا: ذ. اوراڙو ـ ولاڙو ـ واهرو. ٽولو ـ گروهه ـ جماعت.
● وَراڪَڻُ: مصدر. وراڻ ـ وکوڙڻ ـ موڙڻ ـ مروڙڻ ـ وڻڻ ـ وراکو ڏيڻ ـ وٽ ڏيڻ ـ (لوڙي) ويڙ ـ ور ور ڪرڻ. ڇلا ڪُنڊيا ڪرڻ. ويڙهڻ. (ٻاڻ ڪي) ويڙهڻ ـ سيڙهڻ ـ لپيٽڻ. (وراکو ـ وراکيندو ـ وراکيل).
ـ وَراڪَ ع وَراڪُونُ (ڪ)؛ ث. ورُ ـ وکڙ ـ وٽ سٽ ـ موڙ ـ سوڙ ـ مروٽ ـ پيچ ـ ويڙهه ـ لپيٽ.
● وَراڪو ع وَراڪا: ذ. وٽ ـ ورُ ـ پيچ ـ مروٽ ـ مروڙ ـ وکڙ ـ آکيڙو ـ مهٽ ـ ڦيرو ـ ولو ـ گهمتاري ـ چڪر ـ گردش ـ گيڙو ـ ڦيراڻي ـ وراڻو. رستي جا ڏنگ يا وکڙ ـ ٻيچرا. جهمکو ـ تجلو ـ چمڪو. لاڳاپو ـ واسطو. ڊڪ ـ پناهه. (غريب ماڻهو سيءَ ڪسان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڊنگر گڏ ڪري انهن تي ڪک وجهن تہ چون تہ سيءَ جو وراکو ناهيو اٿئون). ويڙهو ـ هجوم جنگل ـ وڻ جو جهڳٽو.
● وِرانگهتَ ع وِرانگهُونُ: ث. ٻرانگهه ـ قدم ـ وک.
● وَرالَ ع وَرالَونُ: ث. ڪولا ـ ڪولا ـ ڊونڊ ـ ڪولهه.
● وِرانڊَ ع وِرانڊُونُ: ث. (سن. آهرهڻ). صبح ـ سويل ـ ساجهر ـ پرهه ڦٽي ـ ڪاڪ ڦٽڻ جو وقت. فجر جو وقت. منجهند ـ ٻيهر. ٻيرانبه ـ سانجهي. اڳين جو وقت. ٽهر. مرض ـ بيماري.
ـ وِرانڊو ع وِرانڊا: ذ. آڳڻ ـ آڱڻ ـ آڳر.
ـ وِرانڊو ٿِيُ وَڃڻُ: ٽهريءَ جو وقت ٿي وڃڻ ـ منجهند جو وقت ـ اڳينءَ جو وقت.
ـ وِرانڊِيُ: ٽهريءَ جي ماني.
● وِرانڊِيَ ع وِرانڊِيُونُ: ث. ٻهر ـ منجهند ـ آڏ ڏينهن ـ ٻنهرن جو وقت ـ سڏيهان. ورانبي ـ مانجهاند و ـ پوجاڙي ـ شام جو وقت. (ل ـ ڪ).
ـ وِرانڊِيَ ٿِيُ وڃڻ: ماڻ ٿيڻ ـ چپ ٿيڻ.
● وِرانگٽ ع وِرانگٽُونُ: (ڪ): ذ. ٻرانگ ـ قدم ـ وک چال ـ ٽپو ـ ٻِڏُ.

Gul Hayat Institute

● وَرانُوَنِ (ت): ذ. مهر - پاڇهه - رحمت - فضل. مِينهن پاڻي ڏيڻ - سک سلامتي ڏيڻ. سيلاب ڏيڻ.

● وَرانِ ع وَرائِيشُونْ: ث. (سن. آرْوَرَ تَرْ) واڌ - واڌارو - چاڙهو - سرسي - سُڪار - وسندي. سمپدا - سمپت - فراخي - برڪت - مهربهر. اقبال - طالع - وڏهتي - سڌائي - ڪيرپُٽ. سستائي - ويجهه - آسودگي. سُک. سُڪارُ. وسندي. آکهه - ڪتب - نُسک - ويڙهي - مائتي - پاڙو - قبيلو. موت. آتل - واپسي - ورندي - جواب - وراکو. ڪوهستان ۾ پرت جو هڪ قسم. ڪيڙ جو دنگ جنان هاري جوڙو ورائيندو آهي. (ل). ڪتائن - ڪتائي - ترشي - تلخائي. ويجهه - آسودگي - خوشحالي.

"آئي ٽي وران ڪيئن واڌائيون آئيون"

(مارئي - شاهه).

- وَراڙُ ع وَراڙا: ذ. ڪنهن ڳالهه کي دوباره ڪرڻ - ٻيو ڦيرو ڪرڻ - ڦيرو ڪرڻ. آها جاءِ جتان هڙ ۾ ٻدل ڏاندن کي ورائجي يا موٽائجي.

- وَراڙُ ڪَرڻُ: جهجهائيءَ ۾ اچڻ - ستو ۾ اچڻ - گهٽائيءَ يا واڌ ۾ اچڻ. برڪت پوڻ.

- وَراڙِي ع وَراڙِيشُونْ: ث. (سن. وَرْت = ڦرڻ) جواب - ورندي. آتر. (مهيني جي) يارهين (تِٿ)، جنهن تي پاڻيا نڪي ڪير ولوڙين ۽ نڪي وڪڻن. يارهين جي ڏينهن جهڪ نه جهڪڻ - ڏڪڻ نه ولوڙڻ. مانيءَ آٽلائڻ جو اوزار - ڊڦڻي - ڦڦڙي.

- وَراڙِي وَراڙِيْ: ورندي ڏيڻ - جواب ڏيڻ - آتر ڏيڻ.

- وَراڙِيشُونْ ڏِيڻُ: جواب ڏيڻ - ورندي ڏيڻ.

- وَراوَنِ (ت): موت - واپسي. فائدو. بيماريءَ جو آهستي آهستي چڏڻ - بيماريءَ جو ڏيرو ٿيڻ. شروعات.

● وِراهِيڻُ: مصدر. وکرائڻ - وائڻ - ونڊڻ - ورڇڻ - تقسيم ڪرڻ - ڦاندڻ - پتي ڪرڻ - حصو ڪرڻ - پاڳا ڪرڻ - ورهاست ڪرڻ. (وراهيو - وراهيندو - وراهيل).

● وَرائِتو ع وَرائِتا: ذ. صفت. ورارو - وراڙو - انگڙ ونگڙ - ورن وارو - وڻائتو - ٻيچ وارو - وت وارو - ڏنگ - وارو - ڦير وارو. ڏانگ ور - ڪاڪُل. واري ۾ يا ساهيءَ ۾ چڏيل (زمين). گاڏڙ ساڏڙ - متفرقو - چوڻڪو - واريءَ تي - ڦيري تي - چڪر تي - گردش ۾.

- وَرائِتِي ع وَرائِتِيشُونْ: ث. ورواري - ڪاندواري - پتارواري - مڙس واري - ٻنيءَ واري - پرڻيل عورت - آها زال، جنهن جو مڙس جيئرو هجي - سها ڪئ.

● وَرائِنْ: مصدر. (سن. وَرْتَ = ڦرڻ) ڦيرائڻ - گهيرائڻ - ڏنگائڻ - وڻائڻ. پوئتي موٽائڻ ۽ واپس ورائڻ - واپس ڪرڻ. (دروازو) آٽلائڻ - پٽلائڻ - بند ڪرڻ. چڪتو ڪرڻ - حساب ڪتاب لاهڻ - صحيح ڪرڻ - برابر ڪرڻ. نه. قبولڻ - ڏيلڻ. نظرانداز ڪرڻ - نامنظور ڪرڻ - رد ڪرڻ. لپيٽڻ - ويڙهڻ. ڏيڪ - ٻيٽو ڪرڻ (ڪپڙو وغيره). وکوڙڻ - گهيرڻ - گهيري ۾ آڻڻ - جهلجڻ. موٽائڻ. چوڌاري ويهڻ (ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ).

"آڻ آريءَ چار جا وٺي آڻون وراياں"

(شاهه).

(ورايو - ورائيندو - ورائيل).

- وَرائِيُو: ڦيرو - گهمرو - گول ڦيرو.

- وَرائُوڪُتو (ت): چالاڪ - هوشيار - سياڻو - ڏاهو.

- وَراوا ڪُتا: تڪا پڇندڙ شڪاري ڪتا، جي سُئر کي ورائين.

- وَرائِي: ظرف. واپس - موٽائي - موٽي - وري. (حرف جر) سواءِ.

- وَرائِي وَنڻُ: واپس وڻڻ - موٽائي وڻڻ - آٽلائي وڻڻ. وري وڻڻ.

- وَرائِي وارُ وِجهڻُ: دوباره ڪوشش ڪرڻ - ٻيهر سعيو ڪرڻ - وري آنهيءَ ڪر کي ڪرڻ جو سعيو ڪرڻ يا موٽي آنهيءَ ڪر تي اچڻ.

● وَرائِي: سواءِ - بنا.

● وَرْتَ ع وَرْتَ: ذ. (سن. وَرَتْرا) نوڙي - رسي - وايُ - واجهه - رسو - نوڙ. چمڙي وٽيل رسي

Gul Hayat Institute

جنهن سان ڪوهه مان پاڻي ڇڪي ڪيڻ. ڇ جو ڊگهو رسو- نيتو- سيت.
= وَرْتَوُ ۽ وَرْتَڙا: ذ. ٽلهو رسو- نوڙ- واجهه- واد. (ث. وَرْتَڙِيُ ۽ وَرْتَڙِيُونُ) سنهي رسي.
● وِرِتُ ۽ وِرِتَ: ذ. (سن. وِرِتَ) ڪنهن به ڏرمي ڪر لاءِ (آرادو). سنڪلپ ڪرڻ. روزو- لنگهڻ- اُپواس.
● وِرِتِ: ث. (سن. وَر (ي) ت = جيئن، يا باقاعده هلڻ). ڪن ماڻهن جو مجموعو جن وٽان ڪنهن برهمڻ ڪي مقرر ٽيل لوازما وٺڻ جو حق هجي). پرهيز- آلپ هار. (هندن ۾) برهمڻن جو ڏڻ پٽ. برهمڻن جو لاڳ. وظيفو. وڏي ڏيڻ. شادي يا غمي جي ماني وقت پٽ وغيره وڏي ٿانو ۾ وجهن، پوءِ گهر ڪٽي وڃن.
= وِرْتُ رَکَڻُ: روزو رکڻ- اُپواس رکڻ- لنگهڻ ڪيڻ- پرهالي رکڻ.
= وِرْتِيُ روزائتو- اُپواسي. وِرت. متن جو لاڙو. دل جو جهڪاءُ.
= ورتِيسْتَرُ: ذ. صفت. وِرت وارو. ورت جو مالڪ. اهو برهمڻ جنهن ڪي باقاعدي لاڳ ملندا هجن.
● وَرْتا: ث. گفتار- ڳالهائڻ.
= وَرْتارو ۽ وَرْتارا: ذ. (سن. وَرْتَن). هلت- ڍنگ- چال- چلت- ورتاءُ. نمونو- طرز- طرح. گذارو.
● وِرْتانتِ ۽ وِرْتانتَوُنُ: ث. (سن. ور (ي) تانت). خبر. بيان. آکاڻي. تاريخ- ڪيفيت- اِتهاس- داستان- (شاهه) نامو- جيون چرتر- سوانح عمري- جنم ساکي.
● وَرْتائِڻُ: مصدر. (سن. وَرْت = هلڻ). ڪر آڻڻ. ورهائڻ- ورڇڻ- تقسيم ڪرڻ- ونڊڻ- پکرو ڪرڻ- حصو ڪرڻ- پتي ڪرڻ- پاڻ ڪرڻ. ونڊ ڏيڻ. جيئارڻ- جيئرو رهڻ. ڪر آڻڻ- ڪتب اچڻ- ڪر اچڻ- آڏ واچڻ استعمال ڪرڻ- واپرائڻ- پيئڻ. ڪر سڌائڻ. (ورتايو- ورتائيندو- ورتايل).
● وَرْتا: ڪر- مشغولي.
● وِرْتائِڻُ: مصدر. ڪاوڙائڻ- رنجهائڻ- غصو ڏيارڻ.
● وَرْتيتا (ث): چنچر يا زحل جو گرهه.
● وَرْنِجَنُ: مصدر. ورهائجڻ- ونڊجڻ- ورڇجڻ- ڀانڊجڻ (ڪاڏي وغيره جي). مدد ملڻ. ظاهر ڪرڻ.
● وِرْتَلُ (ڪ): ڪڪ ٽيل- ٻيزار ٽيل.
● وَرْتِمانُ ۽ وَرْتِمانَ: صفت. (سن. ورَتُ = هلڻ). چالو- هلندڙ. ورتمان ڪال (گراسر). زمان حال- هلندڙ وقت- موجود- حاضر- هلندڙ.
= وَرْتِمانُ ڪال: زمان حال- هلندڙ وقت. زمان مضارع. جيئن، "مان اچان".
= وَرْتِمانُ ڪردنت: اسم حاليه.
● وَرْتَنُ: مصدر. (سن. ورْت = هلڻ). ورڻ. ملڻ. استعمال ۾ اچڻ. موڪي اچڻ. گذرڻ- لذت اچڻ. گذر ڪرڻ- گذارو ڪرڻ- وقت پاس ڪرڻ. جيئڻ، گهارڻ- ڪاڻ- جيئرو رهڻ. (ورتو- ورتندو- ورتل).
● وَرْتَنِ: ث. ڪر. وندر. گذارو.
= وَرْتَنِيُ: ث. ڪر- استعمال.
● وَرْتو ۽ وَرْتا: ذ. لاڙ. ويساج جو قسم (سون چاندي وغيره تي). هرهڪ واپاري جو ڌار حساب آهي جو خريدار ڪي ڪن شين تي پئسو رهيو ڪٽ سُجرا ڏيئي ٿو، آن جي لاڙ ۾ چون، هر ڪنهن ملڪ ۾ ورتي جا اڳهه جنس جنس لاءِ جدا جدا آهن.
● وِرتو ۽ وِرتا: ذ. ٻيزار- ڪک. ڪاوڙ- رنج- غصو. واهپس ايندڙ- موڪي ايندڙ. نجومي- هوڏيدار.
● وَرْتِيا: اسم خاص. ڌر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● وِرْتَنُونُ ويَلُ: بد افعال- گندلو- غليظ- ميرو- خراب لڇڻ وارو.
● وَرْتِيُ (ث): ڳالهه جو جواب.
● وِرْتِيُ ۽ وِرْتِيُ: ذ. صفت. برهمڻ جنهن ڪي ڏڻ پٽ ڏيندڙ چيلن جو ڪجهه تعداد هجي. پرهيزگار- پري رهندڙ.

Gul Hayat Institute

= وِرْتيمُسْتَرُ ۽ وِرْتيمُسْتَرَ: ذ. ڏن پٽ ونندڙ برهمڻ.

● وَرْتيو ۽ وَرْتيا: ذ. عالم - سياڻو - داناءُ - عقلمند. فالگو - فالچي - فال وجهندڙ. نجومي - جوتشي. ودوان.

● وَرْتَ وَرْتَوُنْ: ث. جاڙي - چاڙڪي. اجايو - بي سود.

= وَرْتو: بيڪار - بي سود - اجايو - ضايع.

● وِرْتْ: ث. وِرڇ - ورهاست.

● وِرِتَ ۽ وِرْتَوُنْ (ڪ): ث. وڪڙ - پيچ - وِرُ - وَنڱ - ڏنگ - وتُ. (پيٽ ۾) درد - اهنج - ايذاءُ. آنتيءُ.

= وِرِتَ پَتَوُنْ: پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ - پيچ پوڻ - پيچش ٿيڻ - آنتي پوڻ - سُوري ٿيڻ.

= وِرِتُيءُ: پيٽ جو سُور - سُوري - پيٽ ۾ وٽ - وڪڙ - پيچ پوڻ.

● وِرِتَنْ: مصدر. عيبدار ٿيڻ - ڪِلارو ٿيڻ - سقم وارو ٿيڻ. (وِرِتيو - وِرِتيندو - وِرِتيل).

● وِرْتائيءُ: مصدر. وِرتو ڏيارڻ - نفع پهچائڻ.

= وِرْتو ۽ وِرْتا: ذ. (ع. وِرْثه) ميراث - آتر - آڏڪار - آهاٽو وِرتو. لاڳ - لاهو - ورس - هميشه ملندڙ.

= وِرْتو ڪَرڻُ: پاسو وٺڻ - مالڪاڻو ڪرڻ - پنهنجو مال بنائڻ. سفارش ڪرڻ.

● وِرْجَ ۽ وِرْجَوُنْ: ث. (سن. وِرْت = ڦرڻ) رسم - رواج - دستور - هلت. رهٽي ڪهٽي. ريت - رسم و رِواج - پَرَ - هلي چلي - مرجاتا - وتيرو - حال - عادت - هير - ورد - محاورو - اصطلاح. شائستگي - مرجاتا - سُڀيتي - وَڙ - جوگائي - ٺاهوڪائي. ڪفايت - صرفو - جُڱت.

● وِرجائِتو ۽ وِرجائتا: ذ. صفت. عادت يا هير موجب - رسمن موجب. رواجي - معمولي - حسب معمولي.

● وِرجان: حاصل - موجود - مُيسّر.

= وِرجان ٿيڻُ: حاصل ٿيڻ - موجود ٿيڻ - مُيسر ٿيڻ.

● وِرجائِڻُ: مصدر. (سن. وِرْت = ڦرڻ). ثابت ڪرڻ - ظاهر ڪرڻ - ثابتي ڏيڻ - سِڌ ڪرڻ لاءِ پڪا دليل ڏيڻ. (ڪنهن کي) جواب ڏيڻي واپس موٽائڻ. موٽائي چوڻ. سمجهائي چوڻ - وري وري ٻُڌڻ. وري پڌائڻ - بيان ڪرڻ. ڏوراپو ڏيڻ. (وِرجايو - وِرجائيندو - وِرجايل).

= وِرجاءِ: آڪلاءُ - پورو ڪَر. واپس - موٽائي. ثابت. بيان. وري وري - دوباره.

= وِرجاءِ ڪَرڻُ: ڪنهن کي نيرڻ - نيڪال ڪرڻ - آڪلاءُ ڪرڻ - نباهڻ.

= وِرجائپي: ظرف. وري وري - تاڪيد سان.

● وِرجَسْ: ث. وِرجَ - محاورو: جئن اک لڳڻ، اک پوڻ وغيره.

● وِرجَنُ (ڪ): مصدر. ٽوپيل ڪن يا نڪ جو سوراخ بند ٿي وڃڻ - وروڙجڻ. (وِرجيو - وِرجيندو - وِرجيل).

● وِرْجيسُ ۽ وِرْجيسُوُنْ: ث. رسم - رواج - دستور - پَرَ - هلي چلي. عادت. تهذيب. خيال - فڪر - الڪو - انتظار. هارسينگار جو شوق - ٺاهڻ جو شوق. سنڀال - حفاظت. جاچ. صرفو. مرجاتا. اصطلاح (جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي آهي ۽ رواج موجب ٻي) - جُڱت.

● وِرجَنُ مصدر. (سن. اُرَجُ = هلڻ، چُرڻ) ڇڄڻ. چُرڻ. ڦٽڪڻ. آٽلڻ پٽلڻ. ٻي آرام ٿيڻ. وهَنُ. ڪچي وڃڻ - اولجڻ - لڙهندو وڃڻ - آجهَنُ. وِرجرڻ - وِ ڳهرڻ - پسرڻ - ڇرڻ. سڙڻ. هارڻ.

● وِرجيءُ: وِهڻيءُ. ويهي.

● وِرجهائِڻُ: مصدر. وري وري ڇڄڻ - چڱي طرح ڇڄا ڪرڻ. جاچ ڪرڻ - ڳولا ڪرڻ - ڏونڍ ڪرڻ. (وِرجهايو - وِرجهائيندو - وِرجهايل).

● وِرْچَنُ: (سن. وِ = گهٽ + رُچْ = وڌڻ) ڪک ٿيڻ - ٻيزار ٿيڻ - ٽڪجڻ - ٽڪڻ - خفا ٿيڻ - ڏمرجڻ - چڙڻ - رنج ٿيڻ - ڪلپڻ. (وِرچيو - وِرچندو - وِرچيل).

= وِرْچَ ۽ وِرْچُوُنْ: ث. ٻيزار ٿيڻ - ٽڪاڻ - خفو - ڏمر - رنج - چڙ - ڪلپ.

= وِرْچاڻيءُ: ڪاوڙ - غصو - چڙ - رنج - ڏمر.

● وِرْچائِڻُ: مصدر. ڪاڪِ ڪرڻ - خفي ڪرڻ - خفا ڪرڻ - ٽڪائڻ - بيزار ڪرڻ - دق ڪرڻ - هلاڪ ڪرڻ. برُ ڪرڻ - اولڻ. چُور ڪرڻ.

- وِرْچائُو ۽ وِرْچائُوُ: ذ. صفت. ٽڪائُو - ٽڪائيندو - ٽڪائيندو - ٽڪائيندو - ڪَنهُ - ڏوڪڙالشون - اهنجو.

● وِرِچَنُ: مصدر. (سن. وِرهَ). ونڊڻ - ورهائڻ - حصا ڪرڻ - وڪرائڻ - بانڊڻ - تقسيم ڪرڻ. وائڻ - ورچي ڏيڻ - ونڊي ڏيڻ - ڦاندڻ. (آڻڻ ۾) چونڊڻ. (وِرچيو - وِرچيندو - وِرچيل).

- وِرْچِيُ: ث. گِري وچڻ - پيڇڻ - پُسڻ.

- وِرِچَ ۽ وِرْچُونُ: ث. ورهاست - تقسيم - ونڊ - وره - ڦاندڙي - حصو - پاگو - پتي - وائو - بخرو - ونڊي - وانڊ - تڪ - پُڪو - ڦاندو - چاندو - قور - ورهاگو.

- وِرِچيڙِيُ: ورچڻ جو ڪم - ورهاست - تقسيم - ونڊ - ورچ (آڻڻ ۾). چونڊ (ڪرڻ).

● وَرْدُ: ذ. (ع). گل. گلابي گل.

● وِرْدُ ۽ وِرْدَ: ذ. (ع). ٺهرايل ڪم. دائمي ڪم - هرروز جو ڪم - هرروز بنا ناغي وارو ڪم. نيم - معمول - وظيفو.

- وِرْدُ ڪَرڻُ: عادت ڪرڻ - نيتم ڪرڻ - معمول ڪرڻ - وظيفو ڪرڻ.

● وِرْدُسِيتُ ۽ وِرْدُسِيتَ (ڪ): ڊنگ - ڏاڻُ - طرز - نمونو - اڻڪل - ريت.

● وَرْدَلِيُ: مڪران ۾ ڏڪاڻو ڪم ڪندڙ هڪ قوم. جا اصل سنڌ ڪان ويل هئي.

● وَرْدُو: جواب - ورندي - وراڻي - سوت - واپسي. ورتو.

● وِرْدِيُ ۽ وَرْدِيُونُ: ث. (مال لاء) لڪاوت - وردي. سِتم وَستر. دريش. سرڪاري ڪپڙا (ملازم جا) - سرڪاري پوشاڪ - سرڪاري ڪپڙن جو هڪ نمونو - ملازمن جي ڊڪ لاء ڏنل ڪپڙا.

● وِرِڏَ: ث. ناسور - زخم - ڦٽ.

● وِرُڏَ: صفت. (سن. وِرُدْ = مخالف). وروڌ ڪندڙ - ويرڪندڙ - مخالف. برخلاف.

● وِرُڏ ۽ وِرْڏَ: ذ. صفت. جهونو - جهور - ٻوڙهو - ٻيو - وڏيءَ عمر وارو.

● وِرْڏاتا: اسم خاص. (سن. وَڏاتر). نالو برهم جو (جنهن لاءِ چوندا آهن ته ماڻهوءَ جي نراڙ تي قسمت جا انگ لکندو آهي) - وڏاتا. قسمت جي ديوي.

- وِرْڏاتا جو آنگُ: نصيب جو لکيو - قسمت جو انگ - تقدير جو انگ.

● وَرَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وَرَڙَ (ل): اسم خاص. سمائِڪِيُ ذات جو نالو.

● وَرِڙَاتَ: ڪوشش - جدوجهد - سعيو - دانهون - منٽون - ايلاز.

- وَرِڙَاتَ ڪَرڻُ: دانهون ڪرڻ - ايلاز ڪرڻ - عرض ڪرڻ - منٽون ڪرڻ - عاجزيون ڪرڻ.

● وِرْڙائِڻُ: مصدر. ڪوٽ ڪرڻ - دغا ڪرڻ - ٺڳڻ - ويساهن - قسلائڻ - ٻلائڻ - پٽيلائڻ - پُلائڻ - ڏوهڻ - فريبن - دوڪو ڏيڻ - گمراهه ڪرڻ. (ورڙايو - ورڙائيندو - ورڙايل).

● وَرِڙو ۽ وَرِڙا (ڪ): ذ. صفت. وڏڙو - جهُور - جهونو - بزرگ. وجهه - موقعو. قبضو - قابو. هٿ. ضابطو. هار جي ٻير جي ڪَڙي يا پانهن جو ڪنگڻ.

● وَرِڙا وِجهَنُ: ڦيريون پائڻ - گهمرا پائڻ - ڦيرا پائڻ - آڪڙ جي هلڻ. ناز نخري سان گهمڻ.

● وَرِڙُكِيُ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَرِڙِيُ ۽ وَرِڙِيُونُ: ث. لوڙين ڪي پڌڻ جي نوڙي - رسي - ڪاري.

● وَرِڙِيو لاهنُ (ڪ): ڪوءِ جي ڪن کي ڪيرڻ ڪان بچائڻ لاءِ لڙين جي ڦارين جو ڪارو لاهڻ. ورو لاهڻ. هار جي ٻير جي ڪڙي يا پانهن جو ڪنگڻ لاهڻ.

● وِرْزِشِ ۽ وَرْزِشُونُ: ث. (ف) استعمال - مشق. ڪسرت - (بدن جي) چور قور. ڏنڊ پيرڻ - مگدر هلائڻ. جسماني آڏل پڏل.

Gul Hayat Institute

= وَرْزَشَ كَرڻُ: كسرت كرڻ - ڊنبل پرڻ - مُگدر ڦيرڻ - جساني چورقور كرڻ. بازوئين پائڻ.

● ورس ع ورس: ذ. (سن. وَرْس). ورهيه - سال - هارنهن مهينا.

● وِرْس ع وِرْسُون: ث. پُل - چُڪ - غلطي - سهوَ - پرانتي. مَٽ پرم - پرانت. مُنجهه - ويسر - گمراهي. ايمان - يقين - اعتقاد.

● وَرْساج ع وَرْساجَ: ذ. سور ويڑ - ٽايٽ - ويڑ - سورهيه - پهلوان - بهادر. سورمو - هانڪو - ڪوهو - جُنگ - جوڌو.

= وَرْسارو ع وَرْسارا: ذ. مينهوگي واري موسم - وسڪارو - برساتي موسم. سال ۾ سال. سالها.

= وَرْساڙو ع وَرْساڙا: ذ. وسڪارو - مينهوگي.

= وَرْسائِيڻُ: مصدر. خوش كرڻ - نوازڻ - هٿ ركڻ - حمايت كرڻ - مدد كرڻ - همراهي كرڻ. پُلائڻ. گمراه كرڻ.

● وِرْسپَتَ ع وِرْسپَتَئُونُ: ث. ورهسپتي گيره - هڪ سيّارو - مشتري گره يا سيارو - خميس جو ڏينهن - وِسپت.

● وَرْسَٽُ: مصدر. (سن. ورش=ورسڻ) وسڻ - ورکا كرڻ - ورسڻ (مينهن گي وانگي) پوڻ - گيڙڻ. برسات پوڻ. (سن. وِ=بنا+رس=لذت) رس كان نكري وڃڻ - بي سواد ٿيڻ - ڦڪو ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ - نااُميد ٿيڻ - ڪوماڄڻ - منهن جو پنو لهي وڃڻ. لاڳ حاصل كرڻ.

"پيائي كي پڪ جن وڏو سي ورسنا"
(كلياڻ - شاهه).

وسرڻ جي تلقين - پلجڻ - گمراه ٿيڻ - پرمجڻ - پڪڻ.

"ورتيون ساڻ وڻن ٽيون ورسن ع وَهسن"
(كلياڻ - شاهه).

سُجهڻ - ياد پوڻ - دل تي خيال تري اچڻ.

"كوهه كهاڙو جن چو وانان سي ورسنا"
(گرهوڙي).

= وَرَسِيلَ ع وَرَسِيلَ: ذ. گمراهه ٿيل - رستي كان منجهيل - پليل - پرميل - پڪيل.

= وَرَسايَسُ: پلايس - گمراهه كيس - پرسايس - پڪايس.

"وهر ورسايس نه ته ذات پنهون آءٌ پاڻ هُٽي"
(آهري - شاهه).

● وِرْسَٽُ: مصدر. جدا ٿيڻ - ڌار ٿيڻ - الڳ ٿيڻ - پري ٿيڻ - ناتا ترجڻ. منجهڻ - پلجڻ - گمراهه ٿيڻ - پڪڻ.

● وَرْسِي: ث. (سن. وَرْش=ورهيه). ڪنهن جي موت جو سالياڻو ڏينهن. لاڳ.

● وَرِش ع وَرَش: ذ. (سن). ورهيه - سال - هارهن مهينا. ورش ڏِل.

= وَرْشُ ڏِلُ: ذ. ڪنهن خاص ورهيه لاءِ جوڙيل موجب ٽينڊر گالهين ۽ ڪمن جي لکيل اڳڪٿي.

● وِرْشُ ع وَرْشَ: ذ. ٽُوئر - وِرَڪٽ. هڪ وڻ.

● وَرْشا: (سن. ورشا) گهور - قربان - صدقو - كهول كهولڻ.

● وِرشك: (ورشچك). وڇون - پٽون - عقرب.

● وَرْغِلائِيڻُ: مصدر. برغلائڻ - ڏ تارڻ - ڦڪڻ. بتال كرڻ - ڦسلائڻ - پنيلائڻ - بهلائڻ. (ورغلايو - ورغلائيندو - ورغلايل).

● وَرَقُ ع وَرْقَ: ذ. (ع). ڪتاب جو ورق يا صفحو - پنو - پني. وڻ جو پن. ڪاغذ جو ٽڪر - ڪتيل ڪاغذ. چانديءَ جو سِڪو روپو وغيره. سون ۽ چانديءَ جا ٽاهيل ورق.

● وَرَقُ ڏوئِيڻُ: ميٽي صاف كرڻ - فرق متائڻ - امتياز كيڻ - چڏڻ - ديسن ۽ ڪفر جو ورق ڏوئيڻ - دوئيءَ وارو ورق ڏوئيڻ - پائي متائي چڏڻ. فرق نابود كري چڏڻ.

= وَرَقُ وَرَڻُ: وارو ورڻ - پاڳ لڳڻ - نصيب جاڳڻ - بخت كلي پوڻ - اوج ۽ اقبال گي رسڻ - ستارو چمڪڻ - بخت هالا ٿيڻ - وڏي درجي گي پهچڻ - عزت برقرار ٿيڻ - وصال جي حالت اچڻ.

● وِرِكيتِ: ذ. صفت. (سن. وِرَكْت=جدا ٿيل، بنا محبت جي) دنيا كان تارڪ ٿيل.

Gul Hayat Institute

آزُرد و ـ آتو ـ عاجز ـ ڏُکي ـ ڏڏو ـ نفي ـ خسستو ـ رنج ـ هلاکت . نيارو ـ بي طرفدار .

● وَرَکْتليبو (ث): ڪنواريتن طرفان چاچين ڪي ڪارايل پهريون وِيلو .

● وَرُکَنُ: مصدر . هوا سان آڏامڻ .

● وَرِک: اسم خاص . هڪ ذات جو نالو .

● وِرُکْ ۽ وِرُکْتَ: ذ . (سن . ور (ي) ڪْشَ = وڻ) وڻ . آساني بُرج جو نالو ـ سياره جو نالو . ورش ـ ٽَوئر . هڪ وڻ . نيدو وڻ . داناءُ ـ عاقل ـ سمجهو ـ ڏاهو .

● وَرُکا ۽ وَرُکائُون: ث . (سن . ورشا > ور (ي) ش = وسڻ) . ورکا ـ وسکارو ـ مينهن ـ برسات ـ هونداڀوند ـ ڇڇڪو ـ اوهيڙو . گهوَر ـ قربان ـ صدقي ـ نثار ٿيڻ . مهرباني . پالوت .

ـ وَرُکا ڪَرڻُ: گهورڻ ـ قربان ڪرڻ ـ صدقي ڪرڻ ـ نثار ڪرڻ ـ ٻلهار ڪرڻ .

ـ وَرُکت ڇَنڇَرُ . مري ويل هندو جي ٻارهي تي برهمڻ کي ڪاڏي ڪارائڻ جي هڪ رسم .

● وِرُکو ۽ وِرُکا: ذ . "و" جو پهريون اکر (و) جو آچار . جيئن "(الف = انب) ـ (ب = ٻلا) ـ (و = وڻ)" .

● وِرُگَنُ: مصدر . ڦهلڻ ـ ڪڙڻ (مرض) ـ پسرڻ ـ ڦهرڻ ـ وگهرڻ . (ورگهيو ـ ورگندو ـ ورگيل) .

● وِرُگيٽو ۽ وِرُگٽا: ذ . (سن . لگڊ) . ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڇڪي ٻڌل نوڙي .

● وِرُلاپُ ۽ وِرُلاپَ: ذ . (سن . ورلاپ) . دانهن ـ ڪوڪ ـ رڙ ـ آواز . رودن ـ روج ـ راڙو ـ ٻڌڻ . پڪار ـ ٻاڌ ـ ٻاڪار .

ـ وِرُلاپ ڪَرڻُ: دانهون ڪرڻ ـ ڪُوڪون ڪرڻ ـ رڙيون ڪرڻ ـ آواز ڪرڻ ـ راڙه ڪرڻ ـ رودن ڪرڻ ـ روئڻ ـ ٻڌڻ ـ ٻاڪار ڪرڻ ـ پڪار ڪرڻ .

● وِرُلو ۽ وِرُلا: ذ . (وِرَل = وِرُلو) . ٽورو ـ ڪَمياب ـ آئلپ ـ آسمالي ـ نرالو ـ عنقاب . قايل ـ دُرلپ . ڪوڪو ـ ٻاقي ڪو ـ اتفاقاً . ڪڏهن ڪڏهن . مشڪل ـ ڏکيو . ٽورو ـ چڊو ـ گهٽ . قسمتي .

ـ وِرلِي: ظرف . ڪڏهن ڪڏهن .

● وَرُمُ: ذ . ضروري ڪم .

● وَرَمُ ۽ وَرَمَ: ذ . لهر ـ موج ـ ترنگ ـ اوسار ـ چَل (سمنڊ جي) . جسم جي سوج . دل جي تسڪين . سوڊو ـ واپار .

● وِرمَنُ: مصدر . (سن . وِرم = ختم ڪرڻ) . ويرم ڪرڻ ـ دير ڪرڻ ـ ٻيهر ـ ٽيڪ ـ ترسڻ ـ ٺهرڻ ـ سهيڙڻ ـ دم ٻڌڻ . سيڙجڻ . (ورميو ـ ورمندو ـ ورميل) .

● وَرمَتَ: (سن . وِرم) . ترسڻ ـ روڪجڻ ـ جهلجڻ ـ دير ڪرڻ .

ـ وِرمَتا: روڪيا ـ جهليا ـ ترسيا .

"ڪين ورميا ڪٿهين ڇُليا ڇڏِ هٽِيُ ."
(آهري ـ شاهه)

ـ وِرُهِيُ: ظرف . آهستو .

● وَرُنَ ۽ وَرُنَ: ذ . (سن . وَرُڻ = رنگ) . ذات . ليات ـ قوم ـ فرقو . (هندن ۾ ۴ ذاتون) . ۱ـ برهمڻ ۲ـ شودر ۳ـ ويش ۴ـ ڪتري . حصو ـ پاڻو ـ ٻاتي ـ ونڊ ـ ٻکرو ـ واٽو .

ـ وَرُنُ هِيڻُ: نيسات مان نڪتل ـ قوم مان خارج ٿيل ـ ٽالهي مان نڪتل . مسجد جو ٽُڪو .

● وَرَنُ ۽ وَرَنَ: ذ . (سن . وَرُڻ = رنگ) رنگ . قسم ـ نمونو . روپ ـ صورت ـ شڪل ـ شبيه . حالت . ذات . چمڪاٽ . عيش . مزو .

ـ وَرنَ وَرَنَ: ذ . جدا جدا رنگن وارو ـ پانت پانت شڪلين وارو ـ رنگا رنگي ـ گونا گوڻ ـ چٽڪمرو ـ وچتر ـ چيٽ چيٽ ـ قلقليو .

ـ وَرَن وَرَن ٿِيڻُ: منهن جو رنگ بدلائڻ يا ٻيو ٿيڻ . شڪل بدلجي وڃڻ ـ صورت ڦري وڃڻ ـ نمونو ڏهي ٻوڻ .

ـ وَرَن وَرَن ڪَرڻُ: منهن جو رنگ بدلائڻ ـ رنگ بدلائڻ ـ ٻيو رنگ ڏيڻ ـ حالت ڦرڻ . شڪل بدلائڻ ـ صورت ڦيرڻ .

● وَرَنو ۽ وَرَنا: ذ . رنگ وارو ـ رنگ ڪي مائل ـ رنگ جهڙو ـ جيئن رت ورتو ـ رت جي رنگ جهڙو ـ رنگا رنگي . سهڻو .

Gul Hayat Institute

● وَرُناٹيُ ۽ وَرُناٹيُون: ث. سونارِي جو مُنڊبن يا ڪنڊين ٺاهڻ جو اوزار.

● وَرُنائِڻُ: مصدر. (سن. وَرْ = سارا هڻ). سمجهائڻ - ڪولي ٻڌائڻ - ظاهر ڪرڻ. قبول ڪرڻ - مڃڻ. ارٿ ڪرڻ - نروار ڪرڻ. ورنائڻ - چوڻ - بيان ڪرڻ. سلام موڪلڻ - ڪن ڏيڻ - ٻڌڻ - اونائڻ - آنائڻ. غور ڪرڻ - ڌيان ڏيڻ - توجهه ڇڪائڻ. انصاف ڪرڻ. مڃڻ. (ورنايو - ورنائيندو - ورنايل).

- وَرنڈ (ڪ): ث. ورڻ جي حالت - وري اچڻ جي حالت - موت - واپسي.

● وِرنڈ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وَرنڈڑِيُ ۽ وَرنڈڑِيُ: (ڪ): ث. منجهند ڪان پوءِ جو وقت - سج جو اولهه طرف ورڻ جو وقت - پاڇولي ڦرڻ واري حالت - چانو ورڻ يا ڦرڻ جو وقت.

● وَرَنْدو ۽ وَرَنْدا: ذ. صفت. (سن. وَرْڻ = موٽڻ). آئيندو - ايندڙ - ڏسندو - پيو - مئيون (مهينو).

- وَرَنْدي وارُ: انهيءَ ڏينهن - ايندڙ ساڳئي ڏينهن تي - هفتي تي وري آيل ڏينهن - ٻئي هفتي تي. جيئن "سومر ڪان ٻئي سومر تي."

۽ وَرنْديُ ۽ وَرَنْديُون: ث. (سن. ورت = ڦرڻ). جواب - وراڻي. سوال جو جواب.

● وَرَنْڊيُ (ث): ڇت جي مٿان پاسي وارو ڪنارو - جاءِ جي مٿين ڪناري - سِرَ جي چوڌاري ڪناري.

● وَرَنْڪُ: آسمان - آپ - فلڪ. جاءِ.

● وَرَنْتَنُ: (سن. ورڻ). بيان - وستار - آکاڻي - ڪهاڻي. سارهه.

- وِرَنْتَنُ ڪَرَنُ: چوڻ - بيان ڪرڻ - آکاڻي ڪڻ - ٻڌائڻ - وستار ڪرڻ - نروار ڪرڻ - طول طويل ڪرڻ - ڏيکهه ڪرڻ. سارهه ڪرڻ.

● وَرنو ۽ وَرَنا: ذ. سون يا چانديءَ مان ٺاهيل چَلو جو ڏسڻي آڏر ۾ هجي. مڙيءَ جو هڪ قسم. دِلو - پيرڻي.

● وَرْنَ: ڏ ته پوءِ - ٻي صورت ۾ - ٻي حالت ۾. ٻئي پاسي - ٻئي طرف.

● وَرِنْتهَ: (سن. ورُ = مڙس + نتهه = نَه). رن زال - نڏڪي - ورهنا - ٻنا وارث - ٻنا مائٽ مٽ. (سن. وَرْ = سڀ ۾ سڏو). بهادر - طاقتور - زورائتو - زوراور. سورويو - ويرُ - نايڪُ - سورهيه - سورمو - ڪُوهو - جُنگ - جوڌو - پهلوان - بهادر. ڪيرو جوان. چڱا ماڻهو - سڪر. گهوٽ.

● وَرُنْهَنُ: ٽوپي يا سهيبي جو هڪ قسم.

● وِرِنْهَ واري: اسم خاص. "پوڪڻ." نئين جي پرسان ڏکري.

● وَرُنِيُ ۽ وَرُنِيُون (ڪ): ث. (سن. ورُ = مڙس). مڙس واري. ڪنوار - ونهي - نئين شادي ٿيل عورت - سهاڳڻ - پاڳڻ. ور واري - وريتي - پتار واري - مڙس واري. (سن. ورڻ). رنگ يا ورن واري - رونق واري.

● وَرَنُ: اسم خاص. ٽن هندن راجپوتن جي ذات جو نالو.

● وَرَنُ مصدر. (سن. وت). ڦرڻ - موٽڻ - واپس اچڻ. گهمڻ - چڪر هڻڻ - آٽلڻ - پنتي هڻڻ - لڙڻ - پويان پير ڪرڻ. مڙڻ (نوڙيءَ جو) وڌڻ - وڪڙ ڪائڻ. ڏاڪو ٻيٽو ڪري وڌڻ. ڪڇي سُٽ ڪي وت ڏيڻ (سن. ورُ = مڙس چونڊڻ). مڙس چونڊڻ - پرڻجڻ - شادي ڪرڻ. پُڇڻ - خبر وٺڻ - سوال ڪرڻ - هنڊ ڪرڻ - پورڻ. ٻاهر اچڻ - ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ. (فائدي ۾) ٿيڻ. (نديءَ جو) ڦيرو - ور - وڪڙ. (وريو - ورندو - وريل).

- وَرَنُ واريُ ڪَرَنُ: واپس موٽڻ جي تياري ڪرڻ. جلد واپس اچڻ - موٽڻ واري ڪرڻ.

● وَرُنُ ۽ وَرُنَ: ذ. (سن. وَرُنَ). سپني ڪان آڏو. ايشور. پاڻيءَ جو ديوتا. اڏيرو لعل.

● وَرْنُ: (سن. وَرْنَ = ذات) ذات. رنگ - ورنُ.

- وَرْنُ آشِرمَ: هندن جي ذاتين جا درجا.

● وَرُنُ ۽ وَرْنُ: ذ. گهٽن ورن وڪڙن واري چَلي جو هڪ قسم.

● وَرڻ : (سن. ورڻ = سارا هڻ). ساراهه ڪرڻ - تعريف ڪرڻ - واکاڻ ڪرڻ. بيان ڪرڻ - ٻڌائڻ.

● وَرڻو ۽ وَرڻا : ذ. (سن. ورت = حاصل ڪرڻ). فائدي ۾ آيل شيء - حاصلات - فائدو. پيرن يا هٿن جي آڱرين ۾ پائڻ جي ڪُهه جو هڪ قسم - والو - آهو چلو جو شاديءَ ۾ ڪنوار گهوٽ ڪي ڏجي.

- وَرڻِيُ وارا ڪُڏا : ٻار جي چوٽيءَ تائين ٻڌڻ لاءِ ڪڏن مان ٺاهيل ڦيري دار ڏاڪڻ.

● وَرو ۽ وَرا : ذ. (سن. وَرت = قرڻ). ڦيرو. پٽِيُ (ڪاٺ جي). پَٽِرُ. ڪاٺ جو ڏگهو لڪڑو - ٻُنڊُ - منگهو - ڪام. ڪچي ۽ ڪڪائين جهوپڙي جي وچ ۾ رکيل ڪاٺ جي ڏگهي ڪاڻي. ٽلهي ڪاڻي جا شهتير جي بدران جاءِ ۾ رکجي، جنهن جي مٿان پَٽِرُ رکبا آهن. هيءُ ڪاٺ جو لڪڑو پَٽِي جي پوري وچ تي هوندو آهي، هڪ ڇيڙو هڪ جنڊي تي ۽ ٻيو ڇيڙو ٻي جنڊي تي قابو بدل هوندو آهي.

- وَرو ڏِيڻُ (ڪ) : ٻيڙيءَ جو ٻاسن تي آڻل ڪرڻ (اڪثر تڏهن جڏهن واءُ پوياڻ هجيس). عيوضي.

- وَرو وَهڻُ : هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ.

● وِرو ۽ وِرا : ذ. حصو - پتي - پاڳو - وند - ورچ - واڙو - ٻانڊو - ٻڪرو. آهو آڻ، جو هاري زميندار ڪان قرض طور وٺي. ڪاڏو يا ٿمر، جو ٻئي ڪان ڪائڻ لاءِ ملي. ڪائي ۽ ماهي مال ڪي ٽيندڙ تپ - جانورن جي ٻيماريءَ جو هڪ قسم. ٻئي جو - پرايو - ڏاريون - غير - پرڏيهي - وِديشي - پرديسي.

- وِروڙِيجِيُ پُٽونُ : ڳٽڻ يا مينهن ڪي تپ اچڻ.

- وِروِيو : مال جي ٻيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ جانور جو ٻچ سڪي ٿي ويو).

● وَرَ وارو : اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ڏيهه جو نالو.

● وَرُ والو : اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● وَرو وِنِيُ (ث) : آها ماڻي جا چڄ وڃڻ کان پوءِ ڪنواريتا نيات وارن ڪي ڪارائين.

● وَروڙنُ (ڪ) : مصدر. وڪوڙڻ - ويڙهڻ - پڪڙڻ - جهلڻ. گهيرڻ. (وروڙيو - وروڙيندو - وروڙيل).

- وَروڙَ ۽ وَروڙُونُ (ڪ) : ث. ويڙهڻ جي حالت - ويڙهه - لپيٽ. جهل - پڪڙ.

- وَروڙِيجَڻُ (ل) : مصدر. مروڙجڻ - وڪوڙجڻ - ولارجڻ. قابو ٿيڻ. ڪرونڊڙو ٿيڻ.

● وَرڙَڻُ (ڪ) : مصدر. مروڙڻ - موڙڻ - وڙڻ. (وِرُوڙيو - وِرُوڙيندو - وِرُوڙيل).

- وِرُوڙَ ۽ وِرُوڙَونُ (ڪ) : ث. وَرُ - وتُ - پيچ - وَڪڙ.

- وِرُوڙِيجَڻُ : جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم، جنهن ۾ ٻت سڪي ٿي ويو.

● وُرُودُ ۽ وُرُودَ : ث. (ع. ورد). ڪنهن جڳهه ۾ اندر اچڻ - داخل ٿيڻ - نازل ٿيڻ. اچي پهچڻ - واردٿيڻ. آمد - پهچ - تشريف آوري - اچي لهڻ - آترڻ.

- وُرُودُ ڪَرڻُ : وارد ٿيڻ - پهچڻ - داخل ٿيڻ - داخل ڪرڻ.

● وِروڏُ ۽ وِرُوڏَ : ذ. (سن). ڪلفت - ويرَ - عداوت - دشمني. خصومت. خلل - ڪروڌ - ڪُرڪو - گهپي - ڪِل ڪِل - ڏندوري - اٿٻٽ - ٻيڪيڙو - ٻگاڙو - ڦيٽاڙو.

● وِروڏِجَڻُ : مصدر. (سن. وروڌ = دشمني). جهڳڙي لاءِ آماده ٿيڻ - دشمني ڪرڻ - ويرَ رکڻ. (وِروڏيو - وِروڏيندو - وروڏيل).

- وِرُوڏيُ ۽ وِرُوڏِيُ : ذ. صفت. وروڌ يا دشمني رکندڙ - برخلاف - ويرياڻو - دشمناڻو. مخالف.

● وَرِ وَرِ : هرهر - وري وري.

● وَروڙڻُ : مصدر. وارڻ - آڏو اچڻ - موتائڻ - ٻُڌي ڪرڻ. (وَروڙيو - وَروڙيندو - وَروڙيل).

- وَروڙ ۽ وَروڙونُ (ڪ) : ث. گولا - ڏونڊ - ڦولها. لپيٽ - وروٽ.

● وِرُوڙڻُ (ڪ) : مصدر. (پيٽ ۾) وڪڙ ٿيڻ - وٽ ٿيڻ. آنتي ٻوٽ - مروڙ ٻوٽ. (وِروڙيو - وِروڙيندو - وِروڙيل).

Gul Hayat Institute

= وِروڑ ۽ وِروڑون (ڪ): ث. وٽ - لڇ - وکڙ - مروڙ. ورَ - پيچ - وَنگ - ڏنگ.
= وِروڑائِي ۽ وِروڑائِيَون: ث. وروڑ - وروڑپ.
= وِروڑپَ ۽ وِروڑپُون: ث. ور - وکڙ - وٽ - مروڙ - آنٽي.
● وِروڑڻُ: مصدر. ٽوپيل ڪن يا نڪ جو سوراخ بند ٿي وڃڻ. ورجڻ. آندي ۾ پيچ پوڻ - آنٽي پوڻ.
● وِروُنجڻُ: مصدر. ورونهجڻ - قٽ ٽيڻ.
● وِرُونُ: قٽ - زخم - گهاءُ - چير - چڪ.
= وِرُون ڪَرڻُ: قٽ ڪرڻ - گهاءُ ڪرڻ - چير ڏيڻ - ايذاءُ ڏيڻ - ڏکوئڻ.
● وِرُونهڻُ: مصدر. (سن. وهرت). وندرڻ. فڪر ۽ ڪٽيءَ ۾ گذارڻ. پنهنجي منهن گذارڻ. اورڻ - ياد ڪرڻ - وندر ڪرڻ - حال وندڻ - ڏک وندڻ - درد ٻڌائڻ.
= وِرُونهَ ۽ وِرُونهُون: ث. صحبت - رهاڻ. حال اورڻ. وندر. خوشي. آنس. وائي - ڇار - دل خوش - محبت - سڪ - چڪ - ڪشش - جذبو - ياد گيري. پرياڻ - دل لڳي. مشغولي. قرب وندڻ. ڳجهه - راز. وچوڙو - جدائي - فرقت.
= وِرُونهَنُ ويرَ: وندر جي مهل - دل خوش ڪرڻ جو وقت - دل لڳيءَ جو وقت.
● وِرُونُ: ث. اکيون انڌيون ٽيڻ.
● وِرُونُڻُ: مصدر. (سن. وِرُوكشَنُ). سُڪي وڃڻ. هٻ ٽيڻ - پڌ جڻ - ڇهڻ. وروڻ.
● وَروهيڙيو ۽ وَروهيڙيا (ل): ذ. نوريڙو.
● وِروهَنُ: مصدر. (سن وهرت). وندر ڪرڻ - خوش ڪرڻ - ريجهه رهاڻ ڪرڻ - وندرائڻ. زوروهيو - وروهيندو - وروهيل).
● وَرَهُ: رڄ جو هڪ قسم. ڪهائي جو مٽيون پاسو جنهن ۾ تنبو پڌل هجي. ٽلهو واجهه.
● وَرهو ۽ وَرها: ذ. رسيءَ جو قسم، هي رڄ سان گڏ پڌيو آهي، جنهن ۾ پلاءِ مچيون مرن. رسو - نوڙ - ننڍي ڪوهي مان پاڻي ڪيڏ لاءِ رسو.
● وَرهَ ۽ وَرهَ: ذ. (سن. وَرْش). سال - ورهيه - هارهن مهينا - ورش. هارهو.
= وَرهَ پَتيري: ث. ورش ڦل.
= وَرهَ چنڇر: هندو ماڻهو جو هارهين مهيني ڏينهن ڪرڻ.
● وِرهُ ۽ وِرهَ: ذ. (سن. ورهه). جدائي - فراق - وچوڙو - هجر - فرقت. دوستن يا عاشق معشوق جي وچ ۾ جدائيءَ جو غم - سور - درد - دک - تڪليف. برهه - نينهن - عشق - محبت. سڪ - ياد گيري. حصو - پاڳو.
= وِرهه ۾ وَهِلُو ٽيڻُ: هجر ۾ حيران ٽيڻ - برهه ۾ بيقرار ٽيڻ - وڇوڙي ۾ واه ويلا ڪرڻ - جدائيءَ ۾ آهه زاري ڪرڻ - فراق ۾ فرياد ڪرڻ.
= وِرهُ وٽان: اکير - آداس - ياد گيري.
= وِرهُ وٽڻُ: محبت وندڻ - حال اورڻ - عشق وندڻ يا پرائڻ.
= وِرهُ وٽهُنُ: عشق وندين - محبت وندين يا پرائين.
= وِرهُ وسائِڻُ: وڇوڙي جي برسات وسائڻ - زار زار روئڻ. محبت ۾ سور سهڻ - درد ڪاڻڻ. روئڻ - ماءِ دوس ڪرڻ.
● وَرَهَ ۽ وِرَهُون: ورڇ - ونڊ - قسمن - ورهاست.
● وِرهاسَتُ: ث. (سن. وِرهه). جدائي. ڇڏي. پاڳو.
= وِرهاسَتَ ۽ وِرهاسَتُون: ث. ورهاست - ورڇ - ورهاڳو - قسمن - قسور - چاندو - تڪ - وانٽ - ٻچرو - وندي - ڇڏي - قسمن - ٻڪو - وِرهَ.
= وِرهاگوَ ۽ وِرهاگا: ذ. ورهاست - قسمن - ورڇ - قسور - چاندو - وانٽ.
● وِرهانبَ ۽ وِرهانبُون (ل): ث. شام - سانجهي - وچينءَ جو وقت - ٽپهريءَ جو وقت - ڏينهن لڙڻي جي مهل.
● وِرهائِنُ: مصدر. حصا ڪرڻ. وندڻ.
● وِرهَسپَتِ: ث. ورسپت - مشتري ڪرهه - خميس جو ڏينهن - وسپت. ڪرهه جو نالو.
● وِرهوُ: وَرُ - مڙس - پتار - پتي - ڪانڊ.

● وَرْهِيڙ ۽ وَرْهِيڙ: ذ. (سن. وَرْش) ورهه - سال - هارهن مهينا.
● وَرْهَڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
= وَرْهِيارو: هر سال - سال بسال - سالياڻو - سال وارو.
= وَرْهِيوڪو: سال جو - سالڪو - سال وارو - سالياڻو.
= وَرْهِيو وَرْهه: سال سال ۾ - هر سال - سال بسال.
● وِرَءُ ۽ وِرَءِ: ذ. ورو - ڪاڏي لاءِ مقرر ڪيل رقم - پٽو - رسي - راتب - هڪ ويلي جو آن - ڪائن لاءِ گذران - قوت - خوراڪ - ڪاڏو. روزي. روزينو - گذر - گذران.
= وِرَءُ جو آن: تمام ٿورو - مهانگو - ڏڪر جي نشاني.
● وَرِئل: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَرِئُو ۽ وَرِئا: ذ. ڏنب.
= وَرِئِيا: ذ. ستت ۽ ڏاس جا ٻيل، آٽ جي ڪيچيءَ ۾ وجهجن.
● وَرِي: (سن. ورت = ڦرڻ) واپس - موٽي - پيو دفعو - ٻيهر. عيوضو.
= وَرِي آڻڻ: واپس اڻڻ - موٽي اڻڻ - موڙڻ. وڃڻ ڪرڻ - مري وڃڻ (ٻار جو).
= وَرِي وَرِي: موٽي موٽي. هر هر - هردم - همیشه - هرهميشه - نيت - سدا - ساڌهه - هڪجهڙو - اڪثر - گهڻو ڪري - ٻار ٻار - ٻيري ٻيري - وَر وَر ڪري.
● وِرِي ۽ وِرِيُون: (ڪ): ث. وارن سان جُڙيل يا ليڪ چونڊائل. وٽي - خال. وِرّ. پيٽ - ٽونگڙو.
= وِرِي ڏِيڻ: (ت): مٽي مان جُون ڪڍڻ - ليڪ ڪڍڻ.
= وِرِي ڏِيارڻ: مٽي جي وارن مان جُونءَ يا ليڪ گولائل.
● وَرْيامُ ۽ وَرْيامَ: ذ. (سن. ويروان) سُور ويرنايڪ - ويس - سورهيه - پهلوان - غازي - سورمو - جوڌو - ڪوهيو - گوڏو - ٻانڪو. ڦري آنيم - آڏو آنيم - ورليم.
● وريامُ آباد: اسم خاص. تعلقي جيڪب‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَرِياڻِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● وَرْياهَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وَرِيٽِي ۽ وَرِيٽِيُون: ث. (سن. ور = مڙس چونڊڻ) ور واري - مڙس واري - خاوند واري - سهاڳڻ - پرڻيل.
● وَرِيڙِيرو: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَرِيٽرو ۽ وَرِيٽرا: اسم خاص. ڪيچيءَ جو هڪ قسم.
● وَرِيڙو ۽ وَرِيڙا (ڪ): ذ. ور ڏنل چلو - ڪهڙ جو هڪ قسم. ڪڪ جي سڪل تيلين مان ٺاهيل ڪنڪٽي جو هڪ قسم.
● وَرِيلِي: آگرين ۾ پائڻ جو ڪهڙ جو هڪ قسم.
● وَرِينڪڙ ۽ وَرِينڪڙ: ذ. پوٽي جوهڪ قسم - ٿورڙا ڪنبا ٽينڊا اٽس، هرڻ هن جا ٻن ڪائينڊا آهن.
● وِرِينگهڻ (ڪ): اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم.
● وَرِيو ۽ وَرِيا (ل): ذ. وريو - ڪچي ڪوهه ڪي لئي جي ٽارن سان ٻڌڻ. لئي جا ٽارا گڏ ڪري نوڙيءَ سان ٻڌي هڪ ڪاٺ جو نوڙ ٺاهين، جنهن کي ويڙهي ڪوهه جي ترڪان رکن. گهوڙي جي سنجهه جو هڪ حصو يا ساز. (سن. ورت = ڦرڻ). موٽي - وري.
● وَرِيُون ڪَرڻ: وانگار وهڻ - ميل ملک ۾ ڪاهه ڪي هڪ ٻئي کي همراهي ڏيڻ يا لاباري ۾ واري وٽيءَ تي مدد ڪرڻ.
● وَرِيٽڙو ۽ وَرِيٽڙا: ذ. ڪن ٻارن کي مٽي جي وارن ۾ گهنج، جنهن لاءِ زالن ۾ سنسو هوندو آهي ته اها پاڻ جي نشاني آهي.
= وَرِيٽا: ذ. ڪنهن ڏاڪي ۾ مٽڪا ۽ ڪوڏ يون ٻڌي ڏڳي وغيره جي ڪچيءَ ۾ ٻڌجن.

Gul Hayat Institute

● وَڙُ ۽ وَڙَ: ذ. (سن. وَرَ = مهرباني) لڇڻ - افعال - عادت. لَلُ - ڪِرُ. شائستگي - مرجاتا - سُنيتي - سياڻپ - جوڳائي - ڏاهوڪائي. ٺوروڪو - لائق - احسان - مهرباني - عنايت - نوازش - پلائي - ايڇپو. برابر - ٺيڪ. سلوڪ - هلت. رستو. درست - صحيح. مهرباني - چڱائي - احسان - قرب. ٺورو. ننگ - عزت - آبرو - لياقت. اصيلي - شرافت. نمونو - ورن - قسم - جنس. نشان - پارُ - پتو. (صفت). لائق - جوڳ - ٺهندڙ. وڻ جو هڪ قسم. گهوڙا پاري تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ، جتي ڪمند جي هوڪ گهٽي ٿئي. جانور جي لڳ تي مرضي - جانور جو لڳڻ. (سن. وَڙَدَ = گهوڙي) گهوڙيءَ جي ميڙڻ جي خواهش - چاڙو.

- وَڙائيتو ۽ وَڙائِتا: ذ. صفت. وڙ وارو - ننگ ڪندڙ - احسان ڪندڙ - قرب ڪندڙ - مرجاتا ڪندڙ - مهرباني وارو - ننگي - احساني - قردار - ٺورائتو - شرافت پريو.

- وَڙُ ڪَرَڻُ: مهرباني ڪرڻ - احسان ڪرڻ - ٺورو ڪرڻ - لائق ڪرڻ - لطف ڪرڻ - پلائي ڪرڻ جو مٿيون اعليٰ درجو. ڪنهن کي بنا آجوري سنگ ڏيڻ. بنا لالچ جي نياڻيءَ جي مائٽي ڪرڻ.

- وَڙَن: وڻڻ.

- وَڙُ وَجهُ: ريت - نمونو - ڍنگ - طرح - طرز. خيال - پارپتو - نشان پاسو.

- وَڙُون ڪونڊُ: ڪ سان سڌ ڪرڻ - پيار سان پڪارڻ - مهر ۽ محبت منجهان گهرائڻ - دل گهري کي دعوت ڏيڻ.

- وَڙُونُ يا هَڙُونُ: پنهنجي گنڍ يا پنهنجي اثر وسيلي. پنهنجي پاران يا ڪيسي سان ڏيڻ.

● وِڙُ ۽ وِڙَ: ذ. صفت. (سن. وِٺ. سن. اَوَ = خراب + وات = رستو) بي حيا - بي شرم - ڪمينو. بدبخت. لنڪهو - جڙتوراٽو.

● وِڙا: وڙيون، ڇڻ جو انو ڳوهي، تن ۾ مصالح وجهي، آن جي ياهي ٺاهڻ.

● وِڙاڪو: وٽ پوڻ - هيٺ ۾ گهمرا پوڻ.

● وَڙَال ۽ وَڙالُون: ذ. (سن. وِلودن) گولا - ڏولا - ڏس پتو - جتن - وڙول. سمجهه - فهم - بُڌ - ذهن - چترائي - سٽو پيرائي. وڙول.

● وِڙانگ ۽ وِڙانگُون: ث. وڙواند - بي شرم - بي حيا - ڪميڻي - لُچِي. ننگ ناموس کان ويل - افعالن ۾ ڇڪي - عادت خراب - گندي - ڪِنِي.

● وِڙاهه ۽ وِڙاهَ: ذ. (سن. وِناش) نقصان - ڇيهو - جوکو - خطرو - ڏپ.

● وَڙاءُ ۽ وَڙاءَ: ذ. (سن. وَرُڻ) ورن يا رنگ وارو - نموني وارو - ڍنگ وارو.

"پتنگن جئن پيدا ٿيو سامي سچ وَڙاءُ"
(مومل راڻو - شاهه).

لياقت - لائقي - جوگائي - ڏاهوڪائي.

● وَڙَتِيُ ۽ وَڙَتِيُون (ث): ث. جواب - ورندي.

● وَڙُجَڻُ: مصدر. گرم ٿيڻ - تپڻ. چاڙو ٿيڻ (گهوڙيءَ، گاڏي) - وَهُرڻ - چاٽو ڪرڻ - وَهُڙ ٿيڻ - شهوت ٿيڻ. (وڙجيو - وڙجيندو - وڙجيل).

● وَڙِڪَڻُ: مصدر. هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ - ٽُلڪڻ - گهمڻ - هلڻ - چلڻ - ٽهلڻ. سير ڪرڻ - اجايو رُلڻ. جبل جو نالو. (وڙڪيو - وڙڪندو - وڙڪيل).

- وَڙَكَ ۽ وَڙِكُون: ث. چارو. گهوم - ٽهلو - سير.

- وَڙُڪائِيُ: مال کي جهنگ مان ڪيرو ڏياري اچڻ - مال کي جهنگ مان گهور ڏيارڻ. نظر رکڻ.

- وَڙُڪا ۽ وَڙُڪا (ث): ذ. گاهه ۾ ڏور کي تورو وقت چرڻ لاءِ ڇڏڻ.

- وَڙُڪائِي: مال کي جهنگ مان چاري اچڻ.

- وَڙُڪِيُ آڇَڻُ: چري اچڻ - گهمتاري ڪيي اچڻ - ٺورو ٽهلي اچڻ.

● وَڙُڳَڻُ: گهمڻ - ٽنگون سهائڻ - آڇ لاهڻ.

● وِڙِنڊُ ۽ وِڙِنڊَ (ل): ذ. ننگ - سوراخ.

● وَڙَڻُ: مصدر. (سن. وِشُ = داخل ٿيڻ) گهڙڻ - اندر وجهڻ - پيهڻ - هٽڻ - هيٺ وجهڻ - ليڪڻ. (وڙيو - وڙيندو - وڙيل).

Gul Hayat Institute

● وَڙو ۽ وَڙا: ذ. (سن. بٹک). مٹائيءَ جو هڪ قسم (جا مصريءَ جي چاش ٺاهي ان ۾ ڏاڻن جو مغز، خس خس ۽ سڪو ميوو وجهي ٺاهيندا آهن، ڪائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ۽ دماغ کي طاقت ڏيندڙ آهي). دال جو ٺاهيل طعام. پڄن وغيره جي مٹائي.

● وڙُوانڊُ ۽ وڙُوانڊَ: ذ. واهيات لفظ ڳالهائيندڙ- گاريون ڏيندڙ- وات جو گندو- اجائي ٻڪ ڪندڙ- بي فائدي ٻڪ ڪندڙ. جهڳڙالو- جهيڑا ڪار- بدڪار. ڪمينو. ويڙهاڪو زال- اڻبسٽ ڪندڙ زال. اوڙي زال. ڪمينو- بي شرم- بي حيا- لُچو.

- وڙولَڻُ: مصدر. ٻڇا ڪرڻ- ڏونڊڻ- تلاش ڪرڻ- جاچ ڪرڻ- نهارڻ. (وڙوليو- وڙولينڊو- وڙوليل).

● وَڙولَ ۽ وَڙولُون: ث. ذهن- وڙال- فهم- چترائي. ٻڇا ڳاڇا- ڳولا ڦولا- جاچ- پڙتال. (ڪ). مناڊي- ڏندورو- پڙهو.

- وَڙولِهائي ۽ وَڙولِهائِيُون: ث. وڙول وجهڻ جو ڪم- ڳولا- ڦولا- جاچ جونچ- ڏونڊ- تلاش.

- وَڙولَ ڏيڻُ: ٻڇا ڳاڇا ڪرڻ- تلاش ڪرڻ.

- وَڙولَ رکڻُ: ٻڇا ڳاڇا جو هار رکڻ- ڪنهن ماڻهوءَ تي جاچ پڙتال جو ڪم وجهڻ.

● وَڙهَلَ ۽ وَڙهَلَ: ذ. آماهيل- ڪم آندل- وهايل.

● وڙهَڻُ: مصدر. (سن. ولهَ = کهڻ يا زخمڻ). چينڻ- ڏوراپو ڏيڻ. جهيڙو ڪرڻ- لڙڻ- جُٹڻ- مقابلو ڪرڻ- لڙڻ- جهونڊڻ- جهڳڙڻ- ڏڻڻ- دب ڪيڻ- چند ڪيڻ- ڳالهائڻ- ڏمڪي ڏيڻ- لڙائي ڪرڻ. (وڙهيو- وڙهندو- وڙهيل).

- وڙهيُ ڏانڊگو ٹيڻُ: سخت جهيڙو ڪرڻ- چڪري ڪاڻڻ- وڙهي فنا ٹيڻ- سخت مقابلو ڪرڻ- ڏاڍو جهيڙو ڪرڻ- فساد ڪرڻ- وڏو تڪرار ڪرڻ. خراب خوار ٹيڻ- بدنام ٹيڻ- پنهنجو نقصان ڪرائڻ. ڪجهه به حاصل نه ٹيڻ.

- وڙهيُ مَرڻُ: جنگ ڪري ساهه ڪيڻ- فساد ۾ مري وڃڻ- جنگ جوڻ- لڙائي ۾ تباهه ٿي وڃڻ.

● وُڙهَڻُ: مصدر. وڃڻ- چُرڻ- هڻڻ- روانو ٿيڻ. (وڙهيو- وڙهندو- وڙهيل).

- وُڙهيُون وڃڻُ: ڪنهن شيءِ جو بلڪل گم ٿي وڃڻ.

● وُڙهيُ ۽ وَڙهِيُونُ: ث. نشان- پتو.

● وُڙَڻُ: مصدر. ڪهڙڻ- لهڻ.

● وَڙِيَ ۽ وِڙِيُونُ: ث. ڪهوٽيل دال جو سڪل ننڍڙو ڳنڍيو (جو پاڇيءَ طور ڪم آچي). دال جو ٺاهيل طعام جو هڪ قسم. پاڇيءَ جا ٽڪرا- ڪچريون. مٹائيءَ جو هڪ قسم. ڪاهه مان ونيل نوڙي.

آڏارو هَڙ. (سن. وش). حيلو- زور- ڪوشش.

- وَزارت ۽ وَزارتُونُ: ث. وزارت- وزيري- وزير اعظم يا هُرڏان منتريءَ جو عهدو يا آفيسر- وزير هڻڻ. وزير جو عهدو سنياڻڻ- وزير جو ڪم- صدارت- رياست جي وزير جو دفتر.

● وِزُرُ ۽ وِزرَ: ذ. (ع). بار- بوجو- گناهه.

● وَزمُ ۽ وَزمَ: ذ. حقي يا سُلفي وغيره جو دم- چڪڻ واري حالت- سُوٽو- تماڪ جو هڪ وقت لاءِ وزن- حقي جي ڦوڪ- حقي جو سُوٽو- تماڪ چڪڻ جو يڪساهي سوٽو.

- وَزمُ پَرڻُ: سوٽو هڻڻ- پيڙي چڪڻ- نشي واري شيءِ ڪم آڻڻ- چلم چڪڻ- پيڙي پيئڻ.

- وَزمُ ڪَرڻُ: حقو چڪڻ- پيڙي پيئڻ- درلسگائڻ (نشيدار شيءِ جو).

- وَزمُ واڙِيُ ڪَرڻُ: حقو ڀاڪي پيئڻ- ساهه ٽڪ ٽڪ پيڻ- دم ڪڍڻ.

- وَزمُ هڻڻُ: چلم چڪڻ- حقو چڪڻ- سلفي چڪڻ.

- وَزمِيُ: حقو چڪيندڙ- چلم چڪيندڙ- سلفي چڪيندڙ.

● وَزنُ ۽ وَزنَ: ذ. (ع). تور- تورو. بار- بوج. انداز. جاچ- پيمانو- مقدار. امتحان- آزمائش. عزت. قدر. لغت ۾ ڪنهن شيءِ جي تورڻ کي وزن چئجي. علم عروض جي اصطلاح ۾ هن يا وڌيڪ لفظن جي حرڪت هڪجهڙي هڻڻ جي حالت. جيئن "اج ۽ لڄ يا بار ۽ خار وغيره."

Gul Hayat Institute

= وَزنائِتوُ ۽ وَزنائِتا: ذ. صفت. وزن وارو- تور وارو- بار وارو- بوج وارو. ٻيهڪ وارو- ڏاڻ وارو- وضع وارو- انداز وارو.

= وَزنْدارَ ۽ وَزنْدارَ: ذ. صفت. گهڻو بار- گهڻو بوجو. پورو- برابر- ٺيڪ- درست- صحيح. ٻيهڪ وارو.

= وَزن وارو ۽ وَزن وارا: ذ. صفت. وزنائتو- گرو- پاري- گران.

= وَزنِيَ ۽ وَزنِي: ث. وزنائتي- گري- پاري- گران. قوي- طاقتور- قوت وارو- اثرائتو.

● وَزِيرُ ۽ وَزِيرَ: ذ. (ع). بادشاهه جو صلاحڪار- منتري- ديوان- پرڌان- مدارالمهام- ڪارفرما. ندير- وڏو وزير.

= وَزِيرِي: ث. وزير جو عهدو يا ڪم.

● وزِيرآبادَ: اسم خاص. تعلقي سڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَزِيرائِيَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وَزِيرَ رَنْدَ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسَ ۽ وَسُونُ: ث. (سن. وَرْشا = مينهن) بارش- برسات- مينهن. ساوڪ- سبزي- سبزو- هريال- هرياڻ- هرياڻي- سرسبزي- آبادي- پوڪ. (سن. وَسْ = رهڻ) وسنهن. بستي- آبادي- ڳوٺ- وسڻون- وسيل ٻڌ يعني ٽر ٻارڪر جو مينهن ڪان ٻوءِ آباد ۽ سرسبز ٿيڻ. خيال- ڪوششون. بارش ڪان ٻوءِ جڏهن گاهه ٻڌا ٿين اُن حالت کي چئجي وَسَ.

= وَسَ ٿِيڻَ: مينهن جو وسڻ ٿيڻ- برسات پوڻ- گهٽي بارش پوڻ. ڪنهن جي وس ٿيڻ- برو س ٿيڻ- ڪنهن جي حڪم جو تابع ٿيڻ.

= وَس جهڙُو: ذ. خاصو- عمدو- جس پريو- سٺو- لذيذ- سناڪرو- وسن جهڙو- سڪيرو- وٽندڙ- سٺو ستاهو- فرحتي.

= وَسَ چَرَنُ: مال ڪاهي وسڪاري تي وڃي مال کي چارڻ.

= وَسَ واهِنْدو ٿِيَنُ: مينهن وسڻ- بارش پوڻ- برسات پوڻ.

= وَسَ وَڃَنُ: مال ڪاهي، مينهن پيل سائي ملڪ تي وڃڻ.

● وَسِ: ظرف. صفت. (سن. وَش = طاقت) وس ۾- قبضي ۾- هٿ هيٺ- تابع- تليد و- تربيت- پذير- چڱي وان- حليم- سراوندو. قابو ۾- هٿ ۾.

= وَس ڪَرَنُ: زيردست ڪرڻ- هٿ هيٺ ڪرڻ- تابع ڪرڻ. موهڻ- من لُڀائڻ- دل هيرڻ- چت چريو ڪرڻ.

● وَسُ ۽ وَسَ: ذ. (سن. وش = طاقت) زور- طاقت- بل- پچندي- سگهه- قوت- سگهت- تيج- شڪتي- ست- توفيق- سامرٿي- دسترسي- مجال- پهچ- سمرٿي. مرضي- اختيار- پسندي- خوشي. سعيو- آدم- ڪوشش. حيلو- وسيلو. ميڙائڻ. ٽر ۾ ڳوٺ جو هڪ نالو.

= وَسائِيَ: بروس- پين جي وس.

= وَسائِتوُ ۽ وَسائِتا: ذ. صفت. زور وارو- وس وارو- پچت وارو- زوردار- من مانو- مرضيءَ تي چڏيل- طاقتور. اختياريءَ وارو.

= وَسُ پُڄَنُ: ٿي سگهڻ يا ڪري سگهڻ- پچندي هڻڻ- زور هڻڻ. اثر ڪرڻ- اثر وجهڻ.

= وَسَ جهڙُو: ذ. صفت. چڱو- سهڻو- عمدو.

= وَسَ ڪَرَنُ: سمورو زور هلائڻ- حيلا ڪرڻ. طاقت آهر ڪرڻ- پچنديءَ سارو ڪرڻ.

= وَسُ ڪانُ وَڃَنُ: پي اختيار ٿيڻ- پي وس ٿيڻ- وس ڪان ڪري وڃڻ- طاقت کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

= وَسَنُونُ: ظرف. وس ڪان- پچنديءَ مان- وس مان.

= وَسَنُونُ نہ گھٹائِڻ: ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ. سڀ حيلا هلائڻ.

= وَسَنُونُ نہ وِڃائِڻ: طاقت کان نہ گهٽائڻ- پچنديءَ کان نہ گهٽائڻ- پچت کان نہ وڃڻ.

= وَسُ وارو ۽ وَسُ وارا: ذ. مرضيءَ جو مالڪ- پسنديءَ جو مالڪ- مڪمل مختار.

= وَسُونُ نہ گھٹائِڻ: تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ- زور آهر گهڻو ڪجهه ڪرڻ- طاقت آهر زور هلائڻ- پچنديءَ سارو مدد ڪرڻ.

Gulbenyat Institute

● وِسِ ع وِسُونُ: ث. (سن. وِسْمَيَ = اچرج). حيراني - عبرت - اچرج - تعجب - تپرس - عجب. ڪٿي - فڪر - اونو - خيال. ڪهراهٽ. زهر - وهم - وڪ. (ث).

= وِسَ ڏڏو: خراب ذائقي وارو - زهردار - ڪوڙي ذائقي وارو - گندي سواد وارو.

● وِسِهَرُ ع وِسِهَرَ: ذ. زهري - وِکر. ڪوڙو.

● وِسُ: ذ. (سن. وِشِوَ). جهان - دنيا. جهان جا ماڻهو - خلق.

● وِسارَنُ: مصدر. (سن. وِسِرڻ. سن. وِ = پري + سمر = ياد ڪرڻ). پلجڻ - پلائڻ - دل تان لاهڻ. چُڪڻ. غلط جاءِ تي رکي ويهڻ. ڇڏي ويڃ. ياد نه ڪرڻ - سارڻ جو ضد. (وساريو - وساريندو - وساريل).

● وساڙو: اسم خاص. جيت جو هڪ قسم.

● وَساطَتُ: ث. (ع. وسط). وسيلو هڻڻ. درميان هڻڻ - وچ ۾ هڻڻ.

● وِسالُ ع وِسالَ: ذ. ساز جي سُر جو نالو.

● وِسامَنُ: مصدر. (سن. وِشْرامَ = ٽڪ). آجهامڻ - (ڏيئو) گل ٽيڻ. ماندو ٽيڻ - بيهوش ٽيڻ - غش ٽيڻ. ٽڪجڻ - ڍرو ٽيڻ. ڪمزور ٽيڻ - دم ٽيڻ. ساهي پٽڻ. (وِسامیو - وسامندو - وساميل).

= وِسامَ ع وِسامَنُ: ث. ٽڪ. بيهوشي - ماندگائي - غشي - مورچاگتي. آرام - فرحت. مستي - هيٺائي - ڪمزوري - غم ڪان فرصت.

= وِسامِيُ وجَنُ: بلڪل ٽڪجي ٽنجي پوڻ. هٿجڻ. بيهوش ٽيڻ - غش ٽيڻ. وائڙو ٽيڻ. حيرت ۾ پڻجي وڃڻ.

= وِساموريُ ع وِساموريُونُ (ل): ث. ڪٿي - فڪر - اون - خيال.

= وِسامو ٽِيَنُ: وائڙو ٽيڻ - حيرت ۾ پوڻ - پريشان ٽيڻ - تعجب ۾ پوڻ - اچرج ۾ اچڻ.

● وساندِ: ظرف. وس - هٿ.

● وِسانُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي خيرپور ميرس ۽ تعلقي ميرپور خاص ۾ ڏيهن جا نالا. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● وَسانُ جاگيرُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

= وَسائِڪِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● وِسائِلَ ع وِسائِلِ: ذ. صفت. جهڪو - هلڪو - ٽڏو (رنگ).

● وِسائو: (سن. وِشْرام). سست - آرسي - ماندو - ٽڪل.

● وَسائِيُ: ث. (سن. وَسُ = ان" لڻ بعد گڏ ڪرڻ). وسڻ يا آن" ڪرڻ جي محنت. (صفت). ٻين جي وس - پروس.

● وَساوڙُ ع وَساوڙَ: ذ. جيت جو قسم، رنگ گاڙهو ٽئيس.

● وَسائِيڻُ: مصدر. (سن. وَسُ = رهڻ) رهڻ - وسائڻ - آباد ڪرڻ (ڪو ڳوٺ يا ملڪ وغيره). اچلڻ (ڪنهن جي مٿان گند وغيره). ڏيڻ (گاريون). ٻين تي گند ڪي اڇلائڻ. رهڻ - گذارڻ - آباد ڪرڻ. (سن. وَسْمَيَ). وائڙو ڪرڻ - منجهائي ڇڏڻ. اصطلاح. ڪيسر جمائڻ. (وَسايو - وَسائيندو - وَسايل).

ع وِسائِيڻُ: مصدر. آجهائڻ - (بتي) گل ٽيڻ - (ڏيئو) وڏو ڪرڻ. بند ڪرڻ - ٽارڻ - ماري مڃائڻ. فيصل ڪرڻ (جهيڙو وغيره). ڪيسا ٽڪڻ - وِسائڻ - نهوڙڻ. ماري بيهوش ڪرڻ. (وِسايو - وِسائيندو - وَسايل).

= وِسائِجِيُ وجَنُ (ت): ڍرو ٽي وڃڻ - ڍجي وڃڻ - هراسجي وڃڻ.

= وِسائِڪو: ڪوساڻيل - جنهن ۾ چارُ جي ڏَپ هجي.

= وِسائو ع وِساڻا: ذ. صفت. سست - ڪاهٽ - آرسي - آلسي - ٽوٽي - سليو ساٽ - عاري - ڪاهل - ڍاڪُڻ ڍيلو - شومتي - ڪم ڪوس - سِٽل - نسن ٽُٽو - ڪمر - ڍرڪو. ساهيءَ ۾ چڊيل زمين.

= وِسائِيُ: وِسايل - آجهائل.

= وِسائِيُ: ث. موڪائي.

● وَسائِي: اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسائِي پوڻا: اسم خاص. ڏر ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● وَسائِي پوڻو: اسم خاص. تعلقي ميڻيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِسايو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۽ تعلقي ڪڙهي خيري ۾ ديهن جا نالا.

● وَسايو پُٽو: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسايو چاچڙ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسُ ٻَڌيرو (ث): اسم خاص. پکيءَ جو هڪ قسم.

● وَسْتُ ۽ وَسْتَ: ذ. (سن. وست) وستو- چيز- شيءِ- ٽول- وٽ- شيءِ شڪل. امانت.

— وَسْتَ وانو (ث): شيءِ شڪل- ڏڙو ٽپڙ- چيز- ٽول.

— وَسْتُو ۽ وَسْتُ: ذ. وست- چيز- شيءِ- ٽول- وٽ. وَسْتَن- آباد ي- بستي.

● وِسْتارُ ۽ وِسْتار: ذ. (سن. وستار = طول) آپتار- پسارو- ڦهلاءُ- پرڪاش- پکيڙ- وڌاءُ- ماندائو. ديڳهه- ليسو- راساڙو- ڪهات- ڪاڍ- ڪهت. بيان- احوال- پڌرائي- ظاهر.

— وِسْتارُ ڪَرَڻُ: آپتار ڪرڻ- پرڪاش ڪرڻ- وڌاءُ ڪرڻ- ديڳهه ڪرڻ- ڪاڍ ڪرڻ. ڪهات ڪرڻ- بيان ڪرڻ- احوال ڪرڻ- تفصيل بيان ڪرڻ.

— وِسْتارُو ۽ وِسْتارا: ذ. بيان- ڪهات- ڪاڍ- احوال. وڌاءُ- آپتار.

— وِسْتارِيُ: ث. وستار جو- ديڳهه جو. بيان ڪندڙ- ڪهات ڪندڙ- ڪاڍ ڪندڙ.

● وَسْتَرُ ۽ وَسْتَرَ: ذ. (سن. وستر) ويس- وڳا- ڪپڙا- پوشاڪ- پهراءُ- پهرڻ. ڪتل.

● وَسْتِيُ: ث. (سن. وس = رهڻ) وسي- ڳوٺ- واهڻ.

● وَسْرائِيڻُ: مصدر. ورسائڻ. (وسرايو- وسرائيندو- وسرايل).

● وِسْپَتِ: ث. هڪ ڏينهن جو نالو. خميس.

● وِسْرامُ: ذ. (سن. وِشْرام) آرام- وشرام- (پڙهڻ ۾) ساهي- ٻيهڪ.

● وِسْرامُ: ذ. (سن. وشرام > وِ = نه + شرم = تڪجڻ) آرام- فرحت- ساهي- آسايش. قرار- نند جو جهٽڪو. ٻيهڪ (پڙهڻ ۾).

— وِسْرامُ ڪَرَڻُ وَڏڻُ: ٽڪ پَڄڻ- دم پٽڻ- ساهي کڻڻ- آرام ڪرڻ.

— وِسْرامِيُ ۽ وِسْرامِيُ: ذ. صفت. وسرامي- آرامي- نندائتو.

● وِسْرُڪُ: (سن. وِ = پري + سُرُڪ = آچل) پري آچل. اهو اکر جنهن ۾ "هـ" جو آچار سمايل آهي، آنهن اکرن جي آچار ڪرڻ مهل وات مان هوا آچلجي وڃي پري ٿي پوي.

● وِسَرَڻُ: مصدر. (سن. وِ = پري + سمر = پري ڪرڻ) پلجي وڃڻ- ياد نه اچڻ- دل تان لهڻ- پُلجڻ- وسري وڃڻ- چيت تان لهي وڃڻ- (ڪا ڳالهه وغيره) ڌيان تان لهي وڃڻ. (وسريو- وسرندو- وسريل).

● وُسِيرُ ٿَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِسِيرُڪُو ۽ وِسِيرُڪا (ث): ذ. پرم- وهم- گمان- سنسو.

● وَسْڻِيتَ: اسم خاص. (سن). نالو هڪڙي رشي جو (جو شري رام چندر جو گرو هو). نالو هڪ تاري جو (جو قطب تاري پرسان هوندو آهي). نالو هڪ ويدانت جي ڪتاب جو.

● وَسَطُ: ذ. (ع). وچ واري شيءِ.

● وُسعَتَ ۽ وُسعَتُونُ: ث. (ع). بل- طاقت- وِتُ- توفيق- وسيعت- پهچ- قوت- پچندي- سگهه- سگهت- سمرٿي- فوقيت. هُوندد. جميعت. شاهي- وسيعت مندي- بيسٿلائي- شاهوڪاري. فراخي- ڪشادگي- ويڪرائي- ويڪراڻ- موتاڻ.

Gul Hayat Institute

— وُسْعَتْمَنْدُ: ذ. صفت. وسعت وارو.
— وُسْعَتَ واروءَ وَسِعَتَ وارا: ذ. وسعت وارو- بهنديءَ وارو- وسيعت مند- شاهه- شاهوكار.
● وَسْكارو ءَ وَسْكارا: ذ. (سن. وَرْشا= برسات). مينهن جو وسكو. ورکا- اوهيڙو- چُلڪي. برسات- مينهن جي وسڻ جي حالت. برسات جا ڏينهن. سالون. جوهو. پالوٽ. ڪاڻ جون ٻه سنهيون لٽيون ايڪائي فوت ڊيگهه هڪ انچ گولائي واريون جي آڻڻ جي لاءِ تاجيءَ جي وچان نڪتل ٽين.
● وَسِيكَنُ: مصدر. وسڻ- وسکارڪرڻ.
● وَسِكَنُ: ذ. حرص- لالچ- دل سرڪڻ- هرڪڻ.
— وَسِكَنُو ءَ وَسِكَنَا: ذ. سڀ شيءِ تي دل هرڪائيندڙ- هر شيءِ تي مرضي ڪندڙ- لالچ ڪندڙ.
● وَسِكو ءَ وَسِكا: ذ. مينهن جو وسکارو.
● وَسِكو: بي سمجهه- مرمنڙيو- مورک- بيوقوف- ناسمجهه- نادان- اناڙي- ڇڙ.
● وَسْلَنُ: مصدر. ڪير جو ڦٽڻ يا هانس ڪري وڃڻ. وڙڻ.
● وَسِلَنُ (ل): مصدر. خراب ٿيڻ- (ڪير جو) ٽٽڻ. مخالف ٿيڻ- گارگند ڏيڻ- گهٽ وڌ ڳالهائڻ- تهذيب کان نڪرڻ- ڪنهن شيءِ جو ٻگڙي پوڻ- ڪير ۾ موري وجهڻ، (موري ڪير جي ويرپائي آهي جا ڪير ۾ پوي ته وسلي وڃي). مرڪب شيءِ جي جزن جو ڌنڌجي جاءِ کان اکڙي پوڻ- علحده ٿيڻ. (وسلو- وسندو- وسليل).
— وَسِلِئَلُ ءَ وَسِلِئَلَ: ذ. صفت. ٽڪرا ٽڪرا ٽيل- جدا ٽيل- علحده ٽيل- حصا ٽيل- پاڳا ٽيل.
— وَسِلِيُ وڃڻ: ڪاوڙجي وڃڻ- خراب ٿي وڃڻ.
● وَسْلو ءَ وَسْلا: ذ. (سن. وَسْت). شيءِ- چيز. مڌي ءَ مال- ڏور ءَ ڏيکو. مال متاع- سامان سڙو- ٽڙوٽڦڙ- مال اسباب- ڪريٽر- ملڪيت- مالڪيات- راس. آتت. جائداد- املاڪ. قدر- هير. ٿانءُ- برتن- گهر جا وکر واري. اوزار.
— وَسْلو واڙِيُ: ذ. سامان سڙو.
— وَسْلو وانو: ذ. سامان سڙو.
● وَسَمُ: ذ. واسامو- ليپو- جهاتي.
● وَسمو: ذ. ميندي لڳائڻ ۾ ان بعد ڪيس لاڻڻ يا رکو ڪيس لاڻڻ. رنگ لاڻڻ. (ن- ب).
● وَسْمَئي ءَ وَسْمَئي: ث. (سن. وِسْمَيَ= حيران). حيراني- تعجب- آچنبو- عجب- اچرج- حيرت- وسڻ- عبرت.
● وَسَنَانُ: ذ. گيهه صاف ڪرڻ لاءِ سکڻ ۾ آنَ جو ڏارو رجهڻ ۾ رڌڻ.
● وَسَنْتُ: ذ. (سن). بسنت- بهار.
● وَسَنْدُ جيهو: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ ديهه جو نالو.
● وَسَنْدِيُ ءَ وَسَنْدِيُون: ث. (سن. وسَتِيُ > وَسُ= رهڻ). ڪوٽ- وسي- واهڻ- ڪونڙو- بستي- واهڻ- بهراڙي- جتي آباد ۾ ڏاڏو وغيره ڇڪو هجي. پَل- زرخيزي- سڪلتا- آبادي.
— وَسَنْدِيُ ڪرڻ: آباد ٿيڻ. رهڻ. گذارڻ.
● وَسْنو: آبادي- بستي- واهڻ. ديڳ هيٺان هاريل باهه.
— وَسْنو لٽڪَنُ (ت): باهه لڳڻ- سڙڻ- باهه جو ساڙڻ.
— وَسَنْهُنُ ءَ وَسَنْهَنُ: ذ. آباد ٿيل جاءِ- سرسبز يا زرخيز هنڌ.
— وَسَنءِ: آبادي- وسندي. باهه.
— وَسنئِن ڏيڻ: سارين جي ٻيجي جي زمين تيار ڪري مٽان پاڻي ڏيئي پوءِ ان ڪي تيلي ڏيڻ. ڪنيار جو مٽي ڪي تيلي ڏيڻ. (ن- ب).
— وَسِنهَرُ: وسي- آبادي.
● وَسَنُ: مصدر. (سن. وَرْشا= مينهن). مينهن پوڻ- برسات پوڻ- پاڻي پوڻ- وسڻ- ورسڻ. آباد ٿيڻ- سائو ٿيڻ- وڌڻ ويجهڻ- سرسبز ٿيڻ- قرڻ قلڻ- سرسبز ٿيڻ. (جهنڊي) ڦرڪڻ- لهرائجڻ. (سن. وَسُ). ٻڌائي لاءِ ان هڪ جاءِ گڏ ڪرڻ. (اسم خاص). تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (وسيو- وسندو- وسيل).
— وسيُ وساڻيُون: روئي روئي ساڻيون ٿي ٻيون.

Gul Hayat Institute

● وَسوُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وِسوُ: تڪليف - ڏکيائي - اهنج - اولاڻ.
- وِسوُ وارُ نہ هُنڌُ: وار ۽ ونگو نہ ٽيڻ - ڪوبہ اهنج ايذاءُ نہ رسڻ - ڏکن ڏاکڻن کان محفوظ رهڻ.
● وَسوُ ۽ وَسوُ: هاڻي.
● وِسوُ ۽ وِسا: ذ. صفت. (سن. وِسْمِيتَہ) حيران - سوگهو - بي هوش - خطا - مورڇا - (ڊپ وغيره ۾) حيرت زدو. وائڙو - ٻانهو. بي خبر - بي خيال - حيران - پريشان. خوف - هڪوپڪو. وسواس وارو - منجهيل.
- وِسوُ ٿيُ وَڃڻُ: حيران ٿي وڃڻ - عجب ۾ پنجي وڃڻ - عبرت ۾ ٻوڙ - وائڙو ٿيڻ - پريشان ٿيڻ.
● وِسُواسُ ۽ وِسُواسَ: ذ. (ع). ارمان - غم - فڪر - ڳڻتي - چنتا - انتظار - اوڪيا ٻوڪيا - آدڪو - انديشو - سانگو - اون - اوسيڙو - اونسو - ڏوجرو - چوڻرا ڪوڻرا. بي آرامي - لوڇ - پيڙهہ - ڊپ - گمان. پرم - سنسو - وهم - غيرت - سند يهہ. (سن. وشْواش) ويساهہ - اعتقاد - اعتبار - پروسو - پرتيت - اميد - آسرو - توڪل.
- وِسواسِيُ ۽ وِسواسِيُ: ذ. صفت. وسواسو - شڪي - سنسئِيُ - پرمي - وهمي - گماني - شڪائتو - بي ويساهو - اڻ وسهو.
- وِيسُاهہ رَکڻڏڙُ: اعتقاد وارو - وشواش وارو - سادو سُودو.
- وِسواسِيو: ذ. وسواسي.
- وِسُورِيُ ۽ وِسُورِيُونُ: ث. سوگهي - پليل - وِيسري.
● وِسُوڙڻُ: مصدر. (سن. وِ = گهٽ + سُمَر = ياد ڪرڻ) پُاڄڻ - هٿالجڻ - پنهلجڻ - ڪمراهہ ٽيڻ. برغلائڻ. (وسَوڙيو - وسُوڙيندو - وسُوڙهل).
- وِسُوڙائِيُ ۽ وِسُوڙائِيُونُ: ث. وِيسر - پُل - پنهل - ڪمراهي. صاف دلي.
- وِسُوڙجڻُ: مصدر. پلجڻ - برغلائڻ - هٿالجڻ - ڪمراهجڻ. اعتبار ڪرڻ.
- وِسُوڙلُ ۽ وِسُوڙلَ: ذ. صفت. وسوڙو - صاف دل - نهڪپٽ - سڌو سادو - هالو پولو - نرچل - شڏمتي - بي ڊوهو - پورڙو - ويسريو - ويسرڪاڏو - موگو - نادان - مورک - منجهيل - بي عقل. آڇاڻ - مت موڙهل.
- وِسُوڙُوُ ۽ وِسُوڙا: ذ. صفت. وِسُوڙل.
- وِسُوڙهائِيُ: ث. وسوڙائي.
● وِسُوڙهُوُ: ذ. صفت. وسُوڙو.
- وِسُوڙِيُ ۽ وِسُوڙِيُونُ: ث. ويسري - موگي - پليل.
- وِسُوڙِيوُ ۽ وِسُوڙِيا: ذ. اعتبار ڪندڙ - مت موڙهل.
● وِسُوِسُ: ث. شَڪُ - شُبهو - وهم - ٻَوُ. بي اعتباري.
- وِيرِيُ وَيَجَنَٹِيُ: ٻار ڪي ڏنل ٻاراتو.

● وِيرُ ع وِيرَ: ذ. صفت. بهادر- پهلوان- جوڌ و جوان- سُورمو- سگهارو- بلوان- ڪوندرا- طاقتور- مضبوط- جانٹو- سور ويڑ- سورهيه- پلو- پلارو. سياڻو- عاقل- داناءُ. ڀاءُ- برادر- ابي امان جاڻو. جِنُ- پوت- ديو- راکاس.

- وِيرُاٹو ع وِيرُاٹا: ذ. صفت. سورهيه جو- پهلوان جو- سُورمي جهو- بهادرانه. جوڌو- ٻانڪو.

- وِيرُتا ع وِيرُتائُونُ: ث. سُورهيائي- پهلواني- بهادري.

- وِيرُ پَوَنُ: ويرڪيل- جِنُ پوٹ- پوت اچڻ.

- وِيرُ چَرِيٹَرن: ذ. رَزُم جو بيان.

Gul Hayat Institute

ـ وِيرُ کهيلڻُ: ذ. جِنَ پيل وانگي کيل يا نٽ ڪرڻ.

● ويراتو: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيراجُ ۽ وِيراجَ: ذ. پوک پوکڻ - روٽيو هڻڻ - ٻني ۾ ٻيجو هڻڻ. (ت).

● ويراجو ۽ ويراجا: ذ. درد - غم - دُکُ - ڏُک. (ت).

● وِيرُاسَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيراڳُ ۽ وِيراڳَ: ذ. ويراڳ - قطع تعلق - تياڳ - سنياس - دنيا ترڪ ڪرڻ يا تارڪالدليا ٿيڻ واري حالت - دليوي خواهش کان نفرت - دنيا کان ڪناره ڪشي. بي آراسي. عشق. فراق - وڇوڙو - غم - درد. روڳُ.

ـ وِيراڳِڻ ۽ وِيراڳِڻُون: ث. ويراڳي - فقيرياڻي.

ـ وِيراڳِيُ ۽ وِيراڳِي: ذ. دنيائي خواهشن کان پري - ويراڳ وارو - ويراگي - سنياسي - فقير - تارڪالدنيا. عابد. زاهد. جوگي. عاشق.

● وِيرانُ ۽ وِيرانَ: ذ. سُڃو - برباد - آجڙ - غيرآباد - ويران - آرڻ - آجاڙ - آجڙيل - ناهود - تباه. پامال - قتل - خراب. ڪنڊر - ڊڙا - غار - اداس - پريشان.

ـ وِيرانُ ٿِيڻَ: آجڙڻ - تباهه ٿيڻ - برباد ٿيڻ - غيرآباد ٿيڻ - پامال ٿيڻ.

ـ وِيرانُ ڪَرڻَ: برباد ڪرڻ - آجاڙڻ - پامال ڪرڻ - تباهه ڪرڻ.

ـ وِيرانو ۽ وِيرانا: ذ. جهنگل - آجاڙ - اوجهڙ. غيرآباد جاءِ - ويرانو - پَٽُ - پيڙو.

ـ وِيرانيُ ۽ وِيرانِيُون: ث. سڃائي - تباهي - برباديءَ - آجاڙ.

● وِيرا واهڙُ: اسم خاص. ٽر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● وِيراهِبَ (ڪ): اسم خاص. هڪ ڻن جو نالو.

● وِيراهڙُ واهڙُ: اسم خاص. تعلقي لنگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيرُجُ: ث. (سن. وِيرُ يه = منيِ) منيِ - ڏات - نطفو - مڙدي - بيرج.

● ويرڙو ۽ ويرڙا (ت): ذ. اسم خاص. پڪيءَ جي هڪ قسم جو نالو.

● وِيرُوسِيُ (ڻ): اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● وِيرَمَ ۽ وِيرَمَسُونُ: ث. (سن. وِ لنڤَبَ = وِ ير) وقت - مهل - ويل - ٽورو وقت - گهڙي. چرڪ - سِل وِل - ديرِ - اوير - ڪيسو - سيڙپ - اِلتُو - ليت و لعل - ناغو. "آڏيندي ڏينهن لڳڻ ڏاهيندي ويرم نه لڳي" (چوٽي).

ـ وِيرَمَ وِسارِي نَ وِهَنُ: ڪڏهن به دل تان نه وسارڻ - هر وقت ياد ڪندو رهڻ - هڪ پل به ياد کان غافل نه رهڻ - سدائين سڪ ۾ گذارڻ.

● وِيرَمَسُ ۽ وِيرَمَسِيُونُ: ث. ماڻهوءَ کي رت ڳاڙو ڪري مارينڊ جادو يا زهر.

ـ وِيرَمَسُ هَڻَڻُ: جادوءَ يا منتر سان هڪدم مارڻ (ماڻهو يا حيوان کي).

● وِيروُ ۽ وِيرا: ذ. (سن. وِيلا > وِ لنڤَب = وقت) وقت - ويل - ويلا - ٽائو - مهل - ويلو. ديرِ - اويرِ. وڇهه - داءُ - وَکَڙُ - وارو - ڦيرو - موقعو. (ت). پيرو - دفعو - گهمرو. (ڪ). سانگو - خيال. (ت). واندڪائي - فراغت. (ت). پاسو - ڪنارو - ڪنار - ڪَپُ. (ت). (صفت). واندو - آزاد - چُٽل. (ڪ) (ث. وِيرِي ۽ وِيرِيُونُ).

ـ وِيرانَ هُجَڻُ (ت): واندڪائي نه هجڻ.

ـ وِيرِسانُ (ت): ظرف. سانگي سان - اتفاق سان - موقعي سان.

● وِيرِي ۽ وِيرِيُونُ: ث. وِيڙ - ڪوهه. نديءَ ڪوهي. حصو - پاڳو. حد واري پٽ يا ديوار - حاطو. حجاب - پردو. جهنگ - ويڑهو. رڻ پٽ - سج.

● وِيرِي تي هَلَڻُ (ڪ): ڪاڪوس لاءِ وڃڻ - جهنگ ڏانهن وڃڻ.

ـ وِيرِي ڏِي وَڃڻُ (ڪ): سُڃَ ڏي وڃڻ. جهنگ ڏي وڃڻ. واهيات ٻڪڻ. اجايو ٻڪڻ.

Gul Hayat Institute

● وِيُرِيَہُ: ث. (سن. ويريہ=مني)مني-منڊي- وِيُرج.

● وِيرِيُچَلُ ۽ وِيرِيُچَلَ: ذ. صفت. ويڑھيچل. دوست-محبوب.

"ويجهو آهي ونين کون، ويڑيچل وٽان".

● وِيڑھُ ۽ وِيڑَ: ذ. (سن. ويشٹ = جهنگ) جهنگ- جهنگل. وڻ جو جهڳٽو- ويڑھ. جُوءِ- کوچو- کُنجو- ٻيلهاڙو- پَنِ. ويڑھُ- ويڑھو- ٻاڙو. مارن جو ملک. (مارئي- کُر).

- وِيڑِيُچَلُ ۽ وِيڑِيُچَلَ: ذ. صفت. ويڑھ يا جهنگ ۾ رهندڙ- جهانگي- مارو. محبوب.

"ويڑھيچل وطن ڏانهن واڳون وارينداٰ".

- وِيڑِيُچوُ ۽ وِيڑِيُچا: ذ. صفت. ويڑيچل.

● وِيڑِهُ ۽ وِيڑِهِيُونُ، وِيڑِهُونُ: ث. لڑائي- جنگ- يُدّ- جُدّ- رَڑُ. جهيرو- ٽنٽو- رڳڑو. گهاڻو جهنگ- کُتيل جهنگ. (ک). گهاڻو وڻ- جهُمٽ- جُوهو- جُهو. (اسر خاص). ول جو هڪ قسر- وڻن تي ٽيندڙ هڪ وَل.

- وِيڑهاتُ ۽ وِيڑهاتَ (ک): ذ. صفت. ويڑهاڪ.

- وِيڑَهاڪُ ۽ وِيڑَهاڪَ: ذ. صفت. جنگ کنڊڙ- وڙهندڙ- لڙاکو. جهيڑائي- جهڳڑائي- ٽنٽائي- رڳڑائي- معاملائي.

- وِيڑهاکُو: ذ. صفت. وڙهندڙ- لڙاکُ. سورهہ- پهلوان. (ک).

- وِيڑَهانڈِ (ت): ث. ويڑهہ- لڑائي. جهيڑو- جهڳڑو.

- وِيڑُهُو ۽ وِيڑُهُوَ: ذ. صفت. ويڑهاڪ- لڙاکو- لڙاڪ- جنگجو. جهيڑائي- رڳڑائي- ٽنٽائي- معاملائي.

- وِيڑُهُو کهٽوُ ۽ وِيڑُهُو کهٽا: ذ. ويڑهو ڏنبو- وڙهندڙ کهيتو. جهڳڑائي ماڻهو.

- وِيڑُهُو کهٽو هُٹَنُ: جهيڑاکار هٽ.

● وِيڑهُ ۽ وِيڑَهُ: ذ. (سن. وِيشٹ = جهٽنگ) جهنگ- جنگل- ٻيلو- کهاڻا وڻ- وڻن جو جهڳٽو- ويڑهو. کُهہ جو هڪ قسر- سُندي ۽ جو هڪ قسر- ويڑهي واري سُندي (جا خاص شاديءَ ۾ ڪر اچي). کورين جي اصطلاح ۾ آئيل ڪپڑي مان تاکيو ڦاڙڻ بعد باقي تَرَ تي ويڑهيل کجهہ ڪپڑي ٽُکر. (ت). ڏوهين جي اصطلاح ۾ ڪُنب تي چڑهيل ڪپڑن مٿان ويڑهيل ڪپڑو. (ت). درياءَ جي ٻيڑيءَ جي سڙهہ جي ٻاهرين ڪنارن سان ٻَڌل نوڙي. (ن-بلوچ). (ذ. صفت). ويڑهيل- گول سول- پيچدار- وکڙيل.

- وِيڑُهہُ قَلَمِيءِ جوُ: ذ. سڙهہ جي چوڏاري وٽ سان رسو. (ن-بلوچ).

- وِيڑَهاکُو ۽ وِيڑَهاکا: ذ. صفت. وڻن جو جهڳٽو- جهُمٽ- ويڑهو.

- وِيڑِهِيُچوُ ۽ وِيڑِهِيُچا: ذ. صفت. جهنگ ۾ رهندڙ- جهانگي- سانگي. مارو ماڻهو- ڏوٽي- ويريچو. ڪنوار- اناڙي.

● وِيڑَهارَ: اسر خاص. تعلقي ڏيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● وِيڑَهائِنُ: مصدر. لڑائي ڪرائڻ- لڙائڻ. جهيڑو ڪرائڻ- جهڳڑو ڪرائڻ. لينائڻ- ويڑهہ ڪرائڻ. (ويڑهائيو- ويڑهائيندو- ويڑهائيل).

● وِيڑَهُنُ: مصدر. (سن. اورڻ) چوڏاري وکوڙڻ- لپيٽڻ- وکوڙڻ- ٻَڌڻ- سميٽڻ. وِيٽو ڪرڻ. ڍڪڻ- لِڪائڻ- گهيرڻ- بند ڪرڻ.

- وِيڑِهِجِيُ سِيڑِهِجِيُ وَجَنُ: گول سول ٿي وڃڻ.

- وِيڑَهُ سِيڑَهُ: ث. ٽڪڙو ڪر- تڙ تڪڙ. مختصر نمونو- نهايت گهٽ.

- وِيڑِهونِيُ ۽ وِيڑِهونِيُونُ (ت): ث. ويڑهو- ويڑهيل. ڏلڪو.

● وِيڑُهُوَ ۽ وِيڑَهَا: ذ. چوطرف لوڙهي جي اندر آيل ايراضي- ٻاڙو- محلو- ڪُٹنب- خاندان. حويليءَ جو اڳڻ. جاءِ- مڪان- ماڳ. چوڏاري ڏنل ويڑهو- واڙ- لوڙهو- واڙو. لوڙهي سان بند ٽيل ڪاکوس- پُٹيي- پاڻخانو. غسل خانو. سُٽ وغيره جو ويڑهيل ڍيرو- ٿورو- ڍيسري. (واڇ

GulHayat Institute

وغيره جو) اسپرنگ. ٻهير جو گهاڻو وڻ. ڦرڙيءَ جو هڪ قسم. سيڙهه ۾ بدل رسا - ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار.

= وِيڑهاڻو ع وِيڑهاڻو (ک): ذ. ويڙهي وارو - لوڙهي وارو.

= وِيڑهوءُ ڪري وهڻُ: چونڪي لڳائي ويهڻ - وبهي ڪچهري ڪرڻ - گڏ ٿي ويهڻ - ميڙ ڪري ويهڻ.

= وِيڑهوءُ وِيڪڙوءُ ٿيڻُ: آزادي ملڻ - جهلَ پلَ نه ٿيڻ.

= وِيڑهي ٿهي وهلَڻُ: ڪاڪوس ڪرڻ لاءِ وڃڻ.

= وِيڑهي ٿهي وهڻُ: ڪاڪوس لاءِ وڃڻ - ويڙهي تي هلڻ.

= وِيڑهي ۾ وهڻُ: ويڙهي تي هلڻ يا وڃڻ - ڪاڪوس ڪرڻ وڃڻ.

● وِيڑهوءُ جهڙپُ: اسم خاص. ٽر ۾ ڏيهلي جي اُتر - اُهندي طرف ٽن ڪوهن تي هڪ ڳوٺ جو نالو.

● وِيڑهيءُ ع وِيڑهيُونُ: ث. (ڏاس وغيره جي) ڏورن جو ننڍو ويڙهو - ڏيري - سُٽ جو ڦورو - وِيٽو - گونچڙي. (تار وغيره جو) وَرُ - ويڙُ - وَڪڙُ.

= وِيڑهيءُ ڪرَڻُ: ڏاس، اَن يا ملس وغيره کي صاف ڪري ڪٽڻ لاءِ خاص نموني ويڙهي ڏيرو ڪرڻ.

● وِيڑهيءُ: اسم خاص. ٽر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● وِيڑهيُچوُ ع وِيڑهيُچا: ذ. ساڪي ويڙهه يا جُوءِ جو رهاڪو - ڳوٺائي - هم وطن. (اسم خاص). جوڙيجن جي هڪ پاڙي جو نالو. (ن - ب).

● وِيسُ ع وِيسَ: ذ. وَڳو - (ڪپڙن جو) جوڙو - پوشاڪ - ڪپڙا - لباس. رنگ - ڍنگ - نمونو. فقيرن جي ڪنِ مرشد وٽان ملهل ٻڌڻ. ڇوڙا پوش.

= وِيسُ ڏارِيُ ع وِيسُ ڏارِيُ: ذ. نئين نموني جا وڳا ڍڪيندڙ - ناٽڪ ۾ حصو ونڊڻ - نَٽَ - اداڪار - نخريلو - ايڪٽر - نقال - مسخرو.

= وِيسُ ڦٽائِيُ: ٻيا ڪپڑا پائڻ - پوشاڪ بدلائڻ.

= وِيسَرانُ ع وِيسَرانَ: ذ. صفت. ويسَ وارن جو. ظاهري لباس.

"اوڍي ويسُ ويسران جا ڏيهه ڪي نه ڏيکار".

= وِيسيُ ع وِيسِيُ: ذ. ري سيبي.

= وِيسا ع وِيسا: ذ. مخفف ويساهُ.

= وِيساکاتِيُ ع وِيساکاتِيُونُ: ث. ٺڳي - ويساهه گهاتي - دغا - دوکو - ڪوٽ - دولاب - فريب.

= وِيسا گهاتِيُ: ذ. ويسا ڪاتي.

= وِيسا سُوڙُ: ذ. هي سمجهه - موڪو - وائڙو.

= وِيسا وِجائِيُ: ويساهه وڃائڻ - پت وڃائڻ - بڇڙائي ظاهر ڪرڻ - اعتبار گهٽ ڪرڻ - ڏوٽيڻ. هي فائدي ڪوشش ڪرڻ.

= وِيسا وِسُوڙُ ع وِيسا وِسُوڙُ: ذ. سچو - ايماندار - وفادار - ايمان وارو - سُٻتيو. وچن تي پورو.

● وِيسارُ ع وِيسارا: وسري وڃڻ واري حالت - ويسر - نسيان - پُلَ. (ذ. صفت). ويسر جو يا ويسر وارو - وساريندڙ - ياد نه رکندڙ - ويسريو - ويسر ڪاڏو - گهيئوار - غافل - هي پرواهه.

● وِيساسُ ع وِيساسَ: ذ. وفاداري - عقيدت - سچائي - ويساهه - نسچو - پروسو - ايمان - اعتبار - يقين - اعتقاد - اعتماد.

= وِيساسِيُ ع وِيساسِيُ: ذ. ويساهه وارو - اعتباري - اعتقاد وارو - ايمان وارو - سچو. وفادار - سَرڏالُو.

● وِيساکُ: اسم خاص. هندڪي سنبت جي ستين مهيني جو نالو - ويساخ (اپريل - مئي جي برابر).

= وِيساکِيُ: اسم خاص. (سن. وِشاکا). ويساک مهيني جي سورهين تاريخ. ويساک جو. ويساک جي مهيني ۾ هندن جو وڏو ڏينهن (جنهن تي ڪيترن هندن تي درياهه تي ميلو ملهابو ويندو آهي).

Gul Hayat Institute

● وِيسانڈِ ع وِيسانڈُونْ: ث. آرام - قرار - فرحت. صبر - سانت - ماٹ - ساهي - ويساندي - ڈاهو - دمر - ويساهي - واند کائي - فرصت.
= وِيسانڈِيْ ع وِيسانڈِيُونْ: ث. فرصت - واند کائي.
= وِيسانڈُهُونْ: ذ. ويسانئي - ويسانهين - ڈاهو - منزل - ويساهي. وندر - فرحت. ورونهن. گَمت - کنڈو - تعطيل - چوٽي.
● وِيسانْ وِيسانَ: ذ. ساسونبدي مڇيءَ جو هڪ قسم. جرکو - ڏوئو.
● وِيساهِنْ: مصدر. يقين ڏيارڻ - مڃائڻ - ويسهڪرڻ - ويساهه ڏيڻ - برغلائڻ - ويساهه ڏيئي ڏوکو ڏيڻ - ڀلائڻ - کوڙو دلاسو ڏيڻ - ڏَڻارڻ. (ويساهيو - ويساهيندو - ويساهيل).
= وِيساهُ ع وِيساهَ: ذ. اعتبار - يقين - پروَسو - پرتيت - ويسه - وشواس - پَت - عقيدو - سرڌو - ايمان - صدق - اعتقاد - ڀڪ.
= وِيساهُ آڙائِنْ: (نفعي جي اميد تي) نقصان پرائڻ.
= وِيساهُ گهاتِيْ ع وِيساگهاتِيونْ: ث. ٺڳي - دولاب - دغا - کوٽ - ترکت - بي ايماني - کپت - نمڪ حرامي - يارماري. اعتبار کي دوکي ڏيڻ واري حالت. (ذ. صفت). بي ايمان - نمڪ حرام - يارمار - دوکيباز - دغاباز - ٺڳ - دولابي - کپتيو.
= وِيساهُوْ وِيساهُوْ: ذ. صفت. ويساهه وارو - ويساهي - ايماندار - سچو - سپتيو - پروسي جهڙو - معتبر - ايماني.
= وِيساهُ وِجائِنْ: آڃايو ڀاڻ کي اڃي ڪرڻ - پاڻ کي هڏرو ڪرڻ.
= وِيساهُ وِسَهَنْ: اعتبار ڪرڻ - يقين ڪرڻ - وشواس ڪرڻ.
= وِيساهُ هُجَنْ: اعتبار هجڻ - پت هجڻ.
وِيساهِي: ويساهه ڏيئي - دُلبو ڏيئي.
= وِيساهِي وِڙهَنْ: دغا ڏيئي: دولاب ڪرڻ - آسرو ڏيئي فريب ڪرڻ - دوکو ڏيڻ.
● وِيساهِيْ ع وِيساهِيُونْ: ث. آرام - فرحت - دَمر - ڏاهو - ويساندي - ويسانهون - ساهي - فرصت.
= وِيساهِين: ث. فرصت - واند کائي - ويساهي - ساعت - دمر - آرام - ڏاهو - ويساندي. خوشي - فرحت. ساهه پٽڻ يا ساهه کڻڻ جي جاءِ - آرام گاهه.
● وِيسائونْ: ذ. ڀاجاريءَ کي هرلي سان ڪنڊيندڙ ڪاٺ جو هڪ ٽڪر.
● وِيسَرِ ع وِيسَرُونْ: ث. وسري وڃڻ واري حالت - نسيان - ويسارو - وسوڙائي - غفلت - فراموشي - پَل - ڇڪ يا چوڪ - غلطي (ت).
= وِيسرال ع وِيسرالُونْ (ڪ): ث. ويسر - وسوڙائي.
= وِيسَرِ پُولائُو ع وِيسَرِ پُولاَ: ذ. ويسر سبب ٿيل غلطي - پَل چوڪ.
= وِيسَرِ پولي ڀرِ: چوڪ کان - پولي ڀر - پل ڀر - غلطي سان - سهُواً.
= وِيسَرُوْ ع وِيسَرا: ذ. صفت. ويسرڪاڏو - ويسريو - وسوڙل - غافل - گنوار - بي‌خبر - وساريندڙ - وِيسيلو.
= وِيسَرِيْ ع وِيسَرِيْ: ذ. صفت. ويسر ڪندڙ. سست - غافل.
● وِيسَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وِيسَرُ ع وِيسَرَ: ذ. هڪ دريائي جانور جو نالو.
● وِيسَرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وِيسَرُڪِيْ: اسم خاص. تعلقي ديري محبت، تعلقي بدين ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ديهن جا نالا.
● وِيسَرُوْ: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وِيسروڙِيْ: اسم خاص. ٽر ۾ هڪ پِٽ جو نالو.
● وِيسِلُوْ ع وِيسِلا: ذ. صفت. (سن. سُمر = ياد ڪرڻ) غافل - ويسارو - ويسرو - وسوڙو. ڪهيلو. بي خبر.
● وِيسَنْڈَ ع وِيسَنْڈِيُونْ: ث. واند کائي - فرصت - فراغت - وارکائي - ويساهين - ساهي. ويرم. وارو. وقفو. (ن - بلوچ).

Gul Hayat Institute

● وِيسُوءَ ۽ وِيسا (ث): ذ. صفت. برداشت - متحمل - گنهيڙ - گنهيڙ.

● وِيسُورو ۽ وِيسُورا (ت): ذ. حيرت - عجب - اچنبو. خيال - ويچار. ارمان - ڏک - غم - فڪر.

● وِيسُونڊِي (ت): ث. گاهه جو هڪ قسم.

● وِيسُونِي (ت): ث. ٻوٽي جو هڪ قسم. (ذ. صفت). گل جو هڪ قسم.

● وِيسُوهو ۽ وِيسُوها (ت): ذ. ٣٣ فوٽ + ٣٣ فوٽ ماپ جو زمين جو ٽڪرو - ايڪڙ جو ويهون حصو - وِيسو - وِيسُو.

● وِيسَهَ ۽ وِيسَهَ: ذ. (سن). پروسو - اعتبار - اعتقاد - اعتماد - ويساهه - يقين - پَت - نشچو.

- وِيسَهَ وِجائِڻ: اعتبار وڃائڻ - پروسو ڇڏڻ - پَت وڃائڻ.

● وِيسُوءَ ۽ وِيسُٽا: ذ. ٣٣+٣٣ ڪعب فوٽ ماپ جو زمين ٽڪرو - وِيسو.

● وِيسِيءَ ۽ وِيسِيئُون: ث. ڪاڏو - خوراڪ. هڪ ويلي جي ڪاڏي جي رقم يا راشن - ڪاڏي خوراڪ جو خرچ. وِيلو. حساب. خرچ. ڏيڙي.

"ائين ڪنهن نه آڏوءِ
ڪريءِ امرَ وِيسِي چلي".

- وِيسِيءَ پائِي ۽ وِيسِيءَ پائِي: ذ. صفت. ڪاڏ خوراڪ ۾ حصو پرينڊڙ.

- وِيسِيءَ خورُ: ذ. صفت. ڪنجوس. وِيسي ماريندڙ.

- وِيسِيئُون ڪَٽَڻُ: ويلي تي ڪاڏي جو حساب لڳائڻ. ڪنجوسائي ڪرڻ.

● وَيشُ: ذ. (سن). هندن جو هڪ فرقو - ٽئين طبقي جو هندو (برهمڻ - ڪتري - وَيشُ - سُودر). واڻيو - مهاجن. واپاري - سوداگر - وڻجارو.

● وِيشْڪارَ ۽ وِيشْڪارَ (ڪ): ذ. صفت. هٿ چراند ڪندڙ - ائنسٽرو - مستي خور - زيان ڪار.

● وِيشِنوءَ ۽ وِيشِنا: ذ. (سن). هندن جي هڪ فرقي جو ماڻهو (جو ماسُ ڪونه ڪائي).

- وِيشِنوءَ ٽِيئَنُ: گوشت مڇي نه ڪائڻ. هندو ٽئين. ڪِرپائتو ٽئين.

● وِيشِيا ۽ وِيشِيائُون: ث. (سن). رنڊي - ويشوا - ڪچري - ڪسبياڻي - رَنَ - رنگيلي.

● وِيڪَ ۽ وِيڪُون: ث. ويڪر - ٻَرُ - جوڙائي - پکيڙ - وُسعت - ڪُشادگي - خُلاصگي - موڪرائي.

● وِيڪَ ۽ وِيڪُون: ث. گهٽتائي - عيب - وِڏَ - خامي - نقصُ - آوٽائي - ڪَمي - سُڪُ - جِيءَ - وِنڪت. ڏيڻ. گِلا - غِيبت. غلطي - چوڪ خطا - پُل.

- وِيڪارو ۽ وِيڪارا: ذ. وِيڪ وارو - ويڪائتو - اڻ سالِر - وِڏائي - وِڏائتو - عيبدار.

● وِيڪِرُ ۽ وِيڪِرَ: ذ. صفت. وِڏائي - وِڏائتو - وِيڪارو. ٻين جا عيب ڪيندڙ.

- وِيڪَ ڪيڻُ: گهٽتائي ظاهر ڪرڻ - عيب ڪيڻ - عيب آڳاڙڻ. چوڪ يا پُل لهڻ.

● وِيڪاجَ ۽ وِيڪاجَ: ذ. وِڪاءُ - وِڪرو - ويڪاءُ.

- وِيڪاءُ ۽ وِيڪاءَ: ذ. ويڪاجُ - وڪرو - وِڪاءُ - ويڪاج.

- وِيڪائُو ۽ وِيڪائُو: ذ. وڪٽڻ جو - وڪري جو - وڪيل - ويڪُو.

● وِيڪَرَ ۽ وِيڪَرُون: ث. ماپ جو هڪ قسم - ويڪ - ڪشادگي - موڪرائي - چوڙائي - خلاصگي - وسعت.

- وِيڪَراڻِ ۽ وِيڪِراڻُون: ث. ويڪر - ويڪرائي - وِيڪَ - چوڙائي - ڪشادگي - خلاصگي - وسعت. ويرائي. مهل. وجهه - موقعو. گنجائش.

- وِيڪرائي ڦاڪَ: ث. جاگرافي ۾ ويڪر جي هڪ خيالي ليڪ.

- وِيڪرائي ڳهيرا: خط استوا سان ساڳي وچوٽيءَ تي قطبن ڏانهن ويندڙ ڳهيرا يا خيالي ليڪا:

Gul Hayat Institute

= وِيڪروُ ۽ وِيڪرا: اِ. صفت. ڪشادو- خلاصو- مئو- جھجھو- گھٽو. ڊيرو- سست- ڊيلو. ڏار- الڳ- علحدو- علحده- جدا. نجو. ڪنجائشي.

= وِيڪرو ٽيِ وِيهڻُ (ت): ڪشادو ٽي ويهڻ- خوش ٽي ويهڻ. دشمن جو ٽري وڃڻ.

= وِيڪِريِ ڪُنڊَ: ث. ڪوني ڪنڊ ڪان وڏي ۱۸۰ درجن ڪان گھٽ ڪُنڊ.

= وِيڪِري ڪُنڊَ ٽِڪُنڊو: ذ. هڪ ويڪري ڪُنڊ وارو ٽڪنڊو.

● ويڪَر: ث. ٽر ۾ ٽيندڙ ڏٺ، گاھ ۾ ٻوٽي جو هڪ قسم (جنھن جا ڏاٽا مارو ماٺھو ڏڪار ۾ ڪائين). گل جو هڪ قسم. (ن- ب).

● وِيڪراجُ ۽ وِيڪِراجَ (ڪ): ذ. ويڪاج- ويڪاءُ- وڪرو- وڪاءُ.

= وِيڪراجُ ۽ ويڪراجَ: ذ. ويڪراج- وڪرو.

● وِيڪَڻُ: مصدر. غيبت ڪرڻ- ڳلا ڪرڻ- لندا ڪرڻ.

● وِيڪُو۽ وِيڪُو: ذ. وڪڻ جو- وڪري جو- وڪيل- ويڪاءُ- وڪائو- وِيڪائو.

● ويڪَيءَ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ڏيھ جو نالو.

● وِيڪَڻُ: مصدر. ڏسڻ- پسڻ. پکيڙڻ- ڪنڊ رڻ- ڪِڙوڪڙ ڪرڻ- چڙوچڙ ڪرڻ. (ويڪيو- ويڪيندو- ويڪيل).

● وِيڪو ۽ وِيڪا: ذ. وڻ جو هڪ قسم- جبل جو ٻوٽو، ان پلاءُ جيري جھڙا، گل ڪاڙھا، بخار لاءِ ڪم اچي، پسارڪو وڪر. (ن- ب).

● ويگَ ۽ ويگَڻُ: ث. سير- ڏارا- ڏارَ- وھڪرو- وھڪ- وھ- پيرواھ.

● ويگُ ۽ ويگَ: ذ. پيٽ جو سور- آھنج- ايذاءُ- درد- ڏُک- تڪليف.

● وينگسُ: بھار جي مند.

● وِيگُ ۽ وِيگَ: ذ. مٺي جو سور- گھوماٽ- درد. خمار. زھر جي اثر جو نشو.

● ويگاڙُ ۽ ويگاڙَ: ذ. ڪار. خار.

● وِيگاڻو ۽ وِيگاڻا: ذ. ٻَر- ويگيو- اوڻو- غير- پرائو- ڏاريو- وِديشي- پرديسي- ٻديھي- مسافر. ٻيگانو- نڊڏڪو- ڏُليل. نادار. نادر- عجيب. موڪو- ڏُکويل- اُداس. غافل- مونجھو- پريشان- دردمند- نماٽو- ڪوماٽو. بيھوش- بي حال.

● ويڳَتِ (ت): ث. حال- حقيقت.

● وِيگرُ ۽ وِيگِترَ: ذ. وَڪرُ- مرچ مصالح- مثالو- مشالو. غريب عورتن جو مٽي ۾ وجھڻ جو ميندي ۽ آنورا وغيره وارو ويگر. ليس.

= وِيگِترُ وَڪترُ: ذ. سامان- وڪر. وڪري- جنس- وٽج- واپار- سؤدو.

● ويگو ۽ نگو (پاڻ): ساڻيو نہ ته ويگو ڏور. (ن- ب).

● وِيگَوُ: ذ. بي شيءِ- بدليل شيءِ- ڏاري شيءِ- ٻاھران آيل. عيوض- بدليل. تڪڙو.

● وِيگِيُ ۽ وِيگِيَوُنُ: ث. ڏاري- ڏارين- پرائي- اوپري.

= وِيگيوُ ۽ وِيگِيا: ذ. صفت. وِديشي- ڏاريون- پرديسي- غير- ٻيگانو- ويگاڻو- غيرملڪي- بديھي- ڏاريو.

● وِيلَ ۽ وِيلَوُنُ: ث. (سن. وِيلا = وقت). مھل- وقت- ٽائيم- گھڙي- ٽاڻو. موقعو- وڇھ. وات جو ٻاسو- واڇ (ڪ- ل). ٻاسو- ڪنڊ (ت). مڪٽھار کي گھور (ڪ- ت). وَل (ث). شاديءَ ۾ زالن جو آن وغيره ڪٽي وڃڻ (جنھن جي عيوض مٺائي ملي). خيرات. (ن- ب). لنگر- ناتاري- ھلي.

= وِيلَ ڪرڻُ: مھل ڪرڻ- ڏکئي وقت ۾ مدد. ڪرڻ. ڊيروٽيڻ. (ت). گھور ڪرڻ. ٻاسو ھٽڻ. (ت).

= وِيلَ نہ وِڃائِڻُ: ضرورت وقت ڪم اچڻ- وڇھ تي مدد ڪرڻ.

= وِيلَ نہ لَھڻُ: وقت ھٿ نہ اچڻ. بي خبريءَ ۾ ڦاسي وڃڻ.

= وِيلَ وِڃائِڻُ: وڇھ گسائڻ- وقت يامھل وڃائڻ.

= وِيلِيُ ۽ وِيلِيَ: ذ. صفت. واڇ ڦريل.

● وِيلُ ۽ وِيلَ (ڪ): ذ. ويڪر- ويڪرائي- ٻر. "ھيرڪ جو ويلُ ڪيترو آھي؟". (جملو).

● وَيْلُ ع وَيْلَ: ذ. صفت. مصيبت - شامت - ماجران - مازران - ظلم - قهر - زوراوري - ڏاڍ - زبردستي - بيداد - ناحق. تكليف. كمبختي - نياڳ. ڏک - سور - غم - ايذاءُ.

- وَيْلُ كَرَنُ: ظلم كرڻ - ڏک ڏيڻ - تكليف ڏيڻ.

- وَيْلُ وِهائِنُ: ظلم كرڻ - ڏک ڏيڻ - تكليف ڏيڻ.

● وِيَلُ ع وِيَلُ: ذ. صفت. (سن. وِكَت) هليو ويل - روانو ٿيل. گم ٿيل - وڃايل. چٽ - ناس - برباد. ناكار - بي كار. كيريل - گهٽ.

● وِيلَنُ (پاڙ): پاڙ ويلڻ - پاڙ ناهڻ. هر مصيبت كي منهن ڏيڻ. سختي پوڳڻ.

● وِيلَنُ ع وِيلَنُ: ذ. (سن. وِيلَنَ) سانيءَ وغيره كي گول كرڻ لاءِ كاٺ جو گول هٿيو.

● وِيلِيُ ع وِيلِيُون: ث. (سن. وِيلَنَ) كپهه مان ككڙا كيڏڻ جو اوزار. ارتي.

● وِيلُو ع وِيلا: ذ. (سن. وِيلا = وقت) وقت - وِيلَ - منهنجو ڪال. گهڙي - ساعت. مانيءَ جو هڪ وقت - مانيءَ جو ٿائيم. (ظرف). جلد - جلدي - سويرو. (ك). جهٽ - تكڙو. (ك) - وهلو. (ث).

- وِيلا ٽارَنُ: وقت ٽپائڻ.

- وِيلا پَتِيُ وَجَنُ (ك): كي ڏينهن كاڏو نه ملڻ.

- وِيلا كَتِيَنُ (ك): ٻكون كيڏڻ - فاقا كاٽڻ.

- وِيلا كَرَنُ: وقت وجهڻ - وقت گذارڻ.

- وِيلائِيُ ع وِيلائِيُون: ث. تكڙ - جلدي. بي صبري - بي قراري.

- وِيلُو پَوَنُ: وقت پوڻ. هڪ وقت كاڏو نه ملڻ.

- وِيلُو كاتَنُ: هڪ وقت جي ٻک كيڏڻ.

- وِيلُو كَرَنُ: گذارو كرڻ (وقت وانگر) - گذر كرڻ - وقت پاس كرڻ.

- وِيلُو وِجهَنُ (ت): كهڙو وقت پري رهڻ - جدائي كرڻ. ٻڪن ۾ مارڻ.

- وِيلُو وِچُ پَوَنُ (ث): ٽوري به دير نه كرڻ. جدا رهڻ.

- وِيلُو وِيلُ: ظرف. دفعي دفعي - وقت ٻوقت - وقتاً فوقتاً.

● وِيلُو ع وِيلا: ذ. ٻانڊ - ڏالٽ - هٿيار - هائو هائو. آندن جي هڪ قسم جو سور - ٻيٽ جو سخت سور. سور - إيذاءُ - عذاب. (ل). سور جو وَٽُ - مَروڙ. (ك). گهوڙي جي هڪ ايماري (جنهن ۾ ڏاڪ ٻويس) - شيمڪ. (ن - ب).

- وِيلُو پَوَنُ: سور ٻوڙ.

- وِيلُو كَرَنُ: كاٽڻ - ڪڙڪائڻ - هائو هائو كرڻ - هضم كرڻ.

● ويلهِ: ذ. وِيلو - ٻک - فاقو. وِلهائي. وَلَ. (ث).

● وِيلهُو ع وِيلها: ذ. صفت. وِلهو - خالي - واندو - بيكار - نِكمو - نِكمٽو - بي كارو - بي كمو. فارغ. فالتو. ٽلهو - پالهو. بي روزگار. ويڙل.

- وِيلهائِيُ ع وِيلهائِيُون: ث. واندكائي - فرصت - فُرجو - وارڪائي - ڏَتُ - وارَ - فراغت. نِسچنتا - آلس - سُستي. سكائي - ٽلهائي.

● وِيمَاسُ ع وِيمَاسَ: ذ. وِماسُ.

- وِيمَاسُ ۾ پَتِيجِيُ وَجَنُ: ارمان كرڻ - غم كائڻ - كُٽني كرڻ.

● وِيمُو ع وِيما: ذ. (سن. وِ مِيَ = متاسنا) متاسنا - وڃ واهار.

"وِتُ وِيمهي جو جي لهين،
تہ ٻي كار نہ كريان كا"
(سريراگ - شاهه).

(ع. بِيمَہ) جان ۽ مال جي حفاظت جو ذمو - ذمه داري - جوابداري - جوكم - ضمانت. (ف. بيمه = ڊپ) نقصان جو ڊپ (جنهن كري ضمانت جي ذمه واري كنجي). مال جي ضايع ٿيڻ جو خوف - خوف.

- وِيمُو آتارَنُ: ويمو كرائڻ - ويمو ٿيڻ.

- وِيمائِيُ ع وِيمائِيُ: ذ. صفت. ويموكندڙ.

GulHayat Institute

● وِنُن: (سن. وِي = وِيامن). ويامن - ڦرجڻين (سرسهٽي - گر).
كاريون ڪَڪيون ڪُنديون وارا كيو وين." (سرسهٽي - شاهه).

● وِنَتَ ۽ وِنَتَوُنَ (ث)؛ ث. ٻنهنجي خرچ لاءِ كجهه پچت - كفايت.

● وِنَتِي ۽ وِنَتِيُونَ: ث. سوال - التجا - ليلڙائي - عرض - گذارش - نيزاري - عاجزي - منت.

● وِنَتِي آنائِنَ: عرض اگهائڻ - سوال سُٽڻ - التجا قبول ڪرڻ.

● وِنَنَّ (ث)؛ مصدر. ويڑهڻ.

= وِنَنهي رَكڻ: گڏ ڪري رکڻ. "ڪت واريون رليون وِنَنهي رک." (جملو).

= وِنَنَّ ۽ وِنَنَّ (ث)؛ ذ. ڪپڙن رکڻ جو ڪوٺرو - ڪپڙي وجهڻ جي ڪوٺري - بڇڪي. رلين جو ويڑهو.

= وِنَنُو ۽ وِنَنا (ث)؛ ذ. بدل ۽ ويڑهيل بسترو. نٽ.

= وِنَنِي ۽ وِنَنِيُونَ (ث)؛ ث. سُنڊي.

● وِنجهه ۽ وِنجهوُنَ (ث)؛ ث. ٽنگ - سوراخ - ڪُڙڪ.

● وِنجهارَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وِنجهارَ ۽ وِنجهار: ذ. صفت. وينجهر - اڪريندڙ - حڪاڪ - سُنديون - ٻيڙا وغيره ٺاهيندڙ - قلم ڪار - ڪنده ڪار - هيرا وغيره پالش ڪندڙ - جوهر تراش - هيرن ۽ ڪچ جو ڪم ڪندڙ. هوشيار - سمجهو - ڏاهو - سياڻو - چالاڪ.

● وِنجهاڻُو ۽ وِنجهاڻا؛ ذ. فال.

● وِنجهرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وِنجهرَ ۽ وِنجهر: ذ. صفت. (سن. وِڊ + ڪار = موتي + پوئيندڙ). موتي ونڌيندڙ - وينجهار - حڪاڪ - ڪُهن تي ٽڪون يا نگينه چاڙهيندڙ. هوشيار - سمجهو - ڏاهو - چالاڪ - سياڻو - داناءُ. (اسم). ٻاڻيءَ جي پڪين ڪي ڪاسائڻ لاءِ سُٽ جي ٺهيل چار.

● وِنجهڪو: اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِنجهل (ث)؛ اسم خاص. ٿر ۾ گاهه جو هڪ قسم.

● وِنجهڻ: مصدر. وڌڻ - آهڙڻ - آڏڻ - سائو ٽيڻ - سرسبز ٽيڻ - وڌڻ ويجهڻ - مچڻ مورڻ - ڦرڻ ڦُلڻ.

● وِنجِهِٽِي ۽ وِنجِهِٽُونَ: ث. آهو اوزار جنهن جي وسيلي ڪاٺ ڪي ٽڪي منجهس سَل ڪيو سگهجي - ٽنگ ڪيڻ واري رنبي. (ث). هوا جو پنڪو - وِنجڻي - وِجڻي.

● وِنجهول (ث): اسم خاص. ٿر ۾ گاهه جو هڪ قسم - ڇيهي گاهه جو هڪ قسم (جو جنهن ٻنيءَ ۾ آيري، آتي آنهيءَ ٽڪر ۾ گاهه ٻي ٻيدائش نه ٽيندي آهي).

● وِنڈو؛ (محاوره)؛ ذ. خرچ.

● وِنڈولي ۽ وِنڈوليُونَ (ث)؛ ث. گهوٽ لاءِ ٺهيل جُتي.

● وِنڈو ۽ وِنڈا (ث)؛ ذ. زالن جي نڪ ۾ پائڻ جو هڪ زيور - لٽ.

● وِنڈو ۽ وِنڈا: ذ. وينڊو - زيور جو هڪ قسم - لٽ - نڪ جو آهو پائڻ جو گهه جو سنهي گول ڪمان وانگر هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ پاسي پارڙن سان نڊ و گول ڇڪو ٻيل هوندو آهي - لٽ جو هڪ قسم (جو سمات قوم ۾ هندو استعمال ڪندا آهن). اگر جي سُنڊي جو هڪ قسم. سڳيءَ جي چوٽيءَ ۾ ٻيل گهنگهريون. ڪُتي جو هڪ قسم - اهو ڪتو جو اڪثر پُڇ (ويندي وانگر) گول ڪري هلي - ڪتي جو اهو قسم جنهن جو پُڇ ڪُنڊ وهجي - لانبومي ڪتو - ردي نڪمو ڪُتو. جنڊ ڪُتي.

● وِنڊو ۽ وِنڊا؛ ذ. صفت. آهو ڪُتو، جنهن جو پڇ ڏڪو ۽ وريل هجي.

● وِنڊارَنُ: مصدر. نهاڻ - سانڊڻ - پالڻ (ڪچي محاورو).

● وِنڊو ۽ وِنڊيا؛ ذ. زالن جي ڪن ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم. لٽ. سُنبدي. چلو -

Gul Hayat Institute

جي آگرين ۾ هائڊ جو چلو (ڪ). دنبي جي دُنب کان هيٺ لٽڪندڙ ڇپ جي چوٽي يا چيڙهو(ڪ). (صفت). گول - ڊنگو.

- وِينْدَ وَرَنْ: (شڪار جو محاورو). سوئر جي وڃن (ڏندن) جو ڦيري وڃڻ.

- وِينْڊِيَ ۽ وِينْڊِيُونْ: آگر جي منڊي جو هڪ قسم - چپچ ۾ ايل چلو. ايرينگ جو هڪ قسم.

● وِينْسُ: آسماني گرهه يا سيار جو نالو- شُڪر.

● وِينْڪَسُ ۽ وِينْڪَسَ: ذ. صفت. عمدو- حسين - سُندر - نڪو - ٺاهوڪو - موچارو- سهڻو- سوڀياوان - صورتوند - سُڊرشن - خوبصورت - دولائتو- اوگهو - زيبائتو- شڪيل- پريمان. جوان- بهادر. هُرلي جي ونگ. (وِينْڪَسَ: اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

- وِينْڪَسِ ۽ وِينْڪَسُونْ: ث. صفت. نازنين- خوبصورت - سهڻي - سُهڻي (مورت).

● وِينْڪَنْ ۽ وِينْڪَنَ (ت): ذ. واڱڻ.

● وِينْڪهو (ڪ-ڪ): اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم.

● وِيڻُ ۽ وِيڻَ: ذ. (پرا. وَيَن. سن. وَچَنَ = ويڻ). وچن - سخن - عتاب - حرف. طعنو - تنڪو - مهڻو - ڏوراپو - اوپالو - ٽوڪ. بدسخن - گار. خراب هلت. پاراتو - پيت - اورانهو. (ن - ز ٤١ - ص ١٠).

- وِيڻانِ: ضمير. هنن جا ويڻ - هنن جا ڏوراپا - هنن جا طعنا. (رپ - شاهم).

- وِيڻَنْڻُونْ: ويڻن يا سخنن مان.

- وِيڻَ آچَنْ: مهڻا ڏيڻ - ويڻ وجهڻ.

- وِيڻَ وِجهَنْ: مهڻا ڏيڻ - طعنا ڏيڻ - ٽوڪ هڻڻ. خراب هلت ڪرڻ. بدسخن ڳالهائڻ - گاريون ڏيڻ.

- وِيڻُ وَرائِيڻُ: ويڻن - پاراتو ڏيڻ. مهڻا ڏيڻ.

● وِيڻُ ۽ وِيڻَ: ذ. وِلورُ - ٽڙي ٽيمٽي - نڪار - بيڪار - نڪمو - نالائق. خراب ڪپهه. (ت).

● وِيڻَتَ ۽ وِيڻَتُونْ: ث. ويڻتي - عاجزي - عرض - انڪساري. (ل).

- وِيڻِتِيُ ۽ وِيڻِتِيُونْ (ت): ث. عرض - منٽ - عاجزي - انڪساري.

- وِيڻِتِيُونْ كَرَنْ: منٽون ڪرڻ - ڏڪ ڏيڻ.

- وِيڻُو ۽ وِيڻا: ذ. ٻيڙي جي هڪ حصي جو نالو - ٻيڙيءَ جو سڪان.

- وِيڻا دُورَ: ويڻي جا سڪان ڪي جهلڻ جا ٻه رسا.

● وِيڻِيُ ۽ وِيڻِيُونْ: ث. ٻالهن جي ڪرائي يا ڏري.

● وِيوْ ۽ وِيا: ذ. (سن. وَيَ). روانو ٿيو- هليو - ويو هليو - گم ٿي ويو.

● وِيوَسَتا (ت): ث. شريعت. (ل - وفا).

● وِيهَ ۽ وِيهُونْ: ث. صفت. (سن. وِنشتَ). ڪاڻيٽي جو هڪ تعداد - ويهن جي مجموعي صورت (ڳڻپ ۾ آساني پيدا ڪندڙ انگ. جيئن: ٻه ويهون ٽي ويهون). ڪوڙي. (منڇر جو اصطلاح). پڪين جون ويهه جوڙيون. "فلاڻي جي ويهه هيتري وڪاڻي."

- وِيهارو: ذ. صفت. اڌ ڪل روءِ ويهه - ويهه ڪن.

- وِيهَ آگَرو: ويهن سالن جي عمر جو سوئر.

- وِيهَ كَرَنْ: انصاف ڪرڻ.

● وِيهَنْ نهن جو زور ڏيڻ: سڀ وس هلائڻ- حيلا ڪرڻ - گهڻي ڪوشش ڪرڻ.

- وِيهُو ۽ وِيهَا: ذ. ويهن جو تعداد. ويهن ارن وارو چڪر. (ن - ب). چوويهي ڪان ٿورو ٽلهو ست. (ت).

- وِيهُو آتارَنْ: پنهنجو مطلب ڪرڻ.

● وِيهَتَ ۽ وِيهَتُونْ: ث. ساپ - ڪچ. رڙا - سِتا - تجويز - اندازو - اڌڪل - سجاوت - هناوت. ڪر جي شروعات.

- وِيهَتَ وِيهَتَنْ (ڪ): سِتا سِيڻ - رڙا رڙڻ - سوچ سوچڻ.

● وِيهَڙِ: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيهَڙَ ۽ وِيهَڙُونْ (ت): ث. حد - نشان. ناموس.

Gulshan Institute

= وِيْهَڙَ وَجائِيْ: حد كرڻ - نشان قائم كرڻ. عالیشان كم كرڻ - ناموس كيڏڻ. ضد ركڻ.

● وِيْهَڪَ ۽ وِيْهَڪُوْنُ (ل): ث. وِهڪ - بينڪ. مقاعد - ڪُٽِي - دَبِر. ڪارڙي تستر جو رات لاءِ واهيرو.

= وِيْهَڪَ جِيْ جاءِ: ث. ڪُٽِي - مقعد - دَبر - چُوت.

= وِيْهَڪَ ڪَرَڻُ (ت): سال جو وِيهارڻ. ٽورو ڪرڻ.

● وِيْهَڪَڻُ: مصدر. ڏسو وِهڪَڻُ.

= وِيْهَڪِيْ وَجَڻُ: وِهڪِيْ وَجَڻُ.

● وِيْهَلُوْ (ت): ذ. صبح سويرَ - جهت پت - سوير. جلدي - ترت.

● وِيْهَڻُ: مصدر. وِيهي رهڻ.

= وِيْهُوْنُ: ذ. صفت. درجي ۾ ويهون - عدد قطاري. تمام گهڻو - ويهن جي تعداد ۾.

= وِيْهُوْنُ چَڙَهَڻُ (ڪ): گهڻن ماڻهن جو حملو ڪرڻ - لشكر چڙهي وڃڻ - ماڻهن جا ڏنب وري وڃڻ.

= وِيْهُوْنُ ڪَرَڻُ: حد ڪرڻ - چيهه ڪرڻ.

= وِيْهُوْنُ وَجائِيْ: هوريون كري چڏڻ. تمام سٽو ڪرڻ.

= وِيْهُوْنُ وَجائِيْ چڏڻُ: ڪمال كري چڏڻ - منڊل مچائي چڏڻ - ڪنهن وڏي ڪم كي نهايت ڪاميابيءَ سان پورو ڪرڻ. (ن - ب).

= وِيْهُوْنُ وَرَڻُ (ڪ): ماڻهن جا ڏنب اچڻ - تمام گهڻن ماڻهن جو اچڻ. لشكر جو حملو ڪرڻ.

= وِيْهُوْنُ هُڻڻُ: چيهه ڪرڻ - حد ڪرڻ.

● وِيْهُهُ ۽ وِيْهَهُ: ذ. وِهُ - زهر.

"سهسين سُڪ سرير جا، ويراڳين لڳن وِيهُ".

● وِيْها (ل): ذ. ويساک جو مهينو.

● وِيْهارُ: مصدر. سوئر كي شكار ڪرڻ لاءِ ڪنهن جهنگ (ٽُمر) ۾ وِيهارڻ. (وِيهاريو - وِيهارينڊو - وِيهاريل).

● وِيْهَٽَڻُ: مصدر. ماپڻ - ڪچڻ. ماپڻ يا ڪچڻ جي رٽا رڻڻ. (وِيهٽيو - وِيهٽيندو - وِيهٽيل).

= وِيْهِجِيْ وَجَڻُ: نامرد ٿيڻ. پوڙهو ٿيڻ.

= وِيْهِيْ وَجَڻُ: (ڪوهه جو) گهٽجي وڃڻ - جهپاڻ. پراڻو ٿيڻ - ڪُهنو ٿيڻ - جهُورُ ٿيڻ. ڪم ڪرڻ ڪان رهت ٿيڻ.

● وِيْهِيُو ۽ وِيْهِيٽا (ث): ذ. لوهه ٽامي وغيره تي چنن كيڏڻ جو هڪ اوزار - چِٽِيِي. لوهه جي پٽِي ۾ ٽُنڪ ڪرڻ لاءِ لوهه جو اوزار. (ث).

● وِيْيءُ ۽ وِيْيء: ذ. مال چاري جو ميدان - چراگاه - رڪ كيل زمين جو ٽُڪر - چراهو.

= وِيْئِيْ: ذ. وِيْءُ جو مالڪ.

= وِيْءُ ٻَڌَلُ هُڻڻُ: ڪاڏي لاءِ سيڪي ملي سگهڻ.

= وِيْءُ وِهائِيْ: وڻج يا سودو ڪرڻ - واپار ڪرڻ - سوداگري ڪرڻ - ڇُڪاڻ - هولڻ.

● وِيْءُ: اسم خاص. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيْئَ ۽ وِيْئَوْنُ: ث. ماپ - پيمايش - وِئت - ويٽ.

● وِيْئَرَ ۽ وِيْئَرُوْنُ: ث. ننڍي ڪوهي - ڪوهير - ڪوهي.

● وِيْئَرُ ۽ وِيْئَرَ (ث): ذ. مڙهو.

● وِيْئَرُوْ: ڀهه جي اوائلي صورت. (ن - ب).

● وِيْئِيْ: ث. اِئِي ڏَڪر راند ۾ ڇهون نمبر ڏاڪو (١- وڪٽ ٢- ليئُنُ ٣- مَوْنُ ٤- نارُ ٥- آر ٦- وِيْئِي ٧- يڪو يا يگ).

● وِيْئِيْ: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيْيَتُ ۽ وِيْيَتَ: ذ. صفت. (سن. وِڪتَ = وَڻلَ). ويل - گم - وجايل - ڪوهيل - هارايل - ڪُٽ. غرق - پڌل - غلطان. ٻنا - سواءِ.

"وِيْيَتَ واهر ترن هينڙا جن هجي ويا."

(سر سهڻي - شاهه)

= وِيْيَتَ واهَرَ: ٻنا مدد - سواءِ واهر جي.

Gul Hayat Institute

هـ م

هم : ث. (سن. ع. ف) سنڌي الف ب جو پنجاهون اکر، عربيءَ جو ستاويهون ۽ فارسيءَ جو ايڪتيهون اکر. ابجد جي حساب موجب عدد پنج. علم جنتري موجب لاڳاپو ڏيکاري ٿو ڪنواري راس يا گرهه ڏانهن ۽ پن سياره وينس ڏانهن، جو چنڊ وانگر چمڪي.

● ها: ظرف. هائو - اڃين - برابر - ٺيڪ - صحيح - درست - ٻجا. (حرف ندا). آها - ها ها. (حرف جملو). خواه - يا ڪيه. (فعل). هڻا جو مخفف. موجود هجڻ جو جمع ۾ ڪم ايندڙ فعل. مثلاً: "فلاڻا ٻيٺا ها" وغيره. فارسيءَ ۾ اي جان شين جي جمع ٺاهڻ لاءِ مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ مثلاً: "سنگ ۾ سنگها".

= ها ڪَرَڻُ: هائوڪار ڪرڻ - هائو ڪرڻ. قبول ڪرڻ - منظور ڪرڻ - اقرار ڪرڻ. (آواز) راڳ جي شروعات ڪرڻ.

= ها ۾ ها مِلائِڻُ: شامل راءِ ٺيڻ - تائيد ڪرڻ. شريڪ راءِ ٺيڻ. خوشامد ڪرڻ.

● هابِ: صفت. جهڙو - مطابق - وانگر. لائق - واجب. مثلاً: "ڪتن هاب. مٺي هاب" وغيره. (ذ) نصيب - ياڳ - بخت. (ث).

● هاءُ ۽ هاها: ذ. هڻ - هنگامو - گوڙ - شور - ڏمچر - ٻڙڪو - هاهو.

● هابِيلُ: اسم خاص. (ع). حضرت آدم عليه‌السلام جي هڪ پٽ جو نالو (جنهن کي سندس ڀاءُ قابيل خون ڪيو هو).

● هابَڙُ ۽ هابَڙَ (ڪ): ذ. صفت. آهرو - جلد باز - تکڙو. اڌ پَڪَلُ - اڌ رڌو - آڌڪُ.

● هاءُ ۽ هاها (ل - ٺ): ذ. ماٺهن جو گوڙ. هڻ - شور - غُل - گهمسان - هاهو.

"راڙيون رچن جون ٽيون هاها هڻ حَشر" (حفيظ).

ڪتي جي پونڪ - هاهوڙ. (ل).

= هاهو"ڙو" ۽ هاهو"ڙا (لس): ذ. گوڙ - شور - هڻ - هاهو.

● هاهو"ڙ ِجَڻُ (ل): مصدر. ڪنهن ميوي وغيره جو پچڻ تي ورڻ - ڪورجڻ. مثلاً: گِدرا هاڻي هاهوڙجي ويا آهن" (جملو). (هاهوڙيو - هاهوڙيندو - هاهوڙيل).

● هاپَڙَ ۽ هاپَڙَ (ت): ذ. صفت. بدچال - بدڪردار - اوباش.

● هاتارَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاتارُ ۽ هاتارَ (ڪ): ذ. جانور جو هڪ قسم - چراخ - هاتَرُ. (لس). (ذ. صفت). ٺڳو ڪم ڪندڙ - جلد باز - چالاڪ - هوشيار. ڳالهائڻو - واتراڙو. (ل).

● هاتَرُ ۽ هاتَرَ (لس): ذ. چراخ - هاتار. (ڪ).

● هاتِفُ: ذ. صفت. (ع). غيبي آواز ڏيندڙ. (ذ). آسماني آواز - غيبي آواز - آڪاش واڻي - الهام. (اسم خاص). عالم‌الغيب ڪان آواز ڏيندڙ هڪ فرشتي جو نالو.

● هاتِڪُ ۽ هاتِڪَ: ذ. صفت. (ع. حاذق جو بگڙيل) حڪيم. داناءُ - ڏاهو - سُڌڙ - سمجهو - فهيم - هوشيار - قابل.

"ٻڌ ندي ٻوڙن ڪي ڪي هاتِڪَ هٽ وجهن" (سهڻي - شاهه).

Gul Hayat Institute

چالاک. حريف. پهلوان - جوڌو - سُورهيه. تعجب خيز - عجيب. چور - هاڙه چور.

● هاڻُ ۽ هاڻَ: ذ. هڪ عضوي جو نالو - هٿُ - دست - يدُ.

- هاڻڙُ پاڻڙُ: صفت. بنا هٿن جي. هٿن کان سواءِ. بنا ٽيڪ جي - آڙُ پاڙُ.

- هاڻُ ڪَرَڻُ: هٿ ڪرڻ.

● هاڻِنڪُ ۽ هاڻِنڪَ: ذ. صفت. هاڻيءَ جهڙو - ٽوٽانگ. (ل). پهلوان - سُورهيه.

● هاڻِنِيُ ڏَهَرُ: اسم خاص. تعلقي منيءَ ۾ هڪ ڏَهَرُ جو نالو.

● هاڻِنِيُ لَڪُ: اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ حد بنديءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

● هاڻِيُ ۽ هاڻِيُ: ذ. (پرا. هاڻِيوَ. سن. هاڻِيڪ. هَسْتِي. هَسْتَن = هاڻِي) جانور جو هڪ قسم - فِيل - هيل - هستي - گَجُ - گِينُوَرُ - ڪُنجَلُ - ڪُنجَرُ - ڪُنچنُ. (ث. هاڻِنُ. هاڻِيِي ۽ هاڻِيِيُون). شطرنج راند ۾ هڪ ساريءَ جو نالو. شڪارپور شهر ۾ هڪ (قديم) دَر جو نالو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

- هاڻِياڙِيُ ۽ هاڻِياڙِيُونُ: ث. هاڻيءَ جي مادي - هاڻُ - هاڻِي.

- هاڻِيُ پَڪُ ۽ هاڻِيُ پَڪَ: ذ. هاڻيءَ کي ٽيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم - هاڻي پڪو - فليپائو.

- هاڻِيُ ڏَنڊُ ۽ هاڻِيُ ڏَنڊَ: ذ. هاڻيءَ جي وات وارو ظاهري ڏند (جنهن مان عاج جو سامان ٺهي).

- هاڻِيءَ کي هِندوستانُ ڏِيڪارَڻُ: ظالم کي ظلم ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ.

● هاڻِيُ پوٽا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاڻِيُ چَڪَ: ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم.

● هاڻِهلوُ ۽ هاڻِهلا: ذ. صفت. هٿ وارو - هٿ جو - بازاري. بازاري (مال). هٽڪو (مال). هالُو چالُو. خراب عادتن وارو - بي لڇڻو. (ڪ).

● هاڻَ ۽ هاڻُونُ (ت): ث. هوڏَ - ضد - بحث - هٿُ.

- هاڻُ بَڏَڻُ: ضد ڪرڻ - بحث ڪرڻ - هوڏ ڪرڻ. دشمني ڪرڻ.

- هاڻُ ڪَرَڻُ: هاڻَ بَڏَڻُ.

- هاڻُ گاڻَ ڪَرَڻُ: برباد ڪرڻ - ضايع ڪرڻ. وڃائڻ. ناس ڪرڻ. فضول خرچي.

● هاڻِيُ ۽ هاڻِيُون: ث. (سن. اَسْتِ. پرا. آڻِي) بدني بناوٽ - قد ڪٺ - ڏيل - جسم - بدني بيهڪ. همت - طاقت - سگهه. تندرستي - چڱيلائي. هندن جي مڙدي جي سڙيل لاش جا باقي بچيل هڏا ۽ خاڪ - رک.

- هاڻِيُ مِيڙَڻُ: سڙيل لاش جي خاڪ گڏ ڪرڻ.

● هاپُو ۽ هاپُ: صفت. هڙپ - هضم.

- هاپُو ڪَرَڻُ: هڙپ ڪرڻ - هضم ڪرڻ - کائي وڃڻ.

● هاجَ ۽ هاجُونُ: ث. ڪم - پورهيو - ڏندو - ڪِرت - ڪسب - پيشو - عمل.

- هاجَ خاشِيُ: ث. چڱو ڪم - نيڪ ڪم - پاڻ ڪم.

- هاجَ لاهِڻُ: ڪم لاهڻ - ضرورت پوري ڪرڻ. ڪاڪوس ڪرڻ. سزا ڏيڻ - سيڪت ڏيڻ.

- هاجَ لَهرائِڻُ: جُٽ ڪرائڻ. ڪم لهرائڻ. "اول ڪُٽائي پاڻ پوءِ لاهرائي هاج همراه جي".

● هاجاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاجِتَ ۽ هاجَتُونُ: ث. ڪم - ڪار - عمل - هاج. پڇت - پڇندي - پڇ.

- هاجَتَ لاهِڻُ: ڪم لاهڻ - پائخاني جو خيال لاهڻ.

- هاجَتَ هُجَڻُ: پُڇت هجڻ - پڇ هجڻ.

● هاجِرُ: ذ. صفت. (ع. هَجَرَ) هجرت ڪرڻ وارو - لڏيندڙ. مڪي شريف ۽ مدينه منوره ڏي حضور جن جي معيّت ۾ لڏي ويندڙ عرب - مهاجر. (ذ). گيت جو هڪ قسم. (ڏ).

● هاجِرانُ: اسم خاص. (ع. هاجره) عورتن جو هڪ نالو.

● هاجِيُ: ذ. صفت. (ع. هَجّوَ) هَجوَ ڪندڙ - گلا ڪندڙ. ٽوڪ زن.

Gul Hayat Institute

● هاجارو ۾ هاجارا (ت)؛ ذ. تمام گهٽو ڪر. خفو - ڪاهارو - ڪاسارو - مغز خوري.

● هاجَ ۾ هاجُونَ: ث. (سن. هانَ = نقصان) ٽوٽو - نقصان - ڇيهو - گهاتو - هاجو - زيان - هرج - هرجو. مصيبت - آفت. آپدا - تڪليف. ظلم - ڏاڍ - ڏاڍائي - جبر - قهر - ناحق - وڌل.

"قضا آلدي ڪوت ۾ هٽي هاج حمير"
(نواب جان علي).

چُر - حرڪت. زخم - قتَ.

= هاجُو ۾ هاجُو: ذ. صفت. نقصان پهچائيندڙ. زخم رسائيندڙ - قتَ ڪندڙ - لڇو - حرڪتي.

● هاجُو ۾ هاجا؛ ظلم - ڏاڍ.

= هاجا ڪرَنَ؛ ظلم ڪرڻ - ڏاڍ ڪرڻ. وَڙِلُ و هائڻ.

= هاجِيُ ۾ هاجِيُونَ: ث. نقصان - ڇيهو. تڪليف - ايذاءُ - اهنج. هاج.

= هاجِي هَٽِيا: ذ. صفت. ظلم هيٺ آيل - مظلوم.

● هادِي ۾ هادِيُ؛ ذ. صفت. هدايت ڪندڙ. رهبر. اڳواڻ - پيشوا - منهندار. مرشد. رستو ڏيکاريندڙ - سونهون. امام. (ذ). هار جي چوڌاري ليڪو. (ت).

● هاڏارِيُ: اسم خاص. تر ۾ هڪ پٽ جو نالو.

● هاڏرُ ۾ هاڏرَ (ت)؛ ذ. چوپائي مال جو جاري ڪائڻ لاءِ ٽڪر يا سرن جو ٺهيل حوض - آڏورو. (ت) - ڪونڊرُ - ڪُونار - آهرُو.

● هاڏو ۾ هاڏا (ت): ذ. ڪهيءَ جو هڪ قسم - ڪانءُ - ڪانگ - هڏو - ڪيانٽو. (ث. هاڏِي ۾ هاڏِيُونَ).

● هاڏُو: اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاڏِيُرُو: اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاڏِيرِيُ آڪيراڙ (ت)؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● هاڏِيئُو ۾ هاڏِيئَا (ت)؛ ذ. ڪانءُ - هاڏو. (ت). ڪانءُ جو ٻچو - آلُ.

● هارَ ۾ هارَ: ذ. (سن. ف) ڪهه جو هڪ قسم - ڪچيءَ ۾ ٻائڻ جو ڪٺهه - ڪنڊو - مسالا - مالها. ڪنديءِ - ڪنڊي. سون، چاندي يا موتين جاڻ ٺهيل هارُ.

= هارُ سِينڱارُ ۾ هارَ سِينڱارَ؛ ذ. بدن جي ناهه ٽوهه - جنسار - سينگار - ڦٽي ڦوڪارو. ڪهن ۽ ڪپڙن وغيره پائڻ جي حالت. ڪٻهه ڪڍو. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وڪر جو هڪ قسم.

● هاراڙُو ۾ هاراڙا: ذ. ڪهيءَ جو هڪ قسم.

● هارِ تو ۾ هارِ تا (ت)؛ ذ. نقصان - ٽوٽو - هرجو - ڇيهو - هاجو.

● هارپَ: ث. هاريءَ جو ڪم - هارپو. ڪيتي - هوڪ.

= هارِ پائِيُ ۾ هارِ پائِيُونُ؛ ث. هارپ - هارپو.

= هارِ پَٽُ: ذ. هارپ - هارپو.

= هارِ پُو ۾ هارِ پا؛ ذ. هارپ - ڪڙمت. آهاڙي - ڪيتي. هاريءَ کي ملهه آجورو - هاريءَ جو حصو.

● هارَ پانُ ۾ هارَ پانَ: ذ. ڪبوتر جنهن کي ڪچيءَ ۾ چلو ٻيل هجي.

● هارِ جُ؛ ذ. صفت. (ع). هٿرجي وارو - نقصانڪار.

● هارَ دَيُ: ذ. لُبِ لُبابُ - روح - تتَ. مقصد - مطلب - ارٿ.

● هارَنُ: مصدر. (سن. هار) ٻڌڻ شيءِ، جهڙوڪ پاڻي ۽ تيل وغيره هيٺ ڪهرائڻ - وهائڻ. اوتڻ. وجائڻ - زيان ڪرڻ. راند ۾ شڪست کائڻ - هارائڻ. (هاريو - هارينده - هاريل).

= هارَ ۾ هارُونُ: ث. شهه - شڪست - پاڄ - مات. هارڻ جي حالت - وِيُتَ - اوتَ. زيان. نقصان - ڇيهو.

= هارائِنُ؛ مصدر. شهه ڪائڻ - شڪست کائڻ - مات ٽيڻ - جيتجڻ.

= هارِ جَنُ: مصدر. هارجي وڃڻ - اوتجڻ - پلتجڻ. آٽلڻ - گهٽجڻ - ٿورو ٽيڻ. شڪست کائڻ. (منهن جو پهنو) لهي وڃڻ. شرمسارڻيڻ. هي همٽ ٽيڻ.

= هارَ جُوارِيُ: ذ. صفت. هارائيندڙ جواري - هارائيل جواري. نياڳو جواري.

= هارَ جِيتَ: ث. هارَ ڪَتَ - فتح شڪست.

Gul Hayat Institute

ـ هارَجِيءُ وَجَنُ: بيـساريءَ ۾ گهري وڃڻ. نِست ۽ نبل ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ - ڦڪو ٿيڻ.

ـ هارَوِيٹَ: ث. اوت هوتَ - لاهه پاهه - هارويرِ.

ـ هارَوِيٹَ ڪَرڻُ: پاڻيءَ جي اچائي لاهه پاهه ڪرڻ - پاڻي هارڻ. هارويرِ ڪرڻ.

ـ هارَوِيرُ: ث. هارويٹ.

ـ هارَڻُ هُورَڻُ: هارويٹ ڪرڻ. اچايو وڃائڻ.

ـ هارِئو ۽ هارَئا (ل): ذ. صفت. هارايل - هاريل.

ـ هارِيءُ ۽ هارِيُونُ: ث. هارڪاڏل - هارايل - هارت. بي عقل - پوري - موڪي.

"پرهه ڦٽي پريات، هاريون هٽئن هٽڙا."
(خانزئي - مسئي)

ـ هارِيو ۽ هارِيا: ذ. صفت. هارڪاڏل - جيتيل - مغلوب. بيوقوف - نادان - مورک.

ـ هارِيو ويرُ يو پَلهي پَوُنُ: ٽيل خرچ يا نقصان جو موڙي ملڻ.

● هارمونيم: ذ. (انگ). ساز جو هڪ قسم - باجو.

● هارَوارو: اسم خاص. هارڻ ڏئي جي اوپر طرف هڪ لڪ جو نالو.

● هارُوتُ: اسم خاص. (ع). هڪ فرشتي جو نالو (جنهن لاءِ ڪٿا آهي تہ زهره جو عاشق آهي ۽ زهره کي اسم اعظم بتائڻ ۽ پين گناهن جي عيوض چاهه بابل ۾ اونڌو لٽڪايو ويو آهي).

● هارُولا (ث): ذ. چيٽي جي گول ڦيڻڙين وارو هار (جو هوليءَ جي ڏينهن رسم طور هندو عورتون پنهنجي پائرن تان گهورينديون آهن).

● هارُونُ: اسم خاص. (ع). هڪ نبيءَ جو نالو (جو حضرت موسيٰ عليہ السلام جو وڏو پاءُ هو).

● هارُونُ الرَشيدُ: اسم خاص. (ع). بغداد جي هڪ نامور عباسي خليفي جو نالو.

● هارُوئيءُ: اسم خاص. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.

● هارِ هارو ۽ هارِ هارا (ت): ذ. صفت. ڏنگو - چبو. (ث. هَارِ هارِي ۽ هَارِ هَارِيُونُ).

● هارِيُ ۽ هارِيءُ: ذ. صفت. (سن. هَل = هَرُ). هَر وارو - هر ڪا هيندڙ - گيڙيندڙ. پوک ڪندڙ. ڪاشتڪار - ڪُڙمي. رانڌ ۾ مڪيہ ۽ ڪاوڙن مان هڪ اڳواڻ. (ذ). پلن جو جوڙو (هڪ بلو ڪيرو، پيو آنيارو). ڪُندي يا چلهه ڪي ميڙيءَ جو ڏنل ليپو. راڳو. اوڏ جو پت وجهڻ وقت ڳنيل هڪڙو دؤر. (حرف ندا). زالن جو هڪ پئي ڪي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ - اڙي! ڀوري!

ـ هارِيُ ڏيڻ: اوڏ ڪي ڳنيل پت جي هڪڙي دؤر مٽان پيو دؤر ڏيڻ. (ن - ب).

ـ هارِڪو ۽ هَارِڪا: ذ. صفت. هاري جو - هاري وارو.

ـ هارِيُ ڪيڻ (ت): لانڊيءَ جي چت تي ڪٽڪ وجهڻ.

ـ هارِيُ وِجهڻُ (ت): هاري ڪيڻ.

● هاڙ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاڙُ ۽ هاڙَ: ذ. صفت. هوشيار - پر. وڏو (چور) - ڪاڪو - اٽاهه - آڙاهُ. (ل). (ذ) گرميءَ جي موسم - آرهڙ - اونهارو.

ـ هاڙَبُ ۽ هاڙَبَ: ذ. گذريل سال واري چٽيل ٻج مان زمين ۾ جمڻ ميل تيلا. (ن - ب).

ـ هاڙِبُو ۽ هاڙِبا (ت): ذ. ٻاڻ مراد و چاول سلو - خود رو ٻوٽو. بدڪاريءَ مان پيدا ٿيل هار - ولد الزنا - حرامي.

ـ هاڙِبُو ٽانگو (ت): خود رو ٻوٽو.

ـ هاڙِبِيُ (ت): ث. مٽرن جو هڪ قسم. ڪچي جي اصطلاح ۾ خود رو چاول مٽر.

● هاڙو: اسم خاص. لس بيلي جي اولهه طرف جبلن جي هڪ قطار جو نالو.

"وهُڻ مَ مُنڊ پنيور ۾ هاڙي هڏ مَ هَل."
(آهري - شاهه)

● هاڙَهَ ۽ هَاڙَهُونُ (ت): ث. سٽ - چبڻ - چبي - چڪ. پيڙو - آڪيڙو.

Gul Hayat Institute

ـ هاڙهه پيڇ ڪرڻ (ت): راند لاءِ تيار ٿيڻ. راندیگر چونڊڻ.

ـ هاڙهه جهلڻ (ت): ست جهلڻ ـ زور جهلڻ ـ دٻ جهلڻ.

ـ هاڙهه ٿيڻ نه جهلڻ: ست ٿي نه جهلڻ. مقابلو ٿي نه ڪرڻ.

● هاڙهه ۽ هاڙهه: ذ. موسم جو نالو ـ گرميءَ جي موسم ـ اونهارو ـ آڙهه. (ذ. صفت). وڏو چور ـ ڪانڪو ـ آڙاهه.

● هاڙهو: اسم خاص. لس ٻيلي جي اولهه طرف جبل جي هڪ قطار جو نالو ـ هاڙو. تعلقي لنگر پارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو. (صفت). ڳرو چور ـ ڪانڪو ـ هاڙهه.

ـ هاڙهه ٿيڻ: هم صلاح ٿيڻ ـ هڪ صلاح ٿيڻ.

ـ هاڙهه هٿ (ت): ظرف. يڪدم ـ اوچتو ـ ازغيبي ـ آمالڪ.

ـ هاڙهو ٿيڻ: وڏو چور ٿيڻ ـ آڙاهه چور ٿيڻ.

ـ هاڙهو حب: صفت. ويران ـ سڃو ـ غيرآباد. (ذ) رڻ ـ رڻ پٽ ـ بيابان.

ـ هاڙهي ۽ هاڙهي: ذ. صفت. راند ۾ مڪيه ماٺو ـ هاري ـ ڏوڙي ـ اڳواڻ.

ـ هاڙهي پيڇي: ذ. صفت. هڪٻئي جي برابر ـ مٽ سٽ.

● هاڙهياري ۽ هاڙهياريون (ت): ث. ٿاڻ مينهن يا ڪڻون.

● هاڙهيالو ۽ هاڙهيالا (ت): ذ. پوکن ۾ زوريءَ ٿهي پوندڙ جانور ـ پوک پيلندڙ جانور ـ رولو جانور. (ث. هاڙهيالي ۽ هاڙهيالين).

● هاڙي ۽ هاڙيون (ڪ): ث. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم ـ آڙي.

● هاسٽيل ۽ هاسٽيلون: ث. (انگ). اسڪول جي پرديسي شاگردن جي رهائش گاهه.

● هاسڙ (ث): ث. ڪيل ـ ٺوڪ ـ ٺٺول ـ مسخري.

ـ هاسڙ پوڻ: ڪيل پوڻ ـ خنده ٿيڻ ـ گيلاٽيڻ.

● هاسيڪار: ظرف. بي سبب ـ ڇاٽي واٽي ـ هرو پرو ـ خواه مخواه. ارادي سان.

● هاسيڪاري: ظرف. صفت. ٻڌا سبب جي. ارادتاً.

● هاسو (ث): ذ. ڪيل ـ مسخري ـ چرچو ـ مذاق ـ ٺٺول. گوڙ ـ فساد. شور ـ ڏمچر.

"پر ڀانڪو ڪريو ٻاڙي، آن هاسي ۾ هيکر" (حفيظ).

(ث. هاسيي ۽ هاسيون).

● هاسهي سر: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاسيڪار: ظرف. هاسيڪار. ڇاٽي واٽي. ڄاڻ‌ارادو. خاص ڪري. ارادتاً.

● هاشا ٻاشا (ڪ): ث. دم دلاسو. آٽت ـ دلداري ـ اچي مچي. همت افزائي.

ـ هاشا ٻاشا ڪرڻ: دم دلاسو ڏيڻ. دلداري ڏيڻ. همت افزائيءَ لاءِ همٿائڻ.

● هاشماڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاش هاش (ت): ث. تمام ڪوشش. سعيو ـ جلدائي ـ تڪڙ ـ آڇرائي.

ـ هاش هاش ڪرڻ: آڇرائي ڪرڻ. تڪڙ ڪرڻ ـ جلدائي ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.

● هاضمو ۽ هاضما: ذ. (ع. هاضمه > هَضْمَ). کاڌي جو پيٽ ۾ پوريءَ طرح گهري وڃڻ جي حالت ـ گهارو (کاڌي جو) ـ تحليل.

● هاڪ ۽ هاڪون (ت): ث. لاف ـ ٻڙاڪ ـ ڍاڙ. يخي ـ جهڪي.

● هاڪ: ظرف. سدائين ـ سدا ـ هميشه. زور سان ـ تکو ـ چوهو.

"هاڪ وهندو هاڪڙو ... الخ"

(ماموئي).

● هاڪ ۽ هاڪون: ث. ناموس ـ ساراهه ـ تعريف ـ ٿنا ـ نالو. ڏاکو ـ دٻدٻو. هُل ـ آواز.

"حُسن تنهنجي جون هاڪون ... الخ"

(عرس).

ـ هاڪار ۽ هاڪارون: ث. هاڪ.

Gul Hayat Institute

= هاڪارو ۽ هاڪارا: ذ. صفت. هاڪ وارو- نالي وارو- نامياروـ ڏاڪي وارو.
= هاڪاريو ۽ هاڪاريا: ذ. صفت. هاڪارو.
= هاڪ هڻڻ (هڻي هاڪو): جرأت ڪرڻ.
● هاڪارڻ: مصدر. پيڙيءَ کي ڏکي هلائڻ- پيڙي ڪاهڻ. ڀڳهه ڪولڻ- لنگر چوڙڻ. وڙهڻ لاءِ سڏڻ- هوڪارڻ- ڏوڪارڻ (ت). ڀڪارڻ- للڪارڻ- ڏوڪڻ - ڏوڪي وڃڻ. قبول ڪرڻ - هائوڪار ڪرڻ. (هاڪاريو- هاڪاريندو- هاڪاريل).
● هاڪٽ: ث. پليءَ جي گهور- خوفائتي لڳاهه.
● هاڪڙ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● هاڪڙو: اسم خاص. قديم سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ جو نالو.
● هاڪو ۽ هاڪا (ت): هڪڙ جو آواز- هوڪريو- هوڪرو. شڪار جي اصطلاح ۾ جهنگ ۾ لڪل جانورن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ گهٽن ڇڻن جو ڪڍجي ڪيل آواز- شڪار تي آواز ڪرڻ لاءِ گهٽن ماڻهن جو هجوم.
= هاڪو ڪرڻ: شڪار لاءِ جهنگ مان تترن کي آڌارڻ لاءِ هوڪرو ڪرڻ.
● هاڪو ڏاڪو ۽ هاڪا ڏاڪا (ث): ذ. ڇمائي ويهڻ واري حالت- ڏرنو- ڏرڻو.
● هامڙگام: ذ. (ف. هنگامن جو بگڙيل). هڙ- گوڙ- گهمسان- شور- هنگامو. فساد- جهڳڙو- جهيڙو. مجموعو- انبوه- هجوم- ميڙ.
= هاڪامو ۽ هاڪاما: ذ. هاڪاڙ- هنگامو.
= هاڪامو ڪرڻ: هنگامو ڪرڻ.
● هاڪم (ت): ذ. جهڙ- ميڙ- آڪڙ.
● هاڪ ۽ هاڪ (ت): ذ. گوڙ- گهمسان- هنگامو. جهيڙو- جهڳڙو- فساد- بکيڙو.
● هاڪامو ۽ هاڪاما (ت): ذ. هنگامو.
= هاڪامو ٿيڻ: هنگامو ٿيڻ.
● هالا: اسم خاص. ضلعي حيدرآباد ۾ هڪ تعلقي ۽ شهر جو نالو. (هالا پراڻا ۽ هالا نوان). هڪ ذات جو نالو. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٻلوچستان ۾ هڪ جبل جو نالو.
● هالاتي: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالا پراڻا: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالار: اسم خاص. سنڌ جي الهندي طرف واري جبلن جي قطار جو نالو (جنهن ۾ مکيه ڏي جبل اچي وڃن ٿا، ڪرو جبل، ڪيرٿر جبل ۽ پب جبل).
● هالارو ۽ هالارا (ڪ): ذ. مينهن جو وسڪارو- ڏهڪارو (ڪ). (اسم خاص). تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالاري: صفت. هالا جو- هالن وارو. هالا جو رڳيل (ڪپڙو) - سٽي رنگ وارو. تمام هڪي رنگ وارو (جو ڪپڙو ڦاٽي وڃي ٻئي رنگ ۾ ڦٽي، اڳئين وقت ۾ فقط هالا جو رڳيل ڪپڙو اهڙي هڪي رنگ وارو هوندو هو).
● هالا ڪنڊي: اسم خاص. هالا شهر جو قديم نالو (قريبا ۱۱ صديءَ هجريءَ جو).
● هالان: اسم خاص. تعلقي ڏني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالاڻو ۽ هالا ڻا (ڪ): ذ. (سن. هَل= هلڻ). هلڻ جي حالت. چالاڻو- لاڏاڻو- مرڻو- مرتيو.
= هالا ڏيڻ ۾ هُجَڻ: سڪرات ۾ هجڻ. پوين پساهن ۾ هجڻ.
● هالاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾). تعلقي ڪنڊيارو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالا وَلهَرَ: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالِڪي: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالِڪي (نَنڍي وڏي): اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالو ۽ هالا: ذ. (ع). چند جي چوڌاري گول چڪر- پيڙ- منڊل- دائرو. ڏاند جو هڪ قسم- هڪ سڱ مٽي ۽ هڪ سڱ هيٺ وارو ڏاند-

Gul Hayat Institute

اڳيان وريل سگڻ وارو ڏاند. (ت). داغ - چٽو - ڏهو. (صفت). بدتر - خراب - بڇڙو. (ت). چندو - نياڳو - لدورو. (ت). ابي چپو. (ت).

= هالو: بي همت، ڪنهن ڪم تي وڃڻ بعد نا اميد ٿي موٽي اچڻ وارو (شڪارپور ۾ مروج آهي).

= هالوُ مَنُهنَ تِيئَ: داغدار منهن ٿيڻ. ڪارو منهن ٿيڻ. بڇڙو ٿيڻ. بدتر ٿيڻ.

● هالُو ۽ هالُو: ذ. صفت. هلندڙ - چالُو - رائج - مروّج.

= هالُو چالُو: صفت. جهڙو تهڙو - رواجي - معمولي. رواج ۾ آيل - هلندڙ. سستو - سادو.

● هالُورو ۽ هالُورا: ذ. صفت. لوڏي وارو - لُڏندڙ - جهالُورو. (ذ). جهلڪو - چمڪاٽ.

● هالِيُ ۽ هالِيُون (ڪ): ث. صفت. مينهن جو هڪ قسم - آها مينهن، جنهن جو هڪ سگ مٽي ۾ ٻيو هيٺ هجي - لڙيل سگڻ واري مينهن - ڏهِي.

● هالِپوتا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ تعلقي فيض گنج ۾ ڪن ديهن جا نالا.

● هالِپوتاڻيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هالِپوٽيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هالِپوچوُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هالِيسُو ۽ هالِيسا: ذ. وَنجهه - اولو.

● هالِيوُ: ذ. گاهه جو هڪ قسم. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم - اسفرج - مارچوبهه.

● هامَ ۽ هامُونُ: ث. (سن. آم = هائو) هائوڪار - اقرار - قبوليت. دَمُ - دعويٰ. ڀاڙ - ٻڌاڪ - لافَ.

" هڻين لائي هامَ...الخ"

(معذوري - شاهه).

= هامَ پَرَنُ: هائوڪار ڪرڻ - اقرار ڪرڻ. قبول ڪرڻ. ذمو ڪڍڻ. ٻڌاڪ هڻڻ.

= هامَ هڻَنُ: هام پرڻ.

● هامانُ: اسم خاص. (ع). فرعون جي هڪ وزير جو نالو.

● هامِدِيُ (ت): صفت. بنا سبب - هروپرو - خواهمخواه - بي ڏوهي - بي گناهه.

● هانُ: ظرف. آهيان جو مخفف. (ت). هائو. برابر - ائين - ٺيڪ. سوال ڪرڻ جو لفظ - چا! - ڪُجا!. (ذ). هِنيُون - دل - جگر - مَنُ.

= هانُ ڪار: ث. هاڪار - هائوڪار - قبوليت.

= هانُ ۾ هانُ مِلائِنُ: ڪُوڙي سچي ڳالهه جي تصديق ڪرڻ. ٻڌي جي چوڻ موجب چوڻ. خوشامد ڪرڻ. سمجهي سوچي جواب نه ڏيڻ. مٺاچرو چوڻ. ڪنهن ڳالهه تي اتفاق ڪرڻ.

= هانُ هُونُ ڪَرَنُ: هامِ نه ڪرڻ - اقرار، انڪار ڪرڻ - هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ - نٽائڻ - ڪوٽنات ڪرڻ.

● هانُبارو ۽ هانُبارا: ذ. تڪڙو تڪڙو ساهه ڪڍڻ جي حالت - سهڪ - سهڪي. سهڪڻ جو آواز. هانڀارو.

= هانُبارو هڻَنُ: تڪڙو تڪڙو ساهه ڪڍڻ - هانڀارو هڻڻ.

● هانُڀارو ۽ هانُڀارا: ذ. هانُبارو.

● هانُڀِيُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ تعلقي ڪُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هانُڀِيُ (ت): ث. شادي يا ڪنهن مجلس ۾ غير حاضر دعوتيءَ جي گهر موڪليل کاڌو.

● هانُڇوُ ۽ هانُڇا: ذ. هاڇو.

● هانُڊاڻو ۽ هانُڊاڻا: ذ. صفت. ٻَدُ - ڪِنو - گندو - غليظ - خراب - بڇڙو. شريسر - بدمعاش. لُچو - حرڪتي.

● هانُڊِيُ (ت): ث. ڏڪڻ ۾ اولهه جي ڪُنڊ واري هوا (جا برسات جي اچڻ جو پيش خيمو آهي). "واءُ لڳي هانڊي، تون پُتو ڪَيون ڪاڊي".

● هانُڊاهُو ۽ هانُڊاها (ت): ذ. هائي - ڏيل.

● هانُڊو ۽ هانُڊا (ت): ذ. راڳ جي محل - راڳ رنگ - گاني بجاني جي محفل. سازسرود جي مجلس.

Gul Hayat Institute

● هانڊيو ۽ هانڊيا (ک): ذ. آٽ - ڪٿرهو - توڙو.

● هانڊيَ ۽ هانڊيون (ڇ): ث. مادي آٽ - آنٽ.

- هانڊيا ۽ هانڊيائون: ث. آنڊ - هانڊي.

● هانڊيءِ (ک): ذ. صفت. پنهنجو ڏئ ڇڏي ويندڙ (ڪرو) - رولو ڪرو.

● هانڪٽ (ث): مصدر. آواز ڪرڻ - گوڙ ڪرڻ - شور ڪرڻ. ٽڪا ٽوڪي ڪرڻ. ڪٽَ ڪائٽ. (هانڪيو - هانڪيندو - هانڪيل).

- هانڪَ ۽ هانڪون: ث. ڪن ڪائڻ وارو آواز - هَل - شور - گوڙ. ڏمچر - ڏماڪڙو - ٻائيتالاه

● هانءُ مشڪا ۽ هانءُ مشڪائون: ث. ميلاپ - گڏجاڻي - ملاقات. آدرپاءَ - ڪينڪر بازي - خوش خيروعافيت. سهائتا - واهر - مدد - هٿ هٽ.

● هانوُ ۽ هانوَ: ذ. هنيو - دل - قلب - جگر - ڪليجو - من - هيانءَ.

● هانهُرَ ۽ هانهُرُون (ل): گهوڙي جي هڪار. "هانهُرَ ڪندو هل تہ گجايو گرن ڪي." (شاهہ)

● هانءُ ۽ هانءَ ذ. هنيون - دل - هانوُ. جگر - قلب - ڪليجو.

- هانءُ تي تور ٿيڻ (ت): ذ. صفت. ساڙ اچڻ - حسد ٿيڻ. دل تي طوق ٿيڻ - دل تي هار ٿيڻ. نہ وٺڻ (ڪا ڳالهہ) - پسند نہ اچڻ.

- هانءُ تي ڪُڇا جَمَنءُ (ت): ڪم عقل ٿيڻ. بلڪل خراب ٿيڻ.

- هانءُ ٺارَڻ: دل جي مراد حاصل ڪرڻ - دل جي ٻاهہ مارڻ - بدلو وٺڻ - ويرَ پاڻ - هيانءَ ٺڏو ڪرڻ.

- هانءُ جٻَنءُ (ت): اندر نرڻ - خوش ٿيڻ. دل وٺڻ - دلجوئي ڪرڻ - همدردي ڪرڻ. راضي ٿيڻ - سرهو ٿيڻ.

- هانءُ ساڙڻ: ساڙ ڏيارَڻ. خار ڏيارڻ (ڪنهن ٻالهہ تي). خراب هلت ڪرڻ.

- هانءُ ڪَچو ٿيڻ: دل خراب ٿيڻ - آلتي اچڻ جو خيال ٿيڻ - قيءِ اچڻ. نہ وٺڻ. پسند نہ اچڻ.

- هانءَ ڪي قُربَ جو ڪَڙو هٽڻ: عشق ۾ پنهنجي جان مضبوط رکڻ. الٰهي محبت دل ۾ ڏارڻ.

- هانءُ لاهڻ: دل لاهڻ - همت چڏڻ. ڏک ٿيڻ. ارمان ٿيڻ. ڪُٽي ٿيڻ - فکر ٿيڻ.

- هانٽِي: ث. دل - هينئون - هانءَ - هنيون - قلب.

● هانِيءِ: (سن. هان = نقصان) نقصان - ڇيهو - ٽوٽ - ٽوٽو - زيان - تاوان - هٿرجو - هَرج.

● هانِ ۽ هاڻون: ث. زخم - ڦٽ - چيرُ - وَڍ. نقصان - ڇيهو - ٽوٽ. (ظرف). هاڻي - هن وقت.

● هاڻو ۽ هاڻا: صفت. وارو - جو - سان پريل - لڳل. جيئن "مڃي هاڻو ڪَپ هاڻو ڪند هاڻو." ڏاڙيوال - ڦورُو - لٽيرو.

● هاڻو: آلو - ٻَسيل. ڦر - لُٽ - ڏاڙو. چور - ڦورو - مال هٽڻ وارو.

● هاڻوڪو ۽ هاڻوڪا: ذ. صفت. هن وقت وارو - هن زماني جو - تازو - نئون. هن وقت جو - موجوده وقت وارو - موجوده - هينئر جو.

- هاڻي: ظرف. هن وقت - هينئر - جلدي - تازو.

- هاڻي جو: هن وقت جو - هاڻوڪو - تازو.

"ڏسي نيرا لشان ان جي ڳلن تي مون پچيو هڪدم
اِهي آهن ڪڏهن جا چئي ڏنائين يار هاڻي جا."
(دائم)

● هاڻو ماڻو ٿيڻ (ل): هرڻ مرڻ - رلي ملي وڃڻ - واقف ٿيڻ - ڪهائل مائل ٿيڻ - ڪَهرو ٿيڻ.

● هاڻون ۽ هاڻان: ذ. صفت. (سن. هاتڪ). هاجو مڃائيندڙ - هتياچاري. ظالم - قهار - ظلمي - ستمگر. ڦورو - چور - ڏاڙيل - ڊاڪو - هاڙ.

- هاوَرِجَڻ: مصدر. شهوت دار - ڪامي ٿيڻ. (هاورِ يو - هاورِ ٻو - هاورِيل).

● هاوَڑِ ۽ هاوَڑَ: ث. ٻوءِ - ٻاس - ڇَٽ - ڇَپ - هَبَ. اثر - گرمي - ٽوڙ - سيڪ - تاوڙي - تاٻڙ.

- هاوَڑِ اچڻ (ت): ٻوءِ اچڻ - هب اچڻ. اثر لڳڻ - سيڪ اچڻ - ٽوڙ اچڻ - ڪاوڙ لڳڻ - طيش اچڻ.

- هاوَڑِ مارَڻ (ت): ٽَوَ مارڻ. ٻوءِ مارڻ. اثر مارڻ.

Gul Hayat Institute

ـ هاوڙ ۾ اچڻ (ت) : گرميءَ ۾ اچڻ ـ تؤ ۾ اچڻ ـ جوش ۾ پرجي وڃڻ. منهن ۾ اچي وڃڻ. ڪاوڙ وقت سامهون اچي وڃڻ.

● هاوَنُ : (ف). آڪري ـ ڪٽڻ ـ ڪوندو ـ هٿام ـ آڪرو.

ـ هاوَنُ دَسْتَهُ : ذ. (ف). آڪري ڏنڊو ـ آڪري مُٺي ـ هٿام دَستو. آڪرو مُهيلڙو.

● هاوانوُ ≈ هاوانا : ذ. اسم. (سن. هُوانُ = هُلُ) هَوانو ـ هُلُ ـ بغاغو ـ آفواهه ـ شڪي خبر ـ هاواٽو ـ ڪوڙي خبر چار. انجام ـ وعدو ـ وچن ـ ڪَنُ ـ تِٽُ.

ـ هاواٽوُ ≈ هاواٽا : ذ. (سن. هَوان) هوانو ـ هاوانو. مقرر ڪيل وقت ـ وعدو ـ ڪَٽ ـ انجام ـ ڏس ـ تٽ. افواهه. ڊڄ ـ ڊپ. (ن ـ ب).

● هاوِيُ : اسم. (ع. هاوِيَهْ) دوزخ جو آخري ستون طبقو ـ پاتال ـ نرڪ ـ نَرَڪُ ـ تحت‌الثرا ـ جهنم. باهه ـ چيرو ـ آگ. ڪنيارن جو ٽانون پچائڻ جو ڪورو ـ آوي ـ نهائين.

ـ هاوِيُ ۾ هَجڻُ : حسد جي باهه ۾ سڙڻ. مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ. چڪ چڪان ۾ اچڻ ـ مشڪلن ۾ قاسڻ. بدنام ٿيڻ ـ خوار ٿيڻ. خراب ٿيڻ. ذليل ٿيڻ.

● هاها : ظرف. هائوهائو ـ برابر ـ ائين ائين ـ ٺيڪ ـ بجا ـ دُرست ـ صحيح ـ واجب. منظور ـ قبول. واهه واهه ـ آفرين ـ مرحبا ـ جَسُ. ڏاڍي سان ڪِلَ جو آواز ـ تَهِڪُ.

"هـ زار بـن هَٽ ڪنيو هٿي هٿي،
وڃن پيا هـو لـه ڪن هـا هـا"

(ملاح).

ـ هاها پاجا ڪَرَڻُ (ت) : سمجهائڻ ـ هدايت ڪرڻ ـ نصيحت ڏيڻ. گوشمالي ڪرڻ ـ قدري سزا ڏيڻ ـ چينبه ڪيڏڻ. تنبيهه ڪرڻ ـ جُٽ ڪرڻ ـ تعدي ڪرڻ ـ تعزير ڏيڻ.

ـ هاهاڪارَ : رودن ـ ماتم ـ پِٽڪو ـ روج ـ راڙو ـ آهه و زاري. ٻائيتال ـ راڙو ـ افسوس ـ ڏک ـ سُوءِ.

ـ هاها ڪَرَڻُ : هائو ڪرڻ ـ حامي پرڻ. ڏڪو ڏيڻ ـ سزا ڏيڻ ـ تنبيهه ڪرڻ.

ـ هاها هُوهَڙَ : جُٽ ڦِٽ ـ چينبه ـ لعنت ملامت. دَهِمان ـ جمت. وٽ ٻَڪڙ ـ ٻَچ ـ چيڙ.

ـ هاها هُوئَڙِ ڪَرَڻُ : وٽ پڪڙ ڪرڻ ـ ٻَچ ڪرڻ ـ هٿ هٽ ڪرڻ. دَهِمان ٻَڌڻ. ڊيڄارڻ ـ ڊهائڻ. ڊڙڪا ڏيڻ. سيڪت ڏيڻ.

ـ هاهڙِ هُوهَڙِ ڪَرَڻُ : ڊهاءُ رکڻ ـ جمت ڪرڻ ـ دَهِمان ٻَڌڻ ـ واڙهه ٻَڌڻ.

ـ هاهڙِ هُوئَڙِ ڪَرَڻُ : ڊهمان ٻڌڻ ـ ڊيڄارڻ ـ ڊڙڪا ڏيڻ.

ـ هاهُو ڪَرَڻُ : پنهنجي موجودگي ظاهر ڪرڻ ـ پين کي ڊپ ڏيارڻ ـ ڊهڙ هو ڪرڻ ـ ڊهمان رکڻ ـ جَمت رکڻ.

● هاهُرَ ≈ هاهُرُونُ : ث. جتن جو آڻن کي هڪلڻ جو آواز. آڻن جي هونگار ـ هونگر.

"هاهُرَ ڪندو هَلُ تہ ڪجايون ڪرن ڪي"

(سر ڪنيات ـ شاهه).

● هاهُوتَ : صوفين جي هڪ منزل. لاهوت ڪان مٿي سلوڪ جي پنجين منزل.

● هاهُوٽاڙِ ≈ هاهُوٽاڙُونُ (ت) : ث. صفت. ڪُٽي جي پونڪ ـ پونڪاتُ ـ پونڪار.

● هاهِيارُو ≈ هاهِيارا (ت) : ذ. صفت. بداخلاق. بي لڇڻ ـ بدلڇڻ ـ بد افعالو ـ واهيات ـ بدعادت ـ ان پليو ـ ڏنگو ـ لُڇو ـ حرڪتي ـ شرير ـ بدمعاش ـ لفنگو ـ اڻٽرو.

ـ هاهِيارُو ٿِيڻُ (ت) : لُڇو ٿيڻ ـ بدعادت ٿيڻ ـ لفنگو ٿيڻ ـ ڏنگو ٿيڻ ـ اڻٽرو ٿيڻ.

● هاهِ : حرف ندا. (سن. هاءِ هاني) افسوس ـ هاءِ هاءِ ـ گهوڙا گهوڙا ـ الاڙي ـ ڏک يا افسوس ظاهر ڪرڻ جو لفظ. (سن. هاني) هاجو ـ نقصان ـ زيان ـ ٽوٽو ـ تاوان ـ هَرجو ـ چِيهو ـ هٿچا.

"هيي جا ڪَيَ هاهِ سا مهندا ايندي هُنهڙن هِ"

(سر مارئي ـ شاهه).

ـ هاهِ هِ وَجڻُ ڏَهُوءِ هِ وَجڻُ (ت) : سڀ ڪجهه وڃڻ ـ هڙَ موڙي ناس ٿي وڃڻ.

Gul Hayat Institute

= هاءِ گھوڙا مَچائِڻُ: دانهون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - واڪا ڪرڻ - هاڪر ڪٽو هارڻ. فرياد ڪرڻ.

= هاءِ نه هُوءِ هُٽَڻُ (ت): سانت هڻڻ - صبر هڻڻ - خاموش هجڻ. هٽ وڌائي نه هڻڻ.

= هاءِ هاءِ: حرف ندا. افسوس - ارمان - ڏک هاءِ گھوڙا.

● هاءُ: ذ. صفت. ماڻو - لاڏ - ناز - نخرو - تال - چٽن - چاڪ - انگل.

= هاءُ ياءُ: تال تسول - ناز نخرو - لاڏ ڪوڏ - انگل آرو - ماڻو شاڻو - چاڪ چٽن. منيون ڪالهيون. دوستي.

● هائِـسُ ۽ هائِـسَ: ذ. حيرت - اچرج - عجب. افسوس - ارمان.

● هائِـڪو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هائـو: ظرف. ٺيڪ - برابر - ائين - چڱو - هاءِ - بجاءِ - درست - حق - صحيح - سچ. قبول.

● هائُـو: ذ. حرف ندا. ٻارن کي ڊيڄارڻ جي لاءِ استعمال ڪيل هڪ فرضي لفظ - ٻائو.

= هائُـو جَـرڪو ۽ هائُـو جَـرڪا: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم. سپ ڪجهه ڪائي ويندڙ هڪ فرضي آفت. (صفت). لالچي - لوڀي - ڳڙڪائو - حريص - غصب ڪندڙ - هضم ڪندڙ - غاصب.

= هائُـوءِ جي وات ۾ هڻڻ: هرويلي ڊپ هيٺ رهڻ - سدائين آفت جي منهن ۾ هجڻ.

● هائُـو ڪري وڃڻ (ت): ڪائي وڃڻ - ڳڙڪائي وڃڻ.

= هائُـو هائو ڪري ڪائِـڻُ: ڏاڙهڻ - چڪ وجهڻ - وڙهڻ - جهيڙڻ - ڳڙڪائي ڇڏڻ.

= هائُـو هائُـو ڪري وڃڻ (ت): جَـمَـت رکڻ - دهاءُ رکڻ - تڙيون ڏيڻ.

● هائُـوسُ ۽ هائُـوسَ: ذ. (انگ). گھر - چاءِ - ڄڳهه - مڪان.

= هائِـي: حرف ندا. (ع). ڏک يا ڪاوڙ ڪاڻ ڪيل آواز - گھوڙا گھوڙا - هاءِ هاءِ - افسوس - غضب - واويلا - بيداد - سڃ - انديز - آنياءُ.

= هائِـي هائِـي ڪَـرڻ: دانهون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - واويلا ڪرڻ - گھوڙا گھوڙا ڪرڻ. شور مچائڻ. محنت ڪرڻ.

● هائِـيُ ۽ هائِـيُـونُ: ث. (ع. هاويه). هاوي - دوزخ - جهنم - نرڪ - نَرڪ. باهه - آگ. مصيبت - تڪليف - آپدا - آفت. آونهاڙ - اوڙاهه. پڇاڙي - نڏان - خاتمو - ڇيڙو. هار سان ڪيڏڻ وقت پيار جو آواز.

= هائِـيُ دُوسُ: ث. صفت. رَڙ - دانهن - گھوڙا گھوڙا - هُـل هَـنبس - مانڊاڻو - ٻائيتال - ڏَمچر - هندوس.

= هائِـيُ دُوسُ مَـچائِـڻُ: هاءِ گھوڙا مچائڻ - آپ ڦاڙڻ - رڙيون ڪرڻ - گھر مٿي تي کڻڻ - ٻائيتال مچائي ڏيڻ - گھوڙا گھوڙا ڪرڻ.

= هائِـيُ ۽ هَـجَـنُ: مري ڪپي وڃڻ - دوزخ ۾ پوڻ. مصيبت ۾ پيسجڻ - جنجال ۾ پوڻ - آفت ۾ آڙجڻ.

● هائِـيُ ڈائِـيُ: ظرف. فقط - رڳو - چڙهو - صرف. جيڪي ٿ - موڙي سوڙي - سپ ڪجهه. رهي کهي - پڇت سڇت. هر حالت ۾ - ڪيئن ٿ ڪري - ڪهڙي ٿ طرح.

● هائِـيُ رانُـدِ: ث. راند جو هڪ قسم. ڇڙڪو - ڏماچرو.

= هائِـيُ رانُـدِ هاري ڏِـيَـنُ: راند جو ڇڙڪو هاري ڏيڻ - راند مچائڻ لاءِ گوڙ ڪرڻ - غوغاءُ مچائڻ. اجايا خرچ ڪرڻ.

